
سائين جي-ايم-سيد جون تحريرون



سائين جي ايم سيد

جون تحريرون

(پاگو پهريون)



جي ايم سيد اڪيڈمي

سن -ضلعو دادو، سنڌ

۱۹۹۱ع

(ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا اڪيڈمي ۽ ونّ محفوظ آهن.)

ڪتاب جو نالو:

جي ايم سيد جون تحريرون
(پاڳو پهريون)

شامل ڪتاب:

۱ - سنڌي ڪلچر.
۲ - سنڌ جا سورما.
۳ - جديد عالمي سياست.
۴ - مسلم سربراه ڪانفرنس جو تجزيو.
۵ - پاڪستان...

ليکڪ: جي ايم سيد

مرتب: . منصور ۽ سرمد

ڇاپو: پهريون

ڇپجڻ جي تاريخ: جنوري ۱۹۹۱ع

ڇپيندڙ: احمد برادرز، ناظم آباد ڪراچي

قيمت: ٻه سؤ روپيا فقط (=/۲۰۰)

فهرست

شامل ڪتاب

- سنڌي ڪلچر.
- سنڌ جا سورما.
- جديد عالمي سياست.
- مسلم سربراھ ڪانفرنس جو تجزيو.
- پاڪستان ھاڻ ٽٽڻ گھرجي.

ڪتاب نمبر پھريون- سنڌي ڪلچر (٦ - ٥٥)

پيش لفظ [٧ - ١١]

٢- فصل پھريون: ڪلچر جي معنيٰ ۽ اُن جا ترڪيبي اجزا. [١٢ - ١٧]

٣- فصل ٻيو: ڪلچر ڪيئن نھي ٿو- اُن جي جوڙجڪ تي مختلف اثر [١٨ - ٢٧]

٤- فصل ٽيون: سنڌ جو ڪلچر ۽ اُن جا مکيہ جزا. [٢٨ - ٥٥]

٥- نتيجو. [٥٥]

ڪتاب نمبر ٻيو- سنڌ جا سورما (٥٧ - ٨٩)

١- پيش لفظ [٥٩]

٢- راجا ڏاھر بن راجا چچ. [٦٠ - ٦٨]

٣- دودو بن خفيف سومرو. [٦٩ - ٧٣]

٤- نواب دولھ دريا خان عرف نواب مبارڪ خان. [٧٤ - ٨٠]

٥- مخدوم بلاول بن چام حسن سمون. [٨١ - ٨٥]

٦- شاھ عنايت الله عليہ عرف شاھ شھيد صوفي جھوڪ. [٨٦ - ٩٣]

ڪتاب نمبر ٽيون- جديد عالمي سياست(٩٥ - ١٥٤)

١- پيش لفظ [٩٧ - ١٠٧]

٢- فصل پھريون: اوائلي تشريح. [١٠٨ - ١١٠]

٣-فصل ٻيو: يورپ. [١١١ - ١٢١]

(جرمني- هٽلر، جنرل گوئرنگ، ڊاڪٽر گوبلس ،ڊاڪٽر شاخت.)
۴- فصل ڏيون: الٽلي مسوليني. [۱۲۲ - ۱۲۵]
۵- فصل چوڏون: انگلنڊ، سرونسٽن چرچل. [۱۲۶ - ۱۲۹]
۶- فصل پنجون: سوويت يونين جوزف اسٽالن. [۱۳۰ - ۱۳۲]
۷- فصل ڇهون- فرانس- ڊاڊليئر. [۱۳۳ - ۱۳۴]
۸- فصل ستون: اسپين- جنرل فرئنڪو. [۱۳۵ - ۱۳۷]
۹- فصل اٺون: چين- چيانگ ڪائي شيڪ، مائوزي تنگ. [۱۳۸ - ۱۴۲]
۱۰- فصل نائون: جنگ جو احوال، نتيجا. [۱۴۳ - ۱۵۴]
جرمنيءَ لاءِ، جپان لاءِ، دنيا لاءِ.

ڪتاب نمبر چوڏون- مسلم سربراهه ڪانفرنس جو تحزيو (۱۵۵ - ۲۵۹)

۱- پيش لفظ: مقاصد ۽ مرادون. [۱۵۷ - ۱۶۴]
۲- فصل پهريون: مسلم ملڪن جو اتحاد ۽ ترقي. [۱۶۵ - ۲۰۷]
۳- فصل ٻيو: مسلن ملڪن جو بلاڪ ناهڻ. [۲۰۸ - ۲۱۳]
۴- فصل ڏيون: مسلم ملڪن جي حفاظت ۽ ترقي. [۲۱۴ - ۲۳۶]
۵- فصل چوڏون: اسلامي اصولن جي تبليغ ۽ فروغ. [۲۳۷ - ۲۵۹]

ڪتاب نمبر پنجون- پاڪستان... (۲۶۱ - ۳۱۱)

۱- پيش لفظ [۲۶۳ - ۲۶۹]
۲- فصل پهريون: پاڪستان جو وجود غلط بنيادن تي برپا ڪيل هو. [۲۶۴ - ۲۷۷]
۳- فصل ٻيو: پاڪستان جو وجود تاريخي حقيقتن جي خلاف هو. [۲۷۸ - ۲۸۴]
۴- فصل ڏيون: پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ بعد پهتل نقصان. [۲۸۵ - ۳۰۶]
۵- فصل چوڏون: پاڪستان سامراجي سازش جو اڏو ٿي ڪم اچي ٿو. [۳۰۷ - ۳۱۱]

سائين جي-ايم-سيد جون تحريرون
(پاڳو پهريون)

①
سنڌي ڪلچر

- پيش لفظ
- ڪلچر جي معنيٰ ۽ ان جا ترڪيبي اجزا.
- ڪلچر ڪيئن ٺهي ٿو ۽ ان جي جوڙ جڪ تي مختلف اثر.
- سنڌ جو ڪلچر ۽ اُن جا مکيہ جزا.
- نتيجو.

[۱۹۶۳ع]

پيش لفظ

تاريخ ۸ آڪٽوبر ۱۹۵۸ع تي مارشل لا ڊيڪلئر ٿيڻ بعد حالتن جي نلسازگاريءَ ڪري ارادو ڪيو هوم ته طبيعت کي آرام ڏيان، علمي معلومات وڌائان، بگڙيل خانگي ڪارو بار کي درست ڪرڻ لاءِ ڳوٺ ۾ اچي رهان. يوناني حڪيم افلاطون (پليٽو) به اهڙين حالتن جي موجودگيءَ ۾ مشورو ڏنو هو ته:-

"جڏهن ملڪ ۾ جمهوريت جي جاءِ ڊڪٽيٽر شپ والاري ته ان حالت ۾ سمجهدار ماڻهوءَ کي گهر جي چو ديواريءَ ۾ بند ٿي لکڻ پڙهڻ جي ڪم ۾ مشغول ٿيڻ گهرجي. جيسين تائين ڪ ناموافق هوائون ملڪ تان گذري وڃن".

ٻئي ڏينهن ڳوٺ اچڻ جو ارادو هوم، ليڪن چوٽي آهي ته "بندي جي من ۾ هڪڙي صاحب جي من ۾ ٻي" وانگر ۱۰ تاريخ اڌ رات جو گرفتار ڪري اچي جيل ۾ بند ڪيائون. مٿي ذڪر ڪيل خيال ۽ ارادا دل ۾ رهجي ويا.

وارنٽ ۾ ڄاڻايل هو ته "تنهنجو ٻاهر رهڻ پاڪستان جي داخلي خواه خارجي سلامتيءَ لاءِ نقصانڪار هو ان ڪري سيڪيورٽي ائڪٽ هيٺ توکي ڇهن مهينن لاءِ جيل ۾ موڪلجي ٿو".

جيل ۾ ۱۵ مهينا رهڻا پيا. ان ڪانپوءِ ڳوٺ سن ۾ مارچ ۱۹۶۸ع تائين نظر بند رهيس.

ان سموري عرصي ۾ تاريخي ڪتابن جو مطالعو ڪيم. جنهن بعد ڪيترن مسئلن تي غور ڪري ڪي احوال قلم بند ڪيم. ان عرصي ۾ ۲۴ ڪن ننڍا وڏا ڪتاب لکي سگهيس.

سنڌ جي ڪلچر تي غور ۽ فڪر ڪرڻ جو موقعو مليو. جنهن جي سلسلي ۾ حاصل ڪيل معلومات هن ننڍي پمفليٽ جي صورت ۾ ناظرين جي خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو. هر قوم کي هزارن ورهن جي تجربي، تاريخي روايات، ملڪي ماحول وغيره ڪري ڪي بنيادي ورثا ميراث ۾ ملن ٿا جن جي حفاظت ۽ ترقي هو سندس مکيه فرض سمجهي ٿي. جن مان مکيه ورثا هيٺيان آهن:

(۱) وطن ۽ ان ۾ آزادانه زندگي بسر ڪرڻ جو حق.

(۲) قومي زبان

(۳) قومي ڪلچر

(۴) قومي اقتصادي مفاد.

(١) وطن ۽ اُن ۾ آزادانہ زندگي بسر ڪرڻ جو حق

سنڌ هزارن ورهن کان هڪ جدا ملڪ ٿي رهي آهي. جنهن جا رهاڪو باوجود جدا جدا نسلن، ٻولين ۽ مذهبن جي آخري طور هڪ اهڙي قومي حيثيت حاصل ڪرڻ کي ويجها ٿي ويا هٿا. جنهن جهڙو مثال ساري برصغير هندوستان ۾ ملڻ مشڪل آهي. هنن وٽ هڪ زبان، ڪلچر، قومي روايتون ۽ مذهب جي بنيادي وحدت جو تصور موجود رهيو هو. جيڪڏهن هنن ڪنهن وقت ڌارين جي تسلط هيٺ اچي وقتي سنڌن آزادي وڃائي ٿي ڇڏي تہ سگهوئي همت ۽ ڪوشش سان اها وري هٿ ٿي ڪيائون.

مٿين مختلف دورن ۾ ايرانين، يونانين، عربن، پٺاڻن، مغلن ۽ انگريزن جي حڪومت جو قبضو ٿيل هو. جن سنڌن زبان، ڪلچر ۽ اقتصادي مفاد کي مٿان زوري مڙهيو هو. ليڪن ٿوري وقت بعد اهي ڌارين جا تسلط ۽ قبضا ختم ٿي ويا. سنڌ، ان جي زبان، ڪلچر، قومي ڪردار ۽ مفاد سلامت آهن. دنيا جي ٻين آزاد قومن وانگر هنن کي بہ پنهنجي نموني آزاد زندگي گذارڻ جو پورو حق آهي. ڊنمارڪ، فنلئنڊ، سويڊن، پورچوگال، هالينڊ، سائپرس، لبنان، جورڊان، سريا، يمن وغيره قومون ۽ ملڪ، آزاد ۽ قومن جي سڀا جا ميمبر آهن. سي ڪيترين ڀَالهين ۾ هن کان نہ ايراضي نہ آبادي ۾ وڏا آهن.

اهو هڪ تاريخي حادثو هو تہ انگريزن ساري هندوستان تي قبضو ڪري ان کي انتظام خاطر صوبن ۾ ورهائي ۽ وڃڻ بعد پاڪستان ۽ پارت جي صورت ۾ آزاد ڪري ڇڏيو. جنهن ۾ سنڌ پاڪستان جو صوبو ٻڌيو. ان سان سنڌ جي هندن کي گهڻي ناڳي حالتن جي ناموزون هٿ ڪري لڏي وڃڻو پيو. ٿوري وقت بعد سنڌ جي صوبي کي ڪن مستقل مفاد جي مد نظر مغربي پاڪستان جي طاقتور صوبي پنجاب جي ماتحت ڪيو ويو.

هن وقت ملڪ ۾ ڪنٽرولڊ جمهوريت مروج آهي. دنيا جون طاقتور حڪومتون سنڌن مصلحتن خاطر اهڙي طرز حڪومت جون طرفدار آهن. سنڌ جي ڪيترن هندن کي لڏي وڃي پرديس وسائڻو پيو آهي. باقي پوئتي رهيل سنڌي بي يار و مددگار هٿ ڪري ڪجه ڪرڻ کان مجبور آهن. منجهن طاقت نہ آهي، جو هي سنڌ جي اندروني آزادي حاصل ڪرائي سگهن. تنهن ڪري هنن لاءِ ٻيو طريقو نہ رهيو آهي تہ سنڌن باقي ورڻن جي حفاظت ۽ ترقيءَ لاءِ ڪوشش ونن.

ليڪن اِن ڏس ۾ بہ ڪين ڪيترين مشڪلاتون درپيش هيون. ملڪ جو تسلط هڪ غير همدرد گروه جي هٿ ۾ وڃڻ ڪري، جن جي زبان، ڪلچر، مذهبي تخيل، سياسي ۽ اقتصادي مفاد علحده آهن، حالتن کي درست ڪرڻ سهل نہ هو.

پاڪستان بنجڻ کان پوءِ جي حالتن، وري سنڌ کي نئين مشڪلات جي مقابل ڪيو آهي، لکا سنڌي ڄائندڙ ۽ ڀَالهائيندڙ سنڌي ڪلچر جا حامل هندو ملڪ ڇڏي پارت هليا ويا. انهن جي جاين تي لکا مائهو پارت کان لڏي سنڌ ۾ آيا. انهن جي ٻولي، لباس، ڪلچر، مذهبي نقطہ نگاهہ علحده آهن. ازانسواءِ ون يونٽ ٿيڻ بعد،

سنڌي مفاد سان هڻ چراند ٿيندي رهي آهي، تن نهايت مايوس ڪن حالتون پيدا ڪيون آهن.

تاريخ جي اڳين واقعن کان هي حالتون مختلف آهن. اڳي يوناني، ايراني، مغل ۽ انگريز مالي نفعي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندا هٿا. هنن قديم بلشندن کي لکن جي تعداد ۾ لڏائي، انهن جي جاءِ ٻاهرين ماڻهن سان گهٽي تعداد ۾ ڪاڍ پري هٽي. انهن جي ڪلچر، زبان ۽ نون عقيدن جو سنڌ تي ايتري قدر اثر نه پيو، جيترو هن حالت ۾ پٽجي رهيو آهي. هن وقت ته سنڌ جي جداگاڻ وجود ختم ڪيو ويو آهي ان جي زبان کي صوبائي زبان تسليم ڪري ، ان ۾ اعليٰ تعليم ٿي ڏياري وڃي. ريڊيو ۽ سئنيما وغيره جي ذريعي سنڌي زبان جي ايتري بہ همت افزائي ٿي ڪئي وڃي، جيتري پارت ۾ سنڌين جي صوبي نہ هجڻ جي باوجود ڪئي وڃي ٿي. اتي سنڌي زبان کي صوبائي زبان جو درجو ڏنو ويو آهي، جنهن مطابق اعليٰ ۾ اعليٰ تعليم تائين، هو ان کي پڙهي سگهن ٿا. دهلي ريڊيو تان سنڌي زبان ۾ خبرون نشر ڪيون وڃن ٿيون. حالانڪ هتي ڪراچيءَ سنڌ جي مرڪز تان بہ سنڌيءَ کي ڪو خاص وقت ٿو ڏنو وڃي. سنڌين طرفان صوبي جي ون يونٽ کان پوءِ آزاديءَ کي ڇڏي، صرف زبان ۽ ڪلچر جي بچاءَ ۽ ترقي لاءِ ڪوشش ڪئي وڃي ٿي، ته بہ ان کي ناپسنديءَ جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو ۽ سزائون ڏنيون وڃن ٿيون.

ٻي طرف اسان جي مٿاهين طبقي جو ڪردار ڪري پيو آهي ۽ خود مطلبي، قوم فروشي، نفاق ۽ بزدلي منجهن ايترو گهر ڪري ويل آهي، جو ڊپ ولهيو وڃي ته اسان هن نئين آزمودي مان ڪهڙي طرح نڪري پار پوندا سون. اسان جي ماڻهن جو زياده تعداد ساده مزاج، علم ۾ گهٽ، مذهب جي تشريح جي نالي ۾ ڏوڪو ڪائيندڙ، تعداد ۾ ٿورو، محنت کان گسندڙ، لالچ ۾ لڙهي ويندڙ، جهڳڙي فساد کان گوشي ڪرڻ ڪري، مقابل حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ اهل ثابت نه ٿي سگهيو آهي. وڏن ايندڙ ماڻهن مان ڪيترا پاڻ کي فاتح، مهذب ۽ بهتر سمجهن ٿا، وڏن اسلام جو فسطائي تخيل، پاڪستان ۾ اسلامي حڪومت جو نعرو، اتحاد مسلمانان وغيره جهڙا دلڪش ۽ پلائيندڙ نظريا موجود آهن.سنڌن خيالات جي پرچار لاءِ جديد قسم جي پروپيگنڊا جا جملي ذريعا، جهڙوڪ اخبارون، رسالا، ڪتاب، ريڊيا، ٽيليويزن، سئنيما، مذهبي عالمن جا پرچارڪ گروهه موجود آهن.

ان حالت ۾ سنڌ جي ورهايل، وچڑيل، پٺتي پيل ڳوٺاڻن، ان پڙهيل، مختلف هنگامي نعرن هيٺ برغلجي ويندڙ ماڻهن جي ڪلچر ۽ زبان جي ڪاميابيءَ جا آسرا رکڻ ڪيتري قدر درست آهي. اهي ۽ اهڙا ٻيا خيال ڪمزوري پيدا ڪندڙ هٿا.

ازانسواءِ موجوده حالتن جي مد نظر، جڏهن دنيا ۾ لڳندڙ هوائن جي نقطي نظر کان خيال ٿي ڪيم، ته نيون حقيقتون ۽ مشڪلاتون ڏسڻ ۾ آيون ٿي.

اڳي دنيا جا ملڪ وڏن درياڻن، سمنڊن، رڻ پٽن، جبلن، نسلن، وطني ماحول، طاقتور حڪومتن جي ملڪن ۾ ورهايل هٿا.

ليڪن هاڻ سائنس جي ايجادن، جهڙوڪ هوائي جهاز، ٽيليگراف، اخبارن، ڪتابن، ريڊين انهن ملڪن جا سندا هڪ طرف مٽائڻ شروع ڪيا هٿا، ته ڪيترن ملڪن جي

وفاقي طور ملڻ جي رجحان ۽ سامراجي طاقتن جي انهن کي ملائڻ لاءِ ڪوشش جاري هئي.

ساڳيءَ طرح هولين جي جدا ۽ مخصوص صورت ۾ منجڻ شروع ٿي هئي. مختلف زبانن جي ڄاڻندڙن جو باهمي رابطو، ترقي يافته ملڪن، قومي ۽ زبانن کان علمي، هنري ۽ سائنسي لفظن جي آدار، حڪومت وقت جي سنڌي زبان سان معاندانه پاليسي، هوليءَ جي بقا ۽ فروغ ۾ ڪئين مشڪلاتون پيدا ڪري ڇڏيون هيون. سنڌي هوليءَ تي نظر ٿي ڪيم ته شاه لطيف جي زماني کان، جنهن کي صرف ٻه سؤ ۽ ڪي ورهيه گذريا آهن ته ان جو رنگ ڦهٽو بدلجي چڪو آهي. ان ۾ اڄڪي دروايدي، پارسي، عربي، منگول ۽ انگريزي زبان جا گهڻا لفظ داخل ٿي ويا هئا. هاڻ هنري ۽ سائنسي دور شروع ٿيڻ ڪري ڪيترا لفظ آدارا ونڻا هئا.

ٻئي طرف ملڪي ڪلچر تي نظر ٿي ڪيم، ته ان لاءِ ٻه حالتون اطمينان بخش نظر نٿي آيون. ڪلچر چا آهي، ان بابت حقيقت اڄتي ڪتاب ۾ ڏني ويندي. انهن حالتن تي غور فڪر ڪرڻ بعد معلوم ٿيڻ لڳو ته حالتون آسان نه هيون. حڪومت ۽ نئين حالات سان گڏ، تاريخي ارتقائي رجحان اسان جي ڪڙي ڪيل قومي ديوار ۾ سوراخ وجهي، انقلاب آڻڻ جي پويان هئا.

هر شيءَ کي پنهنجو دور ۽ موسم ٿيندي آهي. ان وقت ان جي حفاظت يا پرورش ڪرڻ ڦل دائڪ ٿيندي آهي، پر موسم ڪانپوءِ ڪهڻ پوندا ڪري، نوان ڄمندا آهن.

اڪين اڄيان ڏنو اٽئون ته بمبئيءَ کان سنڌ کي آزاد ڪرائي، اڄان نيڪ طرح هلائڻ مس شروع ڪيو هئوسون، ته وري اسان کي پنجاب سان گڏي ان جي مڪاني آزاديءَ کي سلب ڪيو ويو آهي. زبان تبزيءَ سان بدلجي رهي آهي، مڪاني ڪلچر تي باهرين ڪلچرن جو اثر پٽجي رهيو آهي، مڪاني ماڻهن جي اقتصادي حالت خراب ٿي رهي آهي. انهن نون پيدا ٿيل حقيقتن ۽ مسئلن جي روشنيءَ ۾ سموري سوال تي نئين سر غور ڪرڻو هو.

صرف گذشته تاريخ جي چند مثالن ۽ جذباتي اثرن هيٺ خوش فهميءَ ۾ مبتلا رهڻ مان ڪو فائدو حاصل ٿيڻ وارو نه هو. انهن ڳالهين کي مدنظر رکي مون کي نتيجا ڪڍيا آهن، جي ڪتاب جي متن ۾ ٻڌائيندس . قوميت جو تخيل جدا جدا زمانن ۾ ۽ ماڻهن جي گروهن ۾ مختلف پي رهيو آهي. جنهن ۾ نسلي، شهري، سامراجي، مذهبي ۽ وطني قوميت جا تخيل ملهه رهيا آهن.

هن وقت جنهن قوميت جو تخيل دنيا ۾ عام طور تسليم ڪيو وڃي ٿو، سو وطني قوميت جو آهي. هر ملڪ (وطن) ۾ آب هوا، جاگرافيڪل حالات، ماحول، تاريخي روايات، نسلي رجحانات جي بنياد تي ڪي خصوصيتون پيدا ٿين ٿيون. جن جي بنياد تي قومي جوڙ جڪ، ان جي گذر معاش جا ذريعا، قومي ڪردار، ڪلچر ۽ زبان شڪل ونڻ ٿا.

گذريل پنج هزار ورهين کان سنڌ جي جداگانه جاگرافيائي ۽ تاريخي حيثيت تسليم ٿيل آهي. دنيا جي ٻين قديم مهذب ۽ متمدن ملڪن وانگر هن کي زماني جا لاها چاڙها ڏسڻا پيا آهن، هتي جا رهاڪو جڏهن غير ملڪي تسلط کان آزاد رهي، مڪاني

حڪومتن جي هٿ هيٺ رهيا آهن، تہ ان وقت سنڌن قومي شيرازو متحد ڪرڻ، معاشي ڏريعن جي ترقي، قومي ڪردار، ڪلچر ۽ زبان جي واڌاري لاءِ ڪوشش پڻي ٿي آهي.

پر جڏهن سنڌ سياسي آزادي وڃائي، ڏارين تسلط هيٺ آئي آهي، تہ ان وقت سندس معاشي ڏريعي کي ڏارين جي مفاد لاءِ ڪتب پڻي آندو ويو آهي. زور، لالچ ۽ غلط تعليم جي ڏريعي سنڌن قومي ڪردار، ڪلچر کي بگاڙڻ ۽ ڏارين زبان کي ملڪي زبان تي مسلط ڪرڻ جي ڪوشش پڻي ٿي آهي.

اهو مسئلو بحث طلب آهي تہ ملڪ جي سياسي آزادي، زياده اهم آهي يا قومي ڪردار، ڪلچر ۽ زبان جي آزادي، حفاظت ۽ ترقي وڌيڪ اهميت رکي ٿي.

هڪڙن ماهرن جو چوڻ آهي تہ ملڪ جي سياسي غلامي، قومي ڪردار، ڪلچر ۽ زبان کي معزول ۽ معدوم ڪريو ڇڏي.

ٻين ماهرن جو رايو آهي تہ جي ماڻهو، پنهنجا قومي ڪردار، ڪلچر ۽ زبان محفوظ ۽ سلامت رکڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿا، سي گهڻو وقت سياسي غلامي ۾ ٽڪا رهي سگهن.

سياسي غلاميءَ جو ڏڪ عارضي آهي، قومي ڪردار، ڪلچر، ۽ زبان جي ڪمزوري ۽ پستي دائمي قسم جي آهي.

هن مضمون ۾ آڻون ڪلچر چا کي چئجي؟ ان جا جوڙ جڪي عنصر ڪهڙا آهن؟ هر هڪ ملڪ جو ڪلچر ڪهڙي طرح ٺهي ٿو؟ ان جي ٺهڻ تي ڪهڙين ڳالهين جو اثر رهي ٿو؟ سنڌ جي جداگانہ ڪلچر جا مکيہ جزا ڪهڙا آهن؟ تي بحث ڪندس.

مون کي ملڪ جي مکيہ سياسي ليڊرن جا تازو ڪيل گفتا اڃا تائين ڪنن ۾ گونجي رهيا آهن:

هڪ چيو تہ: "ننڍو صوبو ننڍين دماغن جي ماڻهن سان پريل آهي".
(سردار پٽيل)

ٻئي چيو تہ: "سنڌين جو ڪلچر گڏهن هڪلڻ ۽ اُٺن ڪاهڻ وارو آهي".
(لياقت علي خان)

تنهن ڪري آڻون هن وقت سياسي آزاديءَ جي حصول کان قومي ڪردار، ڪلچر ۽ زبان جي حفاظت ۽ سلامتيءَ کي زياده اهم سمجهي، ان تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو.

-غلام مرتضيٰ-
-١٩٦٣ع

فصل پهريون
ڪلچر جي معنيٰ ۽ انجا ترڪيبي اجزا

ڪلچر لاءِ ثقافت، تهذيب ۽ سڀيتا جي لفظن جو استعمال ڪيو وڃي ٿو. ليڪن جيتري قدر مون کوجنا ڪئي آهي. اهي اُن جو نعم البدل ٿي نٿا سگهن. لغتن ۾ ثقافت جي معنيٰ عقل ودّائڻ سان ڪئي ويئي آهي، جنهن جو تعلق صرف ذهني ڀالهين سان ٿيندو. تهذيب جو واسطو ظاهري ۽ نفسياتي آراستگيءَ سان رهي ٿو. سڀيتا ملن ڪ و بيش تهذيب ۽ تمدن جي معنيٰ نڪري ٿي. منهنجي سمجهه ۾ ڪلچر جو لفظ وڏيڪ جامع آهي. تنهنڪري ان کي بحال رکيو اٿم. جنهن مان ثقافت، تهذيب ۽ تمدن، ٻنهي جو مطلب نڪري سگهي. ان جي وسعت ۾ انساني زندگيءَ جي اندروني خواه ظاهري آراستگي ۽ اصلاح اچي وڃن ٿا.

اخلاق جي درستي، نفسي اصلاح، ذهني تربيت ان جي دائري ۾ هڪ طرف اچن ٿا، تہ ملڪ ۽ معاشري جي ترقي ۾ي طرف مقصود ٿئي ٿي.

ان جي وسعت ۽ مذهب، فلسفو، نفسيات، سائنس، ادب، شعر، مصوري، موسيقي، رقص ۽ ڊراما سڀ اچي وڃن ٿا. طريقت لاءِ جيڪڏهن کو بہ جديد لفظ استعمال ڪري سگهجي ٿو، تہ اهو ڪلچر ٿي سگهي ٿو.

ڪلچر هڪ ان ڪٌ اظهار خيال، جذبي ۽ عمل جو نالو آهي. جهڙي طرح سچ جي روشني جملي ذي حيات شين لاءِ ضروري آهي، اهڙي طرح ڪلچر بہ انسان ذات جي اندروني خواه ظاهري اصلاح ۽ آراستگيءَ لاءِ لازمي آهي.

جهڙيءَ طرح ساري انسان ذات بنيادي طرح هڪ جنس آهي، پر سڃاڻپ ۽ نظام لاءِ قبيلن ۽ قومن ۾ ورهايل آهي، اهڙي طرح آخري طور جملي انسان ذات جو ڪلچر بہ هڪ ٿيٽو آهي. ليڪن هر ملڪ ۽ قوم وٽ هزار ورهين جي تجربي، معلومات، ماحول جي اثرن، نسلي رجحانن ۽ بامعني ميلاپ بعد ڪلچر بہ سرجي پرورش پائي، خاص صورت ونڊي ٿو، جو سندن قومي ورثو بنجي پوي ٿو. جنهن کي قيمتي ذخيرو سمجهي محفوظ رکندا آهن. اڄتي هلي جڏهن مختلف قومن جي ڪلچرن مان انسان ذات جو هڪ ڪلچر بنبو تہ ان ۾ صلاحيت وارا ڪلچر تاڃي پيٺ جو ڪم ڏيندا ۽ ناموزون ڪلچر ڦٽا ڪري ڇڏيا ويندا. شاه لطيف عليه ان وقت لاءِ هيئن فرمائي ٿو.

هي هڏ وهائي، جان ڪتيندئنءَ تان ڪت،
ڪو پنهنجي عيد کي، پيري ڪج پرت،
متان روئين رت، صباح وڃ سرتئين.
(شاه)

ڪلچر جا مکيہ جزا

۱- نظرياتي ۽ مذهبي عقيدا.
۲- سماجي زندگيءَ جا طور طريقا.
۳- قومي ڪردار.
۴- فن لطيف ۽ ادب
بهتر ائين آهي تہ مٿي ذڪر ڪيل ڪلچر جي مکيہ جزن جي تشريح ڪريان.

نظرياتي ۽ مذهبي عقيدا

زماني قديم کان نظرين ۽ عقيدن موجب ماڻهن جو رجحان ہن طرفن پٹي رهيو آهي.

(۱) هڪ گروه جو رجحان ماڻهن کي مختلف مذهبن، فرقن، نظرين، قومن ۽ ورهائي جدا ڪري محدود دائري اندر سندن ترقي ۽ تڪميل لاءِ پٹي رهيو آهي.

(۲) ٻي گروه جو رجحان، انسان ذات کي اتحاد جي ڏوريءَ ۾ پوئي هڪ ڪرڻ جي طرف پٹي رهيو آهي ان کي انفراديت (Decenterlization) ۽ وحدانيت (Centrlization) جي نالي سان سڏي سگهجي ٿو. اهي ٻئي فطري طريقا آهن. جڏهين حيوان مان انسان ٿئي ٿو تہ روح جي انفراديت جي شروعات ٿئي ٿي. پر اڃڪتي هلي، هن کي احساس پيدا ٿئي ٿو تہ اهي قطرا باوجود جدا هستيءَ جي بحر کل جا جزا آهن. اتان آيا آهن ان ۾ سمائبا. مٿي ذڪر ڪيل رجحان ماڻهن کي هيٺين طرح عمل ڪرائين ٿا.

پهريون گروه:

(الف) پهرين گروه سندن نظرين، عقيدن، مذهب، فرقن، قومن کي مڪمل ۽ مهذب ڄاڻي، معاشري کي سندن رنگ ۾ رڱڻ جي ڪوشش پي ڪئي آهي.

(ب) ان طرح خودي پيدا ڪري، پاڻ کي چونڊيل ۽ برتر ڄاڻي ہين پئتي پيلن جي رهبري ۽ امانت جو حقدار پٹي سمجهيو آهي.

(ت) جملي انسان ذات کي پنهنجي نقطي نگاه طرف ڇڪڻ ۾ نجات انساني پٹي سمجهي اٿس.

ٻيو گروه:

(الف) ٻي گروه کي وحدت الوجود جو پتو پٹجي ويل هو، ان ڪري هن ظاهري ڪثرت پويان بنيادي وحدت پرکي هئي.

(ب) تنهنڪري هن ڪثرت مذاهب پويان وحدت پرکي انجو پرچار ڪيو ٿي.

(ت) جنهن مان اتحاد انساني، امن ۽ ترقي بني آدم، حاصل ٿي سگهي ٿي.

سماجي زندگيءَ جا طور طريقا

انهيءَ ۾ سماج سان واسطو رکندڙ هيٺيون ڳالهيون اچي ويون ٿيون.
(الف) ڪاڏو، لباس ۽ گهر.
(ب) باهمي تعلقات ۽ رهڻي ڪرڻيءَ جا طور طريقا.
(ت) سماجي دستور ۽ قاعدا.

ڪاڏو، لباس ۽ گهر

ڪاڏي جي قسمن، انهن جي تيار ڪرڻ جي طريقن، مقرر وقتن بابت هر قوم وٽ سندن قبيلائي روايات، ملڪي پيداوار آب و هوا، زندگيءَ جي ارتقا مطابق جدا جدا رواج هٿا. ڪن چانور زياده ڪاڏا ٿيون، ڪن ڪڻڪ، ڪن جوار، باجهري، ڪير، مڪئ، ڪن گوشت، ڪن مڇي، اناج ۽ پاڇين تي گذر ڪيو ٿيون.

اهڙيءَ طرح ڪاڏن جي تيار ڪرڻ جا به جدا جدا طريقا مروج هٿا. مغربي ملڪن ۾ ڪاڏو هڪ نمونو تيار ٿئي ٿو. مشرقي ملڪن مان چين، جپان وغيره جدا ڪاڏي جا نمونا تيار ڪن ٿا. ته پارت ۽ پاڪستان ۾ ٻي قسم جا طعام ٺهن ٿا. انهن ۾ هر ملڪ ۽ قوم کي خاص خصوصيات ٿين ٿيون.

ڪٿي ڏينهن ۾ چار دفعا ۽ ڪٿي ٻه دفعا ڪاڏي کائڻ جا وقت مقرر آهن. اهڙي طرح سان لباس بنسبت هر هڪ ملڪ جي خاص خصوصيت ٿئي ٿي. جنهن جو مدار گرمي، سردي، نسلي ۽ باهمي ميلاپ تي ٿئي ٿو. باوجود مغربي لباس ۽ تهذيب جي هر طرف پکڙجڻ جي به هر ملڪ ۾ لباس جا جدا جدا نمونا مروج آهن.

گهرن جي تعمير به هر ملڪ جي گرمي، سردي، مختلف تعميراتي مواد ميسر هڻڻ، بارش جي گهٽائي ۽ ٿورائي، ملڪي تمدن تي مدار رکي ٿي. اهڙي طرح ڳوٺن جي تعمير. تنهنڪري انهن ٻنهي ڳالهين لاءِ جدا قومي خصوصيتن جو پيدا ٿيڻ لازمي امر آهي.

باهمي تعلقات ۽ رهڻي ڪرڻيءَ جا طور طريقا:

ان ۾ هيٺين قسمن جون ڳالهيون شامل آهن:
(۱) شادي ۽ غمي جا رسم رواج.
(۲) قبيلائي يا مذهبي ڏٺوار يا موقعا.
(۳) هڪ ٻئي سان گڏجڻ، ڪيڪارڻ ۽ مجلس جا دستور .
(۴) ميلاپ ۽ انهن موقعن تي ماڻهن جي تفريح لاءِ وندرون.

انهن سڀني ڳالهين تي مختلف ملڪن ۽ جدا جدا نسلن ۽ مذهبن جا ماڻهو، باهمي ميل ميلاپ، قديم روايات، مڪاني سهولتن، واپار ۽ تفريح طبعي لاءِ ڪي خاص قسم جا طور طريقا اختيار ڪن ٿا، جي سندن سماجي زندگيءَ جو جزو بنجيو پون.

سماجي دستور ۽ قاعدا:

قديم وقتن کان وٺي، ماڻهن جي جدا جدا قبيلن ۾ مڪاني حالات کي مدنظر رکي، باهمي اختلافن، چورين ۽ زالن تان فسادن جي فيصل ڪرڻ لاءِ جي دستور قائم ٿيل هٿا. اهي آهستي آهستي ٿي جدا جدا قبيلن جي گڏجي رهڻ، مذهبي شريعتن ملکي حالات ڪري خلط ملط ٿي، جدا قومي نمونو اختيار ڪري وڃن ٿا. جن مان مثال خاطر هيٺ ڏجن ٿا.

ڪن ملڪن ۾ قومن ۾ عزت قائم رکڻ لاءِ هري ڪاري (خود ڪشي) جو دستور آهي.

ڪن قومن ۾ ڪاري ڪاريءَ جو رواج آهي.

ڪن جاين تي اڃا تائين قصاص (عيوضي يا انتقام) جو رواج آهي، ان ۾ هرو پرو اهو ضروري نه آهي ته ساڻي ماڻهوءَ کان عيوضو وٺجي پر انهيءَ قبيلي جي ڪنهن به ماڻهو کان انتقام وٺي سگهجي ٿو.

ڪٿي هڪ زال جا ساڻي وقت ڪيترا مرد ٿين ٿا ته ڪٿي هڪ مرد ساڻي وقت گهڻيون زالون رکي سگهي ٿو ته ڪٿي صرف هڪ مرد ۽ هڪ زال جو رواج آهي. ڪن قومن ۾ ڏوهه لاءِ عيوض وٺجي ٿو ته ڪٿي سزا ڏجي ٿي. اهڙيءَ طرح هر قوم ۽ ملڪ جا سماجي دستور ۽ قاعدا علحدا ٿين ٿا.

قومي ڪردار

هر ملڪ ۾ هزارن ورهن جي روايات بعد آب هوا، جدا جدا نسلن جي رواجن، ماحول، مذهبي عقيدن وغيره جي اثرن ڪري، اتي جي رهاڪن جا ڪي قومي ڪردار ٺهن ٿا. جي سندن طبيعت جو جزو بنجي، زندگيءَ تي اثر ڪري، هنن جي ڪردار کي صورت وٺائين ٿا. مثال لاءِ ڪي ڀالهيون هيٺ پيش ڪجن ٿيون.

ڪن قومن ۾ نسل جي پاڪيزگيءَ کي زياده اهميت ڏيڻ ڪري، غيرت وڌيڪ ٿئي ٿي، جنهن ڪري زنا وغيره جي ڀالهين تان خونريزيون ۽ فساد ٿين ٿا. ليڪن ڪن قومن ۾ ان ڀالهه کي معمولي ڪري ورتو وڃي ٿو.

ڪن قومن ۾ وفاداري جو زياده مادو آهي، ڪن ۾ ڏوڪو ۽ ٺڳي وڌيڪ عروج تي آهن.

ڪن قومن ۾ مهمان نوازيءَ خاص صفت ڪري سمجهي وڃي ٿي، ڪي ان کي فضول خرچي سمجهي، مورڳو هڙپا ٿي ڪوڙ آهن.

ڪي قومون جنگجو هٿ ڪري، تشدد کي زندگيءَ جو حصو ڪري سمجهن ٿيون، ته ڪي هنسا کي بدامني ۽ فساد جو باعث سمجهي، ان کان گوشو ڪن ٿيون.

ڪن قومن ۾ جتي پڇي نه سگهجي، اتي پڇڻ ڪم وريامن جو سمجهيو وڃي ٿو. ڪي ناحق ۽ ڏاڍ اڻيان سر نمائڻ کان مرڻ بهتر ٿا ڄاڻن، ڪن ۾ محبت گهر ڪري

ويل آهي، ته ڪن جي زندگيءَ ۾ نفرت ۽ نفاق کي زياده اهميت ڏني وڃي ٿي.
ڪي بزدل ۽ بي همت ٿين ٿا، ته ڪي سرويچ ۽ باهمت آهن. ڪن خود مطلبيءَ کي پيشو ڪري ورتو آهي، ڪي ان کي بداخلاقي ڄاڻن ٿا. ڪن ۾ حب الوطنيءَ جو زياده مادو ٿئي ٿو، ڪي قوم فروشيءَ تي هريو وڃن.
اهڙي طرح سان مختلف قومن ۾ ڪردار جون جدا جدا وصفون پيدا ٿين ٿيون. هرويرو ائين نه آهي ته قوم جا جملي افراد مخصوص قومي ڪردار جا پوٽلڳ يا قائل هجن. هر قوم ۾ ڪثرت هميشه ڪريل ڪردار جي ٿئي ٿي، اعليٰ ڪردار ڪن ٿورن ماڻهن ۾ ٿئي ٿو. پر ان جي سڃاڻپ جي ڪسوٽي اها ٿئي ٿي ته ملڪ جي شعر، ڏند ڪٿائن، ادب ۾ جن ڳالهين کي سارائيو ويو آهي، اهي ئي ان قوم جو ڪردار ڪري شمار ۾ آڻيون.

فن لطيف ۽ ادب

هر قومي ڪلچر لاءِ فن لطيف ۽ ادب جي وجود ۽ واڌاري جي ضرورت آهي. ان لاءِ هر هڪ تي مختصر سمجهاڻي ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس.
ڪنهي لاءِ انگريزيءَ ۾ جامع لفظ 'آرٽ' استعمال ڪيو ويو آهي، جو آرٽس ڪاليج يا يونيورسٽيءَ ۾ پڙهايو وڃي ٿو. ان جي عام طور اها معنيٰ ورتي وڃي ٿي ته اها شئي يا ڪاله جا دماغي يا جسماني ڪوشش سان پيدا ڪئي وڃي ٿي.

دماغي آرٽ: هن ۾ هيٺيان صيغا شمار ڪيا وڃن ٿا.
(۱) گرامر (۲) فلسفو (۳) فن تقرير (۴) حساب (۵) راڳ (۶) رقص (۷) ادب (۸) تاريخ وغيره.

جسماني آرٽ: هن ۾ هيٺيان صيغا شمار ڪيا وڃن ٿا.
(۱) فن تعمير (۲) دستڪاري (۳) مصوري (۴) فن لباس (۵) فن طعام (۶) فن آرائش (۷) راديون وغيره.

جيڪڏهن انهيءَ جي جڙ جي تاريخ تي نظر ڪبي، ته ان جي تعمير ۾ مختلف قبيلن، قومن، مذهبن ۽ ملڪن حصو پي ورتو آهي. ان ۾ به رجحان رهيا آهن، هڪڙي گروه مخصوص قومي آرٽ جي محدود دائري ۾ ترقي ۽ تعميل لاءِ پئي ڪوشش ڪئي آهي ته ٻيو رجحان مختلف آرٽس کي گڏي عالمگير آرٽ بنائڻ طرف متوجه پئي رهيو آهي.
مٿي آڻون ٻڌائي آيو آهيان ته هر هڪ قوم کي پنهنجو مخصوص ڪلچر ٿئي ٿو، جو اڄڪلهي عالمگير ڪلچر ۾ سمائجڻو آهي، جيڪڏ ته آرٽ ڪلچر جو هڪ جزو آهي، سو ساڳيو قانون آرٽ سان به لاڳو ٿيڻ وارو آهي. جيڪڏ وسيع باغ ۾ مختلف رنگن جا گل ۽ وڻ ڇڻ جي حسن جي زيبائش ڪن ٿا، اهڙيءَ طرح مختلف قومي آرٽ

عالمگير چمن جي زيبائش ڪن ٿا، اهڙي طرح مختلف قومي آرٽ عالمگير چمن جي زيبائش جو باعث ٿي سگهن ٿا. ان جي جداگانه وجود ۽ ضرورت کان انڪار ڪري ان کي مٽائڻ ترقي جي راه ۾ رندڪ وجهڻ، ارتقائي قانون ۽ حقائق دهر جي خلاف آهي. جيڪا به طاقت پوءِ اها مذهبي هجي يا حڪومت اقليت جي يا اڪثريت واري قوم جي هجي. انهي فطري رجحان کي زور زبردستيءَ سان هڪ نموني تي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، سا ڪوشش صحيح شمار ڪري نٿي سگهجي. ڪرسچنٽي ۽ اسلام جي نالي ۾ ٻوري، بت تراشي ۽ راڳ جي زوريءَ ختم ڪرڻ لاءِ جي ڪوشش ڪيون ويون، سي آخر ۾ ناڪامياب ٿيون. مورخو هن وقت انهيءَ مذهبي ڪوشش کي برو سمجهيو پيو وڃي. هن وقت ان مذهبن جي اڪثر پوئلڳن ۾ انهن فنن کي زور وڌائڻ جي ڪوشش جاري آهي. بدقسمتيءَ سان پاڪستان بنجڻ بعد کي تعصبي ۽ ڪٽر مائهو، هن دور جديد ۾ مذهب اسلام جهڙي امن پسند ۽ هم گير مذهب جي نالي ساڻيا ڪڏا ڪم ڪرڻ گهرن ٿا، جن جي ڪري انهيءَ مذهب جي بدنامي ٿئي ٿي.

●

فصل ٻيو

ڪلچر ڪيئن ٺهي ٿو - اُنجي جوڙ جڪ تي مختلف اثر

جهڙي طرح سان جبلن ۽ مٿاهين زمينن تي هزارين ورهن جي برفن ۽ بارشن پوڻ ڪري، وڻ ڇميو ٻيلا ٺهن ٿا. جن مان ڪڏهن پن، ڪڏهن وڻ ڪريو، سڙيو، پاڻ ٿيو پون. پراڻن جاين تي نوان وڻ ڄمن ٿا، بارش جو پاڻي وٽن جي سيراب ڪرن ڪانپوءِ نالن ۽ ندين ذريعي هيٺاهين زمينن تي اچي ٿو. اهو پاڻي پاڻ سان مٽي ذڪر ڪيل طريقي سان ٺهيل پاڻ، جبلن ۽ زمينن جا ڪيمياوي پاڻ سان پرپور جزا لوڙهيو، گهليو، هيٺاهين زمينن تي اچيو لٽ وجهي، آبادي لائق ۽ زرخيز زمين بنائي ٿو. جنهن ۾ طرح طرح جا فصل پيدا ٿي، ملڪ ۽ ان جي رهاڪن جي گذر معاش ۽ ترقيءَ جو ڪارڻ بڻجن ٿا. اهو سلسلو سدائين جاري رهي ٿو. هڪڙا وڻ ڇميو، ڪريو ٻيا ڄمن ٿا. ندين لٽ لوڙهيندين، زمينن کي نئين سر زرخيز بنائي فصل اپائيندين رهن ٿيون.

اهڙي طرح بعينہ ساڳي حالت قومن جي ٺهڻ ۽ سندن ڪلچر پيدا ٿيڻ جي رهي ٿي، مختلف ڪُنب ۽ قبيلا هزارن ورهن کان گذر معاش جي تنگي، پٺيان طاقتور قبيلن جي ڪين ڏڪي جاءَ والاڻ، بيمارين، ڏڪارن پوڻ وغيره جي سببن ڪري، تاريخ جي جدا دورن ۽ زمانن ۾ ڏڪجيو، گهلجيو، حالتن جي تقاضا، حفاظت ۽ گذر معاش جي سهوليت سبب، اڇيو ڪن جاگرافيائي خطن جي ملڪن ۾ ڪنا ٿي رهڻ لڳن ٿا. اهو سلسلو هميشه جاري رهي ٿو. رڳو سنڌ جو مثال ونندا، تہ اتي دراويدي، آريا، سامائيٽ، منگول نسلن جا ماڻهو ۽ انهن جي ننڍن قبيلن جا ڪُنب ۽ افراد وڻ وڻ جي ڪانيءَ وانگر اچي هن ملڪ ۾ ويٺا، جن ۾ سمانٽ، راجپوت، لهاڻا، جت، مهاڻا، پٺان، بلوچ ۽ عرب قبيلن جا ماڻهو اچي وڃن ٿا.

انهن سڀني ٻاهران آيل ماڻهن کي سندن ٻوليون، رسمون رواج، لباس، رهڻي ڪرڻيءَ جا طريقا، ادب، قديم روايات، مذهب ۽ قومي ڪردار هٿا. جن سڀني ڳڏجي سنڌي قوم ٻنجي، ان کي مخصوص ڪلچر سان سينگاريو آهي.

صدين جي باهمي تعلقات، ملڪي ضرورتن، حالتن جي تقاضائن، گذر معاش جي ذريعن، پاڻ ۾ سڳلبندي ڪرڻ، ملڪي آب و هوا ۽ ماحول سبب سندن اختلاف گهٽبا ويا. اهي جدا ڪيمياوي جزا، هڪ قوي قالب ۾ سميٽجي، هڪ عام فهم ٻولي، لباس، قصا

ڪهاڻيون، مذهبي عقيدا، رسم رواج، سماجي دستور ۽ قومي ڪردار اختيار ڪندا اچن، جن سنڌي ڪلچر جي صورت ورتي آهي.

ان ساري سرگذشت هزارها ورهيه ورتا، جنهن تي مختلف زمانن جي روايات، قبيلائي نسلن جي رجحانن، ملڪي زرخيزي، ملڪي ماحول، واپار جي ذريعن ۽ مختلف مذهبي عقيدن، پنهنجا پنهنجا اثر ڇڏيا. ان مان سنڌين جو مستقل ڪلچر ٺهي، سندن ڏهني، سماجي، نفسياتي ۽ قومي ڪردار جو حامل ٿي پيو. دنيا ۾ اهڙا سوها خطہ زمين آهن، جن ۾ آباد ٿيل ماڻهن، قومن جي صورت اختيار ڪري، پنهنجا جدا ڪلچر بنايا ۽ ٻوليون ناهيون آهن. جن کي سندن قومي ورثا سمجهي، انهن جي حفاظت ڪرڻ سندن قومي فرض سمجهن ٿا.

اڄ ڪلهہ اقوام متحده ۾اڙين قومن جو تعداد ۱۳۵ کي پهتو آهي. ايا ان جي وڌڻ جو امڪان آهي. تاريخ جي مطالع مان هڪ طرف جدا قومن، زبانن، ڪلچر جي بنجڻ جو سلسلو جاري ڏسجي ٿو تہ ٻي طرف انهن جي اختلافن کي مٽائي، هڪ ڪرڻ جون ڪوششون جاري آهن، ان عالمگير رجحان ۾ ٽي قوتون ڪم ڪري رهيون آهن:

(۱) سامراجي طاقتون:

جنهن ذريعي ننڍين ملڪن ۽ قومن کي زوريءَ گڏي، هڪ طاقتور ملڪ ۽ قوم جي ماتحت بنائجي ٿو. اهو طريقو زور زبردستيءَ سان طاقتور قوم جي فائدي خاطر ڪم آندو وڃي ٿو. جنهن جي خلاف ننڍين ملڪن ۽ قومن طرفان، سندن قومي مفاد کي نقصان پهچڻ جي انديشي کان مخالفت ٿئي ٿي. گذريل مهاڀاري لڙايون، انهيءَ سامراجي طريقي جي نتيجي جي پيداوار هيون.

(۲) وفاقي طريقہ ميلاپ:

انهيءَ ذريعي سان ننڍا ملڪ ۽ قومون، باهمي مفاد جي بنياد تي قبول ڪيل اصولن مطابق اتحاد ڪن ٿيون، اهو طريقو باهمي مفاد ۽ رضامنديءَ جي بنيادن تي ٻڌل هڻڻ ڪري، اڪثرمقبول پئي رهيو آهي، جنهن وسيلي گڏ ٿي رهندڙ ملڪ ۽ قومون، ڏي وٺ جي آڌار تي، متحده ملڪ ۽ متحده قوم بنجڻ لاءِ ڪوشش ڪن ٿيون. ان مثال ۾ يونائيٽيڊ اسٽيٽس آف آمريڪا، سويت يونين ۽ پارت وغيره ۾ ملن ٿا.

(۳) نظرياتي طريقہ ميلاپ:

جنهن مطابق مذهبي يا اقتصادي نظرين جي بنياد تي، جماعتون ناهيون وڃن ٿيون، جديد ملڪن ۽ قومن جي حقيقي معاملن، مڪاني حالات، وقتي تقاضائن ۽ قومي ضرورتن کان زياده هو ڪن نظرين ۽ مذهبي عقيدن کي اهميت ڏين ٿا. انهن جو تعلق ملڪن سان نہ پر هر خيال ماڻهن سان رهي ٿو. جهڙيءَ طرح سان سڀ ماڻهو، قومون، ملڪ هڪ جهڙا نہ آهن، ڪي ماڻهو ڊگها، ڪي بندرا، ڪي ڪورا، ڪي ڪارا، ڪي

هوشيار، ڪي ڏڏ ۽ اهڙيءَ طرح ڪي قومون گهڻي تعداد واريون، ڪي ٿوري تعداد واريون، ڪي جنگجو ذهنيت جون، ته ڪي امن پسند، ڪي ترقي يافته، ڪي پٺتي پيل آهن ۽ ملڪ به ڪي وڏا، ڪي ننڍا، ڪي ٿڌا، ڪي گرم، ڪي زرخيز ته ڪي بنجر ڪي ڪاڻين سان پرپور ته ڪي خالي ٿين ٿا. ساڳيو قانون نظرين ۽ عقيدن سان لاڳو ٿئي ٿو. مثلاً دنيا ۾ هن وقت ڪيترا اهڙا ملڪ نظر ايا آهن، جي مائهن ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ جي عيوض، ان ڪنڊ اختلاف پيدا ڪرڻ جو ڪارڻ بنيا آهن. جن مان مکيه هيٺيان آهن.

(۱) نظريه دهريت (Maerialism) ۽ ان جو ضد نظريه روحانيت (Idealism)

(۲) نظريه جمهوريت (Democracy) ۽ ان جو ضد نظريه آمريت (Dictatership)

(۳) نظريه قوم پرستي (Nationalism) ۽ ان جو ضد نظريه سامراجيت (Imperialism)

(۴) نظريه اشتراڪيت (Nationalism) ۽ ان جو ضد نظريه سرمائيداري (Imperialism)

بهتر آهي ته انهن نظرين جي مختصر تشريح ڪريان.

دهريت ۽ روحانيت

دهريت:

هن نظرئي موجب مادي ڪي زندگي (روح) تي اهميت ڏني وڃي ٿي. ان ڪري مادي کي درجي اول جي حيثيت ڏئي روح (مائينڊ) کي ثانوي درجو ڏنو وڃي ٿو. انهيءَ نقطه نگاه موجب روح مادي جي مختلف عنصرن جي باهمي عمل جي پيداوار آهي. ان ڪري جڏهن به مادي جو باهمي عمل بند ٿئي ٿو، يا ان ۾ رڪاوٽ پوي ٿي، ته زندگي ختم ٿيو وڃي. هن نظرئي جي معتقدن جو شخصي روح جي جداگانه هستي ۽ تسلسل ۾ اعتقاد نه آهي. ان نظرئي جي مڃ بعد مذهبن جا جملي اعتقاد، جهڙوڪ حيات بعد الممات، تناسخ (جوڻ) جزا ۽ سزا، بهشت ۽ دوزخ، ڪائنات جو پلٽن (منصوبو يا رٿا) ۽ مقصدن سان پيدا ٿيڻ، انهن جي پيدا ڪندڙ، هلائيندڙ طاقت (خدا) ۾ اعتماد رکڻ جا عقيدا سڀ ختم ٿيو وڃن.

جنهن ڪري هنن جو سارو زور هن دنيا جي زندگي بهتر بنائڻ ۽ هر ڀاڪ جو فيصلو عقل ۽ تجربي جي بنياد تي ڪرڻ طرف رهي ٿو.

روحانيت (Idealism)

هن نظرئي مطابق روح (مائينڊ) کي اصلي شيءَ ڪري ورتو وڃي ٿو. ان ۾ مادي کي ثانوي حيثيت ڏني وڃي ٿي. انهي جي مجيندڙن مان ڪي مورڳو مادي جي جدا هستيءَ کان انڪار ڪري، ان کي صفت ۽ ڏوکي سان تشبيه ڏين ٿا. انهن جي نقطي نگاه کان روح ذات ۽ مادو صفات آهي، روح ابدي (آدي) ۽ ازلي (جڳادي) آهي ۽ مادو فاني ۽ تبديل ٿيندڙ آهي.

انهيءَ نظرئي جي بنياد تي جملي مذهب وجود ۾ آيا آهن. خدا، حيات بعد الممات،

آواگون (تناسخ) جزا ۽ سزا، ڪرم جو ڦل، بهشت ۽ دوزخ ۽ مذهبن جا جملي عقيدا ناهيا ويا. ان نظرئي جي آخري نتيجي طور، هر هڪ ماڻهو سندس عملن لاءِ جوابدار هو. تنهن ڪري گهٽي پاڳي هر شخص آزاد هو. جيئن ته ڪي ماڻهو محنتي، لياقت وارا، ۽ مضبوط ٿين ٿا ۽ ڪي سست، ڪند فهم (ڏڏ) ۽ ڪمزور آهن، تنهنڪري ٻنهي گروهن جي ڪليل مقابلي ۾ ڪي ماڻهو ملڪيت، پيسي ۽ اقتدار جا مالڪ بنجيو وڃن ۽ ڪي محڪوم، مفلس ۽ نادار ٿيو پون.

جنهن صورت ۾ هن نظرئي موجب بنيادي طرح ڪليل مقابلو روا آهي، ته ان جي آدار تي پيدا ٿيل طبقاتي ۽ مستقل مفاد کي تسليم ڪري، مذهبي قانون اهڙي طرح بنايا ويا آهن، جو شخصي ملڪيت، ذرائع پيداوار ۽ ورهاست کي هٿ لائڻ يا دست اندازي ڪرڻ جي منع آهي. نتيجي ۾ ڪي ڪروڙن رهين، هزارين ايڪڙن، ڪثير تعداد جاين، ڪارخانن ۽ ڪيترن زالن جا مالڪ بنجيو وڃن، ته ڪي بي زر، بي اجهي، مزدور، بنا زال جي رهجيو وڃن. اهڙي نظام کي بـ ختم ڪرڻ لاءِ مذهبي قانون مخالفت ڪن ٿا. بلڪ کي ته ان کي ڪرم جو ڦل يا قسمت جو نتيجو قرار ڏين ٿا. ازانسواءِ مذهب فوق العقل اختياريءَ تي مدار رکي، گهٽي حد تائين عقل ۽ تجربي مان حاصل ڪيل معلومات کي ثانوي حيثيت بخشي ٿو. انهن ٻنهي نظرين جي بنياد تي جماعتون ٺهن ٿيون، سي بين الاقوامي حيثيت رکڻ ڪري، مختلف قومن جي مستقل مفاد، جهڙوڪ وطن، ڪلچر، اقتصادي مفاد ۽ زبانن کي نقصان پهچائين ٿيون. اهي ڏهني سامراج آهن، جي نظرين ۾ انسان ذات جو پلو ڏسي، سيني ماڻهن کي زوري يا تبليغ ذريعي سندن جماعتي نظام ۾ آڻڻ گهرن ٿا. جنهن مان فطري طرح مختلف ملڪن ۾ پيدا ٿيل قومن جي مختلف ورثن جهڙوڪ شخصي عقيدن سماجي زندگيءَ جي طور طريقن قومي ڪردار ۽ آرٽ (ادب ۽ فن لطيف) جي جدا وجودن کي ختم ڪري ڪن نظرياتي قالبن ۾ سمائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. تنهن ڪري سندن انتهائي حالت ۾ قومن ۽ ان جي ڪلچرن کي نظرين جي بنياد تي ٺهيل جماعتن مان نقصان پهچڻ جو انديشو رهي ٿو.

جمهوريت ۽ آمريت (آپيشاهي)

جمهوريت:

جمهوريت ان نظريي کي ڪوٺجي ٿو جنهن موجب قوم جي افراد جي مساوي حيثيت تسليم ڪجي ٿي. ملڪ جي هر عاقل بالغ ماڻهوءَ کي ملڪ جي سياسي، اقتصادي ۽ سماجي معاملن لاءِ آزادانه راءِ سان عيوضي چونڊي سندن مرضيءَ مطابق حڪومت هلائڻ جو حق ڏنو وڃي ٿو. انهيءَ کري هر فرد کي آزادانه تقرير، تحرير ۽ جماعت سازيءَ جو حق رهي ٿو.

البت پنڌي پل ملڪن ۾ جتي ڪثرت تعداد ماڻهن جي، جو ان پڙهيل ۽ سياسي شعور نہ رکندڙ، غريب ۽ غير منظم آهي. اتي ابتدا ۾ هوشيار، پيسي وارا ۽ شاهين طبقي جا ماڻهو عوام کي برغلائي طاقت سندن قبضي ۾ رکن ٿا. ليڪن بنيادي طرح جمهوريت جي اصول مڃڻ ۽ بالغ راءِ ڏهيءَ جي حق ڪري آهستي آهستي ماڻهن ۾ سياسي شعور پيدا ٿيو وڃي ۽ ڪليل مقابلي ۾ نيٽ عوام سندن حق حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو وڃن.

قوم پرستي ۽جمهوريت لازم ملزوم ڀائيون آهن. ان مطابق نہ صرف افراد جي حقن کي قبوليو وڃي ٿو پر هر قوم جي خود ارادي ۽ جو حق تسليم ڪيو وڃي ٿو.

آمريت:

هن نظريي جو بنياد فسطائي نقطہ نگاھ تي رکيو ويو آهي جنهن مطابق ماڻهن کي لائق ۽ ان لائق، مضبوط ۽ ڪمزور متبدل ۽ ڏکاريل، سڏريل ۽ ان سڏريل، گروهن ۾ ورهائي، پهرين گروه کي حڪومت، بزرگي ۽ رهبريءَ جو اهل ڄاڻي اقتدار ۾ آندو وڃي ٿو. نتيجو اهو ٿو نڪري تہ مذهب، حڪومت، علم ۽ عقل ۾ چند ماڻهو پاڻ کي خود ساخته علمبردار مقرر ڪري عام راءِ مطابق عوام کي سندن عيوضي چونڊيءَ ڪارويار هلائڻ کان محروم ڪن ٿا. ان کري آزادانہ تقرير، تحرير ۽ جماعت سازي تي پابنديون وڌيون وڃن ٿيون. هر اختلاف راءِ کي ملڪ ۾ انتشار ڦهلائڻ جي آڙ ۾ برداشت نہ ڪيو وڃي ٿو. هنن جي نقطہ نگاھ موجب صرف لائق ۽ مضبوط قومون هن زندگيءَ جي تنازع للبقا ۾ ڪامياب ٿين ٿيون، ٻيون سڀ فنا ٿيڻ واريون آهن.

تنهن ڪري لائق قومون يا لائق افراد حڪومت هلائڻ جا حقدار سمجهيا وڃن ٿا. انهن جي راءِ صحيح ۽ بي عيب ٿئي ٿي. انهن خيالن تي هلندي ڪي طاقتور، هوشيار ۽ جنگجو شخص يا گروه زور زبردستيءَ سان حڪومت تي قبضو ڪري ان کي مخصوص افراد، گروه يا طبقن جي مستقل مفاد لاءِ هلائين ٿا. ان مان عارضي طرح ڪجھ انتظامي سختيءَ ڪري مخالفت دٻجيو وڃي ۽ ماڻهن ۾ هڪ قسم جو جمود پيدا ٿيو وڃي عوام ملڪي معاملن ۾ دلچسپي وٺڻ ڇڏيو ڏين. ڊڪٽيٽر جو هر لفظ سَنڊ ڪري مڃڻو پوي ٿو. انهن جي چوگرد خوشامندڙين ۽ جي حضورين جو هجوم گڏ ٿيو وڃي، آزاد خيال ۽ ايماندار ماڻهن کي نزديڪ اچڻ کان رکاوٽ پيدا ڪجيو وڃي، جنهن ڪري صاحب اقتدار، صحيح مشوره ۽ صلاح کان محروم ٿيو پون. ۽ انهن کان غلطيون سرزد ٿيڻ لڳن ٿيون. ڪامورن جي ٻيگهي مچيو وڃي. هر نڪته چينيءَ کي ناپسنديءَ جي نگاھ سان ڏٺو وڃي ٿو. ظاهري مخالفت دٻجيو وڃي، اندروني طرح ناراضگي وڌڻ لڳي ٿي. آئيني طريقن سان اختلاف ڪرڻ جي اجازت نہ هڻي ڪري مخفي سازشون شروع ٿين ٿيون، جي ڀائيون ملڪ کي خانہ جنگي ڏي ڌڪين ٿيون. هيءَ ڀاڙه صاف سمجهڻ گهرجي تہ اڪثر مذهب، ڪميونزم ۽ فاشزم ڊڪٽيٽر شپ ڏي ڇڪين ٿا.

قوم پرستي ۽ سامراج

قوم پرستي:

اڄ ڪلهه قوم پرستي دنيا ۾ مقبول عام نظريو آهي. هر قوم ان ۾اعتماد رکي سندس ترقيءَ لاءِ کوشان نظر اچي ٿي. قوم پرستي جا دنيا ۾ ڪيترائي تخيل مختلف زمانن ۾ مروج رهيا آهن. جهڙوڪ نسل، شهريت، سامراجيت ۽ مذهب جي بنياد تي قومن جا تخيل. ليڪن هن دور ۾ جنهن قوم پرستيءَ جو دنيا ۾ سڪو چالو آهي، تنهن جو بنياد وطن، زبان، ڪلچر، قومي ڪردار، سياسي ۽ اقتصادي مفاد جي اصولن تي ٻڌل آهي. هن وقت دنيا ۾ اٽڪل قومن مان اقوام متحده (United nets) ڏهيل آهي. جنهن ۾ هن وقت تائين ۱۳۵ کن اٽڪل قسم جون قومون ميمبر طور داخل ٿيل آهن. انهي جي ميمبرن جو تعداد روز بروز وڌي رهيو آهي.

قوم پرستيءَ جو آواز هن وقت نهايت طاقتور آهي. ان ڏريعي ملڪن جي آزادي، ترقي ۽ تعمير لاءِ گهڻو ڪجهه ٿي رهيو آهي. ليڪن ان جي صحيح طور واداري جي راهه ۾هيٺيون رڪاوٽون پيل آهن، جي انهن کي دور ڪرڻ لاءِ اقوام متحده يا انسان ذات طرفان ڪو انتظام نه ڪيو ويو ته مستقبل ۾ دنيا جي امن کي خطرو آهي.

(۱) قوم پرستيءَ جو اڳرائيءَ وارو رجحان:

اهو ان قسم جو رويو آهي جو جرمني، اٽلي ۽ جپان هڪ وقت اختيار ڪيو هو ۽ اڄ ڪلهه اسرائيل، ساؤتھ آفريڪا ۽ چين اختيار ڪري رهيا آهن.

(۲) مذهبي قوم پرستي:

ان جو اظهار پارت، پاڪستان، انڊونيشيا ۽ اسرائيل ۾ ڪي جماعتون ڪري رهيون آهن. جنهن جي زور وٺڻ ڪري نندين قومپتن جي مفاد ۽ وجودکي هڪ طرف نقصان جو انديشو آهي ته ٻي طرف ڪرپٽي، تعصب ۽ نفرت جي پيدا ٿيڻ جو امڪان آهي.

(۳) سفيد رنگ جي قوم پرستي:

ان جو اظهار سفيد قوم جي چند گروهن طرفان ٿي رهيو آهي، جهڙوڪ ساؤتھ افريڪا، روڊيشيا، پورچوگال ۽ ڪي امريڪا جا گروه ان مان نسلي ۽ رنگ جي بنياد تي نفرت ۽ نفاق پيدا ٿي رهيو آهي.

(۴) ڪثرت تعداد جي قوم پرستي:

ان جو اظهار چند ڪثرت تعداد قومن طرفان ٿي رهيو آهي، جهڙوڪ ڪئناڈا ۾ انگريزن جو فرينچن مٿان، پارت ۾ يوپيءَ جو بهن صوبن مٿان، پاڪستان ۾

پنجابين، جو مغربي پاڪستان جي ننڍين صوبن مٿان، امريڪا ۽ چين جو ننڍين قومن سان رويو. اهي طريقا اڄ سڏي طرح سامراج کي هٿي ڏين ٿا.

(۵) ترقي يافته قومن جي قوم پرستي:

هن وقت دنيا جون قومون ٻن گروهن ۾ وراهيل آهن. هڪ ترقي يافته ۽ ٻيون پٺتي پيل ۽ ترقيءَ لاءِ ڪوشان قومون آهن. ايشيا، افريڪا، لٽن، امريڪا جون ڪثرت تعداد قومون، پوئين گروهن ۾ شامل آهن. يورپ، اتر امريڪا جون اڪثر قومون، پهرين گروه ۾ شامل آهن. پهريون تعليم، هنر، سائنس، پيسي ۽ واپار ۾ ترقي ڪرڻ سبب، شاهوڪار آهن ۽ پويون قومون روز بروز شاهوڪار ٿيندڙيون، وڌيڪ ترقي ڪنديون وڃن ٿيون ۽ ٻي گروهن واريون پهرين تي مدار رکندڙ ۽ غريب آهن. مساوياڻه حيثيت اختيار ڪرڻ جو پهرين قومن جي موجوده پاليسيءَ کي ظاهر کو امڪان نظر نٿو اچي. جي اها حالت گهڻو وقت قائم رهي، ته اها گاڏبدامني جو باعث بنبي.

سامراج:

سامراج جي معنيٰ اها آهي ته وڏيون، طاقتور ۽ ترقي يافته قومون يا ملڪ ۽ حڪومتون ننڍين ڪمزور پٺتي پيل قومن ۽ ملڪن کي سندن سياسي، اقتصادي، ڪلچرل ۽ لساني مفاد لاءِ مٿن تسلط قائم ڪري، کين استعمال غرضي (ايڪسپلائيٽيشن) لاءِ ڪتب آڻين.

هن وقت سامراج جا اڳيان طريقا سواءِ چند ملڪن جي گهٽبا وڃن، ليڪن اڄان بـ ڪي ملڪ آهن، جي باوجود اقوام متحده جي نهراون، دنيا جي عام راءِ جي خلاف بيٺڪون رکيو ويٺا آهن.

پر سامراجي قوتن وري نيون صورتون اختيار ڪيون آهن جن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا.

۱- ڪي طاقتور قومون ننڍين ۽ پٺتي پيل قومن کي سندن زير اثر آڻڻ لاءِ اقتصادي ۽ فوجي مدد جا ذريعا استعمال ڪن ٿيون.

۲- ڪي طاقتور قومون فسطائي نظرئي موجب ٻين کي ان لائق سمجهي، پاڻ کي خود ساخته اتاليق ۽ محافظ مقرر ڪري، ننڍين ۽ ڪمزور قومن کي تسلط هيٺ رکن ٿيون.

۳- ڪي قومون ڪميونزم کي نجات انسانيءَ جو ڪارڻ ڄاڻي، اڄي اثر هيٺ ٻين قومن کي مختلف طريقن سان آڻڻ ضروري ڄاڻن ٿيون.

۴- ڪن قومن جي مڪيه گروهن، سندن مذهبن کي نجات ديني ۽ دنيوي ڄاڻي، انهن جي، اثر هيٺ قومن، فرقن ۽ حڪومتن کي آڻڻ پنهنجو مطمع نگاه بنايو آهي.

۵- ڪٿي سفيد فام قومن يا نسلن پاڻ کي ترقي يافته، چونڊيل ۽ ليڊرشپ جو لائق سمجهي، غير سفيد قومن ۽ مائهن کي زبردست رکڻ. جائز تصور ڪيو آهي.

۶- ڪٿي هڪ ئي ملڪ ۽ حڪومت ۾ وڏا ۽ ترقي يافته صوبا، پٺتي پيل قوميتن ۽ صوبن جي سياسي آزادي، اقتصادي مفاد، ڪلچرل ترقي ۽ زبان جي واڌاري ۾

رکاوٽون وجهي سندن مستقل مفاد لاءِ ڪتب آڻڻ کي صحيح ٿا سمجهن.

سامراج جي مٿي ذکر ڪيل سڀني طريقن جو بنياد فسطائي نظرين، خود مطلبي، طاقت ۽ لياقت، زور زبردستي ۽ ڏوکيبازيءَ تي رهي ٿو. جنهن مان نندين ۽ پٺتي پيل قومن ۾ ناراضگي پيدا ٿي بدامنيءَ جو باعث بنجي ٿي. گذريل ٻ مهاڀاري لڙايون، اُن جو ڪارڻ هيون. ان جي سدباب لاءِ اقوام متحده قائم ڪئي ويئي آهي، ليڪن هيئين سببن ڪري، اها ان جي دور ڪرائڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهي آهي.

۱- اقوام متحده جي ايگزيڪيوٽو (سلامتي ڪاميٽي) ۾ پنجن وڏين قومن کي دائمي جايون مليل آهن، جن مان هر هڪ کي ڪنهن ب- تجويز کي رد ڪرڻ لاءِ ويٽو جو اختيار مليل آهي.

۲- امريڪا ۽ روس جهڙين وڏين طاقتن کي ب- هڪ ووٽ جو حق آهي ته يمن ۽ اسرائيل جهڙن نندين ملڪن کي ب- هڪ ووٽ جو حق آهي.

۳- جيستائين انهن نندين ملڪن وڏين طاقتن جي سياسي گروهن ۾ رهي، سندن مرضيءَ مطابق ووٽ ڏنو ٿي ته وڏين طاقتن کڃيو ڪونه ٿي، ها جڏهن ايشيا ۽ افريڪا جي ملڪن مان ڪن گڏجي آزاديءَ سان ووٽ ڏيڻ شروع ڪيو آهي، ته وڏين طاقتن اقوام متحده جي نهراون کي سڌيءَ يا ان سڌي طرح بيڪار بنائڻ شروع ڪيو آهي. جهڙوڪ سائوٿ آفريڪا، اسرائيل، پورچوگال، روديشيا وغيره جي معاملن ۾.

۴- اقوام متحده کي ڪميونسٽ بلاڪ ۽ مغربي سامراجي بلاڪ، سندن پروپيگنڊا ۽ سياسي شطرنج ڪٽي آکاڙو بنايو آهي. ان ڪري ايشيا، آفريڪا، سائوٿ آمريڪا جي ڪيترن ملڪن جي ان ۾ دلچسپ کاڌ رهي آهي.

۵- اُن کي سندس نهرائن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ ڪابه اختياري کاڌ آهي.

۶- اُها سامراجي سازش، جنگي تيارين، خوفناڪ هٿيار ناهڻ ۾ گهڻائي ۽ نندين قومن جي داد رسي ۽ ترقيءَ لاءِ خاطر خواه انتظام نه ڪري سگهي آهي.

انهن حالت هيٺ اڄين پيو ڏسڻ ۾ اچي ته مٿين جماعت کي مذڪور خامين کان آجي ٿيڻ ۾ گهڻو وقت لڳندو.

ان وچ ۾ نندين ملڪن ۽ پٺتي پيل قومن کي سندن حفاظت ۽ ترقيءَ لاءِ باهمي سمجهوتي ۽ رضامنديءَ سان وفاق يا جماعتون بنائي پاڻ کي ايراضي خواه آبادياتي جي لحاظ کان وڏيڪ طاقتور بنائڻ گهرجي.

عرب ملڪن، افريڪا، مشرق بعيد جي ڪن حصن ۾ اهو احساس پيدا ٿي چڪو آهي. ليڪن پارت ۽ پاڪستان جي وچ ۾ شڪ شبها، اختلافي مسئلا، مذهبي ۽ فسطائي نظريا، باهمي سمجهوتو ڪرائي نه سگهيا آهن. باقي ڏي وٺ جي آدار تي جملي پٺتي پيل ملڪن ۾ اتحاد جي ضرورت آهي.

اشتراڪيت ۽ سرمائيداري

اشتراڪيت:

هن نظرئي مطابق جملي ملڪيت، پيداوار ۽ ورهاست جا ذريعا، پيسو، جماعت

(حڪومت) جي هٿ هيٺ آندا وڃن ٿا. جي عوام جي مفاد لاءِ ان کي ڪن منصوبن مطابق ڪتب آڻين ٿا. ان مطابق شخصن ۽ طبقن جي چڙواڳ استعمال غرضي (ايڪسپلائٽيشن) ڪري، مخصوص طبقي کان سواءِ عوام مسڪين ۽ محتاج ٿيو پون. سو نٿو ٿئي. هن نظرئي وارن کي به مذهبن جي پوئلڳن وانگر اهو ويساه ويهي ويو آهي، ته جملي انسانذات جي دنيوي نجات سندن نظرئي جي دنيا تي تسلط ٿيڻ جي وسيلي ٿيڻ واري آهي. ان ڪري ان کي خوشي يا زور سان دنيا تي مڙهڻ ضروري آهي. مذهب ۽ ڪميونزم جي وچ ۾ تفاوت صرف هيءُ آهي ته پهرين جو مدار فوق‌العقل اختياريءَ تي رهي ٿو ۽ پوئين جو مدار تاريخي ارتقا جي تجزئي ۽ عقل تي رهي ٿو ليڪن هر هڪ سندن عالمگير صداقت جو حامي آهي.

سرمايه داري:

هن نظرئي جو بنياد هر شخص جي بنيادي آزاديءَ تي ٻڌو وڃي ٿو، جو اصل ۾ مذهبي نظرئي جي پيداوار آهي. ان مطابق هر ماڻهو پنهنجي عملن لاءِ جوابدار آهي. تنهن ڪري ڪيس ملڪيت گڏ ڪرڻ، پيدائش ۽ ورهاست جي ذريعن کي استعمال ۾ آڻڻ ۽ پيسي ذريعي ڪمائي ڪرڻ جو حق آهي. ان واسطي هنن مذهبي ۽ فلسفيانه جواز ڳوليا آهن. ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي ته قومن جو گهٽو حصو غريب، بي گهر، بيمار ۽ محتاج رهي ٿو ۽ ڪي گروهه ۽ طبقا، ساري ملڪيت، پيدائش ۽ ورهاست جي ذريعن ۽ پيسي جا مالڪ بنجي رنگ رليون ڪندا وتن ٿا.

مٿي ذڪر ڪيل نظرين ڪري، پيدا ٿيل مشڪلاتن سبب انسان ذات اهڙي دوراهي منزل تي اچي پهتي آهي، جنهن مان يا ته ماڻهو کو خاطرخواه باهمي سمجهوتي سان حل ڳولي، هن وقت تائين پيدا ڪيل تهذيب کي بچائي، ان کي ترقي ونائي، زندگيءَ جي مڪمل مقصدن: اتحاد، امن ۽ انسان ترقي ڏي هلي، منزل مقصود تي پهچن يا باهمي شڪ شبهن، نفرت ۽ نفاق، تشدد ذريعي معاملن کي فيصل ڪرڻ ۾ قاسي، انسان ذات جي تباهي ۽ تنزل جو ڪارڻ بنجن.

انهي مسئلن جي حل ڪرڻ واسطي، دنيا کي اهڙي فلسفه حيات ۽ ڪلچر جي ضرورت آهي، جو سندس صحيح رهبري ڪري سگهي. انهي ڪسوٽيءَ جو بنياد تي، اسان کي دنيا جو مختلف ڪلچرن کي پرکڻو آهي. جي ڪلچر انهي ڪسوٽيءَ تي نهڪي آيا، سي ورلد ڪلچر (بين‌الاقوامي ڪلچر) جي اوڇي ۾ تاڃي پيٽي جو ڪم ڏئي سگهندا. ٻيا ڪلچر باجود سندن حامين جي وڏن دعوائن، محنت، جانفروشي ۽ وسائل جي تاريخي سيلاب جي وهڪري ۾ وهي، ختم ٿي ويندا.

هاڻ اسان کي ڏسڻو آهي ته اسان جي ڪلچر ۽ ان مان پيدا ٿيل فلسفه حيات ۾ کي اهڙا جزا آهن، جي مختلف نظرين جي تصادم، انسان ذات ۾ موجوده شڪ شبهن، نفرت ۽ نفاق جي هوندي، سندن رهبريءَ لاءِ بين‌الاقوامي ڪلچر نالهن واسطي، ڪا امداد ڏئي سگهن ٿا يا نه؟ جي نه، ته سياسي ميدان تي اڃي شڪست کائي وينا آهيون، باقي ڪلچر به بيڪار هٿ جي حالت ۾ اسان جون دعوائون سڀ اجايون ٿيندیون.

آئون ان مسئلي تي غور ڪرڻ بعد هن نتيجي تي پهتو آهيان ته سياسي ميدان

تي اسان کي اسلام، مسلم قوم ۽ پاڪستان جي نالي ۾ غلام بنائيندڙن جي ڪلچر ڪان، سنڌي ڪلچر وڌيڪ صلاحيت وارو آهي، ان ڪري اسان موجوده تڪليفن مان باوجود مشڪلاتن جي نيٺ وڃي لنگهي پار پونداسون، ۽ اسان تي ظلم ڪندڙ، سندن نظرين ۽ بداعمالي ڪري ناڪامياب ٿيندا.

فصل ٽيون

سنڌ جو ڪلچر ۽ اُنجا مُکيہ جزا

آئون مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان تہ ڪلچر جا مکيہ شعبا هيٺيان ٽين ٽا.

۱- نظرياتي ۽ مذهبي عقيدا

۲- سماجي زندگيءَ جا طور طريقا

۳- قومي ڪردار

۴- آرٽ (ادب ۽ فن لطيف)

بهتر آهي تہ مٿي ذڪر ڪيل چئن شعبن جي سنڌي خصوصيت تي مفصل روشني وجهان.

مذهبي عقيدا

پاڪستان اندر مائهن جو مذهب زياده تر اسلام آهي، ليڪن ان جون تشريحون بہ جدا ٽيل آهن، جن جو مفصل احوال منهنجي ڪتاب "جيئن ڏٺو آهي مون" مان پڙجي سگهي ٽو. ليڪن هتي هيءَ ٻڌائڻ ضروري ٽو ڄاڻان تہ اسلام جون بہ تشريحون ڪيون ويون آهن، جن مان هڪ ڪي مُلا جي تشريح سڏيو ويو آهي ۽ ٻئي ڪي اهل طريقت جي. سنڌ جي اڪثر درويش جو اهل طريقت جي تشريح پر عقيدو رهيو آهي.

هيٺ مختصر طرح ٻنهي تشريحن جي مُکيہ متن جو ذڪر ڪريان ٽو.

مُلا جي اسلامي تشريح:

۱- اسلام دنيا جو مڪمل ۽ آخري مذهب آهي، ان جي اچڻ کانپوءِ ٻيا سڀ مذهب منسوخ ٽي ويا آهن.

۲- انهيءَ دين ذريعي، انسان ذات جي جُملي مشڪلات جي نجات حاصل ٽيڻ واري هئي، ان پر مائهن جي فلاح ۽ بهبوديءَ لاءِ مڪمل فلسفہ حيات موجود آهي.

۳- پاڪستان جا مسلمان مذهب جي بنياد تي جُداگانہ قوم آهن، جن کي جُملي قومن جي رهبري ۽ امامت ڪرڻي آهي.

۴- انسان ذات جي نجات لاءِ دين اسلام جو ساري دنيا تي غلبو ضروري آهي، جنهن لاءِ تبليغ ۽ جهاد کان سڀ ونڊو هو. ان ڪري مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻو

آهي.

۵- پاڪستان ۾ سرشتہ حڪومت اسلامي روايات ۽ احڪامن موجب هلائڻ ضروري آهي.

اهل طريقت جي اسلامي تشريح:

۱- اسلام دين فطرت هو، جنهن جو پيغام خدا صاحب طرفان هر ملڪ، قوم ۽ زماني ۾ انسان ذات جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ واسطي جدا جدا پيغمبرن، رشين، حڪيمن ۽ اهل الله پي پهچايو آهي. جن سيني جي تعليم جو بنيادي مقصد ساڳيو هو. انهن جي پيغام ۾ باوجود ظاهري گونا گوني جي بنيادي وحدت سمايل هئي. اسلام انهيءَ حقيقت جي اظهار جو شارح هو. جنهن صورت ۾ جملي مذاهب دين فطرت جا جزا هٿا، ان ڪري انهن جي منسوخ ٿيڻ جو عقيدو غلط هو. ليڪن جملي مذهبن جو شريعتي شعبو، جنهن جو واسطو سماجي دستورن ۽ قانون سان هو، سو حالتن جي تقاضا، معاشري جي تبديلي، وقتي ضرورت مطابق تبديل ۽ منسوخ ٿي سگهيو ٿي. اهو قانون جهڙيءَ طرح پهن مذهبن جي شريعتن سان لاڳو ٿيو ٿي اهڙي طرح دور قديم جي حالتن، معاشري ۽ وقتي ضرورتن جي بنياد تي، مروج ٿيل اسلام جا شريعتي قانون ۽ جديد تقاضائن جي بنياد تي تبديل ۽ منسوخ ٿي سگهن ٿا.

۲- ملا جي تخيل واري دين اسلام مان نہ انسان ذات جي مشڪلات جي نجات حاصل ٿيڻ واري آهي، نہ ماڻهن جي فلاح ۽ بهبودي لاءِ منجهس مڪمل فلسفہ حيات موجود آهي. اهي عقيدا روح اسلام ۾ دين فطرت جي بنيادي متن جي خلاف آهن. دين فطرت جي صحيح معنيٰ قانوني ارتقا آهي، جنهن مطابق دنيا جي هرشيءِ، مادي يا ذهني (روحاني) سڌائين ترقي پذير آهي، ڪمال جي حصول لاءِ زندگي سڌائين تحريڪ ۾ رهئي آهي، تنهن ڪري دين فطرت کي چند عقيدن، شرعي قانونن ۽ عبادتن ۾ محدود ڪرڻ جو تصور ئي غلط آهي. جهڙيءَ طرح پاڻي جي تازگي سندس روانيءَ ۾ آهي، رت جي صفائي ۽ پاڪيزگي ان جي دوري ۾ آهي، اهڙيءَ طرح دنيا جي هر شيءِ تبديل ۽ تحريڪ ذريعي قائم رهي ٿي. زندگي تحريڪ سان وابسته آهي، تنهن ڪري ان سان تعلق رکندڙ قانون ۽ تبديل ۽ تحريڪ وارا ٿيڻا آهن.

۳- قومن جي تشڪيل مذهبن جي بنياد تي ڪرڻ، غير فطري ڀاڪا آهي. مذهبن جي تشڪيل عقيدن تي ٿئي ٿي، جي نظرين مان پيدا ٿين ٿا، جي ذهني پيداوار آهن. ماڻهو ذهن ۽ جسم جو مرڪب آهي، ان کي فطري قوتن جي اثر کان جدا ڪري نٿو سگهجي. قومن جي بناوٽ ۾ وطني حالات، جهڙوڪ آب هوا، ماحول، گذرمعاش جي ذريعن، باهمي رابطي ڪري پيدا ٿيل زبان، نسلي طبيعتن جي رجحان ڪري ٿيل قومي ڪردار ۾ هزارن ورهين جي معلومات تجربي، بودباش ۽ نفسياتي جذبات کي گهٽو اثر رهي ٿو. تنهن ڪري مسلمانن کي مذهب جي بنياد تي جدا قوم تسليم ڪري انهن کي انسان ذات جي هدايت ۽ ليڈري جي صنعتن سان منسوب ڪرڻ خوش فهمي ۽ خود فريبيءَ کانسواءِ ڪجھ نہ آهي.

۴- آئون مٿي ٻڌائي آيو آهيان ته ملا جي تخيل وارو اسلام نه مڪمل دين آهي نه انسان ذات جي ان مان نجات حاصل ٿيڻ واري آهي، بلڪ خلاف فطرت هڻڻ ڪري، منسوخ ۽ متبدل هڻڻ جي لائق آهي، ان ڪري ان ۾ انسانذات جي واحد رهبري ڪرڻ جي نه لياقت آهي، نه ممڪن‌العمل آهي. تجربي تعليم بعد ماڻهو ان نتيجي تي پهتا آهن ته مذهب کي ماڻهوءَ جي شخصي عقيدي سان واسطو هڻڻ گهرجي. هر ملڪ جي سياست ماڻهن جي چونڊيل عيوضين جي هٿ هيٺ، ملڪي حالات ۽ وقتي تقاضائن مطابق هلڻ گهرجي. مذهب جو ان سان واسطو نه هڻڻ گهرجي.

۵- پاڪستان ۾ سرشتہ حڪومت کي اسلامي روايات ۽ احڪامن موجب هلائڻ جو خيال جاهل متعصب مستقل مفاد واري ملا کي عوام جي مفاد، وقتي تقاضائن ۽ ملڪي ضرورتن کي نظر انداز ۽ مسلط ڪرڻ جي برابر آهي.

سنڌي ڪلچر جا مذهبي اعتقاد، پوئين گروه اهل طريقت جا آهن. جنهن مطابق قومون فطري طرح جدا جدا ملڪن ۾ مٿي ذکر ڪيل اثرن هيٺ نهن ٿيون، نه مذهب جي چند فرسوده عقيدن جي بنياد تي، جن ۾ ڏهني، موشگافين ڪري، سوها فرقا پيدا ٿي پيا آهن، جن مان هر ڪو پاڻ کي حق تي ۽ ٻين کي ناحق تي ڄاڻي ٿو. ازانسواءِ مٿي ذکر ڪيل پنجن اختلافي مسئلن ۾ سنڌي ڪلچر، هيئين سببن ڪري هيٺ بيان ڪيل نظرين ۾ ويساه رکي ٿو.

دهريت ۽ روحانيت:

سنڌي درويشن جي نقطي نگاه کان اُهي ٻئي رايا هڪ تصوير جا ٻه رُخ آهن. هڪ کي قبولي ٻئي کي رد ڪرڻ ڪوتاه نظريءَ جو باعث آهي. شاهه صاحب فرمائي ٿو:-

پڑاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين،
هٿا اڇهين گڏ، پر ٻڏن ۾ ٻه ٿيا.

انهيءَ ساڳي خيال جي ٻيدل فقير ٻه وڌيڪ صفائي، هيئين طرح ڪرڻ فرمائي ٿو:-

حقيقت ۾ هڪ ٿيو، ڪفر ۽ اسلام
مظهر مولا پاڪ جي، هندو مسلمان،
سارا ڪياتالان، سورج سنديسوجهري!

سنڌي درويشن دهريت کي ڪفر ۽ جملي مذهبن کي اسلام سڏيو آهي. هنن سڀني مذهبن ۾ ظاهر ڪثرت پويان بنيادي وحدت پرکي هئي. هنن جڏهين ڪفر (دهريت) ۽ مذهب (اسلام) کي هڪ تصوير جا ٻه رخ سمجهيو هو، ته مذهبن جي نالي ۾ ماڻهن ۾ نفاق ۽ نفرت پيدا ڪرڻ کي هو ڪهڙي طرح برداشت ڪري سگهيا ٿي.

روحل فقير انهن جي سمجهائي هيئين طرح ڏي ٿو.

ڪفر ۽ اسلام ۾، ٿا پرين ابتا پير،
هڪ هندو ٻيا مسلمان، ٽيون وچ وڏائون ويرِ،
اندڻ اوندهه نه لهي، تنڪي سچ چوندو ڪير.

جمهوريت ۽ آمريت:

ڪلچر جمهوريت جي رستي جو حامي آهي. جنهن موجب سنڌي
هرهڪ آدمي، قوم، مذهب، ملڪ ۽ نسل جي جُداگانه وجود ۾ حق خودارادي‌ءَ جو حقدار آهي. جنهن کري هر فرد جي اظهار راءِ، تقرير، تحرير ۽ جماعت سازيءَ جو حق تسليم ڪيو وڃي ٿو. هو مائهن، قومن، ملڪن ۽ نسلن ۾ مُساوات آڻڻ گهري ٿو. هو نظرئي يا مذهب جي نالي ۾ پيدا ڪيل لائق ۽ ان لائق، مضبوط ۽ هيٺي، ڏٽيل ۽ ڏڪاريل، ترقي يافته ۽ پٺتي پيل مصنوعي تفاوتن کي ٽوڙ مڃي. هو هر اڳرائي، ڏاڍائي، ۽ تشدد(هنسا) جي ذريعي ٻين جي مٿان تسلط قائم ڪرڻ جي خلاف آهي. پوءِ اهو تسلط مذهب، برگزيده قوم يا نظرئي جي نالي ۾ چو نه قائم ڪيو ويو هجي. هي سڀ ۾ پرين پسي چوي ٿو ته:-

ڪشي ڪان ڪمان مان، متان مارين مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي!

اڳ اڳرائي جو ڪري ، خطا سو ڪائي،
پاندَ ۾ پَائي، ڪيني وارو ڪين ڪي !

هن وڏ هيڻيون عالم آهي:

نڙون نياپو آيو، راڻي وڻان رات،
لڏي سون لطيف چئي، ڪنا ڏاتر ڏات،
ڪانه پُڇي ٿو ذات، جي آڻيا سي اگهيا.

قوم پرستي ۽ سامراج

سنڌي ڪلچر قوم پرستيءَ جو حامي آهي، ۽ هر قسم جي سامراج جو مخالف آهي. پوءِ اهو سامراج مذهب اسلام جي نالي ۾ پرچار ڪري، نندن صوبن ۾ قومن تي وڏن صوبن ۽ قومن جو تسلط قائم ڪرڻ وارو هجي، يا فسطائي يا ڪميونزم جي نالي ۾ شخصي يا قومي آزادي کي زوري ختم ڪرڻ جو حامي هجي، يا اهو سامراج پير، سيد،ملا، شاهوڪار جي مستقل مفاد لاءِ عوام کي محڪوم ۽ مظلوم رکڻ وارو هجي. يا اڪثريت جو اقليت مٿان سندن رضامنديءَ ۽ سمجهوتي کان سواءِ زوريءَ تسلط جو حامي هجي. يا هڪ زبان جو ٻين قومن جي زبانن کي ڪمزور ڪري پاڻ کي زور ونائڻ جو

هجي. يا هڪ تاريخي خطي زمين جي رهاڪن جي زمين، نوڪرين، ڪارخانن ۽ واپار تي قبضي حاصل ڪرڻ وارو هجي،

يا سياست، مذهب ۽ اقتصادي مسئلن بابت مستقبل مفاد جي فائدي ۾ هڪ طرفو پيدا ڪيل جواز وارو هجي، سنڌي ڪلچر ان جو مخالف آهي.

هن جي ٽومپرست تعليم جا ڪي مُکيہ جزا هيٺيان آهن.

جيها جي تيها، مون مارو مجيا،
مون جيڏيون ملير ۾، ٽيون چونڊن موڪ ٻها،
منهنجي آس اها، ڪڏهين ڪيرائيندي ڪوٽ ڪي!

اي ڏ نہ مارن ريت، جو سيڻ ٻڌائين سون تي،
اچي عمر ڪوٽ ۾، ڪنديس ڪانہ ڪريت،
پکن جي پريت، ماڙين تي نہ ٻڌيان!

وري هر قوم جي فطري حق آزادي ڏ بابت ڀالهائيندي شاهہ سائين فرمائي ٿو:

الله ائين مَ هوءِ، جيئن آئون مران بند ۾،
جُسو زنجيرن ۾، راتيان ڏينهان روءِ،
پهرين وڃان لوءِ، پوءِ مر پڇنہ ڏينهڙا.

اشتراڪيت ۽ سرمائيداري

ان لاءِ سنڌي ڪلچر وچولو رستو اختيار ڪرڻ گهري ٿو، يعني سرمائيداري ڏ جي ختم ڪرڻ لاءِ، هو خوني انقلاب جي عيوض سوشلزم جي ارتقائي طريقي کي پسند ڪري ٿو.

شاهوڪارن خلاف شاهہ سائين ذڪر ڪندي فرمائي ٿو:-

پنجن مڻ پندرنهن ڪري، ائين ٿا ورق ورن،
ڏڪاريا ڏيهَ مان، موڏي شال مرن.

وري عوامي انقلاب جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو:-

مُندَ ٿي منڊل منديا، تاڙي ڪئي تنوار،
هارين هر سنياڻيا، سَرها ٿيا سنگهار،
اڄ پڙ منهنجي يارَ، وسڻ جا ويس ڪيا!

سنڌي ڪلچر جي شعبي عقيدي جا مکيه جزا هيٺيان آهن:

(۱)محبت (Love) پريم

(۲) عدم تشدد (Non Violance) اهنسا

(۳) رواداري (Co Exitance) هڪ ٻين سان برادرانه سلوڪ

(۴) لاڪوفيت (Non Alliance) غير جانبداري

(۵) حق خودرادي (Right of self detrmination) آزاد راءِ ۽ قومي آزادي

(۱) محبت

سنڌي ڪلچر ۾ محبت کي وڏو مقام حاصل آهي. هو ان کي مٿي ذکر ڪيل دنيا جي موجوده مشڪلاتن ،جهڙوڪ

۱- شڪ شبهن ۽ خوف خطرات

۲- نفرت ۽ نفاق

۳- تشدد ۽ تسلط

۴- غربت ۽ افلاس

جي دور ڪرڻ جي ڪنجي ٿو سمجهي. هر سنڌي درويش عشق جي ساراهه ڪندو رهيو آهي.

شاهه سائين فرمائي ٿو ته:

محبت سندي ماءُ، کو پروڙي کين ڪي !

ممري شاهه چوي ٿو ته ،

عشق سارو اسلام مذهب محبت عين مبارڪ.

بيدل سائين آکي ٿو ته:

اُ ٿان جاءِ نهين ڪنهن دي آوڻ دي،
ري عشق بنا لئي پاوڻ دي.

محبت ماڻهن ۾ اتحاد آڻي ٿي. اتحاد امن جو پيش خيمو آهي. امن انسانذات جي ترقيءَ لاءِ مددگار ۽ معاون آهي. مذهب، ملڪ، قوم يا نظرين جي نالي ۾ نفرت پيدا ڪندڙن کي، سنڌي ڪلچر ڪفر برابر سمجهي ٿو.

(۲) عدم تشدد (اهنسا)

سنڌي ڪلچر بنيادي طرح اهنسا جو حامي آهي، هو مخالفن کي محبت سان ۽

نصيحت ڏيڻي قائل ڪرڻ جو حامي آهي.

شاهه سائين فرمائي ٿو-

"هو چونڻي تون مَ چڙ، واتان ورائي"

ٻي هنڌ چوي ٿو ته ،

مون تي اڪڙين، وڏا ٿورا لاٿيا،
ته ڀڻ پرين پسن، ڪٽن جي ڪر سامهون!

ٽي هنڌ چوي ٿو ته-

ڪَر جا ڪڏ ڪٽين، پوڻ خاطر پرينءَ جي،
تنهن ۾ پاڻ پڻي ،غيبتي غار ٽيو.

هن جو جهاد نفس سان آهي، نه خلق خدا جي مارڻ سان- هو هنسا کي حيواني صف جاڻي ڏڪاري ٿو، هن کي پڻو آهي ته هنسا ڏيڻي حاصل ڪيل ڪاميابي عارضي ۽ اڪين جي ڏُوَ برابر آهي.

تنهن ڪري هر مقصد جي حصول لاءِ صحيح تعليم، تاليف قلوب، خدمت خلق ۽ هر ڪنهن سان پلائي ڪرڻ جا طريقا استعمال ڪرڻ جي فائدي ۾ آهي. زور زبردستي ڏيڻي عارضي ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي خلاف آهي، هن کي تاريخي مطالعي مان معلوم آهي، ته سڪندر ۽ دارا سندن بادشاهين سميت ختم ٿي ويا.
پيغمبرن ۽ درويشن جي تعليم ۽ نالا صدين گذرڻ بعد به زنده آهن.

(۳) رواداري

جنهن کي اڄ ڪلهه انگريزي ۾ (Live and let live) " پاڻ ٻه ۽ ٻين جو وجود ٻه برداشت ڪر،" سڏجي ٿو. اسانجي ماڻهن کي ولر ڪيو وتن، (Gregarious animal) سمجهي ان مطابق هلڻ جي تلقين ڪئي آهي. شاهه سائين فرمائي ٿو ته،

ولر ڪيو وتن، پرت نه چنن پاڻ ۾،
پسو پکيڙن، ماڻهونڻان ميڙ گهٽوا

اها صفت حليمائي اختيار ڪرڻ سان حاصل ٿي سگهي ٿي، اڄ ڪلهه ڪي حڪمران طبقي جا فيلسوف ۽ اڳواڻ فسطائي نظرين هيٺ باز- شير بنجڻ، شمشير سنان کڻڻ

جي تلقين ڪري، ماڻهن کي حيواني صفتن اختيار ڪرڻ جي تعليم ڏيئ گهرن ٿا. چاڪاڻ ته سندن قومي ۽ طبقاتي مفاد جي اهائقاضا آهي. اسان وٽ انهن لاءِ صرف هي جواب آهي ته:

متو آهين مڇ، ٽلهو ٽيو ٽو ٽونا هٽين
تو جا پائٽين آڇ، تنهن پائيءَ پُنا ڏينهڙا!

اسان جي اکين اڳيان، اهڙي تعليم وارن، هٿلر، ميسوليني، توجي وغيره جي ختم ٿيئ جا مثال گذري چڪا آهن. غير برداشت ڪرڻ وارن جو حشر بہ اهڙو ٿيٽو آهي. اسان کي شاهہ سائين فرمائي ويو آهي ته:

صبر جنين سير، تير نہ ڳسي تن جوا

(٤) لاڪوفيت (غير جانبداري)

غير جانبداري لفظ جي معنيٰ سمجهڻ ۾ پوري خبرداري اختيار ڪرڻي آهي. اسان هيٺين حالتن ۾ غير جانبدار رهڻ جا طرفدار نہ آهيون:

هي طرف ناحق جو،
هڪ طرف حق جو طرف هجي، هي طرف ڏاڍ ۽ ظلم هجي،
هڪ طرف انسا ۽ انصاف هجي، هي طرف گمراهي،
هڪ طرف هدايت هجي، هي طرف غلامي،
هڪ طرف آزادي هجي، هي طرف نفرت،
هڪ طرف محبت هجي،

اهڙيءَ حالت ۾ اسان کي علي الا علان پهرين گروهہ جي طرفداري ونڻي، حق ۽ انصاف جو پلوُ پاري ڪرڻو آهي. پر اسان کي غير جانبداري صرف هيٺين حالتن ۾ اختيار ڪرڻي آهي.

(الف) جڏهن بہ طاقتون سندن سامراجي ۽ طبقاتي اقتدار جي حصول لاءِ لڙنديون ڏسون.

(ب) جڏهن مختلف مذهبن جا علمبردار، مذهبن جي بنيادي وحدت ۽ دين فطرت جي قوانين کان ان واقفيت ڪري، سندن صداقت جي دعويٰ ڪري، انسان ذات ۾ نفاق پيدا ڪرڻ جو ڪارن بنجن.

(ت) جڏهن سندن نظرين جي صداقت ۽ ٻين جي راين جي غلطيءَ تي اصرار ڪندي، جنگ، جدال ۽ بدامنيءَ جو باعث بنجن .

(ٽ) جڏهن کي افراد، قومون ۽ قوتون يا گروه، سندن سائنسي ترقي، پيسي جي فروانيءَ، تعداد جي ڪثرت ، موتمار هٿيارن جي آدار تي پنڻي پيل، غريب، تعداد ۾ ٽورن ۽ بي هٿيار افراد، قومن يا گروه جي حقن کي ماري ، سامراجيت قائم رکڻ لاءِ

گروهه ناهي ڪه ڪن. ته اهڙي حالت ۾ اسان کي ڪنهن لالچ يا ڊپ کان مٿي ٿي ، اهڙي گروهه بنديءَ کان پاسيرو رهڻو آهي. اسان جي درويشن به ان لاءِ تعليم ڏني آهي.

شاهه سائين فرمائي ٿو:

صوفي لا کوفي، ڪونه پائنيس ڪير،
منجهان ٿي منجهه وڙهي، پڌر نه آهس پير،
جنين سائس ويڙ، هيءَ تنين جو واهرو !

(۵) حق خو داردي:

دنيا ۾ اڄ ڪلهه هر قوم جو حق خودارادي، اصولي طرح قبول ڪيل آهي. اقوام متحده طرفان گهڻيون ئي ڪوششون ٿي رهيون آهن، پر اڃان طاقتور ملڪ، قومون ڪيترن ملڪن تي ناجائز قبضو رکيو ويٺيون آهن، جهڙوڪ پورچو گال، سائوٿ آفريڪا، اسرائيل ۽ ڪيترا ٻيا ملڪ سندن ايراضي اندر اقليت وارين قومن کي خودارادي جي حق ڏيڻ کان نٽائين ٿا. پارت جمهوريت جو نالو وٺي به ڪشميرين جي حق خودرادي کان انڪار ڪريو ويٺو آهي.پاڪستان حڪومت ڪشميرين جي حق خو دارادي وٺي ڏيڻ لاءِ هر ڪا ڪوشش ڪري رهي آهي ، ليڪن سنڌ، بلوچستان ۽ پختون ڀالهائندڙ ايراضيءَ جي قوميتن کي زوريءَ وڏي صوبي جي ماتحت غلام رکيو ويٺي آهي. عراقي ڪردن کي آٽونامي ڏيڻ لاءِ تيار نه آهن. روڊيشيا جي سفيد اقليت سياهفارم اڪثريت کي حق ڏيڻ لاءِ تيار نه آهي ، وغيره مثال اکين اڳيان آهن.

قومن جي خود ارادي کي هڪ طرف ڇڏي، انسانن جي بنيادي حقن جي آزاديءَ جو اصول، باوجود بين الاقوامي طور اقوام متحده جي چارٽر ۾ داخل هڻڻ جي، اڪثر ملڪن ۾ بنيادي حقن جي آزادي ڪانه آهي. سياسي معاملن کي ڇڏي ڪلچرل ۽ ادبي ڀالهين، تقرير، تحرير ۽ جماعت سازيءَ تي ڪيترن ٿي ملڪن ۾ بندش آهي . هن ملڪ ۾ هر آزاد راءِ جي اسلام جي مُلا واري تعبير جي نالي ۾ نڪته چيني ڪٽي وڃي ٿي. سنڌي ڪلچر انجي خلاف آهي. دنيا هن وقت هيٺين چئن مشڪلاتن ۾ ڦاٿي پيئي آهي.

(۱) باهمي شڪ ۽ شُبها.
(۲) خوف ۽ خطرا .
(۳) نفرت ۽ نفاق.
(۴) غُربت ۽ افلاس.

(۱) شڪ ۽ شبها:

ان مرض ۾ نه صرف افراد ڦاٿل آهن، پر قومون به انهيءَ آزار کان آزاد نه ٿي سگهيون آهن. هر ڪنهن کي ٻين جي نيتن ۾شڪ پوي ٿو. اُن جو مُکيه ڪارڻ، خود مطلبي ۽ خودفريبي آهي. هر ڪو انسان ذات جي مجموعي مفاد کي قطع نظر ڪري،

پنهن جي شخصي يا قومي مفاد لاءِ ڪوشان آهي. ازانسواءِ اڪثر ماڻهن ۽ قومن جي دماغي ڪيفيت اها آهي ته هرڪو پاڻ کي حق تي ڄاڻي، ٻئي کي ناحق تي ڄاڻي ٿو. اُهي ماڻهو تصوير جو صرف هڪ رُخ ڏسن ٿا. هڪڙا ڏهريت ۾ منجهيا پيا آهن ته ٻين مذهبن جي نالي ۾ هر ڳالهه کي اکيون پوري کُلي بَک وڏا آهن ۽ دوئيءَ جي دنيا ۾ رهڻ ڪري، مذهبي، نظرياتي ، تومي، نسلي، رنگن جي اختلافن ۽ خود مطلبيءَ جي ڄار مان پاڻ ڇڏائي آڃا ٿي نه سگهيا آهن.

" مئي هاڻيءَ سين مامرو، اچي پيو اندن "

جو حال وڃي رهيو آهي. سنڌي ڪلچر ان ڳالهه جا ٻئي رخ مسئلہ وحدت الوجود ۾ ايمان رکڻ سان ڏنا آهن .شاهه سائينءَ چيو آهي ته :

سو هيءُ، سواجل، سوالله،
سو پرين، سو پَساه، سو ويري، سو واهروا
هڪ قمر، درلک، ڪوڙين منجهس ڦُڙڪيون،
جيڏاهن ڪريان پَرکَ،تيڏانهن سَڄڻ سامهون.

اڄ ڪلهه پروفيسر انيسٹين جي فلسفہ ريليٹوٹي ۾ هڪ حد تائين انجي جديد سمجهاڻي ملي ٿي. موجوده دور جو بقائي باهمي (Co Existance) وارو اصول بہ ان مان نڪري ٿو. جنهن ڪري سنڌي ڪلچر رواداريءَ جي تعليم ڏئي ٿو . انهيءَ ڪري سيني مذهبن جي بنيادي وحدت ۾ اعتبار ڪندي، ساڳين مقصدن يعني اتحاد، امن ۽ انساني ترقيءَ جي حاصل ڪرڻ لاءِ جُدا جُدا طريقا روا سمجهي ٿو.

"وانُون ويهه ٿيون، ڪُهه جاڻان ڪهڙيءَ ويا"

سنڌي ڪلچر نہ رڳو سيني مذهبن جي وچ ۾ رواداريءَ جو قائل آهي، پر دهريت ۽ مذاهب جي وچ ۾ بہ رواداري ضروري سمجهي ٿو . دهريت جو نظريو هزارن ورهن کان دنيا ۾ مختلف صورتن ۾ موجود رهيو آهي. اهو بہ فطري پيداوار آهي، ان جي وجود کان انکار ڪرڻ حقائق دهر کان انکار جي برابر ٿيندو.

افسوس جو پاڪستان ٺهڻ بعد حڪمران طبقو "لكم دين كم ولي اليدين" جي اُصول کي نظر انداز ڪري، مذهب جي آڙ ۾ غير برداشت ۽ نفرت جو رويو اختيار ڪيو آهي. هن وقت سنڌ جي پيغام رواداري ۽ حڪمران طبقي جي جارحانہ ۽ نفرت آميز نظرين جي وچ ۾ تصادم آهي، عارضي طرح حال سنڌين کي ناڪاميءَ جو منهن ڏسڻو پيو آهي، پر آخري طرح سندن ڪلچرل جو پيغام نہ صرف پاڪستان جي رهاڪن جي صحيح رهبري ڪري سگهندو. ليڪن دنيا جي موجوده شڪن ۽ شبهن گهٽائڻ ۾ مدد

ڪري سگهي ٿو.

۲ - خوف ۽ خطرا:

جيڪڏهن چٽائي ڏسبو ته حقيقت ۾ خوف ۽ خطرا شڪن ۽ شبهن مان پيدا ٿين ٿا. جڏهن ڪي افراد، قومون يا گروه انسان ذات جي بنياد وحدت ڪي وساري، جزوي اختلافن يا مفاد کي مجموعي مفاد تي ترجيح ڏيڻ لڳن ٿا، ته شڪ پيدا ٿي، خوف جو ڪارڻ بڻجن ٿا ۽ ڪلهه چؤ طرف خوف جي هوا پکڙيل آهي. جيتري قدر مون غور ڪيو آهي، خوف جي پيدا ٿيڻ جا هيٺيان ڪارڻ ٿين ٿا.

۱- خوف مطلبيءَ ڪري هڪ ٻئي جي نيتن ۾ شڪ آڻڻ.

۲- باهمي رابطي ۽ تعلقات جي گهٽتائي.

۳- احساس ڪمتري يا برتري.

۴-قومي، مذهبي، اقتصادي ۽ نسلي تعصبن جو وجود.

پاڪستان ۾ حڪمران طبقو مستقل مفاد پيدا ڪري ويو آهي، سو به انهيءَ مرض ۾ گرفتار ٿي ڇڪو آهي. جنهن ڪري ڪيس پاڪستان ۾ اندر ۽ باهر چوطرف دشمن ئي دشمن نظر اچي رهيا آهن. جن کان محفوظ رهڻ لاءِ هن کي هيٺين تدبيرن اختيار ڪرڻ جي ضرورت پئي آهي.

۱- جمهوريت کي ختم ڪري ڪنٽرولڊ (ضابطي يا رهبريءَ هيٺ واري جمهوريت) ڊيموڪريسيءَ کي مروج ڪيو آهي.

۲- انساني بنيادي حقن تي ضابطو رکيو ويو آهي.

۳- ڪارا قانون پاس ڪري، ماڻهن جي آزاديءَ کي گهٽايو ويو آهي.

۴- بچاءَ تي خرچ کي وڌايو ويو آهي.

اها حالت دنيا جي اڪثر ملڪن جي آهي. امريڪا ۽ سندس سائين کي ڪميونسٽ ملڪن مان خطرو محسوس ٿئي ٿو. ڪميونسٽن کي سرمائيدار ۽ سامراج تي پروسو نه آهي. پارت کي پاڪستان مان خطرو محسوس ٿئي ٿو. پاڪستان کي هندستان جي نيت صاف نه ڏسي، خوف رهي ٿو.

مطلب ته چؤ طرف اوندهه انڌوڪار ڏسڻ ۾ اچي ٿو، ان وقت سنڌي ڪلچر مان ڪجهه روشنيءَ جو ترورو ڏسڻ ۾ اچي ٿو:

اسد چشم موري ني، ايسا اسرار ديکها تها
ڪ بيچ ابردي آفتاب کا انوار ديکها تها
(سچل)

خوف کي ٽارڻ لاءِ هن ڪلچر جا ڏسيل مڪيه علاج هيٺيان آهن:

۱- اهنسا جي اصول ۾ ويساه رکي، پيدا ٿيل شڪن ۽ خوفن کي باهمي گفتگو ۽ ڏي وٺ جي بنياد تي ٽاري سگهجي ٿو. اقوام متحده به اهو اصول قبول ڪيو آهي.

۲- مذهبي، سياسي ۽ اقتصادي اختلافن جي باوجود به هڪ ٻئي سان روادارانه طور رهي سگهجي ٿو. ليڪن اُن لاءِ بنيادي ڳالهه خود مطلبيءَ کان مٿي چڙهي پراپيڪاري جو مادو ڏاڙڻ ضروري آهي.

(۳)نفرت ۽ نفاق:

آئون مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان ته جڏهن ماڻهو بنيادي وحدت کي وساري مايا واري ڇار ۾ ڦاسي پون ٿا. ته باهمي شڪن جو شڪار ٿيو. هڪ ٻين کان خوف ۽ خطرا محسوس ڪرڻ لڳن ٿا. انڪري کين مخالف لاءِ نفرت پيدا ٿي، نفاق جو ڪارڻ بنجي ٿي. هن وقت اُهو مرض به عام ٿي ويو آهي. سرمائيدار ۽ سامراجي ملڪ نه صرف ڪميونسٽ ماڻهن کي نفرت جي نگاهه سان ڏسن ٿا. ليڪن ان نعري جي آڙ ۾ سندس هر ملڪ جي هر مخالف راءِ کي ڪميونسٽ، غدار قوم، وغيره نالا ڏئي دٻائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

ٻي طرف ڪميونسٽ نه صرف سرمائيدار ملڪن جي پاليسيءَ کي حقارت سان ڏسن ٿا، بلڪ سندن خاص راءِ سان اختلاف رکندڙ ڪميونسٽن کي سامراجين ۽ سرمائيدارن جا ايجنٽ، رويزنسٽ (بدعتي) مارڪسٽ (دقيانوسي) وغيره خطاب ڏئي تنگ ڪن ٿا. طبقي وار جنگ ۽ نفرت کي ڪن ڪميونسٽ ملڪن سندن بنيادي اُصولن ۾ داخل ڪيو آهي، روس وارن باهمي گفتگو، سمجهوتي ۽ ڪواگزسٽنس (رواداريءَ) جو آواز اٺاريو ته چين طرفان انهن تي لعنت ملامت شروع ٿي ويئي. پاڪستان به انهي مسموم هوائن کان بچي نه سگهيو آهي. اُنجو بنياد اسلام جي غلط تعبير تي نفرت جي آدار تي رکيو وڃي ٿو.

اول ۾ هندن جي نفرت سندن اسلح جو مُکيه اوزار هو، مسلم ليگي، غير ليگيءَ کي ملڪ دشمن سمجهي، بدنام ڪرڻ شروع ڪيو. آهستي ٿي هر مخالف راءِ رکندڙ کي ڪميونسٽ، دشمن جو ايجنٽ، صوبائي عصبيت، انتشار پسند، دهريو وغيره لقب ڏيئي، تنگ ڪرڻ شروع ڪيو ويو.

حالتون ايتري قدر وڃي بيٺيون آهن، جو ڪي پاڻ کي پاڪستان جي حفاظت ۽ پلائيءَ جو ٺيڪدار سڏائي، مخالفن کي پاڪستان جو دشمن سڏي رهيا آهن. مخالف راءِ جي ميٽنگن، تقريرن ۽ تحريرن تي پابندي وڌي وڃي ٿي.

اڄ ڪلهه چند ماڻهن جو اهو پيشو ٿي پيو آهي ته جيڪڏهن ڪو به ماڻهو بنگالي، پختون، سندي، بلوچي ۽ پنجابي حقن جي حفاظت جي ڳالهه ڪري ٿو ته ان کي انتشار پسند، صوبائي تعصب رکندڙ، اسلام دشمني ۽ پاڪستان جي مخالفت جي ڏوهن سان منسوب ڪري، ان کي سزا ڏني وڃي ٿي.

هيءَ ڳالهه خوشيءَ جو باعث آهي ته سنڌ جو باخبر گروهه، هاڻ مذهب جي غلط تشريح جي نالي ۾ ڏوڪي ڪائڻ کان آزاد ٿيندو وڃي. هڪ سنڌي نوجوان مسلمان گفتگو ڪندي، مونکي چيو ته هو هاڻ ان راءِ تي پهتو هو ته انهيءَ فاشسٽ خيال مذهب جي ٺيڪدارن جي خدا، رسول ۽ اسلام کي ٿو مڃي ۽ هنن کان سندن ڪرتوتن ڪري، اهڙو بيزار ٿي چڪو جو ساڳي جاءِ تي گڏجي رهڻ لاءِ تيار نه هو، پوءِ اها جاءِ

ڪٽي بهشت ۾ نه هجي. اهڙي سخت ڀالھ ٻڌڻ بعد، جڏهن ان جا سبب پڇيامانس تہ هيئيان جواب ڏنائين:

۱- سندس خدا جو تصور ربالعالمين هو ۽ مذهب جي دعويدارن جو خدا لاءِ تصور سندن گروهه وارن مسلمانن جو خدا هو. اهڙي خدا کي مڃڻ لاءِ هو کهڙي طرح تيار ٿي سگهي ٿو.

۲- هن جي تصور وارو رسول رحمت‌العامين هو ۽ انهيءَ طبقي جي ماڻهن جو تصور، رسول فسطائي خيال رکندڙ مسلمانن جي مخصوص گروهه جو ليڈر هو.

۳- هُن جي نقطہ نگاهه وارو اسلام اتحاد، امن ۽ ترقي انساني وارو مذهب هو، هن طبقي جو اسلامي تصور ملڪ ۾ نفرت ۽ نفاق ڦهلائي، سندس مستقل مفاد خاطر ننڍن صوبن ۽ قوميتن جا حق غصب ڪرڻ وارو هو.

منهنجي نظر ۾ اهڙا انتها پسنديءَ جا رايا پيدا ٿيڻ لاءِ هيئيون ڳالهيون ڪارڻ بنجن ٿيون:

۱- مذهب جي غلط تعبير.

۲- ڪن ماڻهن جو سندن نظرين ۽ گروهن جي مڪمل ۽ برتر هڻڻ جو اعتقاد.

۳- حڪومت ۾ دست رسي ۽ آبادي‌ءَ جي ڪثرت جو گهمنڊ.

۴- پيسي، تعليم، نوڪرين ۽ ڪارخانن تي تسلط جو ڪارڻ، دنيا ۾ ٻہ طاقتون هڪ ئي وقت اثرانداز آهن. هڪ محبت جي ۽ ٻي نفرت جي.

محبت کي، ڪشش (Integration) ملڪوتي قوت، قانون ارتقا (Law Of Integration) جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو.

نفرت (Power Of disintegration) نفاقي طاقت، شيطاني قوت (Satanic power) سڏجي ٿو.

حضرت عيسيٰ عليہ السلام ٻہ هزار ورهيه اڳ دنيا کي محبت جو پيغام ڏنو. اڪثر مغربي ملڪن جا رهاڪو ان جا پوئلڳ هڻڻ جي باوجود نفاق جي ڪري گذريل ٻن مهاڀاري لڙاين جا ڪارڻ بنيا.

هندو مذهب جي مُکيہ اُصولن ۾ هر ساهہ واري شيءَ کي مارڻ يا ڏکوئڻ پاپ آهي. پر انهيءَ انسائي ڏرم جا رکپال اڄ ڪلهہ جن سنگهي ۽ مهاسبائي بنجي پيا آهن، جن وٺ جانورن جي رکشا ٽيڪ آهي پر آزاد خيال هندو يا غير هندوءَ کي قتل ڪرڻ ثواب آهي. ايتري قدر جو مهاتما گانڌيءَ کي قتل ڪرڻ ٻہ ڪان نہ رهيا.

اسلام دنيا ۾ اتحاد ۾ امن جو پيغام ڪٽي آيو جنهن جو پيغامبر رحمت‌العامين هو جنهن کي جڏهن طائف ۾ اسلام جي تبليغ ڪندي، پٿر هٽي رت ڪيو ويو هو ۽ جڏهن سندس ساٿين انهن بي ادبن لاءِ بدعا ڪرڻ جي تقاضا ڪئي تہ پاڻ فرمايائون تہ اسان دنيا ۾ دُعا ڪرڻ لاءِ آيا آهيون نہ پٽڻ لاءِ. منهنجو درگاهالاهيءَ ۾ وري ٻہ عرض ٿيندو تہ هنن کي راہ هدايت نصيب ٿئي. اڄ ڪلهہ انهيءَ مذهب جا ڪيترا پوئلڳ نفرت ڦهلائڻ، تشدد جي ڪاروائين ڪرڻ، برتري ۽ بزرگيءَ جي بنياد تي پاڻ کي بهتر ڄاڻڻ، هر ان ماڻهوءَ کي جو سندن مستقل مفاد جي خلاف هجي نقصان پهچائڻ کي ثواب ٿا سمجهن.

اهڙين حالتن ۾ آڻون ان راءِ جو آهيان ته سنڌي ڪلچر واري مذهبي تشريح بنسبت مستقل مفاد جي وڌيڪ صلاحيت واري آهي. اها باوجود موجوده مشڪلاتن جي نيٺ عالمگير ڪلچر جو جزو بنجي برقرار رهندي ۽ مستقل مفاد جو ڪلچر باوجود ظاهري ۽ عارضي ڪاميابيءَ جي تاريخ جي فيصلي موجب ختم ٿي ويندو.

هزارين آيا هت سڪندر ۽ دارا،
ڪري ويا ڪجھ گھڙيءَ لاءِ پنھنجي رارا،
مري ويا سنڌ جا جيڪي ٿيا مارا،
آ زنده سنڌ ۾ سنڌڙيءَ جا پيارا،
ڇڏ آهي مرڻ کان سنڌ پياري
ٿيون قربان توتان سنڌ پياري
(حيدر)

سماجي زندگيءَ جا طريقا

(الف) کاڌو- لباس ۽ گھر (تمدن).
(ب) باهمي تعلقات ۽ رهڻيءَ ڪرڻيءَ جا طريقا.
(ٽ) سماجي دستور ۽ قاعدا.

انهن مان هر هڪ تي سنڌي ڪلچر جي خصوصيت بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.

کاڌو، لباس ۽ گھر (تمدن)

سڀ کان اول هيءَ ڳالھ سمجھي ڇڏڻ ضروري آهي ته جھڙي طرح دنيا جي هرشيءَ ترقي پذير ۽ تحرڪ ۾ آهي. اهڙيءَ طرح هر ملڪ ۽ قوم جو ڪلچر بہ منجمند نہ پر سدائين روبہ ترقي رهي ٿو.

سنڌ گھٽي وقت کان هر صديءَ ۾ ڌرتي جي ڏيڻ، سنڌونديءَ جي ڦيرين گھيرن، ہوڏن ۽ سوکن جي واقعات، آبپاشيءَ جي ذريعن جي پوري انتظام نہ ھڻڻ، بارش گھٽ پوڻ، اندروني ۽ بيروني حملہ آورن ڪري دنياوي ترقي ڪري نہ سگھي هئي، شهري زندگي منجهس چڊي هئي، ماڻهن جي گھٽي تعداد مال يا زراعت تي گذارو پي ڪيو. ان مقابلي ۾ دهلي، گجرات ۽ پنجاب جون حالتون مختلف هيون. بارش گھٽي، آبادي جام، خانبدوش زندگي گھٽ ھڻڻ ڪري، شهري زندگي گھٽي هئي. ان ڪري اتي جا رهاڪو آسودگيءَ ۾ سنڌين کان وڌيڪ هٿا. جنهن ڪري هر باهران آيل ماڻهو مشهور مثال وانگر "ولايت جي کير سنڌ ۾ مينا" شمار ٿيڻ لڳو. سنڌ جي مٿين طبقي جي اڪثر ماڻهن پاڻ وساري، ابنالوقتيءَ جي پاليسي اختيار ڪئي ٿي، ان ڳالھ کي شاھ لطيف محسوس ڪندي ۽ سنڌ جي اڪثريت کي خانہ بدوش ، بدو يانہ زندگي گذارينڌڙ، سمنڊ ۽ ڏنڊن جي ڪنارن تي رهندڙ، ڦهون ۽ مينهون چارينڌڙ، ڪٺا ۽

لويون پهريندڙ، ڏڻ ۽ پيرن تي ڳڏارو ڪندڙ، جهوپڙين ۾ رهندڙ ڏسي، صحيح جائزو وٺڻ بعد، ان زندگيءَ کي حقارت ڪرڻ جي عيوض فخر ڪرڻ جو سبق ڏنو.

ڪاڏي لاءِ چوي ٿو:

آٽين ۽ چاڙهين، ڏڻ ڏهاڙي سومرا،
سنبا ڪيو، سيد چوي، سائون سڪائين.
منجهان لُنبَ لطيف چوي، چانور ڪيو چاڙهين،
پلاه نه پاڙين، عمر! آراڙيءَ سين.

لباس لاءِ چوي ٿو:

سهسين سيبا ڪنجري، لوئي سين ليڑن.

وري چوي ٿو:

اسين تڻان آٽيون، جت ڪهنبو ناه،
جي وڃون ڪنهن وهاڻ، ته پڻ مڻ لوٽيون.

گهرن لاءِ چوي ٿو:

جت پُنگا، پٽُون، پيٽون، تت ڪونٽيون ٽيون ڪنون،
پائر سيءَ پسايو، وسي وڃڙين.

هن وقت حالتون ڪجهه بدلجي چڪيون آهن. بدويانه دور ختم ٿي زراعتي ۽ تجارتي دور شروع ٿيو آهي. ليڪن عوام جي حالت خاطرخواه نموني ڪانه سڌري آهي. خاص ۽ عام کي پنهنجي حالت آهر ڪاڏي، لباس ۽ جاءِ رهائش، ڀُونءَ ۾ تبديلي آڻڻ ضروري آهي. خانه بدوش يا چڙوچڙ گهرن کي چڏي، ڀُونائي زندگي اختيار ڪرڻي آهي، جتي تعليم، سلامتي، صحت، صفائي ۽ پاڻي وغيره جو انتظام ٿي سگهي. هروپرو هين جا محل ڏسي، پنهنجا پونگا نه ڌاهڻا آهن پر زماني جي ترقيءَ جي رفتار سان اسان کي پنهنجا طور طريقا بدلائڻا آهن. سادگي، صفائي، سٿائي ۽ سهڻائي مٿي ذڪر ڪيل ٻُنهي، تمدن جي ڀَاڱين ۾ اسان جو مطمع نگاه هجي.

باهمي تعلقات ۾ رهڻي ڪرڻيءَ جا طريقا

اُن جا مُکيه جزا هيٺيان شمار ڪيا وڃن ٿا:

(۱) شادي غميءَ جا رسم رواج.
(۲) قبيلائي ۽ مذهبي ڏڻ وار.
(۳) هڪ ٻي سان گڏجڻ ، ڪيڪار ۽ مجلس جا دستور.

(۴) ميلا ۽ انهن موقعن تي ماڻهن جي تفريح لاءِ وندرون.

ان ۾ هيءَ ڀاڱو ڏهن نشين ڪرڻي آهي ته جنهن صورت ۾ اسان سنڌ جي جملي رهاڪن کي بناتفريق مذهب، نسل ۽ اصل رهائش جي قوم ڪري مڃڻ جا قائل آهيون. ان ڪري هتي جي جملي رهاڪن، پوءِ اهي ڪٻي بلوچ، پٺان، پنجابي، مهاجر، هندو وغيره چونڊ هجن، کي هڪ بدن جا عضوا ڪري تسليم ڪرڻو اٿئون. آخر ۾ سڀني جا لباس، ڪاڏو ۽ گهرن جي جوڙجڪ، رهڻ جا طور طريقا، رسم ۽ رواج هڪ بنجڻا آهن. اوهان کي معلوم هوندو ته سنڌ ۾ ڪيئي نسل، زبانن، ڏندڪٿائن، رسم رواجن ۽ مذهبن جا ماڻهو رهندڙ آهن، پر هزار ورهين جي گذرڻ بعد هو گهڻي قدر هڪ ٻئي کي اهڙو ويجهو پٽجي ويا، جنهن جو مثال برصغير ۾ مشڪل ملي سگهندو.

مونکي معلوم آهي ته سنڌ ۾ تازو لکها ماڻهو جدا زبان، ڪلچر، طور طريقن ۽ رسم رواج جا آيل آهن، جن مان گهڻا ان طرفن کان آيل آهن، جن مرڪزي حڪومت جي نزديڪي، آسودگي وغيره سببن ڪري، بود باش جي طريقن، علم پيسي ۽ ڪن ٻين ڀاڱهين ۾ اسان جي ماڻهن کان وڌيڪ ترقي ياڦته آهن. موجوده حڪومت ۾ انهن کي وڌيڪ دست رسي آهي، ليڪن نظرياتي نقطي نگاهه ۾ اسان کان گهٽ آهن، هو گهڙي به ڪوشش، اسان کي پاڻ ۾ ضم ڪرڻ جي ڪن ۾ ڪامياب نه ٿيندا. اسان کي حالتن جو انداز و ڪري انهن سان تصادم ۾ نه اچڻ گهرجي، تاليف قلوب، حسن اخلاق، محبت جي ذريعن سان اسين ٿوري وقت کان پوءِ هڪ ٿي سگهون ٿا. سندن اردو زبان اسان کي ڪائي نه ويندي نه اسان ان کي ختم ڪرڻ گهرون ٿا. جهڙي طرح بلوچي، سرائڪي، ماروڙي ايتائين ڪيترا سندي گهرن ۾ ڀاڱهائين ٿا، اهڙيءَ طرح آهستي آهستي اهي به سنڌي سکي ويندا. گهرن ۾ سندن زبان صدين تائين قائم رهي ته ڪهڙو اعتراض آهي.

وطن زبان جي پاڙ آهي. اها زبان وطن کان پٽجي چڪي آهي. سرياني، سنسڪرت، لٽن زبانن جا مثال اسان وٽ موجود آهن. باوجود عالمن جي مدد ۽ حڪومتن جي سرپرستيءَ جي اهي گهڻي وقت تائين قائم رهي نه سگهيون. ان ڪري باوجود باهران آيل ماڻهن جي نفرت، احساس برتري، حاڪمانه ذهنيت جي اسان کي ميزبان جو رول ادا ڪري، انهن کي پاڻ ۾ سمائي هڪ ڪرڻو آهي، ان لاءِ ڏي وٺ لازمي ڀاڱهيون آهن. بنيادي ۽ اصولي ڀاڱهين کي ڇڏي، فروعي ڀاڱهين ۾ گهٽو ڪجهه ميلاپ ٿي سگهي ٿو.

شاديءَ غميءَ جا رسم رواج

مٽي مائٽيءَ ۾ تعلقات وڌائڻ کان عار نه هڻڻ گهرجي، اهڙن موقعن تي اڇ وڇ رکڻ گهرجي، اسان کي محبت سان سندن فخر ۽ نخوت کي ٽوڙڻ گهرجي.

(۲) مذهبي ڏڻ وارن ۽ مجلسن ۾ به هڪ ٻئي سان شريڪ ٿجي، سواءِ ڪٽر مذهبي ذهنيت وارن ماڻهن جي، انهن ۾ ڪيترا اهڙا به آهن، جن جي تعليم ساڳي چشمه فيض، مان ورتل آهي.

خواجه معين الدين اجميري رحه، خواجه قطب الدين ڪاڪي رحه، خوجه نظام

الدين رح، حضرت سرمد شهيد، بلاشاه، شاه باهو ، خواجه غلام فريد، حضرت غوث بهاوالحق سڀ وحدت الوجود جا حامي هئا. انهن کي سنڌ جي بزرگن جي درگاهن جي ميلن تي دعوت ڏني گهرائڻ گهرجي ۽ انهن جي صوفيانه مجلس ۾ شريڪ ٿجي.

هنن ملن جيڪڏهن ڪن جو رويو نفرت آميز ۽ متحڪمانه آهي ته پرواهه نه آهي پنهنجي خوداري قائم رکي، اسان:

" هو چون، تون م چئو ، واتان ورائي "

جي اُصول تي هلندي، وري گڏيل ڪلچر ۽ قوم بنائڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهون ٿا.

سماجي دستور ۽ قاعدا:

اُهي حالتن، وقتي تقاضا، معاشري جي ضرورتن پٽاندڙ نهن ٿا. اهي اسان کي پنهنجي چونڊيل نمائندن ذريعي نهرائڻا پوندا. هر هڪ ڀالهه صاف ڏهن ۾ وهارڻ گهرجي ته جتي به ۽ جو به مائهو انهن ڀالهين ۾ مذهب کي ٽپائي آڻي ته ان کان پلسو ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته اهو صرف ڏوکو آهي. دنيا جي موجوده عالمگير مذهبن جا دستور ۽ قاعدا اڄ ڪلهه جي معاشري ۾ سندن اهميت ۽ ضرورت وڃائي ويٺاآهن. تنهن ڪري جيڪو اها ڀالهه ڪري ان سان رابطو نه رکڻ گهرجي.

قومي ڪردار:

اها حقيقت آهي ته سنڌ جا رهاڪو گڏريل هزارن ورهن جي تجربي ۽ روايات سبب قومي ڪردار قائم ڪري چڪا آهن جنهن کي هو قيمتي ورثو سمجهن ٿا. ان تي قائم رهڻ کي هو زندگيءَ جو مڪمل فرض ڪري سمجهن ٿا. اها ڀالهه به ظاهر آهي ته جيئن اڪثريت مائهن جي علم کان بي بهره ، بزدل، خود مطلب، ابن الوقت ۽ قوم فروش ٿئي ٿي، تنهن ڪري سموري قوم جي ڪردار کي انهن جي معيار تي شمار ڪرڻ غلطي ٿيندي. شير ۽ باز ٿورا ٿيندا آهن ۽ انهن جو درجو ۽ ڏاڪو لومڙين ۽ ڪانگن تي هميشه قائم رهندو اچي.

جيتريقدر مون غور ڪري ڏٺو آهي سنڌي ڪلچر جا مڪمل ڪردار هيٺيان آهن:

(۱) حُب الوطني ۽ قوم پرستي.
(۲) پراپڪاري ۽ ايثار.
(۳) اهنسا.
(۴) رواداري ۽ بي تعصبي.
(۵) روايات جي حمايت ۽ غيرت.
(۶) آزاديءَ جي تمنا.
(۷) ڏاڍ جو مقابلو.

اهي ڀالهيون ڪهڙي طرح سنڌي ڪردار جو جُزو بنيل آهي، تنهن جو مثالن سان ذڪر ڪندس.

حُب الوطني ۽ قوم پرستي:

حُب الوطني سنڌي ڪردار جو مکيه جزو آهي ، جنهن ڪري ئي شاهه عبدالطيف ۽ ٻين سنڌي شاعرن مارئيءَ جي بيان ۾ ان جو نهايت عمده پيرائي ۾ ذڪر ڪيو آهي. سنڌ جا هندو جي ولايتن ۾ وڃي، پيسا ڪمائيندا هٿا سي سنڌ ۾ آڻي ، ان جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ ڪتب آڻيندا هٿا. هن وقت ۾ ڪيترا هندو جي لڏي ٻين ملڪن ۾ وڃي ويٺاآهن، سي وطن جي سڪ ۾ روئي رهيا آهن . دودي سومري جو سنڌ جي آزادي ، ناموس ۽ روايات لاءِ ڪُنبن سميت قربان ٿي وڃڻ ، دولهه درياخان جي پٽن سوڍي شهادت، شاهه بلاول جو گهاٽي ۾ پيڙجڻ ، وغيره ڀالهيون ثابت ڪن ٿيون ته حُب‌الوطني ۽ قوم پرستيءَ جو جذبو گهٽي وقت کان سنڌين جي ڪردار ۾ سمائجي ويو آهي. ڪجهه وقت اڳي بمبئي صوبي کان جدائيءَ جي تحريڪ لاءِ ڪوششون ۾ انهيءَ ڀالهه کي تقويت پهچائين ٿيون.

هن وقت جيڪڏهن ڪثرت تعداد ۾ عام خاص طبقي جي ماڻهن ۾ قومي شعور جي گهٽتائي آهي ته ان لاءِ جوابداري نوجوان گروه تي آهي ته هو ٻين نظرياتي ڦندن کان آجو ٿي، عام خاص ۾ حُب الوطني ۽ قومپرستيءَ جو جذبو پيدا ڪري نه سگهيا آهن، ڪي شاعر ۽ اديب ان ڏس ۾ چڱو ڪم ڪري رهيا آهن.

هيءَ ڀالهه صاف ذهن نشين ڪرڻ گهرجي، ته مذهبي تعصب ۽ حب الوطني يا قوم پرستي ٻئي هڪ ٻئي جو ضد آهن، ٻه گدرا هڪ مَٽ ۾ اچي نه سگهندا نه وري ٻه تلوارون هڪ ميان ۾ نهي سگهنديون .

پراپڪاري ۽ ايثار:

سنڌي ڪردار جو قرباني ۽ ٻين جي نفعي جو خيال رکڻ ۾ هڪ مُکيه گُڻ آهي.

مومل جو راڻي لاءِ راتيون وهائي، ڏينهن ڪرڻ ۽ آخر ۾ پاڻ قربان ڪرڻ، سهڻيءَ جو ميهار لاءِ اونداهين راتين ۾ درياه ۾ تري وڃڻ ۽ آخر انهيءَ راهه ۾ ٻُڏي مرڻ، مارئيءَ جو مارن لاءِ عمرڪوٽ جي بنگلن، محلن ، ست رڇين طعامن، پٽ پٽيهرن جي پرواهه نه ڪرڻ، سسئيءَ جو پنهون لاءِ جهنگ جبل جهاڳڻ انهيءَ صفت جا جزا آهن.

ڪمانترازيءَ ۾ پاڻ کي مسڪين بنائي چڏڻ ، سامن لاءِ سر ڏيڻ ، سون تي سيڻ مڙڻ، اُهي سڀ ڀالهيون ان جي گڏجي شهادت ڏين ٿيون .

ان حقيقت کان انڪار ڪري ٿو سگهجي، ته ملڪ ۾ خود مطلب، بخيل، قوم فروش يا بي همت ۽ گهٽا آهن. بلڪ ڪٽي ڇڏجي ته انهن جي ڪثرت آهي ته صحيح ٿيندو. پر شاعرن، اديبن جو قربانيءَ جي صفت کي ساراهڻ ۽ تاريخ جا ڪيترا مثال ان ڀالهه جي دلالت تا ڪن ته اها صفت سنڌين ۾ عدم موجود نه آهي، صرف ان کي وڌائڻ

جي ضرورت آهي. زمين زرخيز آهي، صرف آبياريءَ جي ضرورت آهي. اسان کي شاهين طبقي جي خود مطلبي، عوام جي غير اتفاقيءَ کان مايوس ٿيڻ نه گهرجي. ان ڏس ۾ صحيح تعليم، تربيت ۽ مثالن قائم ڪرڻ سان گهڻو ڪجهه ٿي سگهي ٿو.

اهنسا - عدم تشدد :

سنڌي عام طور ڪم آزار، جهيڙي کي حتي الامڪان ٽارڻ جا عادي پيي رهيا آهن. ايتريقدر جو سندن مخالفن اهو نتيجو پي ڪڍيو آهي، ته هو بزدل ۽ بي همت آهن. پر بنيادي طرح سيني سنڌين لاءِ اهو گمان سائن نا انصافي ٿيندي. اهو مدار رکي ٿو نقطي نگاهه تي، ته سندن اهڙي طبيعت کي شرافت ۽ امن پسندي چئجي يا بزدلي ۽ بي همتي.

ڪيترا ماڻهو واقعي بزدل ۽ بي همت بہ آهن، پر انهن جي آڏار تي ساري قوم بزدل سمجهڻ بي انصافي ٿيندي. تشدد جا حامي سندن جوانمرادي ۽ عارضي ڪاميابين تي ڪٽي ڪيترو بہ فخر ڪن، پر ديرپا ۽ آخري ڪاميابي عدم تشدد ۾ ڇپيل آهي.

شاهه سائين فرمائي ٿو ته،

صبر جنين سير، تير نه ڪُسي تن جوا

پر اسان جي عالمن، اديبن ۽ ڪارڪنن کي ، اهنسا ۽ بزدليءَ ۾ تفاوت معلوم ڪرڻ ضروري آهي .

اهنسا ان کي چئجي، جو سرندي ٻُري وڃجي، خواهمخواهجهيڙو نه ڪجي، اختلاف جو فيصلو باهمي سمجهوتي سان ڪرڻ کي ترجيح ڏجي.ناحق جو مُقابلو اهنسائي طريقن سان ڪجي، ڏاڍي اڻيان سڄ چوڻ جي جرئت رکجي.

بزدلي اها ڳالهه آهي جو ڏاڍي کي ناحق تي ڏسي ان جي خوشامد ۽ تابعداري ڪجي، شخصي يا گروهي نفع لاءِ مجموعي نفعي کي قربان ڪجي، سڄ چوڻ کان چرڪجي، ملڪ، قوم جي ناموس آزاديءَ ۽ ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽون ڏسي خوف کان مُقابلي ڪرڻ کان پاسو ڪجي. اهنسا ڪمزوريءَ جو نشان نه آهي بلڪ اعلي همت جو مظاهرو آهي. زندگيءَ ۾ آزادي، امن ۽ ترقيءَ لاءِ جدوجهد لازمي آهي، پر طريقي ڪار جو تفاوت آهي. هڪڙا تشدد کي طريقي ڪار بڻائين ٿا، ٻياعدم تشدد (اهنسا) کي . پهريون بدامنيءَ جو باعث بڻجي ٿو، ٻيو آخر ڪار امن آڻي ٿو.

رواداري ۽ بي تعصبي:

رواداري ۽ بي تعصبي سنڌين جو مُکيہ اُصول رهيو آهي.شاهه صاحب هندو راجائن ۽ سورهين جهڙوڪ سورٺ، راءِ ڏياچ، مومل ۽ راڻو، عمر ۽ مارئي، ليلا چنيسر، سسئي پنهون، وغيره جا قصا بيان ڪري، بي تعصبي جو پورو ثبوت ڏنو آهي.

ازانسواءِ سچل سرمست رحہ، روحل فقير ، بيدل وغيرہ. سندن ڪلام ۾ جنهن فراخ دلي ۽ همہ اوستي جو مثال پيش ڪيو آهي، اهڙو ٻي هنڌ ملڻ مشڪل ٿيندو. هو نظريہ همہ اوست کي مڃڻ ڪري دوئي دور ڪري چڪا هٿا.

منجهانئن پنڊت ۽ ملا جا مذهبن جي نالي ۾ پيدا ڪيل فرق گم ٿي ويا هٿا، جنهن ڳالهہ کين باوجود جدا مذهبن جي نزديڪ ڪري ڇڏيو هو. آئينديءَ ۾ انسان کي انهيءَ نقطي نگاهہ کان هر مسئلي تي هلڻو پوندو. جيڪڏهن انسان غير مذهب سان هڪ ٿي سگهون ٿا، تہ ساڳي مذهب وارن سان ڇو نہ ۽ ميلاپ سان ملڻ ۾ ڪهڙي تڪليف ٿيندي سون.؟ البت هيءَ ڳالهہ ذهن ۾ وهارڻي پوندي تہ تعصب ۽ رواداري ٻئي متضاد ڳالهيون آهن . جتي محبت هوندي، اُتي تعصب پيدا ٿي ڪين سگهندو. جن ڏرين ۾ تعصب هوندو، انهن کان رواداريءَ جي اُميد رکڻ اجائي آهي. رواداري سخاوت آهي، تعصب بخل آهي. جو امن ۽ سلامتيءَ تي پيغمبر خدا جي چوڻ مطابق ، ڪوبہ بخيل رسي نہ سگهندو ، پوءِ ڪٿي هو زاهد برو بحر هوندو .

روايات جي حمايت ۽ غيرت:

سنڌين ۾ قديم روايات جو لحاظ حد درجي جو آهي. دودي سومري جو پيڙ جو سنگ ڏيڻ ۽ ٻاهرين جي حڪم مڃڻ کان قبلي سوڏو قربان ٿيڻ زياده پسند ڪيو. سنڌ جا اڪثر رهاڪو مسلمان آهن، پر قديم روايات جو لحاظ رکندي، اڪثر ماڻهو قبيلي کان ٻاهر سڳاوتي ڪرڻ کي عيب سمجهن ٿا. لوئيءَ جي لڄ رکڻ، سون خاطر سيڻ نہ مڙڻ، سندن مڪيہ متا آهن. هن زماني ۾ بہ ايجا ڪاري ڪاريءَ جو دستور ۽ انتقام وٺڻ جو رواج ڪيترن جاين تي مروج آهي. جيترا خون خرابيون پنهن جي عزت ۽ غيرت جي تقاضا ڪري هتي ٿيندڙ آهن، اوترا ٻئي ڪنهن هنڌ ڇڙا ٿيندا هوندا. پر اها قوت ۽ غيرت صحيح ۽ فروعي ڳالهين تي صرف ڪئي وڃي. ڪاش اسانجا قومي ڪارڪن انهي جذبي غيرت کي ملڪ جي آزادي، زبان جي ترقي ، مجموعي حقن جي حفاظت لاءِ چروچڙ طور صرف ڪرڻ جي عيوض، مجموعي طور ڪتب آڻڻ لاءِ جلد ترتيب ڏئي، انهيءَ عظيم ورثي کي وڏين ڳالهين طرف صرف ڪرائين تہ سنڌي قوم جي بلند ۽ برتر ٿيڻ ۾ ويرم ٿي نہ لڳي.

آزادي جي تمنا:

سنڌ جي هزارن ورهين جي تاريخ شاهد آهي تہ جيڪڏهن هو ڪنهن وقت ڌارين جي تسلط ۾ اچي ويا آهن، تہ سدائين سندن خواهش ڪوٽن جي ڪيرائڻ ۽ آزاديءَ جي هوا ماڻڻ طرف مائل پئي رهي آهي. راجا ڏاهر کان عربن حڪومت کسي ۽ هو ڪجهہ وقت ڌارين جي تسلط هيٺ رهيا. وري سومرن، سمن جي ڏينهن ۾ هو آزادي حاصل ڪري ويا. وري مغلن جي زير اثر رهڻ بعد ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي ڏينهن ۾ پاڻ پرا ٿيا. ان کان پوءِ انگريزن جي هٿ هيٺ رهي، ٿوري عرصي لاءِ آزاد ٿي ، هاڻ وري مغربي پاڪستان جي زير تسلط ٿي ويا آهن. سندن ڪلاسيڪل شاعرن جي مارئي جي

قصي بيان ڪرڻ ۾ آزاديءَ جي خواهش، دودي سومري جي ساراه جا قصاڳائڻ، جديد شاعرن ۽ افسانه نويس، اديبن جي قوم پرستي، حب الوطني ۽ آزاديءَ جي جذبي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش، سڀ سندن ان جذبي جي شهادت ڏين ٿيون. ليڪن هيءَ ڳالهه صاف ڏهن ۾ وهارڻ جي لائق آهي ته خواهش علحده شيءَ آهي ۽ آزاديءَ جو حصول علحده آهي.

ڪاب قوم ۽ ملڪ آزادي حاصل ڪرڻ جي لائق تڏهن ٿي سگهي ٿو، جيستائين ڪ ان جي ٻچي ٻچي ۾ حب الوطني، قوم پرستي، ايثار ۽ قرباني جو جذبو پرجي نه ويو آهي. انگريزيءَ ۾ مثال ته "هڪ هنس جي موجودگيءَ ڪري اونهاري جو اچڻ شمار ڪري ٿو سگهجي." جتي لکها ماڻهو خودمطلبيءَ جي مرض ۾ گرفتار ٿي پيا آهن، جتي لکها ماڻهو بزدليءَ جي صفت سان پريل هجن، ۽ جنهن ملڪ ۾ قرباني جي وٺ ان ۾ هجي، اتي صرف آزادي جي تمنا رکڻ مان ڪجهه هڏ حاصل ٿيڻ جي اميد بيڪار آهي. شاهه سائين اهڙي حالت لاءِ فرمائي ٿو:

هيڪ نه هوندو جن، سي ڪيئن وندر ويندیون،
وهو وچ رهن، سهسين سڏن واريون.

وري چوي ٿو ته:

ويڻي وڙ نه پون، سٽي ملن نه سڀرين،
سي مر رويو رون، جن مسافر سڀرين.

ڏاڍ جو مقابلو:

ڏاڍ جي مقابلي مان منهنجي اها مراد آهي ته جڏهن ڪنهن شخص، گروهه يا قوم ڪي سندس بي وسي، ڪمزوري، وسائل جي گهٽتائي، تعداد جي ٿورائيءَ جو پتو هجي ۽ مخالف جي قوت، هر طرح جي وسيلن جي گهڻائي، تعداد جي ڪثرت، جنگجو ڏهنيت، جوان مردیءَ جو پتو هجي، پوءِ به لوٽيءَ جي لچ يعني قومي روايات جي حفاظت، قوم جي ناموس ۽ عزت، سچ جي آواز بلند ڪرڻ لاءِ جاڻي واڻي مقابلو ڪري، قربان ٿي وڃي، ان کي اڪثري سنت حسيني، سڏيو وڃي ٿو. ان صفت کان اسان جو ڪلچر خالي نه رهيو آهي. دودي سومري جي ٻن هزار بي سرو سامان ماڻهن جو دهليءَ جي شهنشاهه جي ساڻو سامان سان ٢٠ ڪان ٣٠ هزار منظم فوج سان مقابلو، ان جو مڪمل مثال آهي. دولهه دريا خان جو سندس جام جي ڇڄي وڃڻ بعد مقابلو ڪري پٽن سميت شهادت حاصل ڪرڻ، شاهه بلاول عليه جي اصولن خاطر گهاٽي ۾ پيڙجڻ کان نه ڊڄڻ، شاهه عنايت عليه جو حق جي ڪلمي چوڻ سان يار جي قدمن ۾ سر فدا ڪرڻ، ميرشير محمد خان جو مڪمل حڪومت جي شڪست ۽ خيرپور جي ميرن جي تابعداري مڃڻ جي باوجود به ڏهي جي ميدان ۾ جنگ ڪرڻ بعد شڪست کان پوءِ به ورهين

جا ورهيه جلاوطنيءَ ۾ رهڻ، هوشو شيدي، هيمون ڪالاڻي وغيره جا مثال ڏيڪارين ٿا ته ان ڪردار کان اسان جا ماڻهو خالي نه آهن. شاهه سائين اهڙي مواد جي ملڪ ۾ ڪمي نه ڏسي فرمايو آهي ته،

اڇيان اڏين وڃ، پوين سر سنباهيا،
ڪات ته پوين قبول ۾، مڃ پائين گهڙ،
مٿا مَهاين جا، پيا نه ڏسين پڙ،
ڪلاڪي هڙ، ڪَسڻ جو ڪوڙ وهي!

سر جدا، ڏڙ ڏار، دوگ جن جا ديگ ۾،
سي مرڪن پچار، حاضر جني هڙ ۾.

سنڌي آرٽ:

آڻون مڙ ڪلچر جي معنيٰ ۽ ترڪيبي اجزا ۾ ٻڌائي آيو آهيان ته آرٽ جي هڪ حصي جو فلسفه حيات، نفسيات ۽ مذهبي عقيدن سان واسطو رهي ٿو، ۽ ٻئي جو ادب ۽ فن لطيف سان ٿئي ٿو. پهرين جو ذڪر نظرين ۽ مذهبي عقيدن جي احوال ۾ ڪري آيو آهيان. هتي آڻون ٻئي پاڳي تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪندس، ان کي هيٺين ٻن پاڳن ۾ ورهائي بيان ڪندس.

(الف) ادب.

(ب) فن لطيف.

ادب:

هر ملڪ جي رهاڪن وٽ هڪ ٻئي سان تعلقات قائم رکڻ، خيالن جي ڏي وٺ، جذبن جي اظهار لاءِ هڪ عام ٻولي هوندي آهي. اها ٻولي پنهنجي ابتدائي زماني ۾ خام ۽ ان پوري هوندي آهي، ليڪن وقت گذرڻ ۽ ماڻهن جي ترقي ڪرڻ سان زبان، ڪهاڻين، پهاڪن، شعرن، افسانن ۽ علمي ڳالهين جو وڏو ذخيرو ڪٺو ٿئي ٿو، جنهن جي مجموعي تي ان ٻوليءَ جو ادب يا ساهت سڏيو وڃي ٿو. ساڳئي وطن ۾ رهي هڪ زبان ڳالهائڻ ۾ هڪ ٻئي سان تعلقات قائم رکڻ وسيلي ماڻهن ۾ هم جنسيت جو مادو ٿي، منجهن ڪلچر پيدا ٿئي ٿو. جو قوم بنجڻ لاءِ مکيه مواد پيدا ڪري ٿو.

هر قوم جي ڪلچر يا سڀيتا جو ذخيرو، سندن ادب ذريعي محفوظ رهي ٿو. ڪوبه ماڻهن جو مجموعو زبان ۽ ڪلچر کانسواءِ قوم بنجي نٿوسگهي. ساڳي طرح ڪا زبان ۽ ادب قوم جي وجود کان علحده رهي نٿا سگهن. دنيا جو هر ڪم ڪو نه ڪو مقصد ۽ مراد رکي ٿو. خود ڪائنات جي پيدائش ڪنهن مقصد ۽ مراد کانسواءِ نه آهي. قرآن ۾ آهي "ماخلقت هاذا باطلا" معني "ڇا هي سارو ماندان مقصد کانسواءِ پيدا ڪيو ويو آهي." ادب انهيءَ عام قانون کان جدا ٿي نٿو سگهي.

عام طرح ادب جا ٻه رجحان رهيا آهن،

هڪ تفريح طبعي لاءِ، ٻيو قومي ترقيءَ لاءِ:

جذبات ۽ اُصولن جو مواد ميسر ڪرڻ واسطي ٻنهي قسم جي ادبن جي ضرورت آهي، پر ڏسڻو آهي ته ترجيح ڪنهن کي ڏني وڃي ٿي. سنڌي ادب تي نظر ڪندا سون ته اسان جي شاعرن ۽ اديبن، پوئين قسم جي ادب ڏي خاص توجه ڏنو آهي. مولانا روم فرمايو آهي ته،

خوشتران باشد که سر دلبران، گفته آيد درحديث ديگران.

معني "بهترين طريقو حقيقي ڳالهين جي اظهار ڪرڻ جو اُهوئي آهي ته ٻين جي قسن ۽ ڪهاڻين کي تشبيهن طور پيش ڪيو وڃي." شاهه لطيف، سچل سر مست، روحل فقير، بيدل وغيره جملي شاعرن اعليٰ سلوڪ جون ڳالهيون، سرويچي، قرباني، حب الوطني، قوم پرستي، مشڪلات کي منهن ڏيڻ، قومي روايات قائم رکڻ، سادگي، سچائي، قومي غيرت، آزاديءَ جي خواهش، اتحاد انساني، امن وغيره جي ڳالهين کي سهڻي، سسئي، مومل راڻي، ليلا چنيسر، هير رانجهي، جام تماچي وغيره جي ڪهاڻين ۾ بيان ڪيو آهي. اسان جي اصل شاعرن مان جن کي اسان ڪلاسيڪي شاعر سڏي سگهون ٿا، ڪنهن به ان طريقي کي نه چڏيو. ليڪن ڪجه وقت کان اهڙو به رجحان پيدا ٿيو، جنهن ۾ اردو ۽ فارسيءَ جي غزل واري دور جو تتبع ڪري، هتي به شاعرن دماغي عياشيءَ لاءِ گل، بلبل، يار جي زلفن، ناز انداز کي سڀ ڪجه سمجهي. ان طرف توجه ڪيو. ٻيو وري ديون، پرين، بادشاهن وغيره جي قصن سان ادب کي پري چڏيو.

پر وري شڪر آهي ته هڪ گروهه پيدا ٿيو آهي، جنهن ادب کي ٽئين سر وقتي ضرورتن، قوم پرستي، سماجي سڌاري، اخلاقي درستي، جذبه آزادي ۽ جديد ترقي پسند خيالن سان معمور ڪرڻ شوع ڪيو آهي. ابتدا ۾ البت انهن جي ساڙ سڙين ڪُڙ فرقي پرستن، رجعت پسند لکندڙن ۽ شاعرن طرفان مخالفت ٿيندي، پر آخر اهي ڳڻون جي مٽين ڏندن وانگر ختم ٿي ويندا. مندائتن مينهن جي موسم ايندي، گل ڦل نڪري گلزاريون ٿيندين، ڏُکاريا ڏيڻ مان نڪري ويندا. موذي مرندا، سائيڊ ۾ سُکار ٿيندو. جيڪڏهن اڄ اياز، جمال، نياز، امداد، گدائي ۽ ابراهيم منشي وغيره جهڙن محب وطن اديبن جي پوري طرح سڃاڻپ نه ٿي آهي ته مون کي اهو ڏينهن پري ناهي جو ڏسڻ ۾ اچي ته سند ۾ انهن جو آواز اٿي ڪڙو ٿيندو ۽ رجعت پسند ڪيڙا مڪوڙا ختم ٿي ويندا.

پر اهو ڪم اهڙو سولو نه آهي جهڙو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جملي شاگردن، ماسترن، پروفيسرن، عالمن، اهل علمن ۽ صاحب ذوق مائهن کي هڙان وڙان ڪوشش ڪري، ان ادب جي وڌائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻي پوندي. اسان جو موجوده ادب بمقابلہ اردو ۽ بنگالي جي گهڻو پوئتي پيل آهي.

سَڏائتي سڀ ڪا، بُک نه باسي ڪا،
جيهيءَ تيهيءَ ذات جي، جنبش ڪانهي جا،
مون سين هلي سا، جا جيءُ مِڻو نه ڪري!

جڏهن سُتيون جي، پٽر پيرَ ڊِگها ڪري،
تڏهن تنين کي، ساڻ سُتيئي چڏيوا

هيءَ ڳالهه ذهن نشين ڪرڻ جي لائق آهي، ته مُلا جي تشريح وارو مذهب ترقيءَ جي هر راه ۾ وڏي رنڊڪ آهي، ترقي پسند ادب جو پهريون فرض اهو آهي ته ان نلسور جي جراحي ڪري پاڻ پُڄجي.

آرٽ جي ٻئي پاڳي ۾ ۱- راڳ، ۲- ساز، ۳- ڊراما، ۴- رقص، ۵- سٹو لباس، ۶-عمده طعام، ۷- هنر، ۸- فن تعمير، ۹- راندیون، ۱۰- مصوري ۽ نقاشي وغيره اچي وڃن ٿا.

انهي راه ۾ سنڌين وٽ ڪجھ ذخيرو موجود آهي، پر اهو ڪافي نه آهي جو زماني جي ترقيءَ سان ساڻ ڏئي، هر فن ۾ اسان کي اڳتي وڌڻو آهي.

۱ - راگ:

انهيءَ سلسلي ۾ اسان هندوستاني راگ ودیا جي پوئلڳي ڪندي، ابتدا ۾ ڪجھ قدم ڪنيا ۽ ٻه نئي راڳڻيون ايجاد ڪيون، جهڙوڪ ڪوهياري، راڻو، سنڌي پيروي وغيره. پر ڪٽر فرقي پرستن تي خدا جي مار پوي، جن راگ کي، جو روح جي راحت آهي، گناه ظاهر ڪري ماڻهن کي انهن کان منع ڪئي، جيتوڻيڪ هو مولود، مداحون مناسب سرن سان چوندا رهيا.

هاڻ وقت آيو آهي ته اسان جا نوجوان مشرق ۽ مغرب جي راگ مان واقفيت پرائي، پنهنجي مڪاني راگ کي ترقي ونائين. ڪو دور هو جو ڪي خاندان، ان فن جي حوصلي افزائي ڪندا هٿا. هاڻ انهن مان ڪي ٿورا وڃي رهيا آهن. ان جي واڌاري لاءِ اسڪول کولڻ گهرجن، جماعتون ناهي انهن کي هلائڻ گهرجي، راگ جي ماهرن جي گذرمعاش لاءِ انتظام هٿ گهرجي. درگاهن جا ميلا، ادبي مجلسون، اسڪولن ۽ ڪاليجن جا فنڪشن اهڙي ڪم لاءِ ڪارآمد ٿي سگهن ٿا.

۲ - ساز:

سنڌ کي پنهنجا قديم ساز آهن، جهڙوڪ يڪتارو، گهڙو، نڙ، سُرندو، بينسري، دهل، ڊولڪ، ڪڙتالون، طنبورو، گهنگهرو، دنبورو وغيره. پاڻ انهن ۾ بين، طبلي، ستار، ڪلارونيٽ، الگوزا، هارمونيم وغيره جو اضافو ٿيندو وڃي. پر اسان کي دنيا جي مختلف سازن مان گهربل مواد حاصل ڪري پنهنجي سازن کي سڌارڻ لاءِ کوشش ڪرڻ گهرجي. پارٽ، ايران، عرب، اسپين، مصر، انڊي يا ٻين مغربي ملڪن جي لئي، ڏنن، تارن، نغمن، گرن، طرزن ۽ نوٽ ٽيل ڏنن مان سبق سکڻ گهرجي. براڊ ڪاسٽنگ اسٽيشنيون، سئنيمائن جا اسٽوڊيوز، ڪي ماهر ۽ استاد انهيءَ راه ۾ ڪم ڪري رهيا آهن، پر جهڙي طرح اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ علم پڙهي ڊگريون ونجن ٿيون، اهڙي طرح راگ ۽ ساز جي سيکارڻ لاءِ

ادارا کولڻ جي ضرورت آهي.

٣ - ڊراما:

ڪو وقت هو جو اسڪولن ۾ ڊراما ٿيندا هئا، شهرن ۾ ٿيٽر هوندا هئا، ڪوٺن ۾ پڳٽ، مسخرا انهيءَ فن کي زنده رکيو آيا. پر هاڻ سنڌ ۾ ان تفريحن اهو فن ختم ٿي چڪو آهي. سوسائٽيءَ جي اخلاقي درستي، تفريح، روح جي راحت ۽ ترتيب لاءِ ان فن جي نئين سر زنده ڪرڻ جي ضرورت آهي. سڀني ماڻهن ان راه ۾ ڪجھ ڪمي پوري ڪري رهيون آهن، ته ڪجھ ان فن کي ڏڪ هنيو اٿن. پر جيڪي ڪجھ ٿيو آهي، يا ٿئي پيو ان کي خاص مقصدن ۽ مرادن لاءِ سڌارڻ گهرجي. ان کانسواءِ اهي سڀ واندڪائيءَ جي وندر کان مٿي ڪو اعليٰ قومي مقصد حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڏئي نه ٿا سگهن . نوجوان مردن ۽ زالن کي ان ۾ دلچسپي وٺڻ گهرجي، ۽ ان کي عياشي ۽ تفريح طبعي جي مقصد لاءِ ڪتب آڻڻ ڪري، قومي اخلاق سڌرڻ بدران بگڙندا. ان ڪري فلمن ۽ ٿيٽرن لاءِ اهل علم، صاحب اخلاق، سماج سڌارڪن کي هٿ ۾ کڻڻ گهرجي، نه ڪ اوباش ۽ آواره پيشه وارن ماڻهن کي.

۴ - رقص:

مولا مار وجهي ڪنڌ مذهبي ماڻهن ۽ فحش ڪلاس رقاصن تي، جن ان نهايت اعليٰ فن جي عزت گهٽائي، مهٿي هاب ڪري ڇڏيو آهي. اڄي وقت ۾ عيدن جي موقعن تي سماع، قلندر جي درگاهه تي ڏمال، صوفي ۽ پڳٽن جو چيريون پائي نچڻ، ڏونڪا ، جهمريون وغيره سڀ رقص جائسم هئا. پر آهستي آهستي ٿي اُهي سڀ ختم ٿيندا وڃن ٿا.

هندوستان جو ڪلڪتي، مانيپوري رقص، مغرب جا ڪيترا جدا رقصن جا طريقا ۽ مڪاني پرائا لوڪ ڊانس (ڪوناڻا ناچ) سڌاري، وڌائي، گهٽو ڪجھ ڪري سگهجي ٿو.

ان لاءِ بہ راڳ ۽ ساز سان گڏ ان جي تربيت تعليم ۽ ترقيءَ لاءِ اسڪول ۽ ادارا کولڻ گهرجن.

رقص وجد جي حالت آهي، جنهن ۾ جانور، پکي، ماڻهو موج ۾ اچي، خوشيءَ جي انتهائي درجي کي پهچن ٿا. اهل تصوف ۽ فيلسوفن ان کي آرٽ ۾ وڌو درجو ڏنو آهي. هن جو چوڻ آهي ته زندگي خود هڪ وڏو رقص آهي. جنهن کي جيترو خوش اسلوبيءَ سان ادا ڪبو اوترو سبحاني ٿيندي.

۵ - سٹو لباس.

خدا حَسين آهي، هو حُسن کي پسند ڪري ٿو. جانور ۽ ماڻهوءَ ۾ اهو تفاوت آهي ته هڪ اگهاڙو آهي، ٻيو لباس وارو. هر ملڪ ۽ قوم ۾ لباس جا قسم آب هوا، قديم روايات وغيره ڪري نرالا ٿين ٿا . جيئن معاشرو ترقي ڪندو وڃي ٿو ته لباس ۾ تبديلي ۽ ترقي لازمي آهي. سنڌ جو پرت، رليون ناهڻ ، غاليچا، اجرڪ، چر، ڪيس

ناهڻ، لونگي، گريبان، وغيره جو ڪم پنهنجو مٽ پاڻ آهن. سنڌ جي مردانہ لباس ۾ سٽڻ، گوڏ، چولو، پهراڻ، قميص، انگوچو، پٽڪا، ٽوپيون، ٽوپ ۽ جتيون پنهنجي خصوصيت رکن ٿا.

اهڙيءَ طرح انهن جي لباس ۾ شلوارون چوڑين واريون، اُن کانسواءِ پتلونون، پَڑا، گهاگهرا، گگها چولا، گج، ڪنجريون، ۽ مختلف زيور خاص خصوصيت رکن ٿا. وقت آيو آهي تہ اسان انهن کي ترقي ونائي، جديد تقاضائن ۽ دستورن جي مقابلي ۾ پيش ڪريون. زنانن اسکولن ۾ انهن جي تعليم ۽ تربيت ضروري آهي.

٦ - طعام:

سٽو، صحت بخش ، زود هضم ۽ عمدو طعام تهذيب جو مُکيہ جُزو آهي. سنڌ جي عام ماڻهن جو کاڌو چانور، کير، مکڻ، ڏڌ، جوار، باجهري ۽ ڪڪ جي مانيء، مڇي، گوشت وغيره آهن. ميرن جي دور حڪومت ۾ خاندانن ۾ مغلياڻي، بلوچي ۽ سنڌي قسم جا طعام زيب دسترخوان هوندا هٿا. هن وقت انگريزي طرز جو طعام پيو مروج ٿيندو وڃي پر اسان جا ماڻهو طعام جي نقطہ نگاہ کان گهٽو ٿي پوئتي پيل آهن ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ اسکولن ۾ چوڪرين کي يا جدا طعام جي اسکولن ۾ بورچين کي تعليم تربيت ڏٽي، مغربي مشرقي قسم جي طعام کي سکي، روزمره جي زندگيءَ جو حصو بنايو وڃي. ان ڏس ۾ باوجود خانگي ڪوشش جي حڪومت يا جماعت طرفان ڪاڻ خاطر خواہ ڪوشش ڪانہ ڪئي ويئي آهي.

٧ - هنر:

سنڌ جا قديم دستڪاريءَ جا هنر چڱا ترقي يافتہ هٿا، پر هاڻ آهستي آهستي ٿي انهن جي همت افزائي نہ هٽڻ ڪري گهٽبا وڃن. ڪاشيءَ جو ڪم، جنڊيءَ جون شيون، چمڙي جي دهن ۾ ۽ ٻين شين تي نقاشيءَ جو هنر، دهڪيون، وڇا، چلمون، فراسيون، موڙا وغيره خاص طرح مشهور آهن، جن مان ڪي گهٽبا وڃن. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ نہ رڳو اڳوٽن هنرن کي زنده ڪري، ترقي ونائي وڃي، پر نون دستڪاري ۽ مڪاني هنرن کي مروج ڪيو وڃي .

ان لاءِ ڪجھ سرڪار جي طرفان ڪوشش ٿي رهي آهي. ليڪن سماجي ڪارڪنن جو توجھ ان طرف هٽڻ گهرجي. جيئن اسان جي ڳوناڻن ماڻهن جي گذر معاش جو واڌارو هڪ طرف ٿئي ۽ سنڌ جا هنر ٻئي طرف درست ٿين. پر تاريخ جي مطالعي مان ڪيئي اهڙا مثال ملڻ ٿا، جن مان معلوم ٿيو ٿي تہ جڏهن ڪن قومن ۽ ملڪن تي ٻاهرين حملي آورن جو سياسي تسلط قائم ٿيو هو. جن مڪاني قومن کي تباہ ڪرڻ ۾ ڪابہ ڪوتاهي نہ ڪئي هئي تہ بعضي حالتن ۾ اهي ملڪ ۽ قومون انهن مشڪلاتن مان نڪري پار پيون هيون. بشرطيڪ انهن قومن پنهنجا ٻيا قومي ورثا زبان، ڪلچر، قومي ڪردار سلامت رکيا هٿا. اهڙين قومن جي وري زنده ٿيڻ جا مثال تاريخ مان ملي سگهيا ٿي. تنهن ڪري اسان جون حالتون هرپرو نا اميديءَ جهڙيون نہ هيون.

اُهو تاريخي واقعو آهي تہ رومي سامراجين يونانين تي حملہ آور ٿي انهن جو

سياسي اقتدار ختم ڪري پنهنجي ماتحت ڪيو هو. ليڪن يونانين سندن زبان ۽ ڪلچر قائم رکڻ ڪري مورڳو رومين ڪلچر ۽ زبان تي پنهنجو سڪو وهاري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح سان منگولن جو مثال ونو. جڏهن چنگيز خان ۽ هلاڪو خان وچ ايشيا، ايران ۽ عراق جي حڪومتن تي فتح حاصل ڪري انهن ملڪن کي نيست نابود ڪري ڇڏيو تہ ايرانين جي زبان ۽ ڪلچر سلامت هٿ ڪري مورڳو هو انهيءَ کي اختيار ڪري ويا. ساڳي حالت منگولن جي چين ۾ ٿي. چين فتح ڪيائون ليڪن چيني زبان ۽ ڪلچر کي اختيار ڪرٿو پين.

سنڌ جي گذريل تاريخ جو مثال اکين اڳيان آهي. سنڌ ڪجھ وقت ايران، ڪجھ عرصو يونان، ڪجھ زمانو عربن، ڪو عهد غزنوي پٺاڻن، ڪا مدت مغلن ۽ ڪو ٽائم انگريزن جي تسلط هيٺ رهي هئي. جن سندن زبانن ۽ ڪلچرن کي سنڌين تي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي، هر طرح لٽڻ ۾ هنن نہ گهٽايو پر اڄ ڇا ٿا ڏسون تہ سنڌي زبان ۽ سنڌي ڪلچرجي مالي حالت سلامت آهي. سواءِ ان دورن جي ڪجھ اثرن جي ٻيو ڪجھ نہ رهيو آهي.

فن تعمير:

فن تعمير ملڪ جي تهذيب ۽ تمدن جو مُکيہ جُزو آهي. جيڪڏهن رهڻ لاءِ هوادار، ڪشاده، خوبصورت ۽ جديد ضرورتن وارو گهر نہ آهي تہ زندگيءَ جو لطف گهٽجيو وڃي. اُن ڪري گهرن، ڀوڻن ۽ رستن جي درستي نهايت ضروري آهي.

سنڌ ان ڏس ۾ سواءِ چند شهرن جي تمام پٺتي پيل آهي. اسان وٽ انجنير گهٽا ٿيندا وڃن پر آرڪيٽيڪٽ اصل ڪونہ آهن جي آهن تہ انهي ۾ لوڻ برابر. اسان گهٽو وقت انگريزن جي حڪومت ۾ رهڻ ڪري زياده توجھ جاين جي مضبوطي طرف ڏنو ليڪن جديد طور تي يورپ ۾ ايجاد ڪيل فن تعمير کي مروج ڪرڻ ۾ دلچسپي ڪونہ ٿا ونون. اسان کي ڀوڻن شهرن ۾ سٺن هوادار، ڪشاده، خوبصورت گهرن، ڀوڻن جي جوڙجڪ ۽ پارڪن طرف خاص توجھ ڏيڻ گهرجي.

۹ - راندين:

بدن جي مضبوط، ٻرجستہ، تندرست ۽ چُست بنائڻ لاءِ راندين نهايت ضروري آهن. ازانسواءِ اُهي صحت بخش تفريح جو ڪم جدا ڏين ٿيون.

سنڌ ۾ قديم وقت کان ملهون، ڪبڊيون، ونجھ ونّيون، انّي ڏکر، ڪينهوڙي وغيره جون راندين مُروج رهيون آهن. هاڻ انهن ۾ ڪرڪيٽ، فٽ بال، ٽينس، هاڪي وغيره راندين جو اضافو ٿيو آهي.

سنڌين طرفان سواءِ ملاکڙي ۽ ونجھونّيءَ جي راندين جي همت افزائيءَ جي ٻين راندين جي زور وٺائڻ لاءِ گهٽو ڪجھ نہ ڪيو ٻيو وڃي. اهو بہ ڪن خاص زميندار ۽ صاحب ذوق ماڻهن جي مدد تي مدار رکندڙ آهي.

ضرورت ان ڳالھ جي آهي تہ ولايت جي ترقي يافتہ ملڪن وانگر ڪي ايسوسيشنون ناهي مڪاني راندين جي ترقي ۽ جديد راندين جي مروج ڪرڻ طرف

توجه ڏنو وڃي.

١٠ - مصوري ۽ نقاشي:

سنڌ ۾ مذهبي اثر ڪري مصوريءَ طرف گهٽ توجه ڏنو ويو آهي پر اٿين نه آهي ته ان طرف اصل توجه ئي ڪونه ڏنو ويو آهي. جوهي تعلق ۾ چند قديم قبرستان ۽ قبن ۾ ان جا نشان اڃا تائين ملن ٿا. سنگ تراشيءَ ۾ چڱي خاصي ترقي ڪيل هئي. پراڻين مسجدن، قبن ۾ نقاشيءَ جا چند مثال اڃان تائين ياد گيري ڏيارين رهيا آهن، ته ان طرف سنڌين چگو توجه ڏنو هو. پراڻن ڪتابن ۽ قران شريف تي ڪديل نقش اڃا تائين ڪيترن جاين تي محفوظ آهن. ڪاشيءَ ۽ جنڊي تي نڪتل نقش اڃا قائم آهن. ننڍي جي مسجد ۽ سکر ۾ ڪن پراڻن قبرن تي ڪاشيءَ جا ڪم، خاص توجه لائق آهن. سنگ تراشيءَ ۾ سنڌين خاص توجه ڏنو آهي. مڪلي جي قبرستان، هالن جي پر واري، خداآباد ۽ ڪيترن ٻين قبرستانن تي سنگ تراشيءَ جو ڪم ڏسڻ ۾ٽان آهي. هاڻ وقت آيو آهي ته هنر کي نئين سر زنده ڪيو وڃي. ازانسواءَ سيمنٽ ۽ اُڪر جي ڪم کي زور وڌائڻ ضروري آهي.

نتيجو

هن ساري ڪتاب پڙهڻ بعد، نتيجو اهو ڪڍي سگهجي ٿو ته:

١- سنڌين وٽ هڪ مستقل ترقي پذير ڪلچر موجود آهي.

٢- اُهو باوجود رڪاوٽن ۽ مشڪلاتن جي پاڻ ۾ اُهي جزا رکي ٿو جي عالمگير ڪلچر لاءِ ڪارآمد ٿي سگهن ٿا.

٣- ان ڪلچر جي مذهبي تشريح صحت بخش ۽ ترقي پذير سڏي سگهجي ٿي.

٤- سنڌين جي قومي ڪردار ۾ ڪي اهڙيون روايتون موجود آهن، جن تي بجا طور فخر ڪري سگهجي ٿو. جهڙوڪ:

١-حبت الوطني ۽ قوم پرستي. ٢-ايثار ۽ قرباني جو معدو. ٣-اهنسا. ٤-رواداري ۽ بي تعصبي. ٥-روايات جي حمايت ۽ غيرت. ٦-آزاديءَ جي تمنا. ٧-ڏاڍ جو مقابلو.

٥- اسان جي شعر ۾ اعليٰ مقصدن جي ترجيح پنهنجو مٽ پاڻ آهي تنهنڪري ان کي سرتين جي سڌ تي آڇڻ ۾ لڄ ڪاڻ ٿيندسون.

سائين جي-ايم-سيد جون تحريرون

(پاگو پهريون)

②

سنڌ جا سُورما

- پيش لفظ
- راجا ڏاهر بن راجا چچ.
- حاڪمِ سنڌ دودو بن خفيف سومرو.
- نواب دوله دريا خان.
- مخدوم شاه بلاول سمون عليه الرحمة.
- شاه شهيد شاه عنايت الله عليه الرحمة.
- نتيجو.

[١٩٦٧ع]

پيش لفظ

جڏهن سائين ستن سالن جي قيد ۽ نظربنديءَ بعد مون کي پاڪستان سرڪار باهر گهمڻ ڦرڻ جي اجازت ڏني ته گهڻي غور ۽ فڪر بعد ملڪي سياست کان مون هيٺين سببن ڪري ڪناره ڪشي ڪري طريقت (ڪلچر) جي راهه ۾ خدمت ڪرڻ جو ارادو ڪيو:

(۱) ملڪي حالات سياسي طرح امڙي ڪڙيءَ تي بيٺل هٿا جو انهن جي قائم رهندي سياست ذريعي ملڪ ۽ قوم جو پلو ڪري سگهڻ کان مجبور هٿاسون.

(۲) گذشته چاليهن سالن جي سياسي زندگيءَ ۾ تجربي بعد معلوم ٿيو هو ته،

(الف) عوام ۾قومي شعور پيدا ٿي نه سگهيو هو. خواص ۾ خود مطلبي، قوم فروشي، نفاق، بزدلي ۽ فرض ناشناسيءَ جون عادتون گهر ڪري ويل هيون. سنڌ جي سياسي خودارادي ۽ اقتصادي ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽون پُڄي ويون هيون. جي ظاهري طرح نه آئيني طور، نه غير آئيني طور دور ڪري سگهيسون ٿي. چاڪاڻ ته اسان اقليت ۾ هٿاسون. نه اتحاد، نه قومي شعور ۽ نه همت هٿيسون. ان ڪري سياسي خلفشارن کان ڪنارا ڪش ٿي عوام ۾ اصلاح نفس، قومي شعور، اخلاقي درستي، حب الوطني، ايثار ۽ پراپڪاريءَ جي پيدا ڪرڻ لاءِ بزم صوفيائي سنڌ جو بنياد وجهي ڪانفرنسون ڪوناٿي مذڪور بالا مقصدن لاءِ پرچار ڪرڻ شروع ڪيو سون.

ان جي پروگرام ۾ هڪ جزو اهو به ته سنڌ جي گذريل قومي سورمن جي زندگيءَ جي قربانين جو احوال لکي نوجوانن کي سندن شاندار ماضيءَ جي ڪارنامن کان واقفيت لاءِ پيش ڪيو وڃي. ان ڪم جي سرانجاميءَ جو ڪم مختلف اصحاب تي رکيل هو. پر بزم صوفيائي سنڌ جي تعليم کي ملڪي امن امان لاءِ خطرناڪ سمجهي حڪومت طرفان مون تي ۷ جولاءِ ۱۹۶۷ع کان دوباره نظر بنديءَ جو حڪم جاري ڪيو ويو. ان ڪري هڪ جاءِ تي ويهڻ سبب مون کي وقت ملي ويو ته هين ڪتابن سان گڏ هي نندڙو پمفليٽ سنڌ جي آزادي، آزاد خيالي، عزت ۽ ناموس لاءِ قربان ٿيندڙ پنجن شهيدن جي حياتيءَ تي لکي ناظرين جي خدمت ۾ پيش ڪريان.

"گر قبول افتد زهي عزو شرف"

غلامرتضيٰ

۱۹۶۷-۹-۲۲ع

راجا ڏاهر بن راجا چَچ
(برهمڻ گهراڻو سنڌ)

سورهيه مرين سوپ کي، ته دل جا وهم وسار،
هڻ پالا، وڙهه پاکرين، آڏي ڍال مَ ڏار،
مٿان تيغ ترار، مار ته متارو ٽئين.
(شاهه)

سرزمين سنڌ دنيا جي قديم مهذب ۽ متمدن ملڪن مان هڪ آهي، ان دنيا جي عام دستور موجب گهڻا لاها چاڑها ڏٺا آهن. ان جي قديم عظمت جا نشان، آمري، ڪوٽ ڏيجي ۽ موهن جي دڙي جي يادگارن پراڃا تائين موجود آهن. ان تي ڪجه وقت ملڪي حاڪمن جي حڪومت پڻي رهي آهي ته ڪو وقت ڌارين جي قبضي هيٺ اچي ان کي ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا آهن. ان جي تاريخ جي پوريءَ طرح کوجنا نه ٿي سگهي آهي پر نزديڪ سنڌي تسلط جو دور راءِ سهلسي ۽ چچ گهراڻي حڪومتن جو هو.

چچ گهراڻي کي برهمڻ حڪومت بہ سڏين ٿا. ان گهراڻي جو آخري حاڪم راجا ڏاهر چچ جو ننڍو فرزند هو. راجا چچ ۵۲ ھ مطابق ۶۷۳ع تي وفات ڪئي. ان بعد راجا چندر، سنڌ جو والي ٿيو. جنهن اٺ سال حڪومت هلائي. ۶۰ھ مطابق ۶۸۰ع تي وفات ڪئي. ان کان پوءِ راجا ڏاهر سنڌ جي حڪومت جي گاديءَ تي ويٺو. جنهن نهايت دانشمندي، همت ۽ خوش اسلوبيءَ سان ۳۲ سال حڪومت ڪئي. جنهن کان عرب بنو اميه سامراج جي سپهه سالار حجاج بن يوسف ثقفي جي نيائي محمد بن قاسم حڪومت وٺي سنڌ تي ڌاريون تسلط قائم ڪيو.

راجاڏاهر حڪومت جي واڳ ونندي هڪ سال اندر چؤطرف حڪومت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ قدم کنيا. سندس گاديءَ جو شهر الور هو. اتان هن پهرين ايرندي سنڌ ڏي برهمڻ آباد ۾ اچي سندس پاءِ ڏاهر سين کي مڪاني حڪومت سپرد ڪري پوءِ مڪران طرف روانو ٿيو. جتي مڪاني حاڪم سان لاڳاپا قائم ڪري موٽي الور آيو. اهڙيءَ طرح هن سندس پيءُ راجا چچ جي ڏينهن واري ساري سلطنت تي ملتان سوڏو تسلط قائم ڪري ورتو. سندس دؤر حڪومت ۾ سنڌ اندر مضبوط حڪومت قائم ٿي ۽ امن امان رهيو.

ان وقت عرب ۾ بني اُميه گهراڻي جي حڪومت هئي، جن جي هڪ حاڪم يزيد بن معاويه رسول صلعم جي ڏهٽي امام حسين عليه السلام کي شهيد ڪرائي، ان جو

لاش گهوڙن کان چٽرائي، سندس سر مبارڪ نيزي تي چاڙهي مهينن تائين ملڪن ۾ گهمرايو هو. امام حسين عليہ جي فرزند ۽ خاندان جي عورتن کي قيد ڪرائي دمشق گهرايو هو. انهيءَ گهرائي عبدالله بن زبير کي حرم ڪعبہ ۾ قتل ڪرايو هو، ازانسواءِ ڪيئي ظلم ڪيا هٿا.

راجا ڏاهر جي ڏينهن ۾ انهيءَ گهرائي جو حاڪم عبدالملڪ بن مروان عرب جو بادشاه هو. ان جو سڀ سالار حجاج بن يوسف ثقفي وڏو ظالم، قاتل ۽ بي رحم هو جنهن اهل بيت رسول تي اڪيچار ظلم ڪيا هٿا ۽ بيشمار مسلمانن جو سندس هٿان خون وهيو هو. انهن ڳالهين کان تاريخ دان بخوبي واقف آهن.

امام حسين عليہ السلام جي شهادت کان پوءِ جي مڪاني رد عمل پيدا ٿيا تن کي سختيءَ سان دٻائڻ بعد جڏهن بني اُميہ گهرائي جو تسلط ساري عرب تي ويهي ويو تہ هنن سندن سامراج کي وڌائڻ لاءِ چؤطرف حملا ڪرائڻ شروع ڪري ڇڏيا.

عربستان جو گهڻو حصو ريگستاني آهي، اتي جا رهاڪو سواءِ ٻن مڪہ شهرن مڪي ۽ مديني جي بدويانہ زندگي گذارينداً هٿا. ان ۾ رهندڙ قبيلا اڪثر پاڻ ۾ وڙهندا رهندا هٿا. ان ڪري جنگجويانہ ذهنيت سندن سرشت ۾ سمايل هئي. اتي جا رهاڪو گهڻو ڪري قديم قبيلائي مذهبن جا پوئلڳ هٿا جن جي خدائيءَ جا بت ڪعبي ۾ رکيل هٿا. پر کي منجهانئن ڪرستان ۽ يهودي هٿا. ضرورت زندگيءَ لاءِ هو شام ۽ عراق سان قافلن ذريعي واپار ڪندا هٿا.

رسول مقبول صلعم جي پيدا ٿيڻ کان اڳ بہ هنن مان روم ۽ ايران جي شهنشاهن طرفان جنگي لشڪر لاءِ پرتي ٿيندي هئي. هتي جي رهاڪن جو زياده تر گذران مال چارڻ تي هوندو هو. سندن زندگي اڪثر ڪري تنگ گذرندي هئي. رسول مقبول جي پيدا ٿيڻ تي هنن کي نئين مذهب جي نالي ۾ متحد ڪري هڪ مرڪزي حڪومت هيٺ منظم ڪيو ويو، جنهن ڪري هنن جي طاقت ۽ حوصلو وڌي ويو.

حضرت رسول ڪريم جن جي رسالت جا بہ مقصد هٿا:

هڪ ماڻهن جي ذهني تربيت، نفسياتي اصلاح ۽ اخلاقي درستيءَ جو هو.

ٻيو امن امان رکڻ، ملڪي نظام ۽ ماڻهن جي گذراني مسئلن جي حل ڪرڻ جو هو.

پيغمبر خدا جي موجودگيءَ ۾ ٻئي ڪم خوش اسلوبيءَ سان سرانجام ٿيندا رهيا. ان جي انتقال کانپوءِ سندن پوئلڳ ٻن راين ۾ورهائجي ويا.

هڪڙن جو رايو هو تہ مٿين ذڪر ڪيل پهرئين مقصد کي جو مذهب جو بنيادي متو هو ترجيح ڏني وڃي.

ٻين جي راءِ هئي تہ عرب جا ماڻهو اڃا سندن بدويانہ عادتون، قبيلائي اختلاف، پراڻا اعتقاد ۽ رسم ورواج پوريءَ طرح بدلائي نئين مذهب جي عقيدن ۽ دستور سان مانوس نہ ٿي سگهيا هٿا. تاريخ ۾ پهريون دفعو انهن ۾ اتحاد ۽ مرڪزيت قائم ٿي هئي. جنهن جي قائم ڪرڻ ۾ طاقت جي استعمال کي گهڻو دخل هو ان ڪري سڀ کان زياده

توجه ۾ مقصد جي سرانجاميءَ طرح ڏيڻ گهرجي. پهرئين جو واسطو مستقبل جي ڀالهين سان ۽ ۾ جو حال سان هو. مستقبل جو مدار حال تي رهي ٿو. ان ڪري ۾ گروه کي ڪاميابي حاصل ٿي.

عرب جا ماڻهو غريب هئا، انهن جي يڪمشت رکڻ ۽ قبيلائي اختلافن کان سندن توجه هٽائي ۾ طرف ڪرڻ لاءِ ۾ جي ڪارڪنن ضروري ڄاتو ته پر وارن آباد ۽ سرسبز ملڪن کي قبضي ۾ آڻي انهن جي سرمائي سان هتي جي رهاڪن جي گذران جو انتظام ڪجي.

نئين مذهب انهن ۾ اتحاد ۽جذبه جنگ اڳي پيدا ڪيو هو. ازانسواءِ ۾ سرسبز ملڪن جي ملڪيت ۽ پيدائش گذران لاءِ هٿ ڪرڻ جي خيال منجهن ۾ هرين ملڪن فتح ڪرڻ جي خواهش پيدا ڪئي. حضرت عمر رضه جي ڏينهن ۾ پروارا سڪيا ملڪ، شام، عراق، مصر ۽ ايران فتح ٿي چڪا هئا.

انهن فتحن عرب جي تنگدست ماڻهن کي سکيو هڪ طرف بنايو ته ۾ طرف هنن جي جنگي قوت، قومي وقار ۽ عزت جو ڏاڪو وهاري چڙيو. پهرين ۾ هن خليفن جي ڏينهن ۾ ڪي اخلاقي معيار ۽ رسول مقبول صلعم جي روايات قائم رکڻ جي ڪوشش ٿي. ليڪن ملڪ ۾ ناراضگي ايتري وڌي جو ان مان هڪ خليفو قتل ٿي ويو.

پٺيا ملڪيت ۽ گذر جي فراواني جيڪڏهن زندگيءَ کي سهل بنائڻ ۾ مدد ڪن ٿيون ته انهن جي ڪري ڪي خرابيون به پيدا ٿين ٿيون. نتيجو اهو نڪتو ته حضرت علي عليه السلام جي شهادت کان پوءِ قبيلائي اختلافن ۽ اقتدار جي حصول عربن ۾ خانه جنگي پيدا ڪري چڏي. نيٺ بني اُميه خاندان ۾ين سيني گروهن کي زور سان دٻائي سموري طاقت جومالڪ بنجي ويٺو. شيخ سعدي عليه الرحمه چيو آهي ته:

هفت اقليم ازبگيرد بادشاه- هم چنان دربند اقليم دگر
نيم نان گر خوردمرد خدا- بزدل درويشان كندنيم دگر

(معنيٰ- بادشاهن جي ستن ملڪن فتح ڪرڻ بعد به طمع جهڪي نٿي ٿئي ۽ وڌيڪ لاءِ ڪوشش ڪري ٿو. ليڪن درويش هڪ مانيءَ مان اڌ ڪائي ۾ئي لاءِ اڌ بچائي رکي ٿو.)

عبدالملڪ جي ڏينهن ۾ خانه جنگي گهٽ ٿي، اندروني انتظام درست ٿيڻ بعد هن بني اُميه سامراج کي وڌائڻ لاءِ رڻون رڻيون. نالو اسلام جو هو، مقصد فتح ڪرڻ، ڦر لٽ ڪري ملڪيت هٿ ڪرڻ جو هو. ڪن مسلم تاريخدانن جو چوڻ آهي ته رسول مقبول کان پوءِ خلافت ۽ اسلامي حڪومت ٿي ڪانه ٿي آهي. پر ڪن جو چوڻ آهي ته خلفاءِ راشدين جي ڏينهن ۾ ٿورو گهڻو رسول مقبول جي روايات کي خيال ۾ رکيو ويندوهو. ان کان پوءِ حڪومتون اسلامي نه رهيون بلڪ نالي ۾ سلطان بادشاهن جي هٿن ۾ پٽي رهيون جن سندن شخصي، قبيلائي ۽ گروهي مفاد لاءِ پٽي حڪومتن کي هلايو.

عبدالملڪ جي دور ۾ ان پوئين گروه جي مفاد خاطر حڪومت هلي رهي هئي. تاريخدانن کي پتو آهي ته سندن سپه سالار حجاج بن يوسف جيڪي ظلم ۽ قتل عام

ڪيا تن کان مسلمان ٿ هڪ طرف ليکن شيطان ٻ هوند شرمائجي وڃي.

ان لاءِ هڪ مثال ڪافي ٿيندو ٿ هڪ دفعي جمعي نماز تي ڪوفي جي جامع مسجد ۾هزارها ماڻهو نمازپڙهڻ لاءِ آيل هٿا جن ۾ حافظ قرآن، درويش، اهل بيت سڀ حاضر هٿا. اتي خطبو ڏيندي حجاج بن يوسف ظاهر ڪيو ٿ اڄ آءٌ فصل ڪل ڏسي لٽڻ چاهيان ٿو.ان کان پوءِ مسجد ۾قتل عام جو حڪم ڏنائين. جن ۾هزارها مسلمان قتل ڪيا ويا.

سندس انتقال وقت هڪ لک کان وڌيڪ ماڻهن کي خراب حالت ۾ جيل ۾ڏٺو ويو.

وڌيڪ ستم ظريفي اها هئي ٿ بنان سبب ٻين ملڪن تي حملا ڪري ڦر لٽ مان مال هٿ ڪرڻ، آزاد ماڻهن کي غلام ۽ ٻانهيون بنائي انهن کي وڪرو ڪرڻ کي اسلام جو ڪارنامو ظاهر ڪيو ويو.

انهيءَ بادشاه جي ڏينهن ۾عربن جون جدا جدا فوجون ٽن طرف ملڪن جي فتح ڪرڻ لاءِ موڪليون ويون. هڪ فوج موسيٰ اشعري جي هٿ هيٺ مغرب طرف موڪلي وئي، جنهن اسپين تائين فتحون ڪيون. اتر طرف قتيبہ بن مسلم جي هٿ هيٺ فوجون موڪليون ويئون جن سمرقند ۽ بخارا تائين فتح ڪئي. اوپرطرف حجاج بن يوسف پنهنجي نيائي محمد بن قاسم جي هٿ هيٺ سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ فوج موڪلي. ان کان اڳ ٻ سنڌ تي فتح ڪرڻ لاءِ چوڏهن ناڪام حملا ڪيا ويا هٿا.

جڏهن محمد بن قاسم جي فوج سنڌ فتح ڪرڻ آئي ٿ راجا ڏاهر جي فوج نهايت جوانمرديءَ سان سنڌ جي حفاظت، ناموس ۽ عزت لاءِ جنگ لڙي پر جنگ ۾ راجا ڏاهر قتل ٿي ويو ۽ ملڪ تي عربن جو قبضو ٿي ويو. ان ۾ عربن کي ڪروڙها روپين جي ملڪيت هٿ آئي ۽ ڪئين هزار سنڌي مردن ۽عورتن کي غلام بنائي عرب ۾وڃي وڪرو ڪيائون.

هاڻ سوال اٿندو ٿعربن جي ان فتح کي جائز ۽اسلامي فتح شمار ڪجي يا عرب بادشاهن جي سامراجي جذبي هيٺ غاصبانہ ۽ غير اسلامي ملڪ گيريءَ جي هوس سمجهيو وڃي. ان مسئلي کي پوريءَ طرح سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ٿ اسان مسلمانن جي ٻن جدا راين کي پيش ڪريون.

هڪ گروهہ جو چوڻ آهي ٿ اسلام ماڻهن جي وچ ۾ مذهبن، نسلن، قومن ۽ رنگن جي نالي ۾ ڪڙي ڪيل ديوارن کي ڍاهي انسان ذات ۾ اتحاد، امن، فلاح ۽ بهبود پکيڙڻ لاءِ آيو هو. اهو دين فطرت هو جنهنجي ابتداءِ آفرينش کان سڀني پيغمبرن پيغام ڏنو هو. اهو ئڻون دين ڪونہ هو بلڪ ان مطابق سڀني مختلف مذهبن جي ظاهري ڪثرت پويان بنيادي وحدت سمايل هئي. اهڙي تعليم جو فروغ صحيح سمجهاڻي، اخلاقي درستي ۽ نفسياتي اصلاح ذريعي تاليف قلوب، رواداري ۽ باهمي گفتگوءَ وسيلي ٿيڻ وارو هو. تشدد، نفرت، نفاق، خود طلبي ان جي راه ۾ رڪاوٽون هيون. دين جي معاملي ۾ زبردستي ناجائز هئي. پيغمبر خدا رحمت العالمين ٿي آيل هو. هو غلامن کي آزاد ڪرائڻ، ڦر لٽ بند ڪرائي، انصاف جو دور قائم ڪرڻ ۽ دنيا ۾ امن لاءِ آيل هو نہ انهن ڪمن کي مروج ڪرڻ لاءِ جي پوءِ ڪن ماڻهن اسلام جي نالي ۾

ڏارين ملڪن کي غلام بنائڻ، قُرلڻ ڪرڻ، آزاد ماڻهن کي غلام بنائڻ جا ڪاهڻا.

هي گروهه جو چوڻ هو ته اسلام هڪ نئون مڪمل عالمگير دين ٿي آيل هو ان جي اچڻ بعد هيا سڀ دين رد ٿي ويا هٿا هن نئين دين جا مکيه متا توحيد، نماز، حج، زڪوات ۽ روزو هٿا. انهن متن ۾ ان دين جي شريعت (دستور العمل) کي زوريءَ دنيا ۾ ماڻهن تي مڙهائي ڪري خونريزي ڪرڻ، ان تي قبضو ڪرڻ، قُرلڻ ڪرڻ، مردن ۽ عورتن کي غلام ڪري ٻڪرين وانگر وڪڻڻ وغيره ڪمن کي جائز ڄاتو ٿي.

انهن ٻن گروهن مان پوئين جي عقيدن ۽ ڪارگذاري کي ڏسي غير مسلم عالمن ۽ تاريخ دانن اسلام کي ڏاڪن، لٽيرن، عيش پرستن جو مذهب ظاهر ڪيو ٿي. هنن جو چوڻ هو ته ماڻهو ان ۾ تلوار جي آڌار تي زور زبردستيءَ سان داخل ٿيا هٿا ورنه ان مذهب ۾ ڪهڙي سڻي ڀاڪه هئي جو اهڙي مذهب ۾ شامل ٿين ها. ان قسم جي غلط فهمين کي دور ڪرڻ لاءِ مسلم عالمن ۽ درويشن ظاهر ڪيو ته صحيح اسلام اهو آهي جو پهر ٽين گروهه ٿي ظاهر ڪيو. پوئين دور ۾ سرسيد احمد خان ۽ خواجه ڪمال الدين جا ڏنل جواب پڙهڻ جي لائق آهن. سندن چوڻ هو ته اسلام جو فروغ تلوار ۽ تشدد جي ذريعي ڪونه ٿيو هو بلڪ تاليف قلوب، بهترين اصولن ڪري اهو ماڻهن قبول ڪيو هو. مسلمان حاڪمن طرفان جيڪا ملڪ گيري، قُرلڻ ۽ هيا ظلم ٿيا هٿا انهن جو اسلام سان تعلق ڪونه هو. ملا جي اسلامي تشريح صحيح نه هئي.

اڄا تائين مسلمان ساڳيءَ طرح ٻن راين ۾ ورهايل آهن. جن مان هڪ کي ملا جو گروه ۽ ٻئي کي درويشن جو گروهه سڏجي ٿو. اسان جو واسطو درويشن جي گروه سان آهي تنهنڪري محمد بن قاسم جي ڪارنامن کي اسلام سان واسطو رکندڙ نٿا تسليم ڪريون نه ان کي غازي نه اسلام جو علمبردار سڏڻ لاءِ تيار آهيون بلڪ ان کي غاصب، سندين جي آزادي، عصمت، مال، ملڪيت جو دشمن ۽ لٽيرو سمجهون ٿا. هن کي ان گروهه جو فرد سمجهون ٿا جنهن نه صرف سنڌ جي مردن ۽ عورتن کي غلام ڪري وڪرو ڪيو ۽ ملڪيت قُري ملڪ تي زوريءَ قبضو ڪيو پر اهلبيت رسول جو دشمن، عياش، اسلام جي بنيادي اصولن جي خلاف ۽ مسلمانن جو قتل عام ڪرائيندڙ هو.

اسان رسول مقبول صلعم کي رحمته العالمين سمجهون ٿا. ان جا به قول اسان جي ڪنن ۾ اڄا تائين گونجي رهيا آهن. هڪ ا"حب الوطن من الايمان" وطن جي محبت ايمان جو جزو آهي. ٻيو ته "سنڌ جي طرف کان ڪيس ٺڏي هير ٿي لڳي."

ڇا ان تعليم هوندي اسان سنڌ جي محبت کي جائز ٺهرائيندي ان تي ڏارين جي تسلط ۽ ٽيل ظلمن کي جائز قرار ڏئي سگهون ٿا؟

اسان ان راءِ جا آهيون ته هر ماڻهوءَ لاءِ وطن جي حب لازمي آهي، جو وطن دوست نه آهي سو بي ايمان آهي، ايمان کان سواءِ صحيح مسلمان ٿي نه ٿي سگهيو.

سنڌ پنجن هزار ورهين کان تهذيب ۽ تمدن جو مرڪز رهي آهي، رسول مقبول جي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ هڪ به مسلمان ڪونه هو بلڪ سڀ ماڻهو هندو ۽ ٻڌ هٿا. پوءِ به سندن اظهار ته ان مان ڪيس ٺڏي هير ٿي آئي ڪا ته معنيٰ رکندڙ آهي.

اهڙيءَ حالت هيٺ اسان کهڙي طرح ان ملڪ جي ماڻهن تي زوريءَ قبضو ڪري

انهن جي آزادي سلب ڪرڻ، اُتي جي مردن ۽ عورتن کي غلام بنائڻ، ڪروڙها روپين جي ملڪيت کي لٽي باهر ڪيڻ جي ڪم کي صحيح اسلام مطابق جائز سمجهي سگهون ٿا.

جيڪڏهن کي ماڻهو سندس اهڙن ڪمن کي عين اسلام سمجهن ته مرضيءَ جا مالڪ آهن، هر ڪنهن کي سندن راءِ جو حق آهي. آخر کي اهڙا ماڻهو بـهٽا ۽ اڄا تائين آهن جي امام حسين عليه السلام کي ناحق تي ۽ يزيد کي حق تي سمجهن ٿا. اهي ماڻهو يزيد ۽ انهيءَ گهراڻي جي هر ڪارروائي عين اسلام سمجهن ٿا. ان گروه ۾ نه صرف ان زماني جا عالم ۽ حافظ قرآن شامل هٿا پر اڄ ڪلهه بـ ڪيئي ماڻهو ملي سگهن ٿا.

کين اهڙيءَ راءِ رکڻ جو هر کو حق آهي ليڪن اسان کي بـ پهنجي راءِ رکڻ جو اهڙو ئي حق هٿ گهرجي جهڙو هنن کي ڏيڻ گهرون ٿا. اسان محمد بن قاسم جي حملي کي صحيح اسلامي تشريح جي خلاف ۽ غاصبانه سمجهون ٿا. سنڌ ۾ اڄا تائين هزارها ماڻهو آهن جي پاڻ کي ڏاهري سڏائڻ ۾ عيب نٿا سمجهن. سنڌ جو جيد عالم ۽ بزرگ مولانا ابو الحسن بـ ڏاهري سڏائڻ ۾ عيب نه سمجهندو هو. اسان کي اعتراض نه آهي. سنڌ ۾ محمد بن قاسم گروه جا طرفدار پلي پاڻ کي يزيدي سڏائين. ماڻهو نطفه مان پيدا ٿئي ٿو جو رت مان جڙي ٿو. رت کاڏي مان نهي ٿو. کاڏو اناج، پاڇين ۽ گوشت مان ٺهي ٿو. اهي سڀ سڌيءَ يا ان سڌيءَ طرح ملڪي زمين ۽ پاڻيءَ جي پيدائش آهن.

مثال طور ڪٻي ڏسنداسين ته هڪ ان جي داڻي زمين ۾ پوکڻ بعد سوها داڻا پيدا ٿين ٿا. جي مٽي ۽ پاڻيءَ مان نهن ٿا. تنهن ڪري هر شيءِ ملڪ جي مٽي ۽ پاڻيءَ مان پيدا ٿئي ٿي. هر ماڻهوءَ جو حقيقي ماءُ پيءُ آهن، قرآن شريف بـ شاهدي ڏي ٿو ته،

"ولقد خلقنا الانسان من سلالة من طين".

معنيٰ- تحقيق اسان ماڻهن کي مٽيءَ جي جوهر مان پيدا ڪيو آهي.

انهيءَ نقطه نگاه کان جيڪو ماڻهو وطن سان وفادار نه آهي سو حلالي ٻار نه آهي. انهيءَ کي مد نظر رکندي آءٌ راجا ڏاهر کي سنڌ جي آزادي، عزت ۽ ناموس لاءِ لڙي سر ڏيندڙ کي شهيد اول سڏڻ کان ٿو ڇرکان، پوءِ پلي ڪن يزيدي گروه جي طرفدارن کي مرچون لڳن.

اهڙن ماڻهن جي دشمنيءَ کان امام حسين عليه السلام نبي صلعم جو ڏهٽو ڇڻي نه سگهيو آهي، آءٌ ته ان جي در جي خاڪ مثل آهيان.

کي ماڻهو راجا ڏاهر تي بهتان رکي سندن غازيءَ جي برن کارنامن لاءِ جواز پيدا ڪن ٿا. اچو ته انهن چند بهتانن جي جاچ ڪريون. اُن مان مکيه هينيان آهن:

۱- هن پيڙ سان شادي ڪئي هئي.

۲- هن عربن جي ڪن ماڻهن کي قيد ڪيو ۽ ڦريو لٽيو هو.

۳- هن بدّ ڊرم ۽ غير برهمڻ سان ظلم ڪيا هٿا.

۴- هي عياش ۽ظالم هو.

اچو ته ان مان هر هڪ بهتان بابت تفتيش ڪري بحث ڪريون.

اهو هر هڪ گروه جو پيشو رهيو آهي ته مفتوح ڏر کي بدنام ڪري سندن ناجائز ۽ برِي فعل لاءِ جواز پيدا ڪن. تاريخ ۾ ڪيئي اهڙا مثال موجود آهن. تاريخ تي اڪثر قبضو فاتحن جي نمڪ خوارن جو رهيو آهي.

(۱) يونانين کي رومن بدنام ڪيو.

(۲) اڳين مذهب وارن کي عيسائين ۽ برهمڻن بدنام ڪيو.

(۳) چنگيز خان، تيمور لنگ، محمود غزنوي، اورنگزيب جهڙن ظالم حاڪمن کي سندن مداحن تاريخ ۾ ساراهي وڏا لقب ڏنا.

(۴) انگريزن هندستانين جي غلط تاريخ لکي انهن کي بدنام ڪيو ۽ پاڻ کي جاهلن ۽ پنڌتي پيلن جي سَڌاري جو مشنري نهرايو. تنهنڪري اها ڪا نئين ڳالھ نہ آهي جيڪڏهن چئجي ته عرب تاريخ نويس راجا ڏاهر کي بدنام ڪرڻ لاءِ اهي سڀ بهتان مُسَ مڙهي محمد بن قاسم جي سياھ ڪارنامن کي ڍڪڻ لاءِ جواز پيدا ڪيو هجي.

(۱) هندو برهمڻ پيڙ ته چڊيو پر سؤٺ سال شادي ڪرڻ بہ ناجائز ٿا چائن. تنهنڪري پيڙ سال شاديءَ جو بهتان سراسر غلط معلوم ٿئي ٿو. ان لاءِ دليل اهو ڏنو وڃي ٿو ته هڪ ننڍي راجا کي سڳ نہ ڏئي پاڻ وڏ پيڙ کي وهاري چڊيائين. اها ڳالھ هر ڪنهن کي معلوم آهي ته هندن ۾ ذات پات جا فرق هٿا. ان ڪري جيڪڏهن هن ڪنهن ڪمذات يا گهٽ درجي جي مائهوءَ کي سڳ ڏيڻ کان انڪار ڪيو هجي ته ان لاءِ ائين چئجي ته هن پيڙ سال شادي ڪرڻ خاطرائين ڪيو هو سراسر بددياني ۽ ڪوڙ آهي.

(۲) ٻي ڳالھ جا هن جي برخلاف هلائي وڃي ٿي سا اها آهي ته سيلون جي راجا کان عرب جي بادشاھ ڏي ڪي سوڪڙيون ۽ تحفا وڃي رهيا هٿا جيڪي هن قرائي، مائهن کي قيد ڪرايو هو. ان ڪري عيوضي ونڊ لاءِ هي حملو ڪيو ويو. ان ڳالھ لاءِ بہ ڪو ثبوت نہ آهي ته راجا ڏاهر اهو ڪم ڪرايو هو. انهن ڏينهن ۾ ساموندي ڏاڪ زني عام هوندي هئي. ڪن درياٸي ڏاڪن ائين ڪيو هجي ته ان ۾ شڪ نہ ٿو ٿي سگهي. راجا ڏاهر جهڙي وڏي حاڪم کي اهڙي ڏاڪ زنيءَ مان ڪهڙو فائدو حاصل ٿي سگهي ٿو. اهو حملي لاءِ بهانو بنائڻ سراسر ڏوڪو ۽ بهتان آهي. تاريخ جي ڄاڻن کي پتو آهي ته عربن طرفان سنڌ جي فتح ڪرڻ لاءِ ان کان اڳ ۾ چوڏهن حملا ڪيا ويا هٿا. انهن لاءِ ڪين ڪهڙو جواز هو. ڇا سمرقند، بخارا، موراڪو، اسپين طرفن جا حملا عيوضي ونڊ لاءِ هٿا؟ تاريخ جي صحيح حقيقتن کي لڪائي نٿو سگهجي. اها ڳالھ صاف ظاهر آهي ته عرب حڪمرانن طرفان ٻين سامراجي طاقتن وانگر ملڪن فتح ڪرڻ جي حوس ڪري اهي حملا ٿيا. جنهن ۾ ٻين سامراجي وانگر هنن بہ ڪَڏا ڪم ڪيا جيڪڏهن رومن، منگولن، انگريزن، فرينچن جي سامراج کي غلط ۽ ظالمانہ تسلط سڏيون ته ڪهڙي طرح ساڳيو ڪم عربن هٿان سرزد ٿيندي ان کي جائز ڄاڻون. نہ صرف ايترو پر ان کي اسلام جو ڪارنامو شمار ڪريون. ڇا ان مان اسلام جي عزت وڏي ٿي يا

بدنامي ٿئي ٿي.

(۳) ٻين ڳالهه هن جي خلاف اها چئي وڃي ٿي ته هن ٻڌ ڏرم ۽ ٻين غير هندن تي ظلم ڪيا هٿا، ان ڳالهه جو ثبوت ڪوند ٿو ملي. اها تاريخي حقيقت آهي ته راجا چچ جو پاڻ راجا چندرسين جڏهن تخت تي ويٺو ته هن ٻڌ ڏرم کي زور ونائڻ طرف رخ رکيو. هن ٻڌ جي بڪشن ۽ پوڄارين سان خاص رعايتون ڪيون هيون، هرهڪ کي معلوم آهي ته برهمڻن جو مذهبي تعصب ملن جي تعصب کان به ڪي رتيون ڪٽر آهي. سندن انهيءَ پاليسيءَ ڪري ٻڌ ڏرم مرڳو هندستان مان نڪري ويو. پر اهو سنڌ جو ملڪ ٿي هو جتي هن راجا جي ڏينهن ۾ ٻڌ ڏرم پوري زور تي هو. جن جي موجودگي بنسبت ٻين هندو حاڪمن جي راجا ڏاهر جي رواداريءَ جو ثبوت ڏي ٿي. سندس دور حڪومت ۾ به گورنر ٻڌ ڏرم جا هٿا نه رڳو ايترو پر هڪ مسلمان عرب محمدعلافي نالي ساري قبيلي سان بني اُميه جي ظلم کان لڏي سنڌ ۾اچي راجا ڏاهر جي پناه هيٺ رهيو. ان سان راجا ڏاهر اهڙو سلوڪ ڪيو جو سندس سڪي جي ٻي طرف هن جي نالي اکيرڻ جي اجازت ڏني. اهڙي رواداري جو سلوڪ تاريخ ۾ ڪو ڇڏو نظر ايندو.

اهڙي منصف مزاج راجا تي متعصب هٿ جو ٻُهتان اهڙن ماڻهن طرفان لڳائڻ جن جي تاريخ جو ڪيترو حصو تعصب ۽ ڪُرپٽي سان ڀريو پيو هجي. بددياننتيءَ کان سواءِ ڪجھ نه آهي.

(۴) چوٿون ٻُهتان راجا ڏاهر تي اهو لڳايو ٿو وڃي ته هو عياش ۽ ظالم حاڪم هو. خبر نه آهي انهن لفظن مان ٻُهتان لڳائيندڙ ماڻهن جو مقصد ڪهڙو آهي. ڇا راجا ڏاهر جي ٻن نيائين جيڪي بادشاهه لاءِ تحفو ڪري موڪليون ويون هيون، سان زنا ڪرڻ جي جرم ۾ سزا ڪائيندڙ ماڻهو راجا جي زال، چوڪرين جي ماءُ سان زوريءَ شادي ڪندڙ، سنڌين جي عورتن کي ٻانهيون بنائي بنا نڪاح جي انهن سان صحبت ڪرڻ کي جائز ڄاڻندڙ هزارها سنڌي عورتن ۽مردن کي وڪرو ڪندڙ زياده گناهگار آهي يا وطن جي حفاظت لاءِ سر ڏيئي سرهو ٿيندڙ ڏوهاري آهي؟

راجا ڏاهر ۹۳ هجري مطابق ۷۱۲ع تي سنڌ خاطر لڙي شهيد ٿيو. هر هڪ سچي سنڌيءَ کي ان جي ڪارنامي تي فخر ٿيڻ گهرجي. ان لاءِ آءُ کيس سنڌ لاءِ سر ڏيندڙ سورهين جي قطار ۾ پهريون هيرو شمار ڪريان ٿو.

ان کان پوءِ سنڌ ۳۴۰ ورهه غيرن جي غلاميءَ هيٺ رهي جيستائين ڪ سنڌ جي هڪ سومري گهراڻي ۱۳۵۱ع ۾ وري سنڌ ۾ خالص سنڌي حڪومت قائم ڪئي.

پڳو آءُ نه چوان، ماريو سين وسهان،
ڪانڌ منهن ۾ ڏڪڙا، سيڪيندي سونهان،
ته پٽ لڄ مران جي هونسِ پُٽ ۾.
(شاهه)

دودو بن خفيف سومرو سوم

چار تراريون چيلھ سين، ٻڌائين ٻہ پاڇون،
اڇين جون آڇون، ڪاندّ قلمي ۾ موڪيون.
(شاھ)

سندّ تي راجا ڏاھر ڪانپوءِ جڏھن ڏارين جو قبضو ٿيو تہ اھو دور ۳۴۰ ورھيہ ھليوا ان کان پوءِ سندّ جي اصل رھاڪو سومرو خاندان وري ۱۰۵۱ع ۾ سندّ تي پنھنجو تسلط قائم ڪيو. جن جي حڪومت اٽڪل ٽي سؤ ڪن ورھيہ ھلي.

سومري قبيلي لاءِ ٻہ روايتون مشھور آھن، ھڪ محض جذباتي آھن، جنھن موجب ھن کي علوي خاندان جي عربي نسل مان شمار ڪيو وڃي ٿو.

ھتي ڪجھ وقت کان عام دستور ٿي ويو ھو تہ سڀ کو ماڻھو پاڻ کي زور مس ڪري وڃي عربن مان شمار ڪري، ان لاءِ ٻہ ڪارڻ جوابدار ھٿا. ھڪ تہ عرب گھٽو وقت حاڪم رھيا ھٿا، ٻيو تہ ھاڻي ماڻھن جي اڪثريت مسلمان ٿي وئي ھئي. ان ڪري مذھبي جذبي ھيٺ عرب سڏائڻ کي فخر سمجھندا ھٿا. ھنن کي ڪھڙي خبر تہ عربن جا وڏا بدوي ۽ بت پرست ھٿا پر سندن وڏا آريہ نسل مان راجپوت ۽ مھذب ھٿا، پر ڏھني جنون سڀ ڪجھ ڪرايا ٿي. اسلام نسلن جا فرق مٽائڻ آيو ھو نہ ڪن کي پلو ۽ ڊلو بنائڻ آيو ھو.

رسول مقبول جو چوڻ ھو تہ جنھن کي سندس عملن پوئتي ڌڪيو آھي ان کي ان جو نسل اڳتي ڪري نٿو سگھي.

ان ڪري مڪاني ماڻھن سان سومرن، سمن، بلوچن ۽ پٺاڻن سڀني تاريخ جي صحيح حقيقتن خلاف پاڻ کي عرب نسل مان سڏائڻ شروع ڪيو، اھو ڏوھ نہ صرف رواجي ماڻھن کان سرزد ٿيو پر سيد، پير، عالم ۽ مڪي قبيلا بہ انھيءَ جرم جا مرتڪب ٿيا.

ٻي روايت آھي تہ سومرا آريا نسل جي راجپوت شاخ مان آھن. سندن قديم نالا، رسم رواج پوئين نظريي جي حمايت ڪن ٿا.

ھنن جو دور حڪومت سندّ لاءِ امن امان، تھذيب ۽ تمدن جو باعث ٻڌيو. سندن تخت گاھ محمد طور نزديڪ شاھ ڪپور تعلقہ مير پور ٻلوري ۾ ميلن تائين پکڙيل نشان سندس عظمت جو زنده ثبوت ڏين ٿا. بدقسمتيءَ سان سندّ جي انھيءَ سونھري دؤر جي پوريءَ طرح تاريخ نہ لکجي سگھي آھي. مختلف تاريخن جا چند ٽڪرا گڏي ڪجھ احوال معلوم ڪري سگھجي ٿو. ليڪن ھن ڳالھ جي ازحد ضرورت آھي تہ ڪي محب وطن اُن سنوري مسئلي تي تفتيش (کوجنا) ڪري ان دور جي مڪمل تاريخ لکن. ان لاءِ وڏيہ ڪوٽ، محمد طور ۽ ٻين سومرن جي دور وارن ٽُنڊ شھرن جي

ڪوٽائي، مختلف تاريخن جي مطالعي، ڏند ڪٿائن، رسم رواج، رومانوي افسانن ۽ سماجي دستورن مان گهڻي معلومات هٿ ڪري سگهجي ٿي.

اها حقيقت آهي ته سسئي پنهون، مومل راڻي، ليلان چنيسر ۽ عمر مارئيءَ جا قصا انهيءَ دور جا واقعا آهن. جن تي شاعرن خاص طرح شاهه عبداللطيف ڀٽائي عليه رحمت سندس شعر ۾ انهن وسريل ڪهاڻين کي زنده ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهو عام دستور هوندو آهي ته شاعر اڪثر ڪري سندن ملڪ جي بهترين دور جي روايات زنده رکڻ لاءِ چند مثالن کي وٺي طبع آزمائي ڪندا آهن.

هن قبيلي جي حب الوطني، همت غيرت ۽ قومي ڪردار جون روايتون زبان زد عام آهن. انهيءَ مان دودي ٻڌي (٣) جي جوانمرديءَ همت ۽ وطن دوستيءَ هن قبيلي جو نالو روز روشن وانگر زنده جاويد بنائي ڇڏيو آهي. جنهن بابت چچ نامي جي لکڻ موجب هن حاڪم ١٣٣١ع کان ١٣٥٦ع تائين سنڌ تي حڪومت ڪئي. ان جي دور حڪومت ۾ خانداني اختلافن ڪري باهرين حاڪمن کي دست اندازي ڪري حملي آور ٿيڻ جو موقعو مليو.

ان اختلاف جي ڪارڻ بابت ڏند ڪٿائن مان عام طرح هيٺين آڪائي مشهور آهي. چون ٿا ته دودي جي والد خفيف جي وفاتيءَ بعد سندس ٻه فرزند گاديءَ لاءِ دعويدار هٿا. جن ۾ وڏو چنيسر ۽ ننڍو دودوهو. چنيسر ڏاريين عورتن مان هو ۽ دودو ڏاڏي پوٽيءَ مان هو. ان ڪري سومرن سردارن گڏ ٿي وڏي پٽ جو حق ريٽي دودي کي گاديءَ تي وهاريو.

ان فيصلي تان چنيسر ناراض ٿي دهليءَ جي حاڪم وٽ ويو. عام مشهور اهو آهي ته ان وقت دهليءَ تي علاوالدين خلجيءَ جي حڪومت هئي. ان هن جي دانهن ٻڌي سنڌ تي قبضي ڪرڻ جي خيال کان سندس سپهه سالار، سالار خان جي هٿ هيٺ هڪ وڏو ڪڪ سنڌ تي چاڙهي موڪليو.

سنڌ جي حڪومت جي بنسبت دهليءَ جي حاڪمن جي معمولي حيثيت هئي. انهن جي وڏي لشڪر سان چڙهائي ڪافي خوف پيدا ڪندڙ هئي. دهليءَ جي سپهه سالار نزديڪ اچڻ بعد سنڌ جي حاڪم دودي کي ٻه شرط وڌا، جن جي مڃڻ تي هن جي جان آزاد ٿي سگهي ٿي.

پهريون شرط اهو هو ته دهليءَ جي حاڪم جو حڪم مڃي وڏي پاءُ کي گاديءَ تي وهاريو وڃي.

ٻيو شرط اهو هو ته سندس پيٽ ٻاڪهيءَ جو بادشاهه لاءِ سڪ ڏنو وڃي.

ان تي هن جملي سومرن سردارن کي گڏ ڪري احوال پيش ڪيو. جن صلاح مشوري بعد گڏ ٿي اهو فيصلو ڪيو ته اُهي شرط مڃڻ سنڌ جي آزادي، ناموس ۽ قبيلي جي روايات جي خلاف آهن. جڏهين انهن اهو فيصلو ڪيو ته ڪين نتيجن جو پورو پتو هو. هو صرف لاڙ سنڌ جي ٽڪري جا حاڪم هٿا، جن وٽ ڪو مقرر ٽيل لشڪر ڪونه هو. گهڻي ۾ گهٽا چار پنج هزار ماڻهو لڙائيءَ لاءِ گڏ ڪري سگهيا ٿي، جن کي هٿيار مهيا ڪري ڏيڻ ۾ ڏکيو ڪم هو. هوڏانهن دهليءَ جي حڪومت جي ويه هزار

لشکر، گھوڙن، سنن هٿيارن ۽ تربيت يافته سپاهين سان مقابلو ڪرڻو هو. اها غير مساوي طاقتن جي لڙائي هئي. ڪٽ جوکو به امکان ڪونه هو، ان ڪري هنن پنهنجا هار ٻچا، زالون ڪچ ۾ اُبل ابڙي سمي ڏيارين موڪليون ۽ پاڻ مڙس ٽي مقابلي لاءِ تيار ٿيا. هاڻ سواءِ اُٽندو ته هنن حالتن مان واقف هوندي به جاڻي واڻي ڇو موت کي منهن ڏيڻ قبوليو. ان جي جواب کي صرف اهي ماڻهو سمجهي سگهندا جي قومن جي قومي ڪردار (Charactor) مان واقفيت رکندا هوندا. ان وقت سنڌي ڪردار ۾ ڪي خاص خصوصيتون پيدا ٿي ويل هيون، جهڙوڪ ۱-حب الوطني ۲-قومي روايات جو لحاظ ۳-غيرت ۴-آزاديءَ جي هوا ۵-انصاف.

انهيءَ جا مثال انهيءَ زماني جي آکاڻين مان ملي سگهن ٿا، جن کي شاهه لطيف عليه الرحمته ۽ ٻين شاعرن اسان تائين پهچائي ڇڏيو آهي. عمر سومري امر ڪوٽ جي حاڪم مارو قبيلي جي عورت مارئيءَ کي زوريءَ آڻي ڪوٽ ۾ بند ڪري هن کي راضي ڪرڻ لاءِ گهڻا حيلا هلايا پر هن نه وطن وساريو نه مارن جي پريت ڇڏي. عمر سومري، مارئيءَ کي راضي ڪرڻ لاءِ طرح طرح جا طعام آڇيا، ريشم ۽ زريءَ جا وڳاڻيٽا ڪيا، محلن ۽ ماڙين ۾ رهايو پر هن جو روح نه ريجهيو. چي، "حيف تنين کي هوءِ وطن جن وساريو"، "مارو ڪيئن وهان مان وساري، عمر مرم مارن جو ٿو ماري"، "ايءَ نه مارن ريت جو سيڙ مٽائين سون تي". هن وٽ ماڙين ۽ محلن کان پراڻا پکڙا وڌيڪ هٿا. ست رچين طعامن کان ڏڻ ۽ ڏونرا زيادھ پيارا ٿي لڳا. سسئي جو پنهونءَ لاءِ جبل جهاڳڻ، مومل جو رائي لاءِ راتيون وهائي ڏينهن ڪرڻ، ليلان جو چنيسر کي ليلائي رضامند ڪرڻ جا قصا ان زماني جي سنڌي ڪردار جي ساک پرين ٿا. عمر سومري جو انصاف به مشهور آهي ته باوجود ان جي ته مارئي ڪيتري وقت تائين نظر بند هئي پر سندس رضامنديءَ کان سواءِ ان جي ويجهو نه ويو نه مونٽائي ملڪ موڪلائينس.

جنهن قوم جي مردن ۽عورتن جو اهڙو ڪردار هجي انهن کي خوف ۽ لالچ سندن ستيا ۽ سير کان مٽائي نٿا سگهن. سومرن جي اها حالت هئي جو سڳ ڏيئي جان ٿي آزاد ڪرايائون ته ستن پيڑهين کي ٿي لڄايائون. جي ڏارين حاڪم جي حڪم تي پنهنجي پسنديده حاڪم کي گاديءَ تان لاٿائون ٿي ته اها ڀاڙه سندن غيرت ۽ همت جي خلاف هئي، ان ڪري هنن وطن جي عزت، آزادي، روايات جي برقرار رکڻ خاطر سر ڏيئي سرهو ٿيڻ کي ترجيح ڏني ۽ گيديءَ جي حياتيءَ کان عزت واري موت کي پسند ڪيو.

امام حسين عليه السلام جي ساڻي حالت هئي. سندس طرف ۷۰ افراد زالن ٻارن سميت هٿا ۽ يزيد طرف هزارها لشڪر هو.

پر: سرداد نه داد، دست بردست يزيد

معنيٰ- سر ڏيڻ وڌيڪ پسند ڪيائين بنسبت ناحق اڳيان بيعت ڪرڻ جي.

هنن به سنت حسينيءَ تي هلندي فنا ٿي وڃڻ کي وڌيڪ پسند ڪيو. اهڙيءَ طرح هنن سنڌين جي روايات، غيرت ۽ حب الوطني جي زنده رکڻ لاءِ پاڻ کي قربان

ڪرڻ پسند ڪيو. جيئن اسلامي تعليم کي زنده ڪرڻ لاءِ امام حسين عليہ اسلام سر ڏنو تيئن سنڌ ي روايات جي لڇ رکڻ لاءِ دودي سومري جي گروه پاڻ موکيو. سومرن مان اکثر مرد ميدان تي مارجي ويا. سندن رهيل عورتن لاءِ چوڻ آهي تہ دشمن جي هٿ هيٺ اچڻ کان راجپوتي دستور مطابق پاڻ جلائي ڇڏيائون. ڪن جو چوڻ آهي تہ زمين ڦاٽي پئي ان ۾ گهڙي ويون ان جاءِ کي اڄ تائين ستين جو آستان سڏيو وڃي ٿو.

هوڏانهن ابڙي وڃ پهتل عورتن ۾ جڏهن ڏٺو تہ دهليءَ جو لشکر ڪ ڏي ڪاهيندو ٿي آيو تہ انهن پاڻ مارائي ڇڏيو.

ان حڪايت بابت تاريخدانن جا مختلف رايا آهن. ڪن جو چوڻ آهي تہ علاوالدين ۽ دودوسومرو ساڳي زماني ۾ نہ هٿا وغيره. جيئن تہ هن گهراڻي جي دور حڪومت جي مستند تاريخ لکي نہ ويئي آهي. ان ڪري تاريخي نقطہ نگاه کان ان بابت پوري حقيقت معلوم ڪرڻ ذرا مشڪل نظر پيو اچي. ليڪن هيءَ ڳالهہ ثبوت تي پهتل آهي تہ ٻاهرين دهليءَ جي لشکر سان لڙندي دودي سومري خاندان ۽ قبيلي سميت قرباني ڏني. سندس تختگاه اجاڙ ٿي ويو. ان سندس قرباني اهل سنڌ جي دلين تي اهڙو اثر وهاريو جو اڄ تائين ڳوڻن ۾ پاڻ ۽ پَٽ ان واقعي جي آکاڻي ڳائيندا رهن ٿا. شاه صاحب چيو آهي تہ:

پنهونءَ ڪارڻ پٻ ۾ مَرَ مٽو ڏيئي،
تہ سرتيون سيئي واکاڻينئي ويڻيون.

ان وانگر هنن مقصدن خاطر سر ڏيئي پاڻ کي زنده جاويد بنائي ڇڏيو. سنڌ جي شعر ۾ اها پهرئين رجز يہ ۽ مرثيہ واري شعر جي آکاڻي آهي.

قومن جي اکثريت هميشہ بزدل، بي غيرت، ابن الوقت ماڻهن جي ٿئي ٿي ليڪن انهن ۾ چند اهڙا بہ ماڻهو پيدا ٿين ٿا جي ڏسڻي واڻسي صرف روايات ۽ مقصدن خاطر قربان ٿيو وڃن. شاه سائين اهڙيءَ حالت لاءِ چوي ٿو:

تہ ڪَر ڪيئن مُئي، جي سير نہ گهڙي سُهٽي،
هتي حياتيءَ ڏينهڙا، هڏهين تاڻن نہ هُئي،
هوئين هوند مُئي، پر ٻڏيءَ جا ٻيڙا ٿيا.
(شاه)

ههڙن بامت، باغيرت، ملڪ جي عزت ۽ناموس، آزادي ۽ قومي روايات جي حفاظت لاءِ لڙي پاڻ قربان ڪندڙن تي سنڌين کي واقعي فخر ڪرڻ ۽ انهن جي يادگار ملهائڻ جو حق آهي.

پر چوڻي آهي تہ صحيح راءِ ۽ حق تي هلڻ تہ جدا ڳالهہ آهي پر انهن ماڻهن جي سچائپ ۽ قدرداني بہ ٿورن کي ٿئي ٿي. دنيا جي چاليہ ڪروڙ مسلمانن مان پنج

سيڪڙو حسين عليہ السلام جو يادگار مس ملهائيندا هوندا.

هن وقت جڏهن اسان تاريخ جي نهايت مُشڪل دور مان لنگهي رهيا آهيون. اسان جي سياسي آزادي ختم ڪئي وئي آهي جا اقتصادي حالت تي اثر انداز ٿيڻ کان رهي نہ سگهي آهي. اسان جي ڪلچر ۽ زبان تي وار ٿي رهيا آهن ان وقت اهڙي قسم جي سپوتن ۽ سورهين جا قصا ۽ ڪهاڻيون عوام تائين پهچائڻ ۽ سندن ياد تازي ڪرڻ، قومي غيرت، همت ۽ جذبہ آزاديءَ کي زنده ڪرڻ جي برابر آهي.

دودو سومرو ۽ ان جو قبيلو راجا ڏاهر کان پوءِ پهريو سنڌي سورهيہ شهيد آهي، جنهن جي ڪارنامن تي سنڌين کي ناز ڪرڻ جو پورو حق آهي.

هن واقعي کان پوءِ بہ سومرن جي حڪومت ڪجهہ وقت لاءِ رهي، پر ايترين قربانين سندن طاقت ڪمزور ڪري ڇڏي هئي. جنهن ڪري ٿوري وقت کان پوءِ انهيءَ قبيلي جي همير نالي حاڪم کي سمن قتل ڪري حڪومت تي قبضو ڪيو. سما بہ سنڌ جا رهاڪو ۽ راجپوت نسل مان هئا.

نواب (دولهه) دريا خان عرف نواب مبارڪ خان

سومرن جي حڪومت ڪمزور ٿيڻ بعد انهن جي آخري حاڪم هميرڪي سمن قتل ڪري ان جي جاءِ تي سندن سردار اُنڙ پٽ پنهه کي جام جو لقب ڏئي سنڌ جي گهٽي پاڻي تي حاڪم مقرر ڪيو. جيئن ته سنڌ جي ٻنهي بهترين گهراڻن جي مستند تاريخ اڃا تائين لکي ڪانه ويئي آهي. ان ڪري انهن جي حڪومت جو مفصل احوال ميسر ٿي نه سگهيو آهي. پر چچنامه ۽ تاريخ تحفة الڪرام وغيره جي مختلف روايتن جي بنا تي ۱۳۶۰ع کان پوءِ ان گهراڻي جي شروعات شمار ڪري سگهجي ٿي. جيڪا ۱۵۲۰ع تائين هلي انڪل ۱۶۰ورهيه ڪن حڪومت ڪياٿون. ان عرصي ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ انهيءَ قبيلي جي سردارن جو تسلط هو جي ننڍين ريلستن وانگر اندروني طور آزاد هٿا ليڪن سڀني سلامي وڏي حاڪم جام جي پريندا هٿا.

اهو دور بہ سنڌ لاءِ امن امان، ترقي ۽ تمدن جو باعث رهيو آهي- انهن جي دور حڪومت ۾ ڪيئي وڏا ڪوٽ ٻڌا، علم پکڙيو، هنر زور ورتو، قومي روايتون ۽دستور بہ قائم رهيا. سنڌ جي غيرت، روايت، حب الوطني ۽ آزاديءَ جي حفاظت لاءِ سومرن پاڻ ملهايو ته سمن وري تهذيب ۽ تمدن کي زور ونائڻ لاءِڪوشش ڪئي.

هن قبيلي ۾ بہ ڪيترا ئي نامور حاڪم پيدا ٿيا جن مان جام تماچيءَ جو نالو خاص مشهور آهي. جنهنجي ڪينجهر جي مهاڻيءَ، نوريءَ سان رومانس جي قصي کي شاهه لطيف نهايت عمدي پيرايي ۾ بيان ڪري انهيءَ دور جي عمده تصوير ڪيڊي آهي.

چون ۾ اچي ٿو ته انهن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ امن امان، آبادي ۽ هنر جي زور ونڻ ڪري آسودگي اچي ويئي هئي. مدرسا بہ ڪليل هٿا. هي حاڪم عالمن، شاعرن، ۽ راڳ جي مجلس ۽ شڪار لاءِ اڪثر ڪينجهر جي ڏنڊ تي تفريح لاءِ ويندو هو، جتي پرلطف مجلسون ٿيندڙيون هيون. عمديون ٻيڙيون ان جا رنگا رنگي سڙهه ۽ ساز سامان مجلس جي رونق کي وڌائيندڙ هٿا. ڪينجهر جو نظارو نهايت عمدو هو. شاهه صاحب ان لاءِ فرمائي ٿو ته:-

هيٺ جر، مٿي مچر، ڪنڊيءَ ڪونر ٽڙن،
ور ٿي واهوندن، ڪينجهر خستوري ٿئي.
(شاهه)

اهڙيءَ طرح گهمندي هن جي نوريءَ نالي عورت تي نظر پئجي ويئي. هوءَ هٿين

پيرين آرڪيٽن هٿي هن جي من ۾ گيرب ۽ گاڻ نه هو. تنهن جي نيٽن ڪٽي راڻ ڪي ريجهائي ڇڏيو. نيٽ سمي سڃاڻي ٻيڙو ٻانهن ۾ ٻڌي ڪٽي راڻين ۾ شامل ڪيس پوءِ ته جام مهاڻ تان مڙئي محصول معاف ڪري ڇڏيا ۽ اڪثري ڪينجهر جي ڪناري مجلسون ٿيندڙيون رهنديون هيون. اتي ماڙي ٺهرايائين. سندن قبرون مڪلي ٽڪريءَ تي شيخ حماد جمالي جي مقبري هيٺان آهن.

ان کان پوءِ انهيءَ گهراڻي جو ٻيو مشهور حاڪم نظام الدين عرف جام نندو بن پنهه ٿيو. هي ٨٦٦هـ مطابق ١٤٦٣ع تي تخت تي ويٺو. سندس ڏينهن ۾ حڪومت اُتر طرف ودّي بهاولپور تائين پکڙي، الهندي طرف سبي تائين، مطلب ته ساري موجوده سنڌ سندس قبضي ۾ هئي. هي پاڻ وڏو عالم هو. عالمن، درويشن جي صحبت ڪي پسند ڪندو هو. نهايت اعليٰ منتظم، منصف مزاج ۽ سخي هو هن جي حڪومت ۴٨ سال هلي. ان وچ ۾ امن امان قائم ٿيڻ ڪري ملڪ نهايت ترقي ڪئي هن اڳيون ساموئي يا سمانگر ڇڏي ان جي ٽن ميلن جي مفاصلي تي موجوده نئين جو شهر نئين سر ٻڌايو. جنهن ٿوري وقت اندر مدرسن، واپار، ڪارخانن، عالمن وغيره ڪري نهايت زور ورتو. اهو سمن جي اوج جو دور هو.

نواب دريا خان هن منصف مزاج، منتظم ۽ مردم شناس حاڪم جو وزير اعظم هو. ان بابت چوڻ ۾ اچي ٿو ته اصل ۾ هي جام صاحب جي وزير لکمير وٽ نوڪر هو. سندس اصل نسل جو پورو پتو نٿو پوي. سندس اولاڻي نالو قبوليو هو. هڪ دفعي جام نندو شڪار تي نڪتو ساٿس وزير لکمير بہ گڏ هو. رستي تي جام صاحب کي اُڃ لڳي، جام صاحب جو نوڪر پري هو ان ڪري قبوليي چوڪري ڪيس پاڻي آڻي ڏنو. جام صاحب ڏنو ته ان ۾ ڪي ڪڪ پيل هئا. ان بابت هن کان جام سبب گهريو. هن جواب ۾ ٻڌايس ته قبلا جن کي سخت اُڃ هئي، يڪدم پاڻي پي وري سواري ڪن ها ته طبيعت تي خراب اثر پوي ها. ان ڪري ڪڪ وجهي ڏنم ته سائين جن آهستگيءَ سان پاڻي پين. سندس اهڙي عقل واري جواب کان جام صاحب متاثر ٿي ڪيس پاڻ وٽ نوڪر ڪري رکيو. جتي آهستي ٿي ترقي ڪندو تعليم ۽ تربيت حاصل ڪرڻ بعدلياقت ۽ ايمانداري ڪري پهرين وزير ۽ پوءِ وزيراعظم جي درجي تي پهچي نواب خان اعظم ۽ فرزند خاص جا لقب حاصل ڪيا. ڪيس فوجن جي سپه سالاري بہ ملي. هاڻ نواب دريا خان عرف نواب مبارڪ خان جي نالي سان سڏجڻ لڳو. هي انهيءَ عرصي ۾ سنڌ جي مڪاني بدامنين دور ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. ان ڪري ساري صوبي جي حڪومت گهٽي وقت تائين نهايت امن امان ۽ خوش اسلوبيءَ سان هلڻ لڳي.

انهن ڏينهن ۾ بابر بادشاه سمرقند کان نڪري اچي ڪابل ۾ ديرو جمايو هو. شاه بيگ ارغون ان جي خوف کان ٻئي ملڪ وسائڻ جي خيال کان سنڌ تي سندس پاڻ ميرزا سلطان محمد جي هٿ هيٺ لشڪر چاڙهي موڪليو جن آگره، چانديڪا، مندڀجا ۽ ماڇين جو ڪوٽ اچي ڦريا ۽ لُٽيا. ان خبر پوڻ تي جام نندي وڏو لشڪر نواب دريا خان جي هٿ هيٺ ان جي مدافعت ڪرڻ لاءِ چاڙهي موڪليو. جنهن هَلو ڪر ڳوٺ وٽ پهرين جنگ ٻارغونن جي لشڪر کي شڪست ڏني. جنهن ۾ شاه بيگ جو پاڻ سلطان محمد مارجي ويو باقي سندس بچيل لشڪر قندار ڏانهن پڇي ويو. اها معمولي

ڪاميابي ڪانه هئي. افغانستان کان ايندڙ سپاهين جو هندستان ۾ سنڌ تي ڏاڪو ويٺل هو. انهن کي اهڙي شڪست فاش ڏيڻ ڪري وري ڇاڻ نندي جي حياتيءَ ۾ ارغونن سنڌ ڏي رخ نه رکيو. اهو نواب دريا خان جي بهادري ۽ قابليت جو ڪليل ثبوت هو.

انهن ڏينهن ۾ هڪ ٻيو واقعو سرزد ٿيو، جيتوٽيڪ ظاهر ۾ خاص اهميت رکندڙ نه هو پر ان مان نواب دريا خان جي سياسي دانشمنديءَ ۽ معاملہ فهميءَ جو پتو پوي ٿو.

سيدمحمد ميران شاهہ ۸۴۷ھ ۾ جونپور جي شهر ۾ پيدا ٿيو، جو علم پڙهي وڏي لياقت جي درجي تي پهتو هو. پوءِ روزا، زهد، تقويٰ ۽ وظائف جي ذريعي صاحب ڪمال ٿيو. سندس معتقدن جو چوڻ آهي تہ هڪ دفعي حسب معمول پنهنجي ورد وظائف ۾ مشغول هو تہ ڪيس اهو آواز ٻڌڻ ۾ آيو تہ "تون مهدي آهين". آخر اهو آواز مسلسل ٻڌڻ بعد هن کي سندس مهديپڻي جو يقين وبهي ويو. مسلمانن جي هڪ گروه ۾ گهٽي وقت کان اهو عقيدو رهندو پئي آيو تہ آخر زمان ۾ امام مهدي پيدا ٿيڻ وارو آهي جو ساري دنيا جي مسلمانن کي متحد ڪري دنيا تي غلبہ اسلام لاءِ بيعت وٺي جهاد ڪري ساري دنيا کي زوريءَ يا خوشيءَ سان دائري اسلام ۾ آڻيندو. انهيءَ طرح سان اسلام جي پيدا ٿيڻ جي مشن تہ اسلام، انسانذات جي وچ ۾ اتحاد، امن ۽ ترقي آڻيندو، مڪمل ٿيڻ واري آهي.

اهو عقيدو صرف مسلمانن ۾ ويٺل نہ آهي پر قريبًا هر عالمگير مذهب جي ڪن گروهن ۾ گهٽي وقت کان سندن نشاط ثانيہ لاءِ ويٺل آهي تہ منجهان ڪو ماڻهو پيدا ٿي انهيءَ مذهب کي ساري دنيا ۾ رائج ڪندو. هندن مان ڪن ۾ وشنو مهاراج جي نئين سر اوتار ٿي اچڻ بعد هندن جي دنيا تي تسلط ويهڻ جو اعتقاد ويٺل آهي.

اهڙيءَ طرح حضرت عيسيٰ جي وري پيدا ٿي دنيا کي دين مسيحي تي آڻڻ جو عقيدو بہ ڪن عيسائين ۾ ويٺل هو. ان عقيدي کي مدنظر رکي دنيا جي مسلمانن ۾ ڪيئي ماڻهو اهڙي دعويٰ ڪندي پيدا ٿي ماڻهن ۾ وقتي اتحاد ۽ جوش جاڳائي وري ختم ٿي ويا. آڻ ڪيترا دفعا پنهنجي تحريرن ۾ ٻڌائي آيو آهيان تہ ملا جي مذهبي تشريح واري اسلام ۾ دنيا تي غلبہ اسلام جو تخيل ڪن مسلمانن تي گهٽي وقت کان ويٺل آهي. ڪن خلافت کي ان جو مرڪز بنائي انهيءَ مقصد جي حصول لاءِ ڪوشش ڪئي، ڪن مجدد بنجي دين کي نئين سرزنده ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ڪيترا مهدي سڏائي تبليغ ۽ جهاد ذريعي اسلام جي فروغ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳا. ڪن هاڻ ان کي پين اسلامزم جي تحريڪ سڏي اُن ڏس ۾ مسلمانن کي متحد ڪرڻ جو آواز اُٺاريو آهي. مطلب تہ اهو عقيدو مختلف شڪلين ۾ مسلمانن اڳيان پئي پيش ٿيو آهي. مصر ۾ مهدوي حاڪمن جي تحريڪ شيعن جي هڪ گروه ۾ بارهين امام ۾ گم ٿي وري آخر زمان ۾ پيدا ٿيڻ جي اميد شيخ سنوسي جي تحريڪ، مهدوي سوڊانيءَ جي تحريڪ سڀ انهيءَ تخيل جي پيداوار آهن جنهن جو پرچار سيد محمد ميران شاهہ جونپوري ڪيو ٿي.

ڪيترا ويساه وسوڙل ماڻهو اڄا تائين انهيءَ اُميد تي پيا هلن ليڪن اهل-حقيقت آهي تہ مسلمان درويشن، عالمن ۽ سياستدانن جو هڪ گروه اهڙو بہ رهيو آهي جنهن

کي نہ اسلام جي اهڙي تشريح ۽ اعتقاد رهيو آهي، نہ انهيءَ قسم جي تحريڪن کي ممڪن العمل ۽ صحيح سمجهيو اٿن. هن زماني ۾ علم ۽ سائنس جي واڌاري ڪري شايد اهڙا گهڻا ماڻهو نڪرن جي اهڙن فريب ده عقيدن ۾ ويساه نہ رکن. ليڪن سنڌ جهڙي پٺتي پيل ملڪ ۾ پنج سو ورهياڳ اهڙا ترقي پسند خيال تہ اُهو عقيدو غلط ۽ ان ٿيڻ جوڳو آهي، حڪومت جي هڪ مدبر نواب دريا خان طرفان ظاهر ٿيڻ غير معمولي ڳاله هئي.

نائين صدي هجريءَ جي آخر ۽ ڏهين صديءَ وارو زمانو هندستان اندر بدامني ۽ طوائف الملوڪيءَ جو هو. بادشاهيون ٽهنديون ۽ ڌهنديون رهيون ٿي. اهڙي ڪا مرڪزي حڪومت باقي نہ رهي هئي جو هندستاني مسلمانن جو شيرازو درست ڪري غلبہ اسلام آڻي. حق تي هلندڙ عالم دين گهٽ ٿي ويا هئا. پيران طريقت جي بدعملن ڪري مسلمانن ۾ گمراهي پيدا ٿيڻ لڳي هئي. اهڙين حالتن هيٺ سيد صاحب جي نئين پيغام ۽ تحريڪ ماڻهن تي ڇڪو اثر پيدا ڪيو. ٿوري وقت اندر هزارها ماڻهو سندس حلقہ اثر ۾ داخل ٿي ويا. ۽ ڪيترن ملڪن جا مسلمان حاڪم بہ سندس مريديءَ جي دائري ۾ داخل ٿي ويا. انهيءَ تحريڪ جا مُکياصول هيٺيان هئا.

(۱) هجرت ڪرڻ- سنڌن چوڻ هو تہ جيستائين ماڻهو قيد وطن کان آزاد ٿي گهر ٻار جو آسانگو لاهي، لڳ لاڳاپا ڇڏي مهدوي تحريڪ ۾ شريڪ نہ ٿيو آهي ان وقت تائين منجهس کا وڏي اُميد رکڻ اُجائي هئي. ان راه ۾ ترڪ وطن ضروري هو. موجوده زماني ۾ علامہ اقبال جو وطن کي بت سڏي، نظريہ جي بنياد تي بين الاقوامي لاڳاپن جي جدا قوم بنائڻ، ڪمو بيش ان ساڳي تخيل جي پيداوار آهي.

(۲) ترڪمال- سنڌن رايو هو تہ غلبہ اسلام جي راه ۾ ٻي جا رنڊڪ هئي جا شخصي مال ۽ ملڪيت جي محبت هئي اُن ڪري تحريڪ کي ڪامياب بنائڻ لاءِ هر پوئلڳ جو فرض ٿيو پوي تہ هو ساري ملڪيت مهدوي تحريڪ جي حوالي ڪري غلبہ اسلام جي لاءِ، ڪم آڻڻ ۾ مدد ڪري.

(۳) جهاد- ٽيون شرط ان تحريڪ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ اهو هو تہ ان جو پوئلڳ سڀ لاڳاپا لاهي سر تريءَ تي رکي خوف خطرا ڦٽا ڪري تلوار هٿ ۾ ڪٹي مهديءَ جي حڪم تي غلبہ اسلام لاءِ لڙي.

مذهب جي نالي ۾ ماڻهن کي استعمال غرضي (ايڪسپلائٽ) ڪرڻ جا تاريخ ۾ ڪيترائي مثال ملن ٿا. يورپ جون صليبي جنگيون ان جو هڪ مثال آهن. جتي نيٺ گهڻي غور فڪر ۽ تجربي بعد ماڻهو اُن نتيجي تي پهتا تہ ڪنهن هڪ مذهب کي آخري ۽ مڪمل سمجهي دنيا تي زوريءَ مسلط ڪرڻ جو خيال فرسوده ۽ خود فريبيءَ کان مٹي نہ هو. سڀني مذهبن پٺيان بنياد وحدت سمايل هئي. جنهنجو مقصد اتحادانساني، امن عالم ۽ ترقي ۽ فلاح بني آدم هئا. اُهي مقصد محبت، تاليف قلوب، اهنسا، باهمي سمجهوتہ، اخلاقن جي درستي ۽ نفسي اصلاح جي ذريعي حاصل ٿيڻا هئا. نہ چند عقيدن ۽ دستورن جي مذهب کي جهاد ذريعي دنيا تي زوريءَ مسلط ڪرڻ سان.

جڏهن سيد ميران محمد شاه سنڌ ۾ آيو تہ ڪيترا ويساه وسوڙل ۽ پراڻي خيال

جا عالم ۽ ماڻهو ان تحريڪ جي طرف ڇڪجي ويا ۽ ان جي حلقہ اثر ۾ اچڻ لاءِ آماده ٿيا. سيد صاحب جڏهن نٽي ۾ جام نظام الدين عرف جام نندي وٽ آيو ۽ سندس تحريڪ جي مقاصد کان واقف ڪري ڪيس پهنجي حلقہ اثر هيٺ آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳو تہان وقت نواب دريا خان صحيح راءِ قائم ڪري جام صاحب کي هن جي حلقہاثر ۾ اچڻ کان روڪي ميزباني جا فرائض ادا ڪري جلد بنان مطلب حاصل ڪرڻ جي ڪيس اجازت ڏيڻي روانو ڪري ڇڏيو. ان مان نواب دريا خان جي قوم پرست خيالن ۽ سياسي تدبر جي پختگي معلوم ٿئي ٿي.جيتوڻيڪ جام صاحب جي درٻار سان تعلق رکندڙ قاضي قاضن ۽ ٻيا هن جا معتقد بنجي ويا.

هتي هيءَ ڳالهہ ڪرڻ ضروري آهي تہ نواب دريا خان کي جام صاحب طرفان ڳاهن جي پر ۾ موجود ٽلٽيءَ جي نزديڪ جاگير مليل هئي. جتي سندس فرزند رهندا هٿا ۽ پاڻ بہ اڪثر اوڏاهين ويندڙ هو.

اتي جو مخدوم بلاول عليہ الرحمتہ سما خاندان مان هو. باغبان ۾ رهندو هو. نواب صاحب ان جو عقيدتمند ۽ صحبتي هو. تنهنڪري مخدوم صاحب جا سڀ خليفا خاص ڪري سيد حيدرعليہ الرحمتہ سن وارو نواب صاحب جا دوست ۽ واقفڪار هٿا. خوش قسمتيءَ سان مخدوم صاحب ۽ سندس حلقہاثر جا درويش بہ نواب صاحب جا هم خيال هٿا. اُهو پتو مُشڪل آهي تہ اهڙا خيال نواب صاحب جي اثر ڪري مٿين درويشن تي پيا هٿا يا انهن جي صحبت نواب صاحب کي انهيءَ خيال جو بنايو هو.

سيد محمد ميران شاهہ جام صاحب کان رخصت ياب ٿي ٻيڙين جي قافلي ذريعي درياهہ رستي سنڌ ۾ سندس تبليغ ڪندو سکر طرف افغانستان ڏي وڃڻ لاءِ روانو ٿيو.

مخدوم بلاول عليہ، سيد عبدالرزاق لکياري ۽ نواب صاحب اُن تحريڪ کي ملڪي ساليت ۽ قوم پرستي جي اصولن خلاف سمجهي مشورو ڪري سيد حيدر عليہ سن واري هٿان سيد ميران محمد شاهہ جي ٻيڙين جي قافلي کي ٻوڙائي ڇڏيو. جنهنڪري سيد صاحب سندس تحريڪ لاءِ حالتون ناسازگار ڏسي سنڌ ۾ وڌيڪ تبليغ بند ڪري سڌو خشڪيءَ رستي افغانستان هليو ويو. ان جو وڌيڪ احوال مخدوم صاحب جي زندگيءَ ۾ ڏنو ويندو.

سنڌ جي بدقسمتيءَ سان جام نظام الدين صاحب ۹۱۴ھ مطابق ۱۵۰۸ع تي وفات ڪئي. سندس وفات مهل جام صاحب نواب صاحب کي سندس پٽ جي پارت ڪئي.

اُن کان پوءِ جام فيروز ۽ جام صلاح الدين جام سنجر جي پوٽي جي وچ ۾ گاديءَ تان تڪرار ٿي پيو. جنهن ۾نواب دريا خان جي مدد سان جام فيروز ڪامياب ٿيو. جنهن تي جام صلاح الدين گجرات طرف سندس نانيِ سلطان مظفر وٽ رهڻ لڳو.

جام فيروز نوجوان هو. گهٽو وقت راڄ روپ ٻڌڻ، چوڪرين جي ناچ ڏسڻ، مسخرن جي صحبت ۽ ٻين اهڙي قسم جي عياشيءَ جي ڪمن ۾ گذاريندو هو.

حڪومت جو ڪاروبار سمورو نواب دريا خان جي مٿان وڃي پيو . پيدائش جي زياده ٿيڻ ڪري شاهي خاندان جا فرد ۽ درٻار سان لاڳاپي وارا ماڻهو فضول خرچ ۽ چڙواڳ ٿي ويا هٿا. جن جي ڪارگذارين تي نواب صاحب کي سختي ڪرڻي پئي. اُن

تي جام صاحب ۽ نواب صاحب جي وچ ۾ شڪرنجي ٿي پئي. تنهنڪري وزارت مان استيفا ڏيئي اچي سندس جاگير ڳاهن ۾ رهڻ لڳو. ان کان پوءِ جام فيروز جي رنگ رلين تي نظر ڪرڻ وارو ڪو نه بچيو. جام فيروز ان تي اڪتفا نه ڪئي پر نواب دريا خان جي طاقت ڪمزور ڪرڻ لاءِ ڪيڪ ارغون ۽ ٻين ٻاهرين ماڻهن کي نوڪريءَ ۾ رکيو. جام فيروز هڪ خاص محلو انهن جي رهڻ لاءِ مقرر ڪيو جو مغل واڙو سڏجڻ ۾ ايندو هو.

انهن حالتن کي ڏسي انهن مغلن مان مير قاسم ڪيڪ شاهه بيگ ارغون کي لکي موڪليو ته جام جي حڪومت ڪمزور ٿي وئي آهي. جام صاحب پنهنجي عياشين ۾ مشغول آهي. نواب دريا خان هن کان جدا ٿي ويو آهي، ميدان خالي اٽئي. موقعي مان فائدو وٺڻ گهرجي.ان تي شاهه بيگ ارغون وري سنڌ تي حملا ڪرڻ شروع ڪيا. پهرين سکر پوءِ سيوهڻ فتح ڪيا. آخر ۾ ٺٽي تي ڪاهي ويو. تڏهن جام جي اڪ ڪلي هن نواب درياخان کي گهرائي ورتو. حالتون خراب ٿي چڪيون هيون. باوجود ان جي نواب صاحب آخر دم تائين سنڌ جي آزادي، ناموس ۽ عزت خاطر لڙندو رهيو ۽ شهيد ٿيو. لڙائي هلندي جام فيروز پڇي وڃي پير پٽي طرف لکو جتان آخر شاهه بيگ کي رحم جي درخداست ڪري معافي وٺي صلح جا شرط قبولي ارغونن جي تابع ٿي هڪ محدود ٺڪري تي رهڻ لاءِ رضامند ٿيو.

نواب صاحب سنڌ جي آزادي خاطر سر ڏيندڙ، سورمن، مدبرن ۽ صحيح رايا رکندڙ محب وطنن ۾ مکيه هو. تنهنڪري ان کي سنڌ لاءِ شهيد ٿيندڙن ۾ ٽيون نمبر شمار ڪريون ٿا.

ان جي مزار سندس مربي جام نظام الدين جي الهندي طرف مکلي ٺڪريءَ تي آهي.

سنڌ جومشهور مؤرخ سيد پير حسام الدين راشدي مکلي نامه ۾ سندس لاءِ هيٺين خيالن جو اظهار ڪري ٿو: "نواب دريا خان ابتدا ۾لاوارث ڇوڪرو هو. بادشاهه منجهس ڪارڪردگيءَ جا جوهر ڏسي پاڻ وٽ آڻي اعليٰ تربيت ۽ تعليم ڏيئي معمولي ملازم جي درجي تان مٽي چاڑهي ڪيس وزير اعظم جي درجي تي آندو. سنڌ جي فوجن جي سهه سالاري بہ سندس سپرد ڪئي. مبارڪ خان، خان اعظم جا خاص خطاب ڏيئي سندس مرتبو بلند ڪري آخر پنهنجي فرزنديءَ جي لقب سان سرفراز ڪري عروج ۽ اقبال جي آخر منزل تي پهچايو.

مردم شناس سلطان جي منتخب ڪيل ماڻهو، سندس ڪارڪردگيءَ سبب بادشاهه جي زندگيءَ ۾ نمڪ حلالي ۽ جفاڪشي ڪندي سموري سلطنت جو ڳاڻ اوچو رکيو. بلڪ سندس وفاتيءَ کان بعد بہ اهو اڪيلو امير هو جنهن سنڌ جي آزاديءَ لاءِ مسلسل جدوجهد جاري رکي، پنهنجي جيئري مغلن کي ٺٽي ۾ داخل ٿيڻ نه ڏنو. اول ۾ دره بولان خان وٽ پهچي کين شرمناڪ شڪست ڏيئي پٺتي هٽايو. آخر ۾ ٺٽي جي چانڊڪ وٽ لڙندي وڙهندي تير ۽ تلوارون هٽندي ۽ ڪائيندي پنهنجو سرصدقو ڪري ڇڏيو.

ان کان پوءِ "خرابي سنڌ" جو باب کلي پيو. جنهن نه صرف ٺٽي بلڪ ساري سنڌ

لاءِ غيرن جي غلاميءَ جو رستو هموار ۽ صاف ڪري ڇڏيو. اهو واقعو ۹۳۶ھ مطابق ۱۴۳۰ع تي سرزد ٿيو".

ان کان پوءِ سنڌ ۱۱۳۱ھ مطابق ۱۷۱۹ع تائين غيرن جي غلاميءَ هيٺ رهي. جنهن کي ميان نور محمد صاحب ڪلهوڙي جي ڏينهن ۾ مٽي ڪنهن لاءِ فرصت ملي. پر سندس ڏينهن ۾ نادر شاھ جي ڪاھ وري سنڌي حڪومت کي ڪمزور ڪري ڇڏيو.

حق تہ اهو آهي تہ هڙي بهادر، سرويچ،مدبر، شهيد سنڌ جون سڀ بسال ورسيون ملهائي يادگار قائم ڪريون پر جنهن صورت ۾سنڌ وري غيرن جي غلاميءَ هيٺ وڃي چڪي آهي ۽ هر غلامي قومي غيرت، حميت، جذبہ آزادي، ڪمزور ڪري ڇڏي ٿي. تنهنڪري نوجوانن جي ايمان تازي ڪرڻ لاءِ سندس حياتيءَ جو احوال لکي پيش ڪريان ٿو.

بنا كردند خوش رسمي، بخون و خاك غلطيدن،
خدا رحمت كند اين، عاشقان پاك طينت را.

معنيٰ: "خدا رحمت ڪري انهن پاڪ صفت عاشقن تي جن پنهنجا رت هاري سندن بهادري ۽ قرباني جا مثال قائم ڪري ڇڏيا آهن.

وري پير حسام الدين شاھ مڪلي نامہ ۾ لکي ٿو:

"نواب دريا خان سنڌ کي هر لحاظ سان مضبوط ۽ محڪم ڪيو. ان جي فوجي، سياسي، سماجي ۽ اقتصادي صورتحال کي اهڙيءَ ڪڙيءَ تي بيهاريو جو مورخن جو متفقہ قول آهي تہ اهڙو زمانو سنڌ نہ پهرين ڏٺو نہ پوءِ. انهيءَ ۾ تعميري، رفاهي صلاحيتن سان گڏ منجهس آزادي ۽ وطن پرستي جو جيڪو رنگ هو اهو سنڌ جي تاريخ ۾ ڪيس هميشہ زنده ۽ پاينده رکندو. سر جا سانگا لاهي وطن کي ڏارين جي قبضي کان آزاد رکڻ لاءِ هن جيڪا جدوجهد ڪئي اُها سنڌ وطن جي تاريخ ۾ مثالي آهي.

سندس سمورو خاندان انهيءَ رنگ ۾ رتل هو. سندس سڀني عزيز دوست آزاديءَ جا جري جوان ۽ بهادر هٿ. علاؤ الدين منجهان عالم نڪتو. محمود خان ۽ مونڻ خان سپاهي مرد هٿ. پچاڙيءَ سوڏو ارغونن سان خوب وڙهيا. سارنگ خان چوٿون نمبر فرزند هوس جو بہ پنهنجو مٽ پاڻ هو".

(مڪلي نامہ- پير حسام الدين راشدي)

●

مخدوم بلاول بن چاڪر حسن سمون

عليہ رحمت - باغبان

سوريءَ سڏ ڪيو، ڪا هلندي جيڏيون،
وڃڻ تن پيو، نالو نينهن ڳنهن جي.
(شاهہ)

مخدوم صاحب جي زندگيءَ جو قلمبند ٿيل پورو احوال ملي نہ سگهيو آهي. ليڪن ڏند ڪٿائن مان ايترو معلوم ٿئي ٿو تہ هو ذات جو سمون ۽ نڙي جي شاهي خاندان سان واسطو رکندڙ هو. جنهن ڪري ڪيس اڃا تائين "سمون سردار" جي لقب سان سڏيو ويندو آهي. سندس ڄم جي تاريخ ملي نٿي سگهي پر غالباً نائين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ ڄائو هو. انهن ڏينهن ۾ تعليم جا مکيہ مرڪز نڙو، سيوهڻ ، پاڻ، ٺٽي وغيره هئا. هن ابتدائي تعليم نڙي مان حاصل ڪري پوءِ وڌيڪ تعليم ٺٽيءَ جي ڳوٺ ۾ مخدوم عمر ونڍ اچي حاصل ڪئي. شادي بہ اتي ڪيائين پوءِ ٿوري پنڌتي باغبان جي ڳوٺ ۾ اچي رهڻ لڳو. جتي سندس مزار آهي. معلوم اٿين ٿئي ٿو تہ مذهبي علم ۾ تفسير ۽ حديث ۾ خاص ماهر هو. جنهن ڪري دور دراز پنڌ تان طالب علم ونڊس علم پرائڻ ايندا هئا. شروع کان وٺي سلسلہ طريقت ۾ دلچسپي وٺندو رهيو. سندس شجره طريقت هٿ نہ اچي سگهيو آهي. پر غالباً سهروردي طريقي سان تعلق هوس. هي انهيءَ وقت جي مکيہ صاحب طريقت بزرگن مان هو. جنهن جو ثبوت مخدوم نوح عليہ رحمت جي پوٽي ميان غلام الرسول صديقيءَ جي لکيل ڪتاب "دليل الذاڪرين" مان ملي ٿو. جنهن ۾ هو ڄائي ٿو تہ سنڌ ۾ ان وقت ٻي مکيہ طريقت جا ادارا هئا. ۱- قلندر لعل شهباز ۲- مخدوم بلاول عليہ ۳- مخدوم نوح عليہ. مخدوم بلاول عليہ رحمت جا ڪيئي مکيہ خليفا هئا جن جي ذريعي ملڪ جي مختلف ڪنڊن ۾ سندس طريقہ تصوف جا درس ماڻهن ڪي ملندا رهيا انهن مان مکيہ هيٺيان هئا.

(۱) مخدوم ساهڙ عليہ النجار مقبرو نزديڪ انڙپور- جنهن کان سيد رڪن الدين عليہ رحمت مٽيار ي سيدن جي خاندان تي اثر انداز ٿيو.

(۲) سيد حيدر عليہ سنائي مقبرو سن ۾- جنهن جي خليفن ڇچرن جي ڳوٺ کان ڪمائن تائين ۽ جبل ۾ سندس تعليم ڪي پکيڙيو.

(۳) مخدوم رُڪن الدين عليہ عرف مخدوم ٻنو- مزار مڪلي نڙو. ان جي وسيلي بلاولي تعليم دارالحڪومت تائين پهتي.

(۴) مخدوم حسين عليہ بلالي مقبرو پاٽوٽ- جنهن جو اثر ڪيٽي بندر تائين پهتو.

(۵) مخدوم سعد عليہ عرف مخدومسائد- مقبرو نزديڪ سکرنڊ جيکو ميان صاحب ڪنيارن جو جدا مجد هو.

(۶) مخدوم هنگور عليہ مزار تعلقو مورو- جنهن ڪري بلاولي تعليم ان طرف پکڙي.

بدقسمتيءَ سان سندس مفلوظات يا مڪتوبات جور زماني ڪري غائب ٿي ويا آهن تنهن ڪري سندس حياتيءَ جو بيان صرف ڏند ڪٿائن ۽ ڪن مخصوص ڪتابن تان هٿ ڪري پيش ڪجي ٿو.

هيءُ صاحب انهن بزرگن مان هو جن شريعت اسلام جي پيروي صاحب طريقت لاءِ ضروري ٿي ڄاڻي جنهن ڪري هن جو توجهہ زيادہ تر عوام جي اخلاقي درستي ۽ نفسياتي اصلاح طرف هو.

هن جي طريقہ تعليم ، جا مُکيہ اصول هيئان هٿا

(۱) صاحب طريقت کي معتقدن ۽ مُريدن جي نذر نياز کان پلسو ڪري ڏنڏو ڪري گذر معاش ڪرڻ گهرجي.

(۲) مذهب ۽ سياست کي علحده رکڻ ضروري هو.

(۳) سندس گروهہ قوم پرستيءَ جي بنياد تي سنڌ دوستيءَ جو حامي هو.

مٿي ذڪر ڪيل اصولن جي تشريح هيئين آهي:

(۱) صاحب طريقت کي گُذر معاش لاءِ ڪوبہ پيشو اختيار ڪرڻ گهرجي

ملڪ ۾ عام دستور هو تہ مدرسا يا خانقاهون يا تہ حڪومت جي مدد تي هلندا هٿا يا شهرين ۽ معتقدن جي نذرونيازن جي آدار تي هلندڙ هٿا. هيءُ غور ۽ فڪر بعد اُن نتيجي تي پهتو هو تہ هڪ طريقا نقص کان خالي نہ هٿا . حڪومت جي مدد کين حاڪمن جو محتاج ٿي بنايو. مريدن جي نذر نيازن پيران طريقت جي ادارن کي مستقل مفاد بنائي آخر ۾ انهن جي پوين لاءِ گذر معاش جو ذريعو بنايو ٿي تنهن ڪري اُهي ادارا طريقت ۽ روحانيت جي نالي ۾ معتقدن مٿان چڙي ٿي پيا. تنهن ڪري هن پاڻ ڪورڪو ڏنڏو اختيار ڪيو. ان مان گذرمعاش ڪرڻ شروع ٿيو ۽ خليفن کي بہ حڪم ڪيو تہ گذر معاش لاءِ ڪو ڏنڏو اختيار ڪري ان تي گذران ڪن. بلڪ وڌ اچن تہ سمر پاڻ سان کنيو اچن.

ان واسطي سادي زندگي اختيار ڪرڻ سندن لاءِ نهايت ضروري هو. ان لاءِ هن هيئان دستور مقرر ڪيا.

الف- نہ پاڻ مُريدن کان نياز وٺندو هو نہ خليفن کي وٺڻ جي اجازت هوندي هٿي.

ب- پاڻ بہ ڪچيءَ لانديءَ ۾ رهندو هو ۽ جملي خليفن کي ڪڪائن گهرن ۾ رهڻ جو حڪم هو ۽ پڪي جاءِ جنهن کي اُنهن ڏينهن ۾ ماڙي سڏيندا هٿا ۾ رهڻ جي منع هٿي.

ت- بلاولي طريقي جي خليفن لاءِ سادو ڪاڏيءَ جو ڪپڙو ۽ سادي خوراڪ لازمي نهرايل هٿا. ريشم ۽ عمدي ڪپڙي يا طعام ڪائڻ جي اجازت نہ هٿي.

ٽ- گهر ۾ جنڊيءَ جو پينگهو يا ڪٽ رکڻ جي اجازت نه هوندي هئي، سادي ڪُولي تي سمهڻ جو حُڪم هو.

ج- انتقال بعد پنهنجي مٽان قُبي آڏائڻ جي منع هئي.

اهي سڀ دستور ان ڪري لازمي ٺهرايائين ته انهن ڪري پيران طريقت ڪي پيسا ڪمائڻ جي لالچ ڪري نڏرنياز وٺي عياش زندگي گذارڻي پوي ٿي. جنهن ڪري ماڻهو ڪاهل ٿيو پوي ۽ معتقدن کي نفعو پهچائڻ عيوض انهن مان نفعو حاصل ڪري ٿو.

(۲) مذهب ۽ سياست کي علحده رکڻو هو.

هن کي تاريخ اسلام تي پورو درڪ هو. جنهن ڪري کيس معلوم ٿيل هو ته مذهب ۽ سياست جي گڏجڻ ڪري اڪثر عالمن وقت جي حاڪمن جو هٿيو بنجي، اسلامي قوانين کي مروڙي سندن حاڪمن جي مرضي موافق هلايو ٿي- رسول مقبول ص اختلاف راءِ کي رحمت سمجهي ان جي اجازت ڏني هئي. پر تاريخ مان کيس پتو پيل هو ته حاڪمن ۽ مُلن سندن مستقل مفاد جي خلاف راءِ کي نه صرف مذهب جي نالي ۾ دٻايو هو پر ان ڪري ڪيترن عالمن ۽ درويشن کي قتل ڪرايو هو. شمس تبريز، منصور وغيرہ جا مثال سندس اکين اڳيان هٽا. ازانسواءِ ان وقت سندس چوطرف مڙيئي مسلمان حڪومتون هيون. جن جنگين کي هر گروهه جي طرفدار عالمن جهاد جي فتويٰ ڏيئي جائز بلڪ لازمي ٺهرايو ٿي. جنهن ڪري ، هزارها بلڪ لکها مسلمان انهي حاڪمن ۽ مُلا جي چوگان شطرنج ۾ ظلم جا شڪار بنيا ٿي.

هن کي اُهو بہ معلوم هو ته شريعت اسلام يعني فقهي معاملن ۾ مسلمانن اندر سوها فرق پيدا ٿي پيا هٽا ۽ منجهن نفاق جو ڪارڻ بنيا هٽا. اڪثر حاڪمن ملڪي رسم رواج، دستورن ۽ مصلحت وقت مطابق حڪومت جو ڪاروبار ٿي هلايو. هر مُلڪ ۽ قوم جون مُلڪي حالتون ۽ وقتي تقاضائون علحده هيون. ان ڪري مذهب جي استعمال غرضي (ايڪسپلائيٽيشن) ٿي ٿي.

جيئن ته سنڌ ۾ ايان تائين هندن جو ڇڪو خاصو تعداد هو. اُهي مڪاني تعلقاتن ڪري سنڌي مسلمانن سان گڏجيو ٻاهرين حملي آورن خلاف، جيڪي اڪثر مسلمان هٽا، لڙندا هٽا. جيڪڏهن مذهب ۽ سياست کي گڏبو ته اُن ڪري فرقن سان سختي ڪرڻ جو وجهه ملي ويندو. ان ڪري مُلڪي ۽ قومي شيرازو ڪمزور ٿيڻ جو امڪان هو. اهڙين حالتن هيٺ ٻاهرين ڪاهن وقت سنڌين طرفان متحده محاذ بنجڻ جو گهٽ امڪان هو.

سنڌ کي دهلي ۽ افغانستان طرف جي مسلمان حاڪمن کان جنگين ۽ ڦر لٽ جو هميشه خطرو رهندو هو. مذهب ۽ سياست کي گڏڻ سبب قوميت جو بنياد مذهب تي ٻهڻ وارو هو. ان ڪري ڌارين حڪومتن جي طرفدار ايجنٽن ۽ مُلڪي مفاد خلاف غداري ڪرڻ جو هميشه امڪان هو. مُسلمانن جي جداگانه قوميت جو نظريو بين الاقوامي بنيادن تي برپا ڪيو ٿي ويو ان جي اڪثر ملڪي مفادن سان ٽڪرجڻ جو

امكان موجود هو. جهڙيءَ طرح اڄ كلهه كيتريون حكومتون كميونسٽ پارٽيءَ كي بين الاقوامي نظرياتي گروهه جائي ملكي مفادن جي خلاف سمجهي ملك ۾ ممنوع كن ٿيون.

(۳) هو قوم پرست خيالن جو حامي هو.

مٿي ذكر كيل نقطه نگاهه، صحيح اسلامي تعليم، حقائق دهر ۽ سنڌي مفاد جي خيال كان هو مسلمانن جي جداگانه قومي تصور كي غلط فرسوده ۽ غير اسلامي سمجهڻ لڳو هو.

هن چوڻ طرف ڏٺو ته كي حاكم مغل هٿا ته كي ترك هٿا ته كي ايراني هٿا ته كي عرب ۽ سڀئي مسلمان هٿا. جن سندن گروهي مفاد خاطر جنگيون كري ملك فتح كري قُر لٽ كئي ٿي. ليكن اهڙن كارنامن كي اسلام جي نالي ۾ جهاد سڏي اسلام جي سهڻي نالي تي ٻكو لڳايو ٿي. مُلن محمود غزنوي، تيمور لنگ ۽ علاؤالدين جي جنگين، قتل عام ۽ قُر لٽن كي جهاد سڏي انهن كي غازي ۽ صاحب قرآن جا لقب ڏنا هٿا.

بني اُميه، بني عباسين ۽ ٻين مسلمان حاكمن جا كارنامه هن جي اكين اڳيان هٿا. هو اهل نظر ۽ اهل دل هئڻ كري اهڙين كارواين كي اسلام جي نالي سان تعبير كرڻ لاءِ تيار نه هو.

هو سنڌ ۾ جائو هو. سندس قبيلي جي منصف مزاج ۽ مهذب حاكمن جي هٿ ۾ سنڌ جي حكومت جي واڳ هئي. اُن جا پر وارا هندو راجا ۽ مكاني راڻا ٻه گڏيل ملكي مفاد كري معاون ۽ مددگار هٿا. تنهن كري هو ان نتيجي تي پهتو ته سنڌ جا رهاكو وطن، زبان، گڏيل ملكي مفاد ۽ روايت جي نقطه نگاهه كان علحده قوم هٿا.

مسلمانن جي جُداگانه قوم جو نظريو ڏارين مسلمان حكمرانن جي سنڌ تي تسلط قائم كرڻ لاءِ هڪ ڏوكو هو. تنهنكري هي پاڻ، سندس خليفا ۽ سندن دوست نواب دريا خان انهيءَ نتيجي تي پهچڻ بعد مذهب جي نالي ۾ جُملي مسلمانن كي هڪ گڏيل قوم تسليم كرڻ جي خلاف هٿا. تاريخي حقيقتون ان جي خلاف ڏنيون هٿائون. ان كري جڏهن سيد محمد ميران شاهه جونپوري سنڌ ۾ آيو ۽ غلبه اسلام جي نالي ۾ پاڻ كي مهدي سڏائي بيعت ونڻ لڳو ته ان نظريي كي هن سنڌ جي مفاد لاءِ نقصانكار سمجهي ان جي مخالفت كري سيد محمد ميران شاهه جون ٻيڙيون سندس خليفي سيد حيدر عليه سن واري هٿان ٻوڙائي ان نظريي جي سنڌ ۾ وڌيڪ پرچار كرڻ كي روكي هن كي افغانستان وڃڻ تي مجبور كيو.

هُن كي پتو هو ته مسلمان تاريخ ۾ كڏهن متحد نه ٿيا هٿا ۽ نه سڀئي مسلمان سڏائيندڙ صحيح اسلامي تشريح مطابق صحيح مسلمان هٿا، نه سڀئي غير مسلم كافر هٿا. ماڻهن جي مذهبن ۾ موجوده ورهاست مصنوعي ۽ غلط هئي. كيترا ماڻهو غير مسلمانن ۾ خدا پرست ۽ صالح العمل ۽ صلح پسند هٿا ۽ كيترائي مسلمان ظالم، غاصب، ڏاكو ۽ مفسد هٿا. ان كري هن سنڌين جي جُداگانه قوم جي بنياد تي سنڌ جي سما حكومت جي ارغونن جي خلاف مدد كئي. سندس معتقد ارغونن خلاف هندن سان

گڏجي لڙيا.

جڏهن جام فيروز جي نااهلي ۽ درٻار ۾ ٻاهرين جي اثر ڪري نواب دريا خان بددل ٿي وزارت کان ٻاهر نڪتو ۽ ارغون ملڪ فتح ڪندي نٽي پهتا. آخر وقت ۾ نواب دريا خان سنڌ لاءِ لڙندي شهيد ٿي ويو ۽ اُن کان پوءِ نواب جي فرزندن مونڙ خان ۽ محمود خان، راڻي رڻمل ۽ جوڌا سنگهه سوڍن سهتن ۽ مخدوم صاحب جي مريدن ٽلٽيءَ وٽ ٻيو دفعو جنگ ڪئي، جنهن ۾ سڀ شهيد ٿي ويا. ان کان پوءِ مخدوم صاحب کي پتو پيو ته آئندي وار مٿس ٽيڻ وارو هو. سنڌ جون حالتون نالساز گار هيون، ڪُڻ جو امڪان نه هو، اُن ڪري هن فيصلو ڪيو ته پاڻ اڪيلو سر ڏئي. ڪيس ٻين خليفن جي اهنسائي اصولن جو پتو هو سيد حيدر عليه سن واري جي جوشيلي طبيعت ڪري هُن ڪيس حڪم ڪيو ته ڪڇ ڏي هليو وڃي. جيڪو مرشد جو حڪم مڃي اوڏانهن هليو ويو. ان وچ ۾ جام صلاح الدين ڳجرات کان لشڪر وٺي وري نٽي تي ڪاهه ڪئي. جام فيروز شاهه بيگ کان مدد لاءِ گهر ڪئي. جنهن سندس فرزند شاهه حسين جي هٿ هيٺ گجرات جي لشڪر سان لڙڻ لاءِ فوج ڏياري موڪلي. جوڻ جي ڳوٺ نزديڪ ٽنڊو غلام علي (هن وقت قتل آهي) وٽ لڙائي ٿي. شاهه حسين فتح ڪئي. ان ۾ پهرين جام صلاح الدين جو فرزند هيبت علي خان مارجي ويو. پوءِ جام صلاح الدين سڀ لشڪر سميت مارجي ويو. مرزا شاهه بيگ هڪ سال ڪن سنڌ ۾ رهيو. آخر گجرات تي چڙهائي ڪرڻ لاءِ تياري ڪندي جڏهن اڳهه ڳوٺ ۾ پهتو ته ١٢ شعبان ٩٣٨ھ مطابق ١٥٣١ع تي وفات ڪيائين. اُن کان پوءِ مرزا شاهه حسن نصرپور جي ڳوٺ ۾ پيءُ جي گاديءَ تي ويٺو. جتي جا سيد، قاضي، وڏيرا، زميندار فاتح خواني ڪرڻ ۽ مبارڪباد ڏيڻ لاءِ وٽس آيا. اُن کان پوءِ شاهه حسن جام فيروز کي رهيل حڪومت تان لاهڻ لاءِ نٽي طرف آيو. جام فيروز اها ڳالهه ٻڌي ڪڇ ڏي پڇي ويو جتان لشڪر وٺي وري شاهه حسن سان جنگ ڪرڻ لاءِ نٽي طرف روانو ٿيو. اها ڳالهه ٻڌي شاهه حسن وڏي راهڪي بازار جي پر وارن ڳوٺن چاچڪن ۽ راهمن وٽ اچي جام فيروز جي لشڪر کي سامهون ٿيو. سمن جو لشڪر خوب لڙيو پر نيٺ شڪست کاڏائين. جام فيروز گجرات ڏي پڇي ويو. سنڌ تي ارغونن جو پورو قبضو ٿي ويو.

شاهه حسن هاڻي مخالفت جي اڏن کي ختم ڪرڻ پويان پيو. سن جي شهر ۾ ڪجهه وقت لشڪر جي چانوڻي وجهي مڪاني مخالفت کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪيائين. سيد حيدر عليه اڳئي ملڪ چڏي ويو هو ان ڪري ڪاڪ مخالفت ڪانه ٿي. اُن کان پوءِ مخدوم بلاول کان انتقام وٺڻ لاءِ ٽلٽيءَ طرف آيو. مُلن کان مخدوم صاحب جي ڪافر هڻڻ جي فتويٰ وٺڻ ۾ هن کي دير ئي ڪانه ٿي. ان لاءِ هڪ جتيءَ ۾ قرآن جا اکر لکائي مخدم صاحب ڏي سوڪڙي موڪلي ويئي. جنهن ان کي مٿي سان ٻڌي چڏيو.

ازانسواءِ ٻيا ٻه طريقا اختيار ڪري هن کي ٢ رجب ٩٣٠ھ مطابق ٦ مئي ١٥٢٣ع تي گهاٽي ۾ پيڙائي شهيد ڪرائي چڏيو. هي سنڌ جي سورمن جو چوٽون ۽ عالمن ۽ درويشن ۾ پهريون هو جيڪو سنڌ جي عزت ۽ ناموس لاءِ سر ڏيئي سرهو ٿيو.

شاھ عنايت الله عليہ عرف
شاھ شهيد صوفي جھوڪ

اڄ نہ اوطاقن ۾ طالب تنوارين،
آديسي آڻي ويا مڙھيون مون مارين،
جي جيءَ کي جھارين، سي لاھوتي لڏي ويا.
(شاھ)

سنڌ پيغمبر خدا حضرت رسول مقبول صلعم جو پيارو ملڪ آھي. ان کان ڪيس ڏڏي ھير آئي ھئي، اُھو ملڪ ڪيترن ئي بھترين روايتن جو حامل آھي. محبت، سلامتي ۽ عالم جي آبادي ان جا خاص پيغام رھيا آھن. نفرت، فساد، بد خواھيءَ کان اُن جا رھاڪو اڪثر پاسي رھيا آھن.

سنڌ ھڪ مردم خيز ملڪ آھي، اُن جي سرزمين ڪيئي بزرگ پيدا ڪيا، جن جون مزارون ۽ مقبرا، سمادين ۽ آشرم ان جي گوشي گوشي ۾ ڏسڻ ۾ اڃن ٿا. ڪو وقت اھڙو ب ھو جو ھتي جا درويش ۽ عالم لاھور، دھلي، برھانپور، گجرات بلڪ عرب تائين وڃي پيغام حق جو آواز بلند ڪندا ھٿا. پر اڄ اُھي مڙھيون ۽ مڪان خالي نظر اچن ٿا. شاھ لطيف رح اھڙي حالت کي ڏسي فرمايو آھي:

ويا سي وينجھار، ھيرو لعل ونڊين جي،
تنين سندا پوئيان، سيڻي لھن نہ سار،
ڪٽين ڪٺ لھار، ھاڻي انھين پيڻين.
(شاھ)

انسان ذات جي رھبريءَ ۽ ھدايت، اتحاد ۽ امن، ترقي ۽ تھذيب لاءِ راھون ۽ رستا رڪيا ويا آھن. مذھب جو اُنھن ۾ مُکيہ درجو آھي. ليڪن مذھب جون ب ۾ جُدا تشريحون پڻي ڪيون ويڻون آھن. ھڪڙيءَ جو واسطو عام ماڻھن جي ضروريات، حالت ۽ نفسيات جي بنياد تي رڪيل رسم ۽ رواج، عبادت ۽ دستورن سان پڻي رھيو آھي جنھن کي مسلمانن ۾ عام طور شريعت جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. ھي تشريح

جو لاڀاپو رموز حقيقت ۽ اسرار ڪائنات جي ڪوجنا، اتحاد انساني، امن عالم جي مقاصد ۽ ماڻهن جي ذهني صلاحيت ۽ نفساني اصلاح سان پڻي رهيو آهي جنهن کي عام طور طريقت يا تصوف جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. چون ته اچي ٿو ته پوئين سمجهائيءَ جا ڄاڻو هر ملڪ جي رهاڪن، هر قوم جي ماڻهن ۽ هر مذهب جي پوئلڳن اندر موجود پڻي رهيا آهن. جن جا مقصد ۽ مرادون ساڳيا هٽا.

انهيءَ تشريح جي ڄاڻن اڪثر محدود دائري اندر مخفي طور سينه بسينه رازن ذريعي انهيءَ تعليم کي (گيانوان) راسخ العلم، اهل نظر ۽ صاحب دل ماڻهن ۾ پڻي پکيڙيو آهي. مسلمانن جي انهيءَ گروهه کي صوفي سڏورن جي نالي سان ڪوٺيو آهي.

اهڙن بزرگن جا هر ملڪ ۽ زماني ۾ ادارا (Institutions) هٽا. سنڌ ۾ به اهڙا ادارا يا آشرم رهيا آهن. رواجي طرح ته ساري سنڌ درويش جي درگاهن سان پري پيئي آهي. جن جون درگاهون اڄ تائين عام خاص جون زيارت گاهون پڻي رهيون آهن.

پر هتي آڻڻ صوفي ادارن جو ذڪر ڪريان ٿو. هي ادارا منهنجي نظر ۾ بين الاقوامي اتحاد ۽ امن جي پرچار جا مرڪز پڻي رهيا آهن. جن جو وجود هر ملڪ ۽ زماني ۾ پڻي رهيو آهي. انهن جا قسم ۽ متا ساڳيا رهيا آهن، ليڪن طريقه ڪار علحده هٽن.

هڪڙن علم ۽ گيان کي ترجيح ڏني، ٻين عشق ۽ پڳتيءَ کي رهبر راه ڪري بنايو.

هتي آڻڻ شاه عنايت الله عليه صوفيءَ جهوڪ واري جو ذڪر ڪريان ٿو. جنهن صوفياني تعليم کي نفاري جي چوٽ تي کليو ڪلايو اُن دور ۾ ظاهر ڪيو جڏهن اڄا اورنگزيبي ڪُفر پڻو مُلا جو زادراه هو. ان ڪاله جي هو پرواهه نه ڪري حق جو آواز بُلند ڪندي سر ڏُئي سَرهو ٿيو. هُن جي پيغام ۽ تعليم جي احوال ڪرڻ کان اڳ سندس شخصي زندگيءَ جو ذڪر ڪريان ٿو.

شخصي زندگي:

شاه عنايت الله عليه جي والد جو نالو مخدوم فضل‌الله هو. جيڪو سنڌ جي مشهور بزرگ مخدوم صدر الدين عرف صدو لانگاه عليه جي اولاد مان هو.

هي بزرگ ميران پور جي ڳوٺ نزديڪ موجوده جهوڪ تعلقه ميرپور بٹورو ۾ رهندو هو. سندس سن ولادت احوال محفوظ نه ٿيڻ ڪري ملي ٿي سگهي. ان ڪري سندس احوال چند پراڻن ڪتابن جهڙوڪ تاريخ تحفة الڪرام، مقالات شعرا ۽ ٻين ڪتابن ۽ ڏند ڪٿائن مان جيڪو ملي سگهيو آهي سو ناظرين جي خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو.

هن بزرگ ظاهري علم ڪٿي ۽ ڪهڙن عالمن کان پڙهيو اُن جو پتو نه آهي البته سندس سلسلہ طريقت جو اُهو احوال ملي ٿو ته هيءَ مخدوم عبدالحسين ولد شاه عبيد الله برهانپوريءَ جو مُريد هو.

اهو بزرگ سلسلہ قادريه سان واسطو رکندڙ هو. جنهن بابت مختلف روايتن جو

ذڪر مون سندس سجاده نشين سائين ميان عبدالستار صاحب جي زندگيءَ جي احوال ۾ پنهنجي تصنيف "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنو آهي. جنهن کي هتي ڏهرائڻ مناسب نٿو ڄاڻان. هيءُ ۽ صاحبڏنو فقير درازن وارو هڪ ئي چشمه فيض مان سيراب ٿيا هئا، جنهن جي اولاد مان سچل سرمست پيدا ٿيو.

هُن جڏهن پيغام حق پکيڙڻ شروع ڪيو ته سنڌ جي گوشي گوشي مان ڪيئي طالب اچي سندس خدمت ۾ حاضر ٿيا. انهيءَ وقت سنڌ تي مغل گورنرن جو راڄ هو جيڪي نٽي ۾ رهندا هئا. اورنگزيب جي ڏينهن ۾ پيدا ٿيل مذهبي تعصب جو اثر اڃان تائين ملن تي قائم هو. ازانسواءِ پر وارا پير جهڙوڪ: ميان عبدالوسيع، شاه عبدالڪريم جي سجاده نشين ۽ زميندار جهڙوڪ: حمل جت، وڏيرو نور محمد پليجو ٻيلي وارو ۽ مُلن هن جي تعليم ۾ سندن مستقل مفاد کي نقصان پهچڻ جو امڪان ڏسي مُغلن جي نواب اعظم خان جي ڏيان تي شاه عنايت الله عليه جي خلاف غلط خبرون ٻڌائي برخلاف ڪيو. اُن دهلي جي مغل بادشاه فرخ سير کي رپورٽ موڪلي صوفي صاحب خلاف قدم کڻڻ لاءِ اجازت گهري. اُن تي هن ميان يار محمد کلهوڙي، ميرشهداد خان ۽ پر وارن زميندارن کي صوفي صاحب کي قيد ڪري ونئي اچڻ لاءِ حڪم ڪيو. چوڻ ۾ اچي ٿو ته فقيرن چهن مهينن تائين مقابلو ڪيو. جن شهيدن جا گنج اڄا تائين صوفي صاحب جي درگاهه پرسان يادگار ٿيا بيٺا آهن. نيٺ صوفي صاحب ماٺن کي وڏيڪ خونريزيءَ کان بچائڻ خاطر حڪومت جي ڪارندن جي وعدن ۽ انجامن تي سائن ڪڍجي نواب صاحب وٽ آيو. ڪيس خبر هئي ته چا ٿيڻ وارو هو. نواب صاحب ملن کي گهرائي هن سان بحث مباحثا ڪرائي انهن کان سندس قتل لاءِ فتويٰ ونئي ڪيس ۱۷ صفر تي شهيد ڪرائي ڇڏيو. قتل ٿيڻ مهل پاڻ فرمايائون:

سر در قدم يار فدا شد چه بجا شد،
اين بار گران بود ادا شد چه بجا شد.

معنيٰ: حق جي راه ۾ سر قربان ڪرڻ سان زندگيءَ جي بنيادي مقصد پوري ڪرڻ جو ڏمون لهي وڃي ٿو.

سندس سلسلہ طريقت جا هيٺيان مکيہ بزرگ معتقد يا طالب رهيا آهن.

(۱) سيد جان الله شاه رضوي روهڙيءَ وارو. (۲) روحل فقير ڪنڊڙي وارو. (۳) فقير قادر بخش "بيدل" روهڙيءَ وارو. (۴) سيد رڪيل شاه صوفي فتح پور گنداواه. (۵) صادق فقير صوفي عمر ڪوٽ.(۶) سيد قطب شاه صوفي جهانيان حيدرآباد. (۷) نواب ولي محمد خان لغاري تاجپور. (۸) دريا خان فقير هيسباڻي (۹) دلپت صوفي روهڙيءَ وارو ۽ ٻيا.

سندس مزار جهوڪ جي ڀوٽ ۾ آهي جتي ۱۷ صفر تي هر سال سندس ورسيءَ تي ميلو لڳندو آهي. سندس مقبري تي لکها روپيا خرچ ڪري يادگار قائم ڪيو ويو آهي. ليڪن افسوس اِهو آهي ته اهڙي بزرگ جي تعليم، ملفوظات ۽ پيغام کي هٿ

ڪري پکيڙڻ طرف پورو توجه نه ڏنو ويو آهي.

وقتي است که آوازه، منصور کهن شدت،
من از جلوه دهم، دار و رسن مارا.

وانگر وقت آيو آهي ته اُن جي پيغام کي نئين سر ظاهر ڪري ملڪ مان نفرت، ڪُرپٽي، مذهب جي غلط تشريح جي پاڙ پُٽڻ لاءِ کوشش ڪئي وڃي. هيءُ سنڌ جو منصور هو.

سندس تعليم ۽ پيغام: هن جي تعليم جا بُنيادي متا هيٺيان آهن:

۱-وحدت الوجود جو اظهار. ۲-وحدت انسانيءَ جو پرچار. ۳-وحدت مذاهب جو ذڪر اذڪار. ۴-ظاهري شريعتن واري دين منظمن جي اهميت کان انڪار.

پهريون متو، وحدت الوجود :

هن نظريي کي ويدانيت ۽ پٽشيزم جي نالي سان سڏجي ٿو. اُن نظريي مطابق ذات حقيقيءَ جي وجود کانسواءِ ٻي ڪنهن ۾ وجود کي نٿو مڃيو وڃي. اُن موجب ذات هڪ آهي ٻي سڀ صفات آهي. ان نظريي مڃڻ ڪري دوئي گم ٿيو وڃي، هر هنڌ ساڳي ذات جو ظهور ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سندس سلسلي جو طالب دلپت صوفي فرمائي ٿو ته،

هر شي دي وچ تو نهين وسدا، اپنا آپ چپائيه ڪيون،
اندر باهر تونهين وسيا، بانورا لوڪ پلائيه ڪيون.

شاهه عبداللطيف پٽائيءَ تي صريحاً صوفي صاحب جواثر نمايان آهي. جڏهن چوي ٿو،

جر تڙ تڪَ تنوارَ، وڻ ٽُڻ وائي هڪڙي،
سيئي شيءُ ٿيا، سوريءَ سزاوار،
همه منصور هزارَ، ڪهڙا چاڙهيو چاڙهئين.

ٻيو متون، وحدت انساني:

سندس تعليم جو ٻيو اُصول وحدت انساني جي شناخت جو هو. جيڪو درحقيقت اسلام جو بنيادي پيغام هو جنهن مطابق ماڻهن جي وچ ۾ مذهبن، رنگن، قومن، نسلن ۽ نظرين جي نالي ڪڙي ڪيل نفاق جي ديوارن کي ٽوڙي اتحاد انساني پيدا ڪرڻو هو.

قرآن ان لاءِ صاف لفظن ۾ فرمايو آهي ته "کنتم امنتر و احدت"

معنيٰ-" انسان اصل ۾ هڪ ئي جنس هٿا" . شيخ سعدي ان جي وڌيڪ تشريح هيٺين طرح ڪئي آهي:

بني آدم اعضائي يک ديگر اندر ک در آفرنش زيک جوهر اند،
چويک عضويٰ بدرد آورد روزگار، هم عضوها را نماند قرار.

معنيٰ- انسان ذات اصل ۾ هڪ جوهر مان پيدا ٿيل هڪ جنس ۽ جسم وانگر آهي. ان جو مثال اهڙو آهي جيئن هڪ عضوي ۾ درد ٿيڻ ڪري سمورو جسم بي قرار ٿيو پوي.

ان تعليم کي وساري مُلن شريعت جي نالي ۾ ماڻهن ۾ فرق پيدا ڪري ڇڏيا هٿا جن اسلام جو بنيادي مقصد ختم ڪري ٿي ڇڏيو. ان جي رد ۾ صوفي صاحب جي پوئلڳن هيئن ظاهر ڪيو ت،

حقيقت ۾ هڪ ٿيو، ڪفر ۽ ايمان،
مظهر مولا پاڪ جو، هندو مسلمان،
تارا ڪيا تالان، سورج سندي سوجهري.
"بيدل"

حقيقت ۾ هڪ ٿيو، اچو ۽ ڪارو،
نينهن هنيو نعرو، هر مظهر ۾ هڪڙو.
"بيدل"

ٽيون متو، وحدت مذاهب:

سندس ٽيون اُصول سيني مذهبن پويان بنيادي وحدت جو پرڪڻ هو. وحدت الوجود ۽ وحدت انساني ۾ اعتماد رکڻ بعد مذهبن جي ظاهري ڪثرت پويان بنيادي وحدت جو ظهور ظاهر ٿيو پوي.

صوفي ان ڪري لاڪوفي ٿڻي ٿو جو هن جي مذهب جا مقصد اتحاد انساني، امن عالم ۽ ماڻهن جي روحاني ۽ جسماني ترقي ٿين ٿا. انهيءَ مقصد کي مد نظر رکندي روحل فقير فرمائي ٿو،

ڪفر ۽ اسلام ۾ ٿا، پرين اُبتا پير،
هڪ هندو ٻيا مسلمان، ٽيون وچ وڏائون ويڙ،
اندن اونده نه لهي، تن کي سچ چوندو ڪير،
روحل راهه پرينءَ جي، گهمي ڏنو سون گهيڙ،
ته رب مڙني ۾ هڪڙو، تنهن ۾ ڪنڊ نه ڪير،
سا ڪاڏي ڪندي پير، جا ستي ڪعبت الله ۾.
"روحل"

بحر عميق ۾ جوئي پوئسي دين ڪفر دا دفتر ڏوئسي.

چوٽون متو، دين منظمن جي اهميت کان انکار:

صوفي عشق کي رهبر راه بنائي ٿو. جنهن ۾ حسن، حق ۽ خير جي ڀُولا جو بي انتها جذبو ۽ خواهش رهي ٿي. سچي عاشق جي نظر ۾ خدا حسين آهي ۽ ان جي پيدا ڪيل هر شيءَ ۾ حسن ازلي سمايل آهي، ٻي سڀ صفات آهي، هو هر مظهر ۾ حُسن ڏسي ٿو. اُن ڪري وڌانس ڪاري ۽ گوري، چڱي ۽ مدي، پلي ۽ ڊلي، ڪفر ۽ اسلام جا تفاوت مٽجي وڃن ٿا.

"نہ منجھ کفر نہ دین، عشق لڳئي تہ کر آمین".
"بیدل"

هن تان ظاهر جا اختلاف مٽجيو وڃن. دوئي ختم ٿيو وڃي. سڀ جاءِ تي پرينءَ جو مظهر ٻيو ڀسي. هو مُلن ۽ پنڊتن جا مذهبن جي نالي ۾ ڪڙا ڪيل تفاوت نٿو مڃي. مذهب کي ماڻهوءَ جو تابع ڄاڻي ٿو نہ ماڻهو کي مذهب جو محتاج ڪرڻ گهري ٿو. هو مذهبي شريعتن کي موجوده دؤر ۾ وحدت انساني جي راه ۾ رڪاوٽ ڄاڻي انهن جي پوئلڳن کان انڪاري ٿي لاڪوفي (نان الائنڊ) بنجي غير جانبدار رهي ٿو.

صوفي صاحب جون اُهي سڀ ڳالهيون مُلا جي تشريح واري مذهب جي خلاف هيون. مُلن انهن ڳالهين کي سندن مستقل مفاد خلاف بغاوت ڄاتو. صوفي صاحب جماعتي دستور ۽ پابندين کي ماڻهن جو محتاج ڄاڻي جمهور جي مفاد کي مدنظر ان جي اصلاح ڪرڻ گهري ٿي. ان کي جڏهن هن صحيح سجهيو تہ حڪومت ۽ مستقل مفاد جو خوف هن کي راه حق کان روڪي نہ سگهيو ۽ سندس تعليم جو ڪُليو اظهار ڪيو.

هي عشق جي ايڏي اُتاهين ناري تي بيٺل هو جتان مذهب، حڪومت، جماعتي دستورن جا سنڌا ميٽجي ويا ٿي. هم اوست جي عالم ۾ غرق ٿيڻ ڪري مُلا جا مقرر ڪيل ڪوڙ-سچ ڏنڪ ثوابَ جا معيار ٿي وڃڻ بدليل نظر ٿي آيا. هي محويت جي عالم ۾ رهڻ ڪري ڪنهنجو مخالف نہ هو. ليڪن منجهانس منظم مذهب جي مدرالمهامن، مُلن، حاڪمن، پيرن سندن مستقل مفاد خلاف خطرو ٿي محسوس ڪيو.

جيڪڏهن شاه شهيد جي زندگيءَ تي غور سان نظر ڪبي تہ هن سنڌي معاشري (سوسائٽي) ۾ اهو ڏهني انقلاب آڻڻ ٿي گهريو جو اُن وقت جي قبول ڪيل مذهبي عقيدن، دستورن ۽ مستقل مفاد (Vested Intrest) جي پاڙ پٽي چڏي ها. ان ڪري هنن گڏجي سندن مخالفت ڪئي.

صوفي صاحب خلاف منهنجي نظر ۾ مخالفت جا هيٺيان ڪارڻ بنيا:

(۱) انهيءَ وقت اورنگزيبي طرز تي پيدا ٿيل مذهبي ڪٽرپڻي ۽ مذهبي تعصب جي پاڙ پٽجي ٿي ويئي، جنهن مان مُلا، پير، حاڪم جي مستقل مفاد کي خطرو هو.

(۲) جملي مذهبن پويان بُنيادي وحدت جي پرچار دين منظم ۽ اثر کي ختم ڪري ٿي چڏيو.

(۳) سندس جماعت جو رنگ گيڙو ڪپڙو هو، جيڪو هندستاني سنياسي ۽ ٻڌ ڏرم

بڪشن جو رنگ هو ان مُلا کي ناراض ڪيو ٿي.

(۴) هن جي راءِ موجب مذهبي عقيده بندي ۽ خدا جي وچ ۾ شخصي معاملو هو ان ۾ ٽيڪڙ کي دست اندازي ڪرڻ جو اختيار نه هُئڻ گهربو هو. جنهن ڪاڪ مذهب ۽ سياست کي عليحده ڪري مُلا ۽ حاڪم جي مذهب تي هڪ هٿي (Mono Pualy) کي ڪيڊي ٿي چڏيو.

(۵) هُن مُلا جي نقطي نگاهه واري مسلمانن جي جدا قوم کي تسليم نه ڪري اُنکي غلط فرسوده ۽ غيراسلامي سمجهيو ٿي. هن وٽ هر صالح مائهو بنا تفاوتِ مذهب جي مومن هو ۽ هر غير صالح مائهو بي راهه هو. هن زماني ۾ انسانيت جي مذهب جو پرچار ٿي رهيو آهي. صوفي اُنجو باني هو. هن سنڌ ۾ آزاد خيالي، انسان دوستي، محبت، وحدت الوجود ۽ وحدت مذاهب جو پاڻيو وڌو. اهڙي ڪلمي حق جي پاداش ۾ شهيد ٿيو. هو نفرت، نفاق، دوئي، تعصب جو پاڙ پٽيندڙ هو. جيستائين سنڌ سلامت آهي انجو آواز ان جي هر ڪنڊ ۾ گونجندو رهندو. ان کي ڪا به شيءِ مٽائي نه سگهندي.

هن ڪانپوءِ سنڌ جي تصوف پوري شڪل اختيار ڪئي. هن جيڪي چيو ان کان وڌيڪ هن سائنس ۽ علم جي دور ۾ به چئي نٿو سگهجي. هو لاڪوفيت (نان الائنمينٽ) ۽ رواداري (Coexistance) جي جديد نظرين جو ايجاد ڪندڙ هو. هيءُ سنڌ جي پنجن هزارن ورهين جي تعليم ۽ تهذيب جو پيغام رسان هو. جيئن پيغمبر خدا کي خاتم النبي سڏجي ٿو تيئن اسان هن کي خاتم پيغام سنڌ سڏيون ته هرج نه آهي.

نتيجو

سنڌ جي مُکيه شهيدن جا هي قصا مائهن جي تفريح طبع لاءِ ڪوٺ ٿو پيش ڪريان. پر اُن مان منهنجو مقصد سنڌ جي نوجوانن جي تعليم ۽ تربيت هڪ طرف ته منجهن قومي حميت ۽ ايثار جو مادو پيدا ڪرڻ ٻئي طرف آهي. قرآن ۾ آهي ته:

"لقد كان في قصصهم عبرته للاولي الالباب".

معنيٰ- اڳين جي آڪاڻين مان صاحب نظر کي سبق حاصل ڪرڻ گهرجي.

مٿي ذڪر ڪيل اصحاب جي زندگيءَ مان هيٺيان سبق حاصل ڪري سگهون ٿا.

(۱) راجا ڏاهر جي زندگي:

هن مان هي سبق حاصل ٿئي ٿو ته قوم پرستي، وطن جي حفاظت ۽ ان لاءِ قرباني ڏيڻ ڪنهن خاص مذهب، فرقي، نسل، گروهه جو مخصوص ورثو نه آهي. خدا جنهن کي ڏئي ان کي اُها ذات ملي ٿي. شاهه صاحب ان لاءِ فرمايو آهي ته:

ڪان پڇي ٿو ذات، جي آيا سي اڳهيا.

قرآن به شاهدي ڏئي ٿو ته، "حق جي راهه ۾ قتل ٿيلن کي مئل نه چاڻو، هو هميشه تاريخ ۾ زنده رهن ٿا صرف عام مائهو انکي ڏسي ۽ پروڙي نٿا سگهن".

(۲) دودي سومري جي زندگي:

هن مان سبق حاصل ٿئي ٿو ته حقَ جي راهه ۾ ڪنڊ ۽ هارائڻ جا ليکا ڪرڻ عاشقن جو مرڪ نه آهي.

مائهوءَ جي بزرگي ان ۾ نه آهي ته ڪنڊ جي اُميد تي لڙي پر ان ۾ آهي ته ڏسي وائسي طاقت ۽ ڏاڍ اڇيان سر نمائڻ کان انڪار ڪري قربان ٿي وڃي. شاهه صاحب اهڙن مائهن لاءِ چيو آهي ته:

"سورهيه سوچائي جو رڳوئي رڻ گهري".

(۳) دولهه دريا خان جي زندگي:

اها خبر ٿي ڏي ته قوميت جو وطن جي آدار تي بنياد ان زماني ۾ به اسانجي مُدبرن کي معلوم هو. هنن سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن لاءِ کوشش ڪرڻ، ملڪ جي عزت، ناموس، آزادي ۽ حفاظت لاءِ سر تريءَ تي رکي لڙڻ حياتيءَ جومقصد ڪري ورتو هو. شاهه صاحب اهڙن مائهن لاءِ فرمائي ٿو ته:

ته ڪر ڪيئن مُٽي، جي سير نه گهڙي سُهٽي،
ڇڪيءَ تنهن چري ڪٽي، جو ڏنس ڏم ڏهي،
هتي حياتيءَ ڏينهڙا، هڏهين تان نه هٽي،
هونئين هوند مٽي، پر ٻڏيءَ جا ٻيٽا ٿيا.

(۴) شاهه بلاول عليه حي زندگي:

هن مان اهو پتو پوي ٿو ته سنڌ جي نه صرف صوفي بزرگن پر صاحب شريعت عالمن ۽ بزرگن مان به هي مسلمانن جي جداگانه قوميت، غلبه اسلام، مهديپڻي ۽ مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻ جي خلاف هو. انهيءَ راءِ جي ظاهر ڪرڻ جي پاداش ۾ قوم پرستي ۽ مُلڪي حفاظت لاءِ گهاڻي ۾ پيڙهجڻ کان نه ڊنو. شاهه صاحب اهڙن بزرگن لاءِ فرمايو آهي ته:

سوري آ سينگار اصل عاشقن جو،
مڙن موٽن ميهڻو ٿيا نظاري نروار،
ڪسٽ جو قرار، اصل عاشقن کي.

(۵) شاهه عنايت الله صوفيءِ جي زندگي:

هي بزرگ سنڌ جي بين الاقوامي پيغام، اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم جو پيغام رسان آهي، وحدت الوجود، وحدت انساني ۽ وحدت مذاهب ان تحريڪ جا بنيادي مقصد هئا. محبت، اهنسا، رواداري، نان الائيمينٽ (لاڪوفيت) انهن مقصدن جي حُصول لاءِ ذريعا ٺهرايا هئائين.

سائين جي-ايم-سيد جون تحريرون

(ياگو پهريون)

③

جديد عالمي سياست

- پيش لفظ
- پئن اسلامزم، نئشنلزم، ڪميونزم، فاشزم، جمهوريت.
- اوائلي تشريح.
- جرمني-هٽلر، جنرل گوئرنگ، ڊاڪٽر گوبلس ڊاڪٽر شافٽ.
- اٽلي- مسوليني.
- انگلنڊ- سر ونسٽن چرچل، سوويٽ يونين جوزف اسٽالن.
- فرانس- ڊاڊلئر.
- اسپين- جنرل فرئنڪو.
- چين- چيانگ ڪائي شيڪ، مائوزي تنگ.
- جنگ جو احوال.
- نتيجا- جرمني لاءِ، جپان لاءِ، دنيا لاءِ.

[۱۹۷۴ع]

پيش لفظ

قديم زماني کان دنيا جو اهو دستور رهيو آهي تہ مختلف ملکن جي رهاکن جا ، رسم رواج ۽ ڪلچر، مذهبي عقيدن ۽ ملکي مسئلن وغيره جي ڊائرن ۾ هڪ ٻين تي اثر پيٽي پيا آهن. اهي اثر ، پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ، هينئن سببن ڪري پاڻ وڌيڪ تيز ۽ گهٽا ٿيڻ لڳا ، ۽ تقريبا ساري دنيا انهيءَ عمل جي دائري ۾ اچي ويئي.

(۱) ريل گاڏين، هوائي جهازن ، تارن ، ريڊين ، اخبارن ۽ ڪتابن مڪاملن کي گهٽائي ڇڏيو. ۽ جداجدا ملکن جي رسم رواج ، مذهبي عقيدن، ڪلچر، سياسي ۽ اقتصادي نظرين جي باهمي ڏي وٺ لاءِ ترت وسيلن جو ڪم ڏنو .

(۲) مغربي ملڪ، جديد علم ۽ سائنسي معلومات ، هنري ترقي ۽ جديد هٿيارن جي زور تي، گهڻن ايشيائي ۽ آفريڪي ملکن تي قابض ٿي، آتي پنهنجا سامراج قائم ڪري چڪاهٽا. ۽ انهن ملکن کي پنهنجن استحصالي مفادن لاءِ ڪتب آڻي رهيا هٽا، ان سلسلي ۾ پنهنجن محڪوم ملکن ۽ سماجن کي جديد علمن ۽ ڪاريگرين سان روشناس ڪري رهيا هٽا ۽ انهن کي پنهنجي پنهنجي ڪلچر جي رنگ ۾ رڱي رهيا هٽا ۽ موٽ ۾ پاڻ سان انهن جي ڪلچري وجود کان متاثر ٿي رهيا هٽا.

مغربي دنيا جي هنن سامراجن جو، اڳتي هلي، استحصالي موقعن ۽ "حقن" جي ڳالهين تان پاڻ ۾ تصادم ٿيو.جنهن نيٺ دنيا کي پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ آڻائي ڇڏيو. هن خونخوار لڙائي ۾ هڪ طرف جرمني، هٽسرگ ۽ ترڪ شهنشاهتن حصو ورتو ، تہ ٻئي طرف انگلنڊ، فرانس ۽ روس مڪيہ ملکن طور شامل ٿيا ، جن سان آخر ۾ آمريڪا سان اچي شريڪ ٿيو پهرين ڏر کي محوري ملڪ (Axis Countries) ۽ ٻي ڏر کي اتحادي ملڪ (Allied Countries) جي نالي سان سڏيو ويو.

ايشيا ۽ آفريڪا ۾ اتحادين جي ماتحت گهڻا ملڪ هٽا، تنهنڪري انهن ملکن جي ماڻهن کي سان جنگ ۾ گهليو ويو ۽ اتي جي پيسي ۽ خام مال کي سان جنگي مقصدن لاءِ ڪتب آندو ويو . جنگ جي وقت اتحادين طرفان پنهنجن محڪوم ملکن سان گهڻا وعدا ڪياويا، انهن تي ظاهر ڪيو ويو تہ اها جنگ ڪمزور قومن جي آزاديءَ لاءِ لڙي پئي ويئي. انهن وعدن ۽ اعلانن جي آڌار تي ماتحت ملکن سان جنگ ۾ پنهنجن حاڪم ملکن جي مدد ڪرڻ ۾ ڪين گهٽايو.

هيءَ جنگ ۱۹۱۴ع ۾ شروع ٿي ۽ ۱۹۱۸ع تائين هلي. هندوستان جنهن صورت ۾ انگريزن جي ماتحت هو ، ان ڪري ان کي سان جنگ ۾ گهليو ويو . هتي جو پيسو جنگ تي خرچ ڪيو ويو . هتي جا سپاهي يورپ ۾ جنگ لاءِ موڪليا ويا، جن يورپين سپاهين سان گڏجي لڙائيءَ ۾ حصو ورتو. ۽ اتي جي عادتن، رسمن ۽ رواجن مان

واقفيت پرائي. جنگ جي ميدان تي حاڪم ۽ محڪوم ڪَنا لڙي رهيا هئا. ان جنگ ۾ لکين مائهو مَٹا ۽ قتيا. اربن جو خرچ ٿيو . آخر ۾ آمريڪا جي جنگ ۾ شامل ٿيڻ ڪري اتحادين جي فتح ٿي.

انهيءَ وقت آمريڪا جو صدر مسٽر وڊرو ولسن هو، جو نهايت نيڪ نيت ۽ شريف مائهو هو . هن جنگ جي تباهه ڪارين کان متاثر ٿي، آئندي لاءِ مختلف ملڪن جي اختلافي مسئلن کي نبيرڻ لاءِ . آمريڪن ڪانگريس اڳيان ٨ جنوري ١٩١٨ع تي هيٺين چوڏهن نقطن جو پروگرام پيش ڪيو.

(١) آئيندي حڪومتن جي وچ ۾ عهدناما کليل طرح ڪيا وڃن .

(٢) هر ڪنهن ملڪ کي بين القوامي عهدنامن مطابق بند ٿيل ايراضين کان سواءِ، هر سمنڊ ۾ جهاز راني‌ءَ جو پورو حق، صلح توڙي جنگ جي حالت ۾، هٹ ڪهرجي.

(٣) جيتريقدر ٿي سگهي، اقتصادي رڪاوٽون ۽ بندشون کڄي ڇڏجن.

(٤) سيڪنهن ملڪ جي اندروني انتظام ۽ بچاءَ جو لحاظ رکندي ، هٿيار سازي جي ڇنڇيڻيءَ کي گهٽ ڪيو وڃي.

(٥) سامراجي ملڪن جي بينڪن ۾، مڪاني مائهن جي حقن کي سامهون رکي ، سَڌارا آندا وڃن.

(٦) روس جي نئين حڪومت سويت يونين جي حدن مان لشڪر کڄي ، اُتان جي مائهن کي سندن قومي ۽ ملڪي معاملات جي فيصل ڪرڻ لاءِ آزاد ڇڏيو وڃي .

(٧) بيلجم جي حدن مان لشڪر کڄي، اُن کي آزاد ڪيو وڃي.

(٨) فرانس جي حدن مان لشڪر کڄي ، فرانس کي جرمني جا ٻه علائقا ،ايس ۽ لورين ، ڏيارِيا وڃن .

(٩) اٽليءَ جي حڪومت کي سندن قومي ايراضي واپس ڏياري وڃي.

(١٠) آسٽريا ۽ هنگريءَ جي رهاڪن کي مڪاني خودمختياري ڏياري وڃي.

(١١) رومانيا، سربيا، هنگريءَ جي حدن مان لشڪر هٽائي، اتي آزاد حڪومتون قائم ڪيون وڃن.

(١٢) تُرڪن کي سندن اڪثريت وارين ايراضين ۾ قومي حڪومت ڏياري وڃي. سندن ماتحت ٻين قومينتن جي مائهن کي خودمختياري ڏيارڻ لاءِ سهولتيون مهيا ڪيون وڃن. درهِ دانيال کي کُليو رکيو وڃي.

(١٣) پولينڊ کي آزاد قومي حڪومت ڏياري وڃي .

(١٤) بين القوامي معاملن کي باهمي فيصلن ذريعي نبيرڻ ۽ ننڍين قومن جي آزادي برقرار رکڻ لاءِ "دنيا جي قومن جي جماعت" ناهي وڃي .

انهن مقصدن جي پورائيءَ جي سلسلي ۾ صدر ولسن ١٨جنوري ١٩١٩ع تي يورپ آيو. اتحادين هن جي اچڻ تي سندس وڏي مرحبا ڪئي . ليڪن پيش ڪيل ١۴انڪاتي پروگرام مان صرف ليگ آف نيشن (دنيا جي قومن جي جماعت) قائم ڪرڻ جي تجويز بحال ڪئي ويئي. سندس باقي رٿو ن ، انهيءَ خيال کان تہ انهن مان اتحادي حڪومتن جي مفادن کي نقصان پهچڻ جو ڊپ هو، بحال نہ ڪيون ويون . ان تي هو دلشڪستو ٿي، واپس آمريڪا موٽي ويو .

ان پهرين مهاڀاري لڙائي مان هيٺيان نتيجا نڪتا.

(۱) دنيا جون ڪي وڏيون شهنشاهتون، مثلا جرمني ، روس ۽ ترڪيءَ واريون ، ختم ٿي ويون.

(۲) دنيا ۾ ، مذهبي جنگين کانسواءِ ، هي پهريون پيرو هو، جو حڪومتن طرفان جنگ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ڪن اصولن جي بنياد تي ماڻهن کي اپيل ڪرڻ جو رواج پيو.

(۳)روس ۾ هڪ نئين حڪومت نظرياتي بنيادن تي سوويت يونين جي نالي سان وجود ۾ آئي، جنهن پنهنجي طاقت کي اشتراڪي نظريي جي بنياد تي وڏن پروگرامن جي تڪميل لاءِ مضبوط ڪرڻ شروع ڪيو .

(۴) جنگ پوري ٿيڻ تي هيٺيان پنج مُکيہ عهدنامَا ٿيا، جن جي ڪري شڪست کاڌل ملڪ نقصان هيٺ آيا، ۽ انهن ۾ ناراضگي پيدا ٿي پيئي، جا اڳتي هلي ٻي عالمگير جنگ جو باعث بني:

۱. ورسيلز جو عهدنامو.
۲. سينٽ جرمين جو عهدنامو.
۳ . نيولي جو عهدنامو.
۴ . سيورس جو عهدنامو.
۵. ٽرينان جو عهدنامو.

اُهي عهدنامَا ڪهڙا هئا ، انهن جو ذڪر طوالت جو باعث سمجهي ، هتي نٿو ڏيان. (انهن جو تفصيلي احوال منهنجي ڪتاب "پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني" مان ملي سگهندو) پر انهن بابت هتي ايتروٻڌائڻ مناسب ٿيندو تہ اُهو انهن عهدنامن جو ئي نتيجو هو، جو فقط ۲۲ سالن جي قليل عرصي کان پوءِ دنيا کي ٻي موتمار عالمگير جنگ جي مصيبت کي منهن ڏيڻو پيو، جنهن جي اثرن کان اڄ تائين دنيا جون قومون پوري طرح آجيون ٿي نہ سگهيون آهن.

پهرين ۽ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ هيٺين پنجن نظرين جو اثر دنيا تي پيو ،

۱. پئن - اسلامزم
۲. نئشنلزم ،
۳. ڪميونزم
۴ . فاشزم ۽
۵. جمهوريت (ڊيموڪريسي).

مٿي ذڪر ڪيل نظرين جي تشريح هيٺ ڏجي ٿي ،

۱. پئن - اسلامزم

پئن اسلامزم خلافت جو بدليل نالو آهي. مذهب کي سياست سان گڏي هلائڻ لاءِ مسلمانن خلافت جو ادارو قائم ڪيو هو، جو ڪجهہ وقت کان پوءِ پنهنجي افاديت وڃائي ويٺو. ان ڪري پهريان ٽي خليفا شهيد ٿيا. امام حسين عليہ سلام، رسول اڪرم

جو ڏهڙو شهيد ٿيو . کجهه عرصو انهيءَ اداري تي بني اميه گهراڻي جو تسلط رهيو. کجهه وقت کانپوءِ انهي گهراڻي کي زوريءَ باهر کڏي ، ان تي بني عباس قبيلي قبضو کيو ، جن بني اميه خاندان جي قبرن جا نشان بہ مٽائي ڇڏيا. کجهه وقت تائين اهو ادارو بني عباس خاندان جي ماتحت هليو، جن کي اندروني سازش جي اشاري تي منگولن اچي ختم کيو . ان کانپوءِ کجهه وقت لاءِ اهو ادارو بني فاطمين جي هٿ ۾ رهيو . جتان تبديل ٿيندي ، آخر ترکن جي حوالي ٿيو.

ان سموري عرصي ۾ دنيا جي مختلف ملکن ۾ ڪيترن مسلمان قبيلن جون الڳ الڳ حڪومتون قائم ٿي ويون هيون، جن جو ان خلافت جي اداري سان ڪو خاص تعلق ڪونہ هو ، ترڪستان ۾ ترکن جي مغل شاخ سلطان تيمور جي هٿ هيٺ شهنشاهي قائم ٿي. هندوستان ۾ بابر شاهہ مغل سامراج جو پايو وڌو. قسطنطنيہ ۾ ترڪ شهنشاهي قائم ٿي، جنهن خلافت جي اداري کي پنهنجي هٿ هيٺ آندو. پر اهي سڀ شهنشاهتون آزاد ۽ خودمختيار هيون. کابہ انهن مان کنهن جي ماتحت نہ هئي .

بهرحال، جيستائين ترڪ طاقتور هئا، خلافت کي هلائيندا رهيا ، انهن جي ڪمزور ٿيڻ بعد ، انگريزن، ڪن مصلحتن جي خيال کان ، سيد جمال الدين افغانيءَ معرفت، سڀني مسلمان حڪومتن کي متحد ڪرڻ جي دعويٰ جي بنياد تي پٽن اسلامزم تحريڪ هلائي .

ان مان هڪڙو سندن مقصد هيءَ هو تہ روس ، فرانس ۽ جرمنيءَ جي طاقتن کي مشرق طرف وڌڻ کي روڪڻ لاءِ ترڪ سلطنت کي مضبوط ڪيو وڃي . ليڪن پهرين مهاڀاري لڙائيءَ وقت، چاڪاڻ تہ انگريز پنهنجين مصلحتن ڪري فرانس ۽ روس سان شامل هئا، جي وري ترڪ سلطنت جا مخالف پئي رهيا هئا ، انهيءَ ڪري ترڪن وڃي جرمنيءَ جي طرف جنگ ۾ شرڪت ڪئي.

ان تي انگريزن وري پنهنجي پاليسي بدلائي، ترڪيءَ جي ماتحت ملکن، عراق، شام، عرب، مصر وغيره کي ، عرب قوميرستي (نئشلزم) جي بنياد تي ، ترڪن جي خلاف اڀارڻ جي ڪوشش ڪئي. هوڏانهن پٽن اسلامزم جي تحريڪ کانپوءِ ترڪن جي هڪ گروهہ ، جنهن جي اڳواڻي جنرل انور پاشا ٿي ڪئي، کي يقين ويڙهي ويو تہ جنهن وقت خليفي شيخ السلام ۽ ٻين عالمن جي جهاد جي فتوا تي مسلمانن کي 'اتحادين' خلاف لڙڻ لاءِ سڏ ڪيو . تہ هو سمورا ترڪن جو طرف ونڊي ٻيهندا . پر ان ۾ ان گروهہ کي سخت مايوسي ٿي . عملي طور اها ڳالهہ غلط ثابت ٿي . اقتدار جي ميدان ۾ سياستدانن طرفان مذهب جي بيجا استعمال سبب مذهب جو سياسي معاملن ۾ اثر گهٽ ٿي ويو هو. ۽ ٻيو تہ عرب ملڪ، کجهه آزاديءَ جي خيال کان ۽ کجهه انگريزن جي پيسي ڪري ، ترڪن جا مخالف بنجي پيا هئا .

هندوستان جي مولانامحمودالحسن ديوبنديءَ، مولانا ابوالڪلام آزاد، مولاناشوڪت علي ۽ محمدعلي ، مولاناظفرعلي خان ۽ ٻين ، جيڪي پٽن اسلامزم جا حامي هئا، گهڻو کجهه شور مچايو ، پر انگريزن هنن کي نظربند ڪري ، پنجاب ۽ يوپيءَ جي عليگڙهہ جي مڪتب فڪر جي ماڻهن معرفت لشڪر ڪٺو ڪرائي ، ترڪن خلاف. عراق، شام ۽ حجاز ڏانهن موڪليو. ۽ آخر ترڪن کي جنگ ۾ شڪست ڏياري .

اهي ماڻهو، جي اڄ پنهنجن گروهي مفادن لاءِ هن وقت پاڪستان ۾ اسلامي ملڪن جي اتحاد جو راڳ آلاپين ٿا، تن جي وڏن، اٽين انگريزن جي اشاري تي ۽ انهن جا اوزار بنجي ، مڪي معظمہ، بغداد ۽ شام تي گولين هلائي ، ترڪ خليفي جي لشڪر کي مارڻ کان گريز نہ ڪيو هو.

آخر ڪار جڏهن ترڪيءَ کي شڪست آئي، ۽ سندن ملڪ ورهائجي ويو، تڏهن باقي رهيل ترڪن خلافت جي اداري کي ختم ڪري ، مصطفيٰ ڪمال اتاترڪ جي هٿ هيٺ ، ترڪ نيشنلزم جي آڌار تي ، پنهنجي ملڪ ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. پٽن اسلامزم جو نظريو اٽين سندس حامي انور پاشا سان گڏ ترڪستان جي هڪ ڪريءَ تي ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ دفن ٿي ويو.

هائي، ڪي ماڻهو تاريخ جي فيصلي خلاف وري ان ڪم کان ويل پٽن اسلامزم کي قبر مان ڪوٺي جيارڻ گهرن ٿا. پر ان مان اڄ فائدي جي عيوض نقصان جو ٿي انديشو ٿي سگهي ٿو. "آزمائي کي وري آزمائڻ" مان جو ڪجهہ پلئہ پٽجي سگهي ٿو، سو ظاهر آهي.

۲. نيشنلزم

هن نظرئي جو بنياد هن ڳالهہ تي آهي تہ " هر قوم کي، حق خودارادي‌ءَ جي اصول تي، پنهنجي سياسي مستقبل بابت فيصلي ڪرڻ جو حق آهي، ۽ انهيءَ طريقي مطابق هر قوم پنهنجي آزاد ۽ جداگانہ حڪومت بنائڻ جو اختيار رکي ٿي."

هن وقت قوميت جا دنيا ۾ تسليم ڪيل بنياد هيٺيان شمار ڪيا وڃن ٿا.

(۱) جاگرافيائي حدن جو وطن.
(۲) زبان.
(۳) ڪلچر.
(۴) قومي ڪردار، ۽
(۵) سياسي ۽ اقتصادي مفاد.

پهرين مهاپاري لڙائيءَ کانپوءِ، شڪست کاڌل شهنشاهتن جي وسيع ايراضين کي ، انهن اصولن جي بنياد تي ٽوڙي ، نيون قومي حڪومتون بنايون ويون هيون. 'ليگ آف نيشنلز' ۾ انهن ئي بنيادن تي برپا ڪيل قومي حڪومتن کي نمائندگي ڏني وئي هئي. جهڙوڪ، يوگوسلووريا، زيڪوسلويڪيا، هنگري، البانيا، گريس(يونان)، بلگيريا، رومانيا، پولينڊ، لٽويا، لٿانيا، آئرلينڊ، وغيره، جداجدا قومن جي صورت اختيار ڪئي. انهن ملڪن کي جدا قومي حڪومتن ڏيارڻ ۾ اتحادين جو گهڻي قدر هٿ هو.

ليڪن انهن ساڃين اتحادي بادشاهتن سندن پنهنجي اقتدار هيٺ رهندڙ ايشيا ۽ آفريڪا کنڊ جي قومن کي ، مختلف بهانن جي آڌار تي، آزادي ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. جنهن تي انهن کنڊن جي رهاڪو قومن ۾ آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد شروع ٿي ويئي. انهن قومن جي جدوجهد جو مختصر احوال مون پنهنجي ڪتاب

"پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني" ۾ ڏنو آهي. هتي زير بحث موضوع سان ان جي سڌي واسطي نه هڻڻ سبب ۽ طوالت کان بچڻ جي خيال کان فقط هر هڪ ملڪ ۽ ان جي مڪمل ليڊر جي نالي کي پيش ڪرڻ کافي ٿو سمجهان، جن پنهنجي پنهنجي ملڪ جي آزاديءَ لاءِ نمايان ڪردار ادا ڪيو هو :

(۱) موراڪو ۾ غازي عبدالڪريم جي اڳواڻيءَ هيٺ هلچل هلي.

(۲) ليبيا ۾ شيخ ادريس سنوسيءَ آزاديءَ جو جهنڊو کنيو.

(۳) الجيريا ۾ قومپرستن ۽ جميعت العلماءُ آزاديءَ لاءِ کوشش ورتي.

(۴) مصر ۾ سعد زغلول پاشا جي هٿ هيٺ قومپرست تحريڪ زور ورتو.

(۵) ترڪيءَ ۾ مصطفيٰ ڪمال خلافت کي ختم ڪري، انگريزن ۽ يونانين جي خلاف وڙهي، پنهنجي ملڪ لاءِ آزادي حاصل ڪئي.

(۶) شام(سريا) ۾ دروس قبيلي بغاوت ڪئي، جنهن ڪري فرينچ سامراج ان کي آزادي ڏني.

(۷) فلسطين ۾ ۲۰ نومبر ۱۹۱۷ع تي لارڊ بالفور اعلان ڪري، ان کي يهودين جو وطن قرار ڏيئي، اتي يهودين جو قبضو قائم ڪرايو.

(۸) اردن(جاردان) کي انگريزن فلسطين کان علحده ڪري ، امير عبدالله کي ۲۶ مئي ۱۹۲۳ع تي بادشاهه بنايو.

(۹) عراق، ۱۰جنوري ۱۹۱۹ع تي، انگريزن هندوستاني لشڪر سان، جن ۾ پنجابي مسلمان به هئا، بغداد تي قبضو ڪيو ، ان کانپوءِ اتي عربن جي بغاوت ڪرڻ تي، هنن ۲۳ جون ۱۹۲۰ع تي امير فيصل بن شريف حسين کي عراق جو بادشاهه بنايو.

(۱۰) ايران، ۲۱ فيبروري ۱۹۲۱ع تي مازندران جي رهاڪو قزاق ايرانين جي برگيڊ جي آفيسر، رضا خان، ملٽري ڪوپ ذريعي، تهران تي قبضو ڪيو، ۱۳ ڊسمبر ۱۹۲۳ع تي پاڻ کي ايران جو بادشاهه بنايو.

(۱۱) افغانستان، پهرين مهاياري لڙائيءَ کانپوءِ امير امان الله خان افغانستان جو بادشاهه ٿيو، جنهن کي، انگريزن جي اشاري تي، ملاشور بازار(سرهندي بزرگ) بغاوت ڪري، ڪڍائي، بچہ سقہ کي طاقت ۾ آندو. ان کان نادر شاهه حڪومت اچي ورتي.

(۱۲) چين، سن بيت سن ۲۱ جنوري ۱۹۲۴ع تي قومپرستن جي پيڪنگ ۾ ڪانفرنس سڏائي، ڪومنٽانگ نالي پارٽي ناهي. ۱۲ مارچ ۱۹۲۵ع تي هن وفات ڪئي. ان کانپوءِ انهيءَ پارٽيءَ جو نرم ۽ گرم ڌر وارن جي وچ ۾ اختلاف ٿي پيو. نرم ڌر جو ليڊر چيانگ ڪائي شيڪ ۽ گرم ڌر جو ليڊر مائوزي تنگ ٿيو.

هوڏانهن يورپ ۾ جڏهن جرمنيءَ ۽ اٽليءَ وارن ڏنو ته سندن مخالف اتحادين، کين شڪست ڏيئي، سندن هٿ هيٺ بينڪي ملڪن کي آزادي ڏياري ڇڏي، پر پنهنجن پنهنجن بينڪي ملڪن کي اهو ئي پنهنجي هٿ هيٺ غلام رکيو آيا. ته انهن به وري ساڳين اڳواڻن پنهنجن پنهنجن سامراجين کي ٻيهر قائم ڪرڻ لاءِ کوشش ڪئي.

۽ انهن کي اٽين هٿ پير هڻندي ڏسي، جپان وري ايشيا ۾ ساڳئي قسم جو پنهنجو اثر وڌائڻ شروع ڪيو.

۳. ڪميونزم

هن نظريي مطابق ملڪ جي ترقيءَ ۽ تعمير جو سمورو مدار اقتصادي جوڙجڪ تي رهي ٿو. ان نظريي هيٺ، پيداوار جي جملي ذريعن، ان جي ورهاست جي ذريعن ۽ مشينري جي ذريعن مثلا پيسي وغيره تي حڪومت جو قبضو رهڻو آهي، ته جيئن انهن کي عام ماڻهن جي فائدي لاءِ استعمال ۾ آڻي سگهجي . هن نظريي مطابق ، قومي مفاد کي شخصي ۽ طبقاتي مفاد تي ترجيح ڏني وڃي ٿي. هر ڳالهه کي تاريخي ارتقا جي ڪسوٽيءَ تي پرکيو وڃي ٿو.

انهيءَ نظريي جو بنياد ميٽيريلزم (ماده پرستي) جي فلسفي تي ٻڌل آهي.

پهرين مهاياري لڙائيءَ کان پوءِ وڏي پيماني تي انهيءَ نظريي جو تجربو روس (سوويت يونين) ۾ ٿيڻ لڳو . ابتدا ۾ انهن کي سرمائيدار ۽ سامراجي طاقتن جي مخالفت ڪري مشڪلاتن جو منهن ڏسڻو پيو. ليڪن جلدئي هنن پاڻ سنپالي ورتو ، ۽ پلاننگ (رٿا) مطابق ترقي ڪرڻ لڳا.

هنن جي سياسي پاليسي سامراجين ۽ سرمائيدارن جي خلاف هئي، ان ڪري ڪمزور ۽ غلام قومن کي انهن کان سهارو ملڻ لڳو.

هنن جو سياسي نظام هڪ پارٽي جي حڪمرانيءَ وارو هئڻ ڪري، ونّ جماعتي ضابطي کي وڏي اهميت ڏني ٿي ويئي. ونّ جماعت جي مفاد تي فرد جي مفاد کي قربان ٿيڻو هو. يڪطرفي ۽ هڪ رنگي حالت کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ کين گهڻين مالي مشڪلاتن ۽ خون خرابين مان گذرڻو پيو، ۽ جلدئي ترقيءَ لاءِ کين تڪليفون برداشت ڪرڻيون پيون. ليڪن آهستي آهستي ٿي، سندن عوام جي جلد ترقي ڏسي ، اهو عقيدو دنيا ۾ زوردار واءَ وانگر چوڌاري پکڙجڻ لڳو .

۴. فاشزم (فسطائيت)

هن نظريي جو رواج جرمنيءَ ۾ هٽلر جي نازي پارٽيءَ ۽ اٽليءَ ۾ مسوليني جي فسطائي پارٽيءَ جي پيدا ٿيڻ بعد چوطرف پکڙيو.

انهن هيگل ۽ نٽشي جي سياسي فلسفن مان سبق ونيو، انهيءَ نظريي جو بنياد وڌو هو .

دنيا ۾ قديم وقت کان مختلف صورتن ۾ انهي نظريي جا پوئلڳ پئي رهيا هٿا. پر جهڙي طرح ڪميونزم پنهنجي آخري شڪل کارل مارڪس جي تعليم ۽ لينن جي عملي ڪار گذاريءَ ذريعي ورتي، تنهن وانگر هن فسطائي نظريي به پنهنجي آخري صورت عملي طرح هٽلر ۽ مسوليني جي هٿان ۽ انهن جي دور ۾ ورتي.

انهيءَ نظريي جا بنيادي اصول هيٺيان آهن:

(۱) بقاي اصلح ("سروائيول آف دي فٽيسٽ") جي قانون مطابق، هر ڪمزور ۽ ناصالح جانور ۽ ماڻهو مٽجي وڃي، صالح ۽ صحتمند جانور ۽ ماڻهوءَ جي مقابلي ۾ ناڪامياب ٿي، ختم ٿيو وڃي. اهو قانون قومن سان به لاڳو آهي . مضبوط ۽ لائق قومون ترقي ڪري ، ملڪن جون مالڪ بنجن ٿيون. ڪمزور ۽ نالائق قومون ، هيٺ ڪري ، فنا ٿيو وڃن يا غلام بنجيو پون.

(۲) انهيءَ اصول کي مدنظر رکي، هٽلر آريا قوم کي صحتمند ۽ صالح چاڻائي، دنيا جي رهبريءَ ۽ حڪومت جي لائق ٿي سمجهيو.

(۳) حڪومت جي ڪاروبار هلائڻ لاءِ صالح ۽ لائق گروهه کي اهل سمجهيو ٿو ويو. جمهوريت جي اصول کي فقط نا اهل ماڻهن جي برتري قبول ڪرڻ جي برابر سمجهي، رد ڪيو ٿي ويو.

(۴) انهيءَ اصول مطابق اهي صالح قومون ٻين نااهل قومن مٿان حڪومت هلائڻ جون حقدار هيون .

(۵) انهيءَ نظريي وارين حڪومتن سموري قومي وسائل کي مرڪزي طرح منظم ڪري، انهن کي مخصوص طبقي جي مفاد لاءِ ڪتب ٿي آندو. شخصي ملڪيت قائم رکيائون ٿي.

ٻين مغربي قومن، جن جمهوريت جي اصول کي مڃيو ٿي، تن ۾ ساڳي طرح طبقاتي مفاد جي حمايت ، پنهنجي سامراج قائم رکڻ سان، حڪومت جي پاليسي طور مقرر ڪئي هئي . تفاوت ٻنهي گروهن ۾ صرف هيءُ هو ته جمهوريت جي نالي وٺندڙ ماڻهن سامراج جو قيام پٺتي پيل قومن جي سڌاري، تربيت ۽ حفاظت جي نالي ۾ عارضي طور رکڻ ٿي گهريو، پر فسطائي گروهه پٺتي پيل قومن کي هميشه لاءِ نااهل سمجهي ، انهن کي دائمي طور غلام رکڻ جو ارادو ٿي رکيو.

جمهوريت هلائڻ جا طريقا پهرئين گروهه ۾ اهڙا رکيا هئا، جو طاقت هميشه مخصوص طبقي جي هٿ ۾ رهڻ واري هئي، ليڪن ٻئي گروهه مرڳو اختلاف راءِ کي بيڪار سمجهي ، پنهنجي مخصوص اقليتي طبقي جي اقتدار کي محفوظ رکڻ لاءِ هڪ پارٽي راج قائم ڪرڻ ٿي گهريو. هيءُ ٻيو گروهه جارحانه نيشنلزم جو حامي هو.

(۶) هنن پنهنجي برتري ۽ مخالفن جي ابتري، خون يعني نسل جي بنياد تي قائم ٿي رکي، ۽ پاڻ کان گهٽ نسل ڏانهن نفرت سندن سياسي پاليسيءَ جو مُکيه اصول هو.

(۷) انهيءَ نظريي کي عمل ۾ آڻڻ ۽ پنهنجي حڪومت ۽ برتري ڪمزور قومن تي مسلط ڪرڻ لاءِ، هنن تشدد جو استعمال لازمي ٿي سمجهيو.

(۸) پر وارن ملڪن ۾ نندين قومن تي قبضو ڪرڻ سندن پروگرام جو مُکيه جُزو هو.

هيءُ نظريو هندستان جي سياسي صورتحال ۾ گهٽين بدعتن جي پيدا ٿيڻ جو باعث بنيو. برصغير جي مسلمانن جون هيٺيون چار جماعتون يا سياسي تحريڪون انهيءَ نظريي جون مرهون منت سڏي سگهجن ٿيون:

۱. ڊاڪٽر شيخ محمد اقبال جي اسلامي تشريح ۽ مسلم ليگ جي پاليسي،

۲. علامہ مشرقيءَ جي خاڪسار تحريڪ.
۳. علامہ مودوديءَ جي جماعت اسلامي.
۴. ذوالفقار علي ڀٽي جي پيپلز پارٽي.

هندن مان بہ ڪن جماعتن جهڙوڪ جن سنگھ، راشٽريہ شيوڪ سنگھ ۽ ٻين جماعتن انهن ساڳين فسطائي نظرين مان سبق ورتو هو. پر جنهن صورت ۾ اُهي جماعتون هن وقت پاڪستان کان ٻاهر آهن ، ۽ هتي انهن جو واسطو نہ رهيو آهي ، ان ڪري، هيٺ، مثال طور، آءُ رڳو مٿين چئن تحريڪن جي فاشزم سان مُشابهت ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندس .

۱. علامہ شيخ محمد اقبال جي اسلامي تشريح ۽ مسلم ليگ جي پاليسي

(الف) ڈاڪٽر صاحب، مسلمانن لاءِ ، اعتقاد ۽ عمل جي بنياد تي ، چونڊيل ۽ اعليٰ قوم هڻڻ جي دعويٰ ٿي ڪئي.
(ب) مسلم قوم دنيا جي قومن جي آڏو بهادريءَ جي مثال پيش ڪرڻ ۽ سندن رهبري ڪرڻ لاءِ آڻي هڻي.
(ج) جهاد (تشدد) کي زندگيءَ جي ڪاروبار ۾ وڏو حصو ۽ اهم درجو حاصل هو.
(د) سندس نزديڪ جمهوريت هڪ فرسوده نظريو هو.
(هـ) مسلم ليگ هنن ڳالهين مان سبق ونيو،پاڻ کي واحد نمائنده جماعت ٿي سڏيو ۽ هڪ ليڊر، هڪ جهنڊي ۽ جُداگانہ ۽ برتر قوميت جو فسطائي نعرو هنيو ٿي ۽ "يقين محڪم، اتحاد ڪامل ۽ تنظيم" کي پنهنجي مقصدن جي حاصلات جا وسيلا شمار ٿي ڪيو.

هندن لاءِ نفرت، انهن ڏانهن مَسهپ جو رويو، دهشتگردي ۽ جارحانہ ڏهنيت سڀ انهيءَ فسطائي نظرئي جا مظهر هئا . نازين(هٽلري جماعت)۽ هنن ۾ تفاوت صرف هيءُ هو تہ هنن جرمن قوم کي نسل ۽ لياقت جي بنياد تي چونڊيل قوم ٿي سمجهيو. جيتوڻيڪ جرمن قوم نہ نيٺ آريا نسل هئي ۽ نہ لياقت ۾ ٻين کان اعليٰ هئي. ۽ اهي نعرا صرف عوام کي اُپارڻ ۽ گمراهہ ڪرڻ لاءِ هنيا ٿي ويا ۽ هيڈانهن ڈاڪٽر صاحب وري مسلمانن لاءِ مذهب جي بنياد تي چونڊيل قوم جي دعويٰ ٿي ڪئي. جيتوڻيڪ غور سان ڏسڻ بعد معلوم ٿيو ٿي تہ سڀئي مسلمان نہ اعتقاد ۾ هڪ هئا ۽ نہ عمل ۾ يڪسان هئا. ۽ اهو نعرو فقط عام ماڻهن کي مذهب جي نالي ۾ برغلائڻ لاءِ هنيو ٿي ويو.

جرمن يهودين جي نفرت ۽ خوف کان پاڻ کي منظم ڪرڻ گهريو ٿي ، ۽ مسلم ليگين هندوستاني مسلمانن کي هندن جي خوف ۽ نفرت جي بنياد تي متحد ٿي ڪيو.

جرمنيءَ ۾ ٻي پارٽي ممنوع هئي ، هتي ٻي ڪا مسلمانن جي پارٽي هر طرح قبول نہ ٿي سمجهي ويئي. هتي هٽلر ليڊر هو، هتي جناح کي نندڙو هٽلر بنايو ويو ٿي . جرمن وارن جو قومي نشان آرين جو سواستيڪا هو، جو آرين جو سامراجي نشان هو، ۽ مسلم ليگ جو نشان چند ۽ تارو هو، جو بازنطين ۽ پوءِ ترڪن جي جارحيت ۽ ملڪگيريءَ جو نشان هو .

جرمنن سرزمين جرمنيءَ کي مُقدس بنائڻ ٿي گهريو، جنهنڪري جيروسلم ۽ روم

جي مذهبي تقديس ثانوي حيثيت وٺي ٿي ويئي. مسلم ليگ وري پاڪستان کي پاڪ بنائي، اسلام جي مُقدس ملڪ جي حيثيت کي گهڻايو ٿي.

۲. خاڪسار تحريڪ (علامہ مشرقي جي):

هن تحريڪ جو بنياد هيٺين مُکيہ ڳالهين تي هو.

(۱) هو بقلي اصلح جي اصول مطابق، جاندار شين کي ٻن گروهن، هڪ صالح ۽ ٻيو غير صالح ، ۾ ورهائڻ جا قائل هٿا.

(۲) جهاد (تشدد) کي هنن مذهب جو بنيادي اصول ٿي سمجهيو.

(۳) جمهوريت کي غلط سمجهي ، هنن، ڪن اصولن جي بنياد تي هڪ ليڈر جي ماتحت ملٽري ڊسيپلن وسيلي، ماڻهن کي غلبہ اسلام واسطي منظم ڪرڻ گهريو ٿي.

اقبالي مسلم ليگ ۽ مشرقي خاڪسار تحريڪ جي وچ ۾ بنيادي اصول ساڳيا ٿي فسطائي هٿا، ليڪن منجهن تفاوت هيٺئين قسم جا هٿا:

(۱) ڈاڪٽر اقبال جي نظر ۾ ڪتني ٽيل ، مسلماني نالي رکيل، مسلماني مذهب جا فرد سڏائيندڙ سڀ ماڻهو جُداگانہ مسلم قوم هٿا، جي لائق ۽ صالح هڻڻ ڪري دنيا جي رهبري ڪرڻ جا حقدار هٿا . هن، شاعريءَ جي جذبي هيٺ اچي ، پنهنجي ٿي بيان ڪيل اعتقاد ۽ عمل جي يڪسانيءَ جي اصول کي وساري ٿي ڇڏيو.

(۲) علامہ مشرقي پيغام اسلام کي ڪنهن حلقي ، قبيلي ۽ قوم سان وابستہ ڪرڻ روح اسلا م جي خلاف سمجهي، هر صحيح الاعتقاد ، صالح عمل ، خادم خلق ، حسن اخلاق رکندڙ ماڻهوءَ کي مسلمان ٿي سمجهيو ۽ تنهنڪري سندس جماعت ظا هري طرح غير مسلمانن لاءِ بہ ڪليل هئي. ليڪن جڏهن غلبي اسلام لاءِ سندس خيال ۽ ارادي تي نظر ٿي ڪئي ويئي، تہ عملي طرح نتيجو فقط سندس پنهنجي خيال کي مڃيندڙ گروهہ جي برتري وڃي ٿي بيني.

(۳) علامہ اقبال جي پوئلڳ ليگين ظاهري طرح جمهوري طريقي تي سياسي جماعت بنائي، ڪم ٿي ڪيو ، ليڪن عملي دنيا ۾ هنن بہ هڪ جماعت ، هڪ ليڈر ، هڪ جهنڊي ۽ هڪ نصب العين جي حاڪميت جا نعرا هڻي ، جمهوري اصولن جي مخالفت پڻي ڪئي.

(۴) علامہ مشرقيءَ صاف طور تي جمهوري راءِ جي عيوض هڪ ۽ فقط هڪ ليڈر جي حڪم جي تعميل جو پرچار ٿي ڪيو. انهن جا طريقہ ڪار علحده هٿا، ليڪن سندس خيال ، ارادا ۽ مقصد ساڳيا هٿا. علامہ اقبال جي نظرئي موجب مسلمانن جي قوم مڪمل ٿي چڪي هئي، جنهن جو وقتي طور مثالي ليڈر جناح صاحب هو ۽ علامہ مشرقيءَ، انهن کي پنهنجي ليڈريءَ هيٺ، مڪمل ڪرڻ گهريو ٿي.

۳. علامہ مودودي‌ءَ جي جماعت اسلامي:

مودودي صاحب جي اسلامي تشريح جا مُکيہ جُزا هيٺيان هٿا.

(۱) مذهب اسلام آخري دين ۽ مڪمل قانون حيات هو.

(۲) انهيءَ جا سچا مجيندڙ اُهي هٿ، جن قرآن ۽ سنت جي مطابعت ڪئي ٿي.
(۳) اسلام جي تبليغ، تعليم ۽ حڪومت لاءِ صالحن جي گروهہ مان هڪ امير جي ضرورت هوئي.
(۴) مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻ ئي صحيح هو ۽ ضروري هو.
(۵) حڪومت کي قرآن ۽ سنت جي احڪامن پٽاندر هلڻو هو.
(۶) حڪومت لاءِ آئين ناهڻ، ۽ ان جي تشريح ڪرڻ جو حق صرف انهن صالحن وٽ هو، جن کي هو پاڻ صالح سمجهي.
(۷) صالح ماڻهو صرف انهيءَ مذهبي تعليم جا ماهر ٿي ٿي سگهيا ٿي، جيڪا مولانامودودي پاڻ مرتب ڪئي هئي ۽ ڏيڻ گهري ٿي.
(۸) مختلف مسلمان مُلڪن جي ماڻهن کي گڏجي، پٽن اسلامزم جي بنياد تي ، اسلام جي عالمي غلبي لاءِ ڪوشش ڪرڻي هئي.
(۹) تقويٰ ، خدمت خلق، صحيح اسلامي تعليم جي تبليغ وغيره سڀ انهن مقصدن جي حاصل ڪرڻ لاءِ ذريعا هٿا.

جيڪڏهن غور سان ڏسبو تہ هيءَ تحريڪ بہ ڦري گهري فسطائي نظرئي جي ٿي تحريڪ جو هڪ روپ نظر ايندي. ماڻهن جي صالح ۽ غير صالح گروهن ۾ تقسيم، اطاعت امير، هڪ ٿي بهترين مذهب جو عقيدو، ۽ ان جي غلبي لاءِ هڪ جماعت، اُن مذهب جي تشريح جي اختياري صرف ان جماعت، ۽ ان جي ليڊر وٽ محفوظ آهي. هي سڀ اُهي ساڃياڻيون فسطائي نظرئي جا خيال ۽ اُصول هٿا، جيڪي مٿي ٻين هر مشرب شخصن ۽ جماعتن جي سلسلي ۾ بيان ڪيا ويا.

۴. ذوالفقارعلي ٻٽي جي "پيپلز پارٽي":

هيءَ جماعت پاڪستان جي قيام کان پوءِ تازو وجود ۾ آئي آهي . ان جو باني ۽ ليڊر مسٽر ذوالفقار علي خان ٻٽو آهي. هن جماعت سان جيتوڻيڪ جمهوري ، سوشلسٽ ۽ اسلامي اُصول لڳايا وڃن ٿا، پر جي چٽائي ڏسبو تہ ، اُها جماعت بہ حقيقي طور تي فسطائي نظرئي جي بنياد تي بيهڻ نظر ايندي.
(ا) اُن جو ليڊر ٻٽو صاحب تاحيات ليڊر آهي ۽ ناقابل تبديل آهي .
(۲) ان کي جيتوڻيڪ جمهوري ۽ عوامي جماعت جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو، ليڪن ان جي پروگرام ۾ جمهوريت جي هيئين اصولن جو پورو انحراف ڪيو وڃي ٿو :
(الف) ان ۾ قومن جي حق خودارادي‌ءَ کي رد ڪري ، هڪ غير واضح نظرئي پاڪستان مطابق ، سنڌي، بلوچي، پنجابي، ۽ پختون قومن جي وجود کان انڪار ڪيو وڃي ٿو.
(ب) ان ۾ تحرير، تقرير، جماعت سازيءَ ۽ جماعتي عمل جي آزادي نہ آهي.
(ت) ان ۾ هر مخالف خيال ماڻهوءَ کي دهشتناڪيءَ ۽ تشدد وسيلي دٻايو، هيسو ۽ خاموش بنايو وڃي ٿو .

(ٽ) ان ۾ هڪ زبان ۽ هڪ ڪلچر جو نمرو هنيو وڃي ٿو.
(ج) ان ۾ اسلام جي علمبرداريءَ ۽ ان جي قانونن جي تعميل جي دعويداري ڪئي وڃي ٿي. جيتوڻيڪ اسلام جي سندن پنهنجي مخصوص تشريح آهي، يعني مغربي دنيا جي فلسفي ۽ فڪر جي تتبع ۽ مطابقت واري تشريح ، جنهن کي هو جديد ۽ معقول اسلام سڏڻ جي دعويٰ ڪن ٿا .
(د) ان ۾ سوشلزم جي علمبرداريءَ ۽ اُن جي قانونن کي تعميل جي دعويداري ڪئي وڃي ٿي. جيتوڻيڪ سوشلزم جي به سندن پنهنجي مخصوص تشريح آهي، جنهن کي هو اسلامي سوشلزم سڏين ٿا. ان ۾ مخصوص ۽ محدود پيداوار ، تقسيم ۽ مٽا سٽا جي ڏريعن کي قومياڻڻ جو عمل هو پنهنجو پاڻ ووٽ ، يعني خود استحصالي ۽ حڪمران طبقي جي پنهنجي ضابطي ۽ پنهنجي هٿن ۾ ، محفوظ رکڻ گهرن ٿا. (ان جا پارٽي عهديدار ۽ اسيمبلين جا ميمبر ۽ حڪوتي اقتدار تي قابض ۽ اختيار جا صاحب، سندن ۾ توڙي سندن ڪان ٻاهر، گهڻ ۾ گهڻ ۹۵ في سيڪڙو زميندار ۽ شاهوڪار طبقي جا هئا)

۵ . جمهوريت

هن نظرئي جا حامي قديم زماني کان هلندا پئي آيا آهن. ليڪن چون ٿا ته ان جي پوري تشريح ۽ عملي طرح وجود ۾ اچڻ يونانين جي دور حڪومت ۾ ٿيو. مغربي ملڪن ان جي پوئلڳيءَ ۾ پنهنجي ملڪن اندر انهيءَ دستور کي حتي الامڪان رائج ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

هن جا به ڪيئي قسم بيان ڪيا ويا آهن. پر جيڪڏهن اُن جا مُکيه اصول بيان ڪبا، ته هيٺيان بيهندا:

(ا) نسل، رنگ ، مذهب، جنس، صحت ۽ لياقت جي فرق کان سواءِ سڀني مائهن کي بنيادي انساني حق حاصل رهن،جهڙوڪ:
(الف) قائدي اڳيان سڀني جي هڪجهڙائي.
(ب) تقرير ۽ تحرير جي آزادي .
(ج) جماعت سازيءَ ، جلسن ۽ مظاهرن جي آزادي.
(د) ڪهي ڪري سگهڻ، ملڪيت رکڻ يا نيڪال ڪرڻ جي آزادي.
(هـ) نوڪري، واپار ۽ ڌنڌي وغيره اختيار ڪرڻ جي آزادي ، ۽ روزگار جي حاصل ڪرڻ جي سهوليت .
(و) مذهبي خيالن کان اعتقاد ۽ عبادت جي آزادي .
(ز) شخصي ملڪيت جي حفاظت جا حق .
(ح) زوريءَ ڪم ڪرائڻ يا غلام رکڻ جي منع.
(ط) ڪلچر، رسم الخط ۽ زبان جو تحفظ.
(ي) ووٽ جو حق، وغيره.
(ڪ) حڪومت جو ڪاروبار آزاد ووٽ ڏريعي چونڊيل نمائندن جي معرفت هلائڻ ، ۽ اُنهن نمائندن جو ووٽرن وٽ جوابدار رهڻ .

(ل) حڪومت جو غير مذهبي هجڻ، يعني مذهبن جي سلسلي ۾ ان جو غير جانبدار هجڻ.

(م) هڪ ڪل وڏيڪ سياسي پارٽين جي وجود کي برداشت ڪرڻ ۽ ان جي افاديت کي تسليم ڪرڻ.

جمهوري حڪومتن جي عملي ڪارڪردگيءَ ۾ به ڪيئي نُقص ۽ خاميون هيون، پر اسان وٽ ، جديد دور ۾ ، جنهن طرز ۽ صورت جو جمهوري دستور مقبول ۽ مروج رهيو آهي، اهو برطانيه ۾ رائج دستور ۽ اتان جي انگريز قوم کان اسان کي مليل دستور آهي، جنهن قوم جي هن ملڪ تي ڪافي وڏو عرصو حڪمراني ۽ بالادستي رهي آهي .

هيءَ مختصر احوال آهي اسان جي ملڪ تي ٻن مهاڀاري لڙاين جي وچ واري دور جي فڪري ۽ سياسي اثرن جو . هيٺ آءُ خاص طرح ٻي لڙائيءَ جي دور جي مُکيه ليڊرن ۽ انهن جي مختصر ڪارگذارين جو ذڪر انهيءَ لاءِ ڪريان ٿو ته اسان جي محب وطن ۽ خدمتگذار طبيعت رکندڙ نوجوان ڪارڪنن کي ماضي قريب جي حالات جي خبر پوي، ۽ هو پنهنجن خيالن ۽ عملن کي ان جي روشنيءَ ۾ پنهنجي ملڪ ۽ عوام جي پلائيءَ لاءِ رٽي ۽ هلائي سگهن.

سن

٣١- مارچ ١٩٧٤ع

-غلام مرتضيٰ

فصل پهريون
اوائلي تشريح

جنهن وقت اسان هتي هندوستان ۾ آزاديءَ لاءِ جدوجهد ۽ اُن جي نتيجي ۾ وقت بوقت ملهل آئيني سُڌارن جا تجربا ڪري رهيا هئاسون، ان وقت يورپ ۽ ايشيا جي مُلڪ ملڪن ۾ چا وهي واپري رهيو هو، ان وقت انهن ڳالهين جو اسان جي مُلڪي مسئلن تي ڪهڙو اثر پيو ٿي، پڙهندڙن جي معلومات لاءِ ان جو ڪجهه ذڪر هيٺ اچي ٿو.

هندوستان دنيا جي وڏن ۽ مُڪيه ملڪن مان هڪ آهي. سندس ماضي نهايت شاندار ٿي گذريو آهي. منجهس مائهن ۽ مال جي ڪمي نه پيئي رهي آهي. ان جي گذشته تاريخ ۾ ڪيئي لاها چاڙها پئي رهيا آهن. ليڪن ان وقت ڌاري،بين الاقوامي حالات کان متاثر ٿي، انگريزي دور حڪومت جي عرصي ۾ خانه جنگي ۽ بيروني حملن کان آزاد رهي، هندوستان ترقيءَ جي راهه تي گامزن ٿيندو نظر آيو ٿي.

پهرين مهاريءَ لڙائي وقت هندوستانين انگريزي حڪومت جو ساڻ ڏيئي ، پيسي، لشڪر ۽ سامان رسد ذريعي جرمنيءَ ۽ انهن جي ساٿين تي فتح حاصل ڪرڻ ۾ ان جي گهڻي مدد ڪئي هئي.

انهيءَ جنگ جي پوري ٿيڻ کان پوءِ اتحادين يورپ جي ننڍين قومن کي آزادي ڏياري هئي، ليڪن ايشيا ۽ آفريڪا ۾ سندس پنهنجي سامراج هيٺ آيل ملڪن کي آزاد ڪرڻ لاءِ سندن ڪوبه ارادو ظاهر ڪونه ٿي ڏنو . جنهنڪري انهن محڪوم ملڪن ۾ پنهنجي پنهنجي آزاديءَ لاءِ هلچلون شروع ٿي ويل هيون، جن کي سختيءَ سان دٻائڻ ۾ هنن هرڪا ڪوشش پٺي ڪئي .

انهيءَ وقت ۾ سامراجي ملڪن جي چنبي مان آزاد ٿيڻ لاءِ ايشيا ۽ آفريڪا جي مختلف خطن ۾ آزاديءَ لاءِ جيڪا جدوجهد ٿي رهي هئي ۽ ان کي دٻائڻ لاءِ انگلينڊ، فرانس، اسپين، هالينڊ، اٽلي وغيره سامراجي حڪومتن جيڪي طريقا اختيار ڪيا هئا ، خود مهاري لڙائيءَ جي نتيجي ۾ دنياجي سياسي طاقتن ۾ جيڪا تبديلي واقع ٿي هئي، ۽ اتحادين شڪست کاڌل طاقتن ۽ حڪومتن سان جيڪو رويو اختيار ڪيو هو، ان جي ردعمل طور دنيا ۾ ڪيترا نوان سياسي نظريا وجود ۾ آيا هئا، جن جو مائهن تي گهڻي قدر اثر پوڻ لڳو هو .

جنگ پوري ٿيڻ کان پوءِ ، شروع ۾، اتحادين لڙائيءَ جي ٽڪاوٽ ۽ ان ۾ ٿيل نقصان جي پورائيءَ لاءِ ڪجهه نرم برتاءُ اختيار ڪيو هو. پر آهستي آهستي ٿي ، هو پنهنجي پنهنجي تسلط هيٺ آيل مُلڪن جي عام راءِ کي نوڪرون هٽي، عام دٻاءُ جا

طريقا اختيار ڪرڻ لڳاهئا.

ليگ آف نيشنس، جيڪا نيڪ ارادن سان برپا ڪئي ويئي هئي، تنهن کي هو پنهنجي سامراجي مفادن لاءِ اوزار ڪري ڪتب آڻڻ لڳا هئا. سندن اهڙيءَ روش ڪري يورپ جي شڪست کاڌل ملڪن ۾ هڪ طرف ۽ ايشيا ۽ آفريڪا جي سندن مقبوضہ ملڪن ۾ ٻئي طرف ، سخت ردعمل پيدا ٿي چڪو هو.

دنيا کي معلوم ٿي ويو هو ته اتحادي طاقتور بيشڪ هئا، پر جهڙيءَ طرح هنن جنگ جي وقت ظاهر ڪيو ٿي ته هي ننڍين قومن جي آزاديءَ لاءِ لڙندڙ جمهوري سرشتي حڪومت جا روح روان ،دنيا ۾ امن آڻڻ جا خواهشمند ، حق ۽ ايمان جا حامي هئا ، اُهي سندن جملي دعوائون تجربي جي آدار تي غلط ثابت ٿيون ٿيون.

دنيا کي پتو پٽجي ويو هو ته هنن سامراجي طاقتن جڏهن ننڍين قومن جي آزاديءَ جو نالو ورتو ٿي، ته ان مان سندن مقصد صرف سندن پنهنجين مخالف حڪومتن جي ماتحت قوميتون هو. پر ايشيا ۽ آفريڪا جا ملڪ، جي خود سندن، قبضي هيٺ هئا. انهن کي آزاد ڪرڻ جو هنن کي ڪوبہ ارادو ڪونہ هو . بلڪ انهن ملڪن ۾ هلايل آزاديءَ جي تحريڪن کي کچلڻ لاءِ هنن وسان ٿي گهڙيو.

سندن اهڙيءَ روش ڪري دنيا ۾ سندن اخلاقي اثر گهٽجي ويو هو. ليگ آف نيشنس ، جا دنيا جي مختلف ملڪن جي وچ ۾ اختلافن کي باهمي گفتگوءَ ذريعي فيصل ڪرائڻ جي ارادي سان قائم ڪرايل هئي، سا سندن سياسي منصوبن جو آکاڙو بنجي پيئي هئي. ان ۾ جن کي وٹين ٿي ، ميمبر ٿيڻ جي اجازت ڏنائون ٿي، جن کي پسند ٿي ڪيائون ، تن کي انهيءَ جماعت جو ميمبر بہ ڪرڻ ٿي ڇڏيائون.

جيتوڻيڪ عام راءِ کي راهي رکڻ لاءِ ليگ طرفان کي نهراءَ پلس ڪيا ويا ٿي، پر جي اُهي نهراءَ اتحادين مان ڪن جي ملڪي مفاد جي خلاف هئا، ته انهن کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ڪابہ ڪوشش ڪانہ ٿي ڪئي وئي ،بلڪ ڪن حالتن ۾ انهن جي خلاف ورزي ڪئي ويئي ٿي .

ليگ آف نيشنس کي عملي طرح پنهنجي ڪنهن فيصلي مڃائڻ لاءِ اڃيئي ڪوبہ اختيار ڪونہ هو، ان جي فيصلن کي صرف عام راءِ ، اخلاقي اثر ۽ اتحادين جي طاقت تي آدار هو. پر جڏهن خود اتحادين ان کي حق ۽ انصاف لاءِ ڪتب ٿي آندو، ته آهستي آهستي ٿي ، عام ماڻهن ۽ ملڪن جو ان جي افاديت مان اعتبار ٽٽندو ويو . کي ملڪ ان کي بيڪار سمجهي ، ان مان نڪري ويا، ڪن ان جي ڀالهين ۾ دلچسپي ونڊ ڇڏي ڏني . ان وقت ڏاري ماڻهن جي عام راءِ جي ترجماني ڪندي ، ڊاڪٽر شيخ محمد اقبال ليگ لاءِ هينءَطرح خيال ظاهر ڪيو هو،

من ازين پيش ندانم ڪنهن درد چند،
بهر تقسيم قبور انجمن ساختند.

(مون کي (ليگ آف نيشنس بابت) هن ڪان وڌيڪ معلوم نہ آهي ته رڳو قبرن جي ورهاست لاءِ ڪفن چورن هڪ جماعت ٺاهي آهي.)

دنيا ۾ اهڙين حالتن پيدا ٿيڻ سبب، گذريل مهاڀاري لڙائيءَ ۾ يورپ جي شڪست

ڪاڏل ملڪن ۾ بي آرامي ۽ بيچيني پيدا ٿي پيئي ، ۽ انهن پنهنجي حالت درست ڪرڻ، وڌيڪ طاقت وري هٿ ڪرڻ ۽ سائڊ ٽيل ظلمن جي علاج لاءِ نئين سر منظم ٿي ، ڪوششون ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون. ان ڪانسواءِ ايشيا ۽ آفريڪا کنڊن ۾ به اتحادين جي تسلط هيٺ آيل ملڪن ۾ آزاديءَ لاءِ جدوجهد به تيز ٿي چڪي هئي.

اُنهيءَ وقت ڏاري يورپ ۽ ايشيا ۾ ڪن مُکيه ليڊرن جي اڳواڻيءَ هيٺ نيون تحريڪون شروع ٿيون هيون، جن ماڻهن کي خاص نظرين، مقصدن ۽ پروگرامن مطابق منظم ڪري، طاقت ۾ آڻڻ گهربو ٿي.

اهو سوال جدا آهي ته قومن جي بيداري ۽ انهن جي طاقتور بنجڻ جو مُکيه ڪارڻ ليڊر ٿين ٿا ، يا جڏهن ڪن خاص حالتن هيٺ ڪي قومون بيدار ٿي ، پنهنجن حقن جي حفاظت لاءِ تيار ٿين ٿيون، انهن جي رهبريءَ لاءِ ، حالتن جي تقاضا ڪري ، ڪي قابل ماڻهو پيدا ٿي، اڇو سندن اڳواڻيءَ جون واڳون ونن. بهرحال اها حقيقت آهي ته جڏهن باهه لڳڻ لاءِ مواد ڪَٺو ٿئي ٿو ، ته ڪو نه ڪو اڇو اُن کي تيلي لڳائڻ جو ڪم سرانجام ڪري .

هيءُ سمورو دور (۱۹۱۸ع- ۱۹۳۹ع) دنيا جي مُکيه ليڊرن، انهن جي تحريڪن ۽ انهن جي ردعمل ۽ عام تصادم ڪري ٻي مهاپاري لڙائيءَ لڳڻ جي سببن ۽ واقعن سان ڀريو پيو آهي. تنهنڪري بين الاقوامي حالتن کي پوري طرح سمجهڻ لاءِ دنيا جي مُکيه ملڪن ، انهن ۾ پيدا ٿيل تحريڪن ۽ انهن جي مُکيه اڳواڻن جو سمجهڻ ضروري ٿيو پوي. ان ڪري يورپ ۽ ايشيا جي چند ملڪن جي مُکيه اڳواڻن ،سندن خيالن ۽ ڪارنامن جو مختصر احوال هيٺ ڏيان ٿو.

●

فصل ٻيون

يورپ

١. جرمني

پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ يورپ جي گهڻن ملکن جي مالي حالت خراب ٿي ويئي هئي. ڪيترن ملکن اندر، پارٽيبازيءَ ڪري، اندروني انتظام خراب ٿي چڪو هو . جمهوري سرشتي حڪومت ۽ سرمائيداري نظام کي ناڪام سمجهي ، ردعمل طور انهن جي خلاف هرهند ڪوششون شروع ٿي ويون هيون . نتيجي طور اُتان جي ڪن مُکيه ماڻهن ۽ فڪري دنيا جي سربراهن، انهن خرابين کي دور ڪرڻ لاءِ ، آمرانه يا آپهاني (Totalitarian) طريقي حڪومت رائج ڪرڻ ۾ حل ٿي ڄاتو ، ۽ ڪن وري روس ۾ قائم ٿيل ڪميونسٽ نظام موجب سوشل انقلاب آڻي، پنهنجي پنهنجي ملڪ جي عوام جي حالت کي بهتر بنائڻ ضروري ٿي سمجهيو.

جرمنيءَ، لڙائيءَ ۾ شڪست کائڻ ڪري، گهڻو نقصان سَٺو هو. ويتر جو ان تي جنگي تاوان رکيا ويا، سندس اندروني آزاديءَ تي پابندیون وڌيون ويون ۽ ڪي ان جي ملڪي اراضيءَ جا ٽڪرا فرانس جي حوالي ڪيا ويا هئا، تن جرمن جهڙي غيرتمند قوم ۾ شديد ردعمل پيدا ڪري ڇڏيو هو.

نتيجي طور، اُن وقت جرمنيءَ ۾ اڪثر ماڻهو، سوشلزم جي نظرئي ۾ پنهنجي نجات ڄاڻي، ملڪ کي انهيءَ پٽاندر هلائڻ جا طرفدار بنيا ويا. ڪن خاص ماڻهن وري جرمن نيشنلزم (قوميپرستيءَ) جي آڌار تي، سڄي جرمن قوم کي متحد ۽ منظم ڪرڻ گهريو ٿي. جرمن قوم جي راهه انهن پن رجحانن جي وچ ۾ ورهايل هئي . اُن جا غريب ماڻهو گڏيل موتمار جنگ ۽ ان کانپوءِ جي پيدا ٿيل حالتن کان متاثر ٿي، ڪميونزم طرف مائل ٿيڻ لڳاهئا. سرنديءَ وارن کي ڪميونزم مان خطرو هو ، تن ملڪ کي طبقاتي تصادم ۾ ڦاسائڻ جي عيوض ماڻهن کي جرمن قوم جي نالي ۾ منظم ڪري، ملڪ کي طاقتور بنائڻ گهريو ٿي.

عين انهيءَ موقعي تي جرمن قوم ۾ هڪ اهڙو ماڻهو پيدا ٿيو، جنهن ملڪ جي ٻنهي گروهن کي گڏي، هڪ جاه تي آڻڻ جي تحريڪ هلائي ،۽ نيشنل سوشلزم (قومي سماج واد) جي بنياد تي هڪ پارٽي ناهي ، ڪم ڪرڻ شروع ڪيو، جا، اڳتي هلي، " نازي پارٽي " نالي سان سڏجڻ لڳي . ان ماڻهوءَ جو نالو " هٽلر " هو. انهيءَ تحريڪ کي "نازي ازم"، يا انهيءَ ۾ مسولیني نالي اهڙي ٿي هڪ اڳواڻ طرفان اثاريل قومي بحاليءَ جي تحريڪ جي نالي پليان " فاشزم " يا فسطائيت جو نالو ڏنو ويو. هٽلر هڪ ڪتاب " مين ڪئف " نالي لکيو ، جنهن ۾ هن پنهنجي قومي سماج واد

تحريڪ جا مقصد ۽ پروگرام پيش ڪيا.

هٽلر جي ان هلچل جا نتيجا ڪهڙا نڪتا ، انهن جي بيان ڪرڻ کان اڳ هٽلر جي شخصي زندگيءَ بابت ڪجهه احوال ڏيڻ ضروري ٿو سمجهان.

هٽلر ۽ سندس زندگيءَ جو احوال

هن شخص جو اصلي نالو آڊولف ۽ پٽ آليوس جو هو. سندس سرنيم يا گهرائي جو نالو هٽلر هو. سندس پيءُ آليوس آسٽريا جي ڀوٽ 'برانو' ۾ رهندڙ هو. ۽ موچڪو ڏنڊو ڪندو هو. هن ٽي شاديون ڪيون هيون . سندس ٽين زال جو نالو 'ڪلراپوزيل' هو. جنهن مان ڪيس ٣٠ اپريل ١٨٨٩ع تي آڊولف هٽلر پيدا ٿيو. آڊولف ٢١ سالن جي عمر تائين انهيءَ ڀوٽ ۾ رهندو آيو. تعليم بہ اتي ئي ورتائين . ان ڪانپوءِ هو جرمنيءَ جي ميونچ شهر ۾ رازڪو ڪم ڪرڻ لڳو . روز جي ڪم کان واندي ٽيڻ ڪانپوءِ هيءُ ڪتابن جو مطالعو ڪندو هو ۽ ملڪي سياست جي ڪمن ۾ دلچسپي وٺندو هو. ٿوري وقت ڪانپوءِ هيءُ جرمن فوج جي نوڪريءَ ۾ گهڙيو.

پهرين مهاياري لڙائيءَ ۾ هن جرمنيءَ طرفان جنگ ۾ پوري سرجوشيءَ سان بهرو ورتو .ليڪن باوجود بهترين لشڪر، عمدن هٿيارن ۽ پورين تيارين جي ، جرمني ۽ ان جي ساٿي ملڪن ۽ ترڪيءَ جي حڪومتن کي جنگ ۾ شڪست ملي. ان ڪري هر محب وطن جرمن کي ارمان ۽ پشيماني پيدا ٿي. ويتر ورسيلز جي عهدنامي هنن جي حالت ابتر بنائي ڇڏي. جنگ ۾ شڪست کائڻ جي سببن معلوم ڪرڻ ۽ وڃايل طاقت ۽ وقار کي وري هٿ ڪرڻ لاءِ سڄي ملڪ ۾ جرمن قوم جا وطن دوست غور ۽ فڪر ڪرڻ لڳا.

هٽلر بہ نوڪري ڇڏي ڏني، ۽ انهيءَ مسئلي تي سوچ ويچار ڪندي ڪندي، هي ڪن خاص نتيجن تي پهتو. هن کي جرمن قوم جي ابتريءَ ۽ شڪست جا بہ مکيہ ڪارڻ ڏسڻ ۾ آيا.

(١) هن پهرين تہ جمهوري سرشتي حڪومت کي ان لاءِ جوابدار ٺهرايو. جنهن، هن جي راءِ جي مطابق، پارٽيبازيءَ جي اختلافن ڪري، سڄو قومي شيرازو بگاڙي ۽ ڪمزور ڪري ڇڏيو هو.

(٢) ٻيو ڪارڻ جرمن قوم جي ابتريءَ ۽ ڪمزوريءَ جو هن جي نظر ۾ هيءُ آيو تہ جرمنن جي دل ۽ دماغ تان پنهنجي جرمن قوميت جي عصبيت جو اثر گهٽجي ويو هو، ۽ ان لاءِ هن يهودين کي مکيہ ڏوهي ۽ جوابدار ٺهي سمجهيو.

هُن جي خيال موجب يهوديت هڪ خاص نظرئي جي حامل هئي، جنهن نسل، جاگرافيائي حدن جي وطن ۽ ان جي ڪلچر ، زبان ۽ اقتصادي مفاد جي بنيادن تي هزارن ورهين جي تاريخي ارتقا جي ڏريعي بنيل قومن جي وجود کي ختم ڪري، قومن جو وجود ڪن خيالي نظرين، جذبن ۽ مذهبي عقيدن تي بنياد تي قائم ڪيو هو، ۽ ائين جديد نشنلزم (قوميت) جي شيرازي ۽ عصبيت کي ڪمزور ڪري ڇڏيو هو. هن جو خيال هو تہ جرمن قوم ۾ قومي عصبيت گهٽ ٿي ويئي هئي، سا بہ ان يهوديت

جي اثر ڪري ۽ ان جي سازشي ڪوشش سبب ، ۽ ان ٽي ڪين ڪمزور ڪري ڇڏيو هو. آسپاس وارين ڪيترين قومن کي گهٽن ٽي ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن تي تسلط هو. ليڪن جرمن قوم جڏهن بہ پنهنجي ترقيءَ ۽ اقتدار لاءِ ڪوشش ٽي ڪئي، تہ ان جي راهہ ۾ رڪاوٽو ن وڌيون ٽي ويون. ۽ انهن رڪاوٽن کي مذهب ، جمهوريت ۽ ڪميونزم جي نظرين جي نالن ۾ انهن جي مدد سان مضبوط ڪيو ٽي ويو ، جن ٻنهي نظرين کي هن يهوديت جي پيداوار ٽي سمجهيو.

جوش ۽ مصيبت جي حالت ۾ دماغي توازن ٺيڪ ٿو رهي. هٽلر کي بہ ان وقت ڏسڻ ۾ آيو تہ اهي سڀ ڳالهيون سيميٽڪ (سامي) تخيل جو نتيجو هُيون. جمهوريت ۾ هن کي مادي ۽ ڏهني قوت تي تعداد جي تفوق ۽ آڪرائيءَ جو راز لڪل نظر آيو. ڪميونزم ۾ بہ ساڳي اها ڳالهہ ۽ پڻ قوميرستيءَ جي دشمني نظر آيس. دنيا جي مُکيہ مذهبن، ڪرسچئنٽي ۽ اسلام، کي هن يهوديت جي پيدائش ٽي ڄاتو. انهن سڀني جي فروغ ۾ هن کي قوميت جو موت ٽي نظر آيو. جهڙي طرح ڊاڪٽر اقبال کي وطنيت ۾ (جا ساڳئي وقت قوميت بہ آهي) مذهبن جو موت ٽي نظر آيو. اهڙيءَ طرح هٽلر وري مذهبن کي قوميت جو (جا ساڳئي وقت وطنيت بہ آهي) دشمن ٽي ڄاتو .

حقيقت ۾ مذهب (دين) توڙي قوميت، جڏهن مطلق حق ۽ فوقيت جا نعرا هٿي سامهون اچن ٿا، تڏهن اهي ٻئي سامراج جا هٿيار بنجي ڪم ڪن ٿا . مذهب جو مطلق حق ڏهني سامراج هو ۽ وطن يا قوم جو غير محدود ۽ غير مشروط تفوق مادي سامراج هو.

نظرياتي بنيادن تي بين الاقوامي خيالن جي پرچار ۾ يهودين کي اڳرو ڏسي، هٽلر انهن جو مخالف ٽي بيٹو هو. اهڙيءَ طرح هن جهموري نظام کي بہ جرمن قوم ۾ انتشار ۽ ڪمزوري پيدا ڪرڻ لاءِ جوابدار ٽي سمجهيو.

اڄين تہ قديم يونان جي زماني کان وٺي جمهوريت ۽ آمريت جي نظرين تي سياسي مفڪر رايا ظاهر ڪندا پئي آيا آهن، ليڪن هر قوم ۾ آمرانہ يا جمهوري حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ وقتي ماحول ۽ مڪاني حالتون جوابدار ٽين ٽيون .

جرمنيءَ ۾ جمهوريت جي خلاف هٽلر جي نازي تحريڪ جي زور وٺڻ لاءِ هيٺيان ڪارڻ شمار ڪري سگهجن ٿا.

(۱) جرمن قوم مان اڃا قبيلائي عصبيت گهٽ ڪانہ ٽي هئي.

(۲) گهٽي وقت کان جرمن قوم کي، اڳرائيءَ واري قوميرستيءَ (قومي تفوق يا غلبي) جي تعليم ۽ تربيت ڏريعي جنگجو بنايو ويو هو.

(۳) پهرين مهاڀاري لڙائي ۾ شڪست کائڻ ۽ ناجائز صلح جي شرطن ڪري، جرمن قوم ۾ غيرت ۽ انتقام وارو ردعمل پيدا ٽيو هو.

جنگ کان پوءِ مٿين ڳالهين کان متاثر ٽي، هٽلر، نوڪري ڇڏي، قوم جي وڃايل طاقت هٿ ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳو. هن نٽشنل سوشلسٽ (قومي سماج واد) پارٽي نالهي، هڪ اخبار ڏريعي ان جا مقصد ۽ پروگرام پکيڙڻ شروع ڪيا. ان ۾ هن جمهوري سرشتي حڪومت کي ملڪ لاءِ نقصانڪار هٽڻ جو پرچار ڪيو، ۽ جنگي عهدنامن کي رد ڪرڻ لاءِ پروپيگنڊا شروع ڪئي.

ابتدا ۾ هو سوشلزم ڏريعي ملڪ ۾ اقتصادي انقلاب آڻڻ طرف زياده مائل هو ۽

عام ماڻهن کي انهيءَ ڏي آسري ٿي ڪنو ڪرڻ شروع ڪيائين. پر اڃڻي هلي هن کي محسوس ٿيو ته ملڪ ۾ شاهوڪار طبقو بہ ڪافي اثر رکندڙ هو. انهن جي مدد کان سواءِ ساري جرمن قوم کي هڪ جاءِ تي متحد ۽ منظم ڪرڻ ڏکيو سوال هو. تنهنڪري انهن جي همدردي حاصل ڪرڻ لاءِ هن نيشنلزم (قوميت) جي ڀالهه کي ترجيح ڏيئي، سوشلزم کي ڪميونزم کان علحده نه ڄاڻي، جرمن قوم کي پنهنجين وڃايل ڪالونين هٿ ڪرڻ ۽ طاقتور بنائڻ لاءِ، آريا نسل جي بنياد تي منظم ڪرڻ شروع ڪيو.

هن ۱۹۲۳ع کان پنهنجي انهن خيالن جي آڌار تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. سنه ۱۹۳۰ع ڌاري سندس پارٽي زور ونڊي ويئي ، جنهن ۾ ڪيئي لک ميمبر شامل ٿي ويا.

۱۹۳۲ع ۾ جڏهن پريزيڊنٽ جي چونڊ ٿي، تہ هن جي ڊر کي ڏيڊ ڪروڙ ووٽ مليا. ان ڪري هن کي وزارت ۾ شرڪت لاءِ دعوت ڏني وئي ، ليڪن هن مستقبل کي خيال ۾ رکي ، ان ۾ شريڪ ٿيڻ کان انڪار ڪيو.

ان کانپوءِ ۳۰ جنوري ۱۹۳۳ع تي چانسلر سليشر جي جاءِ تي هو جرمن قوم جو چانسلر مقرر ٿيو . سگهوئي جرمن پارليمينٽ ، جا 'ريچسٽئگ' سڏبي هئي، هن کي چٽن سان لاءِ ڊڪٽيٽري اختيار ڏنا.

اهڙيءَ طرح طاقت ۾ اچڻ کان پوءِ هن هر انهيءَ شيءِ کي، جا سندس مقصدن ۽ اقتدار جي سامهون هن کي رکاوٽ ڏسڻ ۾ آئي، بيدرديءَ سان کچلڻ شروع ڪيو. پريس تي ضابطو رکيائين. مخالفن کي سزائون ڏنائين . ۱۹۳۴ع ۾خود پنهنجي پارٽيءَ ۾ جيڪي رقيب نظر آيس، تن کي قتل ڪرائي ڇڏيائين .هن جلدئي يهودين کي تنگ ڪري، ملڪ ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪيو، ۽ ان لڏپلاڻ ۾ ڪيترا جرمن يهودي ختم ٿي ويا.

هٽلر غيرمعمولي صلاحيتن جو مالڪ هو . ساري عمر شادي نه ڪيائين . ڇي، سندس معشوقہ ملڪ جي خدمت هئي، عورت ان جي جاءِ ونڊي نه ٿي سگهي، گوشت نه کائيندوهو. شراب پيئڻ کان پري هوندوهو. زالن جي صحبت طرف مائل نه هو. پيسي سان ڪابہ رغبت نه هوندي هيس. ڪم ڪرڻ کان جڏهن واندو ٿيندو هو، تہ اڪيلائيءَ ۾ غور ۽ فڪر ۾ گذاريندو هو . شخصي دوست ڇڙا هوندا هئس .

ابتدا ۾ هيءَ رومن ڪٿولڪ مذهب جو پوئلڳ هو. پر جڏهن طاقت ۾ آيو، تہ جرمن قوميرستيءَ جي راهہ ۾ مذهب کي رکاوٽ ڄاڻي ، ان کان ٽهڻ ۽ متنفر ٿيڻ لڳو.

هيءَ هڪ يڪ خيالو ۽ يڪ دليو انسان هو. هن جي ڪم جا طريقا ۽ رٿائون بدلبيون رهنديون هيون پر هن جا بنيادي مقصد ڪڏهن بہ نہ بدلبا هٿا . جيڪي هر حالت ۾ هڪ مضبوط ۽ طاقتور جرمنيءَ جي پيدا ڪرڻ لاءِ مخصوص ۽ وقف رهندا هٿا . ان پنهنجي منزل جي حصول لاءِ هو هر قسم جي ابن الوقتيءَ ۽ قيرن گهيرين وغيره کان بہ نہ هيڪندو هو. بنيادي مقصد بهرحال هر صورت ۾ ۽ هر وقت سامهون هوندو هوس.

هو باهمت ۽ مضبوط ارادي جو مالڪ هو. جيڪي ڪم ڪهڻو ٿيندو هوس يا سندس راهہ ۾ رکاوٽون پونديون هيون، تيڪي سندس ارادي جي قوت ۽ عمل جو جذبو زور ونندو هو. هو ملٽريءَ ۾ رهي چڪو هو، ان ڪري نظام ۽ ضابطي جو ماهر هو. ٽوري وقت اندر سائين جي مدد سان، نمائشي طريقن ۽ سخت پروپئگنڊا ذريعي، هن جرمن

قوم جي ڪثرت تعداد ماڻهن کي، جوش ۽ نفرت جي لهر ۾ لوڙهي، فڪر ۽ سمجهه کان موڙي، جرمن قوم جي عظمت لاءِ، نسلي بنياد تي منظم ڪري ورتو. هن پنهنجن ماڻهن کي قومي وقار حاصل ڪرڻ لاءِ جوش ڏياريو ۽ انهن جي غيرت کي للڪاريو، ۽ جرمنيءَ جي سمورين بي غيرتين ۽ ڪمزورين لاءِ يهودين کي جوابدار ٺهرائي ، انهن لاءِ جرمن قوم جي دلين ۾ نفرت جا آڙاهه ٻاري چڏيا. اهي ٻيئي هن جا نسخا جرمن قوم ۾ عارضي اتحاد ۽ جوش پيدا ڪرڻ لاءِ نهايت ڪارآمد ثابت ٿيا. هن جي سامهون جرمن قوم ۽ ملڪ جو مفاد، جيئن هن ان کي سمجهيو ٿي، سڀ کان بالا هو. انهيءَ راهه ۾ هي مذهب ۽ ڪميونزم جي نظرين کي رڪاوٽ ٿي سمجهيو. هن جي نظر ۾ هيءَ ڳالهه بـ آڻي ته ان وقت دنيا ۾ يهودي قوم ٿي هئي، جا ٻين ملڪن ۾ رهي بـ مذهب جي بنياد تي پنهنجو جداگانه قومي وجود قائم رکيو آڻي.

هن جي عملي سياست جي تجربي هن کي ڏهن نشين ڪرايو هو ته بين الاقوامي مفاد جو وجود عملي دنيا ۾ عدم پيدا هو. " هٽلرءَ جا ڏند کائڻ جا هٿيار ۽ ڏيکارڻ جا ٻيا" - ان وانگر جن ماڻهن اهڙيون ڳالهيون ڪيون ٿي، تن جو عمل ان جي مخالف هو. عملي دنيا ۾ هرڪا قوم ۽ هرڪو پنهنجي پنهنجي ترقيءَ ۽ اقتدار لاءِ ڪوشان هو.

هن ڏٺو ٿي ته جرمني ، جديدعلم ، هنر، جنگي طاقت ۽ تعداد ۾ زياده هٿ ۾ جي باوجود، ڪن نظرين جي پرچار ڪري، ڪمزور ٿي ويئي هئي ڪمزور بنائي ويئي هئي . جيڪڏهن ننڍين قومن جي آزاديءَ جو اصول حق ۽ انصاف وارو هو، ته پوءِ انگلينڊ ، فرانس، هالينڊ، پورچوگال وغيره ملڪن جي ماتحت ملڪن کي چو نه ٿي آزادي ڏني ويئي !

هن بين الاقوامي جماعت جي وجود ۽ ننڍين ملڪن جي آزاديءَ جي اهڙيءَ گفتگوءَ کي صرف جرمن قوم کي طاقت کان باهر ۽ ڪمزور رکڻ لاءِ هڪ ڏوڪو ٿي سمجهيو. تنهنڪري هن پنهنجي مخالف سامراجي طاقتن کي صاف ۽ ظاهر ظهور چئي ڏنو ته اوهان چئو هڪ ڳالهه ٿا ۽ ڪريو ٻي ڳالهه ٿا. اسين، جا ڳالهه ڪرڻ ڳهرون ٿا، ان کي لڪائڻ مناسب ٿا ڄاڻون.

هٽلر پنهنجي مخالفن جي عقلي چالبازين جي ڦندي کان قوم کي بچائڻ ۽ ان کي خيال ۽ عمل جي دنيا ۾ چست ۽ چوبند رکڻ لاءِ ، خوف ۽ نفرت جا ذريعا ڪارآمد سمجهيا.

ان سموري ڪم ۾ جرمن قوم جا بهترين دماغ ساٿس شريڪ ڪار هئا، جن ۾ بـ سندس مڪيه ساٿي ٽي ماڻهو هئا. جنرل گوئرنگ، ڊاڪٽر گوبلس ۽ ڊاڪٽر شاخت. جنهن صورت ۾ ٿوري عرصي اندر جرمنيءَ کي طاقتور بنائي، سڄي دنيا کي ٽر ٽلي ۾ وجهي چڏڻ جو جوابدار انهن کي بـ بنايو وڃي ٿو، ان ڪري انهن ٽن جو مختصر احوال بـ هيٺ ڏجي ٿو.

جنرل گوئرنگ

هيءُ جرمنيءَ جي بئويريا صوبي جي هُوٽ روز نهيم ۾ ۱۲جنوري ۱۸۹۳ع تي ڄائو هو. هن جو پيءُ ڏکڻ الهندي آفريڪا جي جرمن ڪالونيءَ ۾ گورنر جنرل هو. اهڙيءَ

طرح وڏي ٻيٽل خاندان جي فرد هٽلر سبب، هي ۽ بهترين تعليم حاصل ڪري،۲۱ سالن جي عمر ۾، جرمن فوج جي هوائي جهازن واري شعبي ۾ نوڪري ۽ گهڙيو. اُتي هو ۱۹۱۵ع ڌاري اسڪوادرن ليڊر ٿيو. پهرين ۽ مهاڀاري لڙائي ۽ جي وقت هن مخالفن جا ٻيويهه (۲۳) هوائي جهاز ڪيرايا هٿا، جنهن ڪري هن کي وڏو تمغو انعام ملیو هو.

جنگ پوري ٿيڻ کان پوءِ اتحادين جيڪي شرط جرمنن تي مڙهيا هٿا، انهن ۾ هڪ اهو هو ته گوئرنگ جي هوائي جهازن جي اسڪوادرن کي زوري ۽ تباهه ڪرايو ويو هو. ان جو هن کي سخت صدمو هو. اُنهن ڏينهن کان هن فيصلو ڪيو هو ته اُن بيعزتي ۽ ظلم جو هڪ ڏينهن هو ضرور انتقام وٺندو.

ان کان پوءِ جرمني ۽ ۾ حالتون رهڻ جي لائق نه ڏسي، هن سئيڊن ۾ وڃي، هوائي جهازن جي ڪمپني ۽ ۾ نوڪري ڪئي. اُتي هڪ سُٺي خاندان گهر جي عورت بٽرونيس ڪرينفاڪ سان شادي ڪيائين. سڄو وقت ان سان وفادار رهندو آيو. اُن جي انتقال بعد ٻي شادي ڪيائين. جڏهن جرمني ۽ ۾ قومي هلچل زور ورتو، ته هي ۽ موٽي ملڪ آيو ۽ هٽلر جو دست راست ٿي، ڪم ڪرڻ لڳو. ۽ نيٽ سندس جنگي صلاحڪار بنجي ويو. عمدين ڊريسن پهرن، سُٺي ڪاڏي ڪائڻ، نمائشي زندگي گذارڻ سان خاص دلچسپي هيس.هن جرمني ۽ جي هوائي ٻيڙي کي خاص طرح زور وڌايو. جنگي فن ۾ خاص مهارت هيس.سندس حملا اهڙا رڌائتا ۽ موثر هوندا هٿا، جو ٿوري وقت اندر وڏيون طاقتور فوجون، جرمن حملي جو تاب جهلي نه سگهنديون هيون.

هزارها هوائي جهازن، ٽئنڪن، هٿياربند گاڏين، موٽر سائيڪل دستن ۽ جديد هٿيارن سان دشمن تي اچانڪ ۽ پرپور حملو ڪندو هو. آسٽريليا، زيڪوسلويڪيا، بيلجم،هالنڊ، پولنڊ ۽ فرانس تي انهي ۽ طوفاني پرپور حملن واري طريقي سان ٿي هُن ٿوري عرصي ۾ تسلط جمائي ورتو. انگريزن کي ڊنڪرڪ واري ۽ شڪست ڏيڻ جو به هن جي سر تي سهرو هو.

جيڪڏهن هٽلر بهترين جرمن ليڊر ثابت ٿيو ته گوئرنگ بهترين جرمن فوجي سپهه سالار هو. گوئرنگ پنهنجي معجزي جهڙين جنگي ڪاميابين سان، جرمن فوج تي بنهه جادو ڪري ڇڏيو، ۽ هو اندا ڏنڊ سندس پٺيان هلندا هٿا. گوئرنگ جي جرمن لشڪر ۽ هٿيارن جو سري ۽ دنيا تي ڏاڪو ويٺل هو.

ڊاڪٽر گوبلس

هي ۽ جرمني ۽ جي رائينلينڊ علاقي ۾ ۱۸۹۷ع ۾ ڄائو هو. هن هيڊلبرگ يونيورسٽي ۽ مان علم ۽ فلسفي ۾ ڊاڪٽري ۽ جي ڊگري حاصل ڪئي. هو هڪ اسڪول ماسٽر جو پٽ هو. هن ڪيترا ڪتاب لکيا هٿا ۽ وڏو اديب هو.

پهرين مهاڀاري لڙائي ۽ ۾ جرمني ۽ کي شڪست اچڻ تي جن جرمن محب وطنن کي صدمو پهتو، انهن مان هي ۽ به هڪ هو . ان کري ۱۹۲۲ع ڌاري ميونچ ۾ جڏهن نازي پارٽي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو، ته هي ۽ ان ۾ شامل ٿيو ته هڪدم پارٽي جي مُکيه

تقرير ڪندڙن ۾ شمار ٿيڻ لڳو.

سحربياني ۾ هٽلر کان پوءِ ٻيو نمبر هي هو. صحافت ۾ خاص لياقت هيس. ان ڪري اڳتي هلي ڪيس برلن ۾ ' انگرف' نالي اخبار ذريعي پارٽي جي تنظيم ۽ پروپئگنڈا جو ڪم سپرد ڪيو ويو. جنهن ۾ هن نهايت هوشياري ۽ اورچائي سان سان ڪم ڪيو .

پارٽي جي طاقت ۾ اڇ تي پارٽي ۽ سرڪار جي پروپيگنڊا ۽ نشر و اشاعت جي شعبي جي چارج هن جي حوالي ڪئي ويئي. ان ۾ هن پاڻ کي نهايت ڪامياب ثابت ڪيو. هن جو چوڻ هو ته پروپيگنڊا جو مُکيه مقصد عوام جي دلين کي هٿ ڪرڻ هو. ۽ انهي مقصد جي حصول لاءِ صحيح يا غلط طريقن جي خيال ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانهئي.

هو چوندو هو ته "عوام جا حافظا تمام ڪمزور آهن ۽ هو هروپرو ڀَاڪ جي ته ۾ وڃڻ جا عادي ٻه ٽه آهن. جيڪڏهن صفا بي‌بنياد ڀَاڪ ٻه ڏهه پيرا ڏهرائي، سندن اڳيان پيش ڪجي، ته ان کي هو مڃڻ لڳندا."

هن جي عملي پاليسي لاءِ اختيار ڪيل نقطن مان هڪ اهو ٻه ته جرمن قوم جي ترقي لاءِ ڪتاب ۽ تلوار (پروپيگنڊا ۽ ملٽري طاقت) ضروري ڀَالهيون هيون. اهو ساڳيو نظريو مُلا واري اسلام جو ٻه مکيه نقطو پڻي رهيو آهي. هن مُلن کان اهو سبق سکيو هو، يا موجوده وقت جا مُلا هن جي ڪاپي ٿا ڪن، تنهن جو پتو پوڻ مشڪل آهي. مُلو ٻه قرآن ۽ تلوار کي اسلام پکيڙڻ لاءِ ضروري شيون سمجهي ٿو. جهاد جو نظريو ٻه انهيءَ نقطي نگاهه جو جُزو آهي. ان ڪري بعضي ماڻهو انهيءَ راءِ جا آهن ته تعصبي مذهب جو اهو نقطي نگاهه ۽ فاشزم ساڳي ڀَاڪ هٽا.

هُن جو چوڻ هو ته آمرانه حڪومت جو مُکيه اصول اُهو هٽڻ گهرجي ته سڄيءَ پريس تي حڪومت جو ضابطو هٽڻ گهرجي. ان ڪري هن اهو طريقو اختيار ڪيو هو ته اخبارن ۾ جيڪي ٻه لکڻ ۾ اچي، سو حڪومت جي اجازت ۽ اشاري سان ئي لکجي.

هن سندس پروپيگنڊا جا مُکيه مقصد هيٺيان مقرر ڪيا هٽا.

۱- جمهوريت کي جرمن مفاد لاءِ نقصانڪار ثابت ڪرڻ.

۲- جرمن قوم ۾ يهودين لاءِ نفرت پيدا ڪرڻ.

۳- جرمن قوم جي عظمت، صلاحيت ۽ برتري بيان ڪرڻ.

۴- خوف ۽ نفرت جي بنياد تي جرمن قوم ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ.

اها پروپيگنڊا هن اهڙي نموني ڪئي، جو ساريءَ قوم تي جادو ٿي ويو، ۽ هو نازي اڳواڻن جي هر ڀَاڪ کي صحيح ۽ فائديمند سمجهي. اڪيون پوريو سندس پٺيان هلڻ لڳا، ۽ هلندا رهيا.اڄ ٻه اڪثر حڪومتون ڊاڪٽر گوبلس جي سيڪاريل انهن طريقن مان فائدو وٺي رهيون آهن.

ڊاڪٽر شاخت

هي جرمنيءَ جي صوبي سليوگ جي تنگلف شهر ۾ جنوريءَ ۱۸۷۷ع ۾ ڄائو هو.

هيءَ ڊين نسل مان هو. سندس اصل نالو "جالماهوريس گريلي شاخت" هو.هن جرمنيءَ جي مختلف يونيورسٽين ۾ تعليم ورتي، فلسفي جي علم ۾ ڊاڪٽريءَ جي سند ورتي. سگهو ٿي هو ڊريسڊنير بئنڪ ۾ ڪلارڪ طور نوڪريءَ ۾ گهڙيو. جتي آهستي آهستي ترقي ڪري، ۱۹۰۸ع ڌاري ڊيپوٽي ڊائريڪٽر مقرر ٿيو. اتان هيءَ ڊارمسٽيڊيئر بئنڪ ۾ ڊائريڪٽر ٿي ويو.

۱۹۲۳ع ۾ هن کي ڪرنسي (ضربخاني) جو ڪمشنر ڪري، سرڪاري نوڪريءَ ۾ رکيو ويو. اتي هن جرمن مارڪ جو مُلهه رينٽمارڪ ايجاد ڪرڻ سان بچائي ورتو، جنهن ڪري جرمن سڪو ۽ ان سان گڏ سڄي جرمن خزاني جي حالت سڌري ويئي. انهيءَ خدمت جي صلي ۾ کيس جرمن اسٽيٽ بئنڪ جو پريزيڊنٽ مقرر ڪيو ويو، جتي هو ۱۹۳۰ع تائين ڪم ڪندو رهيو.ان کان پوءِ نازي تحريڪ زور ونڊي، طاقت ۾ آئي، ته هيءَ اُن جو مُکيه رڪن ٿي ڪم ڪرڻ لڳو.

هيءَ مهاپاريءَ لڙائي جي وقت کان اڳ ۽ جنگ جي عرصي ۾ جڏهن جرمنيءَ کي جنگ جي تياري لاءِ گهڻي پيسي يا سامان جي ضرورت هئي ۽ يورپ جا اڪثر شاهوڪار ملڪ سائن تعاون ڪرڻ جي خلاف هٿ ۽ هنن جون واهون بند ٿيل هيون، تڏهن هن شخص جرمنيءَ جي مالي حالت کي اهڙو محفوظ رکيو ۽ وڌيڪ مضبوط ڪري ٻڌاريو، جنهن جو مثال ملڻ مشڪل هو. ان کي اقتصاديات جي دنيا ۾ "شاخت جي ڪرامت" چيو وڃي ٿو. هن ڪڇي مال جي مٽسٽا (بارٽر) ذريعي واپار ڪرڻ، مهانگو ونڊي سستي اڳه تي وڪڻڻ، قرض کڻي هنر ۽ واپار کي زور ونائڻ، قرض وارن کي ڇوڻ ته قرض ڏيئي کين سگهندس جيستائين مون کان مال خريد نه ڪندو وغيره، طريقن جي ايجاد ڪئي، جن جي اڄ تائين اڪثر مالي ماهر پوئلڳي ڪري رهيا آهن.

مٿين چٽن جرمن اڳواڻن جي مختصر احوال پيش ڪرڻ کان پوءِ، هاڻ آءُ نازي دور حڪومت ۽ هي مهاپاريءَ لڙائيءَ جي آخر تائين جرمن سياست جو مختصر ذڪر ڪندس.

مٿي ڄاڻائي آيو آهيان ته ۱۹۳۳ع ڌاري هٽلر جي پارٽي سموري جرمن حڪومت پنهنجي تسلط هيٺ آڻي چڪي هئي. ٿوري ئي وقت ۾ هٽلر، جرمنيءَ کي طاقتور بنائي سڀ کان پهرين ورسيلز ۽ عهد نامي جي ماتحت جرمنيءَ تي رکيل جنگي تاوان (چٽين) ڏيڻ کان انکار ڪيو.

اُن کان پوءِ انهيءَ عهدنامي موجب جرمنيءَ جي رائين لئنڊ پرڳڻي تي، جو ۱۵ سال تائين اتحادين جو قبضو رهڻو هو، ان کي رد ڪري، مارچ ۱۹۳۲ع ۾، هن ان تي زوريءَ قبضو ڪري ورتو.

ساڳئي عهدنامي موجب جرمنيءَ جي حڪومت کي هڪ لک کان مٿي لشڪر نه رکڻو هو ۽ ان لشڪر کي به معمولي هٿيار رکڻا هئا. ان شرط کي به هن موقعو ونڊي ڇڏيو، جرمن لشڪر ۽ ان جي هٿيارن ۾ اضافو ڪري ڇڏيو، چي روس ۽ فرانس عهدنامي موجب لشڪر نه گهٽايو هو، تنهنڪري هيءَ به عهدنامي جي پوئواري ڪرڻ لاءِ بدل نه

هو.

سندس انهيءَ قدم کان خوفزده ٿي، انگلينڊ، فرانس، ۽ انٽيءَ گڏجي ۱۱ اپريل ۱۹۳۲ع تي جرمنيءَ خلاف محاذ قائم ڪيو. ازانسواءِ ليگ آف نيشنس کان، جرمنيءَ جي عهدنامي جي شرطن ٽوڙڻ تي، اتحادين ننڍا جا نهراءَ پاس ڪرايا. پر هٽلر تي انهن ڳالهين جو ڪوبه اثر نه پيو. هيءُ ڏينهان ڏينهن ويو جرمنيءَ کي طاقتور بنائيندو. مرڳو ليگ آف نيشنس جي نلهن نهرائن پاس ڪرڻ ڪري خود ليگ آف نيشنس جو پنهنجو وقار گهٽبو ويو.

سال ۱۹۳۶ع جي ۱۴ نومبر تي، هٽلر وري به ورسيلز جي عهدنامي جي پڇڙي ڪري، جرمنيءَ جي حدن کي بين‌الاقومي حدون تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪيو. ان کان پوءِ ۲۵ نومبر تي جپان سان اٽنٽي ڪامنٽرن (ڪميونسٽ ملڪن خلاف) پڪٽ ڪيو.

انهيءَ وقت ڏاري اتحادي قومون گذريل مهاڀاري لڙائيءَ جي ٽڪاوٽ، خودغرضين ۽ سندن تسلط هيٺ آيل ملڪن ۾ آزاديءَ جي تحريڪن جي زور ونڊ ڪري ايتريقدر مرعوب ٿي ويون هيون، جو ليگ آف نيشنس مان جرمنيءَ خلاف ملامت جي نهراءُ پاس ڪرائڻ جي باوجود، هو وڌيڪ کو قدم کٽي نه سگهيون، چاکان ته هٽلر جي سڃيءَ ان آڪرائيءَ ڪري هن پنهنجن بيروني مفادن کي ترت نقصان جو انديشو نه ٿي ڇاتو. بلڪ ڪن حالتن ۾ پاڻ انهن نهرائن جي خلاف طاقت ورزيءَ جا هو پاڻ مددگار ٿي رهيا. جهڙي طرح انٽيءَ جي حالت ۾ ڪيائون. ان جو قصو هيئن آهي ته انٽيءَ جي آيل ڊڪٽيٽر مسوليني‌ءَ حبش جي ملڪ تي زوريءَ قبضو ڪري ورتو هو. ان تي اتحادين، دنيا جي عام راءِ کان متاثر ٿي، اُن ڪلي ڏاڍائيءَ خلاف ليگ آف نيشنس کان انٽيءَ جي ننڍا جو نهراءُ پاس ڪرايو. پر ان جي باوجود هنن جي مُکيه ميمبر، انگلنڊ، ۲- جنوري ۱۹۳۷ تي انٽيءَ سان باهمي مفاد جي بنياد تي سمجهوتو ڪري ڇڏيو؛ جنهن جي ان سڏيءَ طرح معنيٰ اهائي نڪتي ته انٽيءَ جو حبش تي قبضو تسليم ٿي ڪيائون.

جرمنيءَ ۾ هٽلر جي زور ونڊ کان پوءِ، جيڪي عهدنامن خلاف پڇڙيون ٽيٺ لڳيون هيون، ان تي ناراض ٽيٺ جي عيوض انگريزن هٽلر کي راضي رکڻ ۽ ٽڏي ڪرڻ جي پاليسي اختيار ڪئي.۱۹۳۵ ع ۾ انگريزن جرمنيءَ سان بحري عهدنامو ڪيو.

۱۷- نومبر ۱۹۳۷ع تي لارڊ هئليفاڪس کي هٽلر سان سمجهوتي ڪرڻ لاءِ جرمنيءَ موڪليو ويو. جنهن واپس اچڻ کانپوءِ هن جي تعريف ڪئي.پئي پاسي، فرانس، هٽلر جي اهڙين ڪاروائين کان خوفزده ٿي، ۽ انگريزن جي ڦلهڙي پاليسي ڏسي، پنهنجي وزير خارجه ديلبس کي پولنڊ، رومانيا، يوگوسليويا ۽ زيڪوسلويڪيايا ڏانهن جرمن خلاف محاذ قائم ڪرڻ واسطي ڳالهين لاءِ موڪليو. جن وٽان سندس حوصلي افزائي ڪانه ٿي.

اهڙين حالتن کي ڏسي، هٽلر بيدپو ٿي پيو. ۽ ورسيلز عهدنامي جي شرطن ۽ ليگ آف نيشنس جي نهرائن خلاف آسٽريا تي مارچ ۱۹۳۸ع ۾ زوريءَ قبضو ڪري، ان کي هُن جرمنيءَ سان ملائي ڇڏيو.

ليڪن اُن تي به اتحادين مان ڪنهن ملڪ کي طاقت نه ٿي، جو ڪجهه قدم

ڪئي.

جڏهن هٽلر ڏٺو ته انهن ڳالهين تي جيتوڻيڪ ظاهري طرح انگلينڊ ۽ فرانس ڪاوڙيا ڪوڙ ٿي پر اندروني طرح مخالفت لاءِ تياريون ڪري رهيا هئا. تڏهن هن ۹- مئي ۱۹۳۸ع تي انلي جي ڊڪٽيٽر مسولني سان گڏ عهدنامو ڪري، پنهنجي فسطائي ملڪن جي دوستي کي مضبوط ڪيو. ان تي انگريزن جا انلي سان ڪيل سمجهوتا بيڪار بنجي ويا. نيٽ انگلينڊ ۽ فرانس پاڻ ۾ اتحاد کي مضبوط ڪرڻ جا رستا اختيار ڪيا. جولاءِ ۱۹۳۸ع ۾ انگلينڊ جي بادشاه جارج ڇهين ۽ راڻي ايلزبيٿ کي فرانس ۾ پنهنجي ملڪن جي دوستي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو.

ڪجهه وقت اڳي هٽلر پنهنجي تقرير ۾ زيڪوسلويڪيا جي جرمن اقليت جي حقن جي حفاظت جو اعلان ڪيو هو، جنهن تي زيڪوسلويڪيا جي وزيراعظم، موز، جواب ڏنو هو ته هو پنهنجي ملڪ ۾ باهرين دست اندازي برداشت نه ڪندو. آسٽريا تي جرمني جي قبضي ٿيڻ بعد حالتون گهٽيون بدلجي چڪيون هيون. ۽ زيڪوسلويڪيا ٽن طرفن کان جرمني جي گهيري هيٺ اچي چڪو هو. بهرحال، فرانس ۽ رشيا زيڪوسلويڪيا جي مدد جو اعلان ڪيو، پر حالتون اهڙيون نازڪ صورت اختيار ڪري چڪيون هيون، جو زيڪوسلويڪيا کي لاچار جرمني سان ناه جون ڳالهيون ڪرٽيون پيون. پر انهن مان جڏهن جرمني جي پنهنجي مرضي موجب نتيجو ڪوڙ نڪتو، تڏهن هٽلر جنگ جي ڌمڪي ڏيئي، ظاهر ڪيو ته هو جرمن اقليتن واري زيڪوسلويڪيا جي حصي کي جرمني سان ڳنڍي ڇڏيندو.

اُن تي انگريزن، بچاءِ ان جي ته زيڪوسلويڪيا جو ڪو بچاءِ ڪن، سڏي طرح پنهنجي وچ ۾ سمجهوتي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ان جو به هٽلر تي ڪو اثر نه ٿيو. آخر ۲۹- سيپٽمبر ۱۹۳۸ع تي ميونچ ۾ هڪ ڪانفرنس ڳڏ ٿي، جنهن ۾ جرمني طرفان هٽلر ۽ ربنٽراف، انلي طرفان مسولينيءَ ۽ ڪيانو، فرانس طرفان ڊاڊليئر، ۽ انگلينڊ طرفان چيمبرلين عيوضي ڳڏ ٿيا. ان ميٽنگ ۾ زيڪوسلويڪيا جو ڪوبه عيوضي ڪونه هو. ميٽنگ ۾ سڀني شامل ملڪن ڳڏجي، زيڪوسلويڪيا جي رضامندي کان سواءِ، ان جي ورهائڻ واري عهدنامي تي صحيحون ڪيون، ۽ پهرين آڪٽوبر ۱۹۳۸ع تي يعني ٻئي ڏينهن، زيڪوسلويڪيا کي سندس ملڪ جا جرمن اقليتن وارا حصا جرمني جي حوالي ڪرڻ جو مشورو ڏنائون. ڪمزور زيڪوسلويڪيا مجبور ٿي، اهو فيصلو قبول ڪيو. انهيءَ طرح هٽلر جيڪي گهريو ٿي، سو بنان جنگ جي کيس ملي ويو. اُن کان پوءِ هٽلر جو وچ يورپ جي ملڪن تي داڪو ويهجي ويو. ۽ اتحادين جي ڪمزور ۽ ڦلهڙي پاليسي سڄي دنيا تي ظاهر ٿي ويئي.

ٻئي سال جي مارچ مهيني ۾، هٽلر بنان سبب جي اڳتي وڌي، سڄي زيڪوسلويڪيا تي قبضو ڪري ورتو ۽ پولنڊ جي ميمل ايراضي کي به پنهنجي قبضي ۾ آڻي ڇڏيو. آخر ۾ جرمني جي وڌندڙ حرص ملڪ گيريءَ کان خوفزده ٿي، انگلينڊ ۽ فرانس پولنڊ کي آئنده ڪنهن اهڙي صورتحال ۾ مدد ڪرڻ جو واعدو ڪيو. انهيءَ ڳالهه کي منهن ڏيڻ لاءِ جرمني، انلي، جپان ۽ اسپين جي چٽن فسطائي نظريي ۾ اعتقاد رکندڙ حڪومتن پاڻ ۾ متحده محاذ قائم ڪيو. جلدئي جرمني ۽ انلي هڪ

قدم اڳتي وڌائي، پاڻ ۾ ملڻري پٽڪڻ ڪيو.ساڳئي سال ۾ ٢٣- آگسٽ ١٩٣٩ع تي، جرمنيءَ ۽ رشيا جي حڪومتن، پاڻ ۾ جنگ نه ڪرڻ جو عهدنامو ڪيو.

انهن ڳالهين کان متاثر ٿي آمريڪا جي پريزيڊنٽ، مسٽر روزويلٽ، پولنڊ ۽ جرمنيءَ جي وچ ۾صلح ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر جرمني پنهنجين تقاضائن کي گهٽائڻ لاءِ تيار نه ٿي. ان ڪري ڪوبه سمجهوتو ٿي نه سگهيو.

جنهن کان پوءِ جرمنيءَ، پولنڊ جي ورهاڱي لاءِ پنهنجي ١٦ نقطن واري تجويز، ٣١ آگسٽ ١٩٣٩ع تي، ظاهر ڪئي، ۽ پٽي ڏينهن يعني پهرين سيپٽمبر ١٩٣٩ع تي وڏي ان تي حملو ڪري ڏنو، ۽ ائين زوران زوريءَ ان جو ڊانزنگ وارو سامونڊي بندر پنهنجي قبضي ۾ آڻي ڇڏيو.

٣- سيپٽمبر ١٩٣٩ع تي، انگلينڊ ۽ فرانس، مجبور ٿي، جرمنيءَ سان جنگ جو اعلان ڪيو، ۽ ائين، ٻاويهن سالن جي اندي مندي صلح کان پوءِ، يورپ ۾ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جي شروعات ٿي.

فصل ٽيون

٢ - انلي

انلي يورپ جو ٻيو ملڪ هو، جنهن ۾ فسطائي طريقي جي حڪومت مسوليني ۽ جي هٿ هيٺ قائم ٿي هئي. انهيءَ ٻ، هٽلر وارا طريقا اختيار ڪري، پر وارن ملڪن تي قبضا ڪرڻ شروع ڪري، عظيم اطالوي سامراج جا نعرا هنيا. جيئن ته ٻيءَ مهاڀاري لڙائي ۾ جرمني ۽ انلي هڪ طرف هٿا ۽ سندن ان اتحاد ۽ شراڪت جو مکيه ڪارڻ سندن سياسي نظريي ۾ عمل جي هڪجهڙائي هئي، ان ڪري جرمنيءَ کان پوءِ انليءَ جي ملڪي صورتحال ۽ ان جي مڪ سربراه جو ذڪر دلچسپيءَ کان خالي نه ٿيندو.

گهٽي وقت کان انلي پوئتي پيل ملڪ هو. ان کي نئين سر منظم ڪري، اتي فاشسٽ طريقي جي حڪومت قائم ڪرڻ ۽ ان کي هڪ وڏي سامراجي طاقت بنائڻ جو ذميدار ۽ مڪ اڳواڻ مسوليني هو.

مسوليني انليءَ جي رومگانا پرڳڻي جي ڊرويادي پرديهو ڳوٺ ۾ ٢٩- جولاءِ ١٨٨٣ع تي ڄائو هو. سندس پيءُ جو نالو ايسندرو ۽ ماءُ جو نالو روزا التوني هو.هن جو پيءُ سوشلسٽ انقلابي خيالن جو هو، ۽ ماءُ ملستريائي هئي. هن جي ابتدائي زندگي نهايت غُربت ۾ گذري، ايتريقدر جو گهر ۾ ڪٽ نه هئڻ ڪري، هُن ڪي، گاهه وڇائي ان تي سمهڻو پوندو هو.

مسوليني جي پيءُ جو مُکيه پيشو کيتي هوندو هو. پر هو لوهارڪو ڏنڊو ٻه ڪندو هو. هن کي سندس ماءُ پهريائين مذهبي تعليم پڙهڻ لاءِ هڪڙي چرچ اسڪول ۾ ويهاريو، پر سندن پيءُ پادرين جي خلاف هوندو هو.پڙهائي پوري ڪرڻ کانپوءِ، مسوليني ماستري ڪرڻ لڳو. جڏهن ١٩ سالن جو ٿيو، تڏهن فوج ۾ زوريءَ پرتي جي ڊپ کان ملڪ ڇڏي، سئٹزرلنڊ ۾ وڃي رهڻ لڳو. اُتي هو سرون وڄهي، ۽ ٻي مزدوري ڪري، گذر ڪندو هو. اتي هو، آهستي آهستي ٿي، سياسي ڳالهين ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو. انهيءَ ڪري، ڪجه وقت کانپوءِ هن کي سئٹزرلنڊ مان نڪرڻو پيو. پر اُنکان اڳي، سياسي ڳالهين ڪري، هن کي اتي يارنهن پيرا ٿورو ٿورو عرصو جيل ڪاٽڻو پيو. نيٺ هيءُ ٣١ سالن جي عمر ۾ ١٩٠٤ع ڌاري موٽي انليءَ ۾ آيو ، جتي وري ٻ ماستري ڪرڻ لڳو. ساڳئي وقت هو اخبارن ۾ ليک ٻ لکندو رهيو. هنن ڏينهن ۾ هن ڪيترائي ڪتاب ٻ لکيا، انهن مان سندس ڪتاب، "ڪلاس اسٹرگل"، ملڪ ۾ گهڻي شهرت حاصل ڪئي.

نيٺ ١٩١٢ع ۾ ماستري ڇڏي، هيءُ "اوانتي" اخبار جو ايڊيٽر ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. پهرين مهاڀاري لڙائي شروع ٿيڻ کان پوءِ، انليءَ جا قومي ڪارڪن ٻن رايَن ۾ ورهائجي

ويا. هڪڙا غيرجانبدار رهڻ جي فائدي ۾ هٿا ۽ ٻيا اتحادين سان گڏجي، جنگ ۾ حصي وٺڻ جا حامي هٿا. مسوليني ٻئي گروه سان شامل هو. آخر جڏهن الّيڙ اتحادين جو طرف ورتو، تہ هيءُ فوج ۾ داخل ٿي، جنگ ۾ لڙيو ۽ زخمي ٿي پيو. لڙائيءَ کانپوءِ، ۲۳- مارچ ۱۹۱۹ع تي، مسولينيءَ هڪ قسم جي خانگي فوج جهڙي پارٽي ناهي، جنهن ۾ جيڪي لڙائيءَ ۾ سندس ساٿي سولجر هٿا انهن کي شامل ڪيائين. پنهنجي ان پارٽيءَ کي زور وٺائڻ لاءِ، هو اخبار "پاپولو دي اٽاليا" ڪڍي، پرچار ڪرڻ لڳو. هيءُ سندس پارٽي آهستي آهستي زور وٺڻ لڳي. لڙائيءَ کان پوءِ سولجرن جي روزگار، جمهوري وزارتن جي ڪمزورين، اسمبلي ميمبرن جي خودمطلبين ۽ قوم کي طاقتور بنائڻ جا سوال هڻ ۾ ڪٽي، هن عوام کي منظم ڪرڻ شروع ڪيو. جڏهن هن جي پارٽيءَ زور ورتو، تہ لشڪر بہ هن جي پٺيراڻي ڪرڻ شروع ڪئي. سندس طاقت کي وڌندڙ ڏسي ، سياستدانن ۽ ڪارخانيدارن بہ هن جي همت افزائي ڪئي ۽ هن جي پارٽيءَ کي مدد ڏني.

ويتر جو ۲۱- ۱۹۲۰ع ۾ الّيڙ ۾ مزورن جي پگهار ۽ مزدوريءَ جي اگهن ۾ گهٽتائي آئي، تہ انهن ۾ سخت بيچيني پيدا ٿي، جنهن جو فائدو ونڻ، هيءُ پارٽيءَ کي مضبوط بنائڻ ويو. مزدورن کي ساٿس شريڪ ٿيندو ڏسي، ڪارخانيدار بہ وڌيڪ هن کي اهميت ڏيڻ لڳا ۽ کيس ۽ سندس پارٽيءَ کي پنهنجي پاسي ڪرڻ لاءِ، وڏي وڏي سندس مدد ڪرڻ لڳا.

آڪٽوبر ۱۹۲۲ع ۾ هن روم تي پنهنجي خانگي فوج سان ڪاهہ ڪري، بنا تصادم جي قبضو ڪري ورتو. بادشاهہ کيس ايترو بااثر سمجهي ، پنهنجي حڪومت جو وزيراعظم مقرر ڪيو.

مسولينيءَ پهرياڻين ڪوليشن (گڏيل) وزارت ناهي حڪومت هلائڻ شروع ڪئي. پر ڏهن سالن کانپوءِ هن، ٻين گروهن کي وزارت مان ڪڍي، سمورو قبضو پنهنجي پارٽيءَ جي هٿ ۾ رکيو.

هيءُ ڪافي علم ۽ معلومات جو صاحب هو. تقرير ۽ تحرير جي فن تي پورو عبورهوس . هن هڪ ڪتاب زور يا تشدد جي جواز ۾ لکيو هو. هي زور يا تشدد جي فائدي ۾ اهو دليل ڏيندو هو تہ " طاقت جي اهميت ۽ افاديت کان انڪار ڪرڻ ڏرتي جي ڪشش (ڪشش ثقل) کان انڪار ڪرڻ جي برابر هو" هو چوندو هو تہ " طاقت ڪانسواءِ حڪومت هلي نٿي سگهي . حڪومت مان سڀ ماڻهو راضي ٿا ٿي سگهن. تنهنڪري عوام جي رضامنديءَ سان حڪومت هلائڻ وارو نظريوئي بيڪار هو. حڪومت کان طاقت جو استعمال کسي ڇڏجي ۽ ان جو ذاروندار رڳو اصولن تي رکجي، تہ اها حڪومت منظم ۽ طاقتور گروهن جي محتاج ٿي ويندي" ڇڻ هونئن ٿي، يعني عوام جي رضامنديءَ تي هلڻ جي دعوا ڪندڙ حڪومت منظم ۽ طاقتور گروهن جي محتاج ڪانهي!

هيءُ تقدير ۾ گهٽو ويساهہ رکندڙ هو.

مسوليني جي نظرئي حڪومت، جنهن کي هُن پاڻ فاشزم جو نالو ڏنو، ان جي سرشتي حڪومت هيٺ خانگي ملڪيت ۽ خانگي نفعي جو اصول قائم رهي ٿو . ليڪن

انهن کي حڪومت جي ضابطي هيٺ رهڻو پوي ٿو. انهيءَ حڪومت جو جوڙڇڪ جاگرافيائي طور مقرر ڪيل تڪن مان چونڊجي آيل عيوضن جي بدران ڏنڊن جي بنياد تي چونڊيل عيوضين جي هٿ ۾ رهي ٿو. پر اهڙي چونڊ لاءِ اميدوار فقط (فاشسٽ) پارٽي نامزد ڪندي آهي، ان لاءِ، توڙي ملڪ ۾ ٻئي ڪنهن مقصد لاءِ ٻي ڪنهن پارٽي جو وجود تسليم نه ڪيو ويندوآهي. ووٽرن کي فاشسٽ پارٽيءَ جي نامزد ميمبرن کي چونڊڻ لاءِ صرف هائو يا نه ڪرڻي پوندي آهي.

مسوليني پاڻ هڪ ٽي وقت پنهنجي فاشسٽ پارٽيءَ جو ليڊر، رياست جو وزيراعظم، ۽ ان جي قومي ڪائونسل جو صدر هو.

هن طاقت ۾ اچڻ ۾ ڪا ڻ پوءِ ڪُليو ان ڳالهه جو اظهار ڪرڻ شروع ڪيو ته يورپ جي ٻين ملڪن کي ڪالونيون (بيئڪون، يعني غلام ملڪ) هجن، ته انهيءَ کي ڇو نه هڻڻ گهرجن! ان لاءِ دليل ڏنائين ٽي ته انهيءَ جي آبادي سوا چار(۱/۲-۴) ڪروڙ هئي، جا هرسال ڏيڍ لک ماڻهن جي اضافي سان وڌي رهي هئي. ماڻهن جو گذر ڪيئءَ تي هو. ملڪ ۾ ڪارخانا تمام ٿورا هئا ۽ جتي هئا انهن کي ڪچي سامان جي ڪمي هئي. ملڪ ۾ رٻڙ، ٻين، نڪل، ڪهه، ڪوئلي، تيل، لوهه، ۽ ٻامي جي ڪوتاهي هئي . جيڪڏهن انهيءَ کي زنده رکڻو ۽ طاقتور بنائڻو هو ، ته ان جي ماتحت ايراضي کي وڌائڻ ضروري هو.

هُن ڏنو ته ايشيا ۽ آمريڪا جا اڪثر ملڪ يورپ جي ٻين سامراجي طاقتن جي هٿ هيٺ هئا. پر حبش جو هڪ اهڙو ملڪ هو، جو سڌو ڪنهن حڪومت جي تسلط هيٺ نه هو، ان ۾ ڪچو مال بہ گهڻو هو. ان جي حڪومت بہ ڪمزور هئي . ان ڪري، هُن فوراً اُن ملڪ کي پنهنجي تسلط هيٺ آڻڻ جو ارادو ظاهر ڪيو.

اِن خيال کانپوءِ ۳- آڪٽوبر ۱۹۳۵ع تي ، هن حبش تي بنان سبب جي حملو ڪيو. جيئن ته اُهو ملڪ سوڊان جي ڀر ۾ هو، جو ان وقت انگريزن جي ماتحت هو، ۽ انگريزن جي ايشيا وارين ڪالونين جي قبضي هيٺ آيل ملڪن جي رستي تي پوڻ هو، ان ڪري انگريزن ان مان سندن پنهنجي مفاد کي خطرو محسوس ڪيو، ۽ ليگ آف نيشنس کان انهيءَ خلاف نهراڻ پاس ڪرايو، جنهن انهيءَ کي ناحق حملي آور طاقت قرار ڏنو، ۽ ۱۸ نومبر تي، ٻئي نهراڻ ذريعي ، ان تي پابندين عائد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

پر مسولينيِ انهن نهرائن جي پرواهه نه ڪندي، ۵ مئي ۱۹۳۶ع تي حبش جي گاديءَ ادييس ابابا تي قبضو ڪري، ساري ملڪ کي پنهنجي تسلط هيٺ آڻي ڇڏيو، ۽ ان جو ۹ مئي ۱۹۳۶ع تي هُن ڪُليل اعلان ڪيو.

اُن کانپوءِ، ليگ آف نيشنس کي اتحادين جو اوزار ۽ هڪ بيڪار جماعت سڏيندي، ڊسمبر ۱۹۳۷ع تي مسوليني ان مان پنهنجي ملڪ جي نڪري اچڻ جو اعلان ڪيو. ان وقت يورپ جي سامراجي طاقتن جو اخلاق ۽ اخلاقي همت ايتري ڪريل هئي، جو ليگ آف نيشنس جي مُکيه ميمبر ۽ جمهوريت جي علمبرداري جي دعوا ڪندڙ انگريزي حڪومت، باوجود ان جي، جو ليگ آف نيشنس انهيءَ جي حبش تي حملي خلاف نهراڻ پاس ڪيا هئا ، ۱۶ نومبر ۱۹۳۷ع تي انهيءَ سان سمجهوتو ڪري، حبش تي ان قبضي کي قبول ڪيو، ۽ ترت ئي پوءِ فرانس بہ اها صورتحال قبول ڪئي .

جڏهن مسوليني ڏنو تہ باوجود ان جي ، جو حبش تي سندس حملي جي مخالفت ڪئي ويئي،آخر ۾ وري بہ ان تي سندس قبضي کي يورپ جي هن مکيہ طاقتن قبول ڪيو هو ، ساڻئي ريت هوڏانهن آسٽريا ۽ زيڪوسلوويڪيا تي انهن ئي طاقتن جي اکين اڳيان هٽلر قبضو ڪري ويو هو. تڏهن هن جا حوصلا ويتر وڌي ويا، ۽ بنان ڪنهن سبب، جي، ۷-اپريل ۱۹۳۹ع تي، هن وڌي البانيا تي قبضو ڪري ورتو.

ان کانپوءِ، مئي ۱۹۳۹ع ۾ ، هن جرمنيءَ سان جنگي عهدنامو ڪيو. جڏهن ان سان سيپٽمبر ۾ ٻي مهاڀاري لڙائي شروع ٿي، تہ جرمني ۽ اٽلي ، يعني هٽلر ۽ مسوليني، ٻئي هڪٻئي سان گڏ هئا، ۽ انهيءَ ئي لڙائيءَ ۾ ٻنهي جي طاقت جو زوال آيو.

فصل چوٽون

٣. انگلنڊ

يورپ جي مُکيہ ملکن مان انگلنڊ هڪ رهيو آهي. جنهن دور جو هتي ذکر ٿي رهيو آهي، ان دور ۾ هي ملڪ دنيا جي وڏي ۾ وڏي سامراجي طاقت هو. ان لاءِ مشهور هو تہ ان جي شهنشاهيءَ تان سج ڪوڏ ٿي لٿو. باوجود ايڏيءَ طاقت ۽ ايتريءَ وسيع سلطنت جي هن ٿي ملڪ ۾ پارليماني طرز تي حڪومت هلندڙ هئي، جا گهٽي وقت کان اتي هلندي ٿي آئي . ۽ اڄا تائين هلندي اچي ٿي . هن ٿي ملڪ ۾ جمهوري قدر رائج هئا، گهٽي قدر اڄ بہ آهن. هتي ٿي دنيا جي مشهور انقلابين کارل مارڪس، لينن ۽ سن يت ين جهڙن کي جاءِ پناهہ ملي هئي. هيءُ ٿي ملڪ هو ، جنهن، پنهنجي نفعي جَو خيال کان ٿي سهي، پر هين جي بچاءَ لاءِ هٿيار کنيا ٿي، ۽ جو ، گهہ از گهہ نظرياتي طور ، جمهوريت ۽ انساني حقن جو قائل ۽ پاڻ وٽ پنهنجي حڪومت ۾ زور زبردستيءَ کان پري هو.

پهرين ءَمهاڀاري جنگ ۾ ، هيءُ ملڪ زور ڪري ان لاءِ داخل ٿيو، جو يورپ جي حڪومتن جي طاقت جو توازن ٽٽي وڃڻ جو امڪان هو. ان لڙائيءَ ۾ هن جا اڍائي لک سپاهي مٺا ۽ ١٥ لک سپاهي زخمي ٿيا هٿا. ان لڙائيءَ تي سندس خرچ ٨ ارب پائونڊ ٿيو هو.

جنگ انگلنڊ ۽ سندس اتحادين کٽي، پر اُن کانپوءِ انگريزن کي ڪيترين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو. سندس ماتحت ملڪن مان آئرلينڊ، انڊيا، مصر ۽ هين ملڪن ۾ سندس تسلط کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ تحريڪون شروع ٿيون هيون. خود سندن پنهنجي ملڪ ۾ اسٽرائيڪون ٿيون، پر هي سڀني ڳالهين کي نهايت دانشمندي سان منهن ڏيندا آيا.

انگريزن جي ڪاميابي جو مُکيہ راز صدين کان اهو رهيو آهي تہ هنن يورپي طاقتن جي وچ ۾ توازن قائم ڪري پنهنجي طاقت کي فيصلي ڪن حالت ۾ رکڻ جي ڪوشش پٽي ڪئي هئي. پهرين لڙائيءَ ۾ بہ ان لاءِ گهڙيا، جو ڏٺائون تہ يورپي ملڪن جي طاقت جو توازن ٻيءَ صورت ۾ قائم رهي نٿي سگهيو.

ان کانپوءِ جڏهن جرمني ۽ اٽليءَ جي طاقتن، زور وٺي، ١٩٣٦ع ڌاري اڳرائي اختيار ڪري ان توازن کي ٽوڙڻ شروع ڪيو، تڏهن هنن جنگ جي خطرن کي ٽارڻ لاءِ ابتدا ۾ ٿوري وقت لاءِ ان ڳالهہ کي برداشت ڪيو، جو سمجهيائون ٿي تہ ائين هو ڪجهہ وقت حالتون قبضي ۾ رکي سگهندا. ان لاءِ هنن جرمني سان بحري معاهدو ڪيو. ۽ اٽليءَ سان بہ آخر تائين سمجهوتي بازي کان ڪم ونڊندا رهيا.

هيڏانهن هندوستان کي پڻ ، ۱۹۳۵ع وارن سڌارن ڏيڻ سان، کجه ٽڏو ڪرڻ گهريائون . آگسٽ ۱۹۳۶ع تي ، پنهنجي هڪ محڪوم ملڪ مصر سان سمجهوتو ڪري، ان جي ناراضگي گهٽيائون.

پر جڏهن هنن ڏٺو ته جرمني ۽ اٽلي وارا پنهنجي زور زبردستيءَ جي روش کان ٽڪا موڙن، ته هو فرانس سان تعلقات گهٽا ڪري، اندروني طور ايندڙ اٿڙ تصادم لاءِ تيار ٿيڻ لڳا.

انگريز هڪ عجيب عادتن ۽ روايتن واري قوم آهي. دنيا جي ٻين گهٽن ملڪن مان بادشاهه نڪري ويا آهن، پر هتي بادشاهي سرشتي کي، دستوري طرح ۽ نالي ماتر ٽي سهي، پر ڏاڍي پر وقار نموني ۾ هلايو وڃي ٿو. پنهنجي شاهي فرمانروا جي عزت ۾ گهٽتائي ڪاڻ ٿا ڪن، پر اختياري کا خاص کا نه ٿا ڏينس .

۲۰جنوري ۱۹۳۶ع تي جارج پنجين، هنن جي شهنشاهه، وفات ڪئي. ان جي جاءِ تي سندس وڏو فرزند ايڈورڊ ائين جي خطاب سان تخت تي ويٺو. هو هڪ آمريڪي عورت، مسز سمپسن، جي محبت ۾ ڦاسي پيو. ان سان شادي ڪرڻ گهريائين. جيئن ته اها عورت طلاق ورتل هئي، ان ڪري انگلنڊ جي قدامت پسند ماڻهن کيس اها دل گهري شادي ڪرڻ کان منع ڪئي. ان تي هي پنهنجي ننڍي ڀاءُ جارج ڇهين جي فائدي ۾ تخت تان دستبردار ٿي ويو، ۽ ڊيوڪ آف ونڊسر جي خطاب سان ملڪ کان ٻاهر رهي، ان عورت سان شادي ڪيائين. ان مان پتو پٽجي سگهي ٿو ته باوجود ترقي يافته ملڪ هڻڻ جي، هنن ۾ اڃا تائين قدامت پسنديءَ کي پنهنجي سماجي، معاشي، ۽ سياسي ڪاروبار ۾ ڪيترو زوردار اثر آهي .

۱۹۳۵ع کان ولي انگلنڊ جي حڪومت ڪنزرويٽو پارٽي جي ليڈر مسٽر بالڊون جي هٿ هيٺ هلندڙ هئي، جا ۱۹۳۷ع ۾ مسٽر چيمبر لين جي هٿ هيٺ آئي. جنگ شروع ٿيڻ کان پوءِ ۱۹۴۰ع ۾ ملڪ جو وزيراعظم مسٽر ونسٽن چرچل ٿيو. سموري جنگي عرصي ۾ اهوئي سندن وزيراعظم رهيو. هو تقرير ، تحرير ۽ تدبر ۾ بي مثل لياقتن جو مالڪ هو. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ انگريزي قوم جي هن جنهن دانشمندي سان اڳواڻي ڪئي، سا سندن تاريخ جي عظيم يادگار آهي. هيءُ وڏي قوم جو وڏو اڳواڻ هو، ان ڪري سندس زندگي جو مختصر احوال ڏيڻ ضروري سمجهان ٿو.

سر ونسٽن چرچل

هيءُ ڊيوڪ آف مارلبرو جي ستينءَ پشت ۾ لارڊ ونڊولف جو پٽ هو، ۽ ۳۰نومبر ۱۸۷۴ع تي بلينهام محلات ۾ جائو هو. هن جي ماءُ امريڪن هئي. هن هٿرو جي پبلڪ اسڪول ۾ تعليم ورتي وئي.

پنهنجي اسڪول جي ڏينهن ۾ هو ڪو خاص هوشيار شاگرد ڪونه هو. ملٽري ايڪيڊمي سئنڊهرسٽ جي داخلا جي امتحان ۾ ٻي دفعا ناپاس ٿيڻ بعد مس مس ائتي داخلا ملي هيس. ائتان پڙهي نڪرڻ تي، هن فوج ۾ نوڪري ڪئي.

پهريائين هو هندوستان ۾ ليفٽيننٽ مقرر ٿي آيو. حيدرآباد دکن ۾ نوڪري ڪيائين. پوءِ ڪجھ عرصو هن سرحدي علاقن جي مالا ڪنڊ ايجنسي ڇانوٽيءَ ۾ نوڪري ڪئي. اتان هو انگلنڊ جي ڪن اخبارن ۾ نامہ نگار ٿي ٻہ ڪم ڪندو هو. صوبي سرحد ۾ تيواھ جي سرحدي جنگ ۾ هن حصو ورتو هو.

هندوستان ۾ نوڪري ڪرڻ بعد، هيءُ آفريڪا ۾ لارڊ ڪچنر سان، نيل دريا جي سوڊان ۾، مهدي سوڊاني جي حملن وقت، شريڪ ڪار رهيو. ان کان پوءِ هيءُ مونٽي وطن ويو، جتي ڪجھ وقت رهي، ۱۸۹۹ع ڏاري، هي آفريڪا ۾ بوئرس جنگ وقت "مارننگ پوسٽ" اخبار جو نامہ نگار ٿي ويو. اتي لڙائي هلندي، هي قيد ٿي پيو، پر قيد مان همت ڪري، وڏين مشڪلاتن بعد، سلامت وطن پهتو.

۱۹۰۱ع ۾ هي ۲۷ سالن جي عمر ۾ برٽش پارليامينٽ جو ميمبر چونڊيو ويو. هي ۱۹۰۱ع کان ۱۹۰۶ع تائين پارليامينٽ ۾ ڪنزرووٽو پارٽيءَ جو ميمبر ٿي رهيو. ان کانپوءِ 'فري ٽريڊ' جي سوال تان هيءُ اها پارٽي ڇڏي، لبرل پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو.

۱۹۰۸ع ۾ هن کي ٽريڊ بورڊ جو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو، ۽ ۱۹۱۰ع ۾ ڪيس هوم سيڪريٽري ڪري رکيو ويو. ان کانپوءِ ۱۹۱۱ع ۾ ڪيس فرسٽ لارڊ آف ائڊمرلٽي مقرر ڪيو ويو، جنهن عهدي تي ۱۹۱۵ع تائين ڪيس قائم رکيو ويو. ۱۹۴۰ع جي پهرين مهاڀاري لڙائيءَ وقت، هن لبرل پارٽيءَ جي جنگي وزارت ۾ ڪم ڪيو.

انهيءَ لڙائيءَ ۾ هن ساموندي ٻيڙي جي اڳواڻي ڪري، درہ دانيال ۾ ترڪن تي حملو ڪري، اهو قلعو ونڻ چاهيو، جنهن ۾ مصطفيٰ ڪمال هن کي شڪست ڏني. ان تي هن کي وزارت تان استعفيٰ ڏيڻي پيئي. وري مسٽر لارڊ جارج، انگلنڊ جي لبرل وزيراعظم، ڪيس ۱۹۱۷ع ۾ ٻيو پيرو جنگي رسد جو وزير ڪري رکيو. ان کانپوءِ هو ڪيترن عهدن تي فائز رهندو آيو. ۱۹۲۴ع ۾ هو ٻهر ڪنزرويٽو پارٽيءَ ۾ داخل ٿيو، ۽ ان جي حڪومت ۾ چانسلر آف ايڪسچيڪر مقرر ڪيو ويو.

هن هندوستان جي آزاديءَ جي سوال تان مسٽر بالڊون جي انڊيا بل جي سخت مخالفت ڪئي.

هيءُ جرمني ۾ هٽلر جي وڌندڙ طاقت خلاف وقت بوقت پارليامينٽ ۾ انگريزن کي آگاھ ڪندو رهيو. پر ان وقت هن کي ڪنهن ٻہ نہ ٻڌو. مسٽر چيمبرلين حتيٰ الامڪان ڪوشش ڪئي تہ جنگ ٽري وڃي ۽ هٽلر راضي ٿئي، پر ان ۾ ناڪامياب ٿيو. نيٽ سيپٽمبر ۱۹۳۹ع ۾ جڏهن انگريزن کي، مجبور ٿي، جرمنيءَ خلاف جنگ جو اعلان ڪرڻو پيو، تڏهن چرچل کي ملڪ جي گڏيل جنگي وزارت ۾ ڪنيو ويو. ۱۰ مئي ۱۹۴۰ع تي چيمبرلين جي استعفيٰ ڏيڻ تي هو انگليڊ جي وزيراعظم جي عهدي تي فائز ٿيو.

سڄي ٻي مهاڀاري لڙائي جي عرصي ۾، حڪومت جي واڳ هن جي هٿ ۾ رهي. اهو هن جي همت، سحربياني ۽ لاڪيتي انٿڪ محنت ۽ ڪوششن جو نتيجو هو، جو سخت مشڪلاتن جي وقت ۾ انگريزن هيٺي ڪا نہ ٻولي ۽ هو جوانمرادي سان لڙندا رهيا. آخر جنگ، آمريڪا جي شموليت سبب، اتحادين جي فائدي ۾ فيصل ٿي.

ونسٽن چرچل، جنهن کي پوءِ سندس ٻي مڙل جنگي خدمتن جي صلي ۾ لارڊ جو خطاب مليو، هڪ بهترين لکندڙ ۽ تقرير ڪندڙ هو. هن ڪيترائي ڪتاب ٻہ لکيا آهن.

واندڪائيءَ جي وقت هو جاپان جون سرون وجهي، عمارت سازي ڪندو هو، تصويرون ٻڌندو هو. جنگ ڪانپوءِ جلدئي انگريزن جون نيون چونڊون ٿيون، جنهن ۾ ليبر پارٽي ڪامياب ٿي هن جي جاءِ تي مسٽر ڪليمنٽ ائٽلي وزيراعظم مقرر ٿيو.

ان ڪانپوءِ، هڪ پيرو وري ڪنزرويٽو پارٽيءَ جي چونڊن ۾ ڪاميابيءَ بعد، هيءَ انگلنڊ جو وزيراعظم مقرر ٿيو . هن ۱۹۶۴ع ۾ نوي(۹۰) ورهين جي عمر ۾ وفات ڪئي.

●

فصل پنجون

۴ - سوويت يونين (روس) :

يورپ جو چوٽون مُکيہ ملڪ سوويت يونين آهي.

۲۱ جنوري، ۱۹۲۴ع تي سوويت يونين جي باني ۽ ڪميونزم کي عملي صورت ڏيارڻ واري اعلي ليڈر لينن وفات ڪئي.

ڪميونزم، معاشري جي نئين طور تعمير ڪرڻ لاءِ ، اقتصادي بنيادن تي بيهڻ هڪ نظريو آهي، جنهن جي پوئلڳن کي اهو يقين ويهڻ آهي تہ هن وقت بني نوع انسان جي جملي معاشرن جي مشڪلاتن ۽ مصيبتن جي نجات انهيءَ جي پوئلڳيءَ مان ٿيڻ واري آهي.

ڪميونزم جي پوئلڳن جي دعويٰ ۽ عالمگير مذهبن ، هندو قوم، ٻڌ ڌرم، مسيحت ۽ اسلام جي پيروئن جي دعويٰ آخر ۾ ساڳي وڃي ٻهي ٿي. منجهن تفاوت هيءَ آهي تہ مذهب جا مهندار روحانيت کي ترجيح ڏيئي ، فوق العقل طاقت جي ڏنل هدايتن کي رهبر راهہ بنائي، نجات انساني حاصل ڪرڻ گهرون ٿا، ۽ ڪميونزم جي نظرئي ۾ ويساهہ رکندڙ، هر ڳالهہ جو بنياد مادي حقيقتن تي رکي، عقل جي ڏريعي، معاملي فهمي ڪرڻ گهرن ٿا. ٻنهي جو رجحان فردن کي جماعت جي تابع بنائڻ طرف رهي ٿو. ٻنهي ۾ ، شخصي طور آزاد راءِ جي مقابلي ۾، نظرئي جي بنيادي اصولن ۽ ان جي مُکيہ رهبرن جي راين کي سند ڪري ورتو وڃي ٿو . مسلمان عالم، قال اللہ ۽ قال رسول جي سند ڏيئي شخصي اجتهاد تي رکاوٽون وجهن ٿا، ڪميونسٽ ڪارل مارڪس ۽ لينن جي راءِ کي سند ڪري ڪتب آڻين ٿا.

لينن کانپوءِ سوويت يونين ۾ ٻہ گروهہ ٿيا، هڪ ٽراٽسڪيءَ جو ۽ ٻيو گروهہ اسٽالن جو هو.

پهريون گروهہ ڪميونزم کي هڪ ئي وقت سڄي دنيا ۾ رائج ڪرڻ جو حامي هو. ٻئي گروهہ پهرياڻين ان جو رشيا ۾ تجربو ڪرڻ ممڪن ۽ فائديمند ٿي سمجهيو. ٽن سالن جي لفظي ڏي وٺ ۽ فڪري تصادم کان پوءِ، ڊسمبر ۱۹۲۷ع ۾ اسٽالن سڄي حڪومتي نظام تي مڪمل قبضو ڪري ورتو، ۽ ٽراٽسڪي ملڪ ڇڏي، آمريڪا ۾ وڃي رهيو.

۱۹۳۴ع ۾ ، اسٽالن سوويت يونين کي ليگ آف نيشنس جو ميمبر ڪيو. ۱۹۳۵ع ۾ هن فرانس سان عهدنامو ڪيو. هن تعمير ۽ ترقي جي پنجساله پروگرامن ڏريعي سوويت يونين کي اقتصادي طور ۽ صنعتي ميدان ۾ هڪ طاقتور ۽ شاندار ملڪ بنائڻ جي

ڪوشش ڪئي ۽ ان ۾ هن کي ڪافي سختي ۽ تشدد جي ڪارواين کان ڪم وٺڻو پيو. بهر صورت هن ملڪ کي طاقتور بنائڻ ۾ ڪابه ڪوتاهي ڪانه ڪئي. هن جي دور ۾ خود سرمائيدار ملڪن بہ، سوويت يونين سان سفارتي تعلقات قائم ڪري، ان کي مدد ڏيڻ شروع ڪئي.

هي مهاڀاري لڙائيءَ وقت جرمن جهڙي زبردست ملڪري طاقت جو مقابلو ڪرڻ معمولي ڳالهه نه هئي. ان مقابلي ۾ ڪاميابي جو سهرو اسٽالن جي سر تي سونهي ٿو. ان ڪري ان جي زندگيءَ جو مختصر احوال پيش ڪرڻ ضروري ٿو ڄاڻان.

جوزف اسٽالن

هن جو اصلي نالو جوزف وساريونووچ زوگاشولي هو. هو جارجيا علائقي جي گورا نالي ڳوٺ ۾ ۱۸۷۹ع ۾ ڄائو هو. " اسٽالن " جو لقب سندس ارادي جي قوت، برداشت جي مادي ۽ اورچائيءَ کي ڏسي، ۱۹۱۰ع ڌاري، قومي ڪارڪنن طرفان ڏنو ويو هو، جنهن جي معنيٰ " رڪ " آهي.

سندس والد موچڪو ڏنڊو ۽ زراعت ڪندو هو. هن ابتدا ۾ ڇڻن سالن تائين ٽفلس جي شهر ۾ مسيحي مذهب جي پادري ٿيڻ لاءِ تعليم ورتي. اتي ئي، مذهبي طور طريقن ۽ آمرانه دباءَ خلاف ڪيس نفرت پيدا ٿي. ڪليسائي مڪتبن مان باهر نڪرڻ کان پوءِ هي ڪارل مارڪس جي پوئلڳن جي صحبت ۾ آيو ، ۽ ترت ئي انهن جي انقلابي تحريڪ ۾ حصو وٺڻ لڳو.

۱۸۹۸ع کان ولي ۱۹۱۷ع تائين هن سمورو وقت انهيءَ تحريڪ لاءِ پاڻ پتوڙيو ۽ انهيءَ جي سزا ۾ هن ڪيئي ڪشٽ ڪاٽيا. رشيا جي زار حڪومت کيس پنج پيرا ملڪ نيڪالي ڏني ۽ ڪيترا پيرا جيل موڪليو. ۱۹۱۷ع ۾ جڏهن لينن جي هٿ هيٺ نئين انقلابي حڪومت برپا ٿي، ان وقت هيءُ سائبريا جي جيل ۾ هو. جتان انقلابي حڪومت جي حڪم تي کيس آزاد ڪيو ويو .

ان کان اڳ باڪوءَ ۾ هي جارجين زبان ۾ " ورسيا " نالي اخبار بولشويڪ تحريڪ جي فائدي ۾ ڪيندو هو. ۱۹۱۲ع ۾ " سوشلزم ۽ نٽشنلزم " تي هڪ ڪتاب لکي، پنهي نظرين جي اختلافن کي سُلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

انقلابي حڪومت نهڻ کان پوءِ، هي ۱۰ آڪٽوبر ۱۹۱۷ع تي حڪومت جي پولٽ بيوروجو ميمبر ٿي ڪم ڪرڻ لڳو، جنهن ۾ لينن کانسواءِ ٽراٽسڪي، زنوووف، سوڪولنڪوف ، ڪامينوف، ۽ بونبوف ميمبر هئا. وزارت جا ۾ فوليا سندس چارج ۾ هئا.

۱۹۲۱ع ۾ لينن هن کي پارٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو. " يونين آف سوشلسٽ سوويٽس ريپبلڪس " جو قيام لينن ۽ اسٽالن جي گڏيل فڪر ۽ عمل جو نتيجو هو.

لينن جي وفات کان پوءِ اسٽالن ۽ ٽراٽسڪيءَ جي وچ ۾ مٺي ڏکر ڪيل اختلافن جي بنياد تي اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ تصادم شروع ٿيو، جنهن ۾ ۱۹۲۶ع تائين اسٽالن ساري ملڪ تي مڪمل اقتدار حاصل ڪري ڪامياب ٿيو. ان کانپوءِ ترقي جي

پنجسالہ رٿائن جي مدد سان هن رشيا ۾ ڪميونزم کي پوري قوت ۽ استقامت سان قائم ڪيو ۽ مضبوط ۽ مستحڪم بنايو.

هو پنهنجن ڪمن ۾ ٿوري انداز جي مخالفت بہ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ هوندو هو. پنهنجي طويل دور اقتدار ۾ (۱۹۲۴ع - ۱۹۵۱ع)، هن ڪيترائي پنهنجا مخالف، جيڪي سالن جا سال سندس پنهنجا ساٿي ۽ همراهہ رهيا هئا ۽ سڄي عمر ڪميونزم جا وفادار داعي ۽ عامل رهي چڪا هئا، تن کي مارائي ، پنهنجي رستي تان هٽائي ڇڏيو.

آگسٽ ۱۹۳۶ع ۾ زنوووف ، ڪامينو ۽ ٻين کي ڦاسي ڏياري، سڄي ملڪ تي هو مطلق العنان ڊڪٽيٽر ٿي حڪومت هلائڻ لڳو.

ڊسمبر ۱۹۳۶ع ۾ رشيا لاءِ نئون آئين جاري ڪيائين، جنهن کري سوويت يونين ۾ قوميتن جو مسئلو انصاف ۽ خوش اسلوبيءَ سان حل ٿيو ۽ هيٺيون مکيہ ريلستون ۽ ٻيون ڪل ريلستون، برابريءَ جي بنياد تي گڏجي ، ڪم ڪرڻ لڳيون: ۱. رشيا ، ۲. يوڪرين، ۳. وائيٽ، ۴. آزربائيجان ، ۵. آرمينا، ۶. ترڪمينيا، ۷. ازبڪستان،۸. تاجڪستان ، ۹. قزاقستان، ۱۰. ڪرگيزستان، وغيره .

سيپٽمبر ۱۹۳۸ع ۾ هن اعلان ڪيو تہ هو جرمني جي دٻاءَ ۽ تشدد آڏو، زيڪو سلويڪيا جي مدد ڪندو، بشرطيڪ انگلنڊ ۽ فرانس بہ ان جي مدد ڪندا. پر جڏهن ڊنائين تہ انهن ٻنهي حڪومتن زيڪوسلويڪيا جي ورهاست قبولي، ان ملڪ کي قربان ٿيڻ ڏنو، تہ وقت جي مصلحت ڏسي، اڪيلو طاقتور دشمن هٽلر جو مقابلو نہ ڪيائين، ۽ ماڻ ۾ رهيو.

ان کان پوءِ جڏهن جرمنيءَ پولينڊ تي حملو ڪرڻ گهريو، ۽ هن سمجهيو تہ ان موقعي تي بہ انگلنڊ، فرانس ۽ ٻيا مغربي جمهوري ملڪ ان جو ڪو مقابلو ڪونہ ڪندا، تڏهن پاڻ هٽلر سان سمجهوتو ڪري، پولينڊ جي ڪجھ حصي تي قبضو ڪري ورتائين ، ۽ اٽين ٻي مهاياري لڙائيءَ ۾ هٽلر جي وڏندڙ فوجن کي منهن ڏيڻ لاءِ وقت ۽ فاصلي جي سهوليت پنهنجي ملڪ ۽ فوج جي بچاءَ ۽ فائدي لاءِ حاصل ڪري ورتائين .

فصل چهون

۵ - فرانس

يورپ جو پنجون مُکيہ ملڪ فرانس آهي. پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ فرانس جا تيرنهن لک پنجلسي هزار (۱۳،۸۵۰۰۰) سپاهي مُٹا ۽ ۳۰ لک مائهو قُٹيا هٹا، چار لک چاڻيتاليه هزار (۴،۴۶۰۰۰) مائهو قيدي بنيا هٹا يا گم ٹيا هٹا.

پر لڙائي اتحادين جي فائدي ۾ فيصل ٹيڻ بعد انهن گڏجي شڪست کاڌل ملڪن بابت جيڪي فيصلا ڪيا ۽ عهدناما ناهيا هٹا، انهن مان گهڻي ۾ گهڻو نفعو فرانس کي پهتو. ان کي جنگي تاوان مليو. جرمنيءَ جي ملڪ جو ڪجھ حصو ڪيس ڊياريو ويو. ليگ آف نيشنس ۾ ان جي خاص حيثيت رهي. ان کري جلدئي ٹيل نقصان جي پورائي ڪري هيءَ ملڪ وري طاقت ورَي ويو.

هٹلر جي هٹ هيٺ طاقتور ٹيڻ بعد، جرمنين فرانس، کان ان جي قبضي وارو اهو پنهنجي ملڪ جو حصو ته چڏايو. پر ان سان اهڙو رويو اختيار ڪيائون جنهن سان فرانس جي حڪومت وري انهن کان خطرو محسوس ڪرڻ لڳي. ان کري جنوري ۱۹۳۵ع ڌاري فرانس جي حڪومت انليءَ جي حڪومت سان آفريڪا بابت سمجهوتو ڪيو، ۽ مئي ۱۹۳۵ع ۾ سوويت يونين سان عهدنامو ڪيو، ۽ اهڙيءَ طرح هو پاڻ کي جرمني جي خلاف مضبوط ڪرڻ لڳا.

فرانس کي سڀ کان پهرين جديد صنعتي دور جي انقلابي حڪومت قائم ڪندڙ ۽ جمهوري اصولن جو علمبردار تسليم ڪيو ٹي ويو. بهرحال اُن جي، ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کان ٹورو اڳ، حالت هيءَ هئي ته پارليمين جي ڪثرت ۽ انهن جي پيڻ نهڻ کري، اُتي ڪابہ مضبوط وزارت نهي ٹي سگهي، ان جون وقت بوقت وزارتون بدلبيون ٹي رهيون. اهڙين حالتن هيٺ، ان وقت جي حڪومت جي ڪمزور پاليسيءَ کان متاثر ٹي، ملڪ جي عام راءِ، جنوري ۱۹۳۶ع ۾، مسٹر لاول جي وزارت کيرائي. ليان بلوم جي وزارت طاقت ۾ آندي، جنهن ۾ ترقي پسند گروهہ جي ڪثرت هئي. پر پوءِ ٻہ فرانس جي حڪومت ۾ پاڻداري ڪانہ آئي، ۽ اپريل ۱۹۳۸ع ۾ ڊاڊليئر وزارت جي نئين حڪومت نهي، جا ٻہ ڪا ٹورو ٹي وقت قائم رهي سگهي. آخر ۾ جڏهن پولنڊ جي سوال تان انگلنڊ ۽ فرانس سيپٹمبر ۱۹۳۹ع ۾ جرمنيءَ سان جنگ جو اعلان ڪيو، ته ٻيهر ڊاڊليئر کي وزيراعظم ڪري رکيو ويو. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جو گهڻو وقت هيءَ ٹي وزيراعظم ٹي رهيو ۽ فرانس جي تاريخ جي ان اهم دور ۾ هن مُکيہ پارٹ اداڪيو. ان کري ان دور جي يورپ جي مکيہ مائهن مان ڊاڊليئر جي حياتيءَ جو مختصر احوال پيش ڪرڻ ٻہ ضروري ٹو نظر اچيہ.

دادليئر

ايدئور دادليئر فرانس جي شهر ڪارپنٽراس ۾ ٨ جون ١٨٨٤ع تي ڄائو هو. هن جو پيءُ ڳوٺ جو نانوائي هو. هو اسڪالرشپ ونڊي پڙهيو. گريجويٽ ٿيو ۽ ملستري ڪرڻ لڳو.

١٩١٤ع جي پهرئين مهاڀاري لڙائيءَ وقت، فرانس ۾ زوريءَ پرتيءَ جي دستور مطابق، هن کي فوج ۾ داخل ٿيڻو پيو. جنگ پوري ٿيڻ تي ، موٽي ڳوٺ اچڻ کان پوءِ، هن سياست ۾ دلچسپي ورتي ۽ ريڊيڪل سوشلسٽ پارٽيءَ جو ڪارڪن ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. ڪجهه وقت کان پوءِ هي ڪارپنٽراس شهر جو ميئر چونڊيو ويو.

١٩١٩ع ۾ ٣٥ سالن جي عمر ۾ هيءُ پهريون پيرو چيمبر آف ڊيپوٽيز جو ميمبر چونڊيو. ان کانپوءِ، ١٩٢٤ع کان ونڊي، هو ڪيترين وزارتن ۾ شامل ٿيو، ۽ لاڳيتو مختلف عهدن تي ڪم ڪندو آيو.

آخر ۾، ١٩٣٩ع جي سيپٽمبر ۾، هيءُ فرانس جو وزيراعظم ٿيو، ۽ جنگ جو سمورو وقت ان عهدي تي پاپولر فرنٽ طرفان فائز رهندو آيو. ملٽري ڳالهين ۾ خاص دلچسپي هيس ۽ ان علم تي هن ڪيترائي اهم ۽ مستند ڪتاب لکيا.

●

فصل ستون

٦ -اسپين

١٩٣٦ع ۾ اسپين جي حڪومت ۾ اقتدار هٿ ڪرڻ تان ٻن نظرياتي گروهن جي وچ ۾ اختلاف پيدا ٿي پيا. انهن مان هڪ جمهوري سوشلسٽ راين جي پارٽي هئي ۽ ٻي فسطائي خيالن جي پارٽي هئي. ٽيندي ٽيندي، انهن جي پاڻ ۾ سوال وار (خانه جنگي) شروع ٿي. عام ماڻهو ۽ انهن جا طرفدار هڪ طرف هٿا. مذهبي مهندار، زميندار ۽ ڪاموارا ٻئي طرف هٿا. حالتون ايتريون خراب ٿي ويون، جو انهن پارٽين کي ٻاهرين طاقتن ٻه مدد ڏيڻ شروع ڪئي. جمهوري پارٽيءَ کي سوويت يونين ۽ انگلنڊ طرفان ٿوري مدد ملي، پر فسطائين کي جرمني ۽ اٽليءَ طرفان نه رڳو رضاڪار بلڪ هٿيار ۽ هوائي جهاز ٻه مدد موڪليا ويا. نتيجو اهو نڪتو ته آخر گهٽي خون خرابي کان پوءِ حڪومت جي واڳ ملٽري جي جنرل فرئنڪو جي هٿ ۾ آئي، ۽ سارو ملڪ فسطائي حڪومت جي قبضي ۾ اچي ويو.

اسپين يورپ جي سڀني ملڪن کان پٺتي پيل هو. ان ۾ زمين تي قبضو وڏن زميندارن ۽ مذهبي مهندارن جو هو. تعليم تمام گهٽ هئي. ان ۾ ۴۵ سيڪڙو ماڻهو ان پڙهيل هٿا، جو سيڪڙو يورپي ملڪن جي مقابلي ۾ نهايت گهٽو هو. منجهس بي زمين هاري گهڻا هٿا. سندن حڪمران طبقو ظالم، غير جوابدار، مغرور ، جاهل، هوا جي رخ تي ڦرندڙ گهرندڙ، بي اصولو ۽ ان لائق هو. سندس حال هو ٻهو سندي وڏيرن جهڙو هو.

ان وقت اسپين جو بادشاهه ، "الفانسو تيرهون" هو، جنهن جي اختيار ۽ اقتدار جو سڄو مدار زميندارن، پادرين ۽ لشڪر تي هوندو هو. ملڪ جي زمين ۵۰ سيڪڙو کان ٻه ٿي صرف هڪ سيڪڙي ماڻهن جي هٿ ۾ هئي، جيتوڻيڪ ملڪ جو ۷۲ سيڪڙو ماڻهو زراعت تي ڳذر ڪندڙ هٿا. ۴۰ سيڪڙو ماڻهو اڻڙا هٿا، جن کي ايڪڙ زمين ٻه ڪونه هئي. باقي ماڻهن کي ٻه تمام ٿوري زمين هئي. رڳو هڪ 'ڊيوڪ آف البا' جي هٿ ۾ سموري ٻيلجم جي ملڪ جي ايراضيءَ جيتري زمين هئي. زميندار اڪثر ڪري زمين جي پيدائش مان عيش عشرت ۽ سير شڪار تي خرچ ڪندا هٿا. انهن مان گهڻا زمين تي رهڻ جي عيوض سڄو وقت وڏن شهرن ۾ گذاريندا هٿا.

اسپين جو لشڪر تي تمام گهڻو خرچ هو. سندن لشڪر ۾ ۷۰۰ جنرل ۽ ۲۱هزار آفيسر هٿا. هر ڇهن سولجرن پٺيان هڪڙو آفيسر هون!

ملڪ ۾ ۴۰ هزار پادري هٿا، جن سڀني کي پگهار حڪومت کان ملندا هٿا، جي سياست ۾ زميندارن ۽ ڪامورن سان گڏجي حصو ونڊندا هٿا. مذهبي ادارن جي هٿ ۾ زمين کان علاوه ڪاٿيون، هُنري ڪارخانا، ساموندي جهاز، ٽرامون، اليڪٽرسٽي، بسون

وغيره هوندیون هيون.

اهي پادري، مذهبي ڀالهين کان سواءِ، ملڪ جي زميندارين ۽ ٻين پيشن ۾ دلچسپي وٺندا هئا. ملڪ جو سمورو تعليمي سرشتو سندن قبضي ۾ هو. مذهب کي انهن ملڪي سياست جو راندیڪو بنائي ڇڏيو هو.

اسپين ۾ ۱۹۳۱ع جي چونڊن بعد بادشاهي ختم ٿي، ۽ ريپبليکن پارٽيءَ جي هٿ ۾ حڪومت آئي. اها پارٽي وچٿين طبقي جي ماڻهن تي، جن ۾ ننڍا ڪاموڙا، پروفيسر، اديب وغيره هئا، مشتمل هئي. انهيءَ پارٽيءَ جي ليڈرشپ مٿوئل ازانا نالي جمهوريت پسند اڳواڻ جي هٿ ۾ هئي، جو ريپبليکن پارٽيءَ جي حڪومت جو وزيراعظم ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. انهيءَ پارٽي ملڪ جو آئين ناهيو، جنهن ۾ هنن مذهبي ماڻهن جي حڪومت مان دست اندازي ڪيڊي ڇڏي، سياست ۽ مذهب کي جدا ڪيو، حڪومت کي رعيتي راڄ بنايو، تعليم زوري ۽ مفت ڪئي، زالن کي ووٽ جو حق ڏنو، خاندانن جا لقب رد ڪيا، ڪارخانن جي مزدورن کي وڌيڪ حق ڏياريا.

پر هيءَ آئين پوري طرح عمل ۾ اچي ڪين سگهيو. هن پارٽيءَ جي ڪارڪنن نظرياتي ڀالهين تي وڌيڪ ۽ عملي ڀالهين ڏي ڌيان ڏنو. ڪين خبر هئي ته سندن دشمن زميندار، پادري ۽ ملٽري وارا نهايت خطرناڪ هئا. پر سواءِ قانون ناهڻ جي انهن جي طاقت گهٽائڻ لاءِ عملي طرح ڪوبه قدم ڪونه کنيائون.

انهيءَ آئين پاس ٿيڻ تي جنرل سنجورجا نالي هڪڙي فسطائي خيالن جي فوجي جنرل حڪومت خلاف بغاوت ڪئي، پر هو اڀري ڪونه سگهيو ۽ ناڪام ٿيو. ريپبلڪن پارٽيءَ پوءِ ديولين جي ملڪ کي قومي ملڪيت بنائڻ جو نعرو پاس ڪيو. پر ملڪيت جو قبضو اهوئي ديولين جي حوالي رهيو ۽ عملي طرح اهو انهن کان ڇڏائي نه سگهيا. ملٽريءَ جي طاقت گهٽائڻ لاءِ هنن ڏهاڪو هزار آفيسرن کي به پوري پگهار جي پينشن ڏيئي فوج مان بيدخل ڪري ڇڏيو. پر ريپبلڪن پارٽيءَ جي اها وزارت گهٽو وقت قائم رهي نه سگهي . اڌائي سالن کان پوءِ هنن جي وزارت ڪري پيٽي، ۽ ان جي جاءِ تي ساڄي ڌر جي قبضي واري ڳڌيل وزارت (" پاپيولر فرنٽ " جي نالي ۾) طاقت ۾ آئي. هن وزارت، اڳين وزارت جي ڪمن کي رد ڪرڻ شروع ڪيو .

ان تي آڪٽوبر ۱۹۳۴ع ۾، سوشلسٽ گروهه ان جي مخالفت ڪئي، جنهن کي طاقت ۾ آيل حڪومت زبردستيءَ سان دٻائي ڇڏيو. اُن جي نتيجي ۾ ۱۹۳۵ع ڌاري ۳۰ هزار ڪن ريپبليکن ۽ سوشلسٽ جيلن ۾ وڌا ويا. ساڄي ڌر ۱۹۳۶ع جي اول تائين طاقت ۾ رهي.

فيبروري ۱۹۳۶ع جي نين چونڊن ۾ وري ريپبليکن پارٽي ٿوري اڪثريت سان ڪامياب ٿي، جنهن جو وزيراعظم ساڳيو مٿوئل ازانا ٿيو . ان وري ۱۹۳۱ع واري تجويز کيل پروگرامن کي عمل ۾ آڻڻ ڳهريو ٿي، جنهن تي ساڄي ڌر جي زميندارن، شاهوڪارن، ڪامورن ۽ فوج حڪومت خلاف کليل بغاوت ڪئي.

اُنهن جنرل فرئنڪو کي، جو اسپين جي ٻيٽڪي ڪنيري ٻيٽن جو گورنر هو، جرمن هوائي جهاز ۾ گهرائي، موٽرن (موراڪو جي رهاڪو مسلمانن) جي لشکر جي مدد سان، اسپين ۾ ۾ آندو. ان بعد ملڪ ۾ خانه جنگي شروع ٿي ويئي. ان جنگ کي

ڪميونسٽ ۽ فاشزم جي جنگ جي نالي سان منسوب ڪيو ويو. آخر ۾ اڌ اسپين تباهه ڪري، جنرل فرئنڪو حڪومت تي قابض ٿيو. هيٺ ان جنرل فرئنڪو جي شخصي زندگيءَ جو مختصر احوال ڏجي ٿو:

جنرل فرئنڪو

هيءُ اسپين جي صوبي گليشيا ۾ جائو هو. هي پشت بہ پشت بَري ۽ بحري لشڪر ۾ نوڪري ڪندڙ آفيسرن جي ڪُنب مان هو. هيءُ ابتدائي تعليم ونڊ ڪان پوءِ لشڪر ۾ پرتي ٿيو، ۽ فوجي نوڪريءَ ۾ پنهنجي ڪارڪردگيءَ جو نهايت سٺو رڪارڊ قائم ڪيائين. ۳۴ سالن جي عمر ۾ جنرل جي عهدي تي پهتو. ڪجهه وقت اسپين جي بينڪي ملڪ موراڪو ۾ بہ مختلف عهدن تي رهيو.

جڏهن پهريون پيرو ساڃيءَ ڊر جي گڏيل (پاپولر فرنٽ) حڪومت قائم ٿي، تڏهن هنن هِن کي چيف آف اسٽاف مقرر ڪيو. ان تي طاقت مان نڪتل ريپبلڪن پارٽي جي ڪارڪنن کي ڪي شڪ شبها پيدا ٿي پيا، جنهن تي انهن کي ٽڏي ڪرڻ لاءِ حڪومت هن کي ڪنري ٻيٽن ڏي گورنر ڪري موڪلي ڇڏيو.

ان ڪانپوءِ، سڌيءَ طرح فسطائي ڊر جي قبضي ڪانپوءِ هيءُ جرمن هوائي جهاز ۾ چڙهي، ڪينري ٻيٽن کان اسپين موٽي آيو، ۽، جيئن مٿي ذڪر ٿيو، موئرن (موراڪو جي غلام مسلمان لشڪر) جي طاقت سان، حڪومت جون واڳون هٿ ڪيائين.

هو هڪ ظالم ۽ ڪٹور ڊڪٹيٽر هو. هن جي دور اقتدار ۾ لکين مزدور، هاري ۽ دانشور، جن انساني آزادي جو ٿورو بہ ڪو نالو ٿي ورتو. گولين جو ٻَڪ ٿي ويا، قلسين تي چڙهيا ۽ جيلن جي ڪال ڪوٺڙين ۾ ڇڙي ڇڙي ختم ٿي ويا.

يورپ ۾ سوشلزم جا دشمن جيڪي فسطائي ڊڪٹيٽر ، پنهنجي پنهنجي ملڪ جي حڪومت تي قابض رهيا، يعني جرمنيءَ ۾ هٽلر ۽ اٽليءَ ۾ مسوليني، انهن جو ٿي هم شريڪ ۽ ساٿي، اهڙو ئي سنگدل ۽ انسان دشمن، هي اسپين جو ڊڪٹيٽر جنرل فرئنڪو بہ هو.

جيتوٿيڪ هيءُ هٽلر ۽ مسوليني جي مدد سان ٿي اسپين جي گهرو لڙائيءَ ۾ ڪامياب ٿي سگهيو هو، ۽ سياسي فڪر ۽ مقصدن ۾ انهن جو ٿي ساٿي هو، پر هي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ هو انهن سان شامل نہ ٿيو، ۽ اٿين هُن پنهنجي ملڪ کي جنگ جي تباهه ڪارين کان ۽ پاڻ کي انهن وانگر قبل از وقت موت کان بچائي ورتو.

●

فصل اٺون

۷ - چين

چين ايشيا جو وڏو ملڪ آهي. چين ايشيا ۾ پنجنھن لکن ميلن جي ايراضيءَ ۾ هن وقت اسي ڪروڙن جي آدمشماريءَ ۾ ۳۶ پرڳڻن جو ملڪ آهي .

هيءُ ملڪ ڪن هزارن سالن کان بہ اڳ تهذيب ۽ تمدن جو مالڪ رهيو آهي. گهڻي وقت کان مٿس مختلف گهراڻن جي شهنشاهن جي حڪومت رهي آهي. ان شهشاهي قسم جي حڪومت کي ۱۹۱۱ع ڌاري ڊاڪٽر سن يت سين نالي هڪ قومي ليڊر ختم ڪري، اتي رعيتي راڄ قائم ڪيو.

سن يت سين موجوده نئين چين جو اَبو سڏجي ٿو. سندس تعليم جا مُکيہ متا ٻي هٿ: (۱) نئلشنلزم (قوميپرستي) (۲) سوشلزم ۽ (۳) جمهوريت.

هن هڪ مضبوط جماعت ناهي، جنهن جو نالو ڪومنٽانگ پارٽي هو. هن ۱۲ مارچ ۱۹۲۵ع تي وفات ڪئي. اڪثر پارٽين وانگر، هن پارٽيءَ ۾ بہ بن رُجحانن جا ڪارڪن هٿا. هڪڙا ساڄي ڌر جا ۽ ٻيا کاٻي ڌر جا . ساڄيءَ ڌر وارن جو مُکيہ ليڊر چيانگ ڪائي شيڪ ٿيو ۽ ٿيندي ٿيندي، کاٻيءَ ڌر جي ليڊريءَ جي واڳ مائوزي تنگ جي هٿ ۾ آئي.

ملڪ وڏو، مائهو گهڻا، شهنشاهي طاقت ختم ٿيڻ بعد ڪجهہ وقت لاءِ ملڪ اندروني خلفشار ۾ مصروف رهيو. ملڪ جي گهڻ حصن ۾ مڪاني ، جنگي اڳواڻن جو قبضو رهيو، جي ان کي پنهنجي مقصدن خاطر استعمال ڪرڻ لڳا .

سن يت سين کان پوءِ، پارٽي جي ليڈري چيانگ ڪائي شيڪ جي هٿ ۾ آئي سمورو هي مهاڀاري لڙائيءَ جو عرصو، چين جي مُکيہ سربراہ طور هي يورپ جي فسطائين هٽلر ۽ مسوليني‌ءَ جي ايشيائي ساٿين، جپاني فسطائين جو مقابلو ڪندو رهيو . ان ڪري سندس زندگيءَ جو مختصر احوال اهم ڄاڻي، هيٺ ڏجي ٿو .

چيانگ ڪائي شيڪ

هيءُ چين جي چيانگ صوبي جي ڳوٺ چيڪو ۾ ۱۸۸۷ع ۾ ڄائو هو. چوڻ ۾ اچي ٿو تہ لاشڪ هن جي وڏن جي لِچ عربن ۽ پورچو گيزن سان لڳي ٿي .

هيءُ ابتدائي تعليم مڪاني طرح حاصل ڪرڻ بعد ۱۹ سالن جي عمر ۾ جپان ۾ تعليم وٺڻ لاءِ ويو. اُتان موٽڻ بعد ڪجهہ سال ملٽريءَ ۾ نوڪري ڪيائين . اتي هن جي واقفيت ڊاڪٽر سن يت سين سان ٿي، جنهن جي صحبت ڪري، هي چيني

قومپرستيءَ جي رنگ ۾ رڇجي ويو. ان کانپوءِ هيءُ " تنگ مينگوئي" خفيه پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو ، جنهن ٻيٽ وڃي " ڪومنتانگ پارٽيءَ " جي شڪل اختيار ڪئي .

جڏهن ۱۹۱۱ع ۾ سن يت سيت جي ڪوششن سان منچو گهرائي جي شهنشاهي ختم ٿي ۽ چين ۾ رعيتي راڄ قائم ٿيو، تہ هن جهان کان واپس چين ۾ اچي نوڪري ڪئي. هي ۱۹۱۱ع کان ۱۹۱۶ع تائين مڪاني بغاوتن ۽ خانہ جنگي کي ختم ڪرڻ لاءِ لڙندو رهيو.

۱۹۱۷ع ۾ هيءُ، نوڪري ڇڏي، واپار ڪرڻ لڳو. وري ۱۹۲۱ع ڌاري موٽي وڃي لشڪر ۾ نوڪري ڪرڻ ۽ ملڪي سياست ۾ حصو وٺڻ لڳو. ۱۹۲۳ع ۾ سن يت سين هن کي ماسڪو ڏي ملٽري ٽريننگ لاءِ موڪليو . اتي ٽراٽسڪي هن کي چيو " انقلابيءَ لاءِ صبر ۽ سخت محنت لازمي ڳالهيون آهن " آئندي سڄي زندگي هيءُ ان مقولي تي عمل ڪندو رهيو. ملڪ ۾ واپس اچڻ بعد هن کي نئين ملٽري اڪيڈمي جو پرنسپال ڪري رکيو ويو.

هن کي سن يت سين جي وفاتيءَ بعد ۱۹۲۵ع ۾ ڪومنتانگ پارٽيءَ جي اسٽئبنگ ڪاميٽيءَ جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو، ۽ سڳوئي لشڪر جو ڪمانڊر انچيف ٿي ڪم ڪرڻ لڳو.

سن يت سين ملڪ جي مضبوطيءَ ۽ ترقيءَ لاءِ پنهنجي پروگرامن کي ٽن درجن ۾ ورهايو هو. ان مان پهريون درجو اهو هو تہ ساري ملڪ تي لشڪر جي ڏريعي پورو قبضو ڪيو وڃي. ان جو ٻيو درجو مائهن ۾ سياسي شعور پيدا ڪري، جمهوري ڳالهين جي تربيت ڏيڻ جو هو، ۽ ٽيون درجو ملڪ ۾ آئيني ۽ اقتصادي ترقي آڻڻ جو هو.

پهرئين ڪم واسطي هن روسي آفيسر گهرائي، انهن جي مدد ۽ تربيت سان ملٽري (قوت) کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي. بدقسمتيءَ سان سندس حياتي پوري ٿيڻ ڪري، اهو ۽ ٻيا سندس ڪم اڌ ۾ رهجي ويا.

سندس وفات کانپوءِ، هن جي پارٽيءَ هن رجحانن جي ڪارڪنن ۾ ورهائجي ويئي. هڪڙن قومپرستيءَ کي ترجيح ڏيئي، ملڪ کي صحتمند ۽ مضبوط ڪرڻ طرف رخ رکيو، ۽ ٻين عوام جي اقتصادي ترقيءَ کي وڌيڪ اهميت ڏني ٿي . چيانگ ڪائي شيڪ ساڃيءَ ڏر جي اڳواڻي هٺ ۾ ڪئي، قومپرستيءَ طرف لاڙو ڏيکاريو . ڪاميءَ ڏر جي اڳواڻيءَ جي واڳ مائوزي تنگ جي هٿ ۾ آئي. ڪاميءَ ڏر وارن جو مرڪز هئنڪو ۾ هو.

جپانين ۱۹۳۱ع کان چين تي حملا ڪري، پهرين ان ملڪ جو حصو منچوريا والاريو، ۽ ۱۹۳۲ع ۾ ان جي مڪمل شهر شانگهائيءَ ۾ لشڪر آڻي، اتي اثر جمايو. منچوريا ۾ هنن " آزاد حڪومت " جي نالي سان پنهنجي اثر هيٺ مڪاني حڪومت برپا ڪئي. ۱۹۳۶ع ۾ هنن ڪوئنگ تونگ صوبي تي قبضو ڪيو. هن مرحلي تي چيانگ ڪائي شيڪ جپانين سان وڙهڻ جي عيوض، ڪاميءَ ڏر جي قومي ڪارڪنن تي سختي ۽ ظلم ڪرڻ شروع ڪيا. پنهنجو گهڻو وقت ان ڪم ۾ صرف ڪندو رهيو.

سندس ان پاليسيءَ ڪان مجبور ٿي، ڪميونسٽن ڏڳهو سفر ڪري، ملڪ جي ڏورانهين اترئين حصي ۾ وڃي پناهہ ورتي.

چيانگ کائي شيڪ جي، اُن پاليسيءَ ۾ ، آمريڪا ۽ مغربي سامراجي طاقتن ۽ مدد پئي ڪئي. هوڏانهن جپان ۽ هن جو نالو نٿي ورتو. هن پنهنجي گاديءَ جو هنڌ پيڪنگ کان قبرائي نانڪنگ ۾ ڪيو . ان ۾ ۽ سندس مقصد رڳو هيءُ هو ته اُتر ۾هاڻ وڌي وڃي ويڙل ڪميءَ ڏر وارن پنهنجن هم وطني مخالفن کي آسانيءَ سان اُتان ويجهو ڏهائي ۽ ختم ڪري سگهي.

هن جي سرڪار " نيشنلسٽ حڪومت " جي نالي سان سڏجڻ ۾ آئي. هن سن يت سين جي پروگرام جي پهرئين درجي جي تڪميل لاءِ پهرياٽين جنگ ڏريعي چين کي متحد ڪرڻ ڪهريو ٿي.

اُن لاءِ هن کي پيسي جي درڪار هئي، جو هن، ملڪ جي شاهوڪار طبقي ۽ سامراجي طاقتن کان ڪميونسٽن جي خلاف ڪم ڪرڻ جي انجام تي، ورتو ٿي.

۱۹۳۷ع کان ۱۹۳۷ع جا ڏهه سال هيءُ انهيءَ پاليسيءَ مطابق ڪم ڪندو رهيو. هن مڊم مي لنگ سونگ سان شادي ڪئي، جا مڊم سن يت سين جي پيڻ هئي. ان سان شادي ڪرڻ خاطر هيءُ ڪرستان ٿيو.

ڊسمبر ۱۹۳۹ع ۾ چيانگ کائي شيڪ کي هڪ نوجوان جنرل چونگ هوسي ايانگ، يرغمال ڪري، زوريءَ پاڻ سان وٺي ويو، جو ڪاميءَ ڏر جو ڪارڪن هو. ان ڪيس نقصان پهچائڻ جي عيوض ڪانئس ڪميونسٽن جي بدران جپان خلاف جنگ ڪرڻ جو واعدو وٺي، هن کي چڏي ڏنو.

ان کان پوءِ هن پنهنجي پاليسي بدلائي، جپان خلاف لڙائي ڪرڻ شروع ڪئي. ان منزل تي، ان ۾ باهرين سامراجي طاقتن ۽ مڪاني شاهوڪار طبقي جو به هن سان ساڻ هو، چاڪاڻ ته نهايت اڳرائيءَ واري پاليسي اختيارڪرڻ ڪري، سندن مفاد کي به نقصان پهچي رهيو هو. ۱۹۳۷ع جي آخر ۾جپانين نانڪنگ تي قبضو ڪيو. سگهو ٿي هنچائو ورتائون. جنوري - ۱۹۳۸ع ۾ هن تيانگ تائوءَ تي قبضو ڪيو. ۲۱- آڪٽوبر تي ڪئنٽن ورتائون. ۲۵- آڪٽوبر ۱۹۳۸ع تي هئنڪو تي قبضو ڪيائون.

ان کان پوءِ هن چين جي گادي بدلائي، ملڪ جي ڏورانهين شهر چنگ ڪنگ ۾ آندي، جتي هو سموري ٻي مهاپاري لڙائيءَ جو وقت رهندو آيو. جنگ ختم ٿيڻ تي، جڏهن جپانين کي شڪست آئي، ۽ ساري ملڪ تي هن کي قبضو مليو، ته هن وري ڪميونسٽن خلاف سختي ڪرڻ شروع ڪئي. پر ان وقت تائين ڪميونسٽ ملڪ ۾ گهڻو اثر پيدا ڪري ويا هئا، ۽ سندن جنگي طاقت به وڌي ويئي هئي. ان ڪري انهيءَ تصادم جي باوجود امريڪا جي اڪيچار پيسي ۽ هٿيارن جي مدد جي، چيانگ کائي شيڪ جي حڪومت گهڻو وقت هلي نه سگهي، ۽ سارو ملڪ مائوزي تنگ جي ڪميونسٽ گروهه جي هٿ ۾ اچي ويو، ۽ هن وڃي چين کان باهر فارموسا جي ڇيني ٻيٽ ۾ پنهنجي قومي حڪومت قائم ڪئي. جتي اڄ تائين، سندس مري وڃڻ کان پوءِ به، امريڪن جي مدد سان هن جي پارٽي راڄ ڪري رهي آهي.

هن جي حڪومت ۾ نهايت اعليٰ تعليم يافته، قابل ۽ محنتي قومي ڪارڪن هئا. پر سندن هٿ صفا نه هئا. شاهوڪار طبقو هن ۽ سندس عملدارن کي خريد ڪري، انهن

وٽان پنهنجا مطلب پورا ڪرڻ لڳو. نتيجو اهو نڪتو ته عوام جي حالت روزبروز خراب ٿيندي ويئي، ۽ ان کي درست ڪرڻ جي عيوض، هن عوامي ناراضگيءَ لاءِ ڪميونسٽن کي جوابدار ٺهرائي، ملڪ ۾ دٻاءَ جي پاليسي اختيار ڪئي، جا گهڻو وقت هلي نه سگهي، ۽ هو سارو ملڪ وڃائي ويهي رهيو.

مائوزي تنگ

چين جي جديد تاريخ جو ٻيو مُکيہ ماڻهو مائوزي تنگ آهي. هيءُ ۱۸۹۳ع ۾ هونان جي ڳوٺ ۾ جائو هو. هن جو پيءُ ڪيتي ڪندو هو. هي پاڻ ڇهن سالن جي عمر ۾ ٻنيءَ ۾ ڪم ڪرڻ لڳو، ۽ ساڳي وقت چانگشا جي اسڪول ۾ پڙهندو هو. نندپڻ کان هن کي ڪتابن پڙهڻ جو شوق هوندو هو. هن جو واندو وقت ڪتابن جي مطالعي ۾ ڳوٺ جي نندڙيءَ لئبرريءَ ۾ گذرندو هو. ڪجهہ وقت کان پوءِ پڙهڻ کان فارغ ٿي، هيءُ ملڪي سياست ۾ حصو وٺڻ لڳو.

ابتدا ۾ هيءُ سن يت سين جي نيشنلسٽ پارٽيءَ جو ميمبر هو. پر جڏهن ڏنائين ته نيشنلسٽ پارٽيءَ جي ساڃي ڏر، ملڪي شاهوڪارن ۽ غير ملڪي سامراجين جي قبضي ۾ هڻڻ سبب، عوام جي حالت بهتر بنائڻ لاءِ ڪوبہ قدم کڻڻ لاءِ تيار نه هئي، بلڪ قوم‌پرستيءَ جي نالي ۾ چند شاهوڪارن ۽ ڪامورن جي فائدي لاءِ ملڪي ڪاروبار هلائي رهي هئي، تڏهن هن سوشلزم کي نيشنلزم تي ترجيح ڏيئي، سڌيءَ طرح پورهيت عوام کي سجاڳ ڪرڻ ۽ منظم ڪرڻ جو ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. ۱۹۲۷ع ۾ هن کي چين جي هارين جي يونين جو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو. ۱۹۳۰ع ڌاري هيءُ چين جي مزورن ۽ هارين جي انقلابي ڪميٽيءَ جو چيئر مين مقرر ٿيو.

جڏهن چيانگ کائنگ شيڪ، ڪومنتانگ پارٽيءَ جي ڪهاڙيءَ ڏر خلاف ڪات ڪهاڙا ڪيا، ته مائوزي تنگ ڪميونسٽ خيالن جي ڪارڪنن کي پاڻ سان وٺي، ڏکهو سفر ڪري، ڪنهن مضبوط جڳهہ تي پير کوڙي ٻيهڻ لاءِ، خالي دشمن جي نظرين کان هٽي وڃڻ شروع ڪيو. ان ڏکهي سفر جو نهايت دلچسپ قصو آهي، جنهن جو مختصر احوال هڪ انگريز ايڊ گرسنو نالي سندس ڪتاب "ريڊ اسٽار اوور چائنا" ۾ نهايت پرجوش اسلوب سان بيان ڪيو آهي.

مائوزي تنگ جا ٻہ مُکيہ مددگار هئا، جي هر حالت ۾ ساٿ ڏيڻ رهيا ۽ سندس مددگار رهيا. انهن مان هڪ هو جنرل جيوڊي ۽ ٻيو هو مسٽر چو اين لائي.

مائوزي تنگ محنتي، مُخلص نظرياتي طور نهايت اعليٰ مفڪر ڪارڪن هو. جهانين جي چين جي گهٽي پاڳي تي قابض ٿيڻ تي، هيءُ ڪجهہ وقت چيانگ کائي شيڪ سان ڏڏ جهانين خلاف جنگ آزاديءَ ۾ حصو ونندو رهيو. هن کي پتو هو ته جهانين کان آزاديءَ بعد وري چيانگ کائي شيڪ جو گروهہ ڪميونسٽن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو. ان ڪري انهيءَ لڙائيءَ جي عرصي ۾، جڏهن ٻاهرين، سامراجي طاقتن

بہ، سندن پنهنجن مفادن جي خيالن کان، چينين کي پيسي ۽ هٿيارن جي هر طرح جي مدد ڏني ڪئي. تڏهن هن ان موقعي مان فائدو وٺي پنهنجي ماڻهن کي تربيت ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ وس آهر پنهنجي هم خيال فوجي دستن کي هٿيارن گڏ ڪرڻ جو وجهه ڏياريو.

مهاڀاري لڙائيءَ جي ختم ٿيڻ بعد جڏهن جپاني ملڪ مان نڪري ويا، تہ چيانگ ڪائي شيڪ جي قوم پرست گروهہ ۽ هن جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي وچ ۾ تصادم ٿيو. اُن ۾ گهڻين قربانين ۽ ڪشالن بعد نيٺ هن جي پارٽيءَ کي ڪاميابي نصيب ٿي ۽ ساري چين تي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو قبضو ٿي ويو.

●

فصل نائون

جنگ جو احوال

هيءَ مهاڀاري لڙائيءَ کان اڳ يورپ ۽ ايشيا جي خاص حالتن ۽ سياسي ليڊرن جي مختصر ذڪر ڪرڻ بعد، هاڻ آءٌ ان جنگ جو مختصر ۽ مڪمل احوال پيش ڪندس.

جرمنيءَ جي حڪومت اتليءَ ۽ جپان جي فسطائي حڪومتن سان ڪميونزم خلاف عهدنامو ڪيو هو ، پر عالمي حالتن اهڙو چڪر کاڌو، جو سوويت يونين جي ڪميونسٽ حڪومت ۽ جرمنيءَ جي فسطائي حڪومت پنهنجي پنهنجي عارضي مفاد خاطر، پنهنجن پنهنجن بنيادي اصولن ۽ انهن جي بنيادن تي ڪيل الڳ الڳ بين القوامي عهدنامن کي ڦٽيءَ پويان اڇلائي، ۳۸سيپٽمبر ۱۹۳۹ع ڌاري، پولنڊ کي پاڻ ۾ ورهائي ڪيو.

ٻئي پاسي انگريزن ۽ فرينچن اڳي ئي پنهنجن پنهنجن مفادن خاطر پنهنجين پاليسين ۾ جيڪي ڦيريون گهيريون ڪيون هيون، تن کان بہ پڙهندڙ واقف آهن. انهن جو ڪجهہ ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي.

پر لڙائيءَ جي هلندي تہ هرڪو طاقتور ملڪ، ليکا لنگهي، پر وارن ڪمزور ملڪن تي قبضي ڪرڻ لاءِ سنبري بيهي رهيو هو.

شخصن وانگر قومون بہ خودمطلبي، تنگ نظرئي، غصي ۽ طاقت آزمائيءَ جي اوڇٽن جو شڪار ٿي، اهڙا ڪم ڪرڻ لڳن ٿيون، جي انصاف، فراخدلي، پختہ خيالي ۽ شرافت جي معيارن تي نيڪ نٿا لڳن. جهڙي طرح ڪثرت تعداد ماڻهن جو، اخلاق جي روحاني معيارن مطابق، اڃا ناپختو ٿي آهي. ساڳي حالت قومن جي بہ آهي. قومن جي حالت ۾، سندن خود غرضانہ عملن جو مڪمل ڪارڻ اهو پٽي رهيو آهي تہ جمهوري توڙي غير جمهوري ٻنهي قسمن جي حڪومتن تي " عام راءِ " جو گهٽو اثر رهي ٿو. جا هر ملڪ ۾ ناپختي ٿٽي ٿي يا رکي وڃي ٿي. بهرحال انهن ٻنهي قسم جي حڪومتن جي پاليسيءَ جو بٽروميٽر، مختلف سببن ڪري، لهندو چڙهندو رهندو آهي ۽ اهو ڪڏهن بہ يڪسان نٿو رهي.

فسطائي ۽ ڪميونيسٽ حڪومتن جي واڳ جيتوڻيڪ چند طاقتمند ۽ حوصلہمند ماڻهن جي هٿن ۾ رهي ٿي ۽ ان ڪري اهي حڪومتون اندروني ڦيرگهير ۽ لوڏي لمي کان محفوظ رهن ٿيون. پر اهي فسلفا سياست عملي جي جنهن نظرئي جا قائل آهن، تنهن موجب ، وڏن مقصدن جي حصول لاءِ طريقي ڪار جي پرواهہ نہ هٿ ڪري، ڪنهن غير متوقع قدم کٹ کي عيب نٿا سمجهن. لڳ ڀڳ اهائي حالت جمهوري حڪومتن جي بہ آهي، جيتوڻيڪ هو پنهنجي مستقل اخلاقي قدرن ۽ اصولن جو ڏينڊورو

دنيا جي اڳيان ڪجهه وڌيڪ پڇيندڙيون رهنديون آهن. ان سڄي صورتحال جو نتيجو اهو ٿو نڪري، ته موجوده دور جي قومي توڙي عالمي سياست ۾ اعليٰ اخلاقي ۽ روحاني معيارن موجب تقريبا بلڪل ئي ڪا ڏات ئي هلي.

نومبر ۱۹۳۶ع تي سوويت يونين ٻنان سبب جي فنلنڊ تي حملو ڪري، ان کي والارڻ جي ڪوشش ڪئي. اها ڳاهه سمجهي ڇڏڻ گهرجي ته سڀ حڪومتون سندن هر قدم لاءِ ڪنهن نه ڪنهن جواز پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون. پر حقيقت انهن جي حالت ۾ وري به اهائي ٿي وڃي ٻهي ته سنڌيءَ ۾ جيڪا چوٽي آهي ته "ڏاڍي جي لٺ کي به مٺا" ، اُها انهن سان نهڪي اچي ٿي.

۳۰ مارچ ۱۹۴۰ع تي، چهان چين جي نانڪنگ شهر ۾ پنهنجي هٿ هيٺ هڪ ڪٺ پتلي حڪومت برپا ڪري، وانگ چانگ وي نالي شخص کي ان جو سربراهه بنائي ويهاري ڇڏيو.

جرمني ۽ اٽلي ته ڪليو ڪلايو دنيا ۾ بيٺڪن جي هٿ ڪرڻ لاءِ هٿ پير هٽي رهيون هيون.

اتحادي ملڪ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي اڳي ئي ڪافي ڪجهه سٽيا ٺڪر ڀڙڪايو، پيٽ پريو، مزي سان اوڳراڻيون ڏيندا ٿي رهيا.

يورپ ۾ جنگ شروع ٿيڻ بعد اهڙوئي هڪ ڊاول ملڪ انگلنڊ جي وزيراعظم چيمبرلين جي نرم پاليسيءَ ڪان (جا ان ملڪ جي ڏوَ واري ڳهر ٿي چٽي ٿي سگهجي) بيزار ٿي، انگلنڊ جي ماڻهن حڪومت جي واڳ سر ونسٽن چرچل جي هٿ ۾ ڏني ، جنهن همت سان (پنهنجي " ملڪيت " جي بچاءُ ۾) جنگ لاءِ هر طرح جي تياري ڪئي.

جرمنيءَ جي ابتدائي تکڙين ڪاميابين ڪري، هٽلر جو دماغي توازن گهٽو ڪجهه وڌيڪ لڏي ويو، ۽ هو يورپ ۾ نندين نندين حڪومتن تي ويو زوريءَ قبضو ڪندو. سندس ملٽري قوت اهڙي مضبوط هئي، جو ٿوري وقت اندر هو ڊينمارڪ ۽ هالنڊ کي والاري ويو. مئي ۱۹۴۰ع تي لگزمبرگ تي قبضو ڪيائين. ڏهين جون ۱۹۴۰ع تي اٽليءَ به جرمنيءَ جي حمايت ۾ انگنڊ ۽ فرانس جي خلاف جنگ جو اعلان ڪري، ڏکڻ فرانس تي حملو ڪيو. جون ۱۹۴۰ع تي جرمنيءَ جو فرانس تي مڪمل قبضو ٿي ويو، ۽ فرانس جي پيتان (Marshal Petain) حڪومت پئرس کي ڇڏيل شهر قرار ڏياري، جرمنيءَ اڳيان پيش پيئي .

اُن مهيني ۾ جرمنيءَ، انگريزن ۽ فرانس جي گڏيل لشڪرن کي ڊنڪرڪ جي نزديڪ تمام وڏي شڪست ڏني، جنهن ۾ انگلنڊ جي ٻه لک پندرهن هزار فوج ۽ فرانس جي هڪ لک ويهه هزار فوج ميدان جنگ ۾ هارائي، مشڪل سان جان ڇڏائي سگهي. ان لڙائيءَ ۾ رڳو انگلنڊ جي نقصان ٽيل يا قيد ٽيل سولجرن جو ٻيهه هزار تعداد هو. اتان هو پنهنجو جنگ جو سامان ڪجهه بچائي نه سگهيا. سڀ جرمن جي هٿ چڙهي ويو. ان ڪانپوءِ ٿي فرانس، جنگ جي قوت نه ساري، جرمنيءَ جي پيش پيو، ۽ ان جي مارشل پيتان جي هٿ هيٺ قائم ٽيل نئين حڪومت سندن هڪ ماتحت حڪومت جي صورت ۾

ڪم ڪرڻ لڳي.

ان ڪانپوءِ جرمنيءَ انگلنڊ تي سخت بمباري ڪري انهن جي همت کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ اهي افواهه اڏڻ شروع ٿيا ته جرمني ڪنهن به وقت انگلنڊ تي حملو ڪري، ان کي الارينديو . ليڪن هن قوم جي همت ڪمزور ڪانه ٿي ۽ هي مضبوط ارادي سان جنگ هلائيندا رهيا. انگلنڊ جي وزيراعظم، چرچل، ان وقت انگريز قوم جي ترجماني ڪندي، جا معرڪي واري تقرير ڪئي هئي، سا پوءِ ضرب المثل ٿي پيئي چي، " اسين زمين تي لڙنداسون، هوا ۾ لڙنداسون، سمنڊ ۾ لڙنداسون- جيستائين انگلنڊ ۾ هڪ به ماڻهو زنده رهندو، هيٺي نه هوليندا سون ".

فرانس ۾ سڀ ماڻهو هڪجهڙا نه هئا. انهن مان جنرل ڊيگال جرمنيءَ جي تابعداري نه ڪئي . هن، ڪجهه پنهنجي دل جي ڏڍ تي ڪجهه انگريزن جي آسري تي، لنڊن ۾ جدا حڪومت قائم ڪئي ۽ فيصلو ڪيو ته فرانس طرفان جنگ هلائيندو رهندو. هن مارشل پيتان کي فرانس جو صحيح نمائندو نه سمجهي. انهيءَ سان تعلقات ٽوڙي ڇڏيا.

هوڏانهن، جنگ جي ميدان تي شي ڏکر ڪيل ڪاميابين ڪري، جرمنيءَ جو حوصلو وڌي ويو. جنهن انليءَ ۽ جهان سان سيپٽمبر ۱۹۴۰ع ۾ جنگي عهدنامو ڪري، وڌيڪ ملڪن تي قبضي ڪرڻ جو پروگرام رڦيو.

۲۸- آڪٽوبر ۱۹۴۰ع تي، انليءَ ۽ جرمنيءَ گڏجي يونان تي حملو ڪيو. يونانين ڪجهه وقت مقابلو ڪيو، پر هو مجبور ٿي، جرمنيءَ سان عهدنامو ڪري پيش پيا.۲۷ اپريل ۱۹۴۱ع تي، جرمن لشڪر يونان جي گادي اٿينس ۾ داخل ٿيو. ان تي انگريزن اتان به پنهنجو لشڪر واپس گهرائي ورتو، ۽ هو پنهنجو سڄو جنگي سامان اُتي به جيئن جو تيئن ڇڏي آيا.

ان وقت تقريباً سڄي وچ يورپ تي جرمن فوجن جو اقتدار قائم ٿي ويو هو. ملڪ گيريءَ جي هوس ۾ هنن قومي وعدن، اخلاقي اصولن ۽ انساني حقوق کي وساري، پاڙيسري ملڪن تي هڪٻئي شان قبضا ڪرڻ شروع ڪيا. پارسيءَ جي چوٽي آهي ته " هفت اقليم بيگرد بادشاهه، همچنان دريندہ اقليم دگر"

(جيڪڏهن بادشاهه ستن ملڪن تي قبضو ڪن ٿا ته به هين تي قبضي لاءِ خواهش رکن ٿا) . ان وانگر هنن جو حرص وڌندو ويو.

باوجود ان جي، هُنن پاڻ کي دنيا جي ٻن طاقتور حڪومتن . انگلنڊ ۽ رشيا، جي وچ ۾ گهيريل ڏٺو. جيڪي ملڪ ورتا هٽائون، سي ظاهر ۾ جيتوڻيڪ ڪمزور ۽ خاموش نظر آيا ٿي، پر کين خطرو هو ته حالتن بگڙڻ جي حالت ۾ اُهي ڪڏهن به بغاوت ڪري سندن سامهون ٿي سگهيا ٿي. تنهنڪري هنن کي فيصلو ڪرڻو هو ته مڪمل ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ انهن ٻن طاقتور ملڪن مان هڪ سان نهي، ٻئي کي ختم ڪن. ليڪن اڳين ٿي نه سگهڻ جي حالت ۾ جرمني ، پنهنجو رخ انگلنڊ ڪان بدلائي، يڪايڪ ۲۲ جون ۱۹۴۱ع تي رشيا تي حملو ڪيو. کين اميد هئي ته ان ڪري ممڪن هو ته انگلنڊ، اڳين پنهنجي نظرياتي ۽ بنيادي مخالفت تي سندن يلغار ڏسي، ٽڏو ٿي وڃي. پر سندس اها بدقسمتي هئي، جو ان ويتر جرمنيءَ کي پنهنجو وڌيڪ

خطرناڪ يا ترت دشمن سمجهي، اُن جي خلاف رشيا سان انگلنڊ وارن کي موقعو ملي ويو ته سمجهوتو ڪري ان سان محاذ قائم ڪن.

رشيا جو جنگي محاذ ٻه هزار ميل ڊگهو هو. سوويت يونين وٽ ٢٠ لک لشڪر ۽ ڪجهه باچٽو فوجون هيون.

جرمنيءَ جون فوجون سندس طرفدار اٽليءَ ، رومانيا، هنگري ۽ فنلنڊ جي فوجن سان گڏ ٻيهه لک جي تعداد کي پهچي ٿي ويون.

حملي ڪرڻ بعد ابتدا ۾ ته جرمن فوجون ويون فتحن پويان فتحون حاصل ڪنديون. پر رشيا کو ٿوري ايراضيءَ جو ملڪ نه هو، جو جلد فتح ٿي سگهي ها. سوويت يونين وارا، پنهنجي اهڙين حالتن هيٺ اختيار ڪيل پاليسيءَ موجب، پوئتي هٽندا ۽ ملڪ کي سازيندا ويران ڪندا ويا، جيئن دشمن، جي استعمال لاءِ اتي ڪابه شيءِ صحيح سلامت هٿ نه اچي، ۽ سڀ شيءِ خود پنهنجي ملڪ مان گهرائي پوين . ان ڪري هنن شهر، ڪيتيون، پُليون، ڪارخاناوغيره ، مطلب ته ڪابه شيءِ پويان دشمن جي هٿ ۾ اچڻ لاءِ سلامت نه ڇڏي جنهن ڪري حملہ آورن کي پنهنجي لشڪر جي ضروريات لاءِ سيڪڙهه هزارن ميلن تان پويان گهرائڻو ٿي پيو. ائين جيئن هو ويا اڳتي وڌندا، محاذ وين لمبو ٿيندو. هاڻ هنن جي هٿ ۾ ٿي ايترو وسيع ملڪ آيل هو، جنهن جي سنڀال لاءِ ٿي هنن کي ڪيترو لشڪر سيڙائڻو ٿي پيو.

ويتر پويان روسين جي گوريلا فوجن سندن رسل رسائل کي ڪافي نقصان ٿي پهچايو. تنهنڪري دور دراز پنڌ تي جنگ جي ميدان ۾ فوجون ۽ سامان پهچائڻ ۽ وچ ۾ ٿيندڙ گوريلا حملن کي منهن ڏيڻ هُن لاءِ مشڪل مسئلو بنجي پيو. باوجود ان جي، جرمن ٢ جولاءِ ١٩٤١ع تي لُٽويا جي گاديءَ تي قبضو ڪيو، ۽ ١٦ جولاءِ تي سمولينسڪ والاريائون.

انهن حالتن کي مُنهن ڏيڻ لاءِ رشيا ۽ انگلنڊ جولاءِ جي وچ ڌاري باهمي مدد جو عهدنامو ڪيو. ان پروگرام مطابق هنن جرمنن جي راهن بند ڪرڻ لاءِ آگسٽ ١٩٤١ع تي گڏجي ايران کي ورهائي، قبضي هيٺ آڻي ڇڏيو، ۽ اتي جي شهنشاهه رضا شاهه پهلويءَ کي ماريش ۾ جلاوطن ڪري، سندس پٽ کي پنهنجي ماتحت ڪري، گاديءَ تي ويهاريائون.

اُنهيءَ سال سيپٽمبر کان آڪٽوبر تائين جرمن فوجون، رشيا جا مکيه شهر ڪيو اوريل، اوڊيسيا، خارڪوف وغيره والاري، نيٽ انهن جي هڪ اهم علاقي ڪريميا ۾ داخل ٿيون. ان کان پوءِ هو جڏهن سوويت يونين جي گاديءَ جي هنڌ ماسڪو جي نزديڪ آيون ته روسين پنهنجو گاديءَ جو هنڌ منتقل ڪري، پري اندرئين علاقي ۾، ڪوئبشو نالي شهر ۾ وڃي قائم ڪيو. پٺيان هنن ماسڪو جي بچاءُ لاءِ، آخري جان جي بازيءَ تائين وڙهڻ جو بندوبست پڪ قائم ڪيو.

جرمنن ١٥ نومبر ١٩٤١ع ڌاري سيواسپول تي گهيرو ڪيو، ۽ ١٦ نومبر تي ماسڪو جي بنهه دروازي واري شهر ڪرچ تي قبضو ڪيو.

هتي تصوير جو ٻيو رُخ ڏيکارڻ لاءِ هي ضروري ٿو سمجهان ته دنيا جي ٻئي طرف ڇا وهيو واپريو، ان جو ذڪر ڪريان.

آمريڪا ۾ ۵نومبر ۱۹۴۰ع تي مسٽر روزويلٽ آمريڪا جو ٽيون پيرو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو. هو انگلنڊ ۽ فرانس جو پختو سڄڻ ۽ دوست هو. جرمنيءَ خلاف جنگ ۾ هنن جي مدد ڪرڻ کي هُن پنهنجي ملڪ جي فائدي لاءِ لازمي ٿي سمجهيو.

آمريڪا جي خارجہ پاليسي اڪثر آمريڪا کنڊ جي معاملن تائين محدود پئي رهندي آئي هئي. ليڪن روزويلٽ ان کي نئون رخ ڏئي ۱۹۴۱ع ۾ پنهنجي ملڪي ڪانگريس کان ليس(اوڏر ۽ استعمال) جو بل پاس ڪرائي اتحادين کي پيسي ۽ سامان جي مدد ڏيڻ شروع ڪئي. ساڳئي سال جي ۱۴ آگسٽ تي پريزيڊنٽ روزويلٽ ۽ انگلنڊ جي وزيراعظم سرونسٽن چرچل پاڻ ۾ گڏجي، هڪ گڏيل بيان ڪيو، جنهن ۾ جنگ جا فلاحي مقصد ظاهر ڪيائون، جن کي پوءِ " اٽلانٽڪ چارٽر " جي نالي سان سڏيو ويو.

انهيءَ چارٽر جا ٻڌيه جزا هيٺيان هئا.

۱- اتحادين کي ڪنهن بہ نئين ملڪ تي قبضي ۽ اڳرائي ڪرڻ جو خيال ڪونہ هو.

۲- ڪنهن بہ ملڪ جي حدن ۾ ڦير گهير ڪرڻ لاءِ اتي جي رهاڪن جي رضامندي ضروري هئي.

۳- پنهنجي حڪومت پاڻ ٺاهڻ لاءِ هر ڪنهن ملڪ جي ماڻهن جي حق خودارادي‌ءَ کي تسليم ڪيو وڃي ٿو.

۴- جن قومن جي آزادي سلب ڪئي وئي هئي، تن کي خودارادي ۽ خودمختياري جي بنياد تي آزادي ڏيارڻ سندس جنگي مقصدن مان هڪ هو.

۵- سڀني ملڪن جا اقتصادي ميدان ۽ واپار ۾ هڪجهڙا حق تسليم ڪندي، ڪچي مال جي حصول لاءِ سڀني لاءِ ضرورت مطابق سهولتون مهياڪيون ويندیون.

۶- بين الاقوامي دوستانا تعلقات وڌائڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ويندي .

۷- مزدورن جي روز وڌائڻ ۽ سندن روزگار جي ضمانت مهيا ڪرڻ جو انتظام ڪيو ويندو.

۸- ماڻهن کي خوف ۽ غربت جي آزارن کان آزادي ڏيارڻ لاءِ جدوجهد ڪئي ويندي.

۹-سمنڊن جي مسافريءَ جي آزادي قائم ڪئي ويندي.

۱۰- تشدد جي پاليسيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ اڳرائي ڪندڙ قومن کي بي هٿيار بنايو ويندو.

يورپي قومن جا اڪثر اعلان صرف خود سائن واسطي رکندڙ يورپي بلشندن لاءِ هوندا هئا. جيئن پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کانپوءِ اتحادين، آزادي رڳو يورپ جي ننڍين قومن کي ڏياري هئي، ۽ خود سندن غلام مشرقي قومن کي ان جو مستحق نہ سمجهيو هو. انهيءَ ڪري هن نئين اعلان کانپوءِ جڏهن هندوستان جي رهاڪن گهر ڪئي تہ کين چارٽر جي فقري ۳ مطابق پنهنجي حڪومت ٺاهڻ جو موقعو ڏنو وڃي، تہ برطانيہ جي وزيراعظم ، مسٽر ونسٽن چرچل، صاف چئي ڏنو تہ " اعلان جو واسطو هندستان يا ٻين برطانوي ٻيلڪن سان ڪونہ هو. هو برٽش شهنشاهيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ وزيراعظم

ڪونہ ٻنيو هو."

ان مان گهڻن ماڻهن کي پتو پڄي ويو تہ ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن ٻڌڻ اتحادين جي روپي ۾ ڪا بہ تبديلي ڪانہ آيل هئي.

٦- آگسٽ ١٩٤٠ع تي اٽليءَ وارن برٽش سومالي لئنڊ تي حملو ڪري، ١٩ آگسٽ ڏاري ساري ملڪ تي قبضو ڪري ورتو.

١٥- سيپٽمبر ١٩٤٠ع تي اٽليءَ جي لشڪر پنهنجي مقبوضہ ملڪ ليبيا مان مصر تي حملو ڪيو. ڪافي عرصو جنگ هلندي رهي. ڪڏهن محوري طاقتن ملڪ تي والاريو ۽ ڪڏهن اتحادين تي اُن تي قبضو ڪيو. جرمن فوج جو ڪمانڊر، جنرل روميل، انهيءَ محاذ جي چارج ۾ هو.

مشرق بعيد ٻڌڻ اڳي لکي چڪو آهيان تہ جپان ١٩٣٧ع کان وڌي، باقاعدي جنگ اعلان ڪرڻ کان سواءَ، چين تي حملہ آور ٿي، اُن جي ايراضين تي، قبضو ڪرڻ شروع ڪيو. ٢٨- جولاءِ ١٩٣٧ع تي پيڪنگ تي قبضو ڪيائون. ٢٩- جولاءِ تي ٽينشن کي والاريائون. اتر چين ۾ مدافعت کان سواءَ ويا ملڪ والارينداِ. ٨ نومبر ١٩٣٧ع تي شانگهائي ورتائون، ۽ ٢٠ نومبر تي سوچو شهر تي قبضو ڪيائون.

٦- آڪٽوبر ١٩٣٧ع تي ليگ آف نيشن ڏهراءُ پاس ڪري جپان کي اُن جارحيت تي نديو. ان جي پرواہ نہ ڪري، جپان ويو چين والارينڈو. ١٣ ڊسمبر ١٩٣٧ع تي نانڪنگ والاريائون. ٢٤ ڊسمبر تي هنچائو ورتائون. ٢٨ مارچ ١٩٣٨ع تي جهانين نانڪنگ ۾ پنهنجي طرفدار حڪومت ڪڙي ڪئي. ٢١ آڪٽوبر ١٩٣٨ع تي ڪينٽن تي قبضو ڪيائون. ٢٥- آڪٽوبر ١٩٣٨ع تي هئنڪو ورتائون. اٽين ١٩٣٩ع جو سارو سال چين سان جنگ ڪندا آيا. چين جي قومي حڪومت مجبور ٿي، دور دراز پنڌ تي وڃي، چنگ ڪنگ جي شهر ۾ پنهنجي گادي قائم ڪئي.

٧- ڊسمبر ١٩٤١ع تي، جپان، پٽسفڪ وڏي سمنڊ ۾ آمريڪا جي بحري بندر پرل هاربر، هوائي ٻيٽن، فلپائن ۽ هانگ ڪانگ تي اوچتو هوائي حملا ڪيا. اُنهن حملن ۾ آمريڪا جا ٥ جنگي جهاز، ٽي ڪروزر، ۽ ١٧٧ هوائي جهاز تباہ ٿيا، ۽ ۴ هزار ماڻهو مٿا يا ڦٽيا.

ان کان پوءِ ٻئي ڏينهن ٨ ڊسمبر ١٩٤١ع تي آمريڪا جپان سان جنگ جو اعلان ڪيو. سگهوئي ٢٠ ڊسمبر ١٩٤١ع تي انگريزن بہ جپانين سان جنگ جو اعلان ڪيو.

ان کري ١١ ڊسمبر تي جرمنيءَ ۽ اٽليءَ بہ آمريڪا سان جنگ جو اعلان ڪيو. ٢٥ ڊسمبر تي انگريزي لشڪر هانگ ڪانگ ۾ جپانين آڏو جي پيش پيو ۽ ان تي جپانين جو قبضو ٿيو. جپاني آفڙيءَ تيزيءَ سان ملڪن تي قبضو ڪندا ويا. جو ٢- جنوري ١٩٤١ع تي فلپائن ٻيٽن جي گادي منيلا بہ هٿ ڪري ويا. ٧ مارچ ١٩٤٢ع تي انگريزن رنگون خالي ڪيو ۽ جپانين برما کي والارن شروع ڪيو، ۽ اٽين تڪڙا تڪڙا هو هندستان کي ويجهو پوندا آيا. تان جو ڪلڪتي تي هوائي بمباري ڪيائون.

ان وقت ڏاري هر محاذ تي جنگ خطرناڪ صورت اختيار ڪري ويئي هئي. اُن وقت فرانس، انگلينڊ، آمريڪا ۽ روس هڪ طرف هئا، تہ جرمني، اٽلي، جپان ۽ سندس ماتحت ملڪ ٻئي طرف هئا- سندن ڏر کي ڏڻي "محوري ڏر" سڏيو ٿي ويو.

آمريڪا کي گهڻو سامان، پيسو ۽ لشکر هو. سندس فوجون تازه دم هيون. آهستي آهستي جنگ جو رخ بدلجڻ لڳو. جرمنيءَ روس تي حملو ڪري، پاڻ کي وڌيءَ مشڪلات ۾ ڦاسائي ڇڏيو هو. ان کان سواءِ اتر آفريڪا ۾ به پنهنجون فوجون موڪليون هٿائين. سندس ساٿين مان انليءَ جا سولجر ڪمزور هٿا. ڇه سال لاڳيتي جنگ ڪرڻ کانپوءِ، خود جرمن سپاهي به ٽڪجي پيا هٿا.

جنوري ۱۹۴۴ع تي طهران ۾ پريزيڊنٽ روز ويلٽ، سر ونسٽن چرچل ۽ مارشل اسٽالن گڏ ٿي، جنگ کي ڪاميابيءَ سان منهن ڏيڻ لاءِ صلاح مصلحت ڪئي.

روس وٽ لشکر جام هو. ڪين اتحادين طرفان سامان جنگ ۽ ٻي مدد ملي رهي هئي. هنن جا حوصلا بلند هٿا، ۽ هو دشمن سان سخت مقابلو ڪري رهيا هٿا.

بدڪي محاذ هٽ ڪري به، جرمني ۽ اُن جا ساٿي سڄي محاذ تي هڪ وقت حملي لاءِ پورو انتظام ڪري نه ٿي سگهيا. ان جو فائدو وٺي، اتحادين انليءَ، يونان، فرانس ۽ اتر آفريڪا ۾ ٻهر زوردار حملا شروع ڪيا. ٻنهي طرفن کان تازه دم فوجن جو جرمن ۽ انليءَ جون ٽڪل فوجون مقابلو ڪري نه سگهيون. لاچار هنن محاذ کي هٽائي، طاقت کي سميٽڻ شروع ڪيو. نيٽ سيپٽمبر ۱۹۴۴ع ۾، انگريزي لشکر، يورپ ۾ داخل ٿي، بيلجم جو ملڪ جرمن تسلط کان آزاد ڪرايو.

جنگ هاڻ اهڙو ڦيرو کائڻ شروع ڪيو، جو اتر آفريڪا ۾ محوري فوجن کي شڪستون ڏيڻ لڳيون. انليءَ ڪمزور ٿي پيئي، جنهنڪري اها ڏڪ جهلي نه سگهي، ۽ اتحادي لشکر ان تي ۲۸- اپريل ۱۹۴۵ع تي قبضو ڪري مسوليني کي گرفتار ڪري، ڦاسي ڏيئي ڇڏي.

هوڏانهن سوويت يونين وارن پنهنجي ملڪ اندر سڄي محاذ تي وڌڻ شروع ڪيو، ۽ آهستي آهستي، پهرين مئي ۱۹۴۵ع تي، اتحادين ۽ روس وارن جرمنيءَ جي گاديءَ برلن تي قبضو ڪري ورتو، ۽ هٽلر اُن حملي ۾ مارجي ويو.

۷- مئي ۱۹۴۵ع تي جرمنيءَ ۾ نئين عارضي حڪومت نهي، جا اتحادين جي پيش پيئي. هاڻ اتحادي، يورپ کان واندا ٿي، جهان سان منهن ڏيڻ لاءِ تيار ٿيا. فرانس، آمريڪا ۽ انگلينڊ جي گڏيل ڪوشش ڪري، آهستي آهستي، جهان کي به شڪستون اچڻ شروع ٿيون، ۽ اتحادي هنن کان کٽيل ملڪ واپس وٺڻ لڳا. پر جپاني اڃا ڪجه عرصو وڙيڪ جنگ چالو رکيو آيا.

ان وچ ۾ آمريڪا، جيڪا هڪ نئون هٿيار، ائٽم بم تيار ڪري ويٺي هئي، تنهن جپاني طاقت کي ختم ڪرڻ لاءِ اُنهن جي مُکيه شهر هيروشيما تي ٦- آگسٽ ۱۹۴۵ع تي ائٽم بم اڇلايو، جنهن ڪري اُهو شهر سڄو تباهه ٿي ويو، اُن هڪ ٿي بم پنجاهه هزار ماڻهو ماري ڇڏيا. اُنهيءَ حالت کي ڏسي، جپان ۱۰- آگسٽ ۱۹۴۵ع تي پيش پيئي، اتحادين جا جملي شرط قبول ڪيا.

۲۸ آگسٽ تي آمريڪي لشکر وڌي، جپان والاريو. اهڙيءَ طرح هيءَ ٻي مهاڀاري لڙائي به، اڃينءَ پهرينءَ مهاڀاري لڙائيءَ وانگر، اتحادين جي فائدي ۾ پوري ٿي.

جنگ جي تباهه ڪن نقصانن کان دنيا آگاهه ٿي چڪي هئي. آئيندي جنگين کي

ٽارٽ لاءِ ليگ آف نيشنس جي عيوضي ۵۰ ملڪن جي نمائندن، ۲۵ اپريل ۱۹۴۵ع کان ۲۶ جون ۱۹۴۵ع تي، آمريڪا جي سٽن فرانسسڪو شهر ۾ گڏ ٿي، صلاح مصلحت ڪرڻ بعد، اقوام متحده جي جماعت (U.N.O) ٺاهي، جنهن جا هيٺيان چار ادارا ٺاهيائون.

۱- جنرل اسيمبلي،
۲- سيڪورٽي ڪائونسل (سلامتي ڪائونسل)،
۳- ايڪانامڪ ۽ سوشل ڪائونسل، ۽
۴- بين الاقوامي انصاف لاءِ ڪورٽ.

يو اين او جي انتظام هلائڻ لاءِ خاص سيڪريٽريٽ ٺاهي ويئي، ۽ ان جو ڪاروبار سيڪريٽري جنرل جي حوالي ڪيو ويو.

۱۷ جولاءِ کان ۲ آگسٽ ۱۹۴۷ع تائين رومانيا جي شهر پوٽسيدم ۾ ٽرومن، اسٽالن ۽ اٽلي گڏ ٿيا ۽ شڪست کاڌل ملڪن کي صلح لاءِ هيٺيان شرط آڇيائون.

جرمنيءَ لاءِ

۱- هٿن کان هٿيار کسيا ويندا، ۽ سندن لشڪر ختم ڪيو ويندو.
۲- نازي (نيشنل سوشلسٽ) ادارن کي ختم ڪيو ويندو.
۳- جنگ جي ڏوهاري مڪمل شخصن تي ڪيس هلائي، انهن کي سزائون ڏنيون ويندیون.
۴- جرمنيءَ ۾ جمهوري طرز تي حڪومت قائم ڪئي ويندي، ۽ اُن ۾ جمهوري بنيادن تي پارٽين ٺاهڻ جي اجازت ڏني ويندي.
۵- ملٽري ضروريات کي نظر ۾ رکي، جرمنيءَ ۾ تقرير، تحرير، پريس ۽ مذهب جي آزادي ڏياري ويندي.
۶- جرمنيءَ کي جنگي سامان، جهڙوڪ هٿيار، بارود، مشنري وغيره، بنائڻ جي منع هوندي.
۷- جرمنيءَ جي سيني سياسي ادارن کي ڊيسنٽرلائيز، يعني مرڪزي ضابطي ۽ انتظام کان الڳ ڪيو ويندو.
۸- جرمنيءَ کي فقط زراعت ۾ رواجي ڪارخانن هلائڻ جي اجازت هوندي.
۹- جرمنيءَ جي آمدنيءَ، روانگيءَ ۽ سائنسي ايجادن تي اتحادين جو ضابطو هوندو.

وڌيڪ اهو ته فيصلو ٿيو ته جرمنيءَ کان جنگ جو ڏنڊ سندس پڇنديءَ آهر ورتو ويندو.

جپان لاءِ

۱- جپان آمريڪا جي قبضي ۾ رهندو- جيتوڻيڪ سندن اندروني حڪومت جو ڪاروبار سندن شهنشاهه، سول ۽ پوليس آفيسرن جي هٿ ۾ رهندو.
۲- سندن ملٽري ادارا ۽ هاءِ ڪمانڊ ختم ڪيا ويندا.

۳- جپان جا فتح ڪيل سڀ ملڪ اتحادين جي مرضيءَ مطابق موٽايا ويندا.
۴- ڪوريا جو ملڪ آمريڪا ۽ روس جي وچ ۾ اڌو اڌ ورهايو ويندو.
۵- آئوٽر منگوليا کي روس جو حصو ڪري شمار ڪيو ويندو.
۶- اندروني منگوليا، فارموسا ۽ هينان چين جي ماتحت ڏنا ويندا.
۷- هانگ ڪانگ موٽي انگريزن جي حوالي ٿيندو.

اهڙيءَ طرح هن صديءَ جي ٻي مهاڀاري لڙائي ختم ٿي، جنهن جهڙو اڪيچار انساني ڏيان، شهرن، ڪارخانن ۽ فصلن وغيره جي تباهي، بي انتها پيسي جو نقصان، انسانن جي وچ ۾ باهمي نفرت جي اظهار ۽ عمل جو ٻيو مثال ملڻ مشڪل ٿيندو.

پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ چار وڏيون شهنشاهيون ختم ٿيون هيون. روس ۾ زار جي شهنشاهي، ترڪيءَ جي مسلمانن جي شهنشاهي، آسٽريا ۽ هنگريءَ جي هئبسرگ شهنشاهي ۽ جرمنيءَ جي قيصر شهنشاهي، ۽ انهن جي شهنشاهين جي تقريباً سڀني محڪوم نندين قومن کي آزادي ملي هئي.

ٻيءَ مهاڀاري جنگ جي نتيجي ۾ دنيا جي باقي رهيل اڪثر وڏن سامراجي حڪومتن جي طاقت گهٽجي ويئي. آخر ۾ صرف ٻه وڏا بلاڪ وجي رهيا، هڪ مغربي حڪومتن جو بلاڪ آمريڪا جي ليڈر شپ هيٺ، جو جمهوري ۽ سرمائيداري گروهه جي نالي سان سڏجڻ ۾ آيو، ۽ ٻيو مشرقي يورپ جي ڪميونسٽ ۽ سوشلسٽ بلاڪ جي نالي سان مشهور ٿيو.

اڳينءَ لڙائيءَ کان هن لڙائيءَ ۾ جدا دستور ۽ طريقا اختيار ڪيا ويا، جي هيٺين طرح جا هئا.

۱- هميشه وانگر اڳينءَ جنگ ۾ مختلف ملڪن جا لشڪر لڙي، هڪٻين تي فتح حاصل ڪندا هئا. عام پبلڪ کي جاني واڻي نقصان ڪونه پهچايو ويندو هو. پر هن لڙائيءَ ۾ نئون دستور اهو پيو ته جنگي سپاهين ۽ شهري ماڻهن کي نقصان پهچائڻ ۾ تفاوت نٿي رکيو ويو، جن ۾ پوڙها، عورتون ۽ ٻار عام صلح پسند شهري اچي ٿي ويا، جي هينئر قومون لڙن ٿيون، تنهنڪري انهن جي همت ۽ حوصلي (Morale) ڪمزور ڪرڻ لاءِ، انهن تي بمباري ڪرڻي هئي ۽ انهن کي سزا ڏيڻي هئي.

۲- اڳي، جنگ پوري ٿيڻ تي، جنگي قيدين کي ڇڏيو ويندو هو، ۽ ملڪري عملدارن جي عزت برقرار رکي ويندي هئي. هن پيري هارايل قومن جي جنگي سربراهن تي ڪيس هلائي، کين قلسين ڏيڻ جو رواج وڌو ويو. اڳي جنگ، ڪنهن خير صلاحي مقابلي وانگر، قاعدن ۽ قانونن مطابق وڙهي ويندي هئي؛ پر هاڻ اها انتقامي جذبي سان ۽ سيٽي ليڪا لتاڙي لڙي ٿي ويئي.

۳- هن پيري، جنگ جي وقت، لڙائيءَ سان گڏ هڪٻين جي خلاف پروپيگنڊا جي جنگ بہ چالو رکي ويئي. جنهن ۾ مخالفن کي بدنام ڪرڻ لاءِ ڪوڙ سچ، ڏوهه ثواب، گلا ۽ ساراه جي اخلاقي معيارن جو ڪو بہ لحاظ نہ رکيو ويو، ۽ هر ڏر رڳو پاڻ کي حق بجانب ڇوائڻ ۽ اعليٰ اصولن جي هڪ ٻيءَ جي دعويداريءَ ۾ ڪا ڪثر نہ ڇڏي.

اتحادين پاڻ ۾ گڏجي انٽلانٽڪ چارٽر جي نالي ۾ جنگ جا مقصد بيان ڪيا، جن

ڇ هنن ننڍين ملڪن جي حق خود ارادي، جمهوريت، مفتوح ملڪن کي وري آزاد ڪرائڻ، ملڪن جي وچ ۾ اقتصادي انصاف، عوام کي خوف ۽ غربت جي تڪليفن کان نجات ڏيارڻ، ۽ عدم تشدد ذريعي باهمي معاملن کي فيصل ڪرڻ وغيره جا نعرا هنيا.

ٻئي طرف محوري طاقتن طرفان پنهنجي فائدي ۾ پروپيگنڊا هيٺين بنيادن تي ڪئي ٿي ويئي:

چي، اتحادي وڏا سامراجي ملڪ هٿا، جي جمهوريت جي نالي ۾ پنهنجي پيل ملڪن مٿان سندن تسلط قائم رکڻ جا حامي هٿا، ۽ اُنهيءَ لاءِ ٿي هُنن جرمنيءَ، اٽليءَ ۽ جپان جهڙن صلاحيت وارن ملڪن (قومن) کي طاقت ۽ برتريءَ کان محروم رکڻ ٿي گهريو.

چي، اُن سرمائيداري سامراج جا مکيه ليڊر انگلينڊ ۽ آمريڪا هٿا، جن جي سموري ڏهني اڳواڻيءَ لاءِ يهودي جوابدار هٿا، جيڪي سامي نسل جا هٿا ۽ اٿين هُنن آريا قوم جي بنيادي فوقيت کي، پنهنجي ڏهن ۽ پيسي جي برتريءَ جي آڏار تي، ختم ڪرڻ ٿي گهريو.

چي، قومن جو نسل، وطن، ڪلچر، زبان ۽ اقتصادي مفاد جي بنيادن تي نهڻ فطري ۽ تاريخي حقيقت هٿي. تنهنڪري انهن بنيادن تي نهيل قومون صالح ۽ سالم هيون. اُن جي برخلاف يهوديت مذهب، جي نالي ۾ انهن فطري، نسلي ۽ تاريخي بنيادن تي نهيل قومن کي ڪمزور ڪري، سرمائيداري سامراج جي اثر هيٺ آڻڻ جي طرفدار هٿي. انهيءَ ڪري دنيا جي سمورين خراب ۽ مسئلن پويان، يهودين جو ڏهن ۽ سندن مذهبيت جا نظريا ڪارفرما هٿا، ڇو ته هو ڏهني ۽ مذهبي فوقيتن جا حامي هٿا، جيڪي فوقيتون ملڪي قوميتن ۽ وطني آزادين جون دشمن هيون.

چي، انگلينڊ ۽ آمريڪا ۾ سرمائيداريءَ ۽ جمهوريت جي نالي ۾ پيسي وارن جو راڄ يهودي دماغ جي ايجاد هو. ساڳيءَ طرح ڪميونزم به، جيڪو پڻ نٽشنلزم جو دشمن هو، اهو به اُنهن ساڳين يهودين جي هڪ چال ۽ حرڪت هٿي. هر بين الاقوامي تحريڪ، پوءِ اها ڪميونزم جي نالي ۾ هجي يا مذهب جي نالي ۾ هجي، اُها ڏهني سامراجيت هٿي، اُنهيءَ طرح سان هوشيار ۽ چالاڪ مائهو سالم ۽ صحت مند مائهن ۽ قومن کي پنهنجي انڪل جي ڄار ۾ ڦاسائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. ۽ ڇاڪاڻ ته ڪميونزم ۽ مذهبيت ٻيئي يهودين جي ايجاد هٿا، جي ٻيئي نظريا نٽشنلزم جا دشمن هٿا، تنهنڪري يهودين کي ختم ڪرڻ ۾ ٿي قوم پرستيءَ جي نجات هٿي.

چي، انگلينڊ، آمريڪا ۽ رشيا ٽنهي جي سياست ۽ اقتصادي متن پويان هڪ ٿي ساڳيو يهودين جو دماغ ڪار فرما هو.

هنن جو چوڻ هو ته عوام جي حالت درست ڪرڻ لاءِ سوشلزم ضروري هو، پر اُن لاءِ شخصي ملڪيت کي ختم ڪرڻ بدران ملڪيتن تي قومي حڪومت جو ضابطو رکڻ ڪافي هو.

مطلب ته اٿين ٻيءَ مهاڀاريءَ جنگ جي زماني ۾، وڏيون طاقتور حڪومتون هڪ طرف، اتحادي بنجي، جمهوريت ۽ ننڍين قومن جي آزاديءَ جا نعرا هڻي رهيون هيون، ته ٻي طرف محوري طاقتون بين الاقوامي سرمائيداريءَ ۽ اُن جي ڏهني ۽ مذهبي برتريءَ جي خلاف، دنيا مان سامراجي قومن جي بيخ ڪني ڪرڻ ۽ صحيح نٽشنل

سوشلزم جي بنياد تي دنيا جي نئين سر تعمير ڪرڻ جا آواز بلند ڪري رهيون هيون.

هيڏانهن ايشيا ۾ جپان وري مشرقي قومن کي مغربي طاقتن کان آزادي ڏيارڻ جو جهنڊو کڻي، همسايه ملڪن کي زوريءَ پنهنجي قبضي ۾ پڻي آندو.

پر ٻنهي درين جي قول ۽ فعل ۾ وڏو تفاوت هو.

"واعظ کين جلوه بر محراب و منبر مي کنند،
چون بـ خلوت مي روند آن کارديگر مي کنند."

(واعظ ڪرڻ وارا محراب ۽ مُنبرر تي ٻهي جيڪي ظاهر ڪن ٿا، سي جڏهن گهرن ۾ وڃن ٿا تہ هلت ان جي اُبتڙ ڪن ٿا.)

هنن عالمي طاقتن، باوجود نظرياتي اختلافن جي، مخالفن سان عهدناما کيا ٿي، ۽ ڪڏهن اهي ٽوڙي، نيون دوستيون ڳنڍيون ٿي. انهن مان هر هڪ طاقت، ڌار ڌار انهيءَ عرصي ۾ اُهي اُهي ڪارناما کيا، جو منجهائن کا بـ ماڻهپي ۽ انساني تهذيب جي ليکي ۾ ڇڻ رهي ٿي ڪانہ هئي.

جرمنيءَ سوويٽ يونين جي خلاف انّليءَ ۽ جپان سان جنگي معاهدا کيا هئا. ليکن پولنڊ ورهائڻ وقت جرمنيءَ ۽ سوويٽ يونين ٻنهي پنهنجي باهمي عداوت جي کا بـ پرواه ڪانہ ڪئي.

انگلنڊ ليگ آف نيشنس کان هڪ طرف انّليءَ خلاف نندا ۽ پابندين جا نهراءَ پاس ڪرايا، پر سگهو ٿي جڏهن انّليءَ حبش تي ناحق زوريءَ قبضو ڪري ورتو، تڏهن ساڻئي انگلنڊ پنهنجي قومن مفاد خاطر اُن کي چپ چاپ تسليم ڪري ورتو.

آمريڪا ڪميونزم جي بنيادي اصولن خلاف هٽي جي باوجود سوويٽ يونين مان محوري طاقتن خلاف اتحاد ڪيو.ڪين خبر هئي تہ اهو اتحاد بنيادي اصولن جي خلاف، منافقانہ ۽ عارضي هو. ليکن هڪ طاقتور دشمن کي ختم ڪرڻ لاءِ سندن ڪميونزم دشمني بـ سندن آڏو ڪانہ آئي.

ڇڙن بين الاقوامي نفرت جي پرچارن، فسطائي رجحانن ۽ وعدي خلافين جو اثر اڃتي هلي، دنيا جي مختلف حصن ۾ ڪهڙيءَ طرح نمودار ٿيو، ان جو مکيہ مثال پاڪستان ۽ هندستان جي ڪارگذارين مان پُٺجي سگهندو.

هندن ۽ مسلمانن جي باهمي نفرت ۽ خونريزي وغيره انهيءَ اثر جا نتيجا هئا.

جنگيون ملڪن ۾ ماڻهن لاءِ وڏيون مصيبتون آهن. جهڙيءَ طرح بعضي وچڙندڙ بيماريون اوچتو ملڪن ۾ هزارها گهر برباد ڪن ٿيون، ساڳي حالت جنگين جي آهي. بلڪ ان کان بـ وڌيڪ. بيمارين لاءِ خراب هوائون، جيوڙن جي پيدائش ۽ نلسازگار عنصري اثر ڪارڻ ٿين ٿا. جنگين جي لاءِ ماڻهن جي ذهني ۽ روحاني ناپختگي، قومن جون خود مطلبيون، تشدد جي پاليسي، رواداريءَ جي عدم موجودگي ۽ نفرت جي پروپيگنڊا، مکيہ سبب ٿين ٿا.

ٻن مهاڀاري لڙاين ڪري، انسان ذات کي تمام گهٽو ڇهو پهتو.

ان مان (ان سڌيءَ طرح ۽ اُن جي مخالف سطح ۾) ڪي فائدا بـ ٿيا.

پهرينءَ جنگ مان هڪ تہ ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن ۾، قوم پرستيءَ جي بنياد

تي، آزاديءَ جي حاصل ڪرڻ لاءِ بيداري پيدا ٿي، اُن لاءِ منجهن جدوجهد جو جذبو جاڳيو ۽ هلچل شروع ٿي، ۽ پيو ته قومن ۾، ليگ آف نيشنس ناهي، اُنهيءَ ڏريعي هڪڙي جي وچ ۾ باهمي گفتگوءَ ڏريعي فيصلن ڪرڻ جا اصول قبوليا ويا.

ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ مغربي قومن جي دماغ مان فرعونيت جهڪي ٿي، جن ٿوري ڏهاڙ تي، چپ چاپ، گهٽن ايشيائي ۽ آفريڪا جي ملڪن کي آزاد ڪيو ۽ پيو ته ليگ آف نيشنس جي جاءِ تي وڌيڪ ڪمائتي ۽ اثر واري متحده قومن جي جماعت ٺهي، ۽ قومن جي باهمي اختلافن جا فيصلا وڌيڪ آسان ۽ پائدار صورتن ۾ فيصل ٿيڻ لڳا.

پر امن عالم جو قيام بهرحال ايا پري پيو ڏسجي.

سرد جنگيون هر طرف هلي رهيون آهن.

سامراج ۽ ڪميونزم جي وچ ۾ سرد جنگ، سامراجي ملڪن جا باهمي نندا اختلاف، ۽ ڪميونسٽ ملڪن ۾ رشيا ۽ چين جا نظرياتي اختلاف، هندستان ۽ پاڪستان، عرب ۽ يهودين جون مخالفتون، ۽ دنيا ۾ اڃا ٻين ملڪن جي وچ ۾ فرق ۽ جهيڙا، مغربي سامراج جي زير اثر ملڪن ۾ سرمائيداريءَ ۽ سماج واد جي وچ ۾ ٽڪر ۽ اُن جي نتيجي ۾ برسر اقتدار سامراجي همنوا حڪومتن هٿان عوام جا عام ڪوس، جيئن انڊونيشيا، چليءَ ۽ ٻين هنڌن تي ٿيو، ۽ خاص طرح آفريڪا ۾ نسلي تشدد ۽ ظلم جون دل ڏارينڌڙ ڪارروايون ايا هلنديون اچن ٿيون.

انهن سڀني خلاف انسانيت حرڪتن ۽ انسان دشمن عمل جو مڪمل ڪارڻ انسانن جي دماغي ناپختگي آهي. قومي خود مطلبي، تشدد ڏريعي مقصدن کي حاصل ڪرڻ، ۽ نفرت جو وجود انهيءَ دماغي ناپختگيءَ جي پيداوار آهن. انسانَ ايا عمل ۽ رد عمل جي چڪر ۾ ڦاٿو پيو آهي. انسان کي محبت، رواداري، باهمي ڏي وٺ ۽ سڀ جي فائدي لاءِ پنهنجي فائدي جي قربانيءَ جي تعليم ۽ تربيت مان گهٽو ڪجهه پرائٿو آهي.

۲۰ مارچ، ۱۹۷۴

سائين جي-ايم-سيد جون تحريرون
(پاڳو پهريون)

④

مسلم سربراه ڪانفرنس جو تجزيو

- پيش لفظ
- مقاصد ۽ مرادون.
- مسلم ملڪن جو اتحاد ۽ ترقي.
- مسلم حڪومتن جو بلاڪ ٺاهڻ.
- مسلم ملڪن جي حفاظت.
- اسلامي اصولن جي تبليغ ۽ فروغ.

[۱۹۷۵ع]

پيش لفظ

ٻہ سال اڳي جڏهن رياض ۾ مسلمانن ملڪن جي ڪانفرنس سڏائي ويئي هئي، تڏهن ڪهڙن مسلمانن توڙي ٻين ماڻهن، عام طرح اُن طرف توجهہ نہ ڏنو هو. ڪيترن ئي ان کي آمريڪي اشاري تي غيرجانبدار ملڪن جي بلاڪ جي وقعت گهٽائڻ ۽ عرب ملڪن ۾ نفاق پيدا ڪرڻ لاءِ سڏايل ڪانفرنس سمجهي ، ان کي اهميت نہ ڏني هئي.

تازو ۲۲- ۲۳-فيبروري ۱۹۷۴ع تي پاڪستان ۾جا ٻي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي، ۽ ان ۾ ۳۸ مسلمانن ملڪن جي سربراهن حصو ورتو تہ ان کي ڪافي شهرت نصيب ٿي. ان ڪانفرنس بابت دنيا جي مختلف ملڪن ۾ عام طرح ۽ پاڪستان ۾ خاص طرح جدا جدا قسم جا رايا ظاهر ڪيا ويا، جن مان ڪي هيٺيان هئا.

(۱) ڪن ان کي پاڪستاني حڪومت جي، تازي بنگلہ ديش قائم ٿيڻ ۽ پارت سان جنگ ۾ شڪست ملڻ ڪري جا وقعت گهٽجي ويئي هئي، ان کي درست ڪرڻ لاءِ ٻڌي صاحب جي چالبازي شمار ڪيو ٿي.

(۲) عرب ملڪ سندن اتحاد جي بعد ٻہ اسرائيل جهڙي نندي ملڪ کان سندن وڃايل ملڪ جا حصا موٽائي نہ سگهيا هئا. ان ڪري جڏهين هنن مسلمان ملڪن جي ڪانفرنس کي سندن همدردي۽ ۾ آوازڪڙي ڪرڻ جي مقصد سان گڏ ٿيندي ڏٺو تہ ان ۾ شموليت ڪرڻ کان هو انڪار ڪري نہ سگهيا خاص طرح انهيءَ ڪري ٻہ، جو سندن همدرد ۽ محسن، شاهہ فيصل جي ان ۾ دلچسپي هئي.

(۳) مهاجر پنجابي مستقل مفادن، سندن پاڪستان تي سامراج قائم رکڻ خلاف هن وقت جي سند، بلوچستان پختونستان ۾ آزاديءَ لاءِ قومي تحريڪون پيدا ٿي پيون هيون، تن کان ماڻهن جي توجهہ هٽائڻ لاءِ ان کي ڏريمو ڇاڻي، شهرت ڏني هئي.

(۴) اسرائيل جي دشمنيءَ سبب عرب ملڪ، آمريڪا کي ان جو ڪارڻ سمجهي، سوويت يونين طرف رخ ڪري رهيا هئا. ان لاڙي ۾ رندڪ پيدا ڪرڻ لاءِ آمريڪي حڪومت سندن ايجنٽ ٻڌي معرفت هيءَ ڪانفرنس ڪوٺائي، عربن کي سوويت يونين ۽ ترقي پسند طاقتن جي همدرديءَ کان محروم ڪرڻ لاءِ، هيءَ چال چلي هئي، ان جي ڪري غيرجانبدار ملڪن جي بلاڪ جي اهميت گهٽجڻ جو ٻہ امڪان هو، جنهن کي آمريڪي حڪومت سڌي نظر سان ٿي ڏٺو.

(۵) پارتي حڪومت جي، جنگ ۾ ڪاميابيءَ ڪري، جا همت وڌي ويئي هئي، ان جي گهٽائڻ لاءِ هيءَ ڪانفرنس ڪوٺائي، ڪين ڏهن نشين ڪرڻو هو تہ جيڪڏهن پارت غير جانبدار بلاڪ جو مُکيہ رکن هو، تہ پاڪستان ٻہ مسلم بلاڪ جي رُکن هٽڻ ڪري

اهميت رکي ٿو.

(٦) پاڪستان جي حڪومت، مختلف وجوهات ڪري، ڪنهي اچي ڏيوالي تي پهچڻ جي نزديڪ پهتي هئي. ان ڪري عرب ملڪن جي همدردي حاصل ڪرڻ سان هن کي پيسن ملڻ جي اميد ٿي سگهي ٿي.

مطلب ته اُن بابت ڪيترائي رايا ظاهر ڪيا ويا ٿي.

ان تي سنڌ جي قومپرست ڪارڪنن ۾، جن کي مذهب جي نالي ۾ پاڪستاني حڪومتن جي گذشته ڪار گذارين جو ڪافي ڪجهه پتو هو، بهرحال ان بابت ڪجهه اڃا به شڪ ۽ گمان جي حالت ۾ ڏسي ڪن دوستن مون کي پنهنجي راءِ ظاهر ڪرڻ لاءِ چيو. پهريائين ته مون ان کي معمولي ڳالهه سمجهي، درگذر ڪرڻ چاهيو ٿي. پر جڏهين مون ڏٺو ته، دنيا جي اڪثر مسلم ملڪن جي سربراهن جي ان ڪانفرنس ۾ شموليت ڪري، قومي گمان هو ته عام سنڌي نوجوان انهيءَ تحريڪ کي فائديمند سمجهي، ورڻ گمراهڪن وچن. سنڌين اهڙي قسم جي تحريڪن مان اڳيئي گهٽو نقصان سٺو هو. تنهنڪري غور ۽ فڪر ڪرڻ بعد مون به پنهنجي راءِ عوام جي سامهون پيش ڪرڻ جي همت ڪئي آهي . جيتوڻيڪ قوي امڪان آهي ته منهنجو هن وقت آواز طوطي جي نقارخاني ۾ آواز مثل ٻڏن ۾ نه به اچي.

مون کي ياد آهي ته جڏهن هندوستاني مسلمانن جي اڪثريت، مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي ڏوڪي ۾ اچي، مسلمانن جي جداگانه قوم جي بنياد تي برصغير ورهائڻ ۽ پاڪستان جي حصول لاءِ آواز اٺاري، جدوجهد شروع ڪئي هئي، ته سنڌ جي گوشه نشين بزرگ علامه آءِ آءِ قاضي عليه رحمت، باوجود انهيءَ علم جي ته ممڪن هو ته اهڙي شورشر جي زماني ۾ ڪو سندس آواز نه به ٻڌي، هيٺين راين جو اظهار انگريزي جي هڪ چوپڙيءَ ۾ چپائي، پڌرو ڪيو هو ، جنهن جي اختصار جو ترجمو قرباني اخبار ۾ ٢٢ فيبروري ١٩٤٧ع تي ڇپيو هو:

" قرآني معيار ۽ مقاصد تباهه ٿي رهيا آهن - مسلمان ڪيڏانهن پيا وڃن ؟"

" هن وقت اسان کي هڪ پليٽ فارم (مسلم ليگ) تي ڪٺو ڪيو ويو آهي. اميد اها هئي ته ان طريقي سان اسين چڱائيءَ جي ڪمن سرانجام ڪرڻ ۾ هڪٻئي سان ڪلهوڪلهي ۾ ڏيئي، هلڻ جي لائق ٿينداسون پر افسوس ته ان اميد جي پوري ٿيڻ جي علامت نظر ڪانه ٿي اچي.....

" ان تنظيم جو مثل اهڙو آهي، جيئن ڪو ماڻهو سموري مخلوق کي هڪ چت هيٺيان ڪٺو ڪري، ٿن بم اُڇلائي، سورن کي هڪ ئي وقت ختم ڪرائي..... " هندوستاني مسلمانن کي ڪٺو ڪري، ٿن بم اڇلائي تباهيءَ جي اوڙاهه ۾ اُڇلائڻ درد انگيز ڳالهه آهي، پر اُن کان ڪيئي حصا وڌيڪ افسوسناڪ قصو هيءُ آهي ته مسلمانن کي تباهه ڪرائڻ سان گڏوگڏ قرآن پاڪ جي معيارن ۽ مقصدن کي ختم ڪرايو پيو وڃي! اهو نقصان اڪيلو مسلمانن جو نه مگر انسانذات جو ٿيندو....."

" پاڪستان ، اچو ته ان جو مختصر طور ڪجهه ذڪر پيش ڪريون ۽ ثابت ڪريون ته اسلام جي ڪمزوريءَ جو باعث ٻاهريون دشمنيون نه پر پنهنجيون اندروني حالتون بنجي رهيون آهن.

آءُ وڏي واڪي چوان ٿو ته اسلام کي غير مان خوف نه آهي، بلڪ وڏي ۾ وڏو نقصان پنهنجن هٿان پهچي رهيو آهي.

مثلاً چون ٿا چاچي ٿو ته پاڪستان وسيلي اسلامي مقاصد جي بچاءُ لاءِ ڪوشش ڪرڻ ۾ ايندي. پاڪستان ئي اسان جي تنظيم جو بنيادي پٿر آهي..... مگر پاڪستان جي اهڙي تصور متعلق خود قرآن چا پيو چوي؟ قرآن سارو ان تصور خلاف دانهون پيو ڪري. ان جي چند هدايتن تي غور ڪريو:

فانتشروفي الارض	زمين ۾ پکڙجي وڃو!
فيسرو افي الارض	دنيا جو سير ڪريو!
ان الارض واسعة وایاي تعبدون	زمين ڪشادي آهي، هر هنڌ وڃي خدمت ڪريو!
وسطو التكونواشهدٰي علي الناس	مسلمان انسانذات لاءِ مثال قائم ڪندا!
كنتم خير اجة اخرجة الناس	مسلمان کي مائڻن ۾ صالح امت ڪري پيش ڪيو ويو آهي!

" ان پروگرام موجب مسلمان کي انسانذات جي سامهون چڱائيءَ جا مثال پيش ڪرڻا هئا. کين ساري دنيا ۾ پکڙجڻو هو ساري دنيا جي رهبري ڪرڻي هئي. ان فرض جي بجا آوريءَ ۾ کين نه پنهنجي نفعي جو ۽ نه سلامتيءَ جو خيال رکڻو هو. برابر پندرنهين عيسوي صديءَ تائين مسلمان ان پروگرام تي عمل ڪندا آيا ۽ نتيجو اهو نڪتو ته دنيا جو ڪو به ٽڪرو نه بچيو، جتي هو نه پهتا..... ... هو ذاتي ڳالهين کان آزاد هئا. کاڌي، اجهي، آرام ۽ سلامتيءَ کي ته ڇڏيو، پر هو موت کان به نه ڊڄندا هئا.....

جا ڳالهه سڀ کان وڌيڪ ذهن ۾ رکڻ جي قابل آهي، سا هيءَ ته ان فرض جي بجا آڻيندي، هنن کڏهن به اقليت ۽ اڪثريت جو خيال نه ڪيو ۽ کڏهن به مخالفن جي زبردست فوجن کان نه ڊنا.....

" پاڪستاني رجعت :- اوهان جناح جي ڏنل پروگرام ۽ اڳين مسلمانن جي قائم ڪيل روايتن کي ذهن ۾ رکي، پوءِ ويچار ڪريو ته " پاڪستاني رجعت يا پاڇڙ " قرآني مقصدن کان ڪيتري قدرنه دور آهي. پاڪستان ان لاءِ پيو طلب ڪرڻ ۾ اچي ته جيئن مسلمان هتان هُتان پڇي اچي منجهنس پناهه ونن، ۽ موت ۽ نقصان کان سلامت رهن. پر موت کان ڊڄڻ ۽ نقصان جو ڊڏي ميدان چڏي اڇڻ ڪيتري قدر اسلامي تصورن تي ٽهڪي اچي ٿو؟ جيڪڏهن طارق، البيروني، ابن بطوط اڄ زنده هجن ها، ته هو هندوستان جي مسلمانن جي ان پاڇڙ بابت ڪهڙو خيال قائم ڪن ها؟

«هندو جو خوف :- مسلمانن جي ساري هاڻوڪي (مسلم ليگي) سياست جو بنياد هندوءَ جي خوف تي رکيو ويو آهي، يعني اڄوڪو مسلمان هندوءَ جو نالو ٻڌي پيو

ڪنبي. حالانڪ هيلتائين هندو پاڻ مسلمانن کان ڇرڪندا هئا.
"جنهن ڏينهن کان اسان مسلم ليگ جي پليٽ فارم تي جمع ٿيا آهيون ان ڏينهن کان وٺي اسان دانهون ڪرڻ شروع ڪيون آهن ته" اسان هندوءَ کان ڀڄون ٿا. هندوءَ جي خلاف اسان جو خون خشڪ ٿي رهيو آهي. اسان کي هندن اجهوڪي اجهو ماريو..... چا هي اُهي مسلمان آهن، جن جي دعويٰ هوندي هئي ته هو موت کان ڀڄن ٿي ڪوڙا! سندن هڪ ماڻهو هزارن جي برابر هو ۽ سندن زندگيءَ جو اصول اهو هو ته-

"فتمنو الموت ان كُنتم صادقين "

يعني "جيڪڏهن سچا آهيو ته حق جي راهه تي موت گهري وڃو" !

" صادقين جي جماعت لاءِ سندن اڳوان جو خيال :

مسلمانن جو هاڻوڪو اڳوان (مسٽر جناح) ٻڌائيندو ته چا موجوده مسلمانن متعلق هن اها راءِ قائم ڪئي آهي ته هن جو اسلام جي روح سان واسطو نه رهيو آهي ! هو دنيا ۾ پڪڙجڻ ۽ رهڻ جي ناقابل ٿي چڪا آهن ! سندن سلامتي ان ۾ آهي ته کين لڏائي آڻي هڪ خاص بچاءُ گهر يا يتيم خاني ۾ وڌجي!
چا هو مسلمانن کي اهڙو مريض ، نادار ۽ لاچار سمجهي ٿو، جو کين جيڪڏهن هڪ جاءِ تي بند نه ڪيو ويو ته سندن هيانءُ ڦاٽي پوندو! هو بيمار آهن، جن لاءِ نرسون ڪپن، دماغي طرح عاجز ۽ ناتوان آهن جن وٽ عقل ۽ همت ڪونه رهيا آهن ، نهل ۽ نستا ٿي پيا آهن ، جن کي محض موت جو انتظار آهي. جيڪڏهن مسلمانن جي همت جو اهو حال آهي، ته پوءِ پاڪستان جو بچاءُ گهر بہ بچائي نه سگهندن.

سنڌي پاڪستان جو مثال ونو:

"مثال لاءِ اچو ته پاڪستان جي سنڌي حصي تي نظر ڦيرايون.
چا پاڪستان جي بچاءُ گهر جو اهو نمونو آهي؟ جيڪي حالتون هن صوبي ۾ ڪڙيون ٿيون آهن، سي حيرت ۾ وجهندڙ آهن. اهو پاڪستان بچاءِ گهر نه پر قبرستان بنجي پيو آهي، جنهن ۾ قرآن جي هر هڪ معيار ۽ مقصدن کي لتن هيٺيان لتاڙيو پيو وڃي. نظر ۾ اٿين پيو اچي ۔ گويا پاڪستان جو شاندار نالو محض اصلي صورت کي لڪائڻ لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو.
جيئن بيمارستان کي شفاخانو ۽ پنگيءَ کي مهتر سڏيو ويندو آهي. جيڪڏهن پاڪستان مان مُراد اُهي حالتون آهن، جيڪي سنڌين لاءِ پاڪستان اندر پيدا ڪيون ويون آهن ، ته پوءِ ظاهر آهي ته مسلم بيمار لاءِ پاڪستان ۾ بہ بچاءُ جو سامان يا بندوبست ميسر ٿي نه سگهندو ۽ شايد آخري ڪلمي پڙهڻ کان سواءِ سندس خاتمو ٿي وڃي.
"پاڪستان جي غلط نظريي اُ ڌارڻ ۽ تنظيمي تحريڪ جي بنياد کي محض هندوءَ

جي خوف تي رکڻ سان قرآن پاڪ جي ڏسيل ساري پروگرام جي انحرافي ٿي رهي آهي."

قاضي صاحب جي ان الهامي آواز کي ان وقت ڪنهن به نه ٻڌو. مائهن جوش ۾ اچي هوش کي وڃائي اُهي طريقا اختيار ڪيا، جنهنڪري ملڪ ورهائجي ويو. لکين مائهو قتل ٿيا، اربن روپين جي ملڪيت تباهه ٿي، ڪروڙين مائهو وطن ڇڏي، خانه بدر ٿيا. لکين عورتن جي عصمت دري ٿي، هزارين عورتون اغوا ٿيون. اسلام جي نالي ۾ هن ملڪ ۾ اُهي ڪم سرزد ٿيا، جن کان هوند شيطان به شرمائجي وڃي.

آءٌ به اڄ آواز اُٺاريان ٿو ته مسلم اڪثريت وارن ملڪن کي اسلام جي نالي ۾ غير مسلمن جي خطري کان ڊڄ ڪرڻ جي تجويز نهايت غلط ۽ خطرناڪ آهي. ان مان نه اسلام کي فائدو پهچندو۽ نه مسلمانن ۾ اتحاد پيدا ٿيندو. بلڪ انهيءَ طريقي، مذهب جي نالي هيٺ، کين ڊڄ ڪرڻ سان مسلمانن کي وڏي نقصان پهچڻ جو انديشو آهي.

مذهب جي نالي ۾ مائهن ۽ ملڪن کي ڪنهي ڪرڻ جي تجربن کي تاريخ غلط ثابت ڪيو آهي . ٻڌ ڌرم، هندن ۽ ڪرستانن طرفان اهڙي قسم جون ڪيل ڪوششون جملي تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي ناڪامياب ثابت ٿيون آهن. مسلمانن ۾ خلافت، مهديت ۽ پٺن اسلامزم جي نعرن هيٺ شروع ڪيل سڀئي ڪوششون فائديمند نه ٿي سگهيون آهن. هاڻ وري نئين سر مسلمان ملڪن جي سياسي ۽ اقتصادي مشڪلاتن ۽ مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ مذهب جي نالي کي ڪتب آڻڻ فائدي بدران نقصان پهچائيندو .

هن وقت مسلمان ملڪن کي جيڪي مُشڪلاتون درپيش آهن، اهڙيون ڪم وبيش ساڳيون تڪليفون پوئتي پيل غير مسلم ملڪن کي به سامهون آهن. انهن کي حل ڪرڻ لاءِ عرب ملڪن پنهنجي جماعت ناهي آهي. آفريڪي ملڪ سندن جماعت ڏريعي سندن ڳڏيل مفاد لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهن. ايشيائي ملڪن جي معاملن کي نيڪ ڪرڻ لاءِ رِٽون تيار ٿي رهيون آهن . پن طاقتور گروهن کان ٻاهر بلڪ وري غيرجانبدار جماعت ناهي، پنهنجي حفاظت ، ترقي ۽ تعمير لاءِ تجويزون سوچي رهيا آهن. عين انهيءَ وقت مذهب اسلام جي نالي پٺتي پيل ملڪن کي ڪَنو ڪرڻ منهنجي نظر ۾ انهن ملڪن جي مائهن کي فائدي بدران نقصان پهچائيندو . ان لاءِ منهنجا هيٺيان دليل آهن:

(۱) مسلمان اڪثريت وارن ملڪن جي تڪليفن ۽ مشڪلاتن ۾ اسلام جو ڪو واسطو نه آهي اهي تڪليفون ڪين ان ڪري درپيش نه آيون آهن، ڇاڪاڻ ته هو مسلمان هٿ ۽ اسلام کي مڃين ٿا ، پر مختلف سببن ڪري هوزماني جي ترقيءَ جي رفتار ۾ پوئتي پڻجي ويا آهن. انهن مان ڪهڙا مغربي ملڪن جي غلاميءَ مان تازو آزاد ٿيا آهن . اُتي جا رهاڪو تعليم ، سائنس ، هنر ، سماجي ترقيءَ ۽ اقتصادي خوشحاليءَ ۾ پوئتي رهجي ويا آهن . ازانسواءِ سڀني ملڪن جي حالت يڪسان نه آهي .

(۲) مسلمان ملڪن جي مائهن جي اڪثريت ۽ صحيح سياسي شعور پيدا نه ٿي سگهيو آهي . جنهنڪري هنن جو عوام جهموري حڪومتون قائم ڪري، مُلڪي پيداوار کي مستقل مفاد جي هٿن مان ڪڍي، عوامي بهتريءَ ۽ مُلڪي تعمير لاءِ ڪتب آڻي نه سگهيو آهي .

(۳) هنن ملڪن جي رهاڪن جي اڪثريت دهقاني زندگيءَ ، جاگيرداراڻ نظام معشيت ، ملا ۽ پير جي طبقاتي تسلط کان آجي ٿي، پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي لائق نه ٿي سگهي آهي. جنهنڪري اُتان جا مستقل مفاد مذهب جي نالي ۾ سندن استحصال ڪندا پئي آيا آهن، ۽ انهن سياسي ۽ اقتصادي مسئلي جي حل ڪرڻ ۾ به مذهب کي آڙ بنائي رنڊڪون پئي وڌيون آهن .

(۴) هنن ملڪن مان گهڻن ملڪن جي حڪمران طبقي جو اخلاق ڪريل آهي، جي شخصي، قبيلائي ۽ طبقاتي مفاد کي عوامي نفعي تي ترجيح ڏين ٿا. انهن جي اڪثريت عياش هڻڻ ڪري مُلڪي پيداوار جي غلط استعمال ڪرڻ جي سبب عوامي ترقيءَ ۽ ملڪي تعمير لاءِ پيسو بچائي نٿو سگهي . اگرچ ظاهري طرح اهو طبقو سامراجي طاقتن جي غلامي کان آزاد ٿي ويو آهي، پر ان جي باوجود مختلف سببن ڪري اڃا پوري طرح سامراجي طاقتن جي اثر کان پاڻ ڇڏائي نه سگهيوآهي . بلڪ هنن کي اهو خيال ويڙهل آهي ته دنيا جي جديد اقتصادي نظريات جي هوائن جي زد کان بچاءُ لاءِ سامراجي طاقتن جي سرپرستي سندن ملڪن لاءِ ڪارآمد هئي.

(۵) انهن ملڪن ۾ علم جي گهٽتائيءَ، جاگيردار ۽ سرمائيدار جي موجودگيءَ ، مُلا ۽ پير جي تسلط ڪري، جديد حالتن جي نقطي نگاهه کان، اسلام جي صحيح تعبيرنه ٿي سگهي آهي. اهي مستقل مفاد قديم دقيانوسي رسم رواجن ۽ عقيدن کي اسلام جو نالو ڏئي ، عوام کي نئين ترقيءَ، تربيت ۽ سائنس جي فائدن کان محروم رکيو ويندا آهن.

اهڙين حالتن هيٺ عوام جي تڪليفن يا خامين، جهڙوڪ غربت، جهالت، وهم پرستي، بي روزگاري ۽ پستيءَ کان دور ڪرڻ لاءِ جهموريت، قومپرستي ۽ سوشلزم جي نالي هيٺ ڪين متحد ڪرڻ وڌيڪ فائديمند آهي، بنسبت مذهب جي نالي ۾ ڪين گڏ ڪرڻ جي.مذهب کي اڪثرمستقل مفاد سندن استحصال لاءِ اوزار ڪري ڪتب آندو ويو آهي. جيتري قدر مون کي ڏسڻ ۾ آچي ٿو ته اهڙي طريقي کاروانِ مُسلم کي هيٺين نقصان جو انديشو آهي:

(۱) مذهب جي نالي ۾ حڪمران طبقي جا مستقل مفاد (Vested Interests) مسلم ملڪن جي اتحاد، اسلامي آئين ۽ قوانين ، مسلم قوم جي نمرن هيٺ عوام جو توجهه سندن حقيقي مسئلن جهڙوڪ تعليم، هنر، اخلاقي اِصلاح ، ڪلچر ترقي، معاشي خوشحالي، معيار زندگي بلند ڪرڻ جي لاءِ سوشلسٽ اصولن مطابق قدم کڻڻ کان هٽائي، عوام تي پنهنجي اقتدار ۽ استحصال قائم رکڻ جي ڪوشش ڪندا.

(۲) انهن مسلم ملڪن جي اڪثريت مغربي قومن جي سامراج مان تازو آزادي حاصل ڪئي آهي. اتي جي عوام جي گهٽائي، جهالت، نيم خانه بدوشي ، غربت، پست حاليءَ ۽ قبيلائي جهگڙن ۾ قائل آهي، شهري زندگيءَ کان محروم هڻڻ ڪري ان ۾ سياسي شعور پيدا ٿي نه سگهيو آهي، جنهنڪري اها جمهوري حڪومتون قائم ڪري، مُلڪي پيداوار کي عوام جي مفاد لاءِ ڪتب آڻڻ جي اڃا لائق ٿي نه سگهي آهي . ڪين مذهب جي نالي ۾ نشو پياري، سندن توجهه ترقيءَ ۽ تعمير جي ڪن کان هٽايو وڃي

ٿو.

(۳) هن وقت اقوام عالم انهيءَ دور مان گذري رهيون آهن ، جنهن ۾ مذهب ۽ سياست جي ميڙن کي علحده ڪري ڪتب آندو پيو وڃي. مذهب کي ماڻهن جي اخلاق ۽ روحاني تعليم ۽ تربيت لاءِ رضاڪارانه بنيادن تي ڪتب آندو وڃي ٿو، ۽ سياست ملڪن جي مڪاني ۽معاشي حالتن مطابق تعمير ۽ ترقيءَ جو ڪم ڏئي ٿي. انهيءَ نقطي نگاهه کان اقوام متحده ۾ اڪثري انهن کي تسليم ڪيو ويو آهي. جن جي قوميت جو مدار وطن، زبان، ڪلچر، تاريخي روايات، سياسي ۽ اقتصادي مفادن تي ٻڌل آهي .

مذهب کي سياست سان ڳنڍڻ ڪري هتي پاڪستان ۾ جيڪي حالتون پيدا ٿيون آهن، سي اکين اڳيان آهن - ورڙوڪ :

(الف) مسلمانن جي جدا قوم جي نالي ۾، مهاجر پنجابي مستقل مفاد، پاڪستان ۾ شامل ٿيل قديم قومن جي جدا وجود کان انڪار ڪري، انهن کي اقليتون بنائي، سندن آزادي سلب ڪري، هنن جو استحصال ڪري رهيا آهن ۽ مٿن سامراج قائم ڪيو اٿن.

(ب) پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کي ۲۷ سال گذريا آهن، پر اهي مستقل مفاد عوام جو توجهه مذهب جي نالي ۾ هٿائي ملڪ جي حقيقي مسئلن جهڙوڪ غربت دور ڪري ماڻهن جو معيار زندگي بلند ڪرڻ، بيروزگاري دور ڪرڻ ، جهالت کي ڪڍڻ، ملڪ جي سائنسي ترقي، تمدن تعمير ۽ هنري تعليم لاءِ ڪجهه نه ڪري سگهيا آهن. هر ڀاڪر جا انهيءَ ڏس ۾ ڪئي وڃي ٿي، ان کي اسلام دشمني، ملڪي انتشار، پاڪستان جي مخالفت، علائقائي ڌڻيت جا نالا ڏيئي ، زبردستيءَ بند ڪيو وڃي ٿو.

(ت) حڪمران طبقي طرفان مذهب اسلام جي فسطائي تشريح پيش ڪرائي، جهموري قدرن کي ختم ڪيو ويو آهي.

(ٿ) اسلام جي غلط تشريح تي زور ڏيئي، ان جو عوامي مفاد ، قومي تعمير ۽ ترقيءَ جي مسئلن جي وچ ۾ ٽڪر پيدا ڪرائي، نوجوان طبقي کي اسلام جي اخلاقي معيارن مان فائدي جي عيوض مذهب کان سندن منحرف ٿيڻ لاءِ راهه هموار ڪئي ويئي آهي .

(ج) حڪمران طبقي جي اهڙيءَ پاليسيءَ ڪري ملڪ کي پر وارن حڪومتن پارت، افغانستان، سوويت يونين ۽ بنگلہ ديش سان تصادم ۾ آڻي، پاڪستان کي آمريڪي سامراجي طاقتن جي جنگي معاهدن ۾ ڦاسايو ويو آهي.

ساڳيءَ طرح مذهبي بنياد تي مسلم اڪثريت وارن ملڪن کي متحد ڪرڻ جي نعري لڳائڻ ڪري، قوي امڪان آهي ته ان نعري کي هين مسلم ملڪن ۾ پڻ، مٿي ذڪر ڪيل نموني، مسقل مفادءِ رجعت پسند طاقتون، اتان جي عوام جو توجهه سندن حقيقي مسئلن کان هٽائڻ لاءِ ڪتب آڻين . ۽ جنهن صورت ۾ مسلمان ملڪن جون مشڪلاتون دين اسلام مڃڻ سبب نه آهن، ته هروپرو سياسي مسئلن کي مذهبي رنگ ڏيئي فروعي مسئلن طرف ڇڪائڻ مان قوي امڪان آهي ته مسلمانن ۾ مذهب لاءِ جيڪا محبت آهي، سا ائين غلط نموني ڪتب آڻڻ سبب مرڪو منجهن گهٽ نه ٿي وڃي.

هن وقت ، جي مسلم ملڪ تازو مغربي سامراجين جي غلاميءَ مان آزاد ٿيا آهن، سي اڪثري پوئتي پيل آهن . انهن سان ترقي پسند حڪومت جهڙوڪ پارت، سوويت

يونين ۽ دنيا جي ترقي پسند عام راءِڪي همدردي آهي . اهڙن مسلم ملڪن ۽ ٻين پوئتي پيل ملڪن ڳڏجي، پنهنجي طاقتن کي منظم ڪرڻ لاءِ هڪ غير جانبدار ملڪن جي جماعت ناهي آهي، جنهن ۾نهي طاقتور گروهن جي باهمي اختلافن کان علحده رهي، پنهنجي ترقي، تعمير ۽ حقن جي حفاظت جو ڪم شروع ڪيو آهي. سندن اهڙي اتحاد کي سامراجي طاقتن پنهنجي مفاد لاءِ نقصانڪار ڄاڻي، شڪن جي نگاه سان ڏسڻ شروع ڪيو آهي. تن انهي نئين جماعت جي طاقت کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ، اسلام جي نالي ۾، هڪ وڏيڪ نئين جماعت مسلم ملڪن جي ناهڻ جي سازش سڻي آهي. اهڙي جماعت جي تقويت ونڊ ڪري قوي امڪان آهي ته غير جانبدار جماعت ۾ انتشار پيدا ٿي پوي. چون ۾ اچي ٿو ته آمريڪا عربن جي ڪٿير تعداد ملڪن کي انهيءَ غيرجانبدار جماعت ۾ شامل ٿيندي ڏسي، ان ۾ سندن وچ مشرق ۾ ايجنٽ اسرائيل لاءِ خطرو سمجهيو آهي . ۽ سعودي عرب ۽ پاڪستان معرفت انهي غيرجانبدار جماعت کي ٽوڙڻ لاءِ هي نئون راڳ رچايو آهي . هن وقت روس ، پارت ۽ ٻيون غيرجانبدار طاقتون عربن جون همدرد ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، پر هڙي رجعت پسند جماعت جي ناهڻ ۽ عربن جي ان ۾ داخل ٿيڻ کري، ممڪن آهي ته عرب اهي همدرديون وڃائي ويهن.

اهي سبب آهن، جنهنکري آءٌ هن مسلم ملڪن جي جماعت جي ناهڻ کي مسلم ملڪن جي عوام جي ترقي ۽ تعمير، اسلام جي تبليغ ۽ فروغ ۽ مسلم ملڪن جي سياسي آزادي، اقتصادي خوشحالي ۽ ڪلچر ترقيءَ لاءِ نقصان ڪار سمجهان ٿو.

اڄا هيءَ ڪانفرنس سندس ابتدائي دور ۾ آهي، ليڪن جيتري قدر مون معلوم ڪيو آهي ته اڳتي هلي ان جي ميمبر ملڪن جا حڪمران طبقا ان کي هيٺين مقصدن جي حصول لاءِ ڪتب آڻڻ جي دعويٰ ڪندا.

(۱) مسلم ملڪن جو اتحاد ۽ ترقي.
(۲) مسلم ملڪن جو بلاڪ ناهڻ.
(۳) مسلم ملڪن جي حفاظت.
(۴) اسلام جي تبليغ ۽ فروغ.

اهي مسئلا اهڙا آهن ، جو انهن جي مڪمل تشريح ۽ تعريف جي ضرورت آهي . ان کريَ آءٌ هن ڪتاب ۾ منِ ڏکر ڪيل مسئلن تي جدا جدا فصلن ۾ روشني وجهي، ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس ته اهو طريقو غلط ۽ نقصانڪار آهي. ان مان نه اسلام، نه مسلم ملڪن ۽ نه ان جي عوام کي فائدي پهچڻ جو امڪان آهي .

اُنهيءَ تحريڪ جي عذر تي ڪي مستقل مفاد ۽ رجعت پسند طبقا، جي هن وقت گهڻن مسلم ملڪن تي مسلط آهن، سي ان کي پنهنجي ذاتي ۽ طبقاتي مستقل مفاد لاءِ ڪتب آڻي، مسلم ملڪن ۽ انهن جي عوام کي اتحاد جي عيوض انتشار ۽ اختلاف، ترقيءَ جي عيوض تنزل، تعمير جي بدلي تخريب ڏي ڇڪي هن تحريڪ کي سندن تباهيءَ جو ڪارڻ بنائيندا.

من هائي هوئي ميڪنم، ڪس بشنوديا نه شنود
آءٌ آهون ۽ دانهون ڪريان ٿو، پوءِ ڪير ٻڌي يا نه ٻڌي!

غلام مرتضيٰ

فصل پهريون

مسلم ملڪن جو اتحاد ۽ ترقي

جهڙيءَ طرح خدا سائين، رب العالمين هڪ ڪري، ڪن خاص مذهبن جي پوئلڳن يا ملڪن ۽ قومن جو طرفدار يا ورثو ٿي نٿو سگهي، اهڙيءَ طرح ان جي پيدا ڪيل ملڪن کي مسلم يا غيرمسلم سڏڻ نه صرف غلط آهي ، پر اها خود رب العامين جي پاڪ لقب جي هتڪ آهي .

ساري دنيا اُن جي پيدا ڪيل آهي . جا جاگرفيائي خطن جي ايراضين ۾ ورهايل آهي. جن ۾ مختلف قومون، جداجدا زبانن، ڪلچرن، تاريخي روايات، سياسي ۽ اقتصادي مفاد واريون رهن ٿيون، جي تاريخي ارتقا جي پيداوار ٿين ٿيون. مذهب ۽ نظريا انساني دماغ ۽ حالات زماني جي تبديلي ۽ معاشري جي ڦير گهير سبب بدلبا رهن ٿا. ليڪن ملڪ قائم ۽ دائم رهن ٿا. تاريخ ان جو ثبوت ڏئي ٿي ، ته اڪثر ملڪن جا مذهب ۽ نظريا پئي بدليا آهن. اڄ ۾ ڪي اهڙا ملڪ هئا. جتي پارسي مذهب جي پوئلڳن جي گهٽائي هوندي هئي، جهڙوڪ ايران جو ملڪ پر اڄ ڪلهه ان ۾ مسلمان گهٽا رهن ٿا. اسپين جي ملڪ ۾ ڪو وقت اڳ عيسائي مذهب جا پيروڪار رهندا هئا، پوءِ ان تي مسلمانن جو تسلط ٿيو. هاڻ وري اهو مُلڪ عيسائي مذهب جي مڃڻ وارن جي هٿ هيٺ آهي. اڄ ان ۾ مسلمان ڪو ڇِڻو آهي. ساڳي حالت چين، ايشيامائنر روس وغيره ملڪن جي آهي. پري ڇو وڃون . اڄڪي اُپرندي پنجاب ۾ مُسلمان گهٽا رهندا هئا، پر اڄ ڪلهه اتان مسلمانن جي اڪثريت وڃي چڪي آهي.

اهڙيءَ طرح سان مغربي پنجاب ۾ سک ۽ هندو بـ رهندا هئا. هاڻ اتي مسلمان رهن ٿا . سکن ۽ هندن جو اُتي صرف نالو وڃي رهيو آهي . موجوده پاڪستان ۽ پارت جي مختلف ملڪن جِي، جدا وقتن تي، مذهبي پوئلڳن جي آبادي پئي گهٽي وڌي آهي.

اِن ڪري ملڪن تي مذهبي نالا رکڻ نه صرف غلط آهي،پرڏوکو ڏيندڙ ڀَالڻ آهي.غلط انهيءَ ڪري آهي،جونظرين ۽مذهبن ۾دائميت نٿي رهي.اُهي ضروريات زماني ۽ معاشري جي تبديليءَڪري بدلبا رهن ٿا. ڇاڪاڻ ته اُنهن جو واسطوروزمرهجي معاملات،عقيدن سان رهي ٿو. ملڪن جو واسطو مادي سان آهي جو زياده تر غير متحرڪ ٿئي ٿو.

دنيا ۾ ڪٿي بـ ملڪن کي ڪرستان،هندويا،ڏملڪ نٿو سڏيووڃي.اهابدعت اسرائيل جي يهودين،اُنهن جي هم خيال پاڪستان جي مهاجرپنجابي مستقل مفاد

سامراجين جي پيداڪيل آهي،جي پاڪستان کي مسلم قوم جو ملڪ سڏين ٿا.

حقيقت ۾نڪو ڪنهن ملڪ کي مسلمان سڏي سگهجي ٿوءَ ۽ وري ڪاقوم هن وقت مذهب جي نالي سان سڏي وڃي ٿي.بدقسمتيءَسان مٿي ذڪرڪيل مهاجرپنجابي مستقل مفاد ساڻ ڏهن مسلم عوام کي مسلم قوم جوڏوڪوڏيئي،غيرفطري بنيادن تي برصغيرهندستان جي ورهاست ڪرائي،تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي ان معاملي جو اثرماڻهن تان گهٽبو ڏسي،هاڻ وري انهيءَسامراجي گروهه مسلم عوام جو توجه حقيقي مسئلن کان هٽائڻ واسطي،مسلم ملڪن جي اتحاد ۽ اسلام جي نالي ۾ مسلم اڪثريت وارن ملڪن کي متحده ڪرڻ جو آواز اٺاريو آهي ۽ اُن لاءِمسلم سربراهن جي ڪانفرنس سڏائي آهي.اُن مان هڪ طرف سڏائيندڙن کي سستي شهرت ملي ٿي،۽بئي طرف هو نه رڳوپاڪستان جي رهاڪن پرساريءَدنيا جي مسلمانن کي اسلام جي نالي ۾بي وقوف بنائي،پنهنجامستقل مفادبرقرار رکڻ لاءِ چال چلن ٿا.

اُها سموري گفتگوڏوڪي جي آهي ،مسلم ان ماڻهوءَ کي سڏي سگهجي ٿو،جو اسلام جي بنيادي اُصولن جومحيندڙ۽ پيروڪار آهي.ليڪن جيڪڏهن چتائي ڏسندا ته هن وقت جنهن مذهب کي اسلام جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو،ان جي پوئلڳن ۾مختلف فرقن،عقيدن۽عمل جي يڪسانيت۽اتحاد قائم ٿي نه سگهيو آهي.هن وقت انهن جا اعتقاد ۽ عمل متضاد آهن.

ساري تاريخ ان جي شاهدآهي ته جن کي مسلمان سڏيو وڃي ٿو انهن هڪ ٻئي جا رت هاريا آهن. اُهي، باوجود اتحاد لاءِ مختلف تحريڪن جهڙوڪ خلافت، پٽن اسلامزم،مهديت جي متحد ٿي نه سگهيا آهن.

اولياءڪرام،مجتهدن، علماءعظام۽مسلم شهنشاهن جون ان ڏس ۾سڀ ڪوششون ڪامياب ٿي نه سگهيون آهن.

ازانسواءِ "اتحاد" ۾ مختلف معنائن لاءِڪتب اچي ٿو.

جهڙوڪ:-

(۱)مذهبي عقيدن جو اتحاد .

(۲ سياسي معاملن ۾ اتحاد .

(۳)اقتصادي مسئلن لاءِاتحاد .

(۴)ڪلچرل ڳالهين ذريعي اتحاد .

خبر نه آهي ڏُاهي ماڻهو،جي مسلم ملڪن جي اتحاد جي گفتگو ڪن ٿا، سي هنن مٿي ذڪرڪيل اتحادن مان ڪهڙي مسئلي جو اتحادچاهين ٿا. بهتر آهي ته آءٌ مٿي ٻڌايل مختلف قسمن جي تشريح ڪري، ان مسئلي تي روشني وجهان.

مذهبي عقيدن جو اتحاد

مذاهب عالم جو عام طرح ۽ مذهب اسلام جو خاص طرح مقصد اهو رهيو آهي ته انسانذات جي دنياوي ۽ روحاني زندگيءَ کي بهتر بنائڻ لاءِ ڪي اَخلاقي اصول مقرر

ڪري، انهن جي ماتحت مائهن ۾ اتحاد پيدا ڪري، امن ۽ سلامتي آڻي، سندن ترقي ۽ تڪميل لاءِ راهه هموار ڪئي وڃي.

گهٽو ڪري سڀ مذهب خدائي عزوجل طرفان ڏنل هدايتن جو مجموعو شمار ڪيا وڃن ٿا. قرآن شريف جي فرمودي مطابق " مائهن جي پيدائش کان وٺي مختلف ملڪن، قومن ۽ زمانن ۾ خدا طرفان مذهبن جا پيغامبر پيدا ٿيا، انهن جي رهبري ڪندا آيا آهن. " انهن جو بنيادي مقصد

" انسانذات ۾ اتحاد، امن ۽ ترقيءَ جي تبليغ ڪرڻ هو "

صحيح مسلمان صرف اهو هو، جو انهن بنيادي متن جو اعتماد رکندي، جملي پيغامبرن ۽ انهن جي پيغامن جي يڪسانيت ۾ فرق نه رکندو هجي. مذهب مختلف زمانن، ملڪن ۽ مائهن جي مشڪلاتن ۽ تڪليف جي حل ڪرڻ لاءِ علاج طور ڪتب اچڻا هئا.

پر هيءَ تاريخي حقيقت آهي ته هڪ طرف مذهبن مائهن ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ جو ڪم ڏنو آهي، ٻئي طرف انهن ۾ فرقه بندي پيدا ڪري، نفاق وڙائڻ ۾ به گهڻايو آهي.

جهڙيءَ طرح هر بيماريءَ لاءِ جدا علاج ٿئي ٿو، اهڙيءَ طرح هر مشڪل مسئلي جي حل ڪرڻ لاءِ مذهب ۽ نظريا پٽي ناهيا ويا آهن. کو به نظريو يا مذهب مڪمل ۽ ساري وقت لاءِ ڪارآمد ٿي نٿو سگهي. زماني ۽ معاشري جي حالتن بدلجڻ بعد انهن ۾ به تبديلي اچڻ لازمي آهي.

اسلام جي دين مڪمل هڻڻ ۽ ساري وقت لاءِ ان جي هڪ وقت لاءِ رائج ڪيل قانونن جي ڪارآمد هڻڻ جي دعويٰ ڪندڙ اسلام جي دين فطرت (قانون ارتقا) جي اصول کان ان واقف آهن. هن ڳالهه کان کوبه انڪار ڪري نه ٿو سگهي ته اسلام ۾ هن وقت تائين ۳۵۰ کان به مٿي فرقا پيدا ٿي ويا آهن، جن مان گهڻن جي دعويٰ اها آهي ته اهو فرقو حق تي هو ۽ ٻيا ناحق تي هئا. انهي دعويٰ جي ثبوت ۾ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي، رسول مقبول صلعم جي هڪ اڌ حديث پيش ڪرڻ ڪافي سمجهن ٿا.

مسلمانن جي اصل دعويٰ اها هئي ته هو جملي انسانذات ۾ اتحاد پيدا ڪري، دنيا کي درالا اسلام بنائڻ لاءِ مقرر ٿيل هئا. ليڪن تاريخ شاهد آهي ته جملي انسانذات کي متحد ڪرڻ يا دنيا کي دارالا اسلام بنائڻ هڪ طرف مُرڳو مسلمانن کي متحد ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿيا آهن، ۽ نه ڪٽي کو پنهنجي لاءِ ئي دارالا اسلام پيدا ڪرڻ سگهيا هئا. انهيءَ اتحاد ۽ هدايت لاءِ ڪيئي اولياءَ ڪرام، صوفيائي عظام، مُجدد، مهدي پيدا ٿيا، ساريون زندگيون ان ڏس ۾ گذاري ويا هئا. اهي بزرگ ڏهني ، روحاني اخلاقي طرح سالمِ ۽ چونڊيل هئا. ليڪن اهي به سڀني مسلمانن کي نه اعتقادي طور متحد ڪري سگهيا، نه اخلاقي طرح درست ڪري سگهيا. اڄا تائين مسلمان نه هم خيال ، نه هم آهنگ ، نه اخلاقي طور ڪنهن اسلامي معيارموجب ئي مُهذب ٿي سگهيا آهن.

مسلمانن جي تاريخ ۾ اُهو ڏينهن نهايت نياڳو هو، جڏهن رسول اڪرم ڪان پوءِ

ڪن رهبرن سياست ۾ مذهب کي گڏي، مذهب کي حڪام وقت جي ماتحت هلائڻ شروع ڪيو.

ان جو نتيجو اهو نڪتو ته مسلمانن هڪ ٻين جا رت هاريا ۽ باهمي تباهيءَ ۽ نفاق جو ڪارڻ بنيا. هاڻ ان ڪم يعني مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻ جي سرانجامي ٻُڌي صاحب، ڪرنل قذافيءَ ۽ مرحوم شاهه فيصل جي ذريعي ڪرائڻ تاريخ سان عجيب مذاق هئي. مذهب اسلام جي عقيدن ۾ هم آهنگي پيدا ڪرڻ جو ڪم غير سياسي عالمن، صاحب اخلاق بزرگن ۽ روحانيت جي مالڪ اولياءَ اللهَ جي ذريعي ٿي سگهي ٿو. موجوده ڪانفرنس ۾ گڏ ڪرايل مسلم حاڪمن ذريعي ان ڪم جي سرانجامي ڪرائڻ جي اميد رکڻ اهڙي آهي جهڙي ٻهرن ڪان ٻير گهرڻ مذهب ۽ سياست جي گڏي هلائڻ جو تجربو تاريخ جي ورقن ۾ غلط ۽ بيڪار ثابت ٿيڻ بعد وري اُن کي هنن صاحبن جي وسيلي نئين سر آزمائڻ اهڙو ٿيندو جهڙو:

"آزمائي کي آزمائڻ ڏوڙ منهن ۾ پائڻ"

جنهن صورت ۾ هن قسم جي ڪانفرنس کي مُسلم حڪومتن طرفان ڪوناڪو ويو آهي، ان جي ردعمل ۾ هيٺين نتيجن نڪرڻ جو امڪان آهي:

(۱) غير مسلم ملڪن کي آگاهه ڪيو ويندو ته هو ان تحريڪ جي جواب ۽ مقابلي ۾ پنهنجو نظام مذهب جي بنياد تي قائم ڪن.

عيسائي مُلڪن جي پيٽ ۾ مسلم ملڪ غير ترقي يافته آهن، سي هن مقابلي ميدان ۾ ٻه، پنڌتي پل هٽي ڪري، شڪست کائيندا. ممڪن آهي ته اِن حالت ۾ مُرڇو ترقي پسند، آزاد خيال ملڪن جي همدردي ٻه، هو مذهب جي نالي ۾ پاڻ کي منظم ڪرڻ جي صورت ۾ وڃائي ويهندا.

(۲) مسلم ملڪن ۾ باهمي سياسي ۽ اقتصادي رقابتون پيدا ٿي، اتحاد جي عيوض نفاق جو باعث بنبيون . جهڙو حال هتي پاڪستان ۾ ٿيو آهي ته مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي فائدي خاطر ان کي هلائڻ ڪري، سنڌ، بلوچستان ۽ پختونستان مُرڇو پاڪستان جا جاني دشمن ٿي پيا آهن.

(۳) سياست ۽ مذهب کي گڏي، مذهبي نالي ۾، عوام جي ناجائز استحصال ڪرڻ ڪري نوجوان طبقو، ردعمل ۾ اچي، مورڇو اسلام جي خلاف ٿي پوندو.

(۴) رسول مقبول صلعم جي لڏائي ڪان پوءِ مذهب جي نالي ۾ سياسي اقتدار واسطي، جا مسلمانن ۾ خانه جنگي پيدا ٿي، جنهن ۾ هنن هڪ ٻين جا خون وهايا ويا هٽا. هاڻ وري ساڳي طرح مذهب جي نالي ۾ مسلمانن کي سياسي مسئلن ۾ ٽپائي آڻڻ ڪري، قوي امڪان آهي منجهن اتحاد جي عيوض نفاق پيدا ٿئي، ان لاءِ هيٺيان دليل آهن:

۱- جيئن هتي پاڪستان ۾، مسلم قومي يڪجهتيءَ جي نالي ۾، مهاجر پنجابي مستقل مفاد سنڌين، بلوچن ۽ پٺاڻن جي قومي وجودن کان انڪار ڪري، اُتي زمين، نوڪرين، ڪارخانن ، بئنڪن، واپار تي پنهنجو قبضو جمائي، استحصال ڪري رهيا

آهن. اهڙي ساڳي حالت ٻين مسلم ملڪن ۾ پيدا ٿيڻ جو قوي امڪان آهي. مسلم ملڪن ۾ قبيلائي ۽ ڪن مستقل مفادن جو حڪومتن تي قبضو آهي. اتي اڃي ٿي اقتصادي خوشحاليءَ لاءِ هلچلون هلندڙ آهن، جن کي زوريءَ دٻايو پئي ويو آهي. ان مان اهو امڪان آهي ته سڀ مسلمان ملڪن جا غريب رهاڪو تنگ ٿي، اسلام کي اُن جو ڪارڻ سمجهي، وڃي ڪميونيسٽ ملڪن ۽ نظرين جي مدد ونڻ ۽ ڏهريا ٿي وڃن.

۲- اُن تحريڪ جي پويان آمريڪي سامراج جو هٿ آهي، جي ساڳئي وقت يهودين جا حامي آهن. ايها عربن ۽ عام ساده مسلمانن کي اهو پتو نه پڄجي سگهيو آهي ته هن تحريڪ جي اڳواڻ ۾ ڪيترائي آمريڪي ايجنٽ آهن. جڏهن پتو پوندو ته هُو اُن ڏنڊي مان هڪدم ٻاهر نڪري ويندا. پُٹي صاحب کي انهيءَ خدمت جي صلي ۾، انعام طور، پارٽ جهڙي طاقتور ۽ وڏي ملڪ جي ناراضگيءَ جي باوجود، آمريڪا هٿيار ڏنا آهن. ان مان پتو پڄجي سگهي ٿو ته آخر هن صاحب ڪهڙو ڪار نمايان ڪيو هو، جنهن جي عيوض اُهو قدم کنيو ويو آهي.

۳- هتي پاڪستان ۾ مهاجر پنجابي مستقل مفاد سامراجين، سنڌين، بلوچن، پختونن تي ظلم ڪيا آهن ۽ انهن جو استحصال ڪيو آهي. اُن جي ردعمل ۾ مٹي ڏکر ڪيل قومن ۾ اُنهيءَ سامراج کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ جا لهر پيدا ٿي آهي ۽ ان کان بي سمجهه عوام جو توجهه هٽائڻ، اُن سان ٻامرين مسلمان مُلڪن جي حڪمران طبقي جي ڪا همدردي پيدا ٿئي ان جي امڪان کي هٽائڻ لاءِ ممڪن آهي ته هن تحريڪ کي ڪتب آندو وڃي. اهڙيءَ حالت ۾ سنڌي يا ٻيا مظلوم ۽ محڪوم ڪهڙي طرح ٿيلهي ۾ لڪل بلا کي برداشت ڪري سگهندا.

۴- اها ڳالهه به سمجهه کان ٻاهر آهي ته مسلمانن جي جداجدا فرقن جهڙوڪ:- سُني، شيعا، وهابي، قادياني وغيره کي اُهي حڪومتون، ڪهڙيءَ طرح سندن سڏايل ڪانفرنس ذريعي متحدڪري سگهنديون. جڏهن ته انهن حڪومتن جا رهاڪو به جدا جدا فرقن سان تعلق رکن ٿا. پاڪستان جي حڪومت، جا مسلمانن ملڪن جي اتحاد جو آواز اُٺاري رهي آهي ، اُن جي تازي ڪارنامي يعني قاديانين کي قانون پاس ڪري اسلام کان خارج ڪرڻ واري قدم، ٻين اقليت وارن فرقن ۾ شڪ ۽ خوف پيدا ڪري ڇڏين ٿا، سي پئي ڏينهن وري ڪنهن پئي فرقي کي خارج ڪن ته ڪهڙو شڪ آهي.

ان ڪري اهاڳالهه صاف ظاهر پئي ڏسڻ ۾ اچي ته انهن ڪانفرنسن ذريعي مسلمانن جي عقيدن ۽ عملن ۾ سمجهوتو يا اتحاد پيدا ٿيڻ ناممڪن آهي. جا ڳالهه تيرهن سو ورهين کان حل نه ٿي سگهي آهي ، تنهن کي پُٹو صاحب يا ان جا هم خيال سياستدان يا خريد ڪيل عالم ڪهڙيءَ طرح حل ڪرائي سگهندا.

سياسي معاملن ۾ اتحاد

سياست ملڪ هن زماني ۾ مختلف صورتون اختيار ڪري ويئي آهي، جنهن ۾ جمهوريت، ڊڪٽيٽرشپ، سامراج، سيڪيولزم ۽ مذهبي حڪومت اُن جا مکيه طريقا آهن.

مسلمان ملڪن جا رهاڪو جدا جدا ڏهني ترقي ۽ سياسي شعور ۽ معاشي ارتقا جا درجا رکن ٿا. انهن ملڪن ۾ ڪي شاهوڪار آهن تہ ڪي غريب ملڪ آهن. ڪن ملڪن ۾ هنري ڪارخانا زياده آهن، تہ ڪن ۾ گهٽ آهن. ڪي ملڪ زراعت تي گذر ڪن ٿا تہ ڪي تيل ۽ مالداريءَ تي گذر اوقات ڪن ٿا. ڪن ملڪن ۾ پيدائش گهڻي ۽ ماڻهو ٿورا آهن ، تہ ڪن ۾ ماڻهو گهڻا ۽ نسبت ٻين ملڪن جي پيدائش گهٽ آهي. ڪي جنگجو آهن، تہ ڪي صلح پسند آهن. ڪي ملڪ جمهوريت هلائڻ جي لائق آهن، تہ ڪن ۾ ماڻهن جي ڏهني ارتقا مطابق جمهوريت جو هلائڻ ناممڪن پيو نظر اچي. گهٽو ڪري سندن سڀني ملڪن ۾ حڪومت جي واڳ چند خاندانن، طبقن جي مستقل مفاد جي هٿ ۾ آهي. ڪن ملڪن ۾ اهي هشيار ۽ چالاڪ طبقا پروارين ننڍين قومن کي پنهنجي سامراج هيٺ رکي، انهن جو استحصال ڪري رهيا آهن- جهڙي طرح عراقي عرب ملڪن کي آزادي نٿا ڏين، يا مهاجر پنجابي سامراجي، سنڌي، بلوچي ۽ پختون قومن کي زير تسلط رکي، انهن جو استحصال ڪري، پنهنجي مفاد لاءِ ڪتب آڻي رهيا آهن.

ازانسواءِ اها گفتگو بہ اجائي آهي تہ سياست ملڪ کي هندو، ڪرستان ۽ مسلمان گروهن ۾ ورهائجي، هندوستان جي مذهب جي بنياد تي ورهاڱي بعد جي خرابيون ۽ نقصان پيدا ٿيا آهن، سي سڀني جي اکين اڳيان آهن. آئرلينڊ، قبرص ۽ فلپائن ۾ اُنهيءَ پاليسيءَ جي ڪُل ڪديا آهن، تن جو پتو هر هڪ کي آهي.

هن ملڪ جي رهاڪن کي معلوم آهي تہ ڪهڙيءَ طرح مهاجر پنجابي مستقل مفاد، سندن سامراج قائم ڪرڻ لاءِ ، مذهب جي نالي ۾، انگريز سامراج جي مدد سان برصغير کي ورهائي، ملڪ جي هڪ حصي کي پاڪستان سڏي، اتي پنهنجي مملڪت قائم ڪئي، ۽ اتي جي مڪاني قوميتن جهڙوڪ بنگالي ، سنڌي، بلوچي پختون جي جداگانہ قوميتن کان انڪار ڪري، انهن کي مذهب جي نالي ۾ نظرٿي پاڪستان يعني مسلمانن جي قوم جي ڊوڪي هيٺ محڪوم رکي، اُنهن جو استحصال ڪجهہ وقت کان پوءِ اُن ڊوڪي جو اثر گهٽ ٿيو ۽ اُنهيءَ پاڪستاني سامراج مان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد شروع ڪئي، تہ انهن کي زبردستي قبضي ۾ رکڻ لاءِ هنن هيءُ نئون راڳ مسلمانن ملڪن جي اتحاد جو شروع ڪيو آهي. اُن لاءِ سندن ٻي مقصد آهن ،

(۱) پنهنجي آقا آمريڪا جي رضامندي حاصل ڪرڻ لاءِ غيرجانبدار ملڪن جي جماعت کي ڪمزور ڪرڻ جو ڪم سرانجام ڪري، انجي صلي ۾ هٿيار ونڊي، مقبوضہ قومن کي غلام رکي سگهڻ .

(۲) دنيا جي مسلم اڪثريت وارن ملڪن جي همدردي مڪاني قوميتن جي آزاديءَ جي تحريڪ کان هٽا ئي، مسلم اتحاد جي نالي ۾، پنهنجين ظالمانہ ڪارنامن لاءِ جواز پيدا ڪري سگهڻ .

عرب ملڪن جي اڪثريت پنتي پيل آهي منجهائن گهڻن ملڪن ۾ قبيلائي راڄ قائم ٿيل آهن ۽ جمهوري حڪومتون قائم نہ ٿي سگهيون آهن. هن وقت انهن کي يهودين جي تسلط کان آزاد ڪرائڻ جي دلبي هيٺ گڏ ڪيو اٿن پر عربن کي پورو پتو نہ آهي تہ پاڪستان جو حڪمران طبقو ۽ انهن جو شو بٹاءِ پٽو صاحب نہ صرف مغربي بلاڪ سان آمريڪا جي هٿ هيٺ کيل عهدنامن هيٺ ڦٽل آهي، پرعرب ملڪن جي همدرد روس ۽ پارٽ خلاف آمريڪا جو

ايجنٽ ٿي ڪم ڪري رهيو آهي.هن آمريڪا کي اڏا ڏيئي،ان سڏيءَ طرح سان يهودين جي مدد ڪئي آهي. هن آمريڪا جي اشاري تي پارت سان هڪ طرف،افغانستان سان ٻئي طرف مڪاني قوميتن سان ٽئي طرف جنگي حالتن جي حد تائين دشمني جاڳائي،روس،پارت وغيره ملڪن کي نئينءَ عالمي جنگ جي امڪاني خوف ۾مبتلا ڪري،يهودين تان بار جهڪي ڪرائڻ جو ڪارنامو ادا ڪيو آهي.

تاريخ جي ڄاڻن کي پتو آهي ته هندستان ۾ اشوڪا جي ٻڌڌرم ۽ وڪرماجيت جي هندو ڌرم جي پوئلڳن کي گڏڪرڻ ۽ يورپ ۾ پوپن طرفان مسلمانن خلاف صليبي جنگين ڪرڻ لاءِ عيسائين جي اتحاد ۽ ترڪن طرفان پٽن اسلامزم جي نالي هيٺ خلافت اسلاميه جي بهاني هيٺ، مسلمان ملڪن کي گڏڪرڻ جون سڀ ڪوششون اڄي ٿي ناڪامياب ثابت ٿيون هيون. تاريخ جي انهيءَ سبق جي روشنيءَ ۾دنيا جي سڌريل ۽ اڇڻي وڌيل قومن مذهب جي نالي۾ ماڻهن کي گڏڪرڻ جي طريقي کي ترڪ ڪري،باهمي مفاد تي ،يورپ،آفريڪا،ڏکڻ آمريڪا،عرب ملڪن، غيرجاندار ملڪن۽ ايشيائي ملڪن جي بين الاقوامي اتحاد لاءِڪوششون شروع ڪيون آهن.جيڪڏهن ته سامراجي طاقتن جي مفاد کي خطري جو امڪان نظرآيو ٿي،انڪري انهن سندن ايجنٽن جي معرفت،هي نڏون فتنو برپاڪري،مسلم ملڪن جي عوام کي بي وقوف بنائڻ لاءِهيءَرنگ رچايوآهي.

منهنجي سمجه موجب انهيءَ طريقي سان مسلمان ملڪن جي اتحاد لاءِ ڪوشش ڪرڻ سان مسلمانن کي هيٺين نقصانن پهچڻ جو امڪان آهي :

اُنهيءَ ڪانفرنس کي آمريڪي سامراج جي اشاري تي غيرجانبدار پاليسيءَوارن ملڪن جي اهميت ۽اتحادڪي ٽوڙڻ لاءِڪتب آندوويندو ته جيئن عرب ملڪن کي اسرائيل خلاف،جا ترقي پسندملڪن طرفان همدردي حاصل ٿئي ٿي،انکي،سندن مذهبي رجعت پسنديءَ جي نالي هيٺ گڏڻيڻ جي ردعمل جي ڪري گهڻايو وڃي.غور جو مقام آهي ته اهڙيءَ طرح ان سڏيءَ طور اسرائيل کي عربن خلاف مدد ڏيڻ جو اهو ڪم آمريڪا جا ساٿي مسلمان ملڪ، ظاهري طرح عربن جي مدد لاءِڪونايل مسلمانن جي ڪانفرنس وسيلي سرانجام ڏيئي رهيا آهن.ليڪن خود عرب به ان ڏوکي جو شڪارٿي،ان ۾ شرڪت ڪن ٿا.عجب اهو آهي ته عربن جي مددڪرڻ جوهيءَپر فريب آواز اُهي ملڪ اُٿارين ٿا، جي اسرائيل جي سرپرست آمريڪا سان جنگي عهدنامن ۾ ڳنڍا پيا آهن. ۽ جن کي مدد ڪرڻ جو ڏوکوڏنو وڃي ٿو انهن کي ان چالبازيءَجي خبر به ڪانه ٿي پوي.اهو جديد ڊپلوميسيءَجوڪارنامو آهي تجنهن گروه کي نقصان پهچائڻ لاءِسڀ سڀي وڃي ٿي،ان مان ٽيڻ واري نقصان جو پتو به نه پوي.

اها اهڙي ساڃي ڳالهه آهي جهڙي اسلام جي نالي ۾ مهاجر- پنجابي مستقل مفادپاڪستان قائم ڪرائي ،سنڌ،پختونستان، بلوچستان ۽بنگلاديش پنهنجي تسلط هيٺ آندو، ۽ غلام ٿيندڙقومن کي ان حرڪت جو پتو به نه پيو ۽ هن خوشيءَ سان ان ڏوکي جوشڪار ٿيڻ قبوليو.

هيءَ ڳالهه به هرڪنهن کي معلوم آهي ته گذريل بنگلاديش جي آزاديءَ جي جدوجهد۾ بنگالين تي هن اسلام جي نالي۾ ماڻهن کي ڏوکو ڏيندڙ مهاجر پنجابي

مستقل مفاد اڪيچار ظلم ڪيائين. ٽيهه لک بنگالي قتل ڪيائون، ٻه لک عورتن جي عصمت دري ڪيائون ،هڪ ڪروڙ ماڻهن کي ملڪ ڇڏي وڃڻ لاءِ مجبور ڪيائون. اربن رپين جو بنگلاديش ۾ نقصان ڪيائون. اُن ساريءَ ڪارگذاريءَ ۾ پاڪستان جي موجوده وزيراعظم ٻڌي(جو انهيءَ طبقي جو ايجنٽ آهي)جو هٿ هو. چتائي نظرڪبي ته ملڪري جنرلن کي عوام طرفان چونڊيل اڪثريت کي حڪومت جي واڳ نه ڏيڻ جي صلاح ٿي ۷۱جنوري ۱۹۷۱ع تي لاڙڪاڻي ۾ ٻڌي صاحب ڏني هئي. پوءِ انهيءَ گروه جي چوڻ تي هن جمهوري اصولن جي خلاف اعلان ڪيو هو. ته جيڪڏهن ڪيس حڪومت ۾ شريڪ نه ڪيو ويندو ته هو بغاوت ڪندو- ان کان پوءِ جڏهن جنرل يحيٰي خان عوامي ليگ کي حڪومت جي واڳ نه ڏيڻي،قتل عام شروع ڪرايوهو،ته ٻڌي صاحب،ڪراچيءَ پهچڻ تي بيان ڏنو هوته"شڪرخدا جو يحيٰي خان بروقت عوامي ليگ جي خلاف قدم کڻي،پاڪستان کي بچائي ورتو."

هاڻ ان ساڻئي صاحب طرفان مسلمان ملڪن کي متحد ڪرڻ ۽ سندن حقن جي حفاظت ڪرڻ، ڪشمير جي آزاديءَ جي تحريڪ هلائي وڃي ٿي.خصوصًا ان وقت تي،جڏهين سنڌ، بلوچستان ۽ پختون ايراضين ۾ سندن سامراج کان آزاديءَ لاءِ جدوجهد شروع ٿي هئي.

ان مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته اُن جو مقصد پاڪستان ۾ مهاجر پنجابي سامراج کي مضبوط ڪرڻ ۽ باهرين مسلمان ملڪن جي سنڌين،بلوچن ،پختونن تي ٿيل ظلمن لاءِ همدردي پيدا ٿيڻ ۾ رڪاوٽ وجهڻ لاءِ هي واڳ ڳايو ويو آهي. هن آمريڪي ايجنٽ ۽ مهاجرپنجابي مستقل مفاد جي شوبنائ بي اصولي ڪوڙي ۽ بداخلاق صاحب هاڻ پنهنجي عيسن لڪائڻ ۽ مهاجرپنجابي مستقل سامراج کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ اڳئي هيٺيان قدم کنيا آهن:-

(الف)"هن سندس آقا مهاجر پنجابي سامراج جي رضامنديءَ خاطر پهريائين نظريي پاڪستان(مسلمانن جي جداگانه قوم)سان حلف وفاداري کڻي،سنڌي، بلوچ ۽ پختون قومن جي جداگانه وجودکان انڪار ڪيو آهي.

(ب)هن پاڪستان جي ملڪي زبانن جي شان مهاجر پنجابي سامراج جي اردو زبان کي زوريءَ قومي زبان طورمسلط ڪيو آهي.

(ٽ)هن بنگلاديش ۾ پاڪستاني فوج کي شڪست ملڻ بعد ملڪ ۾ جا مايوسي پيدا ٿي هئي،ان کي جهڪي ڪرڻ لاءِ سرحد ۽ بلوچستان علائقن ۾ قوم پرست جماعتن کي وزارتن ناهڻ جو موقعو ڏيئي، مخالف کي عارضي طرح سرد ڪيو، پرساڻئي وقت مرڪزي حڪومت ۾ سرحدطرفان خان عبدالقيوم خان ۽ بلوچستان طرفان غوث بخش رئيسانيءَ کي مرڪزي حڪومت ۾ وزير نامزد ڪري،کين انهن صوبن ۾ سازش ڪرڻ لاءِ چيڙيو.۽ پوءِ حالتن ۾ ڪجھ ناهر اچڻ تي هن قوم پرست وزارتن کي برخاست ڪري،پنهنجون هٿ ٿوڪيون وزارتون نامزد ڪري، اتي جي ليڊرن کي جيلن ۾ موڪلي،نيشنل عوامي پارٽيءَ تي بندش وجهي،ان جي ملڪيت ضبط ڪري ڇڏي.

(ث) هيءَ ايڏو وڏو ڏڪياز ماڻهو آهي، جوپارت کان ملڪ موڙائي وڃڻ ۽ جنگي قيدين جي واپسيءَ لاءِ شملي هوجي ان سان نياز مندانه عهد نامو ڪيائين .ليڪن هن جي

دل صفا ڪاندهئي .هڪ طرف هنن سان عهدنامو ڪيائين ته ٻئي طرف لشڪر وڌائي،سائن جنگ لاءِ تياري ڪندو رهيو.پارت وارن ڪجھ شرافت،ڪجھ آمريڪي ۽ روسي اثر ، ڪجھ بزدلي۽ ڪوتاھ انديش پاليسيءَ ۽ ڪجھ ڪوڙن وعدن تي ڏوڪي ڪائڻ ڪري ملڪ ۾ مونڙائي ڏنو ۽ قيدي ۾ واپس ڪيا ۽ بنگلہ ديش تي اثر هلائي ظالم ملڙي آفيسرن تي ڪيس هلائڻ ۾ بند ڪرايا. اُن کان پوءِ هُن وري، پنهنجن آقائن مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي اثر هيٺ ۽ نظرئي پاڪستان کي مڃڻ سبب، ڪشمير جي مسئلي تي پارت سان مخاصمت شروع ڪئي آهي. آمريڪا کان ان واسطي هٿيار هٽ ڪرڻ، پاڪستان ۽ ڪشمير ۾ ڪشمير مونڙائي ونڊ لاءِ هڙتالون ۽ پارت خلاف نئين سر نفرت پيدا ڪئي آهي. هو دعويٰ ڪري ٿو ته ٦٠ لک ڪشميري عوام کي آزادي ونڊي ڏيڻ لاءِ ائين ڪري ٿو. پر هن ڏوڪياز کان کو پڇي ته اهو سڀ ڪشميري مائهن جي آزاديءَ جي جنون ۾ ڪري رهيو آهي، پر سنڌين، بلوچن ۽ پختونن جي آزادي کهڙي حساب سان سلب ڪريو. ڪين مهاجر پنجابي سامراج هيٺ رکيو ويٺو آهي! سنڌين، بلوچن ۽ پختونن تي ظلم ڪرڻ، جيلن ۾ موڪلڻ ۽ انهن جي حقن غضب ڪرڻ ۾ ڪيس ضمير جي چنبڙي کا نه ٽي لڳي .

(ج) هن پاڪستان جو اهڙو آئين پاس ڪرايو آهي، جنهن ۾ سنڌ، بلوچستان ۽ پختونستان قومن کي اقليت ۾ بنائي، مهاجر پنجابي سامراج جو غلام بنايو ويو آهي.

هُو ۽ سندس آقا ملڪ جا مُکيہ مسئلا حل ڪرائي نہ سگهيا آهن، پر عوام کي ڏوڪي ڏيڻ لاءِ وري اسلامي ملڪن جي اتحاد جو ڊونگ رچايو اٿن. ملڪ جا هيٺان مسئلا اڄا حل طلب آهن.

(١) نظريي پاڪستان کي ختم ڪري، قومن جي جُداگانہ وجود کي تسليم ڪري، باهمي سمجهو تي سان کو خاطر خواه حل ڳولي ڪيڻ.

(٢) ملڪ جي صحيح ترقي، تعمير ۽ عوامي زندگيءَ کي خوشحال بنائڻ لاءِ ضروري هو ته سوشلزم جي اصولن مطابق کا منصوبہ بندي ڪري، ڪي قدم کنيا وڃن ها. پر جنهن صورت ۾ سوشلزم جي صحيح معنيٰ ۾ مروج ڪرڻ سندس آقائن جي مفاد جي خلاف هو. ان ڪري ان کي بيڪار بنائڻ لاءِ سوشلزم جي نالي سان اسلام جو ڇڃ ڳنڊيي اُن کي مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي ايجنٽ مولوين جي رحم ڪرم تي ڇڏي . ملڪ جي ترقيءَ ۽ تعمير ۾ رڪاوٽ وجهي ڇڏي اٿس.

(٣) ملڪ جي جملي خرابين ۽ خامين جو ڪارڻ اسلامڪ آئين ۽ نظام اسلامي جي نالي ۾ مُلڪي سياست فسطائي طريقي مطابق هلائڻ هو.هن عوام جو توجه ملڪ جي حقيقي مسئلن کان هٽائڻ لاءِ غلط اسلامي نظام حڪومت جو راڳ ڳائڻ جاري رکيو آهي.دنيا جي عام مُروج دستور مطابق ملڪي حڪومت سيڪيولر بنيادن تي هلائڻي هئي .ليڪن هن ائين نہ ڪيو آهي. جنهن ڪري پاڪستان مُسان مستقل مفاد سامراج رهندو اچي.

(۴)دنيا جي عام دستور مطابق اهو ضروري هو ته ملڪ ۾ جمهوري طرز جو راج قائم ڪيو وڃي ها.ليڪن هتي ائين نہ ڪيو ويو آهي.نالو جمهوريت جو عوام کي

ڏوکي ڏيڻ لاءِ ورتو ويو ڇو.ليڪن ملڪ ۾ جدا قوميتن جي ڳالهه ڪرڻ جي اجازت نه آهي. ميٽنگن ڪرڻ تي ۱۴۴ قلم لڳائي بندش وڌي وئي ٿي يا گونڊا موڪلي.مخالف راءِ ڪندڙن جي ميٽنگن کي ڦاڙيو وئي ٿو.مخالفن کي مارائڻ، جيلن ۾ بنا ڪيس هلائڻ جي موڪلڻ، اتي قيدين سان نازيبا حرڪتون ڪرائڻ حتاڪ ڪن کي پيشاب پياريو ويو، ڪن کي ڏنڊ ڏياريا ويا.ڪن مخالفن سان جيل ۾ عادتي ڏوهارين هٿان بدفعلي ڪرائي ويئي. ججن کي هيسائي صحيح فتويٰ ڏيڻ تي بندش وجهائي ويئي آهي.جي ڪن ججن آزاد راءِ مطابق فيصلا ٿي ڪيا تہ انهن کي يا نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو آهي يا جيلن ۾ موڪليو ويو آهي.هتي جمهوريت جي ڏنبي هيٺ امڙا ڪم ڪياويا آهن.جي بدترين ڊڪٽيٽرن جي دور ۾ بہ سرزد نہ ٿيا هٿا.

(۵) ملڪ کي مضبوط ۽ مستحڪم بنائڻ لاءِ اها ڳالهه ضروري هئي تہ پروارن ملڪن سان سڀ تعلقات قائم ڪري، ملڪ جي پيدائش جو وڏو حصو ملڪ جي ترقي ۽ تعمير تي صرف ڪيو وڃي ها.پر جنهن صورت ۾ اهي ڳالهيون مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي خلاف هيون.انڪري هنن پاڪستان جا پروارن ملڪن سان تعلقات ٺيڪ ڪرڻ جي عيوض انهن سان مخاصمت پيدا ڪري،ملڪ کي سامراجي جنگي عهدنامن ۾ ڦاسائي،ملڪ جي پيداوار جو گهڻو حصو لشڪر.ي خرچ ڪري ،ان کي مهاجر پنجابي سامراج مضبوط ڪرڻ لاءِ پئي ڪتب آندو آهي.امڙي پاليسي اختيار ڪرڻ ڪري هيٺيان نتيجا نڪرن ٿا.

(الف) پنجابي ماڻهن جي ڪُڏر معاش جو انتظام ٿئي ٿو.

(ب) روس ، افغانستان ۽ پارت سان تعلقات خراب ٿين ٿا.

(ت)وڏايل لشڪر کي ننڍين قومن جهڙوڪ سنڌي، بلوچي ۽ پختونن کي غلام رکڻ لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو.

پاڪستان کي جن خاص ڏوکن جي بنياد تي هلايو وڃي ٿو،سي هيٺيان ۽ آهن۔

(۱) نظريو پاڪستان۔

(۱۱) اسلامي نظام حڪومت

انهن ٻن ڳالهين جي تشريح هيٺ ڏجي ٿي

نظريو پاڪستان

ان نقطي مطابق، هندستان جي مسلمانن کي مذهب جي بنياد تي ٻين مذهبن جي پوئلڳن کان علحده قوم قرار ڏيئي، سندن رهائش لاءِ جدا وطن جي گهر ڪري، برصغير هند جي ورهاست ڪرائي ويئي ۽ پاڪستان نالي سان جدا ملڪ قائم ڪرايو ويو ان جي برپا ڪرائڻ لاءِ هيٺين راين تي عام راءِ تيار ڪرائي ويئي۔

الف- هندستان جا رهاڪو مسلمان مذهبي عقيدن، روايات، رسم رواجن موجب

هند جي هندن کان علحده قوم هٿا. تنهنڪري انهن کي جدا ملڪ ۾ آزاد مملڪت ڊياري، پنهنجي، زاويي نگاه موجب زندگيءَ کي بسر ڪرڻ جا موقعا ميسر ڪرڻا هٿا.

ب- پاڪستان جي قيام بعد ان جا رهاڪو مسلمان مذهبي عقيدن مطابق اسلامي آئين تيار ڪري، ان ۾ اسلامي نظام حڪومت ۽ اسلامي انصاف قائم ڪري، ان کي دنيا جي مثالي حڪومت بنائڻ وارا هٿا.

ت- جنهن صورت ۾ پاڪستان هندستان جي جملي مسلمانن لاءِ جدا وطن بنجڻو هو، ان ڪري ان ۾ هندستان جي هر حصي کان مسلمانن کي آڻي وسائڻو هو.

ٿ- جيئن ته اها حڪومت مسلمان اڪثريت وارن حصن ۾ قائم ڪرائڻي هئي، جتي مختلف زبانن، ڪلچرن، تاريخي روايتن، سياسي ۽ اقتصادي مفاد جون قومون اڳئي رهنديون هيون، انهن کي رضامند ڪرڻ لاءِ ڪين آزاد ۽ خودمختيار رياستن قائم ڪرڻ جو ڏلاسو ڏنو ويو.

ج- جيئن ته برصغير هند ۾ هزارين ورهين کان مختلف مذهبن جا پوئلڳ، جهڙوڪ جين، ٻڌ، سک، ڪرستان ۽ مسلمان وغيره گڏ رهنديون هٿا، انهن کي هڪ ٻين جي نزديڪ آڻڻ ۽ هڪ قوم بنائڻ لاءِ ڪيترن درويشن، مصلحن عمرين صرف ڪيون هيون ۽ محبت جي بنياد تي منجهن اتحاد آڻڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، ان ڪري ان کي ٽوڙڻ لاءِ هنن نفرت جي آڌار تي، نفاق پيدا ڪري، سياست هلائي. دنيا جي آزمايل ۽ تسليم ٿيل قومي نظرئي مطابق، جديد قوم بنجڻ لاءِ وطن، زبان، ڪلچر، تاريخي روايات، سياسي ۽ اقتصادي مفادن جو يڪسان هڻڻ ضروري هو. ان نقطي نگاه کان قوم لاءِ مذهبن ۽ نظرين جو يڪسان هڻڻ ضروري نه ٿي ليکيو ويو. برخلاف ان جي، ملڪ جي ورهاست ۽ نئين ملڪ جو قيام خالص نفرت جي بنياد تي ڪرايل هو. اهو نظريو ته «هندستان جا مسلمان علحده قوم هٿا» مهاجر پنجابي مستقل مفاد طرفان ايجاد ڪيل هو، جنهن مان سندن مُراد نئين ملڪ ۾ سندن سامراج قائم ڪرڻ هو.

اهو نظريو غلط، ڏوکو ڏيندڙ ۽ تاريخي حقيقتن جي آڌار تي ردي ثابت ٿيل هو.

جيڪڏهن مسلمانن کي مذهب جي بنياد تي هڪ قوم تسليم ڪجي، ته پوءِ ساري دنيا جا مسلمان هڪ قوم شمار ڪبا، صرف هندستان جي رهاڪو مسلمانن کي ڪهڙي حساب سان علحده قوم شمار ڪري سگهبو.

ان نظريي جي حامين جو چوڻ هو ته عقيدي ۽ عمل جي يڪسانگي ڪري مسلم قوم علحده بنيل هئي. جيڪڏهن چتائي ڏسبو ته ان موجب به مسلمان هڪ قوم سڏجڻ جا حقدار ٿي نه ٿي سگهيا، ڇاڪان ته خود مسلمان سڏجڻ وارا به ۳۵۰ فرقن کان به وڌيڪ فرقن ۾ ورهايل هٿا. ازانسواءِ عمل جي نقطي نگاه کان به اهي مختلف قسمن ۾ ورهايل هٿا.

جيئن ته منجهن ڪي زاني، شرابي، استحصالي، ظالم چور، بدمعاش، ڏوڪيباز هٿا، ته ڪي وري پرهيز گار، انصاف پسند، اشراف، پراپڪاري، وطن دوست شخص هٿا ان ڪري جيڪڏهن صحيح مسلمان ٿيڻ لاءِ عقيدي ۽ عمل جو يڪسان هڻڻ ضروري هو، ته پوءِ مٿي ذڪر ڪيل اعتقاد ۽ عمل ۾ اختلاف رکندڙ ماڻهن کي هڪ قوم شمار ڪرڻ

ڪهڙيءَ طرح جائزتي سگهيو ٿي!

انهي نظرئي جي ايجاد ڪندڙن کي خبر هئي ته دنيا ۾ هن وقت ڪنهن به ملڪ جا مسلمان ان نظرئي کي مڃيندڙ نه هئا. اُن ۾ اعتماد رکڻ ڪري، مختلف قومن وارن مسلم ملڪن جي خودمختياريءَ جو خطري ۾ پڻجي ويڃ لازمي هو. انهيءَ ڪري انهن مان ڪوبه ملڪ ان کي مڃڻ لاءِ تيار نه ٿيندو. چاڪاڻ ته هر هڪ قوم لاءِ علحده ملڪ ۽ حڪومت جو هڻڻ لازمي هو. موجوده آزاد ملڪن مان ڪنهن کي ڪنيءَ ڪنبو آهي، جو وڏي آدمشماريءَ وارن مسلم ملڪن سان گڏجي هڪ حڪومت ٺاهي، پنهنجي خودمختياري هڪ طرف وڃائين، ۽ گهٽي پيدائش وارا ملڪ پنهنجي پيدائش ٻئي ڪنهل مسلم ملڪ جي ماڻهن جي واڌاري لاءِ خرچ ڪن، يا ٻاهريان مسلمان پاڻ وٽ رهائي، کين اجازت ڏين ته پيسا ڪمائي ٻاهر ڪٽي وڃي خرچ ڪن ۽ اُنهي ملڪ کي غريب بنائين!

انڪري اِنهيءَ ڏوڪي ۾ ڦاسائڻ لاءِ مهاجر پنجابي مستقل مفاد اول ۾ صرف هندوستان جي مسلمانن کي منتخب ڪيو. جيتوئيڪ کين اها خبر هئي ته برصغير هند ۾مسلم اڪثريت وارن رياستن جا رهاڪو وطن، زبان، ڪلچر، روايات، سياسي، اقتصادي مفاد ڪان هزارن ورهين کان علحده ۽ آزاد قومون ٿي رهندا آيا هئا. بهرحال انهن کي به جيڪڏهن پاڪستان جي نهراءَ ۾ آزاد ۽ خودمختيار رياستن بنائڻ جو دلاسو نه ڏنو وڃي ها ته هو ان ۾ شامل ٿيڻ لاءِ تيار ئي ڪونه ٿين ها.

جيئن ته مذهب جي نالي واري قوم جي نظرئي کي دنيا جون اڪثر قومون ۽ ملڪ، تجربي ۽ آزمودي بعد، ٽوڪاري چڪا هئا، ان ڪري ان کي دلڪپ بنائڻ لاءِ اسلامي نظام حڪومت، هندوستان جي هندن جي تسلط مان آزادي ۽ نون آزاد ملڪن ۾ پنهنجي نقطي نگاهه موجب آزاد حڪومتي قائم ڪرڻ جو ڏوڪو ڏنو ويو. پر اصل ۾ اُنهيءَ ساري دلبي مان مهاجر پنجابي مستقل مفاد جو مقصد ان نئين ملڪ ۾ سندن سامراج قائم ڪرڻ هو. هاڻ مس مس پاڪستان جي اصل رهاڪن جي گهٽي حصي کي معلوم ٿيڻ لڳو آهي ته اهو نظريو ڏوڪي وارو، دنياوي حقيقتن جي خلاف، تاريخي تجربي تي غلط ثابت ٿيل، سنڌ، بلوچستان، ۽ پختونن جي قومي وجودن ۽ مفاد جي خلاف هو.

تنهنڪري سندن سمجهدار قوم پرست ماڻهن اُنهيءَ پاڪستان سامراج جي ڪوڙڪيءَ مان نڪرڻ جي جدوجهد شروع ڪئي آهي. انهن کي ڏوڪي ڏيڻ ۽ دنيا جي مسلمان ملڪن جي همدردي حاصل ڪرڻ لاءِ، مسلم ملڪن جي اتحاد جي نالي ۾، هي نئون نانڪ رچايو ويو آهي . اهو مسلمانن جي هڪ قوم وارو تجربو پاڪستان ۾ ناڪامياب ثابت ٿيڻ بعد ڪهڙيءَ طرح ساريءَ دنيا جي مسلمانن لاءِ مفيد ٿي سگهندو، سا ڳالهه صاف ظاهرپيئي آهي. پر هيٺ ذڪر ڪيل سببن ڪري اهو ڏوڪو هتي جو حڪمران طبقو وري نئين سر آزمائڻ گهري ٿو-

(۱) هنن کي پتو آهي ته دنيا جا زياده تر مسلم اڪثريت وارا ملڪ هر ڳالهه ۾ پٺتي پيل هڻڻ ڪري جذباتي مذهب جي نالي ۾ ابتدا ۾ پاڪستان جي نندن قومن وانگر، ڏوڪو ڪائي، سندن يعني مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي لاءِ ڪم اچي سگهندا.

چاکاڻ ته صرف پاکستان جي رهاکن جي استحصال مان هنن جو پيٽ نٿو پرجي، سو هو، مذهب جي نالي ۾، بين ملڪن ۾ وڃي انهن جو استحصال ڪرڻ گهرن ٿا.

(۲) عرب ملڪن جي وچ ۾ آمريڪي سامراج يهودين کي آباد ڪري، اسرائيلي حڪومت مڙن مسلط ڪئي آهي. اُن مان اڪثر عرب ملڪن کي خطرو محسوس ٿئي ٿو، ۽ هو ان مان تنگ آهن. هو پريشان آهن ته ڪهڙيءَ طرح اُن مصيبت مان آزاد ٿين. سي جڏهن اسلام جي نالي ۾ پاکستان طرفان کين مدد ڪرڻ لاءِ مسلم ملڪن جي اتحاد جي ڳالهه ٻڌن ٿا ته ڏوڪو کايو وڃن جيتوڻيڪ کين خبر آهي ته هن ملڪ جا اڪثر حاڪم آمريڪي سامراج جا ايجنٽ (دلال) آهن سائن جنگي عهدنامن ۾ شريڪ ٿيو، اُن جي پيسي تي پلجي رهيا آهن.

(۳) پاکستان جي قيام بعد اُن جي مستقبل مفاد جي فضول خرچي، گهٽي لشکر رکڻ ۽ ٽن جنگين ڪرڻ ڪري، هي ملڪ آمريڪي جنگي عهدنامن ۾ شامل ٿيو، پيسن وڻڻ ۽ ترقي يافته ملڪن کان قرضن کڻڻ ۽ مدد وڻڻ جي باوجود، ڏيوالي جي ڪناري تي اچي بيٺو آهي، ايتريقدر جو قرضن جون قسطون بہ وقت تي ڏيئي نٿا سگهن. انڪري هن ڪانفرنس ذريعي عرب ملڪن کان اسلامي اتحاد جي نالي ۾ مدد ۽ قرض وڻڻ لاءِ بهانو بنايو ويو آهي.

(۴) غيرجانبدار ملڪن ۾ شامل ٿيڻ ڪري پارت جي عزت وڌيل آهي . سامراجي عهدنامن ۾ شامل ٿيڻ ڪري پاکستان جي حڪومت ان جماعت ۾ شامل ٿي نٿي سگهي. غيرجانبدار ملڪن جي اتحاد کان آمريڪي سامراج کي خطرو محسوس ٿي پيو آهي. انڪري سندس ايجنٽ پاکستاني حڪومت ذريعي اُنهيءَ جماعت جي اتحاد کي ٽوڙڻ لاءِ هي رنگ رچايو ويو آهي.

(۵) پاکستان ۾ مسلمانن جي جدا قوم وارو نظريو ڪجهه وقت لاءِ ماڻهن کي ڏوڪي ۾ رکي سگهيو، پر هاڻ تاريخي تجربي جي بنياد تي پرزا ٿيڻ کي اچي ويجهو ٿيو آهي.تنهنڪري ان کي ڪجهه حياتي ونيِ ڏيڻ لاءِ اسلامي اتحاد جو نالو اُچاريو وڃي ٿو.

ليڪن جيتريقدر مون غور ڪيو آهي ته اهو ڏوڪو بہ اڄڪلهه هلي هيٺين پنجن مشڪلاتن جي ٽڪر ۾ اچي پرزا پرزا ٿي ويندو:

(۱) جيئن ته مسلمان ملڪن جي اڪثريت عربي ڳالهائڻ وارن ملڪن تي مشتمل آهي، تنهنڪري اُنهيءَ جماعت جو صدر بہ ضرور عرب کي ڪيو ويندو. عرب ملڪ باوجود، پنٿي پيل هڻڻ جي، عربن جي قديم سامراج ۽ خلافت جي يادگيريءَ طور، ان اتحاد کي سندس قومي سر بلنديءَ ۽ سامراج لاءِ ڪتب آڻڻ جي ڪوشش ڪندا. انڪري اڄڪلهه هلي اُن جو افغانستان، ترڪيءَ، ايران، سنڊ، ملائشيا ۽ انڊونيشيا جي مسلمان ملڪن جي مفاد سان ٽڪر ٿيڻ جو انديشو آهي. جنهن مان وري اڄي وانگر عرب ۽ عجم مسلمانن جي اختلاف ٿيڻ جو امڪان آهي. ايرانين ۽ سنڊين حجاج بن يوسف ۽ محمد بن قاسم هٿان مڙن ٿيل ظلم ۽ استحصال کي اڃا نه وساريو آهي.

(۲)پاکستان عرب ملڪن کان پيسا وٺندو، پر آمريڪي عهدنامن کان بہ پاڻ ڇڏائي نه سگهندو،جنهن صورت ۾ آمريڪا اسرائيل کي مدد ڏيڻ کان باز نه

ايندو.انڪري نيٽ پاڪستان کي اُنهن ٻنهي ڏرين مان هڪ کي چونڊڻوپوندو.جنهن صورت ۾ يهودين جو قومي نظريو ۽ مهاجر- پنجابي سامراج جو قومي نظريو مذهب جي آڌار تي ساڳيو آهي،جنهن صورت ۾ مهاجر پنجابي سامراج جو قيام آمريڪي آڌار تي قائم آهي جنهن صورت ۾ يهودي ۽ هي مهاجر پنجابي مستقل مفاد عوام جي استحصال تي پلجن ٿا،تنهنڪري هم جنس هُٹ ڪري آخري طور پاڪستاني حڪومت آمريڪا کي ڇڏي نه سگهندي ۽ عربن کي ڦرينديء دغا ٻه ڏيندي.

(۳)هن وقت عرب مُلڪن کي سهوني ۽ آمريڪي سامراج جي دست درازين کان بچاءَ لاءِ روس ۽ غيرجانبدار ملڪن جي حمايت حاصل آهي،مسلم ملڪن جي اتحاد ڪري عربن کي هيٺين ٻن نقصانن پهچڻ جو انديشو آهي

(الف)شام،مصر ۽ لبنان ۾ هن وقت قوم پرستيءَ جي آڌار تي عيسائين جي همدردي انهن سان آهي،ليڪن سياست کي مذهبي رنگ ڏيڻ ڪري انهن ۾ گهرو اختلاف پيدا ٿيڻ جو انديشو آهي.

(ب)ان ڪري غير جانبدار ملڪن ۾ قيمتاڻو پوندو ۽ روس جي همدردي عربن لاءِگهڻجي ويندي،عرب بي يار ۽ مددگار رهجي ويندا.

(۴) هن مسلم ملڪن جي جماعت ۾ صرف مسلم اڪثريت وارن حڪومتن کي شامل ڪيو ويو آهي جنهن ۾ روس، پارت، چين، سنڊ، بلوچستان، پختون ايراضين جي مسلمانن کي شموليت جو حق ڏنو ويو آهي. هيءَ ڪهڙو انصاف آهي ته ڪويت،يمن،مالديو،قطر،بحرين وغيره جهڙن گهٽ تعداد مسلمان آبادين کي ان ۾ شامل ڪيو وڃي،۽ مٿي ذڪر ڪيل ڪروڙن جي آدمشماري وارن مسلمانن کي اِنهيءَ ۾ شامل ڪرڻ کان محروم رکيو وڃي.

(۵) مذهب جي بنياد تي مُسلم ملڪن جي اتحاد جو لازمي نتيجو سڀني مسلمانن کي هڪ قوم سمجهي انهن جي سياسي يڪجهتيءَ لاءِڪوشش ڪرڻي پوندي.ليڪن ملڪي حالتن جي تقاضا انهن سڀني مُلڪن کي نه هڪ حڪومت ۾ گڏي سگهند ي نه اسلامي نظام جي ڏوڪي ۾ قائماڻي سگهندي.ڇاڪاڻ ته انهن ۾ ڪي ترقي يافته ملڪ آهن ۽ ڪي پٺتي پيل آهن.انهن جي مفادجي ٽڪرجڻ جو امڪان آهي.ازانسواءِ ڪن مسلمان ملڪن ۾ لائق آباد زمين گهٽي آهي،آدمشماري گهٽ آهي، ڪن ۾ آدمشماري گهٽي ۽ زمين گهٽ آهي.اِن صورت ۾ بنگلاديش،انڊونيشيا،ملېشيا،پاڪستان جو پنجابي صوبو ممڪن آهي ته سندن وڏيل آدمشماريءَ کي ٻين پٺتي پيل،گهٽي پيدائش ۽ ايراضي وارن ملڪن تي مڙهڻ جي ڪوشش ڪن،جنهن ڪري انهن ملڪن ۾ آدمشماريءَ جي بار وڌڻ ڪري، مڪاني ماڻهن جي معيارزندگيءَ تي اثر پوي ٿو. ان ڪري قوي امڪان آهي ته انهن ملڪن ۾ ملڪي ۽ غيرملڪي ماڻهن جو اختلاف پيدا ٿي پوي،سنڊ۾ اسلام جي نالي ۾ مهاجر ۽ پنجابن جهڙيءَ طرح بيڪون قائم ڪري سنڊين جو استحصال ڪرڻ شروع ڪيو آهي. ساڳي حالت عرب ملڪن جي ٿيندي.

اسلامي نظام حڪومت

مسلمان ملڪن کي مذهب جي نالي ۾ متحد ڪرڻ سان انهن ۾ نظام اسلامي قائم ڪرڻ جي گفتگو بہ لازم ملزوم ٿي پوندي - جهڙيءَ طرح هتي نظريہ اسلام(مسلم قوم) جي نالي هيٺ مسلمانن کي متحد ڪري پاڪستان قائم ڪرڻ بعد ان ۾ نظام اسلامي رائج ڪرڻ جي گفتگو ٿيندي رهي آهي. ان ڪري ممڪن آهي تہ مسلمان ملڪن ۾ بہ اهڙي نظام جي گفتگوءَ ڪري ماڻهن کي منجهايو وڃي،جي ڪڏهن ان ڳالهہ تي غور سان نظر ڪري ڏسندا تہ پتو پوندوتہ "نظام اسلامي"جو مطلب نہ پاڪستان بنائڻ وارن ليڊرن جناح صاحب ۽ لياقت علي خان کي معلوم هو،نہ مهاجر مستقل مفاد جي ايجنٽ مولوين کي آهي،جن اسلام جي نالي ۾ پاڪستان جي قديم قومن جو استحصال ڪيو ٿي.اوهان کي جيڪڏهن ان بابت زياده معلومات حاصل ڪرڻ جو شوق هجي تہ پنجاب ۾ مسلم ليگي سياستدانن ۽ ملن مولوين طرفان، جي مسلمانن ۾ فرقيوار فسادڪرايا ويا هٿا ۽ انهن ايتري قدر زور ورتو هو،جو حڪومت کي انهيءَ خطي زمين سان مارشلا لاءُ ڪرٽو پيو هو. ۽ ائين حالتن کي قبضي ۾ آڻڻ بعد ڪين هڪ ڪميشن مقرر ڪرڻي پئي هئي،جنهن تي هاءِ ڪورٽ جا ٻہ ڪمپ جسٽس محمد منير ۽ جسٽس رستم ڪياني مقرر ڪيا ويا هٿا ان ڪميشن جي رپورٽ ملن اوهان کي "نظام اسلامي "جي حقيقت جو پتو پڄي سگهندو . هنن ججن جو رايو هو تہ "اسلامي آئين ۽ اسلامي نظام حڪومت جا هو،ان بابت پاڪستان جي عالمن سامهون ڪو مقصد ۽ سمجهہ جهڙو تصور ئي موجود ڪونہ هو،» سندن چوڻ هو تہ"هر ڪنهن ڌر اسلامجو نالو ڪتب آندو ٿي،ليڪن اسلام جا هو ان جي واضع مطلب جو پتو ڪونہ هون "موجوده حڪومت جي مدار المهام وزير اعظم ذوالفقار علي ٻُٽي بہ اڳين حڪمرانن جي نقش قدم تي هلي،اسلام جي نالي کي ڪتب پئي آندو آهي.حالانڪ اسلام مان سندن مطلب ڪهڙو هو ان جو نہ هن کي پتو هو نہ اڳين کي هو.

ٻُٽي صاحب جو اسلامي اُصولن سان واسطو نہ رهيو آهي ۽ نہ هي اسلامي اخلاق سان مانوس آهي .بلڪ ڪٽي چٽجي تہ سندس زندگي اسلامي اخلاق جو ضد آهي تہ صحيح ٿيندو.

ان مسئلي تي وڌيڪ بحث ڪرڻ تان اڳ بهتر ٿيندو تہ اسلام جي معنيٰ ڇا آهي،اُن جي ڪجھ تشريح ڪئي وڃي.

(۱) ملن جو چوڻ آهي تہ دنيا جي مذهبن کان دين اسلام علحده، مُڪمل ۽ آخري مذهب آهي . انسانذات جي نجات ان مان حاصل ٿيڻ واري آهي .

(۲)ملن جي چوڻ مطابق ان مذهب کي ساري دنيا تي زوريءَ مُسلط ڪرڻ لاءِ جهاد، اسلام جي بنيادي اُصولن مان هڪ آهي.

(۳) ملن جي چوڻ موجب معاشري جي مفاد ۽ رهبريءَ لاءِ اسلام ۾ مڪمل ڪود آهي جو روزِ قيامت تائين جُملي انسان ذات جي رهبريءَ ۽ مڪمل هدايت لاءِ ڪافي آهي ،ان ۾ ڦيرگهير ٿيڻي ڪانہ آهي.

۴- ملن جي چوڻ موجب اسلام کي مڃڻ وارا علحده قوم هٿا.جن کي سندن نقطي

نگاهه موجب زندگي بسر ڪرڻ لاءِ شريعت اسلامي مطابق آئين ۽ قانون نافذ ڪرڻ، پاڪستان کي دنيا جي مثالي حڪومت ڪري هلائڻو هو.

۵- انهن مقصدن جي حل لاءِ خلافت اسلاميءَ جو قيام ضروري هو.

بهتر ٿيندو ته آءٌ پهرين مٿي ذڪر ڪيل مُلن طرفان پيش ڪيل پنجن اصولن جي تشريح ڪريان.

منهنجي مختلف تصانيف خاص ڪري «جيئن ڏٺو آه مون» ۾ ان مسئلي تي تفصيل سان بحث ڪيل آهي، پر جنهن صورت ۾ منهن جا سڀ ڪتاب، هر هڪ ماڻهو ممڪن آهي ته پڙهي نه سگهي. ۽ انهن ڪتابن مان ڪيترا ڪتاب مختلف مضمونن تي لکيل هئا. اُنڪري مجبوراً انهن بيان ڪيل ڳالهين کي هتي ڏهرائڻ ضروري ٿو سمجهان.

مٿي ذڪر ڪيل مُلن جي اسلام جي پهرينءَ تشريح جي اهل تصوف ۽ صاحب نظر شخص صحيح نٿي سمجهيو ۽ دين اسلام کي جُدا، مڪمل ۽ آخري مذهب نٿي مڃيو.

مُلا جي ان دعويٰ کي هنن قران شريف جي واضح هدايتن، صوفياءِ ڪرام جي تشريحن ۽ رسول مقبول جي رحت‌العالمين واريءَ مشن جي خلاف ٿي ڄاتو.

قران شريف جي واضح هدايتن خلاف ڪيئن هئي؟

قران شريف ۾ ڄاڻايل آهي ته خدا عزو جل طرفان هرهڪ ملڪ، زماني ۽ قوم ونّ خدا طرفان پيغامبر موڪليا ويا هئا، جن ماڻهن کي راهِ هدايت ڏسي هئي، جن جي پيغام جو بنيادي مقصد ساڳيو هو. اهي سڀ حق تي هئا، انهن جي تعليم ۾ فرق ڪرڻ صحيح نه هو.

دين اسلام دين فطرت (قانون ارتقا) هو. اهو ابتداً کان وٺي آخر تائين سڀني پيغمبرن جو دين هو. اهو وهندڙ دريءَ وانگر روز بروز نئون پيغام آڻي، انسانذات جي رهبري ڪرڻ وارو هو. ان جا بنيادي متا ۱- اتحادي انساني، ۲- امن عالم . ۳- ترقي بني آدم هئا. سي سدائين قائم هئا ۽ رهڻا هئا، ليڪن امن جا فروعي قانون شريعت معاشري جي تبديليءَ سبب بدلجي سگهيا ٿي.

دين اسلام جو صحيح پوئلڳ اهو هو، جو خدا جي ذات ۽ وجود ۾ اعتقاد رکي ۽ انسانذات جي روشن مستقبل (آخرت) لاءِ ڪوشان رهي ۽ عمل صالح ڪري، جنهن جي ٻين لفظن ۾ اُها معنيٰ نڪرندي ته هو عقيدي ۽ عمل ۾ يڪسان هجي. انهن اُصولن موجب هلڻ وارو ماڻهو مسلمان هو، پوءِ ظاهري طور هو ڪٽي ڪنهن ٻئي مذهب جو پوئلڳ هجي. ۽ جيڪو ماڻهو قول ۽ فعل ۾ مٿي ذڪر ڪيل اصولن موجب پورو نه هو، نه اخلاق درست هوس، نه اتحاد انسانيءَ لاءِ ڪم ڪندڙ هو، بلڪ نفاق ۽ نفرت جو مجسمو هو، اهو باوجود ظاهري طور مسلماني گروه ۾ شموليت جي به، صحيح مسلمان سڏجڻ جو حقدار نه هو. ان ڪري ٿي ملا سندن نقطي نگاهه موجب نهي نه ايندڙ ماڻهوءَ لاءِ ڪفر جي فتويٰ ڏين ٿا، سي ظاهري طور مسلمانن جي ڏمري ۾ داخل هئا. انهيءَ حساب سان هن وقت مسلمان سڏائيندڙ قوم مان ڪيترا ماڻهو ان دائري مان خارج ٿي ويندا. ۽ ساڳئي حساب سان ٻين ڪيترن مذهبن جا صالح ماڻهو مسلمان شمار ڪري

سگهيا. اهڙيءَ طرح مُلن جي طرفان مذهبن جي موجوده ورهاست ٿي غلط هئي.
۴- ماڻهن کي، مختلف زمانن ۾، وقت بہ وقت، ٿين معلومات پٺي حاصل ٿي آهي، ۽ آئيندہ بہ ٿيڻ واري آهي. هدايت جا دروازا بند ٿيل نہ سمجهڻ گهرجن.

رسول مقبول صلعم جو چوڻ هو تہ سندس سچا پوئلڳ بني اسرائيل جي پيغمبرن جي درجي ۽ حيثيت وارا ٿيندا. جنهن جي معنيٰ اها نڪرندي تہ جهڙيءَ طرح پيغمبرن کي الهام ٿي نيون ڳالهيون ڏهن نشين ٿيون ٿي، اهڙيءَ طرح آئندہ بہ ماڻهن کي نيون ڳالهيون معلوم ٿيڻ واريون هيون، ۽ اهو سلسلو بند ٿيڻ وارو ڪونہ هو.

هدايت جي رستي تان ڪن کي خارج سمجهڻ، جهڙيءَ طرح هن وقت مُلن ۽ مهاجر پنجابي مستقل مفاد قاديانين کي خارج ڪري ڇڏيو آهي، غلط هو. منهنجي نظر ۾ پُڻي صاحب ۽ ان جي ايجنٽ مُلن ۽ آقائن مهاجر پنجابين کان قادياني زياده مسلمان هئا. هو پيغمبر خدا جا انهن کان وڌيڪ مخلص پوئلڳ هئا.

۵- مذهبن جي مستقل مفاد جو قديم وقتن کان دستور پٺي رهيو آهي تہ پاڻ کي سچ تي ۽ ٻين کي ناحق تي سمجهندا رهن. ان سلسلي ۾ خدا سائين قران شريف ۾ پيغمبر کي فرمائي ٿو تہ "يهودي نصارن کي ناحق ۽ پاڻ کي حق تي سمجهندا هئا. اهڙيءَ طرح سان يهودين کي سمجهندا هئا. ساڳيءَ طرح ٻين مذهب وارن جي دعويٰ هوندي هئي." اُن تي خدا سائين فرمائي ٿو:

"ماڻهن کي ٻڌاءِ تہ حق ۽ ناحق جو فيصلو هو پاڻ ڪري نہ سگهندا . خدا سائين اُن جو فيصلو ڪندو تہ ڪير حق ۽ ڪير ناحق تي هو."

مذهب اسلام جي خود، مختلف ملڪن ۾ تاريخ جي ڪوٺيءَ، مڪاني حالتن، ماحول ۽ ٻين مذهبن جي اثر ۽ معلومات بعد، جُدا قسمن جي پٺي تشريح ٿي آهي. جهڙيءَ طرح سچ جي روشني جدا رنگن وارن شين مان جُدا ڏسڻ ۾ اچي ٿي، اهڙيءَ طرح اسلامي تعليم بہ عرب ۾ هڪڙي صورت اختيار ڪئي، ايران ۾ ٻئي رنگ ۾ ظاهر ٿي، يورپ ۾ ان جي تشريح نئين قسم جي ڪئي ويئي، سنڌ ۾ ان جي چوٽين معنيٰ ۽ مطلب ڪڍيو ويو. بهتر آهي تہ آءٌ اسلام جي مختلف ملڪن ۾ جدا رنگن بابت ڪجهہ ذڪر هيٺ ڪريان.

عرب ۾ اسلام جي صورت

هر ملڪ ۾ عام ماڻهن تي سندن قديم روايات، سوشل رسمن، قديم مذهبي عقيدن، شخصي طبيعتن، آبهوا، نسلي رُجحانات جو اثر پوي ٿو. عرب ملڪ، جنهن ۾ هن وقت سعودي عرب جي حڪومت آهي، زياده صحرائي خشڪ زمين تي مشتمل آهي. اُن جا رهاڪو، سواءِ ڪن چند شهرن جي خانہ بدوش، بدوياند زندگي گذارينڌڙ، مال تي گذران ڪندڙ، قبيلن ۾ ورهايل ۽ ٽوريءَ گهٽيءَ ڀاڙه تي جوش ۾ اچي جنگ جدل ۾ حصو وٺندڙ ۽ وهم پرست پٺي رهيا آهن.

جيتوڻيڪ انهن تي ٻاهرين مختلف مذهبن ۽ رسم رواجن جهڙوڪ آتش پرست

پارسين، بت پرستن، يهودين ۽ انصارين جا اثر پٽي پيا آهن. ليڪن اڪثري هو سندن بدويانہ روايتن ۽ دستورن جي طرف موٽي پٽي ويا.

عرب جا ماڻهو صاف دل ۽ ساده مزاج هٿا. رسول مقبول صلعم، جنهن دين جي ڪين تعليم ڏني، ان جا ۾ پهلو هٿا.

هڪ ڪين روز مره جي ڳالهين ۾ رهبري ڪري، متحد ۽ مُهذب بنائڻ سان واسطو ٿي رکيو. ۽ ٻئي پهلوءَ ڪين انسانذات جي مُڪمہ مسئلن ۽ اونهن اسرارن ڏانهن متوجه ٿي ڪيو پيغمبر خدا جي برقعي مٿائڻ بعد اڪثريت ماڻهن جي پهرئين پهلوءَ ڏانهن مائل رهي ۽ ٻئي پهلوءَ طرف صرف راسخ العلم ماڻهن ڏيان ڏنو.

جيئن تہ عرب جي ماڻهن جي اڪثريت ڏهني ۽ روحاني طرح ٻئي صيفي دين لاءِ تيار نہ هئي ان ڪري مجبوراً ان صيفي علم عرب کان ٻاهر زياده مُهذب ماڻهن ۾ وڃي نشونما حاصل ڪئي.

پهرئين گروه ڪري ظاهر نالي وارن مسلمانن جو تعداد ۽ حڪوت وڌي، ليڪن صحيح اسلام جي عالمگير مشن زور نہ ونبي سگهي. پهرئين گروه تشدد، حڪومت ۽ عربي عصبيت کي اهميت ڏني، جنهنڪري قتل، غارت، خود مطلبي، ظاهر پرستي، ذاتي ۽ قبيلائي دشمنيون هلنديون رهيون. جنهنڪري ٻي خليفا قتل ٿي ويا. اهل بيت رسول الله کي جلا وطن ٿي، ڪربلا جي ميدان ۾ بي يارو مددگار مسلمانن هٿان شهيد ٿيڻو پيو. عربن جي قبيلائي ضد جي اها حالت هئي، جو سون ورهين تائين امام حسين عليه السلام جو مُقبرو تعمير ٿي نہ سگهيو. ۽ ورهين تائين مسجدن ۾ رسول مقبول صلعم جي اولاد تي خطبن ۾ شب وستم (ملامت) ٿيندي رهي. تاريخ کي چتائي ڏسندا تہ اُن پاليسيءَ ڪري عرب ۾ روحاني تعليم گهٽجي وڃي چند مخصوص ماڻهن وٽ محدود رهي هئي. خود عرب پنهنجي حڪومتن جا مرڪز بہ دمشق (شام) بغداد (عراق) ۽ قاهره (مصر) ۾ وڃي ڪيا. رسول مقبول جي روضي اطهر ۾ سندس اهلبيت مان ڪنهن کي دفن ٿيڻ جو موقعو نہ مليو. خود حرم شريف جي دروازن مان ڪن کي بہ اهلبيت جي نالن سان منسوب نہ ڪيو ويو. هن وقت بہ دنيا جي پنڌتي پيل ماڻهن مان فقط عرب جارهاڪو ٿي آهن ،جي چوريءَتي هٿ وڌائين تا،خون جي عيوض جلاد کان حرم جي دروازي تي قتل ڪرائين تا.سندن سرشت ۾ تشدد ۽ تعصب سمائجي ويو آهي. اسلام جي بنيادي اصولن مان سواءِ چند اشخاص جي عربن جي اڪثريت کي واقفيت نہ آهي.

رسول مقبول جڏهن انهن کي اسلام جو پيغام پهچايو هو تہ ان وقت هنن جي حالت هيئين طرح هئي:

(۱)هو قبيلائي دشمنين ۽ جنگ جدل ڪري هڪبين جا دشمن ۽ گروهن ۾ ورهايل هٿا.

(۲)شرابخوريءَ،زنا،جُوا وغيره جهڙين بد عادتن ۾ غرق هٿا.

(۳)سندن اڪثريت بت پرستيءَ ۽ وهم پرستيءَ ۾ قائل هئي.

(۴)غريب،خانہ بدوش ۽ ڪمزور هٿا.

رسول مقبول جي تعليم ۽ تصرف کين قبيلائي اختلافن کان ٻاهر ڪڍي،هڪ قوم

بنائڻ جو پاڻو وڏو،شراب خوري،زنا،جوا،بد رسمن، بداخلاقين وغيره کان کين آجو ڪيو،سارو عرب هڪ سياسي نظام هيٺ ٿي ويو.کين بت پرستيءَ کان ٻاهر ڪڍي،توحيد سان مانوس ڪيو ويو،ان سموري ڪم لاءِ گهٽيءَ حد تائين وعظ ۽ نصيحت کي ڪم آندو ويو.نتيجو اهو نڪتو ته ساري عرب متحد ٿي،هڪ مذهب ۽ حڪومت هيٺ رهڻ شروع ڪيو. اهڙيءَ طرح سان عرب غربت مان نڪري سڪيا ٿيا،۽ پروارن ملڪن تي عرب سامراج قائم ٿيو-

ليڪن هن ڳالهه کان انڪار ڪري نٿو سگهجي ته انهن پروان ملڪن جا مائهو، جن تي هنن قبضا ڪيا هئا. وڏيڪ مُهذب، قديم تهذيب ۽ شهنشاهيءَ جا مالڪ هئا.اُنهن وٽ علمي ذخيرو عربن کان زياده هو،۽ اتي ٻين عالمگير مذهبن جا مرڪز قائم ٿيل هئا-

عربن پيغمبر خدا جي برڪت، نئين حاصل ڪيل اتحاد ۽ ٻين ملڪن جي فتوحات مان حاصل ڪيل مال سان پاڻ کي آسودو ڪري،پنهنجي حڪومت جو دائرو وڏايو. ليڪن هنن کان هيٺون غلطيون سرزد ٿيون:

(۱)پنهنجي جنگي لياقت ۽ اتحاد ڪري فتح ڪيل ملڪن جي مائهن کي عجمي سڏي،عربي قوميت برقرار رکڻ لاءِ،هُنن پنهنجي ٻولي ،رسم رواج ، دستورن ۽ راين کي اسلام جي نالي سان زوريءَ ٻين مٿان مڑهڻ جي ڪوشش ڪئي، انهيءَ پاليسيءَ کي اهڙيءَ شدت سان مُروج ڪيائون،جو قديم تهذيبن جي آثارن کي مٽائڻ لاءِ عرب زبان کي اسلامي زبان تصور ڪيائون ۽ انهن مائهن کي مجبور ڪري، سندن قديم مذهب بدلارائي،عربي نقطي نگاه واري مذهب ۾ رڳڻ جي ڪوشش ڪيائون، مڪاني زبانن، رسم الخط کي بدلارايو ويو ۽ نالا بدلارايا ويا- هتاڪ مائهن تي اهو اثر وڏو ويو ته عربي نسل وارا بر تر هئا ۽ ٻيا گهٽ هئا. جنهن ڪري ڪيترن ابن الوقت مائهن، حاڪمن وٽ سُرخرو ٿيڻ واسطي پنهجون اصل ذاتيون بدلائي،عرب نسل سڏائڻ شروع ڪيو. عرب فاتحن فتح ڪيل مُلڪن مان ڦر ڪيل مال کي غنيمت جو نالو ڏيئي، اتي جي مردن ۽ زالن کي غلام بنائي، اڇي پنهنجي ملڪ ۾ وڪيو يا ڪم آندو. اهڙيءَ طرح آندل زالن کي نڪاح ڪانسواءِ ڪتب آڻڻ هُنن جائز ڄاتو .

(۲) اُنهن فتح ڪيل مُلڪن جي قديم مذهبن کي هُنن زوريءَ ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي،حالانڪ قران ۾ صاف ظاهر ڪيل هو ته هر ملڪ،قوم ۽ زماني ۾ خدا طرفان پيغامبر موڪليل هئا،جي بنيادي طرح سڀ حق تي هئا.انهن پيغمبرن ۽ سندن ڪتابن تي ايمان آڻڻ مسلمان بنجڻ لاءِ ايمان جو جُزو هو.پر فتح جي نشي،۾ قرآن جي ان صريح حڪم کان منهن موڙي،ظاهر ڪيو ته پيغمبر محمد صلعم جي ورود بعد اڳوڻا سڀ مذهب منسوخ ٿي ويا هئا انهن جون ڪيترين ڳالهيون عمل ڪرڻ جي لائق نه رهيون هيون، وغيره.نتيجو اهو نڪتو ته دين اسلام ،جو ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت ڏيکارڻ جو پيغام ڪُني آيو هو،جنهن مطابق هر پيغمبر جي تعليم مان "خذما صفا ودع ملڪدر" جي نقطي نگاه موجب چڱيون ڳالهيون چونڊي هٽ ڪرٽيون هيون،سا مٽن رهجي وئي. عربن جو اسلام هڪ قسم جو عربي سامراج بنجي پيو.

(۳) عربن جي فتح ڪيل ملڪن ۾ قديم تهذيبون هيون، انهن جا ڪلچر هئا،علم هئا، سندن ترقي يافته زبانون هيون، وٽن وڏا ذخيرا ڪتابن جا هئا. هنن وٽ فن

لطيف جا نادر نمونا هٿا. پر عربن جوش جنون ۾ اچي، ڪتب خانا ساڙايا،جنهنڪري هزارن ورهين جي گڏ ڪيل علمي ذخيرن کان ماڻهو محروم ٿي ويا. ۽ نادر فن جا ذخيرا بت پرستيءَ کان بچڻ جي عذر تي ناس ڪيا ويا.تصويرن،پٽلن،راڳ کي ممنوع ٺهرايو ويو.

جهڙيءَطرح اڇڪلهه ڪي ڪميونسٽ ماڻهو جوش جنون ۾مارڪس،لينن۽ ماٿوزي تنگ کان سواءِ ڪنهن ڳالهه کي ٻڌڻ لاءِتيار نه آهن، اهڙيءَ طرح عرب سڳورن ۽ سندن هم خيال نون مسلمانن هر قديم ڳالهه کي ختم ڪري ، عرب سامراجي اثر هيٺ رڳڙ شروع ڪيو.

چي، قران ۽ حديث کافي هٿ،پوءِ ڳالهه کين کاڌ ڪندي هئي، پر هنن ان ڳالهه ڏي توجهه نه ڏنو ته خود قران وڏي واڪي پئي چيو ته: «زمين ۾ پکڙجو، عمل حاصل ڪريو،اندر جي اکين وارن کي قدرت جي هر شيءِ مان سبق ونڊو هو، خود خدا جي شناخت ۽ سندس مخلوق جي سڃاڻڻ ذريعي حاصل ٿيندي هئي»

هي ڪتاب،علم،تصويرون،مجسما ۽ زبانون صانع عالم جي فطرت جاڇيدا ڪيل هٿا. هو ڪير ٿيندا هٿا،جو خالق اڪبر جي طرفان پيدا ٿيل شين کي ختم ڪري ،پنهنجي آمرانه نقطي نگاه کان ٻاهرين کي ناحق تي سمجي،پاڻ کي حق تي سمجهي ڇاڻن. خدا طرفان کين چيو ويو هو ته اسلام نئون دين نه هو بلڪ اڳين دينن کي صحيح ۽ سچو ثابت ڪرڻ لاءِ وجود ۾ آيل هو. ان کي ڪثرت مذهب پويان اُصولي وحدت پرڪڻ جو ڪم سپرد ڪيل هو.

(۴) عربن کان آيل اسلام کي آهستي آهستي اهڙي رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ٿي،جڏ عرب قوميت،عربي زبان ،عربي عبادات ۽ عربي مذهبي عقيدا ۽ اسلام ساڳي ڳالهه هٿا. تنهنڪري هر ڳالهه جا غير عربي هئي، ان کي غير اسلامي سمجهڻ ۾ آيو. عرب جي سر زمين تي مرڻ کي ترجيح ڏني ويئي . عبادت عربيءَ ۾ ڪرڻ تي زور ڏنو ويو شادين غمين جي مختلف ملڪن ۾مروج دستورن کي ڪڍي، عربي دستورن مطابق بنائڻ جي ڪوشش ٿي، عربي لباس کي اهميت ڏني ويئي. مسلمان ٿيڻ لاءعربي نالا رکائڻ لازمي سمجهيوويو. ان کان ٻاهر هر ڳالهه کي بدعت سمجهو ويو. روحانيت تي زور ڏيڻ جي عيوض يهودين وانگر ظاهري عبادت ۽ فقهي شريعت کي اسلام سمجهي،ان کي اهميت ڏني وئي.

قران ۾ صاف ڄاڻايل هو ته ڏين جي معاملي ۾ زور زبردستي جائز نه هئي ۽ ماڻهن کي راه حق تي وعظ،نصيحت ۽ عقل ذريعي پاڻ ڏي ڇڪڻو هو.» ۽«مذهب جي معاملي ۾ بقائي باهميءَ جي اصول کي مدنظر رکڻو هو »

پر هنن سامراجي ذهنيت وارن مذهب کي سياست جو جزو بنا ئي هر ڳالهه ۾ تشدد کي جائز ٺهرايو،انهيءَ نقطي نگاهه کان هنن جهاد کي اسلام جو رڪن ٺهرايو. هنن اکين جي انڌن کي خبر پيئي ته جهاد جي اها معنيٰ نه هئي ته ماڻهن کان زوريءَ پنهنجاعقيدا بدلارائي، کين عربي نقطي نگاه ۽ سياسي سامراج واري مذهب جو پوٽلڳ بنايو وڃي. بلڪ ان جي معني اها هئي ته مذهب ۾ تشدد جي عيوض اندر اجارڻ کي

جهاد اڪبر سڏيو وڃي.

"الله اڪبر" جي معنيٰ ۽ مقصد خدا جي جلال جو هر طرف مظهر ڏسڻو هو، نه ته اهو نالو ولي اُن نالي سان جانورن کي ڪهي کائڻ يا سياسي ۽ مذهبي مخالفن کي الله اڪبر جو نعرو هڻي قتل ڪرڻ جي استعمال عوض اسلام عدم تشدد جي هدايت ڪئي ٿي. تشدد جهنگل جو قانون هو.اسلام امن ۽ سلامتيءَ جو دين هو .تشدد کي عرب سامراجين دين جو جُزو اُن ڪري بنايو هو ،جو سياست ۽ مذهب کي گڏي هلائڻ ۾ سندن سامراجي مفاد پورا ٿي ٿيا.

اسلام کي دنيا لاءِ رحمت عوض عرب حاڪمن جي هٿئي طور استعمال ڪرڻ جو نتيجو اهو وڃي نڪتو ته آهستي آهستي ٿي،مفتوح ملڪن ۾ رد عمل پيدا ٿيو ۽ هو عربي سامراج جا مخالف ٿي پيا ۽ خود عربن ۾ اقتدار لاءِ چڙپيڙي شروع ٿي ويئي ، بنو اُميه سامراج کي بنو عباس ختم ڪيو. ليڪن عباسين جون به ساڳيءَ طرح مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻ ڪري اهڙيون حالتون پيدا ٿي پيون جو اسلام ۾ مُڪيه گروهن ۾ ورهائجي ويو- هڪ سني ۽ ٻيو شيعه گروه،ايرانين ۾ عربن خلاف ايتري قدر مخالفت پيدا ٿي پيئي جو ايرانين جي قومي شاعر فردوسيءَ کي چوڻو پيو ته،

زشيرو شترو خوردن سوسمار
عرب را بجائي رسيد ست کار
ڪه تخت ڪيان را ڪند آرزو
تفو بر تو اي آسمان تفو!

البت عباسين جي دور حڪومت ۾ هندي ۽ يوناني علمن جي ڪتابن جا عربي زبان ۾ ترجما ٿيا. مذهب کي فلسفيائي نقطي نگاهسان ڏسڻ شروع ڪيو ويو.عجمين جي نقطي نگاه سمجهڻ جي ڪوشش ٿي ليڪن مذهب۽ سياست جي گڏي هلائڻ ڪري اسلام کي آزادانه سمجهڻ لاءِ وري به ميدان هموار ڪونه ٿيو.

(٢) ايران ۾ اسلام جي تشريح

ايرانين کي قديم وقت کان پنهنجي تهذيب هئي. هتي جي وڏي شهنشاهيت هئي، جنهن جا ڪو وقت سنڌ،ترڪستان،عراق،شام،مصر،ايشيا مائنر به ماتحت هئا.

عربستان جا رهاڪو هنن جي لشڪر ۾ پرتي ٿي ڪم ڪندا هئا.هنن کي پنهنجا پيغمبر ۽ مذهب هئا،جن ۾ زردشت مُڪيه هو. ان دنيا کي دوئيءَ جي فلسفي کان واقف ڪيو جنهن مان هر هڪ شيءِ جا ٻه طرف ڏسڻ ۾ آيا- ايتري قدر، جو خدا به ٻن گروهن ۾ ورهايا ويا- اهرمزد ۽ اهرمن.نجوم جو علم هنن وٽ ترقيءَ تي هو.هو سورج ۽ ستارن جي پوڄا ڪندا هئا. آتش کي سورج جي جُزي سمجهڻ سبب، اُن جو وڻن احترام ٿيڻ لڳو. نور ۽ ظلمت جي نالن هيٺ روحانيت کي سمجهڻ جي وڻن ڪوشش

ٿي.

هن تي جڏهن عرب جي اسلام واري تعبير مڙهي ويئي،تہ آهستي ڪري هن سُني مذهب کي ترڪ ڪري، شيعا مذهب اختيار ڪيو،ڇاڪاڻ تہ شيعن جو مدار المهام حضرت علي عليه السلام روحانيت جو علمبردار ڪري تسليم ڪيو ويو ٿي ۽ هو بين الاقواميت جو قائل هو، بني امين ۽ بني عباسين وانگر هن عربي قوميت جي برتري نٿي چاهي.

اول ۾ عربي زبان جو هُنن تي تسلط قائم رهيو، ليڪن ٿوري وقت ڪان پوءِ هنن پنهنجي ڪلچر ۽ زبان کي زور وڌائي ،عربي سامراج جي اثر ڪان پاڻ کي آزاد ڪيو،هنن جي زبان ۽ ڪلچر ايتري قدر ترقي ڪئي، جڏهن مُسن منگولن سندن راڄ قائم ڪيو، تہ اُهي بہ سندن رنگ ۾ رڇجي ويا. تُرڪن ۽ مُغلن بہ فارسي زبان کي پنهنجو ڪيو.

اسلام جي تعليم جيتوڻيڪ پيغمبر خدا عرب مان ڏني، ليڪن ان کي ايرانين اهڙي پسنديده انداز ۾ پيش ڪيو،جو ان جو اثر مسلمانن جي گهڻي پاڳي تي ڇائنجي ويو. منصور حلاج، مولانا روم، خواجہ فريدالديدن عطار،شمس تبريز،حڪيم سنائي وغيره اهڙيءَ اسلامي تشريح کان دنيا کي واقف ڪيو، جا عربن جي قوم پرستيءَ واري تخيل کان گهڻو بلند هئي. هنن عرب شهنشاهن کان بغاوت ڪري، پنهنجون حُڪومتون برپا ڪيون، هنن عربن کان ويڑ ونڊ لاءِ، منگولن هٿان بغداد جي خلافت کي ختم ڪرايو اهو ايڏوڏڪ هو،جو پوءِ بغداد ۽ دمشق مان عربن جي طاقت ختم ٿي، وڃي مصر ۾ پناهہ ورتي، اتي هُنن فاطمي نالي سان سلطنت قائم ڪري، ڪجهہ وقت راڄ ڪيو، پر ان کان پوءِ خلافت جي واڳ عربن جي هٿن مان نڪري، ترڪن جي هٿن ۾ اچي ويئي ،تان جوآخر ۾ خود عربن اُن "پٽن اسلامزم" ۽ خلافت کي قوم پرستيءَجي آدار تي ختم ڪري، آزادي حاصل ڪئي.

هاڻ ايرانين کي پنهنجي تصرف هيٺ آڻڻ لاءِ وري پٽن اسلازم يا خلافت طرف ڇڪڻ وسيلي جاآمريڪا جي ايجنٽ پاڪستاني حڪومت جي معرفت ڪوشش ٿي رهي آهي، تنهن کي ايراني قبولي نہ سگهندا.

(۳) يورپ ۾ اسلام جي تشريح

جنهن وقت اسلام جو آواز عرب مان نڪتو، ان وقت يورپ جي حصي ۽ ايشيا مائنر ۾ ،ويندي شام تائين،رومن سامراج جو آخري دور هو. مسلمانن اُپرندي کان آسٽريا جي اڌ تائين مُلڪ فتح ڪيا. الهندي طرف صرف اسپين تي قبضو ڪيائون. انهيءَ ڪري يونان جي فلسفي ۽ عيسائي مذهب جي تقويٰ اسلام تي اثر ڪيو، جنهن جو بهترين نمونو شيخ الاڪبر محي الدين ابن عربيءَ جي تعليم پيش ڪري ٿي. اُهو اسپين ۾ پيدا ٿيو هو ، اُن تي افلاطون،جلاج،مولانارومء نوفلاطوني فلسفن ۽ عقيدن جااثر ڏسڻ ۾ اچن ٿا.اُن کان پوءِ جيتوڻيڪ سمورو يورپ عيسائي مذهب جوپيروڪار

رهيو. ليڪن عيسائيت اسلام کي گهٽو نزديڪ ڏسڻ ۾ آئي،پراٽسٽنٽ مذهب اسلام جو يورپي چاپو هو. ان کان بعد مشترقين مثنوي مولانا روم جو ترجمو ڪيو،حڪيم سنائيءَ جو "حديقہ" مغربي زبان ۾ آندو،۽ خواجہ فريدالدين عطار وغيره بزرگن جي تعليم دنيا سان روشناس ڪرائڻ جي جا هنن ڪوشش ڪئي ، سا اسلام کي جديد نموني پيش ڪرڻ جي سندن خدمت هئي.

ليڪن عيسائيت ۾ مسلمانن تي اثرڪرڻ کان نہ رهي سگهي.

خلافت جو ادارو پوپن جي دستور موافق قائم ڪيو ويو هو. مذهب ۽ سياست جي گڏي هلائڻ کان جڏهن پورپي قومن بيزاري ڏيکاري، تہ ان کي مسلمانن ۾ٿي هٿ وجهي، ڪري سوگهو ڪيو. هاڻ مسلمان ملڪ، لڪير جا فقير ٿي، ترڪن جي آزمودي بعد، هڪ پيرو ان کي ترڪ ڪرڻ جي باوجود ۾ وري آزمائش گهرن ٿا. موجوده مسلم ڪانفرنس ان فرسوده نظريئي جي شاخسار آهي. يورپ کان هڪ طرف پوپن جي تتبع تي خلافت جو ادارو مسلمانن قائم ڪيو، تہ ٻئي طرف قوم پرستي ۾ انهن کان کين ورثي ۾ ملي. ترڪن مان جان ڇڏائڻ لاءِ عربن قوم پرستيءَ جي بنياد تي حڪومتون قائم ڪيون. خود ترڪن ۾ خلافت کان توبہ ڪئي. وري هاڻ اسرائيل کان جان ڇڏائڻ لاءِ مغربي ملڪن جي اڳوئي شاگرد ۽ هاڻوڪي استاد، آمريڪا جي اثر هيٺ، مهاجر پنجابي مستقل مفاد ساڻين عربن کي گمراهہ ڪري، قوم پرستيءَ کي ڇڏي، وري مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻ ۽ پٺن اسلامزم لاءِ هڪڙي نام نهاد اسلامي سربراهہ کانفرنس ذريعي ترغيب ڏيئي رهيا آهن.

پر هيءَ ڳالهہ صاف پيئي ڏسجي تہ اهڙن طريقن سان نہ اسلام جي صحيح تعليمہ کي فروغ ملندو ۽ نہ مسلم حڪومتن کي ان مان فائدو حاصل ٿيندو.

(۴) سنڌ ۾ اسلام جي تشريح

عربن بني اميہ سامراج جي دور ۾ سنڌ کي فتح ڪري پنهنجو سامراج قائم ڪيو. سنڌ جي عام ماڻهن ڪجهہ جزيي جي خوف کان، ڪجهہ حڪومت جي ڪارندن وٽ پسند پوڻ لاءِ ۽ ڪجهہ درويشن جي اثر ڪري اسلام قبول ڪيو. ابتدا ۾ تہ هو ڏهيا پيا هئا، پر آهستي ٿي، هنن کي پتو پوڻ لڳو تہ اسلام جدا ڳالهہ هئي ۽ عرب سامراج جدا هو. نيٺ هنن عربي سامراج کي ختم ڪري، پنهنجيون حڪومتون قائم ڪيون. سنڌ ۾ اڄي جين مت، ٻڌ ڌرم، ۽ پارسي مذهب جا آثار رهيل هئا. درويشن طرفان کين ٻڌايل هو تہ قران جي تعليم مطابق صحيح مسلمان بنجڻ لاءِ اڄين دينن جي پيغمبرن ۽ ڪتابن کي مڃڻ لازمي هو. انهن دينن جي پيغمبرن جي تعليم ۽ ڪتابن کي مڃڻ لاءِ انهن جي ڄاڻ ضروري هئي. انڪري سنڌ جي مسلمان درويشن مٿي ذڪر ڪيل چئني مذهبن جي تعليم مان واقفيت حاصل ڪئي، ۽ انهن مذهبن جي ڄاڻن سان ملي، معلومات ورتي. انهيءَ ڪري هنن اسلام جي نئين تعبير ڪئي. جنهن ۾ نہ صرف مٿي ذڪر ڪيل مذهبن جو نچوڙ شامل هو، پر ايران ۽ يورپ ۾ ڪيل تعبيرن جو علم بہ ان ۾

سندن مددگار ٿيو. ايران جي بزرگن، مولانا روم، عطار، منصور، شمس تبريز جن اسلام جي هونئي کي قديم ايراني مذهبن جي پاڻيءَ سان نهايو هو. تن کان سنڌين هڪ طرف فيض ورتو ته ٻئي طرف يورپ جي تعليم شيخ الاڪبر جي فلسفي وحدت الوجود ڏريعي هنن ونڊ پهتي. جين ڌرم کان هنن عدم تشدد جو سبق ورتو ۽ اندر اُجارڻ جي تعليم حاصل ڪئي. ٻڌ ڌرم کان هن نفيءَ جي اسرارن کان واقفيت حاصل ڪئي.

هنن ٻنهي مذهبن کين هنسا، لالچ، خودمطلبيءَ، ظاهر پرستيءَ کان ٻاهر ڪڍي، اندر اُجارڻ طرف راغب ڪري، پاڻ وڃائڻ جي تعليم ڏني. هندو ڌرم جي اثر هنن کي توحيد ۽ وحدت الوجود ۽ ويدانيت کي هڪ ٽي ڀالھ سمجھڻ ۾ مدد ڏني.

تنهنڪري، جي غور ڪري ڏسبو ته سنڌ جي اسلامي تعبير جو سڀ ستن مذهبن جي پاڻيءَ سان وڏائي، بار آور ڪيل آهي، جنهن ۾ يهودي مذهب، ڪرستان مذهب، زردشت جي مذهب، هندو مت، جين مت ۽ ٻڌ مت جي تعليمن جا آثار پَسي سگهبا. اهو سرزمين سنڌ کي فخر حاصل آهي ته دنيا کي مختلف مذهبن جي ميلاپ مان معجون مرڪب جو نسخو پيش ڪري سگهي.

اهڙيءَ طرح ڪهيل مجرب نسخي مان هيٺيان فائدا حاصل ٿي سگهن ٿا.

۱- اسلام جملي مذهبن جي ڪثرت پويان بنيادي وحدت جو سُراغ رسان ٿي آيو هو. ان ڪري هندو ڌرم، ٻڌ ڌرم، جين مت، ڪرستان مذهب، پارسي ۽ يهودي مذهب سڀ اسلام جي تشريح مطابق دين فطرت جا جزاھٿا . تنهنڪري جملي مذهبن جي تقابلي تعليم حاصل ڪرڻ، انهن جي ڪتابن پڙھڻ، انهن جي روحاني تجربن مان فائدي وٺڻ کان سواءِ ڪوبہ ماڻهو صحيح مسلمان ٿي نہ ٿي سگهيو.

۲- صحيح مسلمان لاءِ ويدانيت ۽ وحدت‌الوجود جي فلسفن ۾ اعتماد رکڻ سبب، نفرت دور ڪري، محبت وسيلي اتحاد آڻڻ لازمي آهي.

۳- صحيح مسلمان کي تشدد جي راھ کي ترڪ ڪري اهنسا کي اختيار ڪرڻو هو.

۴- اتحاد انسانيءَ لاءِ محبت جي پيغام جو پوٽلڳ ٿيڻ ضروري هو.

محبت اسلام جو جوهر هو، محبت مان اتحاد پيدا ٿيڻ وارو هو. اتحاد سگهن ٿا. امن جو پيش خيمو ٿئي ٿو. امن جي اچڻ بعد ماڻهو تعمير ۽ ترقيءَ طرف وک وڌائي

۵- مذهب کي سياست کان علحده رکڻ دور حاضره جي تقاضا هُئي، پر ان جي معنيٰ اها نہ هئي ته سياست کي اخلاقي قدرن کان علحده رکيو وڃي. ليڪن اُن جي دست اندازيءَ ۽ مسلڪي مفادي پيرن ۽ حاڪمن جي پوئلڳيءَ کان پاسي رهڻو هو.

۶- بقائي اصلح جو زمانو ختم ٿيڻ کي ويجهو هو. ان ڪري ماڻهن کي بقائي باهميءَ جي اُصولن مطابق هر مسئلي ۾ رواداري اختيار ڪري، باهمي تعاون سان ڪم ڪرڻو هو.

۷- ظاهر ۽ باطن، ماده ۽ روح ٻئي هڪ وجود جا ٻہ طرف هئا. مغرب ۽ مشرق جون تهذيبون ظاهر طور جدا هيون، پر اڳتي هلي انهن ۾ اشتراڪ ۽ اتحاد ڪرائڻ لاءِ سنڌين کي خاص فرض ادا ڪرڻو هو.

مهاجر پنجابي مستقل مفاد طرفان اسلام جي ڪيل تعبير سنڌي روايات ۽ سنڌي اسلامي تعبير جي خلاف هئي.پاڪستان نفرت جي پيداوار هو، جنهن مان نفاق پيدا ٿئي ٿو، ۽ اهو انسانذات کي هندو مسلمانن وغيره ۾ ورهائڻ لاءِ جوابدار هو، ۽ تنهنڪري روح اسلام جي ورڊ هو. ان جا هيٺيان طريقي ڪار اسلام جي سنڌي تعبيرجي خلاف هئا.

۱- نظريو پاڪستان، يعني مسلمانن جو مذهب جي آڌار تي جدا قوم جو نظريو، جيڪو مذهبن جي اعتقادي ۽ عملي يڪ و جوديءَ جي قطعاً ناممڪن هڻڻ سبب غلط غير اسلامي نظريو هو.

۲- اسلامي آئين ۽ نظام اسلاميءَ جون ڳالهيون ناقابل عمل، جديد دور جي حالتن جي خلاف ۽ ڏوکو ڏيندڙ هيون، ان ڪري غلط هيون.

۳- انساني اتحاد جي نقطي نگاه کي ترڪ ڪري، مسلمانن جي اتحاد جي ڳالهه ڪرڻ روح اسلام خلاف هئي.

۴- اسلام جي جُداگانه مذهب ۽ نظام جو تخيل بہ سنڌي تشريح اسلام جي خلاف آهي، جنهن موجب هر صالح ماڻهو مسلمان هو ۽ هر غير صالح ماڻهو غير مُسلم هو. ٻُرا ڪم ڪري صرف ڏاڙهي رکائي ختنو ڪرائي ۽ نالو مسلمانڪو رکائڻ سان ماڻهو مسلمان بنجي ٿو سگهي. مرزا قليچ بيگ ان جي ترجماني ڪندي، چوي ٿو ته:

"من نہ مُسلمان ٹیو، کلمو پڑھیو تہ چا ٹیو"

۵- سنڌي تعبير اسلام اها هُئي تہ اسلام دين امن ۽ سلامتي هو، ان ۾ زور زبردستيءَ کي دخل نہ هو. هنسا جهنگل جو قانون هو ان ڪري جتي تشدد کي دخل آهي اتي صحيح اسلام رائج ٿي نہ سگهندو.

٦- اسلام جي سنڌ ۾ تعبير مطابق اهو دين محبت جو مخزن هو، اُن ۾ نفرت کي دخل نہ هو، مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي تعبير مطابق اسلام ۽ نفرت لازم ملزوم ٿي ويا هئا.

خود مذهب جي دائري ۾ ايتريءَ حد تائين مختلف تشريحن ۽ عملن وارن مسلمان ملڪن جو قومي طرح اتحاد ٿي نٿو سگهي. قرآن ۾ صاف ظاهر ڪيل آهي تہ:

(ايستوي) اصحاب النار و اصحاب الجنتہ، اصحاب الجنتہ هم الفائزون

" دوزخي ۽ جنتي ماڻهو برابر نہ هئا، جنتي دوزخين کان بهتر هئا." سنڌي درويشن جي تعليم مطابق صرف جنتي ماڻهو متحد ٿي سگهيا ٿي. ان تشريح مطابق نالي ۾ جيڪي مسلمان شمار ڪيا ويا ٿي سي سڀ صحيح مسلمان ٿي نہ هئا. آخر صالحن ۽ غير صالحن جو ڪهڙي طرح اتحاد ٿي سگهيو ٿي، جي اعتقاد ۽ عمل ۾ متضاد هئا.

اقتصادي مسئلن لاءِ مسلمانن جو اتحاد

رواجي طرح، سواءِ اصولن جي، اقتصاديات جو مذهب سان ڪو واسطو نٿو رهي. غريب هندو به ٿين ٿا ۽ مسلمان به آهن. واپاري هندو به آهن ته مسلمان به آهن. نوڪرين ۾ لياقت آهر ٻيئي ڌريون داخل ٿي سگهن ٿيون. ڪارخانا به اهڙيءَ طرح مختلف مذهبن جي ماڻهن جي هٿن ۾ رهي سگهن ٿا. عربن ۽ ايرانين جو تيل هندوستان، يورپ وغيره ملڪ وٺن ٿا، جن ڪي غير مسلم ملڪن جي دائري ۾ داخل ڪري، مسلم ملڪن جي ڪانفرنس ۾ سڏايو نه ويو هو. اهڙيءَ طرح مسلمان ملڪ سندن ترقيءَ لاءِ غير مسلم ملڪن کان قرض کٹي، هنر ۽ علم ۾ مدد وٺي سگهن ٿا. هن وقت غير مسلم ملڪن کان جديد قسم جو ٺهيل سامان ۽ هٿيار مسلمان ملڪ خريد ڪري رهيا آهن. مسلمان ملڪن جي اقتصادي اتحاد جو مقصد صرف اهو ٿيندو ته هو پاڻ ۾ ڏي وٺ ڪن. اُن طرح عرب ملڪ پنهنجو تيل ڪيڏانهن ڪندا؟ صرف مسلمان ته اهو تيل وٺي نه سگهندا. ٻيو جديد سامان ۽ هٿيار وغيره ته مسلمان ملڪ ناهي ڪونه رهيا آهن. انهن جو مدار يورپ ۽ آمريڪا جهڙن ترقي يافته ملڪن تي آهي. پوءِ سوال اُٽندو ته باوجود ان حالات جي، هي جو مسلمان ملڪن جي اقتصادي اتحاد جي گفتگو ڪئي وڃي ٿي، ان جو مطلب ڪهڙو آهي!

اُن جو جواب پڙو ٻيو آهي. هن وقت تيل وارن مسلمان ملڪن وٽ پيسو گهٽو آهي. پاڪستان جي مستقل مفاد پنهجين فضول خرچين سان ملڪ کي ڏيوالي جي حالت تي پهچائي ڇڏيو آهي.

جيڪي ٻين ملڪن کان قرض کنيا اٿن، تن جون قسطون وقت تي پهچائي نٿا سگهن، انڪري انهن ملڪن مان ساک وڃين گهٽجي، تنهنڪري نون بٹنڪرس کان قرضن کٹڻ لاءِ اسلام جو نالو آڻي، ڏوکيبازي ڪرڻ گهرن ٿا. هن وقت تائين جنگي عهدنامما ڪري سامراجي ملڪن کان پٹي هٿيار ۽ پيسا ورتا اٿن. هٿيارن کي سنڌي، بلوچي ۽ پختون قومن مٿان مهاجر پنجابي سامراج قائم ڪرڻ لاءِ پٹي ڪتب آندو اٿن. پيسن جو گهٹو پاڳو مهاجر پنجابي مستقل مفاد پنهنجي سامراجي فائدي لاءِ ڪتب پٹي آندو آهي.

جڏهن مٹي ڏکر ڪيل قومن طرفان سندن استحصال کان بچڻ لاءِ جدوجهد شروع ٿي آهي، ته ان حالت ۾ مذهب جي نالي ۾ مسلمان ملڪن کي ڪَنو ڪري، مذهب جي نالي جو فائدو وٺي، پيسن هٹ ڪرڻ لاءِ بهانو بنائين ٿا. جهڙيءَ طرح سان هنن سنڌي، بنگالي، بلوچ ۽ پختون قومن جي مسلمانن کي مذهب جي نالي ۾ ڪَنو ڪري، پاڪستان قائم ڪري، سندن سامراج برپا ڪري، انهن قومن جو استحصال پٹي ڪيو آهي، اهڙيءَ طرح هاڻ هر هڪ طرف ماڻهن جو توجه حقيقي مسئلن کان هٹائڻ لاءِ ۽ ٻئي طرف مسلمان ملڪن جو پيسو ۽ همدردي حاصل ڪري، سندن سامراج مضبوط ڪرڻ ۽ مسلم ملڪن جي اتحاد جو نالو وٺي انهن جو استحصال ڪرڻ گهرن ٿا.

سگهوئي عرب ۽ ٻين مسلمان ملڪن کي پتو پوندو ته ڪهڙيءَ طرح هي سندن

استحصال کرڻ گهرن ٿا. غور سان ڏسبو ته مسلمان ملڪن جي اتحاد مان اقتصادي طرح نه هتي جي مسلم عوام کي فائدو حاصل ٿيندو ۽ نه ٻين مسلم ملڪن جي عوام کي فائدو رسڻ وارو آهي. هي سنڌين، بلوچن، ۽ پٺاڻن جي قومن تي مٿي ڏکر ڪيل مستقل مفاد جي سامراج قائم ڪرڻ لاءِ نالڪ رڇايل آهي. انهيءَ اسلام جي دوکي هيٺ هنن سنڌي، بلوچن، ۽ پختونن کي تباهه ڪيو آهي. هاڻ پيڙ نه پرجڻ ڪري ۽ ٻين مسلم ملڪن کي مغربي ملڪن سان اقتصادي تصادم ۾ آڻي، پاڻ ان جو فائدو حاصل ڪرڻ ڳهرن ٿا.

مون کي يقين آهي ته اڳتي هلي، تجربي بعد، عرب ملڪن کي پتو پوندو ته پاڪستان جا مهاجر پنجابي مستقل مفاد يهودين کان بہ بد تر هٿا. پر حال ممڪن آهي ته هي ڪين مذهب جي نالي ۾ بيوقوف بنائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن جهڙيءَ طرح پاڪستان جي ننڍين قومن کي بي وقوف بنايو اٿن.

ڪلچرل ڳالهين ذريعي اتحاد

ڪلچر وسيع معنيٰ رکندڙ لفظ آهي. اُهي مختلف ملڪن، آب هوائن، تاريخي پس منظرن، نسلن ۽ ضروريات زندگيءَ جي بنياد تي زمين جي محفوظ خطن ۾ جدا جدا صورت اختيار ڪن ٿا.

ان ۾زبان، رهڻ ڪرڻ جو ن رسمون، لباس، فن تعمير، فن لطيف، مذهبي رايا، ادب، فلسفو ۽ طبعي رجحان وغيره اچي وڃن ٿا.

ان ڪري اٿين چوڻ ته سڀني مسلمان ملڪن ۾ ڪچرل اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ هي ڪانفرنسون ڪم ڏيئي سگهنديون، سا ڳالهه ڪلچر جي ماهيت کان معلومات جي بي خبري ٿيندو. مذهب بہ ڪلچر تي ڪجهه اثرانداز ٿئي ٿو. پر اٿين چوڻ ته هندو ۽ مسلمان ڪلچر جدا ٿين ٿا، سا جهالت جي نشاني آهي. مثال خاطر سنڌي ڪلچر تي نظر ڊوڙائبي ته ان مان پتو پوندو ته سنڌي هندو سنڌي مسلمان کي يو پي، پنجاب، عرب وغيره جي مسلمانن کان وڌيڪ نزديڪ ۽ هم ڪلچر ٿي سگهن ٿا. جهڙوڪ سنڌي مسلمان ۽ هندوءَ جي زبان ساڳي هئي. ٻنهي جو لباس ڪجهه قدر هڪجهڙو هو. رسم رواج ۾ گهڻي قدر يڪسانيت هئي. هي نسل ۾ اڪثري هڪ ٻئي کي ويجها هٿا. مسلمان سولنگي هٿاڻ هندو بہ سولنگي هٿا، مسلمان چوهان هٿا ته هندو بہ چوهان هٿا. اهڙيءَ طرح وادا، موچي، لُهار وغيره مذهب پٺاندڙ ورهايل نه هٿا. بلڪ ٻنهي مذهبن جا ماڻهو اهو ڏنڏو کندڙ هٿا. تصوف جا سنڌي هندو ۽ مسلمان ٻئي قائل هٿا. نفرت ۽ نفاق کان دور رهڻ جي ٻنهي ڏرين کي تعليم مليل هئي. ٻنهي ڏرين کي ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت جو سبق سيکاريل هو.

هاڻ اچو ته انهن جي پهرين پيڙ پاڪستان جي رهاڪو مسلمانن سان ڪريون، پٺاڻن، مهاجرن ، پنجابين ۽ بلوچن جون زبانون سنڌين کان علحده هيون. سندن

لباس علحده هڻا. هڪڙا سوڙهيون سٽيون ته ٻيا وڏيون سٽون پائيندڙ هڻا. ته ٻيا گوڏيون ٻڌندڙ هڻا. هڪڙا پان کائي، وات ڳاڙها ڪري هليا ٿي، ته ٻين وٽ ان کي عيب سمجهيو ٿي ويو. هڪڙا جنگجو ذهنيت رکندڙ هڻا ته ٻيا مانيٽا ۽ ٻاجهاري طبيعت رکندڙ هڻا. مهاجرءِ پنجابي نفرت جا پنڌار هڻا. ته سنڌي پريم جا پوڄاري هڻا. مهاجر پنجابي مستقل مفاد استحصالي هڻا، سنڌي مظلوم هڻا، انهن کي هڪ پاڪستاني ڪلچر جو حامل سڏڻ جهل جي نمائش ڪرڻي هئي. خود پاڪستان نه هڪ ملڪ هو، نه اُتي جا رهاڪو هڪ قوم جا افراد هڻا. ڪلچر ۳۶ سالن ۾ نه ٺهندا آهن. انهن جي ٺهڻ لاءِ صديون لڳن ٿيون. سنڌين، پنجابين، بلوچن ۽ پختونن جون جُدا جُدا قومون هيون، جن جا جُدا جُدا تاريخي پس منظر هڻا. اڪثري انهن جا هڪجهڙ سان اختلاف پڻي رهيا آهن. سنڌين ۾ نوان آيل مهاجر هنجن ۾ڪنگ پڻي معلوم ٿيا. انهن جي ڪلچر جو اتحاد اهڙو ٿيندو، جهڙوڪ ڪانگ ۽ چتونءَ جو ميلاپ ٿي سگهي ٿو.

اُها حالت خود پاڪستان جي رهاڪن جي آهي. هاڻ اُهي مستقل مفاد ، عوام جو توجهه ملڪ جي حقيقي مسئلن کان هٽائڻ لاءِ، اسلامي ڪلچر جون ڳالهيون ڪن، ته ان ۾ سندن بي ايمانيءَ کانسواءِ ٻي ڳالهه ٿي نٿي سگهي.

پلا ٽرڪ، عرب، پٺان، ايراني، مليشائي، انڊونيشي، سنڌي، بنگالي وغيره ڪهڙي حساب سان هڪ ڪلچر جا افراد سڏجي سگهجن ٿا! تنهنڪري جيڪي ماڻهو اسلامي ڪلچر جو ذڪر ڪن ٿا، ڏوڪيباز يا جاهل آهن. ڪلچر وطن مطابق هزارن سالن جي باهمي ميلاپ بعد ٺهن ٿا. انهن ۾ زبان ۽ تاريخي روايات مُکيه جُزا ٿين ٿا. انهن کي عقيدن ۽ نظرين مطابق هڪ ڪرڻ جي هرڪا ڪوشش ناڪامياب ٿي آهي. مسلمان ملڪن جون زبانون علحده آهن. انهن جا رسم رواج جدا آهن. لباس، کاڏو خوراڪ مختلف اٿن. خود سندن هڪ ٿي مذهب جا عقيدا ۽ تشريحون جدا آهن. اُهي هڪجهڙ کان پري هٽ ڪري واپار، ميل ميلاپ، رهڻي ڪرڻيءَ ۾ هڪجهڙ تي اثر انداز ٿي ٿا سگهن. انهن جو اتحاد سندن زبان هڪ ڪرڻ سان ٿي سگهي ٿو. آيا ڪوبه ملڪ ۽ ڪلبه قوم پنهنجي زبان ڇڏي ڪري، مذهب خاطر پئي جي زبان اختيار ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندي! يا ڪروڙن ماڻهن کي، سندن اباجدي زبانون ختم ڪرائي، مذهب خاطر هڪ زبان اختيار ڪرائڻ ممڪن ٿي سگهندو!

مهاجر پنجابي سامراجين جا ايجنٽ يا دلال چا به دليل ڏين، پر تاريخ ثابت ڪيو آهي ته طويل مُدت عربي سامراج جي هيٺ رهڻ جي باوجود سنڌين پنهنجي زبان قرآن ۽ حديث جي زبان تان قربان نه ڪئي، سي ڪهڙيءَ طرح مهاجرن جي اردو زبان قبولي، ان کي قومي زبان تسليم ڪندا؟ ۽ شاهه لطيف، سچل ۽ ساميءَ کي ڇڏي اقبال، حالي ۽ ذوق کي قبولينداِ. ايرانين سندن زبان عربي زبان خاطر قربان نه ڪئي. بنگالي ان ڪري مُرڳو هن سامراج کان جدا ٿي ويا. هاڻ مهاجر پنجابي مستقل مفاد جو شوبٽاءِ ڪهڙيءَ طرح سان سنڌين کي ان لاءِ رضامند ڪري سگهندو! ڪهڙيءَ طرح کو سنڌي قوم کي سندن هزارن سالن جي ورثن کان محروم ڪري، هڪ خود ساخته پاڪستاني قوم ۾ مدغم ڪري، ان کي اردو زبان اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪري سگهندو؟ خدا جي مار پوي اهڙن غدار ماڻهن تي، جيڪي اهڙيون ڳالهيون ڪن ٿا. اسان

جي اڳيان اهڙن ماڻهن جي ڏڳهي لسٽ آهي. جينسر سومرو، سيٺ نائون مل، مسٽر جنلح، مسٽر پٽو انهن مان چند آهن. جيڪي اڳيان زبون ٿي ويا، تيڪن نيٺ هي به ڪيفر ڪردار تي پهچندو. هن کي ڪٽي سندس ڪلچر ۽ زبان لاءِ اقتدار جي لالچ ڪري، محبت نه هجي، پر ڪهڙيءَ طرح کو ايراني پنهنجي پارسي زبان کي عربي زبان خاطر، باوجود قرآن ۽ حديث جي زبان هٽ جي، قربان ڪري سگهندو؟ ساڳي حالت عربن جي آهي. اهي ڪهڙيءَ طرح اسلامي اتحاد جي نالي ۾ پنهنجو ڪلچر ۽ زبان قربان ڪري پارسي، اردو يا انڊونيشي زبانن کي اختيار ڪري سگهندا؟

تاريخ ثابت ڪري ٿي ته هندو ڌرم، ٻڌڌرم ، مسيحيت ۽ اسلام، باوجود سندن عالمگيريت جي، سندن پوئلڳن جون زبانون هڪ ڪري نه سگهيا آهن.

تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿيندو ته سياسي طرح مسلمانن کي متحد ڪرڻ لاءِ بني اميه سامراج کوشش ڪئي، پر اها ناڪامياب ٿي، ۽ هن وقت بني اميه سامراج جو نالو نشان به نه آهي، پر سنڌي، پختون، ۽ ايراني قائم آهن. ان کان پوءِ بني عباس خاندان جي سامراج هيٺ مسلمانن کي گڏي هلائڻ لاءِ کوشش ٿي، پر اها به ڪامياب ٿي نه سگهي. باوجود ان جي، جو انهن به اسلام جو نالو کنب آڻي عربي سامراج کي قائم رکڻ ڪوشش ٿي. ان کان پوءِ سگهوئي مصر، اسپين، ترڪن، مغلن، ايرانين وغيره جي هٿن هيٺ جدا سلطنتون ٿيون، جن مان ڪيترن هڪ ٻين جا خون وهايا. تاريخ ثابت ٿي ڪري ته ڪڏهين به جملي مسلمان نه خلافت جي نالي هيٺ، نه پٽن اسلامزم جي سايي هيٺ، نه مهديت جي نالي ۾ متحد ٿي سگهيا آهن. هندوستاني مسلمانن جي ناعاقبت انديش گروه اورنگزيب جي ڏينهن ۾، مذهب جي نالي ۾، مسلمانن کي متحد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اها به ناڪامياب ٿي.

ترڪن خلافت جي نالي ۾ عربن کي ڪجهه وقت لاءِ سندن زير تسلط رکيو پر پهرين موقعي ملڻ تي هنن سندن غلاميءَ جو طوق لاهي ڦٽو ڪري ڇڏيو. هتي هندوستاني مسلمانن کي مهاجر پنجابي مستقل مفاد، مذهب اسلام جي خود ساخته تشريح ۾ بيوقوف بنائي پاڪستان ۾ پنهنجو سامراج قائم ڪيو. هاڻ جڏهن اتي جي اصلوڪين قومن کي تجربي بعد ان ڏوڪي جو پتو پيو ته بنگالين قرباني ڏيئي، ان غلاميءَ جي ڇٽ کي ڦٽو ڪري ڇڏيو. باقي سنڌ، بلوچستان ۽ پختونستان وارا به انشا الله جلد جدا ٿي ويندا. آخر هيءَ ڏوڪي جي ديوار ڪيترو وقت جڙيل ڪري سگهندي!

هنن سامراجين، ملڪ ۾ اندروني انتشار ڏسي، هن وقت ڪشميرين جي آزاديءَ جو سانگ سڙيو آهي. سندن شويٽاڻ رات ڏينهن اها گفتگو ڪري رهيو آهي. ان کان پڇي ته مسٽر سنڌين کي مهاجر پنجابي سامراج جوغلام رکيو ويٺو آهين، انهن مان سندن آزاديءَ جي ڪو گفتگو ڪري ٿو ته انهن کي قتل ڪرائين ٿو هاڻ توکي اچي ڪشميرين جي آزاديءَ لاءِ محبت جاڳي آهي سنڌين کي بخوبي خبر آهي ته جيڪو ماڻهو پنهنجن سان سچو نه آهي اهو ٻين سان ڪهڙيءَ طرح وفادار رهي سگهندو؟

هاڻ اچو ته هن ڪانفرنس جي ٽن مدارالمهام ليڊرن جي ڪارگذارين تي نظر ڌڙايون.(۱) ذوالفقار علي خان پٽو (۲)مسٽر معمر قذافي،۽ (۳)امير فيصل مرحوم.

ذوالفقار علي خان ٻٽو

هن صاحب کي چالاڪ ۽ هوشيار سمجهي،پاڪستان جي حڪمران طبقي (مهاجر پنجابي مستقل مفاد) عارضي طرح پنهنجو شوبٽاءَ ڪري ڪتب آندو آهي.

هيءَ ماڻهو پاڪستان جي ڪنهن بہ قوم، نظريي يا طبقي جي صحيح نمائندگي ڪرڻ جو اهل نہ آهي.سنڌ،بلوچستان ۽ پختونستان جي قومن جي وجود کان انڪار ڪرڻ سبب انهن جي نمائندگيءَ جو حق وڃائي ويٺو آهي. هن وقت فسطائي طريقن سان هو اُنهن جي اسيمبلين ۽ حڪومتن تي قبضو جمائي ويٺو آهي، اهل پنجاب جي مستقل مفاد ڪيس عارضي طور ڪتب آڻڻ لاءِ ان جاءِ تي آندو آهي. ليڪن آهستي ٽي، هو هن جي مختلف ڪارنامن کان تنگ ۽ بيزار ٿيندا وڃن ٿا،پنجاب جو اهل راءِ ۽ غريب هن کان بيزار ٿي چڪو آهي. صرف چند خود مطلب ۽ گونڊا گروه جي ماڻهن جي آڌار تي، عوامي راءِ کي ڏو ڪو ڏيڻ لاءِ مختلف نعرا هڻي،پيو وقت ڪڏاري.

هن وقت،هو ڪشمير جي سوال تي عوام کي پيو بيوقوف بنائي. ان سوال تي قريباً پاڪستان جي هر حاڪم عوام کيو آهي. چوٽي آهي تہ "جتي لوپي هوندا اتي ٽوپگي بک نہ مرندا"ان وانگر جڏهن ماڻهو گمراهه ٿيڻ لاءِتيار هجن،تہ هي چو نہ ان جو فائدو وٺي! ٢٦ سال ٿيا آهن تہ ڪشمير آزاد ٿي نہ سگهيو آهي. لياقت علي خان کان وٺي يحيٰ خان تائين،سڀ حاڪم انهيءَ سوال تي ماڻهن کي برغلائيندا رهيا. ٽي جنگيون ٿيون آهن، اقوام متحده پر اُن سوال کي ڪنيوويو، پر ڪجهه بہ نہ ٿيو.هن اُن سوال کي اُن وقت کنيو آهي جڏهن ڪشميرين جي محبوب رهنما شيخ محمد عبدالله پاڪستاني حڪام جي ڏوڪيازيءَ ۽ سندن بنگال پر ڪارنامن ۽ حالتن کان مجبور ٿي پارت سرڪار سان سمجهوتو ڪيو آهي .

ٻئي طرف ٻٽي صاحب بلوچستان ۽ پختونستان جي ڪثرت راءِ سان چونڊيل حڪومت کي ڪڍي،نيشنل عوامي پارٽيءَ کي غير قانوني نهرائي، ماڻهن کي جيلن پر وجهي،فوج هٿان بلوچن تي بمباري ڪرائي، اُتي ظلم جي بازار گرم ڪري چڏي آهي،جنهن تان افغانستان سرڪار ناراض ٿي پيئي آهي. اصل مقصد هن جو ان مان ساري پاڪستان پر سندس پارٽي مضبوط ڪري ، گهٽي وقت تائين پنهنجي آمريت قائم رکڻ آهي. هي ساري پاڪستان تي مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي چند ماڻهن کي سندن سامراج جي قائم رکڻ لاءِ پاڪستان جي يڪجهتيءَ ۽ سالميت جي قائم رکڻ جو بهانو ڏيئي ، اهو ڪم ڪري رهيو آهي جو اندران اندر ان جي پاڙ پٽي رهيو آهي.

هيءَ پنجاب پر جماعت اسلاميءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهي، ليڪن سندن نعرن جهڙوڪ: اسلامي نظام حڪومت، اسلامي اتحاد، اسلامي آئين ۽ پاڪستان جي يڪجهتي ۽ سلامتيءَجي گفتگو ڪري، ماڻهن کي اڪين پر ڏوڙ وجهي رهيو آهي.چند پڙهيلن کي پيپلس پارٽي کي زور وڌائڻ لاءِ نوڪريون ڏئي خريد ڪري ٿو.پر آخر اهاڏوکي بازي ڪيترو وقت هلندي؟ ڇا جماعت اسلامي جا ليڈر بيوقوف آهن،جو اسلام جي سر بلندي پاڪستان جي يڪجهتيءَ، اسلامي اتحاد،اسلامي

آئين جي اميد اُن ماڻهوءَ مان رکن جنهن جو اٽڻ ويهڻ، قول فعل اسلامي اصولن جي خلاف هوا

ڇا، جماعت اسلاميءَ وارن کي وسري ويو هوندو، جو هن سندن ليڊر کي جيل ۾وجهي،طرح طرح جي بي عزتي ڪرائي هئي،جنهنجو ٻيو ڪوبہ ڏوهہ ڪونہ هو سواءِ اُن جي تہ صاف گوئيءَ کان ڪم ٿي ورتائين.

ڇا، جنهن پارٽي جا ليڊر جناح ۽ لياقت علي خان جهڙن فرعون صفت ماڻهن کي سچ چوڻ کان نہ ڊنا،سي ڪيئن هن طفل مڪتب ماڻهوُ جي ڪوڙڪي ۾قاسندا! جماعت اسلاميءَ جي سياسي پاليسيءَ ۽ مذهبي اعتقادن کان ڪٽي اسان کي ڪيترو بہ اختلاف هجي پر هنن جي شخصي اخلاق ۽ پنهنجن اعتقادن سان وفاداريءَ تي نقط چيني ڪري نہ سگهبي.

ٻُڌي صاحب پنهنجن ڪارنامن ڪري هر ڀالہ جي مُڌي پليت ڪئي آهي. هُن جو چوڻ آهي تہ هن ڊڪٽيريءَ کي ڪڍي ملڪ ۾ جمهوريت جو دور رائج ڪيو آهي. ٻُڌي جي طرز حُڪومت کي جمهوريت سڏڻ ان لفظ جي بي عزتي آهي ڇا، جمهوريت ۾ هيٺيون ڀالهيون سرزد ٿيندیون آهن :

(۱) ڇا جمهوريت ۾ مخالف اخبارن ، رسالن ۽ ڪتابن کي بند ۽ ضبط ڪيو ويندو آهي ؟

(۲) ڇا، جمهوريت ۾جماعت سازيءَ تي بندش پوندي آهي؟ يا جماعتن کي کيس هلائڻ کان علاوه ممنوع نهرايو ويندو آهي؟

(۳) ڇا، جمهوريت ۾ ججن کي ڊمڪائي يا لالچ ڏيئي صحيح فيصلن ڪرڻ کان روڪيو ويندو آهي؟ جي ڪي جج مخالفن جي ضمانت ڪٽڻ جي همت ڪن،تہ انهن مان ڪن کي نوڪريءَ کان خارج ڪيو وڃي يا جيل ۾ وڌو وڃي ؟

(۴)مخالفن کي کيسن هلائڻ کان سواءِ جيلن ۾ وجهڻ، انهن سان جيلن ۾ طرح طرح جون بي عزتيون ڪرائڻ،۽ ڪن لاءِ هاءڪورٽ ضامن ڪٽي تہ کيسن مُڙن کيس ناهي،ڪين وري وري جيل موڪلڻ- ڇا جمهوريت ۾ ائين ٿيندو آهي ؟

(۵) ڇا، جمهوريت ۾ مخالفن کي جيلن ۾ وجهي يا مارائي ميدان صاف ڪرڻ بہ جائز آهي؟

اُهي هن صاحب جي جمهوري طرز حڪومت جا ادنيٰ مثال آهن.هاڻ اچو تہ سندس اسلامي آئين ۽ اسلامي نظر حڪومت تي نظر ڪريون. سندس دور حُڪومت ۾ هيٺيون ڀالهيون عام جام آهن،

(۱) هُن جي حڪومت ۾ رشوت خوري،زنا،شرابخوري،جُوا، گهوڙن جون شرطون عام جام آهن .

(۲) سوئر جي گوشت وڪري ڪرڻ يا کائڻ تي اسرائيل جي ملڪ ۾ بندش آهي، ليڪن هتي ماڻهو کائي رهيا آهن ۽ ان جي وڪري تي بندش نہ آهي.

(۳) هتي اڳوٽو انڊين پينل ڪوڊ، ڪرمنل پروسيڊئيرڪوڊ وغيره جا قانون ٿوري ڪالن جي تبديليءَ سان رائج آ هن، جي اصل رومن قانون جي آڌار تي بنايل هئا.

(۴)ا نگريزي دور جي دستور مطابق ورثي ترڪي ۽ شاديءَ جي قانونن کان

سواءِ هتي ڪو بہ شريعت اسلاميءَ جو قانون نہ نهيو آهي.

(۵) پيپلس پارٽيءَ جا اڪثر مڪيہ ليڊر زاني،شرابي، رشوت خور، استحصالي، ظالم، بد اخلاق آهن. سرڪار طرفان ماڻهن کي بيوقوف بنائڻ لاءِ اسلامي آئينءِقانون جو نالو ورتو وڃي ٿو پر اڄا تائين هو اهو فيصلو نہ ڪري سگهيا آهن تہ اسلامي آئين ءِ قانون ڇا ٿيندو آهي؟نہ وري اهي امڙو قانون پاس ڪرائي سگهيا آهن.

ماڻهن کي بيوقوف بنائڻ لاءِ پٽي صاحب اليڪشن وقت هيٺئين قسم جا وعدا ڪيا هئا.

(۱) هرهڪ هاريءَ ءِ مزدور کي رهڻ لاءِ گهر مهيا ڪيو ويندو.

(۲) هرهڪ هاري کي ۱۶ ايڪڙ زمين ڏني ويندي ،جنهن تان ڏل وصول نہ ڪئي ويندي .

(۳) هُنري ڪارخانا سرڪاري تحويل ۾ ورتا ويندا.

(۴) مال جي چاري لاءِ ٻيلن کي مفت ڪيو ويندو.

(۵) ميربحرن کان مڇي ءِ ٻلي جومحصول نہ ورتو ويندو.

(۶) رشوت بند ڪئي ويندي .

(۷) بد امني دور ڪئي ويندي.

(۸) تعليم مفت ءِ عام ڪئي ويندي.

(۹) بي روزگاري دور ڪئي ويندي.

(۱۰) مُلڪ کي ڪاڌ خو راڪ ءِ ٻين هنري مصنوعات ۾ خود ڪفيل بنايو ويندو. هاڻ اچو تہ مٿي ذڪر ڪيل وعدن بابت نظرڪري ڏسون تہ انهن دلاسن جي ڪيتري قدر پورائي ٿي سگهي آهي.

(۱)وعدو پهريون - جاين جو مُهيا ڪرڻ

سنڌ تي نظر ڪري ڏسبو تہ سواءِ ٻن چئن ننڍن نمائشي ڪوٺن جي ساريءَ سنڌ جا ۶۰ سيڪڙو ماڻهو جهوپڙين ،ڇڳل ءِ خراب جاين ۾ رهيا پيا آهن. يا خانہ بدوش يا نيم خانا بدوش زندگي گذارين ٿا،هتي طرف هن مهاجر پنجابي سامراجين کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪروڙن رپين جي خرچ سان مهاجرن ءِ ٻهارين لاءِ ڪالونيون ٺهرايون آهن.

(۲)وعدو نمبر ٻيو -۱۶ -ايڪڙ زمين هارين کي ڏيڻ

عام غريب تہ انگ اکر ڪونہ ڄاڻندا هٿاپر ڪيترا پڙهيل ماڻهو بہ خود مطلبيءَ يا جهالت ڪري ان ڳاله تي اعتبار ڪري ويا ءِ ووٽ ان دلاسي تي پيپلس پارٽيءَ کي ڏنائون. جيتوٽيڪ سنڌ ۾ ۹۰ سيڪڙي کان بہ مٿي ان پارٽيءَ جا ٻهاريل اميدوار خود وڏا زميندار ءِ رئيس هئا. اسان ماڻهن کي گهٽو سمجهايو تہ بابا ميرِ اعجاز،جتوئي صاحب،مخدوم صاحب، جام صاحب،پير غلام رسول شاهہ، پٺو پان وغيره سڀ وڏي

زميندار ڪلاس جا هئا. انهن جي نمائيندہ حڪومت ڪان اوهان زمين جي ورهاست جي ڪهڙي اميد رکي سگهوٿا! پر ڪنهن بہ ڪوبہ ٻڌ و ۽ پڻي صاحب جي پارٽي طاقت ۾ اچي ويئي. هاڻ چا ٿيو آهي تہ سواءهزار ٻن ڪٽنبن جي، ڪنهن هاري ۽ ڪي زمين ڪانہ ملي آهي ، ١٦ ايڪڙ زمين پلا ڪيئن ملي سگهي ها،جڏهن سنڌ ۾ جملي لائق آباد زمين (٢١٠٠٠٠٠) بہ ڪروڙ ڏهہ لک ڪن ايڪڙ هئي. آبادي۽ تي ڳڏرڪندڙ ماڻهو٧٠لک هئا. جي جملي زمين هڪ جيتري ورهائي وڃي، تہ ٿي ايڪڙ ماڻهو مس ملي سگهندي،جي هڪ ڪٽنب ۾ ٥ ميمبر شمار ڪجن تہ ١٥-ايڪڙ زمين في ڪٽنب مس ملي ٿي سگهي تنهن ڪانسواءِ طاقت ۾ اچڻ بعد هن جيڪي زرعي سڌرا آندا آهن تن ۾ هيٺيون خاميون آهن:

وڏن زميندارن کي خبردار ڪري،سندن زمين سندن اولاد، نوڪرن وغيره ماڻهن ۾ ورهائي ادائي سو ايڪڙ في ماڻهو۽ جي حوالي ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويو.ازانسواءمهاجرن،ملٽري ۽ سول سروس عملدارن، جن کي زمين ملڻ جو حق نہ هو،تن جي زمين کي هٿ نہ لاتو ويو. نتيجو اهو نڪتو تہ ساري سنڌ جي ٻہ ڪروڙ ايڪڙن مان صرف چند لک ايڪڙ زمين هارين ۾ ورهاست لاءِ بچي، ۽ پي سموري زمين ساڻين مالڪن وٽ رهي. پي ڳالهہ جنهن طرف توجهہ نہ ڏنو ويو يا جاڻي واڻي ماڻهن کي بيوقوف بنائڻ لاءِ ائين ڪيو ويو هو.سا اها هئي تہ سنڌي ماڻهن جي معيار زندگي وڌائڻ لاءزمين جو نندن ٽڪرن ۾ وراهڻ حل نہ هو ،چو تہ خود زمين بہ ڪا براجن ۾ هئي تہ ڪا ڪچي جي هئي ، ڪا بارائي هئي، ڪادرياهي واهن تي هئي، تنهنڪري هڪ جيتري ورهاست فائدو ڪونہ ڏي ها. ان کان علاوه پاڻي۽ کي پنجاب ۾ روڪڻ سبب ،اُن جي گهٽتائي۽ ڪري ،سڀ لائق آبادزمين سال بہسال آباد ٿيڻ جو امڪان نہهو.ان ڪري زمين جي ٽڪرن ۾ ورهائي ڏيڻ ڪري ماڻهن جي معيار زندگي وڏڻ جو امڪان ڪونہ هو- اهو فقط تڏهن ٿي سگهيو جڏهن زمين جي پيدائش تي ڳڏرڪندڙ ٧٠لک ماڻهن مان صرف ٢٥ لک ماڻهن کي زمين تي رهڻ ڏنو وڃي، ۽ باقي ٤٥لک سنڌ جي هارين کي نوڪرين ، واپار،ڪارخانن،ڪاٽين رغيره ۾ مصروف ڪيو وڃي، پر هي،جو مهاجرپنجابي مستقل مفاد جي ذريعي طاقت ۾ اچڻ جو مطالبو هو، سو اهڙي طرح ڳالهہ ڪيئن ڪري ٿي سگهيو !

هن طاقت ۾ اچڻ بعد اهوڪم ڪيوآهي،جو سنڌ مان پيدا ٿيندڙ (٣٥٠) ٽي سو پنجاه ڪروڙ روپين جي ٽيڪسن کي مرڪزي حڪومت جي حوالي ڪري ڇڏيائين، جن مان بہ سيڪڙو رقم بہ سنڌ تي خرچ ٿي ٿئي.

سنڌين کي ٽوٽل سرڪاري نوڪرين ۾ هڪ سيڪڙو نوڪري بہ نصيب نہ ٿي ٿئي . ڪارخانا سڀ غير سنڌين جي حوالي ڪيا ويا آهن ،جن ۾ انهن ٻاهران مزدور آڻائي ٻيهاريا آهن .نہ رڳو مرڪزي سرڪار جي نوڪرين ۾ سنڌين کي نوڪرين کان محروم رکيو ويو آهي ،پر سنڌ اندر پڻ ٤٠ سيڪڙو نوڪريون غير سندين جي حوالي ۾ ڏنيون ويون آهن. ڪارخانا، ڪاٽيون ، هُنر، واپار، بئنڪون سڀ غيرسنڌين جي حوالي ۾ ڏنيون ويون آهن ، اهڙي حالت ۾ سنڌجي آبادگار طبقي جي معيار زندگي وڏائڻ لاءِ ڪهڙو انتظام،موجوده طريقي جي نظام حڪومت جي هوندي ٿي

سڳهي ٿوا

(۳)وعدو نمبر ۳ -ڪارخانا سرڪاري قبضي ۾ وٺڻ

ان ۾ به ماڻهن سان ڏوڪو ڪيو ويو آهي. اسي سيڪڙو ڪارخانا خانگي ملڪيت ۾ رهڻ ڏنا ويا آهن. يا جن ماڻهن سان حڪمران گروهه جي دشمني هئي، انهن کان ڪارخانا کسيا ويا هئا. ۽ انهن مان وري جڏهن ڪن سان ٺهيا ٿي ، اُهي انهن کي موٽائي ڏنا ويا ٿي.ڪارخانن کي سرڪار جي حوالي ڪرڻ بعد به انهن ۾ سنڌيءَ کي مزدوري نه ڏني ويئي.

انهن ڪارخانن جو انتظام غيرسنڌين جي حوالي ۾ ڏنو ويو آهي.انڪري سنڌين کي سنڌ ۾ قائم ٿيل يا سرڪاري ۽ ورتل ڪارخانن مان ڪو فائدو حاصل ٿي نه سگهيو آهي.

(۴) وعدو چوٿون - ٻيلن ۾ مال جو چَرڻ مفت ڪيو ويند و

جيڪي ماڻهو ٻيلن جي ڀر ۾ رهن ٿا،تن کي پتو آهي ته ٻيلن ۾ مال جي چراڻي مفت نه ڪئي ويئي آهي ،بلڪ ان جو ريٽ چوٿون ڪيو ويو آهي . ازانسواءِ پيسا وٺي ، عملدارن، مالدارن ۽ ڪاڻين جي مقاطعدارن کان ٻيلا وڍائي ختم ڪري ڇڏيا آهن ، ماڻهن کي هاڻ ڏوڪي ڏيڻ لاءِ وٺن پوڪڙ جا ڏينهن مقرر ڪيا وڃن ٿا،پر وٺن جو وڏڻ ته هڪ طرف،جيڪي ٻيلن ۾ يا ٻاهر انگريزي حڪومت جي ڏينهن ۾ وڻ هٿا. انهن جو ڏهون حصو به وڻ هن وقت نه رهيا آهن. جي اها حالت آهي ته پاڻيءَ جي گهٽجڻ ڪري،ٻيلن جي ٻوڏ هيٺان نه اچڻ،۽ بارشن جي گهٽتائيءَڪري پاڻيءَ جي نه ملڻ ،۽ هاڻي جو ويتر بي تحاشا وَڍ ٿي رهي آهي اُن ڪري ڪجھ وقت کان پوءِٻيلن جو صرف وڃي نالو سند ۾ رهندو ،اُن جو اثر مال جي چاري ۽ مال جي واڌاري تي پوندو. اڄي گوشت هڪ روپئي سير ملندو هو،هاڻي ۱۲ڪان ۱۵ رپين سير گوشت جو نٿو ملي ،گڏهه، ڪتا، ۽ مئل جانور ماڻهن کي کارايا وڃن ٿا. پوءِ به اُن کي اسلامي حڪومت سڏڻ ۾ شرم ڪونه ٿو اچين . ان حالت هيٺ ممڪن آهي ته ڪجھ وقت کان پوءِ شايد مال ان لڀ ٿي وڃي. پاڪستان جي ٻين صوبن ۾ مال جا فارم ناهيا وڃن ٿا پر پٽي صاحب پنهنجي سر پان کي حڪومت ۾ قائم رکڻ کي ڪافي سمجهي سنڌي چوپائي مال کي صدقي جي ٻکريءَ وانگر قربان ڪري ڇڏيو آهي.

(۵)وعدو پنجون - ميربحرن تان محصول معاف ڪيا ويندا

اليڪشن جي وقت هن نام نهاد عوامي پارٽيءَ ، جنهن جي واڳ زمينداران،ڪامورن ۽ شاهوڪارن جي هٿ ۾ هئي ،ووٽن وٺڻ لاءِ ميربحرن کي دلاسا ڏنا هئا ته دريائ ۽ ڏنڊن مان مڇيءَ پلي تان محصول معاف ڪيا ويندا اقتدار ۾ آڻڻ

بعد آهي ته معاف ڪو نه ٿيا. پر هاڻ انهن جو انتظام نشريز ڪاتي وارن عملدارن جي حوالي ڪيو ويو آهي ، جي وڏيڪ پيسن ڪمائڻ خاطر آنهن جا مقاطعا نيلام ڪن ٿا. مڇي ۽ پلا ماريندڙ ۽ پکي جهليندڙ غريب ساڃين تڪليف ۾ آهن.

هن حڪومت جو سمورو ڪاروبار ڏوڪي بازيءَتي هلي رهيو آهي . پهرين چيو ويو ته ڪينجهر ڍنڍ تي ڪلري ڍنڍجو رڪيل نالو تبديل ڪري،ساڃيو ڪينجهر جو نالو رکيو ويندو،پر اڄا تائين نالو ساڃيو هليو اچي،چيو ويو ته سنڌ دشمن غلام محمد خان گورنر جنرل پاڪستان جو نالو ڪوڙي براج تان هٽائي، ان تي شاهه لطيف براج رکيو ويندو،پر مجال آهي ،جو هي صاحب پنهنجن مهاجر آقائن کي ناراض ڪري سگهن.

(٦) چهون واعدو - رشوت جي پاڙ پٽي ويندي

پيپلس پارٽيءَ جي ڪارڪنن اليڪشن وقت اعلان پئي ڪيا ته رشوت جي پاڙ پٽي ويندي- پر اقتدار ۾ اچڻ بعد حالت اها ٿي آهي ته اڪثر وزيرن ۽ ميمبرن ، جي ان پارٽيءَ سان ملحق هٿا لڪين روپيا مختلف طريقن سان ڪمايا آهن. سندن پارٽيءَ جي ڪارڪنن کي طرح طرح سان ورسايو ويو آهي. اسان کي اڪثر وزيرن ۽ ميمبرن جا ڪارنامه معلوم آهن پر هن جنرل تنقيد ۾ شخصي نالا وٺڻ ٺيڪ نٿا لڳن ، انهن کي ڏسي آفيسر ۽سرڪاري عملو به چٽو ٿي پيو آهي . هن وقت اڳوٽي ڪابينه رشوت ڏهوڙي ٿي ويئي آهي .نالي خاطر چند آفيسرن کي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو آهي . آنهن ۾ به ١٣ سو آفيسرن مان اڊجيٽراسنڊي آفيسر ڪڍيا ويا آهن ،جن جو تعداد سرڪاري نوڪرين ۾ اڳيئي گهٽ هو.انطرح آفيسرن کي ڪڍڻ جي مسيبت وري به سنڌي عملدارن تي پيئي، جيتوٽيڪ آنهن کان به وڏيڪ غير سنڌي راشي عملدار اڄا تائين نوڪرين ۾ هلندا اچن . اڪثرڪري انهن عملدارن کي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو، جن سان پيپلس پارٽيءَ جي ڪارڪنن جي دشمني هئي،يا انهن ايماندار هٽ ڪري سندن ناجائز ڪم سرانجام نه ڪيا.انهن نڪتل عملدارن مان ڪيترا عملدار ايماندار هٽا.

پيپلس پارٽيءَ جي ڪارڪنن تي نظر ڪبي ته جي اڳ ڪٽل هٽا سي لڪن جا ملڪ ٿي ويا آهن. سمگلنگ، رشوت ، ناجائز فائدا واپارين وغيره کي ڏيڻ سان هو وڏيءَ ملڪيت وارا ٿي ويا آهن. ڪارخانن مان ڪن کي ڪاٽين جا ليسن، ڪن جا آفيسرن تي ماهيانه مقرر،ته ڪن کي موٽرن جون پرمٽون ڏيئي ، لڪن رپين جو نفعو ڏيارڻو ويو آهي. ڪن مقاطعدارن کي لڪن جا مقاطعا ڏيئي،هزارن جو ڪم ولي بالڪي رقم کين ڏياراڻي ويئي آهي .

(٧)وعدو ستون - بد امني دور ڪئي ويندي

چيو ٿي ويو ته اقتدار ۾ اچڻ بعد ملڪ مان بدامنيءَ،چوريءَ ، ڏاڙن، خونن،وغيره

جي پاڙ پٽي، امن امان قائم ڪيو ويندو پر هن صاحب جي دور حڪومت ۾ ان ۾ گهٽو اضافو ٿيو آهي. بد امنيءَ جي اها حالت آهي، جو وزيراعظم جي ضلعي ۾ ٻه ماڻهو رات جو گهرن کي قلف ڏيئي، سڄي رات پهري هيٺ گذارين ٿا. پهراڙيءَ ۾ رات جو سواري خطرناڪ سمجهي وڃي ٿي. اهو ڏينهن خالي نه آهي جو چوري، ڏاڙو ۽ خون ڪوند ٿيو هجي. پوليس ۽ پيپلزپارٽيءَ جا ڪيترا ڪارڪن ان ڪم ۾ پاڳي پائيوار آهن. ماڻهن جو نه مال سلامت آهي، نه عزت سلامت آهي، ۽ ننگ سلامت آهي، نه جان سلامت آهي. ڳوناڻن کان اڪثر چوندي ٻڌو ويو آهي ته هو مدد خاني دور ۾ گذاري رهيا آهن. دنيا جهان جا گونڊا، ۽ بدمعاش پاڻ بچاءَ لاءِ پيپلس پارٽيءَ ۾ داخل ٿي پنهنجو ڪاروبار هلائي رهيا آهن. مجال آهي جو ڪو عملدار فرياد ونيا! اوڏيءَ مهل ڪنهن پي پي ڪارڪن جو فون ٿيندو، عملدار سر جي خوف کان ڪٽي بس ڪندا. ڪي عملدار ۽ پي پي ڪارڪن گڏجي بدامني ڦهلائي ، پنهنجو رعب قائم رکڻ گهرن ٿا. مجال آهي ڪو اخبار وارو، شاگرد يا قومي ڪارڪن ان خلاف آواز ڪڍيا! يڪدم ان کي ڊي پي آر هيٺ جيل ۾ وڌو وڃي ٿو. هتي سرڪاري عملدار آزاد خيال يا حق جو آواز ڪڍڻ وارن شاگردن جي مائٽن کي گهرائي، عيوضي طور جيلن ۾ رکن ٿا. مخالفن جون زالون ٻارون تي گهرائي، سندن بي عزتي ڪرائي وڃي ٿي. جيلن ۾ اندر ياٻاهر مخالفن کي مارائڻ، مارون ڏيارڻ، چوريون ڪرائڻ حڪمران طبقي جو عام دستور ٿي پيو آهي. قائدو قانون آهي ئي ڪونه. ڪارن قانونن ڏريعي اهڙو دٻاءُ ويهاريو ويو آهي، جو اُن جو مثال اڳي ملي ڪونه سگهندو.

(٨) وعدو اڻون - تعليم مفت ۽ عام ڪئي ويندي

هن حڪمران گروهه اليڪشن وقت عام ماڻهن کي دلاسا ڏنا ته تعليم عام ۽ مفت ڪئي ويندي. ان ڏس ۾ ڪي ڪاليج ۽ هاءِ اسڪول کوليا اٽن. پر تعليم جو معيار گهٽ ڪري چڏيو اٽن. شاگردن ۾ قومپرستيءَ جو رجحان گهٽائڻ لاءِ " سپاف " (سنڌ پيپلس اسٽوڊنٽس فيڊريشن) ناهي ، انهن کي پرسٽون ڏيئي، حڪومت جو دلال ڪري چڏيو اٽن ان ڪري شاگردن کي بي ايمان (ڪرپٽ) بنايو وڃي ٿو. سنڌي، بلوچي، قومپرست شاگردن تي سختيون ڪيون وڃن ٿيون. مهاجر پنجابي شاگرد چوٽ پيا هلن. ڪاليجن ۽ يونيورسٽيءَ ۾ پوليس موڪلي، قومپرستن جا جهاڙو ونيا، هٿرادو هٿيار پويان لڳارائي، ڪوڙا ڪيس ڪري، انهن کي جيلن ۾ موڪليو وڃي ٿو. جڏهن هاءِ ڪورٽ شاگردن جون ضامن منظور ڪري ٿي، ته مٿن ٻيا ڪوڙا ڪيس ڪري، انهن کي ڏگهي عرصي تائين جيلن ۾ رکي، هنن جي قومي جذبي کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي.

شاگردن تي ڏهٽي ڪمشنرن ۽ پوليس سپريڊنٽن معرفت حڪم هلايو وڃي ٿو. پنهنجن ايجنٽ شاگردن کي عام طور ڪاپي ڪري امتحان پاس ڪرڻ لاءِ چوٽ ڏني

وڃي ٿي. انهن جي اخلاق کي ڪمزائڻ لاءِ هر طرح جا حيلا هلايا وڃن ٿا. ٻهراڙيءَ ۾ ملستر پڙهائين ڪونہ . اڪثري اُهي پي پي ڪارڪنن جي حاضري پريو ويٺا آهن. سنڌي فائينل ڪيڊي، ايس وي ۽ جي وي پاس ڪرڻ جي شرط وڌهڻ ڪري سنڌي ملسترن جي ڪوٽ ٿي پيئي آهي. مهاجر پنجابي سامراج کي راضي ڪرڻ لاءِ اردوءُ جي پڙهائيءَ کي عام ڪرڻ جي هرڪا ڪوشش ٿي رهي آهي. اردو هن ملڪ جي ڪنهن بہ حصي جي مادري زبان نہ هئڻ جي باوجود، ملڪ جي قومي زبان بنائي ويئي آهي. هن صاحب جي سياهہ ڪارنامن مان هڪڙو اهو ڪارنامو ٿي، اهڙو آهي، جو جهڙيءَ طرح ان کي ايرندو بنگال ملڪ کان علحده ٿي ويو ، ان وانگر مغربي حصي ۾ بہ اهو مسئلو پاڪستان جي پاڙپٽڻ لاءِ ڪافي ڪارڻ بنجي سگهي ٿو.

سنڌ سان وڏيڪ ظلم هن مهاجر پنجابي سامراج جي نمڪ پرورده صاحب اهو ڪيو آهي، جو ان کي هن زبانن جو صوبو بنائي، سنڌي زبانن کي ڪاپاري ڏڪ هنيو آهي.

(۹) نائون وعدو - بي روزگاري دور ڪئي ويندي

هن صاحب جي ڪارڪنن سنڌي عوام کي دلاسو ڏنو هو تہ کين اقتدار هٿ ۾ اچڻ بعد بيروزگاري ملڪ مان دور ڪئي ويندي پر اقتدار هنن جي هٿ ۾ اچڻ بعد سنڌين ۾ بيروزگاري دور ٿيڻ جي عيوض وڌي آهي. پلا ڪيئن نہ وڌيءِ! مرڪزي حڪومت ۾ هڪ هزار پويان هڪ نوڪري بہ سنڌين کي نصيب نہ ٿي ٿئي، باوجود ان جي جو سنڌ طرفان مرڪزي حڪومت کي ۹۰ سيڪڙو ٽيڪس ملي ٿو. پورٽ ٽرسٽ، ڪسٽمس، لشڪر، انڪم ٽيڪس، ريلوي، خارجہ معاملات، بئنڪن، ڪارخانن، وغيره ۾ سنڌين کي نالي خاطر بہ نوڪري ڪانہ ٿي ملي. مشڪ پاس ڪيل نوجوانن کي تہ نوڪري بنهہ ڪانہ ٿي ملي . هزار ماڻهو بيروزگار ٿي نوڪري لاءِ دربدر رلندا وتن ٿا. البت ڪن پيپلس پارٽيءَ جي دلالن کي ڪو ٽڪر پور ڏيئي، پرپايو وڃي ٿو. سنڌ ۾ ۷۰ لک ماڻهو زمين تي گذر ڪندڙ آهن، جن مان ۴۵ لک ڪن بي زمين هاري آهن. شهرن ۾ روزگار جا ذريعا ڏارين لاءِ وقف ٿيل آهن. سنڌين کي اُتي نوڪري اڇيئي، ڪيترن سببن ڪري، ڪانہ ٿي ملي . ويترسنڌ کي هن زبانن جو صوبو بنائڻ ۽ ٻاهرهن سالن تائين ٻاهرين ماڻهن تان سنڌي سکڻ جي بندش لاهڻ سبب نوڪريون، پنجابين، مهاجرن ۽ پٹاڻن کي ملن ٿيون. هاڻ تہ سرڪيولر ڪڍيا اٿن تہ ٻاهرين کي نوڪري ڏيڻ ۾ ترجيح ڏني وڃي، تنهن ويتر سنڌين جي بيروزگاري وڌائي ڇڏي آهي . هن وقت سنڌ جا اڪثر ماڻهو ڪلسبي، ڪڙمي، مڇي مارڻ ۽ مال چارڻ وارا وڃي رهيا آهن، جن مان گهڻن جي ڪنبن ۾ بہ ڪمائين ٽا تہ ٽي بيروزگار رهن ٿا. انهيءَ ڪري سندن معيار زندگي تمام ڪريل رهي ٿو. ويتر جو گذرمعاش جي شين جا اڳه مٿي چڙهي ويا آهن، ان سندن زندگي وبال جان بنائي ڇڏي آهي. ان ڪري هنن مان سمجهدار ماڻهن نظريي پاڪستان، مهاجر،پنجابي مستقل

مفاد جي دلال پيپلس پارٽي ۽ ان جي ليڊر پٽي کي هٽ ڪٽي پٽي رهيا آهن ته خدا انهن جي پاڙپٽي کين ان ظلم کان آزاد ڪري ته ڪو سڪ جو ساهه کٽي سگهن.

بي روزگاريءَ ڪري ماڻهن جا اخلاق ڪرندا وڃن ٿا، ڪي چورين، ڏاڙن، ڪيسن ڪپن، زالن کان بچڙا ڪم ڪرائڻ ۽ پنڻ تي گدر ڪري رهيا آهن. سندن داد فرياد ٻڌڻ وارو ڪونه آهي .هنن مان گهڻا سنڌي درويش جي تعليم ڪري خاموش ٿي سختيون سهي رهيا آهن. ويتر هنن کي هيسائي، سندن غيرت ۽ حميت کي ختم ڪيو وڃي ٿو. ان ڪري ڪچي نٿا سگهن، جي ڪچن ٿا ته سندن چونديل ساڃيا وزير کين طرح طرح جا عذاب، قيد ۽ سزائون ڏيئي، زبانون بند ڪرائين ٿا. ٻئي طرف مهاجر پنجابي انهن ساڃين وزيرن کي گاريون ۽ ڏمڪيون ڏيئي، ڪائنڪ ڪم ڪيائيو وڃن ٿا. هيڏا هاڃا هن پنيور مڙئي رهيا آهن.

ڏهون وعدو - سنڌ کي خود ڪفيل بنائڻ

هن ڳروهه طرفان سنڌين کي چوندن وقت اهو به ڏلاسو ڏنل هو ته اقتدار ۾ اچڻ بعد هو اهڙو پروگرام رڇيندا، جيئن ٿوري وقت اندر سنڌ خود ڪفيل ٿي ويندي. پر هن پارٽيءَ جي اقتدار ۾ اچڻ بعد سنڌ کي پنجاب جي ڪالوني بنائي، مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي استحصال لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو. سا خود ڪفيل ڪيئن ٿي سگهندي؟ مثلاً -

١- جُملي ڪارخانا ڏارين جي حوالي ۾ ڏنا ويا آهن.

٢- سنڌ ۾ سنڌين کي روزگار ملڻ جو انتظام نه آهي.

٣- هتي ڪائيون ڪوٺائڻ جو انتظام ڪو نه ڪيو ويو آهي .

٤- زرعي آبادياءَ لاءِ پائيءَ جو گهٽو حصو پنجاب کنيو وڃي ٿو.

٥- سنڌ مان جيڪي ٽيڪس وصول ٿين ٿا، اُن جو گهٽو حصو لشکر جي پورائيءَ لاءِ خرچ ڪيو وڃي ٿو، جنهن ۾ پنجابي ۽ پٺاڻن جي ڪثرت آهي.

٦- سنڌ جي ڪارخانن يا آبادياءَ جي شين کي باهر موڪلڻ بعد جيڪا زرمبادلہ وصول ٿئي ٿي، سا مرڪزي حڪومت جي هٽ ۾ وڃڻ ڪري، غيرسنڌين جي مفاد لاءِ ڪتب اچي ٿي.

٧- ملڪ ۾ بيسڪ انڊسٽريز رائج نه ڪيل آهي، ان ڪري مڪمل شيون باهران گهرائڻ تي خرچ ٿئي ٿو.

حڪمران طبقي کي پنهنجا پيٽ پرڻ، عيش عشرت ڪرڻ، استحصال جاري رکڻ، خسيس ڪمن تي توجهه ڏيڻ مان ڪيترو وقت بچيو ٿي، جو هو سوشلزم جي بنياد تي منصوبہ بندي ڪري سنڌ کي خودڪفيل بنائين!

ازانسواءِ مهاجر پنجابي سامراج جي ڊپ کان هو سنڌ جي نالي وٺڻ کان ٿي ڊڇندا ٿا رهن. ان ڪري زياده زور نعري بازي تي ڏيئي، ماڻهن جو توجهه حقيقي مسئلن کان هٽايو، وقت پيا صرف ڪن. ملڪ جي مڪمل مسئلن طرف توجهه نٿو ڏنو وڃي. اهي ڳالهيون آهن، جن ڪري ماڻهو هن حڪومت کان ناراض ٿي پيا آهن. ان

ڪري ھي ڪڏھن ڪشمير، ڪڏھن ورلڊ مسلم ڪانفرنس، ڪڏھن عوامي انقلاب وغيرہ جون ڳالھيون ڪري، ماڻھن کي پڄا بيوقوف بنائين. پر ماڻھو ھاڻ ڪانئن تنگ ٿيندا وڃن ٿا.

٢ - ڪرنل قذافي ليبيا وارو

ھي صاحب مسلم سربراھن جي ڪانفرنس جو ھيو مھرو سڏي سگھجي ٿو. ھو ھن وقت ليبيا جو ڊڪٽيٽر آھي. ليبيا اصل ۾ ترڪن جي ھٿ ھيٺ ھو، جنھن ڪان اڳي فتح ڪيو. پھرين جي مھاياري لڙائي ڪان پوءِ ان ملڪ ۾ شيخ ادريس سنوسي جي ھٿ ھيٺ آزادي جي جدوجھد شروع ٿي، جنھن کي اول ۾ ڪجھ رعايتون ڏنيون ويئون، پر وري ١٩٣٧ع ۾ اُھي موڪلائي ورتيون ويئون. شيخ سنوسي پير طريقت ھو. ان جي پوئلڳي گھٽي ھئي. ان ماڻھن کي مذھب جي نالي ۾ ڪَنو ڪيو ھو. ھن جا پوئلڳ اڪثري مذھبي پوئلڳ ھئا. ھن جي اھڙي ناموس ھئي، جو ڪي ڪيس مھدي موعود سمجھڻ لڳا ھئا.

ليبيا جو ملڪ وڏو ۽ پوئتي پيل ھو. ٻي مھاياري لڙائي ڪان پوءِ جڏھن اقوام متحده اڳي جي قبضي وارن ملڪن کي ورھايو، تہ ھن ملڪ کي آزادي ڏني ويئي. جيتوڻيڪ ھي ملڪ وڏو ھو، پر سندس آبادي گھٽ ھئي. جنھن جو گھٽو حصو ديھاتي ھو. جڏھن مغربي ڪمپنين ان ۾ کوجنا ڪري تيل لڌو، تہ ملڪ نھايت شاھوڪار ٿي پيو. ليڪن ماڻھن جي ڪثرت ساڳي ديھاتي ۽ مذھبي رھي. شيخ سنوسي ملڪ جو بادشاھ ٿيو. ان پيسي ڪَني ڪرڻ طرف توجھ ڏنو، ليڪن ملڪ جي واڳاري لاءِ خاطرخواھ انتظام نہ ڪيو. ان تي لشڪر بغاوت ڪري، حڪومت جون واڳون ڪرنل معمر قذافي جي حوالي ڪيون. بادشاھ سنوسي ڀڄي وڃي مصر ۾ پناھ ورتي.

ڪرنل قذافي مُخلص، باھمت نوجوان ھو، پر اڪثري ملڪري عملدارن وانگر ترقي پسند خيالن جو حامل نہ ھو. ان ڪري انھن کي ھٿ ۾ رکڻ خاطر ھن بہ مذھب جي نالي جو استحصال ڪرڻ ضروري ڄاتو. ملڪ ۾ انتظام ۽ حڪومت جي ٻين ڪمن جا ماھر گھٽ ھئا. ان ڪري ھو ٻين ملڪن مان ماھر گھرائي ڪم ھلائڻ لڳو. ھتان پاڪستان مان بہ اُتي ڪيترا عملدار نوڪري لاءِ ويل ھئا. ھن جو سارو مدار نعري بازي ۽ ملڪري جي آدار تي ھو. ھُن پيسي جي فراواني ڪري ملڪ کي ترقي ونائڻ عيوض ٻاھرئين ناموس ۽ نالي تي مدار رکيو، ويتر جو مصر جي عوام دوست ڪرنل ناصر، جا ھن کي ٽيڪر ڏني، تنھن ھن جو دماغ ڦيرائي ڇڏيو. اُن ڪري ڪڏھن آمريڪا جي خلاف تہ ڪڏھن روس جي خلاف بيان ڏيڻ لڳو. ڪڏھن مصر سان گڏجي فيڊريشن ناھڻ جي تجويز ٿي پيش ڪيائين، جنھن جي نہ قبولجڻ تي ھُن وري مصر

ڀ پنهنجا مائهو موڪلي انور سادات کان زوريءَ قبوليت ونڻ جي کوشش ڪئي، پر انور سادات انهن مائهن جي مصر ۾ داخل ٿيڻ تي بندش وجهي ڇڏي. ان کان پوءِ شام سان ساڳيا تعلقات قائم ڪرڻ لاءِ کوشش ڪيائين، پر اها بـ ناڪام ٿي. آخر ۾ تونس سان گڏجڻ لاءِ درخواست ڪيائين، پر اها بـ قبول نـ ٿي. هن کي پٽي صاحب پورو سڃاڻي، بيو قوف بنائي، ٺيڪر ڏيئي، هن ڪم لاءِ پيسي خرچ ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو آهي. چوٽي آهي تـ «ڪڙ ڪوريءَ جو نالو وڏيري جو » ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي تـ هن جو دماغي توازن ٺيڪ نـ آهي. پُڇندي ٿوري، غصو گهٽو هميشہ نقصان جو باعث ٿيندو آهي. هن هڪ وقت مالنّا کي مدد ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو.

هتي کانفرنس جي موقعي تي، پاڪستان ۾ اچڻ بعد هُن، جي تقريرون ڪيون هيون، انهن مان ائين پڻي معلوم ٿيو تـ ڪيس چوڌاري اسلام جا دشمن پڻي ڏسڻ ۾ آيا، جنهن کي بچائڻ جو هن پاڻ کي ٺيڪيدار پڻي سمجهيو. سندس ملڪ ايترو پٺتي پيل آهي، جو ڊاڪٽر، فوجي عملدار ۽ پروفيسر وغيره بـ گهٽا ٻاهر جا اٿس، اُن ملڪ ۾ ترقي تعميراتي خرچ ڪرڻ جي عيوض، پاڪستان جي حمڪران طبقي وانگر، هُن ۽ سندس ساٿين کي اقتدار قائم رکڻ لاءِ اسلامي دنيا جي بچاءُ جي اچي انتظار ستايو آهي. ٻڌن ۾ آيو آهي تـ سندس اهڙن خيالن ڪري سندس انتظامي ڪائونسل هن جا ڪي اختيار بـ گهٽائي ڇڏيا آهن. هيءُ ملٽري عملدار هٽڻ ڪري مذهب جي بنيادي معلومات نڏو رکي. ڪيس پتو نـ آهي تـ.

۱- اسلام دين فطرت ۽ حق آهي. ان جي بچاءُ جي ضمانت خدا کنئين هٽي. قذافي کان گهٽن وڌن شخصن ان ڏس ۾ ڪوششون ڪيون آهن، پر چاڪاڻ تـ اهي سڀ اسلام جي عيوض ڪن مستقل مفاد جي اقتدار قائم رکڻ واسطي صرف ٽيل هيون، تنهنڪري ڪامياب نـ ٿي سگهيون آهن.

۲- اسلام جُملي دينن جي بنيادي وحدت، صداقت ۽ تاريخي ارتقا جو پتو ڏيئي، اديان جي بقائي باهميءَ لاءِ ميدان صاف ڪيو آهي. تنهنڪري اُن لاءِ خطري پيدا ٿيڻ جو ڪوبـ امڪان نـ آهي.

۳- اسلام محبت، عدم تشدد ۽ هر طرف جلوه حق ڏسڻ جو اظهار ڪري ٿو، هو قذافي وانگر نفرت، تشدد جي اظهار ۽ ناحق جو ڊپ ۽ خطري جو اظهار ڪونہ ٿو ڪري. تنهنڪري ان کي لهر لوڏو ڪونہ آهي.

۴- اسلام ابتدا کان هو ۽ آخر تائين رهڻ وارو آهي. اسلام ٻين مذهبن جي بنياد تي تعمير ٽيل هو، جنهن ۾ جملي مذهبن ۽ پيغمبرن جي صداقت ۾ مڃڻ جو اقرار ڪيل هو. تنهنڪري اها ڀُاڙ سمجهہ ۾ نـ ٿي آئي تـ هن جو اسلام لاءِ ڪڙو نقطہ نگاہ هو، جنهن کي هر طرف مان خطرو هو، جنهن کي بچائڻ جي کيس ۽ پٽي صاحب کي اچي ڀُڻتي لاحق ٿي آهي!

ڏسڻ ۾ اچي ٿو تـ هن وٽ پيسو گهٽو، سَڏون وڏيون، عقل ٿورو، يعني جوش وڌيڪ ۽ هوش ڪم. خدا سائين خير ڪريس، هو ڪعبہ بدران ترڪستان ويندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

٣ - امير فيصل (مرحوم)

هي صاحب سعودي عرب جو بادشاھ هو. هي انهيءَ اسلام جي فرقي جو نمائندو هو، جنهن اسلام کي گهڻين بدعتن کان پاڪ ڪرڻ لاءِ قدم کنيا هئا.هي صاحب خوش قسمت هو، جو ان کي حرمين جي محافظ ۽ خادم جي واڳ سهرد ٿيل هئي. اهي ٻيئي حرم دنيائي اسلام جا مرڪز هئا.

هي صاحب دنيا ۾ شاهوڪار ملڪ جو وارث هو.هي صاحب سندس قبيلي جي ٻين افراد کان وڌيڪ سنجيدو، عيش آرام کان پري ۽ لائق حڪمران هو. هن باوجود آمريڪا جي اثر هيٺ هئڻ جي، عربن جي اتحاد ۽ سربلنديءَ لاءِ جيڪي قدم کنيا سي وسرڻ جهڙا نه آهن .

ليڪن سندس سلسلي ۾ هيٺين گالهين کان انڪار ٿي نٿو سگهي ته،

(١) هن جي ملڪ يعني سعودي عرب جو گهڻو حصو بيابان ۽ جابلو آهي. اُن ۾ زراعت گهٽ، ماڻهن جو گهڻو تعداد بدويانه زندگي گذارينڌڙ ۽ قبيلن ۾ ورهايل ۽ پوئتي پيل آهي.

(٢) هن جو ملڪ، سائنس ۽ هنريءَ ترقيءَ ۾ ٻين ڪيترن مسلمان ملڪن کان پوئتي پيل آهي. سندس ماڻهن ۾ سياسي شعور ڪونه آهي. حڪومت جو ڪاروبار زياده تر سندس قبيلي جي افراد تي مشتمل آهي. اهڙي قسم جي حڪومتن کي گهڻي وقت تائين جيڻ جو امڪان ڪونه آهي. اُن ۾ هميشه سازشن جو امڪان رهي ٿو . انهيءَ ڪري سندس پاليسيءَ جي پائداريءَ جو امڪان هن جي سر سان وابسته هو. شخصن تي مدار رکندڙ تحريڪون دائميت کان دور رهن ٿيون.

(٣) هن جي ملڪ جو سمورو مدار هن وقت تيل، ٻاهرئين واپار ۽ حجاج جي زرمبادلہ جي آمدنيءَ تي آهي. هيءَ ملڪ ترقي يافته ته نه، پر ترقي پذير ملڪن جي درجي تي ٻه پهچي نه سگهيو آهي.

(٤) هيءَ عرب ملڪن جي ليڈرشپ جو اهل هيئين ٻن نقطي نگاهن کان ٿي سگهي ٿو - پهريون هيءَ ته حرمين شريفن جو محافظ ۽ خادم هو، ۽ ٻيو ته هن جو ملڪ شاهوڪار ملڪ هو.

ليڪن چتائي ڏسبو ته رڳو اهي لياقتون ليڈر شپ لاءِ ڪارآمد ٿي نه ٿي سگهيون. خود عرب ملڪن مان ٻه ڪيترا ملڪ گهڻين گالهين ۾ هن جي ملڪ کان گهڻو اڳتي وڌيل هئا. جيئن ته علم، زراعت، هنر ۽ آدمشماري وغيره ۾ مصر، تونيسا، الجيريا، شام هن کان وڌيڪ آهن. انهيءَ ڪري انهن ملڪن ۾ سياسي پائداري، بنسبت هن جي زياده ٿي سگهي ٿي. سندس ملڪ جي حڪومت جو مدار هڪ خاندان تي آهي، جنهن ۾ ڪنهن ٻه وقت ذاتي يا قبيلائي رنجش جو شڪار ٿي، حڪومت جو تختو الٽي سگهي ٿو. هي ته چڏيو، پر هندستان جي طاقتور حڪومتن ۾ ٻه اهي گالهيون سرزد ٿيندیون آيون. خود هو پاڻ ٻه انهيءَ طريقي سان طاقت ۾ آيو هو.

هن ڪتاب لکڻ وقت مرحوم شاھ فيصل جي ٢٥ مارچ ١٩٧٥ع تي شهادت واقع ٿي.

هي جيڪڏهن زندهه هجي ها، ته هن جي جُملي مسلمان ملڪن جي ليڈر ٿيڻ جي راهه ۾ هيئيون ڳالهيون مانع ٿي سگهن ها.

(۱) هن جي هٿ ۾ مسلم ليڈر شپ وڃڻ ڪري ٻين غير عرب مُلڪن ۾ وري عربي ۽ عجمي اختلاف پيدا ٿين ها، ۽ مسلمانن جي اتفاق ۽ شيرازو ٽٽي پون جو امڪان رهي ها. اڳي اُنهيءَ اختلاف ڪري شيعا سُني اختلاف پيدا ٿيا هئا. هاڻ پتو نه آهي ڪهڙا وڌيڪ خطرناڪ اختلاف پيدا ٿين ها.

(۲) سعودي عرب پٺتي پيل هٿڻ ڪري، ۽ ورلڊ مسلم جماعت جي مرڪز اُتي رهڻ ڪري، هيءَ ملڪ پاڪستان، مصر ۽ ٻين ترقي پذير ملڪن جي استحصال جو باعث بنجي پوي ها، هن وقت بہ ڪافي تعداد ۾ پاڪستاني مائهو اُن جو استحصال ڪري رهيا آهن.

(۳) مُسلم ملڪن کي مذهب جي نالي ۾ گڏڪرڻ جي ردعمل ۾ اُنهن جي خلاف صيهونيت، ڪميونزم، مسيحيت جي پوئلڳن جي رقابتن پيدا ٿيڻ جو امڪان هو، جا ڳالهه اسلام جي فروغ ۾ حائل ٿئي ها، ۽ مسلمان مُلڪن لاءِ اُنهن رقابتن ڪري نقصان جو باعث بنجي ها.

اِنهن مِڙني ڳالهين کي مدنظر رکندي، اسلام جي نالي ۾ مسلم ملڪن جي اتحاد جي ڪوشش ڪرڻ مان هيٺين نقصانن پهچڻ جو امڪان آهي:-

(۱) مسلم ملڪن ۾ عربي ۽ عجمي رقابتن پيدا ٿيڻ جو انديشو آهي.

(۲) قدامت پسند ۽ جدت پسند مذهبي نظرين جي اختلافن پيدا ٿيڻ جو امڪان آهي.

(۳) مسلمان ملڪن جي جمهوري حڪومتن ۽ آمرانہ حُڪومت جي وچ ۾ نظرياتي اختلافن پيدا ٿيڻ ڪري، اهو اتحاد ديرپا رهي نه سگهندو.

(۴) دهريت ۽ دقيانوسي مذهبن جي وچ ۾ اختلاف پيدا ٿيندو ۽ اُهو اختلاف مذهب جي لاءِ نقصانڪار ثابت ٿيندو.

(۵) غيرجانبدار حڪومتن جي جماعت، جا هن وقت نهايت مُفيد ڪم ڪري رهي آهي، ان جي طاقت ڪمزور ٿيندي، ۽ غيرمُسلم ملڪن جي وري آمريڪا ۽ روس جي گروهن ۾ ورهائجي وڃڻ جو امڪان آهي.

(۶) اسرائيل کي سامراجي طاقتن، سندن مفاد خاطر، عربن جي وچ ۾ مسلط ڪري ڇڏيو آهي. عربن کي هن وقت روس، پارت ۽ چين ۽ ٻين ترقي پسند مُلڪن جي حمايت حاصل آهي. اُها هن رجعت پسند پاليسيءَ جي اختيار ڪرڻ سبب ممڪن آهي ته گهٽجي وڃي، ۽ مَٽن اسرائيل هميشہ لاءِ ڪک جو ڪنڊو بنجي رهجي وڃي.

(۷) جيئن ته مسلم ملڪن جي اڪثريت فسطائي سياست جي حامل آهي، انهيءَ ڪري اهڙي اتحاد مان نديڻين قومن ۽ جمهوريت جي طاقتن کي نقصان پهچڻ جو امڪان آهي. سنڌي، بلوچ، پختون، قبرص، ڪرد، اريٽريا، فلپائن وغيره قومن جا مسلمان، جي هن وقت سندن حق خوداريءَ لاءِ ڪوشان آهن، سي اُنهيءَ اتحاد کان خوفزده ٿي، مخالفت ڪندا، جو ڪين تجربو آهي ته بنگلہ ديش جي قتل عام ۽ تباهيءَ جي ڪارنامي وقت عرب ملڪن جي اڪثريت ۽ ڪيترن ٻين مُسلم ملڪن کي ظالم مهاجر پنجابي مستقل

مفاد سامراج جي قائم رکڻ لاءِ همدردي ڏيکاري هئي.

(۸) اُنهيءَ اتحاد مان قبائلي ۽ پين استحصالي مستقل مفاد طاقتن کي هٿي اچڻ جو امکان هو. جمهوريت، سوشلزم ۽ سيڪيولرزم جي اُصولن کي نقصان پهچڻ جو امکان هو.

سنڌ، بلوچستان ۽ پختونستان جون قومون هن وقت مهاجر پنجابي سامراج کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيون آهن، تن کي اهڙي اتحاد مان هميشه خطري جو انديشو رهندو. انهن سڀني ڳالهين کي مدنظر رکندي مسلمان ملڪن جو غلط بنيادن تي اتحاد نندين قومن ۽ مسلم عوام لاءِ فائدي جي عيوض نقصان جو باعث بنبو. انهي ڪري آءٌ سمجهدار ماڻهن جو توجهه هن مسئلي جي نقصان طرف ڇڪائڻ کان رهي نٿو سگهان.

فصل ٻيو
مسلم ملڪن جو بلاڪ ناهڻ

جيڪي ماڻهو مسلم ملڪن جي بلاڪ قائم ڪرڻ جي گفتگو ڪن ٿا، سي يا ته جاهل آهن، جن کي اها خبر نه آهي ته اهڙي قسم جي بلاڪ ناهڻ مان مسلمانن کي ڪهڙو فائدو حاصل ٿيندو، ۽ اهو قائم رهي به رهي سگهندو يا نه؟ - يا ڏوکيباز آهن، جي پنهنجي ملڪ ۾ پنهنجي طبقاتي مقاصد جي حصول ۽ پنهنجي مستقل مفاد جي سياسي ۽ اقتصادي اقتدار قائم رکڻ ۽ پوئتي پيل مسلم ملڪن ۾ پنهنجي قومي (سامراجي) اقتصادي ۽ سياسي استحصال جي امڪانن جي پيدا ڪرڻ ۽ روشن رکڻ لاءِ اهو آواز اٺارين ٿا. خاص طرح، هو پنهنجن ملڪن ۾ اندروني طور پيدا ٿيل خلفشار ۽ مشڪلاتن جي حل ڪرڻ جي عيوض مڪاني ماڻهن جو توجهه ملڪ جي حقيقي مسئلن کان هٽائي سندن اقتدار قائم رکڻ لاءِ اهڙا نعرا هڻن ٿا.

پهرين مهاياريءَ لڙائيءَ کان اڳ دنيا چند طاقتور ۽ ترقي يافته حڪومتن جي سامراج هيٺ ورهايل هئي. پر هن مهاياري لڙائين کان پوءِ اُهي جُدا جُدا سامراج ختم ٿي، انهن جي جاءِ تي ٻه نظرياتي گروهن جا بلاڪ نهيا آهن:-

(۱) هي بلاڪ مغربي سرمائيدار مُلڪن جو، آمريڪا جي اڳواڻيءَ هيٺ ڪم ڪري رهيو آهي.

(۲) ٻيو بلاڪ ڪميونسٽ ملڪن جو ، سوويت يونين جي مهنداري هيٺ قائم آهي.

هن وقت تائين اقوام متحده ۾ هنن ٻنهي بلاڪن جي وچ ۾ دنيا جي پوئتي پيل ملڪن تي سياسي، معاشي، ڪلچرل ۽ نظرياتي اقتدار ۽ تسلط لاءِ رقابت هلي رهي آهي. جيتوڻيڪ انهن ٻنهي گروهن ۾ باهمي اختلافات جي علاوه هر هڪ گروهه جي اندر به اختلافات موجود آهن، جهڙيءَ طرح مغربي سرمائيدار مُلڪن جي آمريڪي ليڈر شپ خلاف فرانس يا يورپي بلاڪ ڪجهه رُجحان ڏيکاري رهيو آهي. پر اُهي رجحان ڪا خاص اهميت نٿا رکن، ڇاڪاڻ ته نظرياتي طور اُهي سڀ ملڪ هڪ ئي نقطي نگاهه موجب، سندن اڳوڻي سامراجي اثر وارن ملڪن جي اقتصادي استحصال جاري رکڻ لاءِ اُنهن ملڪن ۾ پنهنجي اجتماعي دائري اثر پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مشغول آهن. قومي خودداري يا ليڈر شپ جي لحاظ کان انهن ۾ فروعي اختلاف ضرور پيدا ٿين ٿا. پر اڪثري اُهي عارضي قسم جا آهن، ۽ موقعي تي هو پاڻ پوري ڪڍجي، هڪ ٻي وجن ٿا.

ٻئي طرف ڪميونسٽ گروهه جي ليڈرشپ سوويت يونين جي اڳواڻيءَ هيٺ ٻئي

رهي آهي. ليڪن اُن جي خلاف چين جو ملڪ، ڪجھ قومي خودداريءَ ۽ ڪجھ فروعي نظرياتي اختلاف ڪري، مخالفت ڪري ٿو. پر اُنهن اختلافن کي بہ زياده اهميت ڏيڻ بيڪار ٿيندو. قومي امڪان آهي تہ موقعي تي هِن بلاڪ ۾ پڻ اِهي ظاهري طور ٿيل اختلاف دور ٿي، ٻيئي ڌريون گڏجي ڪم ڪري سگهن.

مٿي ذڪر ڪيل ٻيئي بلاڪ وڏن طاقتور ملڪن جا نمائندا آهن، انهن جي اختلاف جو باعث هن وقت اهو آهي تہ سرمائيداري ڪيڻ قائم رکي وڃي، يا اشتراڪيت کي دنيا ۾ڪيڻ مروج ڪيو وڃي.

انهن مقصدن کان سواءِ هنن جو ارادو هيءَ بہ آهي تہ ڪهڙيءَ طرح دنيا جي گهٽي حصي کي سندن پنهنجي پنهنجي دائري اثر هيٺ آڻجي، يا اُنهن جو استحصال ڪجي يا اُنهن کي نظرياتي طور هم خيال بنائجي. هي ٻيئي بلاڪ نهايت طاقتور آهن، قريبًا ساري دنيا کي ورهائي، پنهنجي پنهنجي دائري اثر هيٺ ڪرڻ جو عزم ڪري چُڪا آهن.

سندن اهڙن خيالن ۽ ارادن کي مدنظر رکندي، دنيا جي چند دانشور سياستدانن، جن ۾ پنڊت جواهر لعل نهرو پارٽ جو وزيراعظم، يوگو سلويا جو صدر مارشل ٽيٽو، مصر جو صدر جمال عبدالناصر ۽ انڊونيشيا جو صدر سوئيڪارنو مُکيہ هٿا، غور ۽ فڪر ڪرڻ بعد هڪ وچ واري بلاڪ ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي ، جنهن جو مقصد اقتصادي استحصال، نظرياتي تسلط يا سندن دائري اثر ۾ هين ملڪن کي آڻڻ نہ هو پر مٿي ذڪر ڪيل هن بلاڪن جي رقابتن ۽ تصادم کان بچائڻ هو، ۽ انهن جي هاڃيڪار اثرن کان پوئتي پيل ملڪن جي حفاظت ڪرڻي هئي. اُنهيءَ بلاڪ پاڻ کي " غير جانبدار گروهہ " جي نالي سان سڏائڻ شروع ڪيو.

اُنهيءَ بلاڪ جو مقصد گروهن جي چڙپيڙيءَ کان پاڻ بچائڻ ڪونہ هو، پر ان جي پويان هڪ وڏو فلسفو ۽ فڪر نمايان هو. جيڪڏهن هڪ طرف سرمائيدار ملڪن طرفان سندن فلسفو حيات ظاهر ڪيو ويو ٿي تہ شخصي آزادي، جمهوريت ۽ روحانيت، زندگيءَ جي ترقيءَ ۽ تعمير لاءِ مُفيد ترين نسخا هٿا، تہ هٿي طرف اشتراڪي فلسفي وارن جو چوڻ هو تہ سياست جمهوريت يا مُساوات کانسواءِ بيڪار هئي .

هنن جو چوڻ هو تہ انسانذات شاهوڪار ۽ غريب طبقن ۾ ورهايل هئي. تنهنڪري طبقاتي معاشري کي ختم ڪري، ڪلاس ليس (غيرطبقاتي) معاشري بنائڻ سان صحيح مساوات مروج ٿي سگهندي.

سندس راءِ موجب، ڇرواڪ شخصي آزادي جا، مجموعي قومي مفاد لاءِ خطري جو باعث بنجي بيڪار هئي. هنن جي راءِ موجب روحانيت جي نالي ۾ مذهب جا نمائندا مُلا ۽ پير، پنڊت ۽ پوڄاري، پادري ۽ راهب، سرمائيدار طبقي جو اوزار بنجي، اُن طبقي جي قيام لاءِ ڪم ڪري رهيا هٿا.تنهنڪري هنن فوق العقل مذهبيءَ اختياريءَ کي ختم ڪري، ماده پرستي (مٽيريلز ہ) جي بنياد تي سندس فلسفي حيات جي تعمير ڪري، مذهب کي مانهن لاءِ نشي آور سرڪي سمجهي، ڦٽو ڪري ڇڏيو آهي.

هنن ٽئي بلاڪ جو مقصد رڳو پُنتي پيل مُلڪن کي اُنهن ٻنهي گروهن جي تصادم کان

پاڻ بچائڻ ڪو نه هو، پر اُن کي به هڪ مُستند فڪر جي پشتي هئي. جي پهرئين طرف جي جمهوريت، شخصي آزاديءَ يا مذهب کي بيڪار سمجهي ڇڏو ڪرڻ نيڪ نه هو ۽ نه وري انهن کي هر مرض جو علاج سمجهڻ مفيد هو. ساڳي ريت، ٻئي طرف جا نظريا، اقتصادي برابريءَ ، دهريت ۽ اشتراڪيت وارا، نه صفا بيڪار هٿا ۽ نه اُهي انساني نجات جا اڪيلا علاج هٿا. ٽئين بلاڪ وارن جو چوڻ هو ته مٿي ذڪر ڪيل ٻنهي نظرين مان بقائي باهميءَ جي بنياد تي، "خذ با صفاو دع ماڪدر"

معنيٰ - سُٺي شيءَ حاصل ڪريو خراب ڇڏي ڏيو . جي نقطي نگاهسان چوند ڪرٽي هئي. وڏيڪ اُنهيءَ بلاڪ وارن جو چوڻ هو ته ٻنهي متضاد نظرين جي چڱا پيڻي نقصانڪار هئي، بلڪ انهن جي امتزاج (ميلاپ) مان مُفيد نتيجن نڪرڻ جي اُميد هئي. تنهنڪري هڪ طرف لڙهي وڃڻ غلط هو. يعني ٻنهي جي وچ ۾ درميان رويءَ ڏيڻ ڪين تصادم کان بچائڻ ضروري هو. ته جيئن اُهي ٻيئي گروهه هڪ ٻين جي ويجهو اچي، بقائي باهمي ۽ باهمي تعاون جي بنياد تي، انساني اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ ڪارآمد ثابت ٿين. گويا هيءَ ٽياڪريءَ جي مِشن، روح القدس وانگر، هن گروهه کي ادا ڪرڻي هئي.

جيئن ته انهيءَ گروهه مان سرمائيدار ملڪن کي سندس واپاري منڊين معرفت قائم ٿيل تسلط کي نقصان پهچڻ جو خطرو هو، ۽ ٻئي طرف هنن کي اهو وهم ويهي ويو هو ته جيترو گهٽو وقت گذرندو اوترو اشتراڪي طاقتون مضبوط ٿي، باقي دنيا کي سندس زير اثر آڻي، سامراجي نظام ۽ سامراجيت کي ڪمزور ڪري يا مُڪمل ختم ڪري ڇڏيندين، انهيءَ نقطي نگاهه کان سرمائيدار حڪومتن ننڍين ۽ پوئتي پيل ملڪن کي مالي مدد ڏيڻ سان پنهنجي طرف ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر جنهن صورت ۾ اُنهيءَ امداد جي پويان کو اعليٰ مقصد کو نه هو، سواءَ ننڍين قومن جي برسراقتدار حڪومتن کي خريد ڪري پنهنجي طرف ڪرڻ جي . اِنهيءَ ڪري سامراجي حڪومتن نظرياتي طور مذهب جي بچائڻ جي نالي ۾ دهريت جي خطري کان بچڻ لاءِ مُسلم ملڪن کي سندن جدا بلاڪ ناهڻ لاءِ ترغيب ڏني ٿي.

دنيا جي وڏن مذهبي مُلڪن مان پارت، انڊونيشا ۽ مصر جا اڳواڻ اڳيئي غير جانبدار گروهه ناهي چڪا هٿا. اُنهي گروهه وارو بلاڪ ان سڏيءَ طرح سامراجي ۽ سرمائيدارانه نظام جي ڄار کان پوئتي پيل مُلڪن کي باهر ڪڍڻ جو ڪم سرانجام ڪري رهيو هو. ان ڪري سرمائيدار ۽ سامراجي مُلڪن هيٺين ٽن طرحن جون ڪوششون ڪري، دنياجي مُلڪن کي انهيءَ ٽئين نظريي واري گروهه کان باهر رکڻ جي ڪوشش ڪئي.

(۱) سينٽو، سيٽو ۽ نيٽو بلاڪ ناهي، انهن کي اڪيچار مالي ۽ فني مدد ڏيئي، پنهنجي دائري اثر هيٺ رکڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي ويئي، ۽ اهڙيءَ طرح انهن ملڪن کي پنهنجن جنگي عهدنامن ۽ ڪميونيسٽ ملڪن خلاف قائم ڇڏن گهريو ٿي.

(۲) آفريڪا ۾ ڏکڻ آفريڪا جي ملڪن جون جماعتون ٺهرائي، انهن کي مالي مدد ڏيئي، انهن جي حڪومتن کي پنهنجي اثر هيٺ آڻي، انهن ملڪن کي اشتراڪي اثرن کان باهر

رکڻ چاهيو ٿي.
(۳) غيرجانبدار مُلکن ۾ اڪثريت مسلمان ملکن جي هئي، انهن جي طاقت کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ عربن جي وچ ۾ اسرائيل کي ويهاري، ان کي مدد ڏيئي، مصر ۽ شام جي طاقت کي ڪمزور ڪيو ويو ٿي.
(۴) پاڪستان کي مدد ڏيئي، پارت کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ سازش سِڱي ويئي ٿي .
(۵) مسلمان ملکن جي بلاڪ جي نالي ۾ مسلمان ملکن کي ڪَنو ڪري، غيرجانبدار ملکن جي اهميت کي گهٽائڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ويئي ٿي.
جيئن ته پاڪستان جي مملڪت سامراجي طاقتن ڪري وجود ۾ آئي هئي، ان تي ابتدا کان ولي ڪه ظرف حاڪمن جو تسلط پئي رهيو آهي،تنهنڪري سرمائيدار ملکن اُنهيءَ ڪه لاءِ پاڪستان کي ڪتب آڻڻ لاءِ منتخب ڪيو آهي. ۽ جيئن ته پاڪستان، ايران، ترڪي ٽيئي ملڪ سينٽو عهدنامي هيٺ آمريڪا سان بَڌل هئا، اُنڪري انهن جي ڏريعي مسلم بلاڪ ناهڻ جي ڪوشش ٿي، جنهن جو خاص مقصد غيرجانبدار بلاڪ جي اهميت گهٽائڻ هو. اِن ڳالهه ۾ هينيون حالتون انهن کي مدد ڏيڻ لاءِ ڪارآمد ثابت ٿيون:
(۱) پاڪستان ۾ مهاجر پنجابي مستقل مفاد سندن سامراج قائم ڪيو هو، جنهن کي قائم رکڻ لاءِ ، پارت جو خوف ڏيارڻ، سنڌ، بلوچستان، بنگال ۽ پختونستان جي عوام جو توجهه سندن آزاديءَ جي تحريڪ کان هٽائڻ ضروري هو.
(۲) عرب مُلکن جي وچ ۾ اسرائيل کي ويهاريو ويو هو، جنهن آهستي ڪري عرب ملکن کي هٿ ڪرڻ جي روش اختيار ڪئي هئي، جنهن کي روڪڻ لاءِ مسلم بلاڪ جي نالي ۾ آمريڪا کان مدد وٺڻ جو راڳ رچائڻ ضروري هو.
(۳) سامراجي ملڪ انڊونيشيا ۽ ملائيشيا ۾ پنهنجا حُڪمران پيدا ڪري انهن کي مُسلم ملکن جي شرڪت لاءِ آماده ڪري چڪا هئا.
هن بين الاقوامي سامراجي سازشن کي عملي صورت ڏيڻ لاءِ، مٿي ذڪر ڪيل احوالن مطابق هنن ٽَن صاحبن کي ڪتب آندو ويو هو.
هنن ٽنهي صاحبن کي پنهنجون مجبوريون هيون- مثلاً- پٽو صاحب يتيم ٻار وانگر، ڪنهن بہ قوم جي عيوضي نہ هٿ ڪري سمورو مدار آمريڪي مدد تي رکي ٿو، تنهنڪري هُن کي طوعاً ڪرهاً ان ڏس ۾ ڪم ڪرڻو هو. ازانسواءِ هن کي جماعت اسلاميءَ کان جا آمريڪي ايجنٽ طور پاڪستان ۾ ڪم ڪري رهي آهي، خوف ڏيارڻ، مسلم مُلکن جي اتحاد جي مسئلي طرف راغب ڪيو ويو آهي. امير فيصل مرحوم بہ آمريڪا سان وابسته هو. ليڪن جڏهن هن ذرا خود ارادي ڏيکاري، ته هُن کي شهيد ڪرايو ويو. ڪرنل قذافي مذهبي ڪٽرپڻي جي پيداوار آهي. هن جي گاديءَ تي سلامت رهڻ جو مدار بہ اُنهيءَ پاليسيءَ مطابق ٿي سگهي ٿو. تنهنڪري هن پاليسيءَ ۽ اندروني انتشار کان بچڻ لاءِ اهو طريقو اختيار ڪرڻ ضروري ڄاتو آهي.
منهن جي نظر ۾ سامراجي مُلکن جا اهي ڪارڻ آهن، جن خاطر مسلم بلاڪ کي وجود ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي.
دنيا ۾ ڪيترا مُلڪ آهن، جن پنهنجي مخصوص مطلبن جي پوري ڪرڻ لاءِ

جماعتون ناهيون آهن، جهڙوڪ:

۱- يورپين ايڪانامڪ ڪميٽي .

۲- عرب اتحاد ڪميٽي .

۳- ڏکڻ آمريڪا اتحاد ڪميٽي.

۴-آفريڪي اتحاد ڪميٽي.

اهي سڀ جماعتون جاگرافيائي ۽ قومي بنياد تي مخصوص مقاصد جي اُصول لاءِ قائم ٿيل آهن. مسلم ملڪن جو بلاڪ يا جماعت دنيا ۾ ٽئين قسم جي جماعت آهي . تنهنڪري ان خاص توجهه لهڻو.رواجي طرح ته ان طرف توجهه ڏيئي، آءٌ تبصرو نه ڪريان ها، پر چند سالن کان پاڪستان جي سرزمين تي مذهب جي نالي ۾ مهاجر پنجابي مستقل مفاد جهڙيءَ طرح نندين قومن جو استحصال ڪيو آهي، جنهن جو سنڌ، بنگال، بلوچستان ۽ پختونستان جي رهاڪن کي تلخ تجربو آهي، تنهنڪري ان مسئلي ڏانهن تفصيلوار توجهه ضروري هو. مسلم ملڪن جي اتحاد ۽ بلاڪ جو هن وقت پرچار منهنجي سمجهه ۾ هيٺين مڪيه سببن ڪري ڪيو وڃي ٿو:

(۱) پاڪستان کي اُن جي حڪمران طبقي غلط پاليسين ۽ ڪارنامن ڪري اڇي ڏيوالي جي ڪناري تي ڇڏيو آهي. سو اُن جي سدباب ڪرڻ لاءِ، سندس حڪمران طبقي اسلام جي نالي، ۾ مسلم ملڪن کي گڏڪرڻ جي عُذر تي، امداد ونڊ لاءِ بهانو بنايو آهي.

(۲) پاڪستان جو حڪمران طبقو- مهاجر پنجابي مستقل مفاد وارو يهودين وانگر آمريڪي سامراج جو ايجنٽ ٿي ڪم ڪري رهيو آهي. سو اُنهيءَ خدمت ڏيڻي آمريڪن هٿيارن جي مدد حاصل ڪري پاڪستان ۾ نندين قومن تي پنهنجو اقتدار قائم رکي، انهن جو استحصال ڪرڻ گهري ٿو.

(۳) پاڪستان جي حڪمران مهاجر پنجابي مستقل مفاد جو صرف پاڪستان جي استحصال ڪرڻ سان پيٽ نه پريو آهي، تنهنڪري هنن ۾ نوان مرغزار ڳولي انهن جي چرڻ جو حرص جاڳايو آهي. عرب ملڪن ۾ تيل گهٽي هڻڻ سبب پيسو جام ڏسي، علم، سائنس ۽ هنر وارن ماڻهن جي انهن وٽ ڪمي محسوس ڪري، هنن هِن نئينءَ تجويز، يعني مسلم ملڪن جي اتحاد، جي ذريعي، اُنهن ملڪن جي استحصال جو ارادو ڪيو آهي.

(۴) عرب يا ٻين ڪن مسلمان ملڪن ۾ حڪومت چند قبيلن جي مُکيه سرڪردن يا آمرن جي هٿ ۾ آهي. انهن کي ڊپ رهي ٿو ته مڪاني ماڻهو سياسي شعور حاصل ڪري جمهوري طرز حڪومت جي گهرڪندا ۽ سندن هڪ هٿي ختم ڪرائيندا. تنهنڪري، هو بہ پاڪستان جي هن تحريڪ وانگر، عوام جو توجهه ملڪ جي حقيقي مسئلن کان هٽائڻ لاءِ مسلم ملڪن جي اتحاد جي نعري ۾ پنهنجو پلو جاڻن ٿا. چوٽي آهي ته جتي لوڻي هوندا، اتي ٻوڳي ٻک نه مرندا. پاڪستان جو حڪمران طبقو دنيا ۾ بدترين استحصال، آمريت ۽ اخلاقي پستيءَ جو مثال پيش ڪري رهيو آهي. هِن طبقي پاڪستان ۾ شامل ٿيل نندين قومن کي پائمال ڪري ڇڏيو آهي. هاڻ هو ٻين مسلمان

ملڪن کي بي وقوف بنائڻ لاءِ ڪوششون ڪري. هڪ طرف پنهنجي طبقي جو فائدو ۽ ٻئي طرف پنهنجي آقا آمريڪي سامراج جي خوشنوديءَ جو باعث بنجڻ ڪُهري ٿو . انهيءَ مقصد سان هنن مسلم ملڪن جي بلاڪ ناهڻ جو راڳ رچايو آهي .

هن وقت پاڪستان جي حڪمران طبقي طرفان، جي ان ڪانفرنس جي تعريف ۾ گيت ڳايا وڃن ٿا، ان لاءِ مونکي هيٺيان ڪارڻ نظر اچن ٿا.

(۱) پاڪستان ۾ مهاجر پنجابي سامراج قائم ٿيڻ بعد، اُن کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌين، بلوچن، ۽ پختونن طرفان جدوجهد شروع ٿي آهي. اُنهن مهاجر پنجابي سامراجين عوام جو توجهه اُن طرف کان ڦيرائڻ لاءِ مذهب جي نالي ۾ مُسلم ملڪن جي اتحاد جو راڳ سندن استحصال قائم رکڻ لاءِ ڳائڻ شروع ڪيو آهي.

(۲) مسلمان ملڪن جي اتحاد جي نعري سان مذهب ۽ سياست جي گڏي هلائڻ جو اُصول ملحق آهي. مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻ ڪري جيڪي خون خرابيون پيغمبر خُدا جي لاڏاڻي کان پوءِ عرب خواه ٻين مسلمان ملڪن ۾ سرزد ٿيون. سي تاريخ جي ورقن تي محفوظ آهن. مسلمانن جي پوئتي پوڻ ۽ ڪمزور ٿيڻ جو مُکيه ڪارڻ اِها پاليسي هئي. ترڪن گهٽي تجربي کان پوءِ ان کي ٽوڪاري ڦٽو ڪري ڇڏيو هو.

تاريخ مان پتو پوندو ته مسلمانن جي اتحاد لاءِ مهدين، مُجتهدن، ولين ۽ درويشن جون ڪوششون برٿواب ٿي نه سگهيون. هاڻ تعجب ان ڳالهه تي ٿئي ٿو ته مهاجر پنجابي مستقل مفاد اهو اتحاد پُٽي صاحب ۽ قذافيءَ ذريعي ڪرائڻ ڪُهرن ٿا! خود پاڪستان کي اسلامي ملڪ سڏڻ اڌو آهي، جڏوڪ ڪاڪوس مثان اذان ڏيئي، اُن کي مسجد سڏڻ، هتي زنا، شراب خوري، استحصال، بلئڪ مارڪيٽي، تعصب، نفرت جا ڪم سرزد ٿي رهيا آهن.

پوءِ به ان کي اسلامي ملڪ سڏي، دنيا جي مُسلمان ملڪن جي اتحاد جي اڳواڻيءَ جو ڪم هٿ ۾ کڻڻ غلط ۽ بي معنيٰ آهي.

مسلم ملڪن جي بلاڪ ناهڻ مان مسلم عوام کي ڪهڙو فائدو ٿيندو، ان جو احوال ٻئين فصل ۾ تفصيلوار ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس.

●

فصل ٽيون

مسلم ملڪن جي حفاظت ۽ ترقي

هِن مسئلي کي مهاجر پنجابي مستقل مفاد طرفان اهڙيءَ طرح پيش ڪيو وڃي ٿو، جڏ تہ:

(۱) کي مسلمان هٹا ۽ کي غير مسلم هٹا.

(۲) جيڪي مُلڪ هنن جي نظر ۾ مسلمان هٹا، انهن ۾ اسلامي حڪومتون قائم ٿيل هيون.

(۳) انهن مُلڪن جا رهاڪو، جيڪي مسلمان سڏيا ويا ٿي، اهي قول ۽ فعل موجب اسلامي اُصولن جا پابند هٹا.

(۴) اُهي ملڪ، جن کي هنن مسلمان مُلڪ ٿي سڏيو، سي درالسلام هٹا. انهن جي سلامتيءَ تي اسلام جي سلامتي مدار رکندڙ هٹي. انهن ملڪن کي خطري پهچڻ ڪري اسلام دنيا مان غائب ٿي ويندو.

(۵) دنيا جا کي ماڻهو ۽ مُلڪ اسلام جي ختم ڪرڻ واسطي گهاٽ گهڙي ۽ اُنهن مسلم ملڪن خلاف سازشون سِڱي رهيا هٹا. اسلام ۽ انهن مسلم ملڪن جو وجود هم معنيٰ هو

(۶) پاڪستان ۾ اسلام جي نشاط ثانيہ لاءِ ڪوشش هلندڙ هٹي، پر کي مُلڪ ۽ ڪروهہ ان جي راهہ ۾ رڪاوٽ بنيا بيٹا هٹا.

هاڻ اچو تہ مٹي ذڪر ڪيل هر هڪ مسئلي جي تشريح ڪري ڏسون تہ واقعي اِهي نقطي نگاهہ صحيح هٹا، مٹي ذڪر ڪيل مُشڪلاتون درپيش هيون يا نہ ؟

(۱)مُلڪن جي مُسلم ۽ غير مُسلم ورهاست

مهاجر پنجابي مستقل مفاد طرفان ڪن مُلڪن کي مسلم ۽ ڪن کي غير مُسلم ٺهرائڻ غلط ۽ بي بنياد آهي. مُلڪ نہ مسلمان ٿيندا آهن ۽ نہ هندو ۽ نہ ڪرستان ٿين ٿا. زمين ساري خدا جي آهي، جنهن ۾ خدا جي مخلوق رهي ٿي. مُلڪن ۾ مختلف عقيدن ۽ عملن جا ماڻهو رهن ٿا. خدا پنج آڱريون بہ هڪجهڙيون نہ خلقيون آهن. هڪ گهر جا پاڻي بہ مُختلف خيالن ۽ عملن جا ٿين ٿا. ڪنهن بہ ملڪ۾ هڪ خيال ۽ عمل جا ماڻهو رهڻ ناممڪن آهي. تنهنڪري ڪنهن ملڪ کي مُسلم ۽ ڪنهن کي غير مسلم سڏڻ

اسلام ۽ قرآن جي روح جي ان جاڻائي آهي.

هڪ شاعر چيو آهي تہ " هر ملک ملک ماست، ڪہ ملک خدا ئي ماست " ان وانگر جملي ملک خدا جا هٿا ۽ انهن جا رهاڪو بہ خدا جا بندا ۽ مخلوق هٿا. انهن ملڪن کي صرف نالي خاطر مسلمانن جي رهڻ ڪري مسلمان سڏي تفريق ڪرڻ قرآن شريف جي بنيادي اصولن جي خلاف آهي، جنهن ۾ صاف چيو ويو آهي تہ «خدا وڏ آخرت ۾ عمل صالحن ۾ ويساهہ رکندڙ ماڻهو، بناتفاوت مذهب جي نجات لاءِ مستحق هٿا »

جيڪڏهن نالي ۾ مسلمان اڪثريت وارن ملڪن کي مسلم سڏبو، تہ پوءِ چين، پارت، روس ۾ ڪيترن مسلمان ملڪن کان وڌيڪ مسلمان آبادي هٿي. تنهنڪري انهن ملڪن کي غير مسلم ملڪ سڏڻ ڪيتريقدر درست ٿيندو!

ازانسواءِ صرف چند ساڃين رسمن، نالن ۽ شڪل شباهت جي ماڻهن کي، عمل ۽ اعتقاد جي يڪسان نہ هُڻڻ جي باوجود، صحيح مسلمان نہ ٿو سڏي سگهجي. صحيح مسلمان اهو سڏجڻ جو حقدار ٿي سگهي ٿو، جو قول ۽ فعل ۾ احڪام خداوندي موجب نهڪي اچي.

هر ملڪ، قوم ۽ زماني ۾ خدا طرفان پيغامبر ماڻهن جي هدايت لاءِ پٺي آيا آهن، جن جا مُکيہ مقصد محبت، اتحاد عالم، امن ۽ ترقي انساني هٿا. اُن کانسواءِ ٻيون ڳالهيون، جي وقت بہ وقت ماڻهن کي پيغامبرن طرفان ٻڌايون ٿي ويئون، سي معاشري ۽ زماني جي تبديليءَ ڪري بدلجي سگهيون ٿي ۽ بدلبيون رهيون آهن.

اڄڪلهہ نام نهاد مُسلم ملڪن جي رهاڪن جي اڪثريت اخلاقي طرح ڪريل، شرابي، جُواري، زاني، چور ۽ استحصالي آهي. اهڙن بداخلاق ماڻهن کي مسلمان سڏجي ۽ ترقي يافته ملڪن جي با اخلاق، محبت جي پنڌار، خداترس ۽ قول ۽ فعل ۾ يڪسان ماڻهن کي غير مسلم قوم يا ملڪ سڏڻ غلط ۽ ڏوکو آهي. پاڪستان جي رهاڪو علامہ مشرقيءَ انهيءَ مسئلي تي سندس ڪتاب " تذڪره" ۾ پوري روشني وڌي آهي . ان جو لب لُباب اهو آهي تہ " هر صالح ماڻهو مسلمان هو ۽ هر غير صالح ماڻهو غير مسلم هو."

ان نقطي نگاهہ موجب انگلنڈ، آمريڪا، روس، جپان، پارت وغيره مُلڪن ۾ جن کي هي غير مسلم ملڪن ۾ شمار ڪن ٿا، صالح ماڻهو گهٽا هٿا، تنهنڪري اُن خيال کان مُسلمانن جي جداگانہ قوم جو تصور ڏوکو ڏيندڙ هو. پاڪستان جا چند سياستدان، استحصالي گروهہ ۽ انهن جا نمڪ خوار مُلا سندن ذاتي ۽ طبقاتي مفاد لاءِ اهڙو آواز ڪڍن ٿا.

اڄڪل جي تتبح تي هن وقت ٻڌي صاحب بہ اهو نعرو بلند ڪيو آهي. جنهن مان سندس مراد صرف اها ڏسجي ٿي تہ سندس دور حڪومت ۾ جي ظلم، استحصال، بدنظميون ، بداخلاقيون سرزد ٿي رهيون آهن، ۽ اُنهيءَ ڪري ملڪ کي جي نقصان پهچي رهيا آهن ، تن ڳالهين کان ماڻهن جو توجهہ هٽائڻ لاءِ اسلامي ملڪن جي حفاظت ۽ اتحاد جو آواز ا ٽاريو ويڄي. هيءَ ڳالهہ نڪين نہ آهي. قيام پاڪستان کان وٺي ان جي حُڪمران طبقي جي ماڻهن اهڙا نعرا هٿي، ماڻهن کي پٺي بي وقوف بنايو آهي.

جهڙوڪ.

(۱) جناح صاحب جو روح ، باوجود ان جي جو سندس نالو مسلمانڪو هو. اسلام کان بلڪل دور هو. سندس اخلاق، رهڻي ڪرڻي ۽ خدا ترسي، ۽ گانڌيءَ جي اخلاق، رهڻي ڪرڻيءَ خدا ترسيءَ ۾ پيڙ ڪبي ته گهڻو تفاوت نظر ايندو. پوءِ به گانڌيءَ کي رڳو انڪري جو نالو عربي نه هوس ۽ ظاهري مسلمان فرقي مان ڪونه هو. کي غير مسلم تصور ڪرڻ ۽ جناح کي اسلام جو علمبردار سڏڻ روح اسلام سان مذاق ڪرڻ جي برابر ٿيندو.

(۲) امڙيءَ طرح لياقت علي خان کي، جنهن پاڪستان تي اسلامي ريپبلڪ نالو رکي ان ۾ شراب خوريءَ، جُوا، نندين قومن جي مُسلمانن جو استحصال ۽ ڪالونائيزيشن جاري رکي، سنڌ ۾ رهڻ ۽ ان جو نمڪ بعد کائڻ اُتي جي رهاڪن سان نفرت رکيائين ۽ چيائين ته هي اُلن جي ڪاهڻ ۽ گڏهن هڪلڻ وارا هٺا. ان کي مسلمان سڏڻ ۽ ڊاڪٽر چوٿرام گدواڻيءَ کي، جو ساري عمر پنهنجي ذاتي سُکن کان محروم رهي ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪندو رهيو، ۽ اُن جي پاداش ۾ ڪيئي ورهيه جيلن ۾ ويو، ۽ شراب، جُوا ۽ سنڌين جي دشمنيءَ کان پاڪ هو. صرف انڪري غير مسلم سڏڻ، جو هن جو نالو غير عربي هو ۽ هندن جي گهر ۾ ڄائو هو. اسلام جي نالي ۽ تعليم سان اهو ڏوڪو ڪرڻو آهي. مون کي انتها پسند خيالن جي اظهار ڪري اڳيئي سنڌ دشمن ۽ ان جي سنڌي دلالن گهڻو بدنام ڪيو آهي. ليڪن جنهن ڀَلاهه کي حق سمجهان ٿو اُن کي لِکائڻ گناهه سمجي، سچ چئي ڏيڻ ۾ هِڪان نٿو. پلي صدها ماڻهو مخالفت لاءِ آماده ٿي وڃن.

جڏهن آءٌ ابن قاسم کان راجا ڏاهر کي وڌيڪ مُحب وطن سمجهي، اُن جي تعريف ان لاءِ ڪريان ٿو جو هڪ ته هو سنڌي هو، ۽ سنڌ جي حفاظت لاءِ سر ڏنو هٽائين. نفرت جي خلاف هو. مُسلمانن کي پناهه ڏيڻ جي پاداش ۾ سر ڏنو هٽائين، ته اُن حالت ۾ لياقت علي خان جهڙي سنڌ دشمن، فرعون صفت، بداخلاق ماڻهوَ تي مون ڊاڪٽر چوٿرام کي ترجيح ڏني ته ڪهڙو ڏوهه ڪيم.....

سچل سرمست اڳيئي چئي ويو آهي:

"سچ ٿا مرد چون، ڪنهن کي وڻي يا نه وڻي".

سنڌ جي صوفي فقير روحل سائينءَ فرمايو آهي:

هڪ هندوپيا مسلمان ٿيو وچ وڃائون ويرِ،
انڌن اونڌهه نه لهي، تن کي سچ چوندو ڪيرِ،
"روحل" راهَ پرينءَ جي ڳهي ڏنو سون گهيرِ،
ته رب مڙني ۾ هڪڙو، تنهن ۾ ڪُند نه ڪيرِ!
ساکا ڏي ڪندي پير، جا سُتي ڪعبتاللهَ ۾ ؟

(۳) ان کان پوءِ مهاجر پنجابي مستقل مفاد پاکستان ۾ مختلف حڪومتن کي بدلائي، نيٺ جنرل ايوب کي اقتدار ۾ آڻي، جمهوريت کي بدلائي، آمريت ذريعي، سندن ان شوبٹاءمعرفت راڄ ڪرڻ شروع ڪيو. ان جي دور حڪومت ۾ ملڪ جي قديم باشندن سان جيڪي ظلم ٿيا. سي تاريخ جي صفحن تي ڪارو داغ آهن. جيڪڏهن ڪنهن کي معلوم ڪرڻ جو شوق هجي تہ-

" پاکستان جي ماضي، حال ۽ مستقبل تي طائراڻہ نظر " سنڌو ديش چو ۽ چا لاءِ "

"هيڏا هاجا ٽين برِي هن پنيور ۾ " . ڪتابن کي پڙهي ڏسي، آخر جڏهن جنرل ايوب جي افاديت گهٽي، تہ هُن کي پارت سان جنگ ڪرائي، مُلڪ کي تباهيءَ جي ڪناري تي آڻي، هُن کي ڪيڊي چڏيائون.

(۴) جنرل ايوب خان کي ڪيڏن کان پوءِ هُن جي جاءِ تي جنرل يحييٰ خان کي رکيائون، جو شرابخوري ۽ زنا ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو، پر پوءِ به " الله اڪبر" جو نعرو هڻي، پنهنجي آقائن جي چوڻ تي، هُن بنگالي مسلمانن جو قتل عام ڪرايو.

(۵) هاڻ اچو يٰحيي صاحب تي، جو هن وقت پاڻ کي اسلام جو علمبردار سڏائي ٿو. هو خان عبدالغفار خان جهڙي خدا ترس، نيڪ نمازيءَ، ساري عمر ڏاڍ سان مُقابلي ڪندڙ ، مُلڪ جي آزاديءَ لاءِ لڙندڙ کي ملڪ دشمن، ڏارين جو ايجنٽ وغيره لقب ڏيئي، سزائون ۽ قيد ڏئي ٿو .

سندس رڪارڊ تي نظر ڊوڙائبي، تہ هو بداخلاق، ڪوڙو، ڏوڪياز، اسلامي اُصولن کان ان واقف نظر ايندو. جيڪڏهن اسلام جي معنيٰ خدا ترسي، ناحق خلاف جهاد، اخلاق مُحبت ۽ عدم تشدد آهي، تہ اُن موجب آڏ خان عبدالغفار خان کي صالح ۽ صحيح مسلم سڏڻ کان رهي ٿو سگهان ۽ يٰحيي صاحب کي بداخلاق ۽ ناصالح سڏڻ کان ٿو ڊڄان، پوءِ اُن جي ڪهڙي به سزا ڏني وڃي. هتي هي مقولہ نهڪي اچي ٿو تہ ،

" چہ نسبت خاڪرا با عالم پاڪ!"

پاکستان جي نهرائڻ ۾ مهاجر پنجابي مستقل مفاد جو هٿ هو، جي سندس سامراج قائم ڪرڻ لاءِ مُلڪ کي نفرت جي بنيادن تي ورهائي، لکين مائهن جي قتل ۽ ڪروڙن جي دربدر ٿيڻ جو ڪارڻ بنيا. يٰحيي صاحب هڪ پين پٽيان گهٽيون غلطيون ۽ خرابيون ڪيون آهن. انهن جي سزا کان بچڻ، عرب، مسلمن کان پيسن حاصل ڪرڻ ۽ ڪشمير جي نالي ۾ اهل پنجاب کي بي وقوف بنائڻ لاءِ هُن اسلامي مُلڪن جي اتحاد جي ڳالهہ شروع ڪئي آهي. چا هن سنڌ، بلوچستان ۽ پختونستان جي قومن کي حق خودارادي ڏنو آهي جو هو ڪشمير جي آزاديءَ جي گفتگو ڪري ٿو؟

چا، هو پنهنجي حڪومت اندر ملڪن ۾ اتحاد پيدا ڪري سگهيو آهي، جو دنيا جي مُسلمان ملڪن ۾ اتحاد جو نالو ونڊي ٿو؟

چا پٽو، چا حڪومت اسلامي، چا مسلمان مُلڪن جي حفاظت ۽ اتحاد!

چا ڪوري چا تراريون!

(۲) مُسلمان مُلڪن ۾ اسلامي حڪومتون قائم هُيون جا؟

اها ڳالهه بـ حقيقت آهي تـ مُسلمان اڪثريت وارن ملڪن ۾ حُڪومتون اسلامي طرز جون نـ هيون، بلڪ اُن جي حُڪمران طبقي کي اهو بـ پتو ڪونـ هو تـ اسلامي حڪومت ڪهڙي قسم جي هڻڻ گهرجي. اسلام چا هو، اُن بابت بـ ٻي سڻو پنجاهه فرقا پيدا ٿي پيا هٿا. جن ملن هر هڪ پاڻ کي حق تي ڄاڻي ٻين کي گمراهه ۽ ناحق تي ڄاڻو ٿي. اسلامي حڪومت جو ڪو واضح تخيل هڪ طرف، پر خود اسلام بابت ڪنهن هڪ تصور تي اُن جي پوئلڳن جو اتحاد ٿي نـ سگهيو هو.

آڌ مٿي ٻڌائي آيو آهيان تـ مُسلمانن جي بدبختي ان ڏينهن کان شروع ٿي، جڏهن کان سياست ۽ مذهب کي گڏي هلائڻ جي ڪوشش ٿي. جديد طرز حڪومت لاءِ آئين جو ناهڻ نهايت ضروري امر آهي . اُن بابت پهرين سوال اٿندو تـ اُهو آئين ڪير بنائي! عوام الناس جا عيوضي يا مذهب جا ڄاڻو مُلا ؟

جيئن تـ مذهب جي ڄاڻ لاءِ مُلا پاڻ کي تنهنا نيڪيدار ڄاڻن ٿا، اُن ڪري جواب ملندو تـ آئين بنائڻ جو حق ضرور مُلن کي ٿي ڏنو ويندو. پوءِ سوال اٿندو تـ ڪهڙي فرقي جا مُلا آئين بنائين.؟ يا سيڀي گڏجي بنائين! جي انهن ۾ اختلاف ٿي پوي، تـ انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪير ڪندو؟

آئين جديد ضروريات جي مدنظر بَنائڻو آهي يا قرآن ۽ حديث جي نقطي نگاهه کان؟ جديد طرز حڪومت ۾ آئين جا مُکيه صيغا هيئيان ٿين ٿا.

(۱) حُڪومت جمهوري طرز جي هُجي يا آمرانه ؟

(۲) حُڪومت جي ڪاروبار هلائڻ لاءِ اختيار مُلن کي ڏجي يا عام جي چونڊيل نمائندن کي؟

(۳) مسلمان ملڪن ۾ هن وقت، جي حڪمران خاندان، بادشاهه يا قبيلي جا سردار آهن. انهن جي حيثيت آئين ۾ ڪهڙي رهندي؟

(۴) جيڪڏهن موجوده حڪمران اهڙي عوامي مفاد جي آئين جي مخالفت ڪن، تـ مُلا ۽ عوام ڪهڙيءَ طرح انهن کان مُلڪ جون واڳون ونـي سگهندا؟

(۵) جيڪڏهن قرآن ۽ حديث جي بنياد تي آئين بنائڻو آهي، تـ دور جديد جي تقاضا موجب، مرڪزي حڪومت جا اختيار، صوبائي حُڪومتن جا اختيار، عدالت ۽ انتظاميا جا اختيار، ٽيڪسن وجهڻ جا اختيار، عوام جي بنيادي حقن جو فيصلو، **حڪومت جمهوري هجي يا آمرانه** انهن سوالن جو نبيرو ڪيئن ٿئي؟ ان مسئلي بابت قرآن ۽ حديث مان ڪهڙي هدايت مِلي سگهندي؟ هڪ تـ هن دور جديد جي آئين جي رهبري انهن ملن ملڻ جو آسرو ڪونـ آهي،پر جي مُلا چوندا تـ ان لاءِ رهبري ڳولي لهندا، تـ سوال اٿندو تـ اِن بابت تشريح ڪير ڪندو ۽ اِن بابت اختلاف جي حالت ۾ فيصلو ڪير ڪندو؟

(٦) نظام حڪومت لاءِ قانون ناهڻ جو ڪم مُلن جي حوالي ۾ رهندو، يا حاڪم وقت جي حوالي ۾ ڏنو ويندو، يا عوام جي چونڊيل نمائندن جي هٿ ۾ رهندو؟

(۷) دور جديد جي ڪاتن، جهڙوڪ روينيو، پوليس، عدالت، ريلوي، دفاع، پرڏيهي معاملات، ٻيلا، ايڪسائيز، انجنيئري، هُنري ڪاتو، تعليم وغيره مسئلن ۾ ۱۳ سو ورهيه اڳ جي ايجاد ڪيل شريعت کان ڪهڙي رهبري ملي سگهندي؟ چا، اهي ڳالهيون، ڏوکي طور، چند مستقل مفاد طرفان ، سندن ايجنٽ مُلن ذريعي پنهنجي تسلط ڪي ملڪ تي قائم رکڻ لاءِ ته اُچاريون نٿيون وڃن؟

ڏسڻ ۾ اِئين پيو اچي ته جيڪي مائهو اسلامي حڪومت بنائڻ جي گفتگو ڪن ٿا، سي جاهل آهن يا ڏوڪيباز آهن. هتي پاڪستان ۾ حڪمران طبقي اُنهيءَ ڏوڪي هيٺ عوام کي گهٽو وقت بي وقوف بنايو آهي. تنهنڪري اسان سمجهي سگهون ٿا ته هي جو چيو وڃي ٿو ته مسلمان مُلڪن جو اتحاد اسلامي حڪومتن برپا ڪرڻ لاءِ ڪرايو وڃي ٿو سا ڳالهه سراسر فريب آهي. مُسلمانن جي هن وقت حڪومتن کي هڪ طرف ڇڏي اسلام جي اِبتدا ڪان وٺي تاريخ تي نظر ڪندا، ته معلوم ٿيندو ته مسلمان ملڪن ۾ قبيلائي يا شخصي حڪومتون رائج هيون. چند فيصلن ڪرڻ لاءِ مُلن کي رکيو ويندو هو، جن حاڪمن جي سهوليت خاطر مذهب کي مروڙي پٽي هلايو هو.

برصغير هندجي وڏي اسلام جي ڄاڻو ۽ عالم مولانا ابو الڪلام آزاد جو چوڻ آهي ته " اسلام جي هنن تيرهن سو ورهين جي عرصي ۾ فقهين جي قلم هميشهه اڳهاڙيءَ تلوار جو ڪم ڏنو آهي، ۽ هزارن حق پرستن جو خون انهن جي فتوائن وسيلي ٿيو آهي. اسلامي تاريخ کي ڪٿي به پڙهندا ته سو مثال ملندا، جن مان پتو پوندو ته حاڪم جڏهين خونريزي ڪرڻ گهري آهي، ته مولوين جو قلم ۽ سپهه سالار جي تلوار ٻنهي گڏجي هڪ جهڙو ڪم ڪيو آهي. ان جو نزلو صرف صوفين يا قومپرستن تي نه، پر شريعت جي عالمن مان به، اُهي جي حقيقت جا ڄاڻو هٿا، تن کي مُلن هٿان مُصيبتون سَهڻيون پيٽون آهن، جن انهن کان سر ڏيئي، نجات حاصل پٽي ڪئي آهي. سرمد به انهيءَ تلوار جو شهيد هو:

چون ميرود نظيري خونين ڪُند بمحشر
خلقي فغان ڪنندڪه اين داد خواه ڪيت

معنيٰ: "ميدان حشر ۾ " نظيري " جڏهين رت آلوده ڪفن سان ظاهر ٿيندو ته عام خلق کان دانهن نڪري ويندي ته هي فرياد ڪنهن جو ڪنل آهي . "

اها ڳالهه به صاف ظاهر آهي ته ڪنهن به مُسلمان ملڪ ۾ مذهبي حڪومت قائم نه آهي، ۽ نه هن دور جديد ۾ اهڙيءَ حڪومت قائم ٿيڻ جو امڪان آهي.

اِن طريقي سان رڳو مُستقل مفاد عوامي مسئلن کي ٽاري، سندن اقتدار ۽ استحصال قائم رکڻ گهرن ٿا.

(٣) مسلمان مُلڪن جا رهاڪو مسلمان، قول ۽ فعل ۾ اسلام جا پوئلڳ هئا يا نہ؟

ٽي ڀاڱا جا مُسلم ملڪن جي اتحاد مان مهاجر پنجابي مستقل مفاد طبقي جا پوئلڳ ظاهر ڪرڻ گهرن ٿا، سا اها هڪي ته مسلم اڪثريت وارن ملڪن جا رهاڪو مسلمان صحيح مسلمان هئا. تنهنڪري مسلم ملڪن جي اتحاد ۾ صرف انهن کي شامل ٿيڻ جي اجازت هوندي! ورنہ چين، پارت، روس، انگلنڊ ۽ ٻين ملڪن ۾ ٻہ مسلمان رهن ٿا. اُنهن کي چو نہ مسلمان سمجهي. هن مسلم اتحاد واريءَ جماعت ۾ شريڪ ٿيڻ جي اِجازت ڏني وڃي ها؟ اِن مان صاف ظاهر ٿيو ڏسڻ ۾ اچي ته يا ته هو اُنهن مُلڪن جي رهندڙ مُسلمانن کي صحيح مسلمان نٿا سمجهن، يا اُن مان سندس مقصد اسلام جي پوئلڳن جي اتحاد جو نہ هو، بلڪ سياسي ۽ اقتصادي مفاد لاءِ چند ملڪن کي اسلام جي نالي ۾ ڪَنو ڪري، دنيا کي ڏوکو ڏيڻو هو.

هاڻِ اچو ته پهرين هن سوال کي فيصل ڪريون تہ مُسلمان اڪثريت وارن مُلڪن ۾ جيڪي ماڻهو مسلمان نالي سان رهيا ٿي، سي واقعي قول ۽ فعل ۾ ٻہ اسلامي اُصولن جا پابند هئا؟

ٻين ملڪن کي ڇڏي آءٌ صرف هن ملڪ پاڪستان نالي جي رهاڪو مسلمان نالي وارن ماڻهن جو ذڪر ڪندس.

قرآن، حديثَ، اهل طريقت، صوفيائي ڪرام جي تشريح مُطابق صحيح مسلمان جون صِفتون هيٺيون ٿي سگهن ٿيون:

(١) صحيح مُسلمان جُملي انسانذات کي رب العالمين جو خلقيل سمجهي، انهن کي محبت جي نگاهہ سان ڏسي ٿو

اچو ته پاڪستان جي مهاجر پنجابي مستقل مفاد ۽ اُن جي پوئلڳن کي چِتائي ڏسون، جي اڄ تائين ملڪ جا حاڪم پئي رهيا آهن، تہ اُهي محبت جا پوڄاري هئا يا نَفرت جا پنڌار آهن.؟

جيتريقدر مون تجربي بعد محسوس ڪيو آهي تہ ان طبقي جا ماڻهو نفرت جا پنڌار آهن، استحصالي آهن، ظالم آهن، تشدد جا حامي آهن، تعصب سندس سرشت ۾ سمايل آهي. اِنهيءَ ڪري هو صحيح مسلمانن جي دائري ۾ شُمار ٿي نہ ٿا سگهن . هندن ۽ ٻين مذهبن وارن کي هڪ طرف ڇڏي، ليڪن اُهي سنڌين، بلوچن، پختونن ۽ ٻين انهن ماڻهن کي، جي سندن ڪفر نما دين اسلام جي تشريح کي نٿا مڃين، نفرت جي نگاهہ سان ڏسي، هنن سان طرح طرح جون اڳرايون ڪن ٿا. انهيءَ ڪري اُنهن ماڻهن کي اسلام جا پوئلڳ سڏڻ وڏي غلطي ٿيندي، حقيقت ۾ اُهي ڪافرن کان بہ بدتر

آهن. اهڙي قسم جي ماڻهن کي مسلمان شمار ڪرڻ سراسر ڏوکو ٿيندو.

(۲) صحيح مُسلمان اهو ٿي سگهي ٿو جو پنهنجي شخصي نفعي تي قومي نفعي کي ترجيح ڏئي

اهڙن ماڻهن جي گروهه کي صحيح مسلمان شمار ڪري ٿو سگهجي، جن جو ڏنڏو:
(الف) سنڌي، بلوچي، پختون قومن جي حق خودارادي ۽ کان انڪار ڪري انهن جو مذهبي قوم جي نالي ۾ استحصال ڪرڻ آهي ؛
(ب) جيڪي هين مُلڪن مان سنڌ ۾ اچي، زوري ۽ مٿن مُسلط ٿي، مڪاني ماڻهن جي نوڪرين، زراعتي زمين، واپار، ڪارخانن، بٽنڪن، ڪائين، ۽ تعليمي ادارن تي قابض ٿيا هجن، انهن جاحق غصب ڪن،؛
(ت) مڪاني قومن مان جيڪي ماڻهو سندن قومي خودارادي ۽، حقن جي حفاظت، زبان جي تحفظ، ڪلچر جي بچاءَ جي گفتگو ڪن، انهن کي خودساخته اسلامي تعبير مطابق اسلام خلاف گنهگار، انتشار پسند، مُلڪ دشمن ۽ ڏارين جو ايجنٽ سڏي سزائون ڏين!

صحيح اسلامي تشريح مطابق هڪ پيءُ جي چٽن پٽن کي هڪجيترو ورثو حق ۾ ملڻو آهي. عزازت کان ٻاهر مسلمان بہ اُن ملڪيت جو حقدار ٿي ٿو سگهي. هڪ پاءُ جي ملڪيت تي ڏاريون تہ چڙيو، پر خود سڳي پاءُ کي بہ قبضي ڪرڻ جو حق نہ آهي.

مهاجر ڏاريا آهن. هي غاصب ٿي، نئين ملڪ جي استحصال لاءِ آيل آهن. انهن کي سنڌ ۽ هين قومن جي ملڪ ۾ رهڻ جو ڪو بہ حق نہ آهي. انهن سان تصادم ڪري، کين ملڪ نيڪالي ڏيڻ مڪاني رهاڪن جي جنم جو حق آهي.

پنجابي پنجاب جا رهاڪو آهن. انهن کي اهل سنڌ جي رضامنديءَ کان سواءِ سنڌ ۾ اچي، زمين خريدن، نوڪري ڪرڻ، ڪارخانا کولڻ، واپار جي اڏن قائم ڪرڻ جو کوبہ حق نہ آهي. هي مهاجرن وانگر اڳرائي ڪندڙ غاصب ۽ ظالم شمار ٿي سگهن ٿا. انهن نظريي پاڪستان جي نالي ۾ سنڌ کي غلام بنائي چڙيو آهي. هتي جي ۱۳۰۰ ڪروڙ روپين جي ٽيڪسن کي مرڪزي حڪومت جي نالي ۾ وصول ڪري، ان جو ۹۵ سيڪڙو هو پنهنجي مفاد لاءِ ڪتب آڻين ٿا. سنڌ ۾ ريلوي، ڪارخانن، واپار، زراعتي زمين جي حصي ۽ ڪائين تي قابض ٿي، اُنهن کي هو پنهنجي مفاد لاءِڪتب آڻين ٿا. هو سنڌين جي زبان، ڪلچر کي منظم منصوبي ماتحت ختم ڪري، مهاجرن جي زبان ۽ ڪلچر ۾ مدغم ڪرڻ گهرن ٿا.

اهڙن افعالن هوندي اسان هنن ٻنهي طائفن جي مسلمانن کي ڪهڙيءَ طرح مسلمان پاڻ سڏي سگهون ٿا. سنڌي اهڙا غيور آهن، جو انهن عربن جي سامراج کي ختم ڪري، انهن جي ٻوليءَ بدران پنهنجي ٻولي قائم رکي، عربي ڪلچر جي عيوض سنڌي ڪلچر کي برقرار رکيو، سي ڪهڙيءَ طرح مهاجر پنجابي سامراج کي قبول کندا؟

(۳) صحيح اسلامي تعميير مطابق خدا ۾ ايمان آڻڻ

يعني فطرت جا خدا جي پيداوار آهي. ان جي تاريخي ارتقا مان سبق وٺي ان موجب هلڻ آخرت ۾ ويساهه رکڻ يعني انسانذات جي روشن مستقبل لاءِ ڪم ڪرڻ، ۽ عمل صالح ڪرڻ يعني اهي ڪم ڪرڻ، جن مان انسانذات کي فائدو رسندو هجي.

هاڻ اچو تہ ڏسون تہ پاڪستان جا مهاجر پنجابي مستقبل مفاد خدا ۾ ايمان رکن ٿا يا نہ؟ جيتريقدر مون سمجهيو آهي تہ اهي خدا کي رب العالمين ڪري نٿا مڃين، چاڪاڻ تہ جي رب العالمين ۾ اعتقاد هجين ها، تہ هندن، ڪرستانن، يهودين، سنڌين، بلوچن، پختونن ۽ سائين خود ساخته ديني تشريح ۾ ويساهه نہ رکندڙ مائهن کي هوند نفرت جي نگاهه سان ڏسي، انهن جو استحصال نہ ڪن ها، اُنهن جا حق غصب نہ ڪن ها، هنن جي قومي وجود کان انڪار ڪري سندن حق خودارادي نہ ڪسين ها، ۽ مائهن جي بنيادي حق کسڻ جي ڪوشش نہ ڪن ها.

پيو تہ هنن جو انسانذات جي آخرت (روشن مستقبل) ۾ يقين نہ آهي. جي اهو يقين هجين ها، تہ پوءِ هو چو بداخلاقيءَ جا اڏا قائم ڪري، خود مطلبيءَ ۾ غلطان ٿي، هن حياتيءَ جي خوشيءَ لاءِ هر طرح جا ٻڇڙا ڪم ڪن ها! مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي اڪثريت هيئين ٻرن ڪمن جي مرتڪب آهي:

(۱) هنن مان ڪيترا شرابي، نشائي، استحصالي، سمگلر، بليڪ مارڪيٽي ، ملاوتي ، غاصب ، چور ۽ رهزن آهن .

(۲) هنن جي ڪثرت نفرت رکڻ جي مرض ۾ گرفتار هُجڻ ڪري فساد انساني طرف چڪيندڙ آهي. جيڏن تہ فساد ۽ بدامنيءَ ترقيءَ بدران تنزل ڏي گهلي ٿي. اُن ڪري اُن مَان انسانذات جو مستقبل روشن ٿيڻ جي عيوض اونداهه ٿيڻ وارو هو.

(۳) هنن جي ڪثرت تشدد ۾ ويساهه رکڻ ڪري، فساد، ظلم ۽ بدامنيءَ جو باعث بنجي ٿي. جنهنڪري انساني اتحاد، امن ۽ ترقي روڪجي وڃي ٿي.

(۴) هنن جي اڪثريت ۾ تعصب جا پندار پُريا پيا آهن. تعصب بدباطن مائهن جي دليلن ۾ هوندو آهي. صاف دل تعصب کان پري رهي، رواداريءَ جو حامل هوندو آهي.

اهڙين صفتن هوندي اسان کين ڪهڙيءَ طرح آخرت ۾ ويساهه رکندڙ سڏي سگهنداسون. جو مائهو آخرت يعني انسانذات جي روشن مستقبل کي نٿو مڃي، اهو قرآن شريف جي فرمودي موجب نجات جي لائق يا صحيح مسلمان شُمار ٿي ٿو سگهي.

ٽيون اُصول جو مسلمان هڻ لاءِ لازمي آهي، سو عمل صالح آهي

اچو تہ غور ڪري ڏسون تہ عمل صالح ڪهڙا آهن ۽ ناصالح ڪهڙا آهن. جيتريقدر مون غور ڪري ڏٺو آهي تہ عمل صالح ۾ مون کي هيٺيون ڳالهيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون:

- محبت جو جذبو.
- رواداريءَ جو جذبو.

- پراپڪاري؛ جو جذبو.
- عدم تشدد جو جذبو.
- خدمت خلق جو جذبو.
- مساوات.
- بقائي باهمي؛ جو جذبو.
- باهمي تعاون جو جذبو.

اڄو ڏڏسون ته پاڪستان جي مستقل مفاد ڪمران طبقي جي اڪثريت ۾ ڪٿي ذڪر ڪيل ڳالهين مان ڪا ڳاله موجود آهي؟جي موجود نه آهي ته پوءِ انهن کي صحيح مسلمان سڏي نٿو سگهجي.

محبت جو جذبو:

هتي پاڪستان جي مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي اڪثريت محبت جي جذبي کان خالي آهي. اهي اُهي آهن، جن مذهب جي نالي ۾ مائهن کي ورهائي نفرت پيدا ڪئي آهي ؛ برصغير کي ورهائي،قتل عام ؛ لٽ مار ڪئي آهي.اُهي مذهب جي نالي هيٺ ڪڏهن پارت جي رهاڪن ڪڏهن افغانستان جي قوم پرست ڪمرانن، ڪڏهن روس جي ترقي پسند طاقت، ڪڏهن بنگالين، ڪڏهن سنڌين،ڪنهن وقت بلوچن ؛ پختونن خلاف نفرت جو اظهار ڪن ٿا. هو قوم پرست ڪارڪنن،سرڪيولرسٺن ؛ آزاد راءِ رکندڙن جي خلاف سندن اخبارن،رسالن،ريڊين وغيره ۾ زهر پکيڙي رهيا آهن. سندن نظريو پاڪستان خود انهيءَ ڳاله جو بين ثبوت پيش ڪري ٿو . هي مائهو نالو جمهوريت جو ونڻ ٿا، پر آزاد راءِ جي اظهار ڪرڻ تي سخت ڪاوڙجن ٿا.غريبن جو استحصال سندن ڏندو آهي. **سنڌي زبان ،ڪلچر،سنڌين جي حقن جي حفاظت جي گفتگو** ڪين ناپسند پوي ٿي. اُنهيءَجي لاءِ آواز ڪيندڙن کي هو جيلن ۾ وجهي، عذاب ڏين ٿا. ڪين هر طرف دشمن نظر اچن ٿا. اُن ڪري پنهنجي مستقل مفاد کي بچائڻ ؛ سامراج جي حفاظت لاءِ جنگي عهدنامن ۾ شريڪ ٿي، هٿيار ونڻ،عوام کي محڪوم رکڻ کي هو چڱو ڪم سمجهن ٿا. سنڌ مان وصول ٿيندڙ ٽيڪسن کي جڏهن باهرين جي فائدي لاءِ خرچ ٿيندوڏسي، سنڌي قومپرست آواز اٺارين ٿا،ته هو انهن کي اسلام ؛ ملڪ جو دشمن سڏي، علائقائي ڏهنيت ؛ انتشار پسند ڪوٺي، تڪليفون پهچائين ٿا.

اهڙين صفتن هوندي،اسلام جي بنيادي اصول يعني محبت جي ويري ٿيڻ جي حالت ۾، هنن کي صحيح مسلمان ڪوٺي سگهجي ٿو ؛ نه اُهي اتحاد انساني جا حامي سڏي سگهجن ٿا. اتحاد جا حامي نه هٿ ڪري، هو مفسد ٿي بدامنيءَ جوباعث بنجن ٿا.

رواداريءَ جو جذبو:

رواداري اسلام جو مُکيہ رُکن آهي، جنهن جي معنيٰ پاڙيسريءَ جي خير خواهي آهي. رواداريءَ جو حامل **اختلاف راءِ، اقتصادي اختلاف، عقائد جي اختلاف، زباني اختلاف، ڪلچرل اختلاف، ۽ طبيعتن جي اختلاف** هوندي پاڙيسرين يا ملڪ واسين کي برداشت ڪرڻ انسانيت جو مُکيہ ڪارنامو سمجهي ٿو.

ليڪن هتي جي مهاجر- پنجابي مستقل مفادجي اڪثريت اُنهيءَ اسلامي صفت کان خالي آهي. هي پارت واسين، افغانن،سنڌين، بلوچن، پختونن جا دشمن آهن. اُنهن طرفان اظهار راءِ کي هو زبردستيءَ سان دٻائڻ ڪُهرن ٿا. نہ رڳو ايترو پر اُن کي قانوني طرح ڏوهہ ٺهرايو اٿن. جمهوريت ۾ اختلاف جو برداشت ڪرڻ لازمي امر آهي.

رسول خدا فرمايو آهي تہ، "**اختلاف امتي رحمة**" پر هي سنڌين جي جُدا قوم هڻڻ جو،جي هو هزارن ورهين کان رهيا آهن، نہ صرف انڪار ڪن ٿا پر ان راءِ جي اظهار ڪرڻ کي ڏوهہ ٿا سمجهن، نظريي پاڪستان جي مخالفت ٿا ڪن. سندن تشريح واري اسلام کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن بہ تشريح کي ڪونہ ٿا سمجهن ۽ سختيءَ سان ڏٻڙين ٿا. هنن ۾ برداشت جو ڏري ماتر بہ مادو نہ آهي. اختلاف مفاد جي ڪري هر هڪ گروهہ کي پنهنجي مفاد جي حفاظت واسطي آواز اٺارڻ جي هو اجازت نٿا ڏين، جڏهين لکن جي تعداد ۾ باهران ماڻهو آڻي سنڌ کي ڪلونائيز ڪن ٿا ۽ سنڌ جا رهاڪو ان جي خلاف آواز ڪڍن ٿا، تہ ان کي نظريي پاڪستان، اسلام جي حفاظت ۽ ملڪ جي سلامتيءَ جي نالي هيٺ بند ڪيو وڃي ٿو. عجب ان ڳالهہ جو آهي تہ هو پنهنجي ڪفر نما مذهب کي سچو اسلام ۽ سنڌين جي حقيقي اسلام کي ڪفر ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اهڙين حالتن ۾ هن رواداريءَ جي اُصول جي عدم موجودگيءَ ڪري هي صحيح مسلمان سڏجڻ جا حقدار ٿي نہ ٿا سگهن.

پراپڪاريءَ جو جذبو:

ٻين جي بهبوديءَ خاطر پنهنجي نقصان سهڻ کي پراُپڪاري سڏبو آهي. ان کي انگزيءَ ۾ 'Altruism' يا ايثار جو مادو سڏجي ٿو- اُهو اسلام جو نيون مُکيہ اُصول آهي اُنهيءَ جي هنن کي سُتي ڪانہ پيل آهي. هي سنڌي مقولي موجب تہ«پهرين پيٽ پنجوءِ جو پوءِ ٻار ٻچا» وانگر هر ڳالهہ ۾ قومي نفعي تي شخصي ۽ طبقاتي نفعي کي ترجيح ڏين ٿا.

مهاجر پنجابي مستقل مفاد حُڪمران طبقي کي جڏهن چُڄي ٿو" ادا،سنڌ ۾ سرڪاري ۽ غير سرڪاري نوڪرين تي سنڌين جو حق آهي، اوهان چو اچي ان تي قابض ٿيا آهيوا" تہ جواب ڏين ٿا تہ" اسلام سيني مسلمانن کي پاڻ ٻنائي ڇڏيو آهي، تنهن ڪري اِن لاءِ سنڌين ۽ غير سنڌين جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. هر لائق ماڻهوءَ کي نوڪري ڏيڻي آهي، پوءِ سنڌي هجي، مهاجر يا پنجابي مسلمان هجي- ان جو فڪر

نہ آهي "سندن اُهو دليل سراسر ڏوکو ۽ بي ايمانيءَ تي ٻڌل ڏسڻ ۾ اچي ٿو جي مسلمان هڪ قوم آهن تہ ساريءَ د نيا جا مسلمان هڪ سڏي سگهجن ٿا،پوءِ سنڌين کهڙو ڏوهہ ڪيو آهي. جو وڏي تعداد ۾ غير سنڌي مسلمانن کي آڻي سنڌ ۾ ڪالونائيز ڪرايو وڃي ٿو. جيڪڏهن پارت جي مسلمانن کي ڪالونائيز ڪرٽو آهي، تہ دنيا جا ٻيا مُلڪ جهڙوڪ عرب، ايران ،تُرڪي، انڊونيشيا، ملېشيا وغيره پيا آهن، اتي ڇو نٿو انهن کي ڪالونائيز ڪرايو وڃي؟ انهن کي خبر آهي تہ اُهي ملڪ ڪين ڪالونائيزڪرڻ نہ ڏيندا.

هي اهڙا ڏوڪيباز آهن،جو هڪ طرف قربانيءَ کي اسلام جو مُکيہ رُکن سمجهن ٿا، پر اِن جو مطلب وٺن اهو آهي تہ هڪرو ڪهي قربان ڪري رسم، ادا ڪئي وڃي. يا سنڌين کان سندن مال ملڪيت، زبان، ڪلچر وغيره جي قرباني ڪرائي پنهنجي مفاد لاءِ ڪتب آڻجي اُهو ڪهڙيءَ طرح جو اسلام آهي؟ اِها ڏوڪيبازي آهي. اِنهيءَ حڪمران طبقي ۾ قربانيءَ ۽ پراپڪاريءَ جو ڏري ماڻر جذبو نہ آهي. صرف هڪر ڪهي ،مسجدون آڏائي، پراوا حق کائڻ ڪيتري قدر صحيح ٿيندو؟ تنهنڪري اُن جذبي جي عدم موجودگيءَ جي حالت ۾ انهن مائهن کي صحيح مسلمان سڏڻ يا اسلام جي ڏمري ۾ داخل سمجهڻ وڏي غلطي آهي.

هو پراون پيسن، ملڪيت، ڪارخانن، واپارءِ نوڪرين تي قبضي ڪرڻ سبب غاصب سڏجي سگهجن ٿا. ليڪن انهن کي مُسلمان سڏڻ ڏُناهہ ٿيندو.

عدم تشدد جو جذبو:

اسلام سلامتيءَ ۽ امن جو مذهب آهي- اُن ۾ زور زبردستيءَ جي اجازت نہ آهي. قرآن شريف ۾ صاف چاٽايل آهي تہ "لااڪراه في دين" (ديني ڪمن ۾ زبردستي نہ آهي).

اُن صريح هدايت جي هوندي بہ پاڪستان جي حڪمران طبقي جا فرد ياسندن دلال رات ڏينهن جهاد جو راڳ اچاريندا رهن ٿا. هنن جو جهاد ناحق خلاف نہ آهي. بلڪ حقدارن، مسڪينن ۽ قوم پرستن خلاف آهي. هنن جو جهاد سنڌين،بلوچن ، پختونن مان حق ڦهرندڙن خلاف آهي. هُنن جو جهاد اردو زبان ۽ پوپي ڪلچر جي غلبي ۽ پنجابي مهاجر سامراج جي استحصال خلاف گفتگو ڪندڙن خلاف آهي. هنن جو اعتماد آمريڪي سامراج جي طاقت تي آهي. هن ملڪ تي پنهنجي سامراج قائم رکڻ لاءِ هو هنن کان هٿيار وڌي، جنگي عهدنامن کان شامل ٿيڻ کان بہ پاسو نٿا ڪن. هو طاقت ۾ رهڻ لاءِ عوام تي غلط نظريا مسلط ڪن ٿا. ننڍين قومن کان حق خود ارادي کسي،انهن جو استحصال ڪن ٿا.

بنگالين جي سندن تابع رهڻ کان انڪار ڪرڻ تي، چتن جانورن وانگر،هنن اِنهن جي ۳۰ لک مائهن جو خون ڪيو، ٻن لک عورتن جي عصمت دري ڪئي، اربها رپين جي زبون ڪرڻ ۽ڦرڻ جو ڪارنامو تاريخ جي ورقن تي ڇڏيو. بلوچن مٿان، بمباري

ڪري انهن جي ماڻهن کي قتل ڪرڻ، انهن جو مال ذبح ڪرڻ يانيلام ڪرڻ، انهن جي اسلامي جهاد جو جُزو آهي. پختونن کي ماراڻي، اُنهن جي پارٽيءَ کي بي قانوني نهرائڻ کي هو عيب نٿا سمجهن - سنڌين جي تعليم گاهن جا جهاڙو ونائي هٿرادو هٿيارشاگردن پويان لڳائي، هنن مان ڪيترن کي جيل موڪلڻ سندن جهاد اسلاميءَ جو حصو آهي. جيڪڏهن سنڌ جا رهاڪو پنهنجن حقن جي حفاظت جي پرچار لاءِ ڪا ميٽنگ ڪن، اخبار ڪڍن،ڪتاب لکن، تہ انهن تي ۱۴۴ لڳائي بند ڪرائڻ يا سندن گونبدا موڪلي ان کي قٽائڻ، بمن ذريعي اُنهن جي ليڊرن جي ختم ڪرائڻ جي ڪوشش ڪرڻ، ڪتابن کي ضبط ڪرڻ، اخبار تي بندش وجهڻ، اهو سڀ، سندن اسلامي تشريح موجب،جهاد هو- اُنهن جي اهڙيءَ اسلامي تشريح خلاف قرآن شريف وڏي واڪي مخالفت ڪري رهيو آهي. پوءِ بہ هي ماڻهو پاڻ کي اسلام جا سچا پوئلڳ ڪوڻائين ٿا تہ اهوڏوڪيازيءَ کان علاوه ڪجھ نہ آهي.

خدا جي مارَ پوي هن مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي اسلامي تشريح ۽ سندن سامراج پاڪستان تي. اهڙي حڪومت کي مسلمان حُڪومت سڏڻ اهڙو آهي، جهڙو سوئر کي سير وجهي حلال تصور ڪرڻ.پارت، چين، روس، انگلنڊ جي مُسلمانن کهڙو ڏوهہ ڪيو، جو جيڪا جماعت مسلمانن جي اتحاد لاءِ ڪُٽي ڪئي وڃي ان ۾ شريڪ ٿيڻ کان ڪين محروم رکيو وڃي؟

آءٌ تجربي بعد،مٿين ڳالهين کي مدنظر رکي، مهاجر پنجابي مستقل مفاد ۽ اُن جي پوئلڳن کي مسلمان سڏڻ کان گريز ڪريان ٿو. ۽ سنڌ جي عوامي شاعر منشي محمد ابراهيم جي هن مصرع سان شامل راءِ آهيان تہ:

سنڌ ۽ فلسطين ٻئي اڪر هيڪڙو
ڀُتي يهودي پَڏرا هي (مهاجر پنجابي) مُنهن ۾ مُسلمين،
دل ۾ٻنهي دين، هڪڙو آهي هوبهو.

خدمت خلق جو جذبو

قران شريف ۾ ڄاڻايل آهي تہ "وما خلقت الجن و لا انس ا لا ليعبدون" يعني (انسان جنن ۽ ماڻهن کي خدمت لاءِ پيدا ڪيو آهي.) هاڻ سوال اُٺندو تہ اُها خدمت ڪنهن جي؟ انسانذات جي يا ان جي وڏي حصي يعني هرهڪ قوم ۽ ملڪ جي يا عوام جي؟ يا مهاجر پنجابي سامراج جي؟

جي چتائي ڏسبو تہ معلوم ٿيو ويندو تہ هن غاصب حُڪمران طبقي کي خدمت خلق جي ڪا ستي ڪاڻ پيل آهي. هي جانورن وانگر ماڻهن کي مارڻ، ڦرڻ، ڦاڙڻ ۽ ظلم ڪرڻ لاءِ وجود ۾آيل آهن. ڇا سندن هيڻيان ڪارناما خدمت خلق ۾شمار ڪري سگهبا؟

(۱) مسلم اقليت جي مستقل مفاد مسلمانن، نون سڏارن ملڻ ۽ آزاديءَ بعد، پارت ۾سندن مُغليہ حڪومت جي دور ۾ حاصل ڪيل مفاد جهڙوڪ نوڪرين، زرعي زمينءَ

ٻين ملڪيتن تي، آزاديءَ جي حالت ۾، قبضي وڃڻ جي ڊپ کان،مسلمانن جي جُداگانه قوم جو خود ساخته نظريو ايجاد ڪري، انگريزن جي مدد سان،ملڪ ورهائي اڇي هن ملڪ ۾ ديرو ڇمايو. سندن نوڪري پيشه ماڻهن پارٽ مان هن ملڪ لاءِپان ڪي آپٽ(منتخب)ڪرائي، هتي پهچڻ بعد،منظم منصوبي ماتحت، هندن خلاف فساد ڪرائي، هنن کي لڏايو ۽ انهن جي جاين،نوڪرين، ڇڏيل زرعي زمين (جا هنن سنڌي مسلمان آبادگارن کان ويڃ وغيره ۾ حاصل ڪئي هئي) واپار ۽ ڪارخانن تي قبضو ڪيو. اهو کهڙو انصاف آهي ته ٻئي ملڪ ۾ اچي، اسلام جي نالي ۾،ٻاهٙ ٻاهٙ چئي، اُتي جي زمين،نوڪرين، واپار۽ ڪارخانن تي قبضو ڪجي ۽ اُتي جي ماڻهن تي پنهنجي زبان کي قومي زبان سَڏي مُسلط ڪجي ۽ مڪاني زبان کي منصوبي جي ماتحت ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي،پنهنجي ڪلچر کي اسلامي ڪلچر جو رنگ ڏيئي مڪاني ڪلچر کي مسخ ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي، ۽ جيڪڏهن کو سندن اُن طريقي ڪار جي خلاف آواز اُٺاري، ته ان کي اسلام، قوم ۽ ملڪ جو دشمن سڏي، سزائون ڏنيون وڃن! سنڌين جي هر مسئلي کي پٺ پويان اُڇلائي، هنن شَل ائين ئي مهاجر سامراج مضبوط ڪيو وڃي ٿو.

هنن اهڙو طريقو اختيار ڪيو آهي، جو اهل پنجاب جي مستقل مفاد کي بـ بي‌وقوف بنائي، ان طرح جي استحصال ۽ پاڻ سان شريڪ ڪيو اٿن.

جي غور سان ڏسبو ته هنن جي خدمت اڃ هيٺين مقصدن لاءِ وقف آهي:

(۱) هزارن ورهين جي قومن جي وجود کان انڪار ڪري، کين پنهنجي يعني مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي خود ساخته نظريي پاڪستان جي سامراج هيٺ رکي، انهن جو استحصال ڪيو وڃي ٿو.

(۲) هنن جي هزارن ورهين جي زبانن کي ختم ڪري، شَائين اردو زبان کي قومي زبان طور مُسلط ڪيو ويو آهي.

(۳) سنڌين جي قديم ڪلچر کي گڏهه هڪلڻ ۽ اُٺن کاهڻ واري قوم جو ڪلچر سڏي، شَن پنهنجيءَ برتريءَ جو مُظاهرو ڪيو وڃي ٿو.

(۴) هنن جي زمين، واپار، ڪارخانن، نوڪرين، بئنڪن، سياست ۽ اقتصادي مفاد تي قابض ٿي، کين غلام رکيو وڃي ٿو.

(۵) پاڻ کي فاتح، صحيح مسلمان، اعليٰ اُصولن جو حامل گروهه سڏي، مڪاني ماڻهن کي مفتوح، اسلام جي ڄاڻ کان اڻ واقف، خسيس ۽ ذليل سمجهي شَن پنهنجي حڪمرانيءَ لاءِ جواز پيدا ڪيو وڃي ٿو.

جي حڪمران طبقي جي مسلمانن جو اهڙو خدمت خلق جو جذبو آهي، ته پوءِ اها ڳالهه ظاهر ٿي پوي ٿي ته اهي ڳالهيون صحيح خدمت خلق جو مظاهرو نٿيون ڪن. اهڙن ڪمن کي اسلامي معنيٰ ۾ خدمت خلق سڏڻ مڪر، فريب ۽ جهالت کان سواءِ ڪجهه نه آهي.

هي ماڻهو استحصال ۾ يهودين کان بدتر آهن. جيئن عرب سندن غاصب يهودين کي جن سندن گهرن تي قبضو ڪيو آهي ڪڍڻ لاءِ جهاد جوڙيو بيٺا آهن، اُن وانگر هنن يهودي صفت مهاجر پنجابي حڪمران طبقي خلاف جهاد ڪرڻ ثواب جو ڪم ٿيندو.

قرباني جو جذبو

هتي جو حڪمران طبقو قرباني جي اصل معنيٰ کان ان واقف آهي. هنن وٽ ٻڪرن يا ٻين جانورن کي ڪهي قرباني ڪرڻ ئي قرباني آهي. هنن جهڙي طرح جانورن کي قربان ڪرڻ جائز سمجهيو آهي، امڙي طرح پاڻ کان سواءِ سنڌين، بلوچن، پختونن کان حق کسي، پنهنجي مفاد لاءِ قبضي ۾ آڻڻ ۽ قرباني ۾ داخل ڪيو آهي. هنن وٽ، سنڌن مفاد خاطر، پارت سان لڙڻ، بنگلہ ديش کي مارڻ، افغانستان جي مخالفت ڪرڻ، سنڌين ، بلوچن ۽ پختونن کي مارڻ جهڙوڪ عبدالرزاق سومري، خان عبدالصمد خان، مولوي شمس الدين ۽ نورو خان کي قتل ڪرڻ ۽ سنڌن هڪ قسم جي قرباني آهيا هي جهڙي طرح جانورن کي ذبح ڪرڻ وقت الله اڪبر جا اکر اچارين ٿا. امڙي طرح ماڻهن کي مارڻ وقت الله اڪبر جو لفظ اُچارڻ کان شرم نٿا ڪن. جڏ ته الله تعالي هنن کي انهي لاءِ خلقيو هو ته پنهنجي فائدي لاءِ هر شيءِ جي قرباني ڪري سگهن.

هنن جو قرباني لاءِ اهو تصور ڪالي ديوي اڳيان جانورن جي ذبح ڪرڻ جي مشابهہ آهي. هنن جو، پاڻ کي ڇهو پهچائي قوم ۽ عوام لاءِ فائدي حاصل ڪرڻ واري قرباني جي اصل مطلب سان واسطو نہ آهي. هنن وٽ ڏاڍي جي ظلم سامهون نمڻ کان قربان ٿي وڃڻ، فسطائي نظريي اسلام کي صحيح اسلام سڏڻ کان انڪار ڪندي نقصان سهڻ، مستقل مفاد جي سامراج کي ڌاهڻ لاءِ سر قربان ڪرڻ وارا سوال قرباني ۾ داخل نہ آهن. هو بس ائين سمجهن ٿا ته ساري دنيا هُنن لاءِ خلقي ويئي آهي، جا سندن مفاد تان قربان ڪرڻ گهرجي. سندن استحصال ۽ جانورن جي قرباني وانگر غريبن کي سندن مفاد لاءِ قربان ڪرڻ جي مترادف آهي.

هاڻ اوهان غور ڪري ڏسو ته معلوم ٿيندو ته هي ماڻهو اسلام جي قرباني واري اصول کي ڪهڙن مقصدن لاءِ ڪتب آڻڻ چاهين ٿا. ان حالت هيٺ ڪهڙي طرح هنن کي صحيح اسلام جو پوئلڳ سڏي سگهبو.

بقائي باهمي جو جذبو

بقائي باهمي جو جذبو اعتدال جي پيدائش آهي. اعتدال اسلام جو بنيادي اُصول آهي.

"لكم دين كم ولي دين"

معنيٰ "توهان جو دين توهان لاءِ اسان جو اسان لاءِ".

وسطو التكونو اشهدائي علي الناس

معنيٰ - اوهان کي عادل قوم خلقيو اٿم ته ماڻهن جي وچ ۾ توازن رکي سگهو".

ليڪن جنهن مسلم قوم جي نالي ۾ مهاجر پنجابي مستقل مفاد جو نظارو اسان هتي پاڪستان ۾ ڏنو آهي ، انهن ۾ اعتدال عدم موجود آهي. هو هر ڳالهه ۾ پاڻ کي حق تي سمجهن ٿا. هنن جي قبوليل نظرين، عقيدن ۽ خيالن کان سواءِ هو ٻين جي نظرين، عقيدن ۽ خيالن کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن.

هنن جي خيالن موجب حق جي نُڪيداري هنن کي مليل آهي . اسلام بـ سندن تشريح وارو صحيح سمجهن ٿا. سندن نقطي نگاهه کان ٻاهر هر ڳالهه غلط سمجهن ٿا. اُن ڪري هو زوريءَ انهن نظرين کي ٻين مٿان مڙهڻ جائز ڄاڻن ٿا.

"لا اڪراه في الدين" معنيٰ، نظرياتي ڳالهين ۾ زور زبردستي روا رکڻ جائز نه آهي".

جو سبق هنن وساري ڇڏيو آهي. "ادبح الي ربلک والمو عظة الحڪمت الحسنة" معنيٰ "ماڻهن کي صحيح راهه تي آڻڻ لاءِ پرچار ۽ دانشمنديءَ کان بـ ڪم وٺو" . جو آواز سندن ٻوڙن ڪنن تائين پهچي نه سگهيو آهي.

خدا کين حق ۽ عدل جي رستي تي هلڻ کان محروم ڪري ڇڏيو آهي. هو. "صُمٌ بُکمٌ عُميٌ فهم لايرجعون" جي درجي تي پهچي چڪا آهن. هُنن جا سياسي ليڊر ڪوڙا، ڏوڪيباز، بداخلاق ۽ استحصالي ٿي پيا آهن. سندن مذهبي رهنما "نمَاقليلا" تي وِڪامجي ويا آهن، جن کي راهه راست هٿ اچي نٿي سگهي. هو هميشه انتها پسنديءَ ڪري پاڻ ۽ سندس پوئلڳن کي تباهيءَ طرف ڌڪيندا وڃن ٿا. بقائي باهميءَ جا ڪي چٻجي، ان جو پتو بـ نه اٿن. تنهنڪري هنن کي صحيح مسلمان سڏڻ غلطي آهي. هو اسلام جي تعليم ۽ فروغ جا اهل نه آهن. ڇ جائيڪ هو ساريءَ دنيا جي مسلمان ملڪن جي اتحاد جو پرچار ڪندا رهن! انهن جو اُهو قدم مسلم مُلڪن کي تباهيءَ ڈي نيندو ۽ نه اتحاد ۽ امن طرف .

مُسلم ملڪن لاءِ اهو نهايت نحس (نياڳو) ڏينهن ٿيندو، جڏهن هو مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي دام تزوير(ڦندي) ۾ ڦاسي ڪن ملڪن کي مسلمان ۽ ڪن ملڪن کي غير مُسلمان سمجهڻ لڳندا. ۽ بقائي باهميءَ جي اُصول کي وساري ويهندا.

چوڻ ۾ اچي ٿو مولوي داؤد غزنوي حج لاءِ جڏهن سعودي عربيا ويو ۽ سندس ملاقات سلطان ابن سعود سان ٿي، ان کيس چيو تـ" هندوستاني مسلمانن جا ليڊر جاهل يا نااهل هٿا، جو ملڪ جي ورهاڱي بعد هيتريءَ تباهيءَ جو ڪارڻ بنيا." ٻي ڳالهه هيءَ مشهور آهي تـ مصر جي شاهه فاروق هڪ پاڪستاني ليڊر ، ان گفتگوءَ دوران چيو هو تـ " اسان ڪهڙيءَ طرح پاڪستان جهڙي نوزائيده ۽ غير متوازن ملڪ جي ليڊر شپ هيٺ عالمي اسلام جي تحريڪ ۾ شريڪ ٿي سگهون ٿا!" پر چوٽي آهي تـ،

آنچ شيران را کندرو بهه مزاج،
احتجاج ست و احتياج ست و احتياج .

ان وانگر عربن کي اسرائيل جي ظلم ايترو تنگ ڪيو آهي، جو سمجهي نٿا سگهن تـ

پاڪستاني حڪمران طبقو، جو آمريڪين سان جنگي عهدنامن ۾ قائل آهي ۽ آمريڪي امداد تي ساهه ٽڪائي رهيو آهي، سو ڪهڙيءَ طرح آمريڪي ايجنٽ اسرائيل خلاف ڪين مدد ڪري سگهندو!

عربن کي هي به پتو نٿو پوي ته ايران وارا عربن جا ٿڻ ڪيل ظلم ۽ وچ ۾ پيدا ٿيل مذهبي اختلاف وساري، وري مسلم ملڪن جي اتحاد جي نالي ۾ عرب ليڊر شپ هيٺ وڃي، ان سڌيءَ طرح سندن خلافت کي ڪيئن قبول ڪندا. ٽرڪ هن وقت آمريڪي مدد جي آسري تي هن نئينءَ تحريڪ ۾ شامل ٿيا آهن، پر اڄڪلهه هلي هنن کي پتو پوندو ته اُهو اتحاد ڪيتريقدر سندن لاءِ مفيد هو.

باهمي تعاون جو جذبو

باهمي تعاون اسلامي اُصولن جو مُکيه جُزو آهي. شيخ سعدي عليه رحمة فرمائي ٿو ته:

بني آدم اعضائي يڪديگر اند،
ڪ در آفرينش زيڪ جوهر اند،
چويڪ عضوه بدرد آورد روزگار،
همه عضوهارا رانماند قرار.

معنيٰ - "انسان هڪئي جا عُضوا آهن چاڪاڻ ته اُصل ۾ اهي هڪ جنس مان ٺهيل آهن. جڏهن بدن جي هڪ عضوي ۾ درد ٿئي ٿو ته سڀئي عضوا بي قرار ٿيو پون ٿا".
هڪئي هنڌ ، نيڪ انسان کي مُخاطب ٿي چيل آهي ته:

توبرائي وصل ڪردن آمدي
نئي برائي فصل ڪردن آمدي.

معنيٰ - تون دنيا ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ لاءِ پيدا ٿيو آهين، نه نفاق ڦهلائڻ لاءِ.

پر اتحاد ۽ تعاون ڪرڻ کان اڳ پهرين فيصلو ڪرڻو پوندو ته هن وقت اتحاد جو نالو جو پاڪستان جو حڪمران طبقو وٺي ٿو، اُهو ڪهڙن مقصدن لاءِ ڪيو وڃي ٿو، پر جيڪڏهن غور ڪري ڏسبو ته انهن جا مقصد هيئيان آهن:-

(۱) سنڌين، بلوچن ۽ پختونن تي مهاجر پنجابي مستقل مفاد جو سامراج قائم رکڻ .
(۲) اُنهيءَ سامراج وسيلي مٿي ذکر ڪيل مُلڪن جي عوام جو استحصال ڪرڻ .
(۳) مائٿن جو توجهه مذهب جي نالي ۾ حقيقي مسئلن کان هٽائي، هنن جا دماغ مسخ ڪري، کين پنهنجي تابع رکڻ .
(۴) سندن فِسطائي عقيدن کي اسلامي چادر ڍڪائي، زير تسلط آيل مُلڪن تي قابض رهڻ.

(۵) انهن مقصدن جي حصول لاءِ سامراجي طاقتن سان جنگي عهدناما ڪري ، هٿيار حاصل ڪري، پنهنجو سامراج قائم رکڻ .
(۶) غلط اسلامي تشريح کي اسلام ظاهر ڪري، ماڻهن کي گمراهه ڪري، پنهنجي غلاميءَ لاءِ رضامند رکڻ.
(۷) ڊپ جي بنياد تي عوام کي خوفزده ڪري، سندس مخالفن خلاف نفرت پيدا ڪري، فساد ۽ بدامنيءَ جو باعث بنجڻ .
هاڻ اچو ته مٿي ذڪر ڪيل مقصدن جو تجزيو ڪري ڏسون ته انهن ڪمن لاءِ مسلمان ملڪ ڪهڙيءَ طرح هنن ظالمن سان تعاون ۽ اتحاد ڪري سگهن ٿا.

(۱) سنڌي، بلوچ، پختون جدا قومون آهن: – جن تي هي مهاجر پنجابي مستقل مفاد مسلط ٿي، انهن جو استحصال ڪري رهيو آهي. ڇا مسلمان ملڪ اهڙا بيوقوف ٿيندا، جو هنن ظالمن جي ڏوڪي ۾ اچي، کين سندن ظالمانه راڄ قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪندا. جنهن جو نظارو هنن بنگلہ ديش جي تحريڪ آزاديءَ وقت ڏيکاريو آهي. پر جي اڄا بہ مسلمان ملڪن کي سمجهہ نہ آئي آهي، تہ چڀبو تہ هو ظالمن سان تعاون ۽ اتحاد ڪرڻ گهرن ٿا. ظالم سان تعاون ۽ اتحاد صرف ظالم ڪري سگهن ٿا. اهڙيءَ حالت ۾ خدا کين بہ ڪامياب نہ ڪندو. هو بہ اسرائيل ۽ آمريڪا جي ظلم ۾ ڦاٿا رهندا .

(۲) مهاجر پنجابي سامراج جو ننڍين قومن جو استحصال : – مسلم ملڪن کي معلوم هجڻ گهرجي تہ مهاجر پنجابي مستقل مفاد ننڍين قومن جي جداگانہ وجود کان انڪار ڪري، نظريي پاڪستان جي نالي ۾ پاڻ کي هڪ خود ساخته مسلم قوم قرار ڏيئي، انهن ننڍين قومن تي راڄ قائم ڪيو آهي. هو انهن جي زمين، ڪارخانن، نوڪرين، واپار، بئنڪن، ڪاٽين تي قابض ٿي، سندن استحصال ڪري رهيا آهن. ڇا مسلم ملڪن طرفان اها اسلامي اخوت ٿيندي تہ هنن ظالمن سان اهڙي ظالم جي ڪم ۾ تعاون ۽ اتحاد ڪن!

(۳) مذهب ۽ سياسي معاملات کي گڏي هلائڻ:- دنيا ۾ مذهب ۽ سياسي ڳالهين کي گڏي هلائڻ ڪري، جي نقصان ٿيا آهن، تن کي مدنظر رکي، ترڪن خلافت کي ڦٽو ڪري ڇڏيو . مصر ۽ ٻيا مسلمان ملڪ سيڪيولرزم بنيادن تي حڪومت هلائي رهيا آهن. هن وقت سواءِ اسرائيل جي دنيا ۾ ڪابہ قوم نہ آهي، جا مذهب جي بنياد تي قوم سڏائيندي هجي. ڇا، مسلمان ملڪ پاڪستاني مستقل مفاد جي ڏوڪي ۾ اچي، مذهب جي نالي ۾، هڪ ٻين سان تعاون ڪندا، ۽ ان طرح آزمايل ۽ فرسوده نقطي نگاه کي وري آزمائي، مذهبي اختلافن جو باعث بنبا!

(۴) فسطائي نظريي کي اسلامي چادر ڍڪائڻ:- دنيا ۾ دور جديد جي ٻيءَ تسليم شده حقيقت آهي تہ عوام جو پلو جمهوريت ۽ سوشلزم جي ذريعي حاصل ٿي سگهي ٿو.

ليکن هتي پاکستان ۾ مهاجر پنجابي حڪمران طبقو انهن اصولن کي پنهنجي مفاد جي خلاف سمجهي، جرمن نازي تحريڪ جي تتبع تي، اسلام جي نالي ۾، آمريت ۽ ان سڌيءَ طرح سرمائيداريءَ کي زور وٺائي رهيو آهي. ليکن عوام کي اهو ڏوکو ڏنو وڃي ٿو ته هو اسلامي سوشلزم ۽ اسلامي جمهوريت ملڪ ۾ رائج ڪرڻ ٿا گهرن ٿا. جيتوڻيڪ مسلمان ملڪن جي اڪثريت ۾ قبيلائي يا خانداني حڪومتون رائج آهن، پر باوجود ان جي هو آهستي ڪري جمهوريت ۽ سوشلزم جي طرف وڌي رهيا هئا. مون کي خوف ٿو ٿئي ته مذهب جي نالي ۾ اتحاد ڪرڻ ڪري امڪان آهي ته ٻيا مسلمان ملڪ به جمهوريت جي عيوض فسطائيت طرف وڃي، پاڻ لاءِ تباهي نه آڻين!

(۵) سامراجي طاقتن سان جنگي عهدنامو: - مسلمان ملڪن جي اڪثريت پوئتي پيل آهي. انهن لاءِ بهترين پاليسي اها آهي ته وڌين طاقتن جي باهمي تصادم کان پاسي ٿي، سندن ملڪن جي ترقيءَ ۽ تعمير طرف توجهه ڏين. پر پاڪستان جي مهاجر پنجابي مستقل مفاد ائين نه ڪيو آهي، ۽ الٽو پاڻ کي جنگي عهدنامن ۾ ڦاسائي، هٿيار هٺ ڪيا آهن. اهي هٿيار آمريڪا وارن کين ڪميونيسٽ ملڪن کان بچاءُ لاءِ ڏنا آهن. ان جو مقصد اهو آهي ته مبادا روس سان جنگ لڳي ته عهدنامي موجب هو پاڪستان کي آڏو ڪري ڪتب آڻين. روس ۽ آمريڪا ايڏو طاقتور ٿي ويا آهن، جو جنگ نه رڳو سندن تباهيءَ جو باعث بنبي، پر دنيا جو گهڻو حصو تباهه ٿي ويندو. انهن خطرن کي مدنظر رکي، هو حتي الامڪان جنگ کان گريز ڪندا پر هميشه ڪنهن به وقت جنگ ٿيڻ جو خوف رهي ٿو. اسان جي حڪمران طبقي کان جڏهن انهن خطرناڪ جنگي عهدنامن ۾ داخل ٿيڻ لاءِ سبب پڇيو وڃي ٿو، ته مائهن کي هندوستان ۽ افغانستان کان خطري جو دليل ڏيئي، ان لاءِ جواز پيدا ڪن ٿا. ليکن اسان جي ننڍين قومن کي پتو آهي ته اهي هٿيار نه پارت يا افغانستان سان لڑڻ لاءِ هٿ ڪيا وڃن ٿا، پر مهاجر پنجابي مستقل مفاد سامراج انهن کي سندن ماتحت سنڌي، بلوچي ۽ پختون قومن کي غلام رکي استحصال ڪرڻ لاءِ استعمال ڪرڻ گهري ٿو. تعجب هن ڳالهه تي ٿئي ٿو ته آمريڪا اسرائيل کي عربن مسلط ڪيو آهي، ۽ هي پاڪستاني آمريڪا جا ايجنٽ ٿي ڪري، عربن کي اسرائيل خلاف مدد جو واعدو ڪن ٿا، ته اهي اعتبار ڪريو وڃن ! عربن ۽ ٻين مسلمان ملڪن کي معلوم هڻڻ گهرجي ته جيڪي مائهو سندن مڪاني مسلمان قومن سان سچا نه آهن، سي سائن ڪهڙيءَ طرح وفادار ٿي سگهندا!

(٦) غلط اسلامي تشريح کي اسلامي رنگ ڏين :- مهاجر ۽ پنجابي مستقل مفاد، اسلام جي غلط تشريح ڪري، ان کي محدود ۽ محصور بنائي ڇڏيو آهي. هنن جو اسلام فسطائي ذهنيت جو حامل آهي. هنن اسلام کي دنيا جي ڪٿير مذهبن مان هڪ شمار ڪيو آهي، جنهنڪري اسلام جي مشن يعني ڪثرت مذهب پويان بنيادي وحدت پرکڻ ان جو رول گم ٿي وڃي ٿو. هنن جو اسلام امن ۽ سلامتيءَ جي عيوض فتني ۽ فساد جو دين ٿي پوي ٿو. هنن جو اسلام محبت جي عيوض نفرت پکيڙي، اتحاد انسانيءَ جي بنيادي پٿر کي ٽوڙي ڇڏي ٿو. هنن جي اسلام مطابق رسول مقبول رحمت العالمين

جي عيوض هڪ فرقي جو ليڊر بنجي پوي ٿو. هنن جي اسلام کي چوڌاري ڪفر گهيريو ٻيٺو آهي، جنهنڪري هو هر مختلف خيال ۽ڪندڙ مسلمان ۽ فرقي کي ڪافر سمجهي، پاڻ کي جدا رکڻ چاهين ٿا. اڳي مسلمان غير مسلمانن کي اسلام ۾ داخل ٿيڻ تي خوشيون ملهائيندا هٿا. هي قاديانين کي، جي اخلاق ۽ علم ۾ هنن کان زياده لائق هٿا، سندن خود ساخته اسلام کان ٻاهرڪڍي، خوشيون ملهائي رهيا آهن.

(۷) صحيح مسلمان ۾ ڊپ نه هوندو آهي: سچي مسلمان کي خدا کانسواءِ ٻئي ڪنهن جو خوف نه هوندو آهي. هي وهم پرست ۽ جاهل ماڻهن وانگر هر شيءِ کان ڊڄي رهيا آهن. قرآن ۾ صاف چيل آهي ته

فتمنو الموت ان كنتم صادقين

- جي سچا آهيو ته موت کان نه ڊڄو !

پر جنهن صورت ۾ سڃاڻ آهن، تنهنڪري هنن کي هر آزاديءَ جي اظهار کان خطرو محسوس ٿئي ٿو. سنڌ جي حقن جي حفاظت جي ڳالهه ڪرڻ ماڻ خطرو ڏسڻ ۾ اچين ٿو. پارٽ ماڻ خوف لڳو اچين. افغانستان جي دشمنيءَ جو ڊپ لڳو ٻيٺو اٿن. بلوچ ۽ پختونن جي قوميپرستيءَ کان خطرو محسوس ٿئين ٿو. هنن جا اندر کاڌا پيا آهن. ان ڪري اندر جو ڪُڪو ڪين ننڊ ڪرڻ ٿو ڏيئي. انهيءَ حالت هوندي، هي کڙيءَ طرح جملي مسلمان ملڪن ۾ اتحاد پيدا ڪرائي سگهندا . جڏهن امن ايمان ماڻ پيدا ٿي ٿو ۽ امن اتحادجو باعث بنجي ٿوا خوف وارو ماڻهو ايمان کان خالي ٿئي ٿو ۽ جنهن کي ايمان نه آهي، سو ڊڄڻو ٿئي ٿو، ڊڄندڙ ماڻ امن ۽ اتحاد جي اميد رکڻ اجائي آهي.

هي جي مسلمان ملڪن جي اتحاد ۽ ترقيءَ جو راڳ آلاپي رهيا آهن، تن جي ڪارنامن تي نظر ڪري ڏسبي ته هو خود پنهنجي ملڪ اندر بہ اتحاد ۽ ترقي پيدا ڪري نه سگهيا آهن. مهاجر پنجابي مستقل مفاد حڪمران طبقي کي، سواءِ سندن مفادن ۽ ترقيءَ جي، ٻئي ڪنهن جي مفاد ۽ ترقيءَ جو اونو ڪونهي. بنگالين جو استحصال ڪيائون ۽ مٽائڻ پنهنجو سامراج قائم ڪيو، هنن جي زبان، ڪلچر، سياسي ۽ اقتصادي مفاد سان هٿ چراند ڪيائون، جنهنڪري هو هنن کان جدا ٿي ويا. سنڌين، بلوچن ۽ پختونن جي زندگي زهر ڪري ڇڏي اٿن. جنهنڪري هو پاڪستان کي مهاجر پنجابي مستقل مفاد جو سامراج چائي، ان جي ڊاهڻ لاءِ رات ڏينهن جدوجهد ڪري رهيا آهن. باوجود ان قسم جي اندروني خلفشار جي، هي عالم اسلام کي متحد ڪرڻ جو آواز اٿارين ٿا. ان ماڻ صاف ظاهر ٿئي ٿو ته هي ان ذريعي عوام جو توجه حقيقي مسئلن کان هٽائي، وڏيون ڳالهيون ڪري، مسلم ملڪن جي همدردي پنهنجي ظالمانه سامراج قائم رکڻ لاءِ ڪتب آڻڻ چاهين ٿا.

هي ڳالهه جا هي ڪن ٿا، سا اها آهي ته هو مسلمان ملڪن ۾ اسلامي راڄ قائم ڪرڻ جا حامي آهن! هي پاڪستان جي قيام کان وٺي اهو راڳ ڳائيندا رهيا آهن ته

اسلامي آئين ۽ اسلامي نظام حڪومت قائم ڪرڻ سندن مقصد نه آهي. نه صرف ايترو پر هنن ڏوڪيباز، جاهل ۽ بي وقوف سامراجين کي اهو پتو بـ نه آهي ته صحيح اسلام جا اصول ڪهڙا آهن. جيڪي آڻ مٽي ڄاڻائي آيو آهيان، ته قرآني حڪمن مطابق سندن ڪارنامن جي پيش نظر هي صحيح مسلمانن جي ڏمري ۾ داخل ٿا ٿي سگهن. اهڙيءَ حالت ۾ هنن کان اسلامي آئين ۽ اسلامي نظام حڪومت جي توقع رکڻ اجائي آهي.

ٽي ڳالهه جا هي ڪن ٿا ته مسلم ملڪن جون مشڪلاتون دور ڪرڻ لاءِ هي انهن ۾ اتحاد قائم ڪرڻ چاهين ٿيا. چوٽي آهي ته،

«خود گم ست کرا رهبري کند!»

هي پاڻ گمراه آهن، انهيءَ ڪري هن ملڪ جون مشڪلاتون گهٽائڻ بـدران وڌائيندا رهيا آهن. سي ڪهڙيءَ طرح ٻين مسلم ملڪن جي مشڪلاتن گهٽائڻ لاءِ مدد ڪري سگهندا.

چوٽين ڳالهه هي اهاڪن ٿا ته اسلام کي چوڌاري خطرو آهي، دشمن ان جو گهيرو ڪيو ٻيٺا آهن، تنهنڪري هي مسلمان ملڪن ۾ اتحاد آڻي، اسلام کي بچائڻ گهرن ٿا. اسلام خدا جو دين آهي. ان جو نگهبان بـ خدا آهي. هي ڪافر ڪهڙيءَ طرح اُن جي بچائڻ جي ڳالهه ڪري سگهن ٿا!

موجوده مسلمان ملڪن مان افغانستان، ترڪيءَ ۽ ايران کان سواءِ ٻيا سڀ ملڪ ٿورو وقت اڳ مغربي ملڪن جي سامراج هيٺ هٿا،جي سامراجي ملڪ غير مسلم هٿا. ان وقت ۾ انهن ملڪن اندر اسلام ختم نه ٿيو. هاڻ اڄي هنن کي اسلام بچائڻ جو حرص جاڳيو آهي! ازانسواءِ اُهي پاڪستاني حڪومت جا حڪمران طبقا، جي هن وقت اسلام جي بچاءَ جي گفتگو ڪن ٿا، سي هميشه ڏارين حڪومتن جا دلال ٿي رهيا هٿا، ۽ انهيءَ صلي ۾ ڪين انگريزن ملڪ ورهائي، هن ايراضيءَ ۾ جدا حڪومت قائم ڪري ڏني. اهي ٿي ماڻهو هٿا،جي ترڪ خليفي جي حڪومت سان انگريزن جي مدد ۾ وڙهيا. انهن ڪعبي تي گولا اڇلايا. انهن اتحادين جي لشڪر سان گڏجي، ترڪيءَ شام ۽ عراق ۾ مسلمانن کي ماريو. سي هاڻ ڪهڙي منهن سان ملڪن جي اتحاد ۽ ترقيءَ لاءِ ڪم ڪري سگهندا!!

جنهن جي عمر مان واقفيت هجي، ان جي ڏندن ڏسڻ جي ضرورت نه آهي. هنن جي نه سيرت اسلامي آهي، نه صورت اسلامي آهي. هنن جي تاريخ اهو ثبوت ڏئي ٿي ته هي انگريزن جي پيسي تي مسلمانن سان وڙهياهٿا. تنهنڪري انهن تي پروسو ڪرڻ بي وقوفي آهي. هي انهن ڪانفرنسن ذريعي مسلمان ملڪن جو اتحاد، حفاظت ۽ ترقي نٿا چاهين، پر غير جانبدار ملڪن ذريعي، جو اتحاد مسلمان ملڪن ۾ قائم ٿيو آهي، ان کي ٿوري، ترقي پسند غير مسلم ملڪن جي عرب ملڪن کان همدردي وڃارائي، ڪين بي يارو مددگار بنائڻ لاءِ هي بُرو ڪم آمريڪي سامراج جي اشاري تي، اسرائيل کي مضبوط ڪرڻ لاءِ، ڪري رهيا آهن . جناح ،ليائقت علي خان ۽ پٽي صاحب جهڙن ماڻهن جڏهن اسلامي ملڪن جي اتحاد ۽ اڳواڻيءَ جي گفتگو ٿي ڪئي، ته هتي جي تجربيڪار

ماڻهن کي شڪ پيدا ٿي ٿيو ۽ عجب ٿي لڳو ته هنن ماڻهن پاڪستان ۾ اسلامي راڄ قائم ڪري ڇڏيو آهي، جو هاڻ هو پين ملڪن ۾ اسلامي راڄ قائم ڪرڻ گهرن ٿا! جهڙيءَ طرح هنن اسلام جي نالي ۾ هتي جي ماڻهن کي ڏوکو ڏيئي، پنهنجا مفاد حاصل ڪيا آهن، اهڙيءَ طرح هو پين ملڪن کي ۽ ڏوکو ڏيئي، انهن جو استحصال ڪرڻ چاهين ٿا.

جن ماڻهن جو قول فعل اسلام جي روح کان خالي هجي، انهن کان ڪهڙيءَ طرح اسلامي حڪومت جي قيام جي توقع رکي سگهجي ٿي! اسلام جيڪڏهن اعليٰ عقيدن ۽ عمل جو دين هو ۽ ان جو مقصد خدا ۽ رسول جي حڪمن موجب انسانذات جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ ڪم ڪرڻ هو، ته، بقول **علامہ مشرقي** اسلام جا پوئلڳ بنسبت پاڪستان جي يورپ، روس، آمريڪا ۽ چين ۾ زياده هئا. جيڪڏهن اسلام **اخلاق، خدمت خلق، محبت، جهڙن اصولن** جي هدايت ٿي ڪئي ته ان موجب مائوزي تنگ، نهرو، ولسن، برزنيف ۽ فورڊ وڌيڪ مسلمان هئا، بنسبت جناح ، لياقت عليءَ ۽ يٰسين جي. جيڪڏهن اسلام جو مدار اخلاق حميده،محبت ۽ امن جي اصولن تي هو، ته اُنهن صفتن وارا ماڻهو غير مسلم ملڪن ۾، بنسبت پاڪستان جي، گهڻا هئا.

پاڪستان ۾ ڪهڙا اسلامي معيار قائم ڪيا ويا آهن، جن ڪري پاڪستان جي ختم ٿيڻ سان اسلام کي نقصان پهچڻ جو انديشو هوا ان جي ختم ٿيڻ ڪري پاڻ اسلام کي فائدو پهچندو، جو هتي جملي اسلامي معيار تباهَ ٿي رهيا آهن.

ازانسواءِ دنيا جي مسلم ملڪن جي ماڻهن جي حالت ڪهڙي آهي؟ اُتي نه جمهوريت رائج آهي، نه عوام الناس تعليم يافته هئا. اُنهن مان ڪيترن ملڪن جي حڪومت مستقل مفاد طبقن، قبيلن يا خاندانن جي حوالي ۾ هئي، جن عوام جو پوريءَ طرح استحصال پئي ڪيو، انهن ملڪن جي حفاظت ڪهڙي مقصد لاءِ ڪئي ويندي، ۽ سندن اتحاد مان ڪهڙو فائدو حاصل ٿيندو؟ اتحاد جي مقاصد کي صاف ڪري، پوءِ اهڙي طرح گفتگو ڪرڻ گهرجي، نه ته قوي گمان آهي ته هنن ملڪن جي رهاڪن کي به اسان وانگر ڏوکي هيٺ مجبور ۽ محڪوم رکيو وڃي.

چا، پاڪستان مسلمانن جي نشاط ثانيہ (نئي بيداري)جو مرڪز هو؟

هتي جا يهودي نما مهاجر پنجابي مستقل مفاد دنيا کي هڪ طرف ۽ هتي جي عوام کي ٻئي طرف چٽي رهيا آهن ته پاڪستان اسلام جي نشاط ثانيہ (تجديد ۽ نئين سر ترقي) ونڊ لاءِ مرڪز ٿي ڪم اچڻو آهي. اها گاله به سراسر ڏوکو ۽ ڏڳي آهي. مسلم روايات ۾ ذڪر ڪيل آهي ته اُهو ڪم ڪنهن مجدد،مهديءَ جي وسيلي سر انجام ٿيڻو آهي، ۽ جُملي خدا وارا درويش انهيءَ ڪم جا سائنٽيڪا ڪارڪن ٿي ڪم ڪري رهيا آهن. پاڪستان جو قيام جناح صاحب ڪري وجود ۾ آيو، **جنهن کي صحيح مسلمان سمجهن به اسلام جي توهين آهي.** ان کان پوءِ جيڪي پاڪستان جا حڪمران ٿيا آهن، سي ان کان به بدتر هئا.

موجوده وقت ۾ مسلمان ملڪن جي عالمي ڪانفرنس يٰسين صاحب جي دور حڪومت

ڀ سڏائي ويئي آهي. اُنهيءَ موقعي تي، بقول چند اخبارن جي، لاهور ۾ جا زنا ۽ شرابخوري سر زد ٿي. ان مان پتو پئجي سگهندو تہ انهن طريقن سان ڪهڙيءَ طرح اسلامي تبليغ ۽ اشاعت ٿي سگهندي!

پاڪستان ۾ اسلام جا ڄاڻو بزرگ علامہ مشرقي، علامہ آءآءَ قاضي ۽ علامہ مودودي شمار ڪري سگهجن ٿا. انهن مان هن جي آواز کي هتي ڪنهن ٻـ نہ ٻڌو ۽ ٻيئي انتقال ڪري ويا آهن. ٽئي جو آواز نقار خاني ۾ طوطي جي آواز وانگر ٻڌڻ ۾ پيو اچي. ازانسواءِ، ان صاحب جو، سياست ۽ مذهب کي گڏي هلائڻ جي عقيدي ڪري، ملڪ تي گهڻو اثر ٿي نہ سگهيو آهي. اهڙيءَ حالت هيٺ هڙن تماشن ڪرڻ سان اسلام جي نشاطِ ثانيہ جي اُميد رکڻ اجائي آهي.

هن وقت دنيا جي ڪنهن ٻـ ملڪ ۾ اسلام جو هڪ مستقل طور قبول ٿيل تخيل موجود نہ آهي، جنهن هيٺ جملي مسلمان متفق ٿي، ڪو ڪم ڪري سگهن.

اهڙيءَ حالت هيٺ ٻڌي صاحب ۽ ان جي حوارين ذريعي اسلام جي فروغ جي اُميد رکڻ بي وقوفيءَ ۽ جهالت کان سواءِ ٻي ڇاهہ ڪانہ آهي .

مون کي ڊپ آهي تہ انهن سببن ڪري، اسلام جي نالي کي سياسي ڇالهين سان ملوث ڪري هلائڻ سان، اُن جو هتي اهو حشر ٿيندو، جهڙوڪ روس ۽ مسيحيت جو ٿيو آهي.

●

فصل چوٽون

اسلامي اصولن جي تبليغ ۽ فروغ

هي دليل ته مُسلم مُلڪن جي ڪانفرنس اسلامي اُصولن جي تبليغ يا فروغ لاءِ سڏائي ويئي هئي ۽ اُن جي ذريعي مُسلم مُلڪن کي منظم ڪري، فروغ اسلام جو ڪم سرانجام ٿيندو. ان سوال تي بحث ڪرڻ کان اڳ، اچو ته چٽائي ڏسون ته هن مسئلي ۾ اڳواڻي ڪندڙ ملڪ، پاڪستان اندر اسلامي اُصولن جي ڪهڙي تبليغ يا فروغ ٿيو آهي.

ان مسئلي بابت گفتگو ڪرڻ لاءِ هيٺين اسلامي مقاصد تي بحث ڪرڻ لازمي ٿيو جاڻان:

(۱) اسلام دنيا ۾ اتحاد جو پيغام آندو هو.
(۲) اسلام جي جُملي مذاهب پويان بنيادي وحدت جو راز سڻايو هو.
(۳) اسلام دنيا ۾ امن ۽ سلامتي پيدا ڪرڻ لاءِ وجود ۾ آندو ويو هو.
(۴) اسلامي ماڻهوءَ کي اخلاق حميده جي مُجسمي بنائڻ جي ترغيب ڏني ٿي.
(۵) اسلام حڪمت ۽ نصيحت ذريعي ماڻهن کي تعليم ۽ تربيت ڏيڻ جو حامي هو نه تشدد ذريعي.

هاڻ اچو ته ڏسون ته اسلام، جو مٿي ذڪر ڪيل مقصدن جي حصول لاءِ وجود ۾ آيو هو، اُن جو هتي پاڪستان ۾ ڪهڙو حشر بنايو ويو آهي!

(۱) اسلام جي محبت ۽ اتحاد جي مشن جو پاڪستان ۾ حشر

اسلام انسانذات کي محبت جو پيغام ڏنو، جنهن مان اتحاد پيدا ٿيڻو هو، جو دنيا جي امن جو ضامن بنجي ماڻهن جي ترقيءَ لاءِ راهه هموار ڪرڻ وارو هو. ليڪن بدقسمتيءَ سان رسول اڪرم صلعم جي وفاتيءَ بعد سندس پوئلڳن جي اڪثريت، ذاتي ۽ قبيلائي اقتدار حاصل ڪرڻ خاطر، مذهب کي سياست جو هٿيو ڪري هلايو. جنهنڪري رسول مقبول جي دور ۾ عربن ۾ پيدا ٿيل اتحاد ٽٽي، وري منجهن اڇيان قبيلائي اختلاف پيدا ٿي، نفرت ۽ نفاق جو باعث بنجي، خون خرابيءَ جو ڪارڻ بنيا.

رسول جا ٻي جانشين يا خليفا شهيد ٿي ويا. هزارين مسلمانن جو رت هاريو ويو. نبي آخر زمان جي ڏهٽي امام حسين عليه السلام کي مسلمانن شهيد ڪري ان جو سرنيزي تي ڦهمايو ۽ ڏڙ تي گهوڙا ڊوڙايا. اهلبيت جي بيبين جي بي عزتي ڪئي. امام عالي مقام جي سون ورهين تائين مزار ناهڻ نه ڏني وئي. ورهين جا ورهيه مسجدن جي منبرن تان اهلبيت رسول تي شب وستم (ملامت) ڪري. کين بدنام ڪيو ويو. مختلف ملڪن ۾ اسلام جي نالي ۾ فتوحات ڪري، اتي جي ماڻهن کي ڦريو ويو ۽ انهن جي مرد ۽ عورتن کي غلام بنائي، عربن ۾ وهاريو ويو . اهو سڀ ان امن ۽ سلامتيءَ جي مذهب نالي ۾ سرزد ٿيو. اهڙيءَ غلط، شرمناڪ ڪاروائي کي نه صرف جائز سمجهيو ويو. پر اهڙي ظلم ۽ ستم ذريعي ملڪن تي بنا سبب حملا ڪري، انهن جي آزادي کسي، عرب سامراج هيٺ آڻڻ جي اسلام جو عظيم ڪارنامو سمجهي، اڄا تائين ان جا يادگار ملهايا وڃن ٿا. اهڙيءَ طرح جي ڪم کي جهاد سمجهي، ان کي اسلام جو مڪيه رڪن چاڻايو ويو. مسلم عوام کي بي وقوف بنائڻ لاءِ ظاهر ڪيو ويو ته عرب سامراج لاءِ جنگ ڪندي، جو ماڻهو مرندو، اهو شهيد جي حيثيت ۾ سڌو بهشت ۾ داخل ٿيندو.

لا ڪراه في الدين: جو سبق وساري، ماڻهن تي زوريءَ پنهنجيءَ راءِ عقيدو مسلط ڪرڻ نه صرف صحيح سمجهيو ويو، پر ان کي اسلام جو بنيادي اصول چاڻايو ويو.

اهي سڀ ڪم مذهب ۽ سياست کي ڳڻ ڪري سرزد ٿيا. ڪجهه وقت لاءِ ابتدا ۾ اهي طريقا ڪن مخصوص قبيلن، طبقن ۽ خاندان لاءِ فائديمند ثابت ٿيا، پر نتيجو اهو نڪتو ، جو صحيح اسلام، جنهن کي محبت، امن ۽ ترقي انساني لاءِ ڪم ڪرڻو هو، سو وڃي چند گوشه نشين حضرات وٽ بچيو. پر اهي به اڪثري حاڪم ۽ ملا جي ڪفر ساز دست درازين کان سلامت رهي نه سگهيا. دنيا ترقي ڪري، وڃي چند تائين پهتي آهي. عقل ۽ انصاف جا آواز چؤطرف کان ٻڌجي رهيا آهن. پر مسلمانن جي ڪيترن گروهن ۾، لکير جي فقير وانگر ، مذهب ۽ سياست جي گڏي هلائڻ جو دستور اڄا تائين هلندو اچي .

اولياءِ ڪرام ۽ درويشن خاموشيءَ سان محبتي مامر وسيلي صحيح اسلام جي پکيڙ لاءِ گهٽي ڪوشش ڪئي، پر جنهن صورت ۾ حاڪم ۽ ملا مستقل مفاد حاصل ڪري ويا هٿ، ان ڪري ڪثرت تعداد ماڻهن تائين هنن جو آواز پهچي نه سگهيو.

پري ڇو وڃجي. جيڪڏهن چتائي ڏسندا ته هن وهين صديءَ ۾، جڏهن انسانن کي عقل ۽ محبت جي سمجهه اچڻ لڳي آهي، هتي پاڪستان ۾ مهاجر پنجابي مستقل مفاد جيتري قدر اسلام جي نالي ۾نفرت ، نفاق ،بداخلاقيءَ ،ظلم، تشدد ۽ استحصال ڪيو آهي، اهڙو مثال دنيا ۾ عام طرح ۽ مسلم ملڪن ۾ خاص طرح، ملي نه سگهندو. هيءَ ڪانفرنس جا مسلمان ملڪن جي نالي ۾ سڏائي وئي هئي، ان جي پويان به مذهب جو نالو شامل آهي، يعني مذهب کي سياسي مقصدن لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو. جي اسلامي اصولن جي تبليغ ۽ فروغ لاءِ اهڙي ڪانفرنس سڏايل هجي ها، ته مسلم ملڪن جي حاڪمن کي ان ۾ نه گهرايو وڃي ها، پر عالم، فاضل ،درويشن کي گهرائي اڇڪلهه جي نالي ۾ مسلمانن کي فڪر ۽ عمل جي وحدت طرف ڇڪڻ لاءِ ڪي تجويزون رڻي، ڪم ڪيو وڃي ها، پر ائين نه ڪيو ويو . هن ڪانفرنس سڏائڻ جو ڪم ذليل ترين

حڪمران طبقي جي هڪ ۾ هو، جنهن کي ٻڌايل دليلن جي ڪري صحيح مسلمان سڏڻ ۾ ٺيڪ نه هو.

هاڻ پڙهندڙ غور ڪري ڏسن ته جي ماڻهو تشدد جا حامي، نفرت جا پنڌار، استحصالي، ڏوڪيباز هجن، انهن جي هڪ ۾ اسلام جي محبت ۽ اتحاد جي مشن جي پوري ڪرڻ جو ڪم سپرد ڪجي. اُهو اهڙو ڪم آهي، جو بگهڙ تي رڍن جي رکوالي جو ڪم رکجي!

آءٌ مٿي ٻڌائي آيو آهيان ته اسلام جنهن مقصد سان انسانذات ۾ اتحاد ۽ امن پيدا ڪرڻ لاءِ آيو هو، اُهو مقصد مختلف سببن ڪري حاصل ٿي نه سگهيو. بلڪ ان جي نالي ۾، انهن هدايتن جي اُبتڙ ڪم سر انجام ٿيا.

اها حالت صرف مسلمانن سان ڪانه ٿي، پر دنيا جي ٻين عالمگير مذهبن ۾ اهي طريقا آزمائي ڏٺا، ۽ نيٺ تاريخ مان سبق حاصل ڪري، هُنن مذهب ۽ سياست کي علحده ڪري ڇڏيو .

پر هتي، يهودين وانگر، مهاجر پنجابي مستقل مفاد سندن مفاد خاطر اُهي ساڳيا تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي غلط ثابت ٿيل طريقا وري نئين سر آزمائڻ شروع ڪيا آهن، نه رڳو ايترو، پر هن دنيا جي ٻين مسلمان ملڪن کي به بيوقوف بنائڻ شروع ڪيو آهي.

حالت هيءَ آهي ته هتي جو حڪمران طبقو ڪشمير جي مسلمانن کي آزاد ڪرائڻ ۽ فلسطين جي مسلمانن جي مدد ڪرڻ لاءِ آواز اٺاري رهيو آهي ، پر اُهو به ڏوڪو معلوم ٿئي ٿو. هنن کي ڪشمير جي مسلمانن جي آزاد ڪرائڻ جو سودا ته سمايل آهي. پر انهيءَ ڏوڪيباز طبقي کان ڪو پڇي ته اوهان سنڌين، بلوچن ۽ پختونن کي، جي به مسلمان آهن، چو پنهنجي سامراج هيٺ غلام رکي انهن جو استحصال ڪري رهيا آهيو؟ چو انهن جي زبان،ڪلچر، سياسي ۽ اقتصادي مفاد کي نقصان پهچائي مٿن حڪومت ڪري رهيا آهيو؟ چو انهن جي زبان، ڪلچر، سياسي ۽ اقتصادي مفادن کي نقصان پهچائي مٿن حڪومت ڪري رهيا آهيو!

هو فلسطين جي مسلمانن سان همدردي ڪرڻ جي ڳالهه ڪن ٿا، پر حالتن جي اندازي مان آءٌ ان کي به ڏوڪو ڄاڻان ٿو. ڇتائي ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته اسرائيل کي طاقت ئي ڪانه هئي، جو عربن جي ملڪن تي قبضو ڪري، سواءِ امريڪي مدد جي.

اسرائيل جهڙو ننڍو ملڪ هيترن سارن عربن تي حملاڪري انهن جاملڪ قبضائي نه سگهي ها، جيڪڏهن آمريڪا هن کي هٿيارن ۽ ٻئي جنگي سامان جي مدد نه ڪري ها. پاڪستان جو حڪمران طبقو خود آمريڪي سلطنت جو نمڪ خوار غلام آهي، جو ان سان جنگي عهد نامن ۾ ڳانڍو پيو آهي. ٿوري گهڻي مدد، جا عربن کي ملي ٿي، سا روس کان حاصل ٿئي ٿي. پاڪستان روس خلاف جنگي معاهدن ۾ آمريڪا سان ٻڌو پيو آهي . انهن کان ٻاهرئين خطري جي بهاني هٿيار ونبي، انهن هٿيارن کي سنڌي، بلوچي، پختون قومن جي جذبي آزادي کي دٻائڻ لاءِاستعمال ڪري،هو انهن تي پنهنجو سامراج قائم رکيو ويٺا آهن. پاڪستان آمريڪا جي ايجنٽ(دلال) طور ڪم ڪري ٿو. ايران اسرائيل کي تيل مُهيا ڪري ٿو، ترڪيءَ جا ته اسرائيل سان سفارتي تعلقات قائم آهن. اهڙيءَ حالت ۾ انهن ملڪن مان عربن کي فائدو رسي سگهندو؟

ٻين کي هدايت ڪرڻ وارن، پاڻ کي پوتي پاڪ سمجهي، اهاڪانفرنس سڏائي هئي. ويچارا عرب مظلوم آهن. هنن کي ڪٽان ٻه همدرديءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو، ته ان تي لبيڪ چون ٿا. بهتر آهي ته هنن کي ٻڌايو وڃي ته هن طريقي ڪار ۾ سراسر ڏوڪو آهي. اهڙي روش اختيار ڪرڻ ڪري، هو روس ،پارت ۽ ٻين غير مسلم ملڪن جي ترقي پسند ماڻهن جي همدرديءَ وڃائي ويهندا . ڪين ٻڌايو وڃي ته هي انهيءَ طريقي سان اوهان کان قرض کڻي ، پنهنجا پيٽ پرڻ گهرن ٿا. هنن جا ڪارناما معلوم ڪرڻا اٿو ته ڪشميرين ۽ بينگالين کان وڃي پڇو. هنن اسلام جي علمبردارن ڪشمير ۾ وڃي جا ڦرلٽ ڪري تباهي مچائي هئي انهن جا نشان ويهن سالن جي عرصي کان ٻه مٿي وقت جي باوجود اڃا موجود د آهن . انهن بنگال ۾ ٽيهه لک ماڻهو قتل ڪيا. هڪ ڪروڙ ماڻهن کي ملڪ ڇڏڻ تي مجبور ڪيو- ٻن لک عورتن جي عصمت دري ڪئي . تن کي عرب ملڪ سچو سمجهي، سندن مدد تي اعتبار ڪن سا سندن سراسر غيرتجربيڪاري۽ سادگي جُٻي .

اُهي عرب سڳورا اسان کان پُڇي ڏسن ، جي مهاجر پنجابي حڪمران جي طبقي جي ظلم ۽ ستم جا ستايل آهيون، ته معلوم ٿي ويندن ته هي ڪيڏا نه بدتر ماڻهو هٿا. جيتري قدر يهودين عربن کي ستايو آهي ،ان کان ڪيئي مرتبا وڌيڪ هنن اسان کي ستايو آهي. هنن کي اسين صحيح مسلمان ٿي ڪونه ٿا ڄڻون. تنهنڪري اسلام جي نالي ۾ هي جيڪا اتحاد جي ڳالهڪن ٿا، ان تي پروسو نه ڪرڻ گهرجي. هيءَ حڪمران طبقو سندن آقا آمريڪي حڪومت جي اشاري تي غير جانبدار ملڪن ۽ عربن جي اتحاد ٽوڙڻ لاءِ هيءَ نالڪ رچائي ٿو.هنن پاڪستان جي نندين قومن لاءِ جا تباهي آندي آهي، سا عالم آشڪار آهي. جو اهڙا طريقا استعمال ڪري رهيا آهن .

هاڻ اچو ته ان مسئلي تي غور ڪري ڏسون تہ محبت ۽ اتحاد ماڻهن ۾ ڪهڙيءَ طرح پيدا ڪري سگهبو آهي. غور سان ڏسندا تہ ماڻهن ۾ اختلاف جو باعث هيٺيون ڳالهيون ٿين ٿيون .

(۱) مذهبي مستقل مفاد فرقہ وارانہ اختلاف پيدا ڪري، پنهنجو تسلط قائم رکندا آهن.
(۲) سامراجي طاقتون سندن اقتدار قائم رکڻ لاءِ ويڑهائي راڄ ڪندیون آهن .
(۳) طبقاتي مفاد جا اختلاف.
(۴) اختلافي مسئلن کي تشدد جي ذريعي حاصل ڪرائڻ.
(۵) بقائي اصلح جي اصول ۾ اعتماد رکي استحصال ڪرڻ.

هيٺ آئون پنجن ئي مسئلن تي روشني وجهندس :-

(۱) مذهبي اختلاف :

مذهبن جا بنيادي متا ماڻهن ۾اتحاد پيدا ڪرڻ جا هٿا. خدا جي وجود ۾ اعتماد، انسانذات جي روشن مستقبل ۾ ويساهہ رکڻ ،۽ اخلاق حميده انهن جا

مڪمل جڙا هئا. اختلاف تڏهن پيدا ٿي ٿيا، جڏهن ماڻهن انهن متن کي وساري ٿي ڇڏيو. حضرت محمد صلعم اسلام جو پيغام دنيا ۾ انهن متن جي اظهار لاءِ آندو. هُن جو چوڻ هو ته جملي پيغامبر خدا طرفان موڪليل هئا. هر ملڪ،قوم ۽ زماني ۾ انساني اتحاد، امن ۽ ترقي جي سمجهاڻ لاءِپيغامبر موڪليا ويا هئا.مذهب گهٽاڪوڻ هئا. سيني مذهبن جي پويان بنيادي وحدت سمايل هئي. اتحاد ۽ امن صرف بقائي باهميءَ جي ذريعي حاصل ٿي سگهڻ وارو هو. پر افسوس جو سگهوئي مسلمانن اسلام جي تشريح ساري ، ان کي علحده مذهب بنائي، حاڪم ۽ مُلا جي مستقل مفاد جو آلہ ڪار ڪري ، ڪتب آندو. ولين ۽ درويشن اسلام جي غلط تشريح ردڪرڻ لاءِ ماڻهن کي گهٽو سمجهايو،پر حاڪم ،ان جو ايجنٽ اُنهن جي راهہ ۾رڪاوٽ بنيو رهيو ، تيرهن سو ورهيہ گذري چڪا آهن، تہ اسلام جو اصلي مقصد "ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت" جو پيغام مٽي ڏکر ڪيل مستقل مفاد جي مداخلت ڪري، حاصل ٿي نہ سگهيو آهي .هاڻ وري جڏهن جناح ۽ پٽي جي ذريعي انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ جو آواز اٺاريو وڃي ٿو تہ شڪ ٿين ٿاڻہ ٻيا سڀ مري ويا هاڻ هي خوجا فقير بنجي، جو ڪم تيرهن سو ورهين ۾ ڪامياب ٿي نہ سگهيو آهي ان کي سرانجام ڪندا!

(۲)سامراجي طاقتون:

ٻيو اختلاف جوڪارڻ سامراجي طاقتون ٿين ٿيون، جن جومدار ويڙهاڪي راڄ ڪرڻ تي ٽڪيو ٿو.

مسلمانن ۾ ڪيڪي سامراج برپاڪيا جيڪن تہ بني اُميہ سامراج، بني عباس سامراج، ترڪ سامراج، مغل سامراج وغيره.

اهي سامراج ماڻهن ۾نفاق ۽ اختلاف جو مُکيہ ڪارڻ ٿين ٿا . هن وقت پاڪستان تي مهاجر پنجابي مستقبل مفاد جي سامراج جوتسلط آهي. اُهو اختلاف جو وجهہ آهي، چاڪاڻ تہ ان ۾ مٽي ڏکرڪيل مفاد سنڌي، بلوچي ۽ پختون مُلڪن جي رهواسين ۽ غريب ماڻهن جو استحصال ڪري رهي آهي . هاڻ جڏهن اُنهيءَ گروه طرفان اسلامي ملڪن جي اتحاد جي ڀالهہ ڏن ۾ اچي ٿي تہ تعجب وٺيو وڃي تہ اُهي ماڻهو جڏهن پاڪستان جي مسلمانن ۾ اتحاد پيدا ڪرائي نہ سگهيا آهن، سي ڪهڙيءَ طرح دنيا جي مسلمانن جو اتحاد پيدا ڪرائي سگهندا! پاڪستان جي حُڪمران طبقي جو وجودئي اختلاف جي بنياد تي بيٺل آهي . ان ڪري اُنهيءَ مان اتحاد جي اميد رکڻ اُجائي آهي.

(۳) طبقاتي اختلاف:

ٽيو اختلاف جو ڪارڻ ماڻهن ۾ اقتصادي طبقا ٿين ٿا، جن مان ڪي غريب، مظلوم جاهل ٿين ٿا ۽ ٻيا حاڪم، ملڪيت وارا، پڙهيل ۽ طاقتور

ٿين ٿا. هتي پاڪستان ۾مهاجر مستقل مفادبنجي عوام جو استحصال ڪري رهيو آهي -جهڙوڪ-

(۱) ٽيڪسن جو ۹۰ سيڪڙو سنڌ مان وصول ٿئي ٿو ليڪن اُن جو گهٽو حصو غير سنڌين تي خرچ ٿيڻ ڪري سنڌي مسڪين ۽ بي روزگار رهندا اچن ٿا.

(۲)سنڌ جي زرعي زمين ميرن جي دورِ حڪومت ۾ جملي مسلمان آبادگارن جي هٿ ۾ هئي .انگريزي حڪومت جي اچڻ بعد انهن جي مدد سان هندو ۳۰سيڪڙو زمين پنهنجي قبضي ۾ مختلف طريقن سان ڪري ويا، جي غير آبادگار طبقي جا هئا. پاڪستان جي قيام بعد توقع هئي ته هندن جي لڏي وڃڻ ڪري اُها زمين مونٽائي سنڌي آبادگارن کي ڏني ويندي. پر پاڪستان تي مهاجر پنجابي سامراج قائم ٿيڻ ڪري، اها زمين مهاجرن کي ڏني ويئي- ڇي "هندن جا واٽ اُهي هئا!"درحقيقت اها زمين سنڌي آبادگارن کان هندو وياج خورن استحصال ڪري هٿ ڪئي هئي. انهن جي وڃي کان پوءِ ان زمين جا حقدار ۽ وارث مڪاني آبادگار ٿي سگهيا ٿي، هي چوڻ لڳا ته اسلام سنڌ ي ۽ غير سنڌيءَ جو فرق مٽائي ڇڏيو هو ، تنهنڪري اُها زمين سندن حوالي ٿيڻ گهرجي . سندن اهڙي اسلامي برادري ڪيرقبوليندو ، جنهن جي نالي ۾ هو مقامي ماڻهن کي زمين ، نوڪرين، ڪارخانن، واپار وغيره کان بيدخل ڪريو، مٿن قابض ٿيو ويٺا آهن. مڪاني ماڻهو غريب ۽ بي روزگار بنجي پيا آهن!

هاڻ اهڙن ماڻهن ملن گهڙيءَ طرح اتحاد جي اُميد رکي سگهجي ٿي !

(۴) تشدد جي پاليسي:

اسلام جو بنيادي متو امن ۽ اهنسا آهي. ان ڪري ان کي دين اسلام يعني سلامتيءَ وارو دين سڏيو وڃي ٿو.ليڪن هن مهاجر پنجابي مستقل مفاد سندن سياست جي ساري پاليسي تشدد ۽ ڏاڍائيءَ تي رکي آهي. ان جي جواز لاءِ هنن ۱۳سو ورهيه اڳي عرب بني اميه سامراج جي واداري لاءِ ان جي سهه سالار محمدبن قاسم جي سند جي فتح کي جائزقرار ڏيئي ،ان جي فتح کي جشن طور ملهائڻ شروع ڪيوآهي . ان جي بلوچ، سنڌي ۽ پختون قومن مٿان هو پنهنجي سامراج لاءِ جواز پيدا ڪرڻ ٿا.

هيءَ ڳالهه تسليم شده آهي تهنسا فساد ۽ بدامنيءَ جو باعث بنجي ٿي . هي جي پاڪستان جي فساد ۽ بدامنيءَ جا باعث آهن ، تن جي مٿان اسان گهڙي طرح دنيا جي مسلمانن ۾ اتحاد آڻڻ جي توقع رکي سگهون ٿا!

هي چند پيسن ۽ هٿيارن خاطر آمريڪا سان جنگي عهدنامن ۾ شريڪ ٿيڻ ۾ عيب نٿا سمجهن،چاڪاڻ ته ان ڪري مڪاني قومن تي سندن سامراج قائم رهي سگهندو . ائين هي خود سامراجي ٿي ڪري، گهڙيءَ طرح مسلمان ملڪن۾ اتحاد آڻي سگهندا جي گهٽو ڪري سڀ هونئن بہ آمريڪي سامراج جاگهٽو ستايل آهن.

(۵) بقائي اصلح

مائهن ۾ پنجون اختلاف جوڪارڻ بقائي اصلح جو نظريوآهي، جنهن جي معنيٰ اهانکري ٿي ته "جو ڏاڍو-سو گابو"

اسلام وجود ۾ ان لاءِ آيوهوته ڏاڍين کان هيٺن کي بچائي، مظلوم کي ظالم کان آزاد ڪري،حق کي ناحق تي فتح ڏياري. ليکن هي مائهو،جي بقائي اصلح جي فلسفي ۾يقين رکن ٿا . اسلام جي انهيءَ بنيادي اصول کان خالي آهن . هي سندن خود ساخته اسلام جي تشريح اُها ٿا ڪن ته جيئن پاڪستان ۾ شامل ٿيل جي ڏوهه ۾ سنڌي، بلوچي، پختون، هي هزارين ورهين کان جدا قومن ۽ ملڪن جا مالڪ هٿا، جن کي پنهنجون قديم زبانون،ڪلچر، سياسي ۽اقتصادي مفاد هٿا، تن تي هي مسلط ٿي،کين پنهنجي سامراج هيٺ رکن۽ کين مجبور ڪن ته سندن استحصال خلاف ڪجهبـ نه ڳالهائي سگهن، ۽ جي ڳالهائين تـڪين وطن دشمن قرار ڏيئي، سزائون ڏنيون وڃن.

خدا سندن اهڙي نظريي کي زبون ڪري، پوءِڪٽي انکي،اسلام جو غلاف ڏيئي، ٿوم مان زعفران چو نه بنايو هجين.

(۲)اسلام جملي مذاهب پويان بنيادي وحدت جو پيغام ڏنو

پيغمبرخدا فرمايو ته،

(۱) هن ڪو نئون مذهب دنيا ۾ڪونه آندو هو، بلڪ اهو پيغام ٿي ڏسيائين، جو عيسيٰ، موسيٰ وغيرهه پيغمبرن ڏنو هو.

(۲)هر ملڪ، قوم ۽ زماني۾ خدا طرفان پيغمبر موڪليا ويا هٿا، جن ساڳئي دين فطرت (اسلام) جو پرچار ڪيوهو- تنهنڪري مختلف پيغمبرن کي مڃڻ ڪهڙجي، ۽ انهن جي تعليم ۾ فرق نه ڪجي .

(۳) اسلام قانون فطرت جو ٻيو نالوهو،جنهنجو مقصد انسانذات ۾اتحاد پيدا ڪري،امن ۽سلامتي قائم ڪرڻ بعد، هنن جي مادي ۽ روحاني ڪمال لاءِ ڪوشش ڪرڻ هو.

(۴) پيغمبر حضرت محمد صلعم رحمت العالمين هٿا نه رسول المسلمين. تنهن ڪري جيڪي مائهو کيس هڪ گروهه جورهبر سڏين ٿا ، تن سندن پيغام جو مقصد ۽ مُرادپوريءَ طرح نه سمجهي هٿي .

(۵)مذهب(اسلام) اتحاد ۽ اخلاق جو پيغام ڏنوٿي، نه نفاق ۽ بد اخلاقيءَ جو.

هاڻ اچو ته اُنهن اُصولن جي بنياد تي غور ڪري ڏسون تـهيءَ سڏايل ڪانفرنس ڪهڙيءَ طرح انهن مقاصد جي حصول لاءِ ڪارآمد ٿي سگهي ٿي .

اُهي پنج ٿي مقصد وعظ، نصيحت ۽ صاحب اخلاق مائهن جي صحبت ذريعي حاصل ٿي سگهن ٿا، نه انهن جي ذريعي جن ڪانفرنس ۾ آيل مهمانن جي خوش ڪرڻ ۽ پنهنجي بدڪردارين کي لڪائڻ لاءِ سوين ڪوڪا شراب جا ۽ سوين خوبصورت عورتن تفريح لاءِ مُيسر ڪري ان ذريعي اسلامي اتحاد قائم ڪيو ٿي - پاڪستان جي حڪمران

طبقي بابت اڳي ٻڌائي آيو آهيان ته ڪين دصحيح اسلام جو پتو آهي نه سندن اخلاق درست آهن ،مٽي آهو بہ ٻڌائي آيوآهيان ته هنن جي ڪانفرنس ڪهڑائڻ مان مقصد ڪهڙو هو. جيتوڻيڪ ظاهر ائين ڪيو هٿائون ته عربن کي يهودين جي چنبي مان ڇڏائڻ واسطي عام راءِ پيدا ڪرڻ لاءِ مسلمان ملڪن طرفان يڪو آواز بلند ڪرايو ويندو. پر اصل مقصد سندن پاڪستان اندر نندين قومن تي ڪيل ظلمن ۽ خرابين کي لڪائڻ جو هو. سنڌ جي عوامي شاعر منشي محمد ابراهيم ڪين يهودي سڏيو آهي:

"هٿي يهودي پڌرا ، هٿي منهن ۾ مسلمين،
ٻنهي سندو دين هڪڙو آهي هو ٻهو."

بهتر ٿيندو ته يهودين ۽ هنن جي وچ ۾ پيڙ ڪري پڙهندڙن تي ڇڏيون ته فيصلوڪن ته مهاجر پنجابي مستقل مفاد بهتر هٿا يا يهودي:

(۱)يهودين عربن کان مغربي ملڪن جي آدار تي ملڪ هٽ ڪري ان تي حڪومت ڪرڻ شروع ڪئي.

(۲) يهودين عربن کي ملڪ بدر ڪري ، انهن جي ملڪيت تي قبضو ڪيو.

(۳) يهودين عربن سان جنگيون ڪري، وڌيڪ ملڪ انهن کان کسيا آهن.

(۴) يهودي آمريڪي سامراج جو عربن، ايشيا ۽ آفريڪا جي وچ ۾ اڏي جو ڪم ڏيئي، روس جي پٺتي پيل ملڪن جي ترقيءَ لاءِ ڪوشش جي راهه ۾ رڪاوٽ وڌي آهي.

(۵) يهودي قوم جو بنياد مذهب جي نالي ۾ رکن ٿا.

هاڻ اچو ته ڏسون ته هنن مهاجر پنجابي سامراجين سنڌين، بلوچن ۽ پختونن سان ڪهڙا ويل وهايا آهن:

(۱) جيڪڏهن فلسطين ۾ يهودين عربن جي ملڪ تي قبضو ڪيو، ته ان جو بنياد يهوديت لاءِ مرڪز قائم ڪرڻ هو. هنن جي قوميت جو بنياد مذهب تي هو. هتي مهاجر پنجابي سامراجين بہ ساڳيءَ طرح مذهب جي نالي ۾ اچي سنڌين، بلوچن ۽ پختونن تي تسلط قائم ڪيو آهي. ليڪن تفاوت هيءَ آهي، ته يهودين غير مذهب وارن سان ظلم ڪيو آهي. هتي هنن يهودي نما مسلمانن ساڳئي مذهب جي ڏوڪي هيٺ غضب ڪيو آهي.

(۲) هٽي يهودين عرب ملڪن تي قبضو ڪري انهن جي حڪومت، زرعي زمين، واپار، نوڪرين ۽ ڪارخانن وغيره کي پنهنجي قبضي ۾ آندو آهي، ته هتي مهاجر پنجابي سامراج سنڌين، پختونن ۽ بلوچن جي ملڪن تي پنهنجو سامراج قائم ڪري، انهن جي زرعي زمين، واپار، بئنڪن، نوڪرين، ڪارخانن وغيره تي پنهنجو قبضو جمائي، مڪاني غلام بنائي ڇڏيو آهي. نہ رڳو ايترو پر انهن جي هزارن ورهين جي قومي وجودن کان انڪار ڪري،هنن پنهنجي خود ساخته قوم جي نالي ۾ ڪين ريڊانڊين بنائڻ جو رستو اختيار ڪيو آهي.

ان ظلم جي خلاف جيڪڏهن ڪنهن آوازاٺاريو ٽي، ته ان کي اسلام جي خلاف، ملڪ

دشمن، انتشار پسند، علائقائي ڏهنيت رکندڙ، ڌارين جاايجنٽ سڏي، بدنام هڪ طرف ڪيو ٿي ويو، ته ٻئي طرف سزائون ڏنيون ويون ٿي.

(۳) هنن بنگالين سان جيڪي ظلم ڪيا، ان جو احوال اڃي ڏنل آهي.

سنڌ جي جدا وجود کي ختم ڪري، پهرين ان کي ون يونٽ ۾ آڻي، ان جو استحصال ڪيائون. پر جڏهن ڏنائون ته اهو طريقو ڪارگر نه ٿيو، ته سنڌ مان هڪ شوءِ پيدا ڪري، ان جي ڏريعي سنڌين کي بيوقوف، بنائي، پاڪستان جي سالميت جي نالي ۾، هڪ نئي يونٽ بنائي ان جو استحصال ڪري رهيا آهن. اڃي ان جو نالو ون يونٽ هو، هاڻ پاڪستان آهي. تفاوت تر جيترو بہ نہ آهي. ويتر وڌيڪ استحصال ۽ ظلم قائم ڪيو ا ٿن. قومي زبان ملڪ کان ٻاهر جي اردو زبان مڙهي ا ٿن. يوپي جي ڪلچر کي اسلامي لباس پهرائي، مڪاني ڪلچرن کي ختم ڪرڻ جو طريقو اختيار ڪيو ا ٿن . سنڌين کي غلط مذهبي تشريح، لالچ ۽ خوف وسيلي ڪمزور ڪرڻ لاءِ آمريڪا جي فوجي عهدنامن ۾ شريڪ ٿي، پيسا ۽ هٿيار هٿ ڪري، پنهنجي سامراج کي مضبوط ڪري، اسان جي غلاميءَ جي ڪوٺن تي ڪڙا ۽ تلف چاڙهيندا پيا وڃن . عوام کي هندوستان ۽ افغانستان جي دشمنيءَ جو خطرو ڏيکاري، انهن جو توجهه حقيقي مسئلن کان هٽائين ٿا.

(۴) جيڪڏهن يهودي روس خلاف آمريڪا جي اڏي جو ڪ ڏيئي رهيا آهن ۽ ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن تي آمريڪي سامراج جي استحصال لاءِ ميدان صاف ڪرائڻ گهرن ٿا،ته هي پاڪستان جا حڪمران پارت ۽ روس خلاف آمريڪي اڏي جو ڪ ڏيئي، پنهنجي سامراج کي آمريڪي سامراج جي ايجنٽ طور هلائڻ جو ڪ ڏيئي رهيا آهن. يهودين جا چند ڪارنامه هي آهن:

(الف) اسرائيل جي ملڪ ۾ سوئر ڌارڻ يا ان جي گوشت جي اجازت نه آهي. هتي انهن جي ڌارڻ ۽ گوشت جي وڪري تي بندش نه آهي.

(ب) يهودي عورتن کي غير يهودين سان شادي ڪرڻ جي منع آهي. هتي جا نام نهاد مسلمان غير ملڪي يا غير مسلم باشندن کي سڳ ڏيئي ، مائٽي ڳڻيڻ کي فخر ٿا سمجهن.

(ت) اسرائيل وارا يهودي دنيا جي يهودين جي مدد ۽ اتحاد سان فلسطين کي صيهونيت جو ڀڙهه بنائي رهيا آهن. هي مهاجر پنجابي سامراجي، سنڌين، بلوچن ۽ پختونن کي غلام رکي، پنهنجي ڪفر نما اسلام ۾ ڪين بدلائڻ لاءِ هر طرح جا حيلا هلائي رهيا آهن.

(۳) اسلام دنيا ۾ امن جو پيغام آندو

اسلام لفظ جي معنيٰ ئي سلامتي ۽ امن آهي، ۽ اسان جو رسول مقبول اهو ئي پيغام ڏيڻ لاءِ دنيا ۾ آيو، جيتوڻيڪ اهو پيغام دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ درويشن، صوفين ۽ اولياڻي ڪرام طرفان پهچايو ويو ، پر مذهب ۽ سياست کي گڏڻ ڪري، اسلام کي محبت ڏريعي پکيڙڻ جي عيوض تشدد (جهاد) ڏريعي پکيڙڻ جي نالي ۾،

جي خون خرابيون، فساد، قتل غارت ٿيا آهن، ان جي تاريخ شاهد آهي. اڄ ڏڻي گهٽ اسلام جي اُنهي پيغام کي ۱۴ سو ورهيه گذري چڪا آهن. اچو ته نظر ڪري ڏسون ته دنيا ۾ امن امان قائم ٿيو آهي يا نه ؟

ظاهر آهي ته دنيا ۾ بدامني روز افزون آهي. ان جو ڪارڻ ڳولي لهندا ، ته معلوم ٿيندو ۽ اهو ڏسڻ ۾ ايندو ته اسلام جي صحيح تشريح ماڻهن اڳيان ظاهر ٿي نه سگهي آهي، ۽ مذهب جي واڳ سامراجي حاڪمن ۽ سندن ايجنٽ ملن جي هٿن ۾ هئي، جي پاڻ فساد ۽ بدامنيءَ جو باعث بنيل هئا.

آهستي ٿي ۾ين هندان مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻ جو دستور ختم ٿيندو وڃي. ليڪن پاڪستان ۾ مهاجر پنجابي سامراجي گروهه ان فرسوده نظريي کي ورهي هتي سندن نفعي خاطر استعمال ڪري رهيا آهن. انهيءَ ڏس ۾ هنن هتي پاڪستان ۾ بنگالين، سندين،بلوچن ۽ پختونن سان سلوڪ روا رکيو آهي، ان جو مختصر احوال ناظرين جي حافظي تازي ڪرڻ لاءِ باوجود اڳي بيان ڪرڻ جي، ڏهرائڻ ڪان ٿو رهان.

(۱) بنگالي پاڪستان اندر اڪثريت ۾ هئا. ليڪن انهن کي طرح طرح جون تڪليفون ڏنائون، جن سمورين جو ذڪر طويل ٿي ويندو. هن وقت ان تي ڪيترا ڪتاب لکجي ويا آهن . مختصر هي ته خواجه ناظم الدين کي باوجود اڪثريت سائس هڻڻ جي، بدسمس ڪيائون، سهروردي کي وزارت مان ڪڍيائون، آخر ۾ شيخ مجيب الرحمن کي آئين ساز اسيمبليءَ ۽ نيشنل اسيمبليءَ ۾ اڪثريت هڻڻ جي باوجود، قيد ڪري، سندس پارٽيءَ کي غير قانوني ٺهرائي، بنگال ۾ قتل عام ڪرائي، مجبور ڪيائون ته هو بغاوت ڪري، آزادي حاصل ڪن. هنن جي پروپينگڊا اهڙي سخت هئي، جو دنيا جا اڪثر مسلمان ملڪ هنن ظالمن جا طرفدار بنجي ويا هئا، ۽ هنن جي ڪارواين کي صحيح سمجهڻ لڳا هئا !

نيٺ حق جي ڪاميابي ٿي، ۽ بنگالي علحده ٿي ويا.

(۲) بلوچن ۽ پٺاڻن سان ظلمن جو داستان ڏگهو آهي. هن وقت بہ هنن جون وزارتون بدسمس ٽيل آهن . سندن پارٽي غير قانوني ٺهرائي ويئي آهي ۽سندن ليڈر جيل ۾ آهن . ڪن کي مارايو ويو آهي.

(۳) سندين جي ظلمن جو داستان پڻ طويل آهي، پر مختصر طرح اُن جو احوال هيٺ ڏجي ٿو.

(الف) هنن جي هزارن سالن جي جُداگانه قوميت کان انڪار ڪري، ڪين هڪ خود ساخته قوميت جي نالي ۾ اقليت بنائي، محڪوم رکيو ويو آهي.

(ب) سندّ جي تمرنهن لک تعليم يافته، ڊاڪٽرن، پروفيسرن، واپارين، بئنڪ ڪارن وغيره کي فساد ڪرائي، قتل ڪرائي، ڪڍي، پارٽ لڏي وڃڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو.

(ت) سندّ جي زرعي زمين، واپار، نوڪرين، ڪارخانن ۽ ڪائين تي قبضو ڪري، سندين جو استحصال ڪري رهيا آهن.

(ٿ) سندّ مان پيدا ٿيندڙ ۴۰۰(چارسئو) ڪروڙ روپين ٽيڪسن کي مرڪزي سرڪار جي هٿ ۾ رکي، سندّ کان ٻاهر ڪيو وڃي ٿو .

(ج) سنڌ کي ڪالونائيز ڪرڻ واسطي لکين ماڻهو هر سال ٻاهران گهرائي، آهستي ڪري، سنڌ جي قديم باشندن کي اقليت ۾ بنائڻ جي سازش ڪري رهيا آهن .
(ح) سنڌ ۾ ٻاهران ماڻهو گهرائي، انهن کي روزگار ڏيئي، سنڌين کي روزگار کان محروم رکي، هڪ سو ڪروڙ رپيا سال بسال ملڪ کان ٻاهر موڪلي ، سنڌ کي غريب رکيو وڃي ٿو.
(خ) هتي جي زبان ۽ ڪلچر کي منظم سازش ذريعي ختم ڪري، مٿن ٻاهرين اردو زبان ۽ پوپي ڪلچر مسلط ڪرڻ جي ڪوشش هلي رهي آهي.
(د) سنڌ جي خود مطلب ۽ غدار ماڻهن کي لالچ ڏيئي يا ڊيڄاري، مهاجر پنجابي سامراج جي غلام ٿي رهڻ لاءِ پروپينگدا ذريعي عوام جا ذهن مسخ ڪيا وڃن ٿا.
(ر) ريڊيئي، ٽيليويزن، اخبارن، يونيورسٽين ذريعي سرڪاري طرح پروپينگدا ڪري، سندن خود ساخته نظريي پاڪستان جو پرچار ڪيو وڃي ٿو.

بلوچن سان ٿيل ظلمن جو اختصار هيٺيون آهي:

(۱) هنن جي جدا قومي وجود کان نه صرف انڪار ڪيو وڃي ٿو، پر جدا قوم سڏائڻ کي ڏوهه ٺهرايو ويو آهي.
(۲) هنن جي چونڊيل، اڪثريت واريءَ وزارت کي ٻسمس ڪري، ٻي مٿرادو وزارت مٿان زوريءَ مڙهي ويئي آهي.
(۳) هنن جي ليڈرن کي قتل ڪرايو ويو آهي.
(۴) هنن جي ليڈرن ۽ وزيرن کي بناڪيس هلائڻ جي جيلن ۾ موڪليو ويو آهي .
(۵) هنن جي ڇونڊن مٿان بمباري ڪري، انهن جي بستين کي تباهه ڪري، ڪين ملڪ بدر ٿيڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو آهي.
(۶) هنن مان گهڻن جو گدر چوپائي مال تي آهي، سو هنن کي تنگ ڪرڻ لاءِ سندن مال کي ماريو ويو آهي، يا ضبط ڪري، نيلام ڪري، ڪين گدر معاش کان محروم ڪيو ويوآهي .
(۷) ساري ملڪ ۾ ٽي ڊويزنون فوج رکي، مٿن زوريءَ حڪومت ڪئي وئي وڃي ٿي.
(۸) بلوچستان ۾ ٻاهران ماڻهو گهرائي، طرح طرح جي بهانن سان ڪين ڪالونائيز ڪرايو وڃي ٿو .
(۹) هنن جي ملڪ ۾ آمريڪا کي اڈا ڏيئي، ان جي عيوض هٿيار ونڊي، بلوچن جي خلاف ڪتب آندا وڃن ٿا.
(۱۰) هنن جي ڪاٽين کي ڌارين جي حوالي ڪري، اُتي ٻاهران ماڻهو آڻي، ڪين روزگار ڏيئي، مڪاني ماڻهن کي روزگار کان محروم ڪيو وڃي ٿو.
(۱۱) بلوچستان جي بلوچي ۽ پختون زبانن کي ريٽي، ان جي جاءِ تي ٻاهرينءَ اردو زبان کي مسلط ڪيو وڃي ٿو .
(۱۲) ريڊيئي ۽ ٽيليويزن ، ذريعي هنن جي عوام جي مذهب لاءِ محبت جو ناجائز فائدو ونڊي، ڪين غلط اسلامي تشريح ذريعي فسطائي نظريي

سياست ۽ مسلم قوم جي نالي ۾ سندن دماغ مسخ ڪيا ويڻ ٿا.

پختونن تي هُنن هيئيان ظلم رَوا رکيا آهن:

(۱) هنن جي هزارن سالن جي جُداگانه قوم کان انکار ڪري کين خود ساخته نظريي پاڪستان هيٺ محڪوم ۽ مظلوم رکيو وڃي ٿو.
(۲) سندن زبان کي ختم ڪري، مٿن زوريءَ اردو زبان کي مسلط ڪيو ويو آهي. پختونن کي مهاجر پنجابي ڪلچر ۾ مدغم ڪرڻ لاءِ مُهم هلي رهي آهي . خان عبدالقيوم خان جهڙي بي غيرت ويڪو گهوڙي جهڙن ماڻهن هٿان هنن کي پاڻ ۾ ويڙهائي رهيا آهن .
(۳) نظريي پاڪستان جي نالي هيٺ کين پاڪستاني حڪومت ۾ اقليت جو درجو ڏنو ويو آهي.
(۴) پهرين هنن کي ون يونٽ ۾ داخل ڪري محروم رکيو ويو. هاڻ مضبوط مرڪز جي نالي ۾ سندن حقن سان هٿ چراند ڪئي وڃي ٿي.
(۵) هنن جي خانن ۽ مَلڪن کي رشوتون ڏيئي، بي ضمير بنائيءَ ، قومي آزاديءَ جي تحريڪ کان باهر رکڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي .
(۷) هنن کي پنجابي عملدارن جي ماتحت رکي، مٿن حڪومت ڪئي وڃي ٿي.
(۸) هنن جي وزارت کي مجبور ڪري، ڪيڏي، اُن جي جاءِ تي پنهنجي هٿ ٺوڪي وزارت آڻي، سندن ليڈرن کي جيل ۾ وجهي، پارٽيءَ کي غير قانوني نهرائي کين محڪوم رکيو ويو آهي.
(۹) هنن جا ڪاليج ۽ يونيورسٽيون بند ڪرائي، کين تعليم کان محروم ڪيو ويو آهي.
(۱۰) هتي جي غدارن کي لالچون ڏيئي، پختون پاٽرن خلاف بيان ڏيارايا وڃن ٿا.

(۴) اسلام قول ۽ فعل جي يڪساني جي تعليم ڏئي ٿو

خدا سائينءَ قرآن ۾ فرمايو آهي ته، « **اها ڳالهه نه ڪريو، جا ڪري نه سگهو!** »ليڪن هتي پاڪستان ۾ سراسر ان جي ابتڙ پيو عمل ڪيو وڃي . هتي جي حڪمران طبقي ۽ ان جي حواري ملڪن سڀ کان وڏو جو اسلام سان ظلم ڪيو آهي سو اسلام جي غلط تشريح ڪري ماڻهن جا ذهن مسخ ڪرڻ جو آهي.
چي: مذهب جي نالي ۾ ماڻهن کي مارڻ جائز آهي.
چي : سندن نقطي نگاه واري اسلام کان سواءِ ٻي ڪابه ان جي تشريح صحيح نه آهي، ۽ ان جي مخالفت عين اسلام جي مخالفت هئي.
چي: مسلمان، عقيدي ۽ عمل جي يڪسانيءَ جي نه هوندي به دنيا جي بهترين قوم بنجي، انسانذات جي رهبري ڪرڻ جا لائق هئا.
چي: پاڪستان ۾ اسلامي حڪومت قائم ٿي چڪي هئي، هاڻ هتان سڀني مسلمان ملڪن

جي اڳواڻي ڪري، انهن جي رهبري ڪرڻي هئي.
چي - مسلمانن جي رهبري ڪرڻ واريءَ قوم جي زبان اردو هئي.
چي: ملڪ ۾ جُوا،رشوت خوري، استحصال، زنا، شراب خوريءَ جي مروج هوندي بہ حڪومت اسلام هئي.
چي: ملڪ ۾ رشوتون، ناجائز پرمٽون، بلئڪ مارڪيٽي، سمگلنگ وغيره جي اجازت ڏيئي، ماڻهن کي بداخلاق ڪرڻ بعد بہ حڪومت کي اسلامي حڪومت سڏي سگهجي ٿو .
چي: مڪاني ماڻهن مان غدار پيدا ڪري ، قومي عصبيت کي ختم ڪرڻ بہ اسلامي حڪومت جي فرائض مان هڪ هو.
چي: قانون ۽ آئين مغربي طرز جو هوندي بہ ، صرف اُن جو صدر يا وزيراعظم نالي ۾ مسلمان هو، تہ اهو ملڪ اسلامي سڏي سگهجي ٿو پوءِ پلي اُنهيءَ صدر جو اخلاق ڪيڏو بہ ڪريل چونہ هجي. هن جي شراب پيئندڙ، زاني، ڪوڙ ڳالهائيندڙ، ڏوڪي باز، ظالم، اسلامي صفتن کان يڪسر عاري هوندي بہ، اُهو ملڪ اسلامي سڏجڻ جو حقدار هو.
چي: ملڪ ۾ ڊڪٽيٽري قائم ڪري، عوام جي جماعت سازي، تحرير، تقرير تي پابندي وجهي، مخالفن کي ڪيسن هلائڻ کان سواءِ ڪثير مدت تائين جيلن، يا نظربندين ۾ رکڻ جي باوجود، ان کي جمهوري حڪومت سڏي سگهجي ٿو.
چي: حڪمران طبقي طرفان ٿيندڙ هرقسم جي استحصال جي موجودگيءَ ۾ ان کي اسلامي سوشلزم هيٺ هلندڙ حڪومت سڏڻ عيب نہ هو.
چي: بلوچن،سنڌين ۽ پختونن کي مهاجر پنجابي سامراج جي ماتحت رکڻ جي باوجود بہ ظاهر ڪرڻ تہ صوبن کي اندروني آزادي هئي، ڏوڪو نہ هو.
چي: ملڪ ۾ امن جي حالت ۾ ان کي بدامنيءَ جي ڀهاني تي ڊفينس آف پاڪستان جي قانون هيٺ ماڻهن جي شخصي ۽ قومي آزادي ختم ڪرڻ غلط نہ هو.
چي،ڪنهن صوبائيءَ اسيمبليءَ گهٽي ڪثرت راءِ سان ڪو بل پاس ڪيو هجي، پر اهو حڪمران طبقي جي راءِ خلاف هڻڻ جي ڪري، ان کي مڃڻ مرڪزي حڪومت مان دست اندازي ڪرائي رد ڪرائڻ جي باوجود، بہ ان کي صوبائي آزاديءَ جي عملي صورت سڏڻ غلط نہ هو.
چي،هڪ قوم مڃڻ ٻيءَ قوم کي مسلط ڪري، ٻاهران ماڻهو گهرائي، ان قوم جي ملڪ کي ڪالونائيز ڪرائي، ان جي زرعي زمين ،ڪارخانن، نوڪرين ، واپار ، بئنڪن تي ڏارين کي قابض ڪرائڻ بعد بہ اهو چوڻ تہ اسلام ان کي جائز ٺهرائي ٿو، نيڪ هو .
چي: مخالفن کي پوليس عملدارن هٿان مارائي، عوام کي ڏوڪي ڏيڻ لاءِ اشتهار ڏيئي انعام آڇڻ تہ اهو ماڻهو پڇي ويو آهي، هنن جي اسلام موجب اهو عمل بہ جائز هو.

جڏهن ڪيترا اهڙا ڪم ڪندي بہ هي ماڻهو پاڻ کي اسلام جا علمبردار سڏائين ۽ ملڪ کي اسلامي ملڪ سڏائيندي شرم نہ ڏارين، تہ پوءِ بُلا شاهہ جو هي چوڻ اڇيو سامهون بهي:

آپ سڏائيندا فقير اور لک لک پيندي کير
تيکون لچ نهين آوندي !

ان وانگر حڪمران طبقو ۽ ان جا ايجنٽ ڪم ڪن ڪفر جا ۽ ڀاڳيون ڪن اسلام جون ۽ پاڻ کي مسلمان سڏائين. انهن ڀاڳين کي مدنظر رکي، اسان پڙهندڙن تي ڇڏيون ٿا تہ فيصلو ڪن تہ اهڙن ماڻهن کي مسلمان سڏڻ کيتري قدر جائز آهي، ۽ اهڙيءَ حڪومت کي اسلامي حڪومت ڪهڙي طرح سڏي سگهجي ٿو!

تعجب اهو آهي تہ جنهن ملڪ جو سربراهہ بداخلاقيءَ جو مخزن هجي ڪوڙ، ڏوکيبازي، زنا، شراب خوري، ظلم ۽ استحصال جا سڀ ڪم ڪندڙ هجي، ان ملڪ کي اسلامي ملڪ سڏي ۽ اُن سربراهہ کي مسلمان قوم جو ليدر سڏي، دنيا کي ڏوکو ڏنو وڃي ٿو.

جماعت اسلاميءَ وارا بہ اهڙيءَ قوم کي مسلمان سڏين ۽ اهڙي ملڪ کي مُسلمان ملڪ سڏين، تہ ڪهبي جو رڪوال امير فيصل مرحوم (هاڻ امير خالد) بہ اُن کي اسلامي ملڪ ۽ حاڪم سمجي. اِها واقعي فڪر ڪرڻ ۽ خوف ڪرڻ جهڙي ڳالهہ آهي.

(۵) اسلام حڪمت ۽ نصيحت ذريعي ماڻهن کي راه راست تي آڻڻ جو پيغام بر هو

اڄو تہ ڏسون تہ هن نئين آيل مهاجر پنجابي مستقل مفاد مڪاني مسلمانن سان ڪهڙو سلوڪ اختيار ڪيو آهي:

(۱) هنن مڪاني ماڻهن کي جمهوريت جو ڏوکو ڏيئي، مٿن آمرانہ ۽ فسطائي طريقن سان حڪومت ڪرڻ شروع ڪئي آهي.

(۲) هنن مڪاني ماڻهن کي سوشلزم جو دِلاسو ڏيئي، زوريءَ ننڍين قومن جا حق غصب ڪري، سندن استحصال جاري رکيو آهي.

(۳) هنن مڪاني ماڻهن کي اسلامي نظام حڪومت جو ڏوکو ڏيئي، غير اسلامي طريقا اختيار ڪيا آهن.

(۴) هنن خود ساخته نظريي پاڪستان کي عين اسلام قرار ڏيئي، هزارن ورهين جي قومن جي وجود کان انڪار ڪري، زوريءَ اُنهن کي پنهنجي سامراج هيٺ رکيو آهي.

(۵) ماڻهن کي غلبي اسلام جو ڏوکو ڏيئي، چند مستقل مفاد کي آمريڪي سامراج جي ايجنٽ طور مستحڪم رکيو وڃي ٿو.

هيٺ ذرا تفصيل سان مٿي ذڪر ڪيل سوالن تي نظر ڪندس.

(۱) جمهوريت جو ڏوکو:

جيئن پڙهندڙن کي معلوم آهي تہ مهاجر پنجابي مستقل مفاد پنهنجي استحصال لاءِ پاڪستان کي وجود ۾ آڻي، ان ۾ پنهنجو سامراج قائم ڪيو آهي. ان لاءِ بيروني دنيا، خصوصاً مغربي ملڪن جي عوام کي ڏوکو ڏيڻ لاءِ ظاهر ڪيو وڃي ٿو تہ پاڪستان ۾ جمهوري حڪومت هلائي وڃي ٿي، ليڪن تاريخ جي

ڄاڻن کي پتو آهي ته جناح صاحب جي دور کان وٺي، جو جيتوڻيڪ دنيا کي جمهوريت جي نالي حڪومت ڪرڻ جو دلبو ڏيندو رهيو ليڪن بدترين ڊڪٽيٽر طور حڪومت هلايائين. ان کان پوءِ جُملي حاڪمن اڄ تائين مرڪز جي ماتحت صوبائي اسيمبلين کي ٽوڙيو، وزارتن کي بدلايو. ملڪن جي جاگرافيائي حيثيت کي ختم ڪيو يا ورهايو پٺي آهي. مڪاني وزارتون سندن ايجنٽ طور ڪم ڪندیون رهيون ٿي، پر جي انهن ذرا بہ سندن حڪم جي انحرافي ٿي ڪئي، ته يڪدم انهن کي بدلي ٿي ڇڏيائون. اهڙي حالت بنگال، سنڌ، بلوچستان ۽ پختون ايراضين سان لاڳو رهي. پر خود پنجاب جا عوام بہ سندن مُستقل مفاد جي انهن دست درازين کان محفوظ نہ رهياهئا.

صحيح جمهوريت ۾ ميڪنگ ڪرڻ، راءِ جي اظهار، تحرير ۽ تقرير ۽ پارٽي ناهڻ جي اجازت هوندي آهي، ۽ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي ڪورٽ ۾ ڪيس هلائڻ کانسواءِ جيل ۾ يا نظر بنديءَ هيٺ نہ رکيو ويندو آهي. ليڪن هتي پاڪستان ۾ مُنڊ کان وٺي حڪمران طبقي جي راءِ خلاف ڪو بہ ڪم ڪرڻ نہ پٺي ڏنو ويو آهي. مخالفن جي ميڪنگن تي ۱۴۴ قلم لڳائي روڪ وڌي ويئي ٿي، يا پنهنجا گونڊا موڪلي مخالفن جي ميڪنگن کي ڦاڙيو ويو ٿي. اهڙي ساري ڪاروبار لاءِ مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي ڪارندن اسلام جي نالي کي ڪتب آندو ٿي. مخالف جماعت جي ليڊرن کي ڪيس هلائڻ کان سواءِ نظربند رکيو ٿي ويو يا جيل موڪليو ٿي ويو. انهيءَ سامراج جي خود ساخته نظريي پاڪستان، مضبوط مرڪز، اسلامي حڪومت، مسلم ليگ يا هاڻ پيپلز پارٽيءَ جي مخالفت ۾ آواز ڪڍڻ کي پاڪستان دشمني، اسلام جي برخلافي، ڏارين جي ايجنٽي، انتشار پسندي، علائقائي ذهنيت جا الزام لڳائي سزائون ڏنيون ويون ٿي. ان ساري ڪم ۾ اسلام جي نالي ونندڙ مهاجر، مولويءَ، اردودان حضرات ۽ پنجابي مستقل مفاد جو خاص هٿ هو.

پاڪستان جي نالي هيٺ وجود ۾ آندل ملڪ ۽ هزارن ورهين جي تاريخ وارا جدا ملڪ ۽ قومون رهندڙ هيون. هنن ماڻهن جمهوريت جي دعويٰ ڪندي بہ انهن جي وجود کان انڪار ٿي ڪيو. ۽ جمهوريت جي بنيادي اصول قومي خود ارادي جي اظهار کي ڏوهہ ٺهرايو ٿي. هنن مخالفن جي اخبارن، رسالن، ڪتابن تي بندش وڌي ٿي. هن وقت پيپلس پارٽيءَ جي دور ۾ گذشته دور کان بہ وڌيڪ جمهوريت دستورن جي خلاف ورزي هوندي بہ ان کي جمهوري حڪومت سڏي، دنيا ۽ هتي جي عوام کي ڏوکو ڏنو وڃي ٿو. انهيءَ جمهوريت جو نتيجو اهو نڪتو آهي ته بنگالين کي اڪثريت جي باوجود حڪومت جي واڳ نہ ڏيڻ ڪري، کين پاڪستان کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو. مغربي پاڪستان ۾ مضبوط مرڪز قائم ڪري بلوچستان ۽ پختونستان جي قائم ٿيل جمهوري حڪومتن کي مجبور ڪري، ٻاهر ڪڍي، انهن جي جاين تي هٿ ٽوڪيون وزارتون قائم ڪيون ويون آهن. نيشنل عوامي پارٽيءَ کي ممنوع ٺهرايو ويو آهي. چٽن قومن جي گفتگوءَ کي ڏوهہ ٺهرايو ويو آهي. مخالف راءِ رکندڙن کي ورهين جا ورهين بنا ڪيس هلائڻ جي نظربنديءَ يا جيلن ۾ رکيو ويو آهي. مخالفن کي مارايو ويو آهي سائين جيلن ۾ طرح طرح جون حياسوز جُنيون ڪرايون ويون آهن. پيشاب پيارڻ، ڏنڀ ڏيارڻ، بد فعلي ڪرائڻ ان جا چند مثال

آهن. ججن کي ضامن ڪٽ يا آزاد فتويٰ ڏيڻ تي يا جيل ۾ موڪليو ويو آهي، يا نوڪريءَ کان خارج ڪيو ويو آهي. مخالف ڪارڪنن جي پڇي وڃڻ يا هٿ نه اچڻ تي، سندن مائٽن کي جيلن ۾ وڌو ويو آهي، يا مارون ڏياريون ويون آهن. مخالفن جي اناج يا ڪپهه جا ڪرا سازايا ويا آهن يا لٽايا ويا آهن. سندن ملڪيتون ضبط ڪيون ويون آهن. مخالفن جي ڳوٺن تي بمباري ڪئي ويئي آهي يا ڏاڙا هٽايا ويا آهن.

اهڙا سوين مثال آهن، جن جو تفصيل هن ڪتاب جي ڀڳهي ٽيڻ جي خوف کان پيش نٿو ڪجي.

باوجود اهڙين ڪاروائين جي اهو حڪمران طبقو اهڙو بي شرم آهي، جو اهڙن ڪمن جي ڪندي به پاڻ کي عوامي جمهوريت جو علمبردار سڏائي ٿو!

جمهوريت جي مٿي جهڙي هتي پاڪستان ۾ پليد ڪئي ويئي آهي اهڙي مشڪل سان ڪٽي ٽي هوندي.

عام ماڻهن کي پتو نٿو پوي ته جمهوريت ڪهڙي ٽيندي آهي.

جي جمهوريت اها آهي، جنهن جو تجربو هتي پاڪستان ۾ ٿي رهيو آهي، ته اهڙيءَ جمهوريت کان ڊڪٽيٽرشپ هزار دفعا بهتر آهي. تعجب ان ڳاهه تي ٿئي ٿو ته مغربي ملڪن مان آمريڪا، انگلينڊ، ڪئناڊا ۽ فرانس جهڙا ملڪ به ان ڏوکي هيٺ هن ملڪ کي جمهوري ملڪ سمجهي، هر طرح جي مدد ڪري رهيا آهن. هتي جون مستقل مفاد حڪومتون سندن مدد جي آڌار تي پنهنجو سامراج قائم رکيو ويٺيون آهن.

(۲) سوشلزم جو ڏوکو

دنيا جي رهاڪن جي اڪثريت غريب، جاهل، بي روزگار پڻي رهي آهي. انهن جو استحصال ڪن مستقل مفاد طبقن يا سامراجي قومن پڻي ڪيو آهي.

ڪجهه وقت کان روس ۽ چين ۾ سوشلزم جي نظرين مطابق هلندڙ حڪومتن دنيا جي غريب عوام ۾ اهو احساس پيدا ڪرايو هو ته عوام مان غربت، جهل ۽ استحصال ختم نه ٿيندو، جيستائين سوشلزم جي بنياد تي جملي ملڪيت کي قومي بنائي، عوام جي نمائنده حڪومت جي قبضي هيٺ آڻي، ان کي اڪثريت جي مفادن لاءِ ڪتب نه آندو ويو آهي. پر ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هتي جي ڏوڪيباز حڪمران طبقي جهڙيءَ طرح جمهوريت جي نالي هيٺ ڪم آمرانه پڻي ڪيا هٿا، اهڙيءَ طرح هنن سوشلزم جي عام پسند نالي کي به ڪتب آڻي، عوام کي بيوقوف بنائڻ شروع ڪيو آهي.

ڇ: پاڪستان ۾ اسلامي سوشلزم جي بنياد تي حڪومت هلائي وڃي ٿي. جي کو هنن کان سوال پڇي ٿو ته جي هتي سوشلزم جي اصولن مطابق حڪومت هلائي وڃي ٿي، ته پوءِ ملڪ ۾ هيءَ غربت، بي روزگاري، غريبن ۽ نندين قومن جو استحصال ڇو قائم رهندو اچي؟ ته جواب ملي ٿو ته اڄا اسان جي شروعات آهي، ترسو وقت گذرڻ بعد ملڪ ۾ ماڪيءَ ۽ کير جون ندیون وهڻ لڳنديون. ساري ملڪ ۾ خلفاءِ راشدين جي حڪومت جهڙو انصاف قائم ڪيو ويندو يا مرڳو حڪومت الاهي برپا ڪئي ويندي.

پاڪستان ۾ پهرين اهو ڏوکو مسٽر جناح ڏنو ته هو هن ملڪ ۾ اسلامي سوشلزم آڻيندو. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هو ڏوڪيباز، بي اصول، فاشسٽ ۽ سرمائيدارانه ذهنيت رکندڙ حاڪم هو. هن اسلام، جمهوريت ۽ سوشلزم جا نالا ورتا ٿي، ليڪن يا ته ڪيس پتو ڪونه هو ته انهن لفظن جي معنيٰ ڪهڙي هئي يا ته ڄاڻي واڻي ماڻهن کي بي وقوف بنائڻ لاءِ ائين ڪيائين ٿي. هاڻ معلوم ائين ٿئي ٿو ته اقتدار ۾ رهڻ جي شوق ڪانشس مهاجر پنجابي مستقل مفاد کي راضي رکڻ لاءِ اهي ڪم ڪرايا ٿي. اسان مان جن کي مرحوم چيئل پرسرام، سجاد ظهير، ڊاڪٽر اشرف جي محبت ۾ رهڻ ۽ سوشلزم جي ڪتابن پڙهڻ بعد ڪجه ان جي ڄاڻ هئي ۽ جناح صاحب سان گڏجي ڪم ڪرڻ بعد سندس قول ۽ فعل مان بـ واقفيت هئي، تن کي تعجب ٿيندو هو ته ڪيڏانهن جناح ۽ ڪيڏانهن مٽي ڏکر ڪيل اصول! پر عوام اهڙو برغلائجي ويو، جو اسان جي ڳالهه ڪنهن نه ٻڌي جناح صاحب اسلام، جمهوريت ۽ سوشلزم جو علمبردار بنجي ويو ۽ اسان پوئتي رهجي وياسون.

هڪ دفعي **خانبهادر** ڪهڙي مون کي چيو ته "زميندار ۽ پير گهر جو فرد ٿي ڪري، تون چو پنهنجي طبقي جي مخالفت ٿو ڪرين؟" ان کي ڪهڙي خبر ته ڪي ماڻهو اهڙا بـ هئا، جي شخصي مفادن کان قومي مفاد کي ترجيح ڏيئي سگهن ٿا. ان تي مون ڪيس جواب ڏنو ته "جناح صاحب ۽ ميان افتخارالدين ساڻيءَ طرح سوشلزم جي ڳالهڪن ٿا، تون انهن خلاف ڪونه ٿو ڪچين باقي مون تي ڪاوڙجيو وڃين!" ان تي هن مون کي جواب ڏنو ته ڪيس خبر هئي ته "هنن ماڻهن کي ڏوڪي ڏيڻ لاءِ اهڙيون ڳالهيون ڪيون ٿي پر جيڪڏهن سوشلزم ۾ واقعي جناح صاحب ۽ ميان افتخارالدين جي زندگي گذارڻ جي اجازت هوندي ته ڪيس اهو سوشلزم قبول هو." پر تنهنجي ڳالهه ٻي آهي! تنهنجو واقف آهيان. تون قول ۽ فعل ۾ ساڻي ڳالهه جو حامي آهين، تنهنڪري تنهنجي سوشلزم مان مون کي خوف پيدا ٿئي ٿو".

هاڻ جڏهن اليڪشن جو ڪم شروع ٿيو، پٽي صاحب سوشلزم جا ماڻهن کي دلاسا ڏنا ۽ ظاهر ڪيو ته هر هڪ هاريءَ کي ١٢ ايڪڙ زمين ڏيندو ۽ ان کي گهر بـ نهرائي ڏيندو، ڪارخانا سڀ سرڪاري ملڪيت ۾ آڻي انهن کي عوامي مفاد لاءِ ڪتب آڻيندو؛ تڏهين اسان مان جن کي سندس قول ۽ فعل مان واقفيت هئي تن ماڻهن کي ٻڌايو ته هي مهاجر پنجابي مستقل مفاد جو ايجنٽ ٿي ڪري، اهڙا ڪم ڪهڙيءَ طرح ڪري سگهندو؟ اسان گهٽو سمجهاين ته جنهنجي پارٽيءَ جا ميمبر ڪارڪن مخدوم صاحب هالا، ميار اعجاز علي خان، جام صادق علي خان، ميار صاحبان، پٺو ۽ ٻيا زميندار ۽ سردار هئا، تن مان اهڙي اميد ڪيئن رکو ٿا! پر ماڻهن ڪنهي ڳنڍ ٻڌي ته هي ضرور پنهنجو قول پاڙيندو"

ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته عام ماڻهوسياسي شعور جي عدم موجودگيءَ ۾ ننڍن ٻارن وانگر هر چلڪندڙ شيءِ کي سون سمجهي، سهوليت سان گمراهه ٿيو وڃن ٿا. جهڙيءَ طرح سان هنن جناح صاحب کي اسلام جو علمبردار سمجهي، مولانا ابوالڪلام آزاد جهڙي ماڻهوءَ جي ڳالهه نه ٻڌي هئي، اهڙيءَ طرح سان هنن پٽي صاحب کي اسلام، جمهوريت ۽ سوشلزم جو علمبردار سمجهي، اسان جي ڳالهه کي اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو.

هن کي حڪومت هٿ ۾ آئي، ٽي سال گذري چڪا آهن، ملڪ جي حالت اِها آهي

ته عوام جي غربت روز بروز وڌندڙ آهي، اناج ۽ ٻئي سامان جا اڳ چوٽ چڙهي ويا آهن، رشوت، چور بازاري، سمگلنگ، بدامني، بک، بيروزگاري عروج تي آهن. البت مهاجر پنجابي مستقل مفاد لاءِ هيءُ ملڪ چراگاهه ٿي پيو آهي. نه مزدورن جي حالت درست ٿي آهي، نه هارين کي زمين ملي آهي، نه بيروزگارن کي روزگار سان لڳايو ويو آهي.

هن غدار سنڌ سندس گادي سلامت رکڻ خاطر سنڌ کي مهاجر پنجابي مستقل مفاد وٽ وڪڻي ڇڏيو آهي. سنڌ جي عوام کي ڪو فائدو نه پهتو آهي. عوام جي شاعر مڏي ابراهيم جي چواڻي،

"گهر گهر گهور اندير، راڄ مشان راکس ڦري ويو، پٽڪو ناهه پَليرو".

جي حالت قائم آهي.

مطلب ته جهڙيءَ طرح جمهوريت ۽ اسلام جي هٿي پاڪستان ۾ پت ڪوڪلي ٿي آهي، اهڙيءَ طرح سوشلزم جو نالو به بدنام ٿيو آهي. مزدور، هاري، خانبدوش، ميربحر، مالدار مائهو ساڳيءَ طرح روهه رلا ۽ مشي ڪلا واريءَ حالت ۾ آهن.

سنڌ ۾ بهاري، پنجابي ۽ پٺاڻن کي آڻي وسايو پيو وڃي. اسان جهڙن سنڌ جي نالي وٺڻ وارن ۽ ان جي حقن جي گفتگو ڪرڻ وارن کي نظربند يا جيلن ۾ رکيو وڃي ٿو. مهاجر ۽ پنجابي مستقل مفاد موجن ۾ آهن. اسان جي موجوده وزير اعظم مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي اهڙي رگ سهي ڪئي آهي، جو هو جنهن وقت ناراضپو ڏيکارين ٿا، ته بعضي ڪشمير جو نالو، بعضي اسلامي نظام حڪومت جو ڏوڪو، بعضي پارت کان خطري جو آڌار، بعضي افغان دشمني، بعضي علائقه پرستيءَ جي روپ، ۽ بعضي پاڪستان جي يڪجهتيءَ جي نالي ۾ هنن جي خوشامد ڪري ٿو، يا مائٽيءَ جو ننگ وڃي، خوش ڪري ڇڏي ٿو. پر سنڌين جي حالت هيءَ جو سنڌي وزير اعظم جي هوندي به ڪسمپرسيءَ واري آهي. سچ ته- "پنهنجي ڪئي جو نه ويج نه طبيب ٿيندو آهي."

(۳) اسلامي نظام حڪومت جو ڏوڪو

مسلمانن کي الله ۽ رسول جي نالي جو اول کان وٺي اهڙو نشو پياريل آهي، جو ڪو به ٽڪ اهي نالا وٺي، کين بيوقوف بنائي، ڦري سگهي ٿو. نشي پيڻ ڪري دماغ سالم نٿو رهي، جو برِي ڀَلي جي تميز ڪري سگهجي. انهيءَ مذهب جي نالي ۾ ٿي اول خليفا قتل ڪيائون. امام حسين عليه السلام کي شهيد ڪيائون، درويشن ۽ ولين کي قتل ڪيو ويو ته به مسلمانن کي سمجهه ٿي اچي. اڄ تائين هر مُلا پير انهن جي اڪثريت هر حاڪم اڳيان وڪامڻ لاءِ پٽي تيار رهي آهي.مولوي شبير احمد عثماني مرحوم، مولوي احتشام الحق ۽ مولوي عبدالحامد بدايوني جنرل صاحب جي نعل بندي ڪري، مائهن کي گمراهه ڪرڻ جا ڪارڻ بنيا.

ملڪ جي پيرن ۽ درويشن جا سجاده نشين، جن مائهن کي صحيح اخلاق ۽ محبت

جي تعليم ۽ تربيت ڏني، معاشري ۾ رهڻ لاءِ لائق بنايو هو. انهن جي پوين وٽ سندن بزرگن جي تعليم ۽ تربيت نه رهي هئي، تنهنڪري هو به ملن وانگر حڪمران طبقي جي خوشامد ڪرڻ سان وقت گذاري رهيا آهن. مهاجر پنجابي مستقل مفاد ظاهر ڪيو ته پاڪستان جي قيام بعد ان ۾ اسلامي حڪومت برپا ڪئي ويندي، جنهن ڪري ٻڪ، جهالت، بيماري، بيروزگاري دور ڪئي ويندي. ان ۾ بگهڙ ۽ ٻڪري گڏجي گذارو ڪندا. وغيره.

پاڪستان ٺهئي کي ٢٧ سال گذري ويا آهن، پر ان ۾ نه اسلامي حڪومت برپا ٿي آهي، نه ماڻهن جا اخلاق درست ٿيا آهن. ساڳيءَ طرح رشوت، زنا، غربت، بداخلاقي، بدامني ۽ استحصال ملڪ ۾ جاري آهي. پر حيف آهي، جو ماڻهن کي ڪا سجاڳي آئي هجي. جناح صاحب کان اڄ تائين اڪثري پاڪستاني حاڪمن جي نه سيرت اسلامي رهي آهي نه صورت اسلامي. بلڪ هنن مان گهڻن کي اهو پتو به نه آهي ته اسلامي نظام حڪومت ڪهڙي بلا ٿيندي آهي.

چوٽي آهي ته

"جتي لويي هوندا، اتي ٽوڳي ٻک نه مرندا."

ٻڌي صاحب چا وڃايو جي هن کي وڪيل ۽ ملا خريد ڪري، سندس آمرانه حڪومت لاءِ انهن کان جمهوريت جي شاهدي ڏياري! نظام اسلامي جي وجود لاءِ ڪوثر نيازيءَ جهڙن عالمن کان بيان ڏياراڻي! ۽ فيض احمد فيض جهڙن ڪميونسٽن کي نوڪريءَ ۾ رکي، سوشلزم جي قيام لاءِ مزدورن کي بيوقوف بنائي!

نيٺ وقت گذرڻ بعد تجربي کان پوءِ ماڻهن کي پتو پوندو ته اسلامي حڪومت جمهوري حڪومت ۽ سوشلسٽ حڪومت جي نالن ۾ ڪين بي وقوف بنايو ويو هو.

اهو اسلامي راڄ نه هو، پر مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي غلاميءَ ۾ رهڻ لاءِ سنڌين، بلوچن ۽ پختونن کي گمراهه ڪرڻ جو ڏوڪو هو. جيڪڏهن اها حالت گهٽي وقت تائين قائم رهڻ ڏني ويئي، ته اهو ڏينهن پري نه ٿيندو ته ماڻهو اسلام کان بيزار ٿي، روس جي رهاڪن وانگر دهريا بنجي ويندا.

مون کي ارمان نه ٿئي ها جيڪڏهن اهو ڏوڪو صرف پاڪستان تائين محدود رکيو وڃي ها. پر هاڻ ته اسلامي ڪانفرنسون سڏائي، دنيا جي مسلمانن کي بي وقوف بنائڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي.

ان ڳاله جو ايترو افسوس نه ٿيندو، جو ان ڪري مسلمان حڪومتن کي نقصان پهچندو پر زياده ارمان جي ڳاله اها ٿيندي ته انهيءَ پاليسيءَ ڪري قراني معيار ۽ اسلام جي ڊسيل پروگرام کي نقصان رسندو. اسان پاڪستان جي رهاڪن مذهب ۽ سياست کي گڏي، نظام اسلاميءَ جا نعرا هٽي ڪيو ڪاڏو آهي. هاڻ هي صاحب جملي مسلمان ملڪن کي اُن پاليسي ڪري تباهيءَ ڏي گهلي رهيا آهن. خدا ڪري شل جلد انهن عرب ۽ ٻين مسلمان ملڪن کي انهن ڏوڪن جو پتو پوي ته هنن پاڪستاني ڪيبازن جي چنبي ۾ ڦاسي، نه اسلام کي بدنام ڪن ۽ نه پاڻ کي نقصان پهچائين.

هن کي تاريخ مان سبق پرائڻ گهرجي. پر جيڪڏهن هو بہ اسان وانگر بي وقوف بنجڻ لاءِ تيار ٿيندا، تہ پوءِ خدا واهي آهن.

(۴) نظريي پاڪستان جو ڏوکو:

پاڪستان جي مسلمانن کي جو چوٽون ڏوکو، ڏيئي بي وقوف بنائڻ جي کوشش ڪئي ويئي آهي، سا اها هئي تہ هندستان جا رهاڪو مسلمان، مذهب اسلام کي مڃي ڪري عقيدي ۽ عمل جي بنياد تي هندستان جي ٻين ماڻهن کان علحده قوم ٿي پيا هئا، انهن کي جدا وطن ڪپي، جنهن ۾ هو پنهنجي نقطي نگاهہ موجب حڪومت هلائي زندگي بسر ڪن.

اها ڳالهہ ڪنهن ٻڌي مسلم ملڪ ۾ پاڻ تڪميل تي پهچي نہ سگهي آهي. ان سڌيءَ طرح سان اُن تجويز جي پويان پٺ اسلامزم جو فرسوده نظريو ڪم ڪري رهيو آهي، جو تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي کوٽو سڪو ثابت ٿي چڪو آهي. پر پوئتي پير ماڻهن ۽ ملڪن جو دستور ٿيندو آهي تہ ڪم مايگيءَ ڪري هو نيلامي ڪپڙا وڻي استعمال ڪندا آهن، جي ٻين ملڪن جي ماڻهن چوڻي، پراڻا ڪري، ۽ زماني جي فيشن کان نڪتل سمجهي، ڦٽا ڪري ڇڏيا هجن.

اهڙيءَ طرح اهي ماڻهو مختلف نظرين ۽ علمي مسئلن ۾ بہ ترقي يافته ملڪن ۾ ڪتب آڻي ڦٽا ڪيل نظريا حاصل ڪري انهن کي نوان ظاهر ڪري پنهنجي ملڪن ۾ ڪتب آڻي آزمائيندا آهن. ان جومثال اهڙو ٿيندو آهي جهڙيءَ طرح هڪ چور شاعر ٻين شاعرن جي خيالن ۽ نظمن مان چوري ڪري، ان ۾ ڪجهہ پنهنجون مصراعون ڳنڍي، ڪجهہ قدر انهن کي نئون ڪري، ماڻهن اڳيان پنهنجو شعر ڪري پيش ڪندا آهن. مڪاني ماڻهو باهرين شاعرن جي خيالن ۽ شعرن کان ان واقف هوندي، ان کي نئون سمجهي لڳندا آهن.

برصغير هند ۾ جڏهن مهاجر پنجابي مستقل مفاد مسلمانن پنهنجي مفادن کي خطرو ڏٺو، تہ اُن جي بچاءُ لاءِ انهن نوان حيلا هلايا، جن لاءِ هن ٻن ماڻهن کي ڪتب آندو. هڪ علامہ اقبال ۽ ٻيو محمدعلي جناح. پهرئين نطشي ۽ زردشت جي نظرين کي اسلامي لباس پهرائي، ان مطابق هندستان جي مسلمانن کي مذهبي عقيدن ۽ عمل جي آدار تي، هندستان جي رهاڪن کان علحده قرار ڏيئي، جدا وطن جي ڳهر ڪرائي. ٻئي ماڻهوءَ اقتدار جي لالچ ۾ اچي، ان جي حصول لاءِ سياسي طرح انگريز سامراج جي مدد سان ان کي حاصل ڪري، ملڪ ورهائي پنهنجي سلطنت قائم ڪئي.

عام ماڻهو تہ ان چال هئا، تن کي پتو نہ پيو تہ اهڙيءَ طرح قومن جا تجربا دنيا ۾ آزمائش بعد ناڪامياب ٿيا هئا، تنهڪري انهن کي ٻيهر آزمائش غلط هو. پر اسانکي جن کي ڪجهہ تاريخ جو علم هو، تن بہ جذبي ۽ رد عملي جي ماتحت، مذهبي پروپيگنڊا سبب، ڏوکي ۾ اچي، انهن جي پوئلڳي ڪئي. نتيجو اکين آڏيان آهي. ڪروڙها ماڻهو وطن کان بي وطن ٿيا، اربن روپين جي ملڪيت تباهہ ٿي، لکين عورتن جي بي

حرمتي ٿي. پر پاڪستان جي قيام بعد ٿيل تجربي مان ٻه جي اسان جي ماڻهن کي عقل اچي ها، ته غنيمت هو. پر اُهي مستقل مفاد سندن سامراج کي بچائڻ لاءِ هڪ غلطيءَ پويان ٻي غلطي جا مرتڪب ٿيندا رهن ٿا. هي ڪڏهن اسلام جي خطري کان مخالفن تي بندش وجهڻ جي ضرورت محسوس ڪن ٿا، ته ڪڏهن پنهنجي خود ساخته نظريي پاڪستان جي آدار تي هزارن ورهين جي قومن کان انڪار ڪري زوريءَ انهن کي ماتحت رکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ڪڏهن اسلام کي ڪفر ۽ دهريت کان بچائڻ لاءِ هنن کي ڦٽڪي ٿي. ٢٦ سالن جي تجربي بعد، ڪشمير ۽ بنگلہ ديش وڃائڻ کان پوءِ ٻه ڪو عقل اچين ها ته بهتر هو. هاڻ پختونستان ۽ بلوچستان جي رهاڪن کي تنگ ڪري، جدا ٿيڻ جي نزديڪ اچي ٻهاريو اٿن، ته ٻه هو ساڳين نظرين ۽ طريقہ ڪار کي چنبڙيو پيا آهن.

هنن هڪ ٻي ضمير، ابن الوقت، بداخلاق سنڌي سياستدان کي آڏو ڪري، ان جي معرفت جي ڪم ڪرايا آهن، سي هيئيان آهن:-

(١) بلوچن جي جائز حڪومت کي بدسمس ڪري، ان جي ليڊرن کي جيل ۾ وجهي، ڦوٽن تي بمباري ڪري، ماڻهن کي بک ماري، لشڪر ذريعي انهن کي محڪوم رکيو ويٺا آهن.

(٢) پختونستان جي جائز حڪومت کي مجبور ڪري، ٻاهر ڪڍي، ان جي ليڊرن کي جيل ۾ وجهي، سندن پارٽيءَ کي غير قانوني ٺهرائي، آئيني حڪومت معطل ڪري، مرڪزي حڪومت طرفان مٿس حڪومت هلائي رهيا آهن.

(٣) افغانستان کي گهٽ وڌ ڳالهائي، ان کي تنگ ڪري، جنگ لاءِ آماده ڪري رهيا آهن.

(٤) پارٽ کي ڪشمير ۽ ٻين سوالن تي چيڙي، مخالفت پيدا ڪري، اتي جي عام راءِ کي پاڪستان حڪومت جي برخلاف ڪري رهيا آهن.

(٥) سنڌي قوم پرستن مٿان، سنڌ جي حقن ڦرڻ تي، سختي ڪري، سنڌوديش جي نالي وٺڻ تي اُنهن کي مارائي يا جيلن ۾ موڪلي، غيرتمند سندين جي قومي جوش کي چٽلينج ڪري، انهن کي زوريءَ پاڪستان جو دشمن بنائي رهيا آهن.

مون کي پڪ آهي ته هي غضب ٿيل ماڻهو آهن، جن تي ٻهودين وانگر خدا جو غضب نازل ٿيل آهي. ضرور هي تباهہ ٿيندا، پر آخر دنيا جي مسلمان ملڪن ڪهڙو وڏو ڏوهہ ڪيو آهي، جو انهن کي پنهنجي مفاد ۽ غلط تجربن جو شڪار بنائي تباهہ ڪرائڻ ٿا! مسلمانن تاريخ جي ڪنهن ٻه دور ۾ علحده قوم نہ سڏايو آهي، ۽ نہ هن وقت هو مذهب جي بنياد تي قومي حيثيت رکن ٿا. هو افغاني، ايراني، شامي، عراقي، مصري، الجيريائي، سوڊاني، سعودي عرب، انڊونيشيائي ۽ مليشيائي وغيره قومن ۾ ورهايل آهن. مذهب جي بنياد تي انهن کي متحده ڪرڻ لاءِ احمقانہ قدم ٿيندو. پٺن اسلامزم يا پٺن ڪرشچنٽي جا تجربا اڳي تاريخ فرسوده ڪري، اُڇلائي ڇڏيا آهن.

بهتر اٿين ٿيندو ته مختلف نسلي يا ملڪي قومن جو پاڻ ۾ اقتصادي، سياسي ۽ ڪلچرل ڳالهين لاءِ عهدنامن طور اتحاد ڪيو وڃي. پر هنن مهاجر پنجابي سامراجين کي ڪير سمجهائي! "رب رسي ته مت کسي هٿي ڪوند هٿيار، ڏسي اهڙا پار، جن سان جوکو جيءَ کي، !"

هن وقت مسلمان ملڪن مان ڪي طبقاتي مفادڪري اڳي ٿي آمريڪا جي اشاري تي روس ۽ ڪميونسٽ ملڪن سان ڳنڍيو ويٺا آهن.

باوجود ان جي آمريڪي سامراج مٿن اعتبار نه ڪري، اسرائيل جو تسلط مٿن مڙهي ڇڏيو آهي. هاڻ اهي ماڻهو عربن خلاف آمريڪا کي تيل ۽ اڈا ڏئي، هٿيار وڻي، پاڻ کي مضبوط ڪري، پنهنجي ننڍين قومن مٿان پنهنجي سامراج کي مضبوط ڪرڻ گهرن ٿا. خبر نه آهي پارت جهڙي طاقتور ۽ وڏي ملڪ سان دشمني ڪرڻ مان هنن کي ڪهڙي فائدو حاصل ٿيندو! هي پاڪستان جا سامراجي ڪشمير وغيرهه جو صرف عوام کي ڏوکو ڏيئي رهيا آهن. هنن جو اصل مقصد هن باقي بچيل پاڪستان ۾ سنڌين، بلوچن، ۽ پختونن جي آزاديءَ جي تحريڪن کي ڏهاڙڻ لاءِ آمريڪا ۽ ٻين ملڪن کان مختلف بهانن تي هٿيار وڻڻ آهي. تنهنڪري ملسمان ملڪن کي هنن جي مذهب جي نالي ۾ گڏ ٿيڻ جي تحريڪ کان پاسو ڪرڻ گهرجي، نه ته هي پاڻ ته تباهه ٿيڻ کي ويجها اچي ٻيٺا آهن. پر کين به تباهه ڪرائيندا.

عربن کي هن وقت يهودين جي ڪارگذارين ڪري شدت سان غصو آهي. تنهنڪري هو هنن ڏوڪيبازن جي ڪوڙيءَ همدرديءَ کي سڃاڻي نٿا سگهن. ليڪن اڳتي هلي، تجربي بعد پاڻهي کين پتو پوندو ته هي يهودين کان به زياده خطرناڪ هٿا.

(۵) غلبه اسلام جو ڏوڪو.

اهي الفاظ به نهايت فريبڪن آهن. اسلام ۽ موجوده مسلمانن کي هم معنيٰ بنائڻ نهايت غلط ٿيندو. موجوده دور جي ڪثير تعداد مسلمانن کي صحيح مسلمان تصور ڪري، انهن جي اتحاد کي غلبي اسلام جو نالو ڏيڻ نهايت بي معنيٰ ۽ غلط ڀاڪ ٿيندي.

مسلمان ملڪن جا رهاڪو مغربي قومن جي مقابلي ۾ هر ڀاڪ ۾پوئتي پيل آهن.

مسلمان نالي هيٺ آيل ملڪن کي اسلام جو علمبردار سڏڻ اهڙو آهي جهڙو هڪ بداخلاق ماڻهوءَ کي صرف نالي ۾ مسلمان هڻڻ ڪري اسلامي قوم جو نمائندو سڏڻ، يا پٽي صاحب کي مسلمان جي گهر ۾ پيدا ٿيڻ ڪري اسلامي اصولن جو نمائندو سمجهي، هن جي هٿان اسلامي اصولن جي سربلند ٿيڻ جي اميد رکڻ.

اسلام چند عالمگير فطري اصولن جو مخزن آهي، جنهن جا بنيادي مقصد انسانذات ۾ محبت ذريعي اتحاد پيدا ڪري، بدامني دور ڪري، امن قائم ڪرائي، مادي، ذهني ۽ روحاني قدرن جي ترقيءَ لاءِ راهه هموار ڪرڻ آهي.

انهيءَ نقطي نگاهه کي مڃڻ وارا مشرق خواه مغرب ۾ ٿورا ماڻهو ليندا. پر جيڪي به آهن، سي سڀ اسلام جا پيروڪار سمجهڻ گهرجن. دنيا باوجود ڪيترين مشڪلاتن جي مٿي ذڪر ڪيل اسلامي اصولن طرف وڃي رهي آهي. قومن جو "اقوام متحده" جي

نالي ۾ باهمي سمجهوتو ۽ امن ۽ ترقيءَ لاءِ ڏهن، بقائي باهمي اصول ۾ اعتماد رکڻ، باهمي تعاون سان گڏجي انساني ارتقا لاءِ ڪم ڪرڻ آهي سڀ اسلامي اصولن طرف وڌڻ جا عملي ثبوت ۽ نشان آهن.

تنهنڪري اسلام جي دلدادن کي هيءَ ڳالهه ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته موجوده مسلمان ۽ اسلام هڪ ڳالهه نه، پر ٻه جدا حقيقتون هٿا. اسلامي اصولن جو غلبو جدا ڳالهه آهي ۽ نالي ۾ مسلمان اڪثريت وارن مسلمان ملڪن جو اتحاد ۽ غلبو جدا ڳالهه آهي. اسلام جي صحيح اصولن جي دنيا ۾ شروعات ٿي چڪي آهي، جنهن جا حامي مسلمانن کان وڌيڪ غير مسلم ماڻهو هٿا. مسلمان ملڪن ڏريعي اسلامي اصولن جي فروغ ۽ واڌاري جو خيال رکڻ بي معنيٰ ۽ ناممڪن آهي. خلافت اسلام- پٽن اسلامزم- نظام اسلامي- جهاد في سبل الله جا سڀ نظريا تاريخ جي تجربي ۾ فرسوده ۽ غلط ثابت ٿيا آهن. هاڻي دنيا جي موجوده حقيقتن مطابق اسلام جي محبت کي ان جي نئين سر تعبير ڪري، نون بنيادن تي ان جي تعمير ڪرڻي آهي، جن جا مُکيه طريقاهيٺيان ٿي سگهن ٿا:

(۱) مذهب ۽ سياست کي علحده ڪري هلائڻ گهرجي، ٻنهي جي گڏڻ سان نقصان هو.

(۲) مسلمان جي شناخت سندس عقيدن ۽ عملن جي صلاحيت مطابق ڪرڻ گهرجي، يعني هر خدا کي مڃيندڙ صالح، انسانذات جي روشن مستقبل لاءِ ڪم ڪندڙ ماڻهوءَ کي مسلمان سمجهڻ گهرجي. پوءِ ظاهري طور هو ڪنهن به مذهب سان واسطو رکندڙ هجي ۽ نالو ڪهڙو به هجيس.

(۳) پاڪستان ۾ پنجابي مهاجر مستقل مفاد سامراج جي تسلط هيٺ آيل قومن، جهڙوڪ سنڌي، بلوچي، پختون ۽ پنجابي قومن کي موجوده مستقل مفاد جي استحصال کان آزاد ڪرائڻو آهي.

(۴) مغربي سامراجي قومن جي سياسي ۽ اقتصادي استحصال مان آزاد ٿيڻ لاءِ ايشيا، آفريقا، ڏکڻ آمريڪا جي مظلوم ماڻهن ۾ اتحاد آڻي، دنيا جي تعمير نو لاءِ ڪم ڪرڻو آهي.

(۵) مغربي تهذيب جي نشاط ثانيه جو مرڪز روس کي، مغربي ملڪن جي شموليت سان، سمجهڻو آهي؛ ۽ مشرقي تهذيب جي نشاط ثانيه جو مرڪز پارت کي چاڻي، سنڌ، ايران ۽ عرب ملڪن جي شموليت سان شمار ڪرڻو آهي.

انهن ٻنهي تهذيبن جي امتزاج سان دنيا جي پوئتي پيل ملڪن جي ترقيءَ ۽ تعميرنو نو لاءِ قدم کڻڻا پوندا.

غلام مرتضي
۲۲-۴-۱۹۷۵

سائين جي-ايم-سيد جون تحريرون

(ياگو پهريون)

⑤

پاڪستان...

- پيش لفظ
- پاڪستان غلط بنيادن تي برپا ڪيل هو.
- تواريخي حقيقتن جي خلاف آهي.
- ان جي وجود ۾ اچڻ ڪانپوءِ پهتل نقصان.
- سامراجي سازشن جو اڏو ٿي ڪم اچي ٿو.
- مذهب کي نقصان پهچي رهيو آهي.

[۱۹۸۴ع]

پيش لفظ

پاڪستان کي ٺهڻي ٣٧ سال ٿيا آهن. ان جي ناهڻ ۾ مون به هڪ حد تائين حصو ورتو . پر جهڙن آسرن ۽ اميدن تي اُهو برپا ٿيل هو، سي سڀ تجربي جي بنياد تي غلط ثابت ٿي چڪيون آهن.

هاڻ آئون اُن نتيجي تي پهتو آهيان ته اهو تجربو ناڪامياب ٿيو آهي. جيڪڏهن اُن کي گهڻي وقت تائين هلايو ويندو ته مُلڪي رهاڪن جي تباهيءَ جو ڪارڻ بنبو. انڪري ڪلي طرح ظاهر ڪرڻ گهُرجي ته، ان کي بُنياد پارت سان ڪنهن بنياد تي شامل ڪرايو وڃي. پر جنهن صورت ۾ اها ڀَالهه اهل پنجاب جي مفاد جي خلاف ٿيندي، تنهنڪري اهي ڪنهن به صورت ۾ ان کي بُنياد ۾ رڪاوٽ وجهندا.

بنگال ان پنجوڙَ مان جان چُڏائي چُڪو آهي. بلوچستان ۽ پختونستان وارن به ان جي بُنياد لاءِ ڪوششون پٽي ڪيون آهن. هاڻ رهيو آهي سنڌ جو حصو جنهن کي ڪالونائيز ڪري استعمال ڪرڻ لاءِ هر طرح جون ڪوششون ٿي رهيون آهن. ان ڪري مون مناسب سمجهيو ته سنڌ جي رهاڪن اڳيان ان مسئلي تي روشني وجهي، ڪين عرض ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هو سنڌ جي گذريل پنج هزار ورهين جي تاريخي ملڪ، قوم، تهذيب تمدن، اقتصادي ۽ سياسي مفاد کي بچائڻ گهرن ٿا ته هو ان مسئلي تي پوريءَ طرح غور ڪري ان ميسيت مان پاڻ کي آزاد ڪرائين. انڪري هي ڪتاب لکي رهيو آهيان.

هيءَ ڪتاب پنجن بابن تي مشتمل آهي، جنهن جو مفصل ذڪر هر هڪ باب ۾ ڏنو ويندو پر هتي هي ظاهر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان ته پاڪستان جو قيام سامراجي طاقتن جي ايجاد ڪيل نظرين مطابق وجود ۾ آيو آهي. ان لاءِ اوائلي بنياد رسول اڪرم جي وفاتيءَ بعد حضرت عمر عرب سامراج قائم ڪرڻ لاءِ وڌو جنهن مذهب ۽ سياست کي گڏي، اسلام ۾ چار بدعتون داخل ڪيون.

پهرين بدعت خلافت جو ادارو هو، جنهن جو نه قرآن ۾ ذڪر ڪيل آهي ۽ نه رسول مقبول ان لاءِ ڪا صريح وصيحت چڏي هئي. مسلمانن ۾ اوائلي اختلاف خلافت جي نالي ۾ پيو. اهي بن فرقن ۾ ورهائجي ويا، هڪ سني ٻيا شيعا. مون پنهنجي ڪتاب " سنڌوءَ جي ساڃاه " ۾ اڳيئي ڄاڻائي چڏيو آهي ته مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻ غلط هو. ڪامياب سياست مذهب جي اصولن ۾ ڪمپرومائيز آڻڻ سان عمل ۾ ايندي آهي.

مذهب جا بنيادي متا:

محبت انساني، امن عالم ۽ ترقي بني نوع انسان ٿين ٿا. سياست جو مقصد، حڪومت قائم ڪري ملڪ جو نظم نسق هلائڻ ٿئي ٿو . محبت ۾ زور زبردستي ڪتب نه آڻبي آهي.

قرآن جو صريح حڪم (لاڪراه في الدين). دين ۾ زور زبردستي نه هوندي آهي. ان ڳالهه جي شهادت ڏئي ٿي ته مذهب ۾ زور زبردستي نه هلائڻي آهي.

مُلڪي حڪومت سواءِ زور زبردستيءَ جي هلي نه سگهندي، تنهنڪري هئي ڳالهيون هڪ هئي جي مُتضاد آهن.

زور زبردستيءَ جي عدم موجودگي سواءِ اهنسا جي وجود ۾ اچي نه سگهندي.

عربن جو معاشرو بدويانه هو. ان ۾ مائهو جانورن وانگر زور زبردستيءَ سان درست ٿي سگهيا ٿي. ان ڪري حضرت عمر کي عرب سامراج قائم ڪرڻ لاءِ مذهب ۽ سياست کي گڏڻ ڪري زور زبردستي استعمال ڪرڻ جي بدعت داخل ڪرڻي پئي. جنهن جي نتيجي ۾ خلافت جو ادارو قائم ڪيائين.

ان ڪري جهاد (زور زبردستي) استعمال ڪرڻ جو جواز مذهب ۾ داخل ڪرڻو پيو. جو قرآن جي حڪم جي صريحا خلاف هو .

هي ڳالهه جا ايجاد ڪئي وئي سا دين فطرت کي مڪمل دين ڪري ظاهر ڪرڻو پيو. اسلام دين فطرت هو. فطرت قانون ارتقا کي سڏبو آهي، جنهن مطابق ڪابه ڳالهه يا شيءِ مڪمل نه ٿئي ٿي. وهندڙ دريا وانگر اها روان ۽ دوان هوندي آهي. ان کي ڪن حدن ۾ محدود ڪرڻ قانون فطرت جي خلاف ٿئي ٿو.

انڪري ڪنهن قانون کي مڪمل ۽ دائمي سڏي، ان کي هر دور ۽ زماني لاءِ مُروج ڪرڻ جو نظريو غلط هو. ان کي مڃڻ ڪري ان قانون کي زور سان رائج ڪرڻ جو دستور پوي ٿو. تاريخ ان لاءِ شاهد آهي ته ڪنهن شريعت يا قانون کي مُڪمل سڏڻ ڪري ان کي رائج ڪرڻ لاءِ زور زبردستي ڪتب آڻڻي پوي ٿي .

مذهب بنيادي طرح محبت تي مدار رکڻ ڪري زور زبرستيءَ جي مخالفت ڪري ٿو. سنڌ جي بزرگن ان ڳالهه کي پوري طرح سمجهي چئي ڏنو ته،

" عشق سارو اسلام، مذهب محبت عين مبارڪ"
(مصري شاهه)

پر عربن جو معاشرو ان ڳالهه جو حامل نه هو. انڪري انهن مذهب ۽ سياست کي گڏي سندن مفاد لاءِ وقت جي تقاضا مطابق ڪتب آندو.

نئي ڳالهه جا مذهب ڏسي ٿو، سا اها هئي ته هر مائهو ۽ قوم فطري طور آزاد رهڻا

هئا. عربن حضرت عمر جي دور ۾ ان کي عرب سامراج قائم ڪرڻ لاءِ ٻين ملڪن تي حملا ڪري ان کي تابع بنائڻ ۽ اتي جي مخالفت ڪندڙن کي غلام بنائڻ، زالن کي لونڊيون بنائڻ، پرائي ملڪيت ڦري ان کي مال غنيمت سڏڻ سان دين محبت کي دين ڦر ۽ فساد بنائي ڇڏيو.

چوٿين ڳالهه جا اسلام ۾ داخل ڪئي وئي سا اها هئي ته چند دستورن کي (جي يهودين جي دين، عرب دستورن ۽ مڪاني حالات جي تقاضائي برپا ڪيل هئا.) دين مڪمل سڏي حڪومت ذريعي انهن کي ماڻهن تي مڙهڻ جو رواج وڌو.

پنجين ڳالهه جا اسلام ۾ داخل ڪئي ويئي، سا اها هئي ته عربي ڳالهه يا نظرئي کي مرڪز بنائي قانون فطرت جي خلاف اڳين جملي مذهبن ۽ شريعتن کي رد ڪيو ويو. جا ڳالهه قانون فطرت جي خلاف هئي، انساني معاشرو مختلف دورن مان ترقي ڪندو پئي آيو. اول ۾ وحشيانه دور هو. ان کانپوءِ زراعتي دور مروج ٿيو. ان کانپوءِ صنعتي دور پيدا ٿيو پوءِ سائنسي دور آيو. بعد ۾ ائٽمي دور آيو اڄتي هلي چا ٿئي اهو حالتن تي مدار رکي ٿو. اسلام بدويانه دور جي پيداوار آهي، ان جا دستور ۽ قانون ٻين دورن لاءِ ڪارآمد نه ٿي سگهيا ٿي.

پارت ۾ آرين اول ۾ پنهنجي قانونن ۽ دستورن کي زوريءَ مروج ڪرڻ گهريو پر جنگين بعد هو ان نتيجي تي پهتا ته اهنسا، زور زبردستيءَ جي جهنگلي قانون کان بهتر هو.

يهودين جي سياست ۽ مذهب کي گڏڻ جي حضرت عيسيٰ مخالفت ڪري عدم تشدد جي تبليغ ڪئي، پر ڪجھ وقت گذرڻ بعد عيسائين اقتدار ۾ اچڻ بعد پوپن جو ادارو قائم ڪري وري مذهب ۽ سياست کي گڏي پنهنجي مفاد لاءِ ڪتب آندوءِ اڄتي هلي هنن ان کي خيرباد چئي مذهب ۽ سياست کي علحده ڪري ڇڏيو. مسلمانن خلافت جي اداري کي نه ڇڏيو جيستائين تُرڪن شڪست کائڻ بعد انکي ختم ڪيو.

مغربي تهذيب وارن اڪثر مسلمانن کي جاهل سمجهندي، ٻي دفعا وري اُنهن کي مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻ طرف ترغيب ڏني. پهرين دفعي جمال‌الدين افغانيءَ معرفت انگريزن پنهنجي سامراج کي فرانس جي شهنشاه نيپولين پهري ان جي طاقت کان بچائڻ لاءِ تُرڪي خلافت کي پٺن اسلامزم جي نالي ۾ گڏ ڪرڻ جي تجويز رڌي جيڪا عيسائي قومون رد ڪري چڪيون هيون. نتيجو اهو نڪتو جو ترڪي سامراج ختم ٿي ويو.

ان کان پوءِ انگريزن سرسيد احمد خان، علامه اقبال ۽ مسٽر جناح جهڙن ماڻهن کي ڪتب آڻي، پاڪستان کي وجود ۾ آندو، پر جنهن صورت ۾ اهو مذهب جي بنيادي اصول، تواريخي حقائق جي خلاف هو انکري اهو اڇي ٽُڻ کي ويجهو ٻيٺو آهي. ايرندو پاڪستان جدا ٿي بنگلاديش جي صورت اختيار ڪري چڪو آهي.

هاڻ ان کي آخري نوشدارو اسلام جي نالي جو پياري، موجوده حڪومت زنده رکڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهي. اسلامي شريعت، اسلامي اتحاد، اسلامي تهذيب وغيره

جي نالن سان ان کي مذهب جي نالي ۾ قائم رکڻ جو راڳ آلاپيو وڃي ٿو.

آڻ پنهنجي ڪتابن ۾ ڄاڻائي آيو آهيان ته اسلامي شريعت (قانون) معاشري جي تبديليءَ ڪري پنهنجو اثر وڃائي ويٺو آهي. حالات زمانہ ان جي صريحا خلاف آهن. ان جو مثال مٿي گهوڙي ۾ ساهہ وجهڻ جي برابر ٿيندو. جو قانون فطرت جي خلاف آهي. اُن ڪري مذهب کي سياست سان گڏي هلائڻ ڪري ، دين فطرت اسلام جو ڏيوالو ڪڍڻ جي برابر ٿيندو.

هاڻ مائهو مذهب جي فرسوده نظريي جي نالي ۾ گڏ ٿي ڪن سامراجي طاقتن جو آلڪار ٿي ڪتب نہ ايندا. مذهب جي نالي ڪتب آڻڻ سان مائهو ردعمل ۾ اچي، ان فطرت واري دين جا مخالف ٿي مورهُو دهريت جي چنبي ۾ ڦاسندا، ته اها اسلام جي وڏي دشمني ٿيندي.

اها ڳالهہ تواريخي حقيقتن جي خلاف آهي. ان جي نالي ڪتب آڻڻ ڪري سنڌين، بلوچن، پختونن کي جي نقصان پهتا آهن سي هر هڪ کي معلوم آهن.

هاڻ پرشن گلف ۾ تيل جي چشمن کي بچائڻ خاطر مغربي ملڪن اتحاد اسلامي جو ڏوڪو برپا ڪيو آهي، سو اسرائيل جي عرب ملڪن کي ڪمزور ڪرڻ، پنجابين جي سنڌين، بلوچن ۽ پختونن جي غلام رکڻ جي ٽڪر سان لهڻ ڪري اهو نظريو پرزا پرزا ٿي پوندو.

چوٽي آهي ته ،

"هم تو ڊوبينگي ليڪن تجهکو پي ليکي ڊوبينگي"

سامراجي طاقتون پنهنجي استحصالي ارادن ڪري تباهہ ٿيڻ واريون آهن، پر ان سان گڏ سر زمين سنڌ ۾ مذهب جي رهيل نظرين کي بہ ختم ڪرڻ جو ڪم سرانجام ڏيندیون.

هنيئر وقت آيو آهي ته صاف چٽي ڏجي ته اقبال جي پيش ڪيل اسلامي تشريح غلط ۽ فرسوده آهي. هو مفڪر اسلام نہ پر مفڪر نفرت هو. شاعر مشرق نہ آهي پر شاعر عشرت هو. مولانا غلام رسول مهر اڳي چٽي ويو آهي ته اقبال جي شاعري اسلام ۽ مسلمانن کي ايترو نقصان پهچايو آهي جيترو چنگيز ۽ هلاڪو خان بہ نہ پهچايو.

ان کانسواءَ جناح کي اسلام جو علمبردار ڪري ظاهر ڪيو وڃي ٿو. اها ڳالهہ بہ ختم ٿيڻ کي ويجهو اچي ٿي آهي، مولانا عطاءالله شاهہ بخاري اڳي ان کي ڪافر اعظم جي لقب سان سڏيو آهي.

چوڌري فضل‌الحق صدر احرار جماعت ان کي قاتل اعظم جي لقب سان ياد ڪيو آهي.

چوڌري رحمت علي پاڪستان لفظ جي ايجاد ڪرڻ واري کي بمبئي جو باندر ۽ انگريزن جو دلال سڏيو آهي. غلام علي چاڳلا ان کي قادو حجام جو لقب ڏنو آهي.

ميان محمد امين کوسي ان کي سيڙهہ جو ڪنڊو سڏي، وصيت ڇڏي آهي ته سنڌ

آزاد ٿيڻ بعد ان جا هڏا ڪڍي سمنڊ ۾ اڇلايا وڃن.

جي غور سان نظر ڪبي ته هو اسلام جي علمبرداريءَ جي لقب جو حقدار نه آهي پر اسلام جيڪڏهن ڪن اعليٰ اصولن جو حامل آهي ته انهيءَ ڪوڙيءَ جي آڏار تي هن کي ڪافر مطلق سڏڻ زياده موزون ٿيندو.

سنڌي هاڻ پاڪستان مان تنگ اچي چڪا آهن. بقول سردار عطاءالله خان مينگل جي "پاڪستان گريٽر" پنجاب جو نالو آهي ۽ ان جي زياده عرصي تائين قائم رهڻ ڪري بلوچ ۽ سنڌي ريڊ انڊين بنجي پوندا.

هاڻ غور ڪرڻو پوندو ته ان آزار مان ڪيئن جان آزاد ڪرائجي. پنجابي ۲۰ لک لشڪر واري جديد اسلح جا حامل آهن، جن کي مغربي طاقتن پنهنجي تيل ۽ واپار جي مفاد خاطر مسلح ڪيو آهي، جن کان سنڌي ۽ بلوچ پنهنجي گهٽ تعداد، اسلح جي عدم موجودگيءَ جي ڪري وڙهي آزادي ونئي نه سگهندا. تنهنڪري جيڪڏهن عدم تشدد جي اصولن تي هلندي پاڪستان جي ختم ڪرڻ لاءِ ماڻهن ۾ شعور پيدا ڪن ته امڪان آهي ته اهي پاڪستان جي پنجوڙ مان آزاد ٿي سگهن. پر اها ڳالهه صاف ذهن ۾ وهارڻ جي لائق آهي ته هن وقت دنيا ۾ به مخالف طاقتون نبرد آزما آهن.

هڪ طرف مغربي سرمائيدار ملڪ آمريڪا جي سربراهيءَ هيٺ آهن ٻئي طرف ڪميونسٽ ملڪ روس جي اڳواڻيءَ هيٺ مظلوم ملڪن جي مدد سان برسر پيڪار ٿيڻ وارا آهن.

چوٽي آهي ته:

"وڙهن چور، پلو ٿئي پاڇين جو"

پارٽ جو ملڪ تواريخي حقيقتن جي پيداوار آهي، ان جي اتحاد لاءِ هڪ طرف اشوڪ، وڪرما جيت، اڪبر اعظم ۽ برٽش سرڪار متحد ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون.

ٻئي طرف ڪرشن مهراج مهاتما ٻڌ، مهاويز، خواجه معين‌الدين اجميري، گرونانڪ، راجا رام موهن راءِ، ڪبير پٿ، شاه عنايت، شاه لطيف، سچل سرمست، سامي وغيره ڪوششون ڪيون، جي تاريخ جو جُزو بنجي ڇڪيون آهن. انڪري هاڻ اسان کي شاه لطيف جي چوڻ مطابق،

پوربَ مارياس، ڪنهن در ڏيان دانهڙي؛
متيون ڏيندي لوڪ کي؛ چري آءٌ ٿياس،
جنين نه جهلس، مون لنو لڳي تن سان.
(شاه)

پارٽ سان الحاق ڪرڻ لازمي آهي. پارٽ هن وقت مرڪزيت کي زور ونائڻ ڪري تڪليف ۾ مبتلا آهي، اڄتي هلي هن کي ڪنفيڈريشن جي بنياد تي مختلف زبانن ۽ تهذيبن جي ماڻهن کي ڪم وبيش برٽش ڪئبينيٽ مشن جي بنياد تي گڏي هلائڻو

پوندو ۽ بلوچن ۽ سنڌين کي آزادي حاصل ڪرڻي پوندي.

اهل بنگال پارت سان بچاءُ جو سمجهوتو ڪرڻ کانسواءِ جا آزادي ورتي سا ديرپا ٿي نه سگهي. هاڻ اسان کي وري پارت جي مدد سان آزادي حاصل ڪرڻي پوندي، ايرندي بنگال ۽ آزادي پارت ۽ روس جي مدد سان ورتي، امريڪا ۽ ان جا مددگار ملڪ پنهنجي اقتصادي، تجارتي ۽ تيل جي مفاد خاطر پارت کي ڪمزور ڪري پنهنجي تابع ڪرڻ گهرن ٿا. جنهن ڪري انهن سکن، جنتا پارٽي ۽ مسلمانن جي هڪ گروهه جي مدد سان اندروني مخالفت شروع ڪرائي آهي.

اسان کي ڏهن صاف رکڻا آهن. هن جديد دور ۾ مذهب کي سياست جو جُزو ڪري هلائڻ ناموزون آهي.

مونکي نهايت افسوس سان ظاهر ڪرڻو پوي ٿو ته ڪميونزم، جو قومن جي حق خودارادي ۽ جو قائل آهي، ان جي ڪن ڪارڪنن کي سنڌ ۾ اهل پنجاب لالچ ۽ مدد ڏئي، سنڌ جي آزادي ۽ جي راهه ۾ اختلاف پيدا ڪري ڇڏيا آهن. ون يونٽ پيري اهل پنجاب جي سوشلسٽ ڪارڪنن کي راضي ڪرڻ لاءِ روس وارن ون يونٽ جي حمايت ڪئي.هاڻ اهل پنجاب جي لشڪري طاقت ۽ تعداد جي گهٽائي ۽ کي مدنظر رکي پنهنجي اصولن موجب ننڍين قومن جي حق خودارادي ۽ جي حمايت نٿا ڪن.

ٻئي طرف هندوستان هڪ طرف صنعتي ملڪ هڻڻ ۽ اندروني اختلافن کان ڊڄي پر وارن ملڪن سنڌ ۽ بلوچستان جي حق خودارادي ۽ لاءِ مدد ڪرڻ تي رضامند نٿو ٿئي. ان ڪري اسان جي حالت نازڪ آهي.

اهل پنجاب کي سنڌن ملڻري سول سروس ۽ تعداد جي آدار تي، جو گهڻو آهي، انڪري کين عقل اچڻ جو امڪان گهٽ آهي. اسان سنڌ واسين ۽ بلوچن لاءِ ٻه رستا رهيل آهن، يا ته ماڻ ڪري پنجاب سامراج جي ڪالونائيزيشن جي زد ۾ اچي ريڊانڊين بنجي وڃون يا عوام کي سنڌن مستقبل جي خطرن کان آگاه ڪري، پنجابين جي پنجوڙ مان آزاد ڪرڻ لاءِ راهه هموار ڪريون.

هي ڳالهيون ڏهن ۾ ويهارڻ گهرجي ته تشدد جي پاليسي اسان لاءِ خودڪشيءَ جي برابر ٿيندي، هڪ تعداد ۾ گهٽ، پاڻ ۾ قومي شعور جي گهٽتائي، عوام ۽ خاص خود مطلبيءَ جي مرض ۾ مبتلا هڻڻ ڪري ملڪ ۽ قوم جي گڏيل آزادي لاءِ ڪوشش ڪرڻ جي راز کان واقف نه ٿيا آهن.اسان کي اسلام جي غلط تشريح يا سوشلزم جي ٽرانسڪيءَ واري پاليسي کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

دنيا ۾ هن وقت ٻن وڏين طاقتن جي وچ ۾ اقتدار لاءِ جنگ هلندڙ آهي، جن ۾ نظرياتي ۽ اقتصادي مفادن ڪري ترت سمجهوتو ٿيڻ جو امڪان نظر نٿو اچي، ان ڪري جنهن صورت ۾ سرمائيدار سامراج جي مفاد ۽ اشتراڪي طاقت جي اختلافن جي وچ ۾ سمجهوتي ٿيڻ جو امڪان گهٽ آهي. ظاهر ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي ته پارت ۽ روس هڪ طرف ۽ سرمائيدار ملڪ ٻئي طرف تصادم ۾ اچڻ وارا آهن. اسان کي موقعي جو انتظار ڪرڻ گهرجي پوءِ روس ۽ پارت جي مدد سان پنهنجي آزادي حاصل ڪرڻي پوندي.

هيءَ ڳالهه صاف سمجهي ڇڏڻ گهرجي ته عام نوجوان جو ڪميونسٽ ملڪن جي لٽريچر کي پڙهندي گوريلا جنگ ڪرڻ جون تياريون ڪري رهيا آهن. سا ڳالهه خودڪشيءَ جي مترادف ٿيندي اسان تعداد ۾ ٿورا آهيون. اڄا پر وارا ملڪ پارٽ ۽ روس پنهنجي سياسي مفاد خاطر اسان جي مدد لاءِ تيار ڪونه ٿيا آهن. بلڪ پنهنجي مشڪلاتن ۾ ڦاٿا پيا آهن.

تنهنڪري حال قومي سياسي شعور پيدا ڪرڻ ۽ شخصي مفاد تي قومي مفاد کي ترجيح ڏيڻ ۽ پاڪستان کي زهر قاتل سمجهڻ لاءِ پرچار ڪرڻ طرف توجه ڏيڻ گهرجي. آزادي حاصل ڪرڻ کان اڳ اسلام ۽ سوشلزم جي ڏوکن کان خبردار رهڻ گهرجي.

غلام مرتضيٰ

سن، سنڌ
۱۹۸۴ع

باب اول

پاڪستان جو وجود غلط بنيادن تي برپا ڪيل هو

جي ڇتائي ڏسبو تہ پاڪستان قائم ڪرڻ لاءِ جي اُصول ۽ دليل پيش ڪيا ويا سي ڪم و بيش هينيان هئا.

۱- پاڪستان جا مسلمان جُدا قوم هئا ۽ اتي جا رهاڪو هڪ قوم هئا.

۲- اسلام دين مڪمل هو ۽ ٻين دينن کان علحده ۽ برتر هو.

۳- مسلمان ملڪن جي اتحاد لاءِ پاڪستان جو وجود ڪارگر آلڪار هو.

۴- پاڪستان جي حڪومت دنيا جي جديد ترقي پسند سياسي نظرين جي خلاف اسلامي نظريہ حڪومت موجب هلائڻ گهرجي.

۵- جمهوريت جي خلاف آمراند حڪومت زياده ڪارگر ثابت ٿي آهي.

مون پنهنجي مختلف ڪتابن ذريعي اڳيئي ظاهر پي ڪيو آهي تہ اُهي پنجئي نظريا غلط هئا. جي اهل پنجاب ۽ مهاجر طبقي پنهنجي طبقاتي ۽ سياسي مفاد لاءِ ايجاد ڪري ننڍين قومن جهڙوڪ سنڌين، بلوچن ۽ پختونن کي پنهنجي تسلط ۽ استحصال لاءِ ايجاد ڪيا هئا.

جنهن صورت ۾ پڙهندڙن لاءِ منهنجي سيني ڪتابن جن ۾ انهن ڳالهين جو تفصيل سان ذڪر ڪيل آهي، پر حڪومت جي پاليسيءَ ڪري گهڻن ڪتابن جي ضبط ٿيڻ يا نايابي ٿيڻ ڪري پڙهڻ مشڪل آهي. ان ڪري ناظرين جي سهوليت خاطر مختصر طورمٿي ذڪر ڪيل اصولن تي دليل ڏئي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس تہ ڪهڙي طرح اهي ذڪر ڪيل بنيادي اصول غلط بنيادن تي تعمير ٿيل هئا.

۱ - پاڪستان جا مسلمان هڪ قوم نہ هئا.

قوم جو جديد ترين تخيل پنجن اصولن تي ٻڌو وڃي ٿو. جنهن کي اقوام متحده ۾ قبول ڪيو آهي.

قوم لاءِ هڪ جاگرافيائي ملڪ، هڪ زبان، ساڃيا تاريخي روايات، هڪ ڪلچر، ساڃيا سياسي ۽ اقتصادي مفاد ٿين ٿا.

پاڪستان جا مسلمان انهيءَ نقطہ نگاہ کان هڪ قوم نہ هئا. موجوده چٹن صوبن وارو پاڪستان جاگرافيائي طور ڪڏهن بہ هڪ ملڪ ٿي نہ رهيو آهي، ٻيو ان ۾ سنڌ، پختون ايريا، پنجاب، بهاولپور، بلوچستان جدا جدا جاگرافيائي ملڪ پڻ رهيا آهن. انهن ۾ زبانون بہ علحده ٻالهايون وڻن ٿيون. انهن جا تاريخي روايات علحده رهيا آهن.

سنڌ گذريل پنجن هزارن سالن کان جاگرافيائي حدن جي حوادث زماني ڪري گهٽ وڌ ٿيڻ جي باوجود پنهنجو علحده وجود قائم رکيو پٽي آئي آهي. جنهن جي زبان، روايات، ڪلچر، سياسي ۽ اقتصادي مفاد جدا پڻ رهيا آهن.

اهڙيءَ طرح پختون ايراضي پڻ جاگرافيائي حدن جي گهٽ وڌ ٿيڻ جي باوجود زبان، روايات، ڪلچر، سياسي ۽ اقتصادي مفاد جدا پڻ رکيا آهن. جنهن ايراضي کي پنجاب سڏيو وڃي ٿو، اهو مفلن ۽ سکن جي ڏينهن ۾ موجوده ايراضيءَ تي مشتمل هو. ليڪن ان ۾ جدا زبانون پنجابي، پوٺواري، هندڪو ۽ سرائڪي رائج پڻ رهيون آهن. هنن انهن کي ڇڏي مهاجرن جي زبان اردو کي قومي زبان بنايو آهي. جا عام ماڻهن جي زبان نہ پڻ رهي آهي. بهاولپور کي هن وقت پنجاب جو حصو بنايو ويو آهي ليڪن اهو ملڪ داؤد پوٽا بهالپور رياست تي مشتمل هو. ان جي زبان سرائڪي هئي، ان جا عام ماڻهو ان کي گهڻي وقت کان جدا سرائڪي صوبو بنائڻ جي فائدي ۾ پڻ رهيا آهن پر پاڪستان تي پنجابي تسلط قائم ٿيڻ ڪري اهل پنجاب انهن جي مٿئين طبقي کي هيسائي ۽ ڊيڄاري پنجاب جو حصو شمار ڪرڻ جو آواز ڪڍائي رهيا آهن.

بلوچستان ۾ ٽي زبانون رائج آهن. بلوچي، پختون، سنڌي. پرزوريءَ انهن تي اردو زبان مڙهي ويئي آهي. انهن جا ڪلچر، تاريخي روايات ، سياسي ۽ اقتصادي مفاد علحده پڻ رهيا آهن. هنن سندن آزاديءَ لاءِ ڪيترا دفعا جدوجهد ڪئي آهي ايجا تائين هو پنهنجي جداگانہ حيثيت جي قيام لاءِ ڪوشان آهن.

پختون قومرسان ظلم اُهو ڪيو ويو آهي تہ انهن کي صوبہ سرحد، پنجاب، بلوچستان، افغانستان ۽ آزاد علاقي ۾ ورهائي ڇڏيو ويو آهي، هو جدا زبان، روايات، سياسي ۽ اقتصادي مفاد جا مالڪ آهن. هنن منهنجي آزاديءَ لاءِ ڪيئي دفعا ڪوششون ڪيون آهن. تنهنڪري انهن کي مسلم قوم جو حصو سڏي پاڪستان ۾ پنجاب جي غلبي هيٺ رکڻ غلط آهي.

جيڪڏهن مسلمان هڪ قوم آهن تہ ساري دنيا جا مسلمان هڪ سمجهڻ گهرجن. پر تاريخ جي ڪنهن بہ دور ۾ اهي هڪ قوم رهيا آهن، انهن پاڻ ۾ جنگيون ڪيون آهن، هڪ ٻين جا خون وهايا آهن. هن وقت بہ پنجابي، سنڌين، بلوچين ۽ پٺاڻن کي غلام رکيو ويٺا آهن. ايران ۽ عراق جنگ ۾ مشغول آهن. پاڪستان ۽ افغانستان هڪ ٻين جي خلاف آهن. انهن کي هڪ قوم سڏڻ تواريخي حقيقتن جي خلاف ٿيندو.

٢ - اسلام دين مڪمل هو ۽ اهو ٻين دينن کان علحده ۽ برتر هو.

اها ڳالھ اسلام جي بنيادي اصولن جي خلاف هئي. اسلام دين فطرت هڻڻ جي حالت ۾ هميشہ ارتقاءَ ۾ رهيو هو. هن ۾ روز نوان نيڪا اچڻا هئا.

اسلام جي نالي سان جيڪو دين سڏيو وڃي ٿو ان ۾ هن وقت اٽڪل ٣٥ فرقا پيدا ٿي چڪا آهن جن ۾ هڪ ناجي ٻيا سڀ ناري سڏ جڻا هوا.

هڪ حديث مطابق اسلام ۾ ٧٦ فرقا پيدا ٿيڻ وارا هئا جن ۾ هڪ ناجي هوندو ۽ ٻيا ناري هوندا.

اسلام بابت مون پنهنجي ڪتاب "سنڌوءَ جي ساڃاھ" ۾ ڄاڻايو آهي تہ اسلام دنيا جي جملي دينن جي ڪثرت پويان وحدت جو پيغام ڪٿي آيو هو. انکي جدا دين ڪري مڃڻ دين فطرت جي بنيادي اصول جي خلاف هو. مسلمانن کي سڀني دينن کي حق تي مڃڻو هو. انهن جي تعليم ۽ پيغامبرن ۾ تفاوت نہ ڪرڻو هو. جهڙيءَ طرح ٻين دينن جون شريعتون ۽ قانون معاشري جي تبديليءَ ڪري منسوخ ٿي وڃن ٿيون، اهڙي طرح اسلام جي اوائلي قانونن ۽ شريعت کي رد سمجهي حالات مطابق بنائڻ لازمي هو. ان جي شريعت هميشہ لاءِ مڪمل سمجهڻ غلط هو. شريعت اسلام جا مُکيہ قانون معاشري جي تبديليءَ ڪري رد ٿي چڪا آهن. اسلام ٦٠ سيڪڙو يهوديت جي دين کان استفاده ڪيو آهي. ان ۾ ٻين دينن جهڙوڪ ڪرسچنٽي، عربن جا قديم دستور، زراشٽرزم، ٻڌازم، هندو وغيره مذهبن جا جزا سمايل هئا.

مُکيہ اُصولن کان سواءِ جيڪي گهڻو ڪري سڀني مذهبن جا ساڃيا ٿين ٿا، شريعتي ۽ فروعي ڳالهيون زماني جي تبديليءَ ڪري بدلجڻ واريون هيون.

اسلام نہ جدا دين هو ۽ نہ ان جو جدا دين سڏجڻ جو مقصد هو . عرب سامراج طرفان ان جي بنيادي اُصولن کي رد ڪري هڪ جدا ۽ مڪمل بنايو ويو هو.

دنيا ۾ ڪابہ شيءِ جدا رهي نٿي سگهي سڀ دين هڪ ٻين کان ڪي ڳالهيون مستعارڪن ٿا ڪنهن دين کي مڪمل سڏڻ جي معنيٰ غلط آهي هر ڳالھ ۾ تبديلي ايندي رهندي، نئين سر نيون ڳالهيون داخل ٿيندیون رهنديون.

تنهنڪري ڪنهن دين يا نظريي کي مڪمل يا آخري سڏڻ قانونِ فطرت جي خلاف هو.

مون "سنڌوءَ جي ساڃاھ" ڪتاب واري مذهبي باب ۾ ڄاڻايو آهي تہ ڪهڙي طرح مذهبن جي شروعات ٿي ۽ پوءِ انهن جي ترقي ٿيندي آئي. معاشري ۽ زماني جي تبديليءَ ڪري انهن جي شريعتن ۾ تبديلي اچڻ لازمي ڳالھ هئي.

خود اسلام جون بہ جدا حالات موجب عربي، ايراني، يورپي، هندي تشريحون ٿيل آهن. اسلام جيڪا شڪل ۽ صورت سنڌ ۾ اختيار ڪئي هئي اها ستن مختلف مذهبن جو نچوڙ هئي. جهڙوڪ: ١- هندو، ٢- ٻڌ، ٣- جين، ٤- زراشٽرزم، ٥- يهوديت، ٦- عيسائيت، ٧- عرب اسلام. ان ڏس ۾ سنڌي ۽ هندي بزرگن طرفان ڪوششون بہ ٿيل

آهن. سر زمين سنڌ، پنجاب ۽ ٻين هندوستاني ملڪن جي بزرگن ڪثرت مذاهب پويان وحدت جو پيغام پيش ڪيو هو. علامہ اقبال جي اسلامي تشريح فسطائي قسم جي هئي. اسلام جي صحيح تشريح گرونانڪ، خواجہ غلام فريد، بلاشاه ۽ شاه باهوءَ جهڙن بزرگن ڪئي هئي.

اقبال نطشي جي تعليم جو پوئلڳ هو. هن جو قول ۽ فعل جدا هئا. هو چڪلائي، زاني، انگريزي سلطنت جو نمڪ خوار ۽ انگريزي تجويز موجب هندستان کي ورهائڻ جو حامي صوفيائي ڪرام جي تعليم کان بي بهره هو. ان ڪري ان جو پيش ڪيل ٻن قومن جو نظريو ۽ مسلمانن جي دنيا جي قومن جي امامت ڪرڻ جي ٻاڪ واهيات ۽ بڪواس هئي. ان جي تشريح کي شهريت صرف ان ڪري ڏني وڃي ٿي جو پنجابي ۽ مهاجر مستقل مفاد جي فائدي وٺان هئي.

٣ - مسلمان ملڪن جي اتحاد لاءِ پاڪستان جو وجود ضروري هو.

جيڪڏهن تاريخ تي نظر ڪبي تہ پاڪستان کي انگريزن وجود ۾ انهيءَ ڪري آندو جو هنن کي پارت جي گڏيل طاقت کي ڪمزور ڪري هن خط زمين ۾ پنجابي لشڪر جي وفاداريءَ جي پروسي تي هڪ اهڙو ملڪ پيدا ڪرڻو هو جو آئنده هلي سرمائيدار ملڪن جو آلہ ڪار ٿي ڪم اچڻو هو.

مون کي ياد آهي تہ سنہ ١٩٤١ع جي آخر ڌاري جڏهن اتحادين ۽ جرمن جي وچ ۾ مهاپاري جنگ هلي رهي هئي ۽ هندوستان کي انگريزن جو لشڪر ۽ ٻي سامان جو مڪي اڏو سمجهي هٽلر سويز واه تي قبضي ڪرڻ جي ارادي سان جنرل رومل هيٺ مصر کي فتح ڪرڻ ۽ فوجون موڪلي لبيا جي طرف کان ڪاهہ شروع ڪئي هئي. ان وقت مصر ۾ هندوستاني فوج انگريزن طرفان لڙي رهي هئي، جن ۾ سک ۽ پنجابي مسلمان گهڻي تعداد ۾ هئا. انگريزن هندوستاني لشڪر جو موريل وڏائڻ لاءِ سڪندر حيات خان کي لشڪر جي همت افزائيءَ لاءِ مصر ۾ڪهرايو هو. مصر وڃڻ کان اڳ هو ڪراچيءَ ۾ صدراسٽيشن جي پر ۾ ڪارلٽن هوٽل ۾ اچي لٿو هو. اسان کي جڏهن پتو پيو تہ دوستيءَ ۽ واقفيت جي بنياد تي شيخ عبدالمجيد، خانبهادر کهڙو، خانبهادر الہ بخش سومرو ۽ آءٌ کيس ملڻ وياسون. ان وقت مون وزارت تان استيعفا ڏئي جملي مسلمان ميمبرن کي گڏي آل پارٽيز سرڪار ناهي خانبهادر الہ بخش کي وزير مقرر ڪرايو هو.

سردار صاحب کي اها ڳالهہ معلوم هئي، ان مون کي چيو تہ "الهبخش کي وزارت ۾ آڻي مسلم ميمبرن جي اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ جيڪو تو ڪم ڪيو آهي سو نهايت عمدو آهي. هاڻ اوهان حسب منشا قانون پاس ڪرائي سگهندا. ائين چئي الہ بخش ڏي مخاطب ٿي چيائين تہ "هاڻ مون وانگر تون بہ مسلم ليگ ۾ شريڪ ٿي آل انڊيا مسلمن بابت گڏيل ڪم ڪر"

ڪجهه ڏينهن اڳ پنجاب اسيمبليءَ ۾ سر سڪندر وزير اعليٰ جي حيثيت ۾ تقرير ڪندي چيو هو تہ: "پاڪستان خام خيال آهي. ليگ صرف پروپينگڊا خاطر ان لاءِ آواز کڌي ٿي. ليڪن هو ان جي فائدي ۾ نہ هو."

ان تي خانبهادر الهہ بخش ڪيس چيو تہ:" سردار صاحب مون کان اهو ڪم نہ پُڇندو جو پاڪستان جي مخالفت ۾ ڪريان ۽ مسلم ليگ ۾ نہ شامل ٿيان. آءٌ پاڪستان جي قيام کي سنڌ مسلم اڪثريت وارن صوبن ۽ هندوستان جي گڏيل مفاد جي خلاف ٿو سمجهان. ان ڪري مسلم ليگ ۾ شريڪ نہ ٿيندس."

ان تي سرسڪندر حيات ڪيس چيو تہ:" خود جناح صاحب پاڪستان جو نالو ونڻ کان ڇرڪي ٿو. جي مون اها پاليسي ورتي تہ چا ٿيو. پوءِ ۱۹۳۰ع واري پهرين گول ميز ڪانفرنس جو ذڪر ٿيو جنهن جي پارليامينٽري ڪاميٽيءَ جي ڪميشن ۾ هڪ پارليامينٽ جي ميمبر مسلم ميمبرن کان سوال پڇيو هو تہ. پاڪستان لاءِ اوهان جو چا چوڻ هو. ان ۾ جناح صاحب ۽ سرظفرالله خان نہ ميمبر هئا. ان تي سرظفرالله خان مسلم ميمبرن جي طرفان چيو هو تہ. اها ڳالهہ ڪن انگلنڈ جي مسلم شاگردن طرفان هلايل هئي. جنهن جو اڳواڻ چوڌري رحمت علي هو. اسان مسلم سياستدانن جو ان ڳالهہ سان واسطو نہ هو. اسان جناح واري ۱۴ نقطن جا حامي هئاسون. جنهن موجب گڏيل هندوستان ۾ ۳۳ سيڪڙو مرڪزي اسيمبلي ۾ نمائندگي گهربل هئي.

ان بعد سر سڪندر حيات مسر ويو ۽ وڃي پنجابي فوجين ۾ تقريرون ڪري سندن همت افزائي ڪئي. سرونسٽن چرچل برٽش سرڪار جو پرائيم منسٽر اتي ڪيس مليو. ان سندس شڪريو ادا ڪري چيو تہ هندوستان جي مسلمانن انگريزن سان وفاداري ڏيکاري آهي. هاڻ برٽش سرڪار ان نتيجي تي پهتي آهي تہ هو ڪهڙو وقت هندوستان کي زوريءَ زيردست رکي نہ سگهندا. جنگ پوري ٿيڻ کان پوءِ هو انڊيا کي آزادي ڏيڻ وارا آهن. پر ڪانگريس جي روش مان ڪين شڪ هو تہ آزاديءَ کانپوءِ هندن تي پروسو ڪري نہ سگهندا. مسلمانن هن نازڪ وقت ۾ سندن مدد ڪري ثابت ڪري ڪيو آهي تہ هو آزاديءَ کان پوءِ انگريز سرڪار سان وفادار ٿي رهندا. "ان ڪري هنن فيصلو ڪيو آهي تہ هندوستان کي ورهائي هڪ حصو مسلمانن جي حوالي ڪندا. جتي هنن جي اڪثريت هوندي ۽ ٻيو حصو هندن جي حوالي ڪندا جتي هندن جي اڪثريت هوندي. ان لاءِ هن هندوستان جي وائسراءِ کي لکي موڪليو آهي تہ آئندي آزاديءَ جي اسڪيم ۾ هندوستان کي هندو انڊيا ۽ مسلم انڊيا ۾ ورهائڻ جي تجويز تيار ڪرائي. جنهن اهو اهم ڪم وائسراءِ جي قانوني وزير سرظفرالله جي حوالي ڪيو آهي ان ڪري انگريزن جي مخالف ڪانگريس جي طاقت جي ڪمزور ٿيندي ۽ پوٽتان هندوستان جي مسلم ورهاست واري حصي ۾ هڪ وفادار حڪومت طاقت ۾ رهندي. جا اڳتي هلي وچ مشرق جي مسلمان ملڪن جي اڳواڻي ڪري انگريز سامراج لاءِ هڪ دوست گروهہ پيدا ڪري سگهندي. اوهان کي آئنده مسلم ملڪن جي ليڈري جي حيثيت ملڻ واري آهي."

اها ڳالهہ ٻڌن بعد سر سڪندر خوش ٿي سڏو اچي جناح صاحب کي اها خبر ٻڌائي. جنهن کان پوءِ جناح ڪليو ڪلايو پاڪستان جو نالو ونڻ لڳو ورنہ خود لاهور جي

ٺهراءَ وقت بہ پاڪستان جو نالو نہ ورتو ويو هو. ان مان صاف ثابت ٿئي ٿوتہ هندوستان کي ورهائي مسلمانن کي جدا ملڪ (پاڪستان) ڏيڻ انگريزي سامراج جي تجويز هئي، جنهن جناح ۽ مسلم ملڪن جولیڈر ٿيڻ جو حرص پيدا ڪيو. انڪري جناح، پاڪستان جي قيام کانپوءِ اهو چوڻ لڳو تہ، پاڪستان دنيا جي وڏي ۾ وڏي مسلم حڪومت هئي. اُنکي اقبال جي چوڻ مطابق شجاعت ۽ امامت جا فرائض انجام ڪرڻا هئا وغيره. اهي سڀ انگريزي سامراج جا ايجاد ڪيل نظريا ها.

هن وقت انگريزي سامراج جي جاءِ جڏهن آمريڪا ورتي آهي تہ هو جناح جي جاءِ نشين کي مسلم ملڪن جي اتحاد جي نالي گڏي، سرمائيدار ملڪن جي مدد ڪرڻ لاءِ پنهنجو آلڪار بنائي رهيا آهن.

(۴) پاڪستان نظام اسلاميءَ جي لاءِ متحد ٿي مسلمان ملڪن کي ڪنو ڪرڻ وارو هو.

جنهن صورت ۾ مسلمان ملڪ پوئتي پيل، غريب ۽ سرمائيدار ملڪن جي اثر هيٺ هلي رهيا هئا، ان ڪري انهن کي گڏڻ لاءِ نظام اسلاميءَ جو نالو ونڻ، جاهل مسلمانن کي مذهب جي نالي ۾ متحد ڪرڻ جو آواز ڪڍيو ويو. پهرين جناح صاحب، باوجود اسلام مان واقفيت نہ هڻڻ جي اسلام جو نالو ونڻ شروع ڪيو، پر جنهن صورت ۾ هنجي رهڻي ڪرڻي مغربي هئي، هو برٽش ليبرل روايات جو حامل هو، انڪري اهو ان ۾ ڪامياب نہ ٿيو ۽ عمربہ ايتري ڪانہ ٿيس جو اُن لاءِ ڪجهہ ڪري سگهي، پوءِ لياقت علي خان ان لاءِ آئين ناهڻ وقت، جي بنيادي متا آئين ۾ داخل ڪيا، ان ۾ خدا جي حڪومت ۽ اسلامي نالا وغيره داخل ڪيا، پر هن جي رهڻي ڪرڻي بہ جداگانہ هئي. هو فرعون صفت هو. سندس زال مينا بازارون لڳارائي اهڙو رويو اختيار ڪيو، جو عام ماڻهن ۾ سندس لاءِ نفرت پيدا ٿي پئي. ازانسواءِ اردو زبان ، مهاجرن جي سرپرستي، يو پي تهذيب جي راڳ ڳائڻ ڪري هڪ طرف ماڻهن کي شڪ پوڻ لڳا پي طرف هن اهل بينگال، اهل پنجاب ۽ سنڌين سان اهڙي روش ورتي جو اتي جي رهاڪن ۾ ان لاءِ نفرت پيدا ٿي پيئي. هن شهيد سهروردیءَ کي هندستان جو ڪتو سڏي، آئين ساز اسيمبليءَ مان خارج ڪرايو.

غلام محمد خان کي حڪومت مان ڪڍڻ جي سازش سنّي، پنجاب جي سياستدانن کي ويڙهايائين. سنڌ ۾ ڪراچيءَ کي مهاجرن جو ڳڙھ بنائڻ لاءِ جناح صاحب کي گمراهہ ڪري مرڪزي حڪومت جي ماتحت رکڻ. خانبهادر کهڙي کي ان جي مخالفت ڪرڻ ڪري جيل ۾ وجهي وزارت مان خارج ڪرائڻ، سنڌي ثقافت لاءِ ناجائز ۽ هتڪ آميز الفاظ ڪتب آڻڻ تہ "انهن جي تهذيب گڏهن هڪلڻ ۽ اُلن ڪاهڻ واري قوم هئي." اُهي ڳالهيون هيون، جنهن ڪري مجبور ٿي اهل پنجاب ڪيس قتل ڪري منجهائنس جان ڇڏائي.

ان کانپوءِ هر وزارت اسلام ۽ اسلامي حڪومت جو نالو ونندي رهي ، ڪڏهن

فلسطين جي مسئلي جي نالي ۾ ڪڏهن ڪشمير حاصل ڪرڻ جو آواز اُٺارڻ سان ، ڪڏهين هندوستان جو ،خوف ڏيارڻ، ڪڏهن روس جي لادينيت جو خطرو سامهون آڻي حڪومت جي پاليسي هلائيندي آئي. پر آخري ڪوشش هن وقت جنرل ضياءُالحق جي دور حڪومت ۾ ڪئي وڃي ٿي، جنهن ۾ اسلامي نظام حڪومت هڪ طرف ، مسلمان ملڪن جو اتحاد ٻئي طرف، آمريڪن بلاڪ سامراج جي اشاري تي افغانستان جي ماڻهن کي مذهب جي نالي روس جي خلاف ڪرڻ ، نماز پڙهائڻ ، دقيانوسي اسلامي قانون ملڪ سان رائج ڪرڻ، هُنري دور ۾ وياج کان سواءِ بئنڪون هلائڻ قاضي عدالتون جاري ڪري ماڻهن کي وحشيانہ سزائون ڏيارڻ وغيره دستور انهيءَ رائج ڪرايا آهن.

سامراج جو آلہ ڪار ٿي هندستان کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ ڪشمير جو سوال، سکن جو سوال، مسلمانن کي هندن خلاف ڪرڻ ۽ جنتا پارٽيءَ جي ذريعي هندستان جهڙي غريب ملڪ ۾ سرمائيداري نظام حڪومت هلائڻ جون سازشون ٿي، حڪومت هلائي ٿو. ان ملن دانشورن کي قوي گمان پيدا ٿي رهيو آهي تہ هي پاليسي اسلام جي بيخ ڪني ڪري، دهريت طرف ماڻهن کي ڌڪي پاڪستان کي ختم ڪرڻ لاءِ مجبور ڪندي.

اسان کي پڪ آهي پاڪستان جون حڪومتون آمريڪن سرمائيدارانہ بلاڪ جي زير تسلط رهيون آهن، جنهن جو ارادو ڪين پارت ۽ روس سان تصادم ۾ آڻڻ جو آهي. عرب ۽ ايران ملڪن ۾ اختلاف دور ڪرڻ ان بلاڪ جي مفاد وٽان نہ آهي جو ان کي سندن ايجنٽ ملڪ اسرائيل ڪمزور ٿيندو ان کي نہ اسلامي ملڪ ڪٿا ٿيڻ وارا هٿا ۽ نہ اهل پنجاب پنهنجي سامراجي مفاد خاطر سنڌ،بلوچستان ۽ پختونستان سان ظلم گهٽ ڪرڻ وارو هو ۽ نہ آمريڪن ان کي هندوستان ۽ روس سان نهٽ ڏيندا تنهنڪري مسلمان ملڪن جي متحد ٿيڻ جو مقصد حاصل ٿيڻ وارو نہ هو. امڪان قوي آهي تہ، انهن جي اشاري تي هو روس ۽ هندوستان سان تصادم ۾ اچي پاڻ کي بہ زبون ڪن ۽ ننڍن صوبن جي همدردي بہ حاصل ڪري نہ سگهن. جنهن جي نتيجي ۾ پاڪستان تباهہ ٿي ويندو.

(۵) جمهوريت هن ملڪ لاءِ ڪارگر ثابت نہ ٿي آهي تنهنڪري آمرانہ حڪومت هلائڻ گهرجي.

حڪمران طبقو اول ۾ دنيا ۽ هتي جي رهندڙ ماڻهن کي جمهوريت جي نالي جو ڏوکو ڏئي پرچائيندا آيا پر وقت بوقت ملڪ سان مارشل لا لاڳوڪري آمرانہ حڪومت ٻڌي هلائي آهي .

پهرين بدعت جناح وڏي جنهن هڪ ٿي وقت ۾ گورنر جنرل جو عهدو سنڀاليو

جنهن ۾ برٽش سرڪار سان وفاداريءَ جو حلف کنيائين. ساڳئي وقت آئين ساز اسيمبليءَ جو ڪجهه وقت لاءِ صدر رهيو ۽ مسلم ليگ جماعت جو پريزيڊنٽ رهي، سڀ طاقت پنهنجي هٿ ۾ رکيائين، پر مائهن کي ڏوکي ڏيڻ لاءِ جمهوريت جو نالو ونندو آيو . ڪراچي شهر صوبي سنڌ کان کسي مرڪز جي حوالي ڪري مهاجرن کي لاتعداد ۽ آٽاياٽين، هندن جي چڏيل ملڪيت جا سنڌ مان ڪمايل هٿي، سنڌين جي عيوض مهاجرن کي ڏياريائين، اردو ٻولي جا پاڪستان جي ڪنهن به صوبي جي زبان نه هٿي ان کي زوريءَ قومي ٻولي بنايائين، خانبهادر کهڙي خوشيءَ سان ڪراچي نه ڏني ته هن کي ڪوڙن ڪيس هيڊ جيل ۾ وڃي زوريءَ ڪراچي کي مرڪز جي حوالي ڪيائين. پيرالاهي بخش جنهن الهه بخش مرحوم جي ڏينهن ۾ ڪيس گهڙ ودڻالهايو هو، انکي مهاجرن جو پٺو بنجڻ تي سنڌ جو وزيراعلي ڪيائين.جو پوءِ منهنجي الڪشن ۾ ڏاندلين ڪرڻ جي پاداش ۾ الڪشن ٽربيونل جي فتويٰ موجب وزارت اعلي ۽ ميمبريءَ تان خارج ٿيو.

ڪراچيءَ ۾ مهاجرن کي آٽائي انهن کي سندن ڪالوني بنائڻ جي شروعات ڪئي. مخالفن تي سختيون ڪيائين. مونکي نظربند ڪيائين، خان عبدالغفارخان ۽ خان عبدالصمد خان کي جيل ۾ موڪليائين.

سنڌ جي مسئلي لاءِ جڏهن سنڌين جو وفد ڪيس زيارت ۾ ملڻ ويو ۽ انهن ڪيس ڇيو ته ڪراچي سنڌ کان نه کسي وڃي چاڪاڻ ته مسلم ليگ ڪائونسل، سنڌ اسيمبلي ۽ سنڌي عوام ان جي مخالفت ڪئي آهي، جنهن تي چيائين ته اهي ڪير ٿيندا آهن؟ ان تي علي اڪبر شاهه ڪيس ڇيو ته مسلم ليگ اها جماعت آهي جنهن پاڪستان حاصل ڪيو آهي ته جواب ڏنائين، مٽي ڏکر ڪيل جماعتون ڪجهه نه هيون، پاڪستان هن پاڻ ورتو هو. لياقت علي خان مهاجرن کي آباد ڪرايو .سنڌ ۾ هندن جون ملڪيتون انهن جي حوالي ڪيائين .سنڌي هندن کي ، فساد ڪرائي ، سنڌ مان نڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو. نتيجو اهو ٿيو جو ۱۳ لک سنڌي هندو، جي سنڌي تهذيب ۽ تمدن جا علمبردار هٿ، تن کي مجبورن سنڌ چڏڻي پئي.

سنڌين لاءِ هميشه حقارت آميز الفاظ ڪتب آڻيندو هو. ڪائيندو به سنڌ جو هو ۽ گهڙ ودَ به انهن کي ڳالهائيندو هو. سڪندر مرزا ڪنٽرول جمهوريت جو لفظ ايجاد ڪري حڪومت هلائي ، ان کانپوءِ ٽي دفعا مارشل لا لڳايو ويو آهي، اسيمبليون ختم ڪيون ويون آهن . هاڻ ته اسلامي طريقه حڪومت جو راڳ آلاپيو پيو وڃي، چي، هر مرض جو علاج اسلامي نظام حڪومت ذريعي حاصل ٿي سگهندو . ۴ سئو ورهيه گذري ويا آهن پر رڳو اسلامي نظام چا ٿيندو آهي، اهو فيصلو به ٽي نه سگهيو آهي .

اسلام جي نالي ۾ دنيا جي سياست ۾ جيڪي خرابيون پيدا ٿيون، اهي تاريخ جي ورقن ۾ درج آهن، پر ايتا تائين ڇيو وڃي ٿو ته جمهوري نظام حڪومت لاءِ مائهو لائق نه آهن.

باب ٻيو

پاڪستان جو وجود تاريخي حقيقتن جي خلاف هو.

تاريخ جي ماهرن کي خبر آهي تہ زماني جي ڪاروبار تي ٻہ شيون اثر انداز ٿين ٿيون،(۱) فطري قانون،(۲) انساني دماغ جا ايجاد ڪيل قانون ۽ نظريا.

فطري قانون:

اهي لاتعداد عناصر تي مدار رکندڙ بقائي اصلح ۽ فطري چونڊ جي جوڙجڪ تي ٻڌل قانون ٿين ٿا. ملڪ، قوم، تهذيب، نسل، زبان، روايات، سياسي ۽ اقتصادي مفاد اُن جا جزا ٿين ٿا .

ڪن جو چوڻ آهي تہ گردش آسمان، (نظام شمسي) آب هوا، ماحول، زمين جي ساخت، نسلي جوڙجڪ جو ٻہ انهن قانونن کي جوڙڻ ۽ موڙڻ ۾ اثرڪٽي ٿو .

بقائي اصلح جا ٻہ ڪيئي قسم بيان ڪيا اٿن جسماني طور مضبوط ۽ طاقتور هڻڻ ٻہ بقائي اصلح ۾ شامل ڪيا اٿن . ڪن دماغ جي ترقيءَ کي ٻہ ان ۾ شامل ڪيو آهي.

ڪن صالح ڪن کي ان ۾ وڏو درجو ڏنو آهي. صالح ڪن ۾ شخصي مفاد کان جماعتي ۽ قومي مفاد واري پراپڪاري جذبي کي اهميت ڏني آهي.

ملڪ زمين جي فطري قانون مطابق تبديل ٿي نہ ٿا. ڪن ملڪن ۾ رڻ پٽ آهن، ڪي سرسبز درياڻن تي مدار رکن ٿا. ڪي بارش ڪري پيدا ٿي سبز واري تي مشتمل آهن ، ڪي سمنڊ جي ڦيرگهير ڪري وجود ۾ آيل آهن. ڪي درتين جي ڏهڻ، ڪي زمين جي هيٺ مٿي ٿيڻ ڪري پيدا ٿين ٿا. انهن جون حدون ڪڏهن فطري سببن ڪري ٿين ٿيون، ڪڏهن قومن ۽ مائهن جي اثر ۽ رسوخ ڪري تسخير ٿيل ايراضين ڪري وجود ۾ اچن ٿيون، انهن جون حدون ڪڏهن جبلن، درياڻن، سمنڊن، رڻ پٽن، جدا جدا نسلن وارن قومن جي پيدا ڪيل حد بنديءَ ڪري پيدا ٿين ٿيون ۽ اُهي ٻہ اڪثر بدلبيون رهن ٿيون.

هندستان جي برصغير کي ٻن پاسن کان سمنڊ ۽ ٻن طرفن کان جبلن ڪري هڪ خاص جاگرافيائي حيثيت ملي آهي. پر ان ۾ جدا جدا نسلن جا مائهو جهڙوڪ قديم وحشي مائهو،دراويدي آريا، ڪجهہ قدر سماٽ ۽ منگول نسلن آباد ٿي، اُن ۾ تسلط لاءِ جدوجهدڪري ، خلط ٿيڻ جي ڪوشش پٽي ڪئي آهي. مٿي ذڪر ڪيل نسلن جا

ڪلچر، زبانون، دستور، عقيدا مختلف هڻ، جي گهڻي زماني بعد بامهي ملڻ ڪري ڪجهه قدر ملي جلي، هڪ ٻين کان ڪي اثر ونڻ گڏ ٿيڻ جي مائل ٿيندا پيو ويا، ان لاءِ حاڪمن جهڙوڪ اشوڪ، وڪرماجيت، اڪبر ۽ انگريزن ڪوششون ڪري ڪين متحد ڪرڻ جون ڪوششون پيو ڪيون جي تاريخ جو جزو بنجي، پنهنجا اثر ڇڏي ويا آهن .

قانون فطرت ۾ ٻه رجحان ڪار انداز پيو رهياآهن. هڪ مرڪز طرف وحدت لاءِ گڏ ڪرڻ جو رُجحان هو، ٻيو خاص جداگانه نندي خصوصيت طرف راغب ڪرڻ جي رجحان گڏيل وحدت طرف ڇڪيو ٿي، ٻي جدا ڪري خصوصيت پيدا ڪرڻ لاءِ مائل ٿي ڪيو.

سياست ۾ ٻه اڻين پهو ٿيو آهي ۽ نظرياتي طور ٻه هڪڙن نظرين وحدت طرف ڇڪيو ٿي، ته، ٻين خصوصيت طرف. فطري رجحان آفاقي حوادث جي ماتحت پيو رهيا آهن ۽ سياسي جوڙجڪ اقتصادي، شخصي، طبقاتي مفاد ۽ گذر معاش جي نقطه نگاه جي اثر هيٺ رهيا آهن.

مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان ته حڪومتن مان ڪهڙن هندوستان کي گڏڻ لاءِ ڪوششون ڪري پنهنجا آثار ڇڏيا. اهڙي طرح سان مذهبي ۽ نظرياتي اثرن ٻه هڪ طرف گڏجڻ طرف رکيو، جهڙي طرح مذهبي پيغامبرن ۽ بزرگن ڪرشن مهاراج، مهاتماٻڌ، مهاويرجين، گرونانڪ، راجا رام، مومن راءِ، خواجه معين الدين اجميري، شاهعنايت صوفي، شاهه لطيف، سچل سرمست، سامي، ڪثرت پويان وحدت جو پرچار ڪري ، پراپڪاريءَ جي بنياد تي هنن کي واحد بنائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون.

ارتقائي زماني ٻه ان طرف گهڻو ڪجهه ڪيو، جهڙوڪ هوائي جهازن، ريلوي، اخبارن، تعليم، ريڊيو، ٽيليويزن وغيره ٻه دنيا کي گڏڻ لاءِ ڪين گهٽايو آهي. ٻي طرف ڪن سامراجي حاڪمن انهن جي ايجنسن، مستقل مفاد، انهن جي ايجاد ڪيل نظرين، ملڪن ۽ قومن ۾ تصادم آڻي ڪن ڪمزور ملڪن کي غلام رکڻ لاءِ اختلافي مسئلا پيدا ڪري نفاق ۽ نفرت جي طرف پي ڇڪيو آهي.

برصغير ۾ مغل بادشاهن ۾ اڪبر، جهانگير، شاهجهان هندوستانين کي گڏي هڪ طرف ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ته ٻي طرف مسلمان امير ۽ مُلن جي مفاد خاطر پنهنجي سامراج وڌائڻ لاءِ اورنگزيب جنگيون ڪري، عارضي ڪاميابي حاصل ڪرڻ بعد مغل شهنشاهيت کي تباهيءَ طرف ڇڪيو.

انگريزي حڪومت ۾ هڪڙن سمجهدار سياستدانن هندوستان کي متحد ڪرڻ لاءِ ريلوي، هوائي جهاز، تعليم عام ايجاد ڪري، متحد ڪرڻ جو طريقه ڪار اختيار ڪيو ته ٻين سامراجي ذهنيت وارن انگريزن حڪمرانن ويڑهائي راڄ ڪرڻ جي اُصول کي مدنظر رکي هندو ۽ مسلمانن ۾نفاق پيدا ڪرڻ جي پاليسي پيدا ڪري، پنهنجا ايجنٽ بنائي ، هندن ۾ سوامي شردّانند، مهاسڀا جماعت جا ڪارڪن، اڇوتن جا ڪي ليڈر وغيره پيدا ڪري، هندو حڪومت جا راڳ ڳارايا.

ٻي طرف سرسيد احمد خان، مسلم ليگ، اقبال، جناح جهڙا ايجنٽ پيدا ڪري، هندوستان کي ورهائڻ لاءِ ماحول پيدا ڪيو. جنهنڪري عارضي طرح هندستان ۾ تواريخ جي فطري ۽ نظرياتي اتحاد جي ڪوششن جي خلاف هلائي، ويڑهائي، خون

خرابي آڻي، ملڪ کي جدا ڪرايو.

ليڪن جنهن صورت ۾ باهمي ڪوششون ڪڏهن پنج هزار سالن جي تواريخ جي فطري ۽ نظرياتي رُجحانن جي خلاف هيون، تنهنڪري انهن مان فائدي بدران اڪيچار نقصان ٿيا ۽ امڪان آهي، جهڙي طرح دنيا جون سرمائيدار طاقتون پنهنجي مستقل مفاد لاءِ اهل پنجاب ۽ ان جي ايجنٽن کي ڪتب آڻي، ان لاءِ جي حربا استعمال ڪري رهيون آهن، انڪري ملڪ ۾ هيٺين خرابين وڌڻ جو امڪان آهي.

۱. مذهب جي مخالفت پيدا ٿي، دهريت پيدا ٿيندي.

۲. پنجابين طرفان ننڍين قومن جي استحصال لاءِ ڪوشش ڪري علائقائي اختلاف پيدا ٿين.

۳. ملڪ ۾ بدامني وڌي .

۴. ملڪ اتحاد ۽ ترقيءَ طرف وڌڻ جي عيوض انتشار ۽ غربت ۾ مُبتلا ٿئي.

بهتر آهي ته مٿي ذڪر ڪيل خرابين جو مختصر ذڪر ڪري اُنجي پيدا ٿيڻ لاءِ دليل ڏيان

۱. مذهب جي مخالفت ڪري دهريت زور ونڌي

دنيا هن وقت ٻن رجحانن طرف لڙي رهي آهي، هڪ طرف روحانيت کي مڃي، حال کان مستقبل طرف مائهن جو توجهه ڇڪائي ٿو.

ٻيو طرف دهريت طرف ڇڪي روحانيت جو منڪر ڪرائي ٿو.

هتي پاڪستان ۾، ابتدا کان وٺي اسلام جو نالو وٺي، مائهن کي ڏوکو پي ڏنو ويو آهي، هتي اسلام جا علمبردار منڌ ۾ هڪ مسٽر جناح هو، ٻيو ڊاڪٽر اقبال، پنهي جو قول ۽ فعل هڪجهڙو نه هو . مسٽر جناح سوئر کائيندو هو ، شراب پيئندو هو ، زناڪندو هو، اسلام جي تعليم مان واقفيت نه هيس، انگريزن جو دلال هو، سامراجي ذهنيت جو مائهو هو، نفرت جو پنڌار هو. هندوستان کي تواريخي حقيقتن جي برخلاف انگريزن جي اشاري تي ورهاست ڪرايائين. سنڌ جو ڄائل هڻ جي باوجود ڪراچي سنڌ کان کسيائين، سنڌ جي ڪهڙي وزارت کي ڊسمس ڪري هڪ سنڌ دشمن پير الاهي بخش کي وزير اعليٰ ڪيائين جو اڳتي هلي ٽربيونل جي فتويٰ ڪري وزارت تان ڊسمس ٿي ويو . سنڌ ۾ هندن خلاف فساد ڪرائي هندن جون ملڪيتون ڦرائي انهن کي لڏڻ تي مجبور ڪيائين. سنڌي زبان کي سرڪاري زبان بنائڻ کان انڪار ڪيائين، هندن جون ڇڏيل ملڪيتون سنڌين کي ڏيارڻ جي عيوض سندس مربي مهاجرن کي ڏياريائين ۽ پنهنجي عهدي جو ناجائز فائدو وٺي، ٿوري قيمت تي سرڪاري زمين هٿ ڪيائين، جمهوريت جي ڀڳها ڪري ڊڪٽيٽرن وانگر هلڻ لڳو، مخالف سياستدانن کي بنا ڪيس هلائڻ جي جيل ۾ وڌائين. آئون، خان عبدالغفارخان، عبدالصمد خان وغيره انهن مان چند هٿاسون. هو جواري ۽ فرعون صفت هو.

ڊاڪٽر اقبال صحيح اسلامي تعليم کان ان واقف، شرابي، رنڊي باز، چڪلائي، نفرت جو پنڌار، پنجابين جو سرپرست، انگريزن جو دلال، راجائن جو نمڪ خوار اول ۽ انگريزن جي چوڻ تي مسلم ليگ کي ٻڪر ڪرائي، جناح جي مخالفت ڪيائين، هندوستان ۾ ٻه قومي نظرياتي پرچار ڪري پنجابي، جي ان نظرئي ڪري مستفيد ٿيا آهن، سي ڪيس مفڪر اسلام سڏين ٿا، ليڪن حقيقت ۾ هو مفڪر نفرت هو. شاعر مشرق جي عيوض شاعر عشرت هو. سندس بداخلاقيءَ جو پتو سندس هڏڙي قسم جي شعرن مان پئجي ٿو سگهي.

راويءَ جي ڪناري تي اچاريل شعر:-

بيا دختر ڪه من ميل تودارم- بت بوسم به پستانت تودارم،
نصاب حسن تو حد ڪمال ست- زڪواتم ڪه مسڪين واسيرم.

هي جاءِ تي پنهنجي محبوبه کي علامه صاحب فرمائي ٿو:

تيري نيچي يه غارسي کيا هي، سچ بتا اسکي فارسي کيا هي،
هاتھ ڈالني سي کچھ نهين بنتا تيري دل مين يه خارسي کيا هي،
هنس کي بولي ڪ ديکھ لو اقبال هاتھ کنگن کو آرسي کيا هي.
اقبال

ٻي جاءِ تي علامه صاحب فرمائي ٿو .

ديکهي هي جون مين ني پستان يار ۾ن
پيوند فالسي کا لگاهي انار مين
اقبال

هن وقت فوجي حڪومت حڪمران آهي، ساڳيائه اسلام جي ڪري ٿي، ليڪن عمل ان جي خلاف اٿس. جنرل ضياالحق حڪومت وٺڻ بعد چيو ته ۹۰ ڏينهن ۾ چونڊون ڪرائيندو پر اڄ ست سال گذري ويا آهن اڃان چونڊون نه ڪرايون ويون آهن، پر جيڪو ارادو چونڊن ڪرڻ جوڏيکاريو وڃي ٿو، سو هڪ قسم جو فارس هوندو ، جنهن ڪري پنهنجا هٿ ٽوڪيا چاڙتا چونڊايا ويندا.

هاڻ ڪليو ڪلايو چيو وڃي ٿو ته اسلامي طرز جي حڪومت چونڊائي ويندي. ۱۳ سئو سال دنيا ۾ اسلا مي حڪومت برپا ڪائه ٿي، هاڻ ظالم، غاصب، اسلام کان ان ڄاڻ، پنجابي سامراج جا مڪيه ڪارڪن سي ٿا اسلامي حڪومت برپا ڪرائين! جناح اسلامي حڪومت برپا ڪئي، هاڻ وري هي ٿا ڪن.

سڀ تاريخي حقيقتن جي خلاف ڳالهيون آهن. انڪري صاف ظاهر پيو آهي ته هاڻ زياده وقت تائين اهو ڏوکو هلي نه سگهندو. اسلام جو گهٽو نالو وٺي ڪري مورڳو هي ماڻهن کي اسلام جي نالي کان نفرت پيدا ڪري ڇڏيندا، جنهن جي نتيجي ۾ ماڻهو

دهريت ڏانهن مائل ٿيندا.

٢ - علائقائي اختلاف پيدا ٿين:

هي اسلام جي ڏوکي هيٺ هزارين ورهين جي قومن جهڙوڪ سنڌي، پنجابي، بلوچ ۽ پختونن کي ختم ڪري مسلم يا پاڪستاني قوم جو راڳ آلاپين ٿا سا ڳالهه سراسر ڏوکو آهي. سنڌ جو مثال وٺو ان تي مون ڪيترا ڪتاب لکي سنڌ سان ٿيل ظلمن جو ذڪر ڪيو آهي. مختصر طور ان جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

١- سنڌ جو پنج هزار سالہ تاريخي ملڪ جي وجود کان انڪار ڪري، خود ساخته پاڪستان نالي واري ملڪ ۾ مدغم ڪرڻ.

٢- سنڌ جي ٥ هزار ورهين جي قومي زبان کي ختم ڪري ان جي تهذيب ۽ ڪلچر کي نقصان پهچائي رهيا آهن.

٣- سنڌ جي قديم يادگارن کي مٽائي دشمن ملڪ ۽ قوم جا نالا رکي سنڌي تهذيب ۽ تمدن کي مٽائڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي.

٤- سنڌ جي آبادي کي نوان ماڻهو آڻي تبديل ڪيو وڃي ٿو. اڳي غير سنڌي ٥ سيڪڙو هئا، هاڻ ٤٨ سيڪڙو ٿي ويا آهن. جي اها حالت رهي ته ٿوري عرصي اندر هو اقليت ۾ ٿي ويندا.

٥- سنڌ جي مقرر ڪيل پاڻيءَ کان سنڌ کي محروم ڪري، انجي آبادي‌ءَ کي نقصان پهچائي رهيا آهن.

٦- سنڌ جي زرعي زمين کي پاڪستان بنجڻ کان پوءِ ست لک ايڪڙ زمين کي غير سنڌين جي حوالي ڪيو ويو آهي .

٧- سنڌ جي ٻن هزار ڪارخانن مان سنڌين کي پنجاهه ننڍا ڪارخانا مس ڏنا ويا آهن.

٨- سنڌ جي ڪارخانن ۾ ٢٠ لک مزدور ڪم ڪن ٿا. تن مان پنجاهه هزار مزدور مس سنڌي رکيا ويا آهن.

٩- سنڌي ٻولي سان ماڻيجي ماءُ وار برتاءُ اختيار ڪيو ويو آهي.

١٠- سنڌ مان وصول ڪيل ٨٥ سيڪڙو ٽيڪسن کي مرڪزي سرڪار جي حوالي ڪيو ويو آهي، جنهن مان ٥ سيڪڙو ٻه سنڌ تي خرچ ٿو ڪيو وڃي.

١١- مرڪزي سرڪار ۾ نوڪرين هڪ هزار تي هڪ نوڪري ٻه سنڌين کي ٿي ڏني وڃي.

١٢- سنڌ مان نڪتل ڪاٽين کي مرڪزي حڪومت هيٺ رکي ان جي پيداوار مرڪز جي حوالي ڪئي وڃي ٿي، جنهن جي فائدي کان سنڌ کي محروم ڪيو وڃي ٿو.

١٣- سمنڊ جي مڇيءَ جي پيداوار جو ٨٠ سيڪڙو غير سنڌين جي حوالي ڪيو وڃي ٿو.

۱۴- ٻاهريون واپار سمورو غير سنڌين جي حوالي آهي.
۱۵- ٻئنڪن تي مرڪزي حڪومت جو تسلط هٽ ڪري ان جو نفعو سمورو غير سنڌين جي حوالي رهي ٿو ۽ ان سرمائي مان ڌارين غير سنڌي فاعدو وٺن ٿا.
۱۶- سنڌ جي پيداوار کي سنڌين جي حوالي نه ڪري ان جي مٿان غير سنڌين کي تسلط ڏيارِيو ويو آهي.
۱۷- ملڪ تي غير پاڪستاني زبان کي قومي زبان بنائي سنڌي زبان کي پوئتي اڇلايو ويو آهي.
۱۸- مرڪزي نوڪرين مان ڏري گهٽ سنڌين کي محروم رکيو ويو آهي.
۱۹- سنڌ مان نڪتل ڪائين تي سنڌي ماڻهن کي ان مان نفعي حاصل ڪرڻ جو وجهه نه ڏنو ويو آهي.
۲۰- سنڌ جي جملي پيداوار کي غير سنڌين جي نفعي لاءِ کتب آندو وڃي ٿو.
۲۱- مرڪزي سرڪار کي چڏي سنڌ جي نوڪرين ۾ ۴۰ سيڪڙو نوڪريون غير سنڌين جي حوالي ڪيون ويون آهن جي اها حالت گهٽي تائين رهڻ ڏني وئي ته سنڌي ريبانبدين بنجي ويندا جا ڀالهه فطري قانون جي خلاف آهي، اها ختم ٿيڻ واري آهي.

رشوت ۽ بدامني ملڪ ۾ وڌي ويئي آهي

چيو وڃي ٿو ته پاڪستان اسلامي ملڪ آهي ۽ ان ۾ هر ڀالهه اسلامي اُصولن مطابق هلندي. پر سرڪار جو ڪو به ڪاتو نه آهي جنهن ۾ رشوت نه ورتي ويندي آهي. خود ملڪري عملدار به ان ڪم ۾ رڌل آهن. مڪي ڪاتا پنهنجي رٽائرڊ ٽيل يا ٻين عملدارن جي هٿ ۾ رکيا اٿن. ٻيا سرڪاري نوڪر ڏسن ٿا ته جيئن خود اسلام جا علمبردار سڏائيندڙ ۽ اسلامي شريعت موجب عدل ڪرڻ جا دعويدار به ناجائز ڪم پيا ڪن ته ٻين عملدارن کي ڪهڙي مصيبت پئي آهي جو هن هيڏي مهانگائيءَ جي حالت ۾ جڏهن سندن اولاد کي نوڪرين ملڻ جا رستا بند ٿي رهيا آهن ۽ نوڪرين تي يقين نه اٿن ته اهي ايماندارانه راهه اختيار ڪن؟
اسمگلنگ جو ڪاروبار عام جام چالو آهي. نوڪريون پنجابي ۽ مهاجرن خاطر سنڌين لاءِ بند ٿي ويون آهن . ڪاليجن ۾ جدا راءِ رکندڙن کي رسٽيڪيٽ ڪيو پيو وڃي . شاگردن کي گولين سان مارايو پيو وڃي .رستا بدامنيءَ جي ڪري سلامت نه آهن. اغوا جا ڪيس ۽ ڏاڙا عام جام آهن. پوليس ۽ ملڪري وارا باوُجود ڪوشش جي، ان مرض کي بند ڪري نه سگهيا آهن سرڪار ٻيلن جون ڪاڻيون نيلام ڪري ٿي، ڏنڊن ۽ درياڻن جا مقاطعا ماڻهن کي نيلام ڪري ٿي پر سواءِ ڏاڙيلن ۽ چورن کي حصي ڏيڻ جي ڪو ڪاروبار هلي نه ٿو سگهي. مقاطيعدار سرڪار کي حصو الگ ڏين، چورن ۽ ڏاڙي وارن کي آنکي جدا پرين، ڪوئلي جي ڪاٽين جا ماڻهو اغوا ڪري انهن کان پئسا ورتا وڃن ٿا. هڪڙن ڪوئلن جي ڪاٽن وارن مون سان ڀالهه ٻوليه ڪئي ته

ڏاڙيل چون ٿا. اوهان کي ڪم ڪرڻ نه ڏينداسون، جيسين تائين اسان کي پتي نه ڏيندا.

ننڍن ڳوٺن ۽ رستن تي ته امن نه رهيو آهي، پر حيدرآباد، نوابشاهه، دادو جهڙن ضلع هيڊڪوارٽرن ۽ سيشن ڪورٽن ۽ جيلن مان به زوريءَ ماڻهو اغوا ڪريو وڃن. ماڻهن ۾ اتحاد آڻڻ لاءِ الله، رسول، قرآن، اسلام جي نالن ۾ متحد رهڻ جي تلقين ڪئي وڃي ٿي. ليڪن جڏهن سنڌ جا رهاڪو ڏسن ٿا ته اهي ساڳيا اسلام جي نالي ۾ کين هدايت ڪندڙ سندن ٽيڪس، نوڪريون، زمينون، واپار، ڪارخانا هضم ڪري سندن آبادي‌ءَ کي غير متوازن بنائي رهيا آهن ته ڪهڙي طرح انهن جي ڳالهه تي اعتبار ڪندا. قرآن ۾ آهي "اهو نه چئو جو نه ڪري نه سگهو."

هي چون هڪڙي ڳالهه ڪن ٻي ڳالهه. عدليه ڪورٽون بيڪار آهن. آئين معطل ٿيو پيو آهي. امن قائم رکڻ وارا خودبدامنيءَ جا باعث بنجي رهيا رهيا آهن.

سنڌ جي حقن لاءِ لکندڙ اخبارن ۽ ڪتابن تي بندش آهي، ليڪن دهريت ۽ ڪميونزم جي ڪتابن جو عام جام وڪرو ٿي رهيو آهي.

.....

باب ٽيون

پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ بعد پهتل نقصان

پاڪستان ٺنجڻ کان اڳ اسان کي گهٽيون اميدون هيون:
(۱) سنڌ سرسبز ٿي ويندي،(۲) غريب هارين کي زمينون ملنديون،(۳) قرض معاف ٿي ويندا، ترقيءَ لاءِ پيسا ملندا، (۴) تعليم عام ٿيندي، (۵) روزگار جا ذريعا ڪشادا ٿي ويندا، (٦) ڪاڏي جون شيون جام ۽ سستيون ٿيندیون (۷) ڳوٺن ۾ صاف پاڻي پيئڻ جو انتظام ٿي ويندو،(۸) ڪامورن جا ظلم ۽ رشوتون ختم ٿي ويندیون،(۹) اعليٰ تعليم لاءِ ادارا ٺلندا ،ماڻهن جي سمجهه ۾ واڌارو ايندو، (۱۰) ملڪ ۾ صوفين جي تعليم مطابق محبت ۽ ميلاپ پيدا ٿي ويندو، (۱۱) رستا عام جام ۽ سٺا نهي آمد رفت جا ذريعا سهوليت وارا ٿي ويندا، (۱۲) ملڪ ۾ آبادیءَ لاءِ پاڻي جام ٿي ويندو، جنهن تي طرح طرح جا فصل پيدا ٿي انلج ۽ ٻين قسمن جون پوکون پيدا ٿيندیون ملڪ سرسبز ٿي پوندو،(۱۳) ڪارخانا جام نڪري پوندا، جنهن ڪري ملڪ شاهوڪار ٿي پوندو،(۱۴) روزگار جا ذريعا وڌي ويندا، (۱۵) سنڌ جو ڪلچر تهذيب ۽ تمدن زور وٺندي ،(۱٦) ڏارين جي استحصال کان عوام آزاد ٿيندا. (۱۷) مويشين جي پيدائش ۾ واڌارو ٿيندو، (۱۸) پاڇين ۽ باغات جي پيداوار زياده ٿيندي،(۱۹) ڳوٺن جي تعمير ۽ ترقي لاءِ ڪوشش ٿيندي، (۲۰) ڏارين جي آمدورفت تي بندش پوندي، (۲۱) سنڌين کي اندرون ملڪ مڪمل آزادي هوندي، (۲۲) مرڪزي نوڪرين ۾ ٽيڪس آهر نوڪريون سنڌين کي ڏنيون ويندیون.
مٿي ذڪر ڪيل اميدن جو ڇا حشر ٿيو ان جو ذڪر مختصر هيٺ طور ڏيان ٿو:

۱ - سنڌ سرسبز ٿيندي:

سبزي پاڻي جي فراوانيءَ کري پيدا ٿيندي آهي، خدا جو شان جو هڪ طرف سنڌ ۾ بارش گهٽ پوڻ لڳي، ٻي طرف پاڻي پنجاب مٿي روڪي ڇڏيو، جيڪي، ٻيراج سنڌ پنهنجي خرچ تي ناهيا هٿا، ان تي نڪتل زمينون پنجاب جي آبادگارن کي ڏياريون ويون، ٻيون ملٽريءَ وارن کي ڏنيون ويون، هندن جون ڇڏيل زمينون جي

هنن مسلمان آبادگارن کان قرض ۽ وياجن ۾ حاصل ڪيون هيون سي مهاجرن کي ڏياريون ويون. هارين کي ٿوري زمين پُڄي جي ڏينهن ۾ ملي ليڪن انهن لاءِ پاڻيءَ جو انتظام نه هڻڻ ڪري هو فائدو وٺي نه سگهيا.

ٻاهران آبادگار گهرائي ڪوڙي ٻيراج، مُکي ڊنڊ، گدوبيراج تي آباد ڪرايا ويا. پاڪستان ٻنجڻ کان اڳ سنڌ ۾ ۵ سيڪڙو ٻاهريان ماڻهو آباد هٿا، هاڻي انهن جو تعداد وڌي ۴۸ سيڪڙو ٿيو آهي. پنجاب جا مڪيه عملدار ظاهر ڇڻي رهيا آهن ته ڪين سنڌ جي زمين ڪهي. ماڻهو هو پنهنجا آڻائيندا.

سنڌ ۾ زمين تي ماڻهن جي آبادي جو بوجھ پاڪستان کان اڳ ۸۵ ماڻهو في ميل هو، هاڻ هنن اڳڙي پاليسي اختيار ڪئي آهي ۽ اها حالت رهي ته سنڌي ٿوري وقت اندر اقليت ۾ اچي ويندا.

هن وقت ۳۵۰ ماڻهو في ميل زمين تي بوجھ آهي. ليڪن پنجاب ۾ ۷۰۰ ماڻهو في ميل تي بوجھ هڻڻ ۽ ڏريھ پيداوار سنڌ کان گھٽ هڻڻ ڪري هنن لاءِ ٻيو رستو ئي ڪونہ بچيو آهي ته زياده ماڻهو پنجاب مان لڏائي سنڌ ۾ ڪالونائيز ڪن.

هڪڙا ماڻهو ٻاهران ڪائين ڪونڊ جي ٻهاڻي سان آندا وڃن ٿا، ٻيا آبادي لاءِ ٽيان ڪارخانن ۾ مزدورن طور آندا وڃن ٿا، ازانسواءِ مرڪزي نوڪرين، واپار، مڇيءَ جي واپار، آمدرفت جي ڏريعن لاءِ موٽرون ۽ بسون ڏارين جي حوالي ۾ ڏنيون وڃن ٿيون.

اهي حالتون آهن، جي سنڌ جي پيداوار تي ٻوجھو ٻنجي، اصل رهاڪن جي زندگيءَ کي نقصان پهچائي رهيون آهن. پنجاب کي بند ٻڌائي، ڪجھ بجلي جي ٻهاڻي ڪجھ ٽن پارٽ کي وڪرو ڪيل ندين جي پاڻيءَ جي ٻهاڻي، ڪجھ پنجاب جي ڪپھ، ڪڻڪ، ڪمند، چانورن جي پوک وڌائڻ خاطر پنجاب کي اول پاڻي ميسر ڪيو وڃي ٿو. نتيجو اهو نڪري ٿو ته گهٽي پاڻي هڻڻ ڪري پنجاب ۾ سم ۽ ٿور پيدا ٿي زمين خراب ٿيندي وڃي، پر پاڻي گهٽائڻ جي عيوض ڪروڙها روپيا خرچ ڪري سم ۽ ٿور کي گهٽائڻ لاءِ انتظام ڪيو وڃي ٿو.

سنڌ کي پاڻي ڏيڻ جي اميد ختم ٿي رهي آهي، ٽرن ۽ برن کي سڌارڻ بعد زمين وڌائڻ، ٻيلن پوکائڻ لاءِ ڪجھ بہ ٿو ڪيو وڃي.

۲ - غريب بي زمين هارين کي زمينون ملنديون

هارين کي زمين ملڻ جي اميد بہ پوري نه ٿي، سنڌ ۾ آبادي تي گذران ڪندڙ ماڻهو ۷۰ سيڪڙو هٿا، سنڌ جي جملي لائق آباد زمين (۲۲۱) لک، ۾ ڪروڙ ايڪيه لک ايڪڙ هئي، جيڪڏهن اها جملي زمين هارين ۾ ، جي ۷۰ لک هٿا ورهائجي ها ته ٽي ايڪڙ في ماڻهو وڃي ٿئي ها. هر ڪٽنب ۾ ۵ ماڻهو شمار ڪجن ته ۵ ايڪڙ في ڪس زمين ورهلست ۾ ملي ها، جملي زمين هڪجهڙي ڪانہ هئي، ڪا براڻ تي هئي ته ڪا بارائي تي، ڪا جبلن ۾ هئي، ڪا درياهي واهن تي، ڪا زمين پلي هئي ته ڪا ڪلراٹي

۽ چوٽين درجي جي واريلسي هٿي.

ازانسواءِ سموري زمين لاءِ پاڻي ميسر ٿي نٿي سگهيو. جيڪو پاڻي سنڌ ۽ پنجاب ۾ عهدنامي موجب ملڻو هو، ان کي ون يونٽ بنائي ختم ڪيو ويو. سنڌ کي ملڻ واري پاڻيءَ جو ٽيون حصو پاڻي به سنڌ کي ٿو ڏنو وڃي. بارش تي آباد ٿيندڙ زمين کي آباد ڪرائڻ لاءِ سنڌ سرڪار طرفان جي پراجيڪٽ رٿيا ويا هٿا، جي سنڌ سرڪار پنهنجي خرچ تي نهرائڻ واري هٿي، اهي پيسا به پنجاب ون يونٽ بنائي ڪٽي ويو ۽ پراجيڪٽ ختم ڪيا ويا. سمنڊ جي طرف زمين وڌائڻ، ٽرن جي زمين سڌارڻ لاءِ جي تجويزون هيون، تن کي خاڪ ۾ ملايو ويو.

ترقي يافته ملڪن آبادي جو ۳۰ ڪن سيڪڙو زراعت تي رکيو آهي. باقي ماڻهن ڪارخانن، ڪائين، واپار، خانگي ۽ سرڪاري نوڪرين ۾ سيڙائيا آهن، پر هتي اها حالت ٿي آهي ته ڪارخانن ۾ ۹۷ سيڪڙو ماڻهو باهريان آندا ويا آهن، ڪائين ۾ به ساڳي حالت آهي.

باهرين يا ٻڌي واپار کي جملي غير سنڌين جي حوالي ۾ ڏنو ويو آهي، واپار وغيره جا مرڪز وڏا شهر آهن، تن ۾ خانگي نوڪريون ڏارين شاهوڪار باهرين کي ڏين ٿا، مرڪزي سرڪار کي جيتوڻيڪ ۸۵ سيڪڙو ڪن ٽيڪس سنڌ مان وصول ٿا ٿين، ليڪن مرڪزي سرڪار ۾ هڪ هزار تي هڪ ماڻهو سنڌ جو نوڪريءَ ۾ ٿو رکيو وڃي. سنڌ جي صوبائي نوڪرين ۾ ۴۰ سيڪڙو نوڪريون غير سنڌين جي حوالي آهن، شهري آبادي جي رهاڪن جو سالياني في کس آمدني هڪ هزار هٿي ته ڳوناٽن ماڻهن جي في کس آمدني ۵۰ روپيه هٿي.

هاڻي پڙهندڙ اندازو ڪري ڏسن ته شهري ماڻهن کي تعليم، تندرستي، پاڻي، حفاظت، معاشي زندگي جون سهولتون ميسر هيون، باهران آيل ماڻهن جي اڪثريت شهرن ۾ رهي ٿي، اصل سنڌي ڳوٺن ۾ رهن ٿا. انجو مطلب اهو ٿئي ٿو ته سنڌ جو ماڻهو ڏينهون ڏينهن غريب ٿيندو وڃي، باهران آيل ماڻهو سکيا ستابا ٿي رهيا آهن. باهران آيل ماڻهن کي گهر اڏي آباد ڪيو وڃي ٿو. ڳوناٽن مان اڃان ۳۰ سيڪڙو خانه بدوش زندگي گذاري رهيا آهن.

۳ - غريبن تان قرض معاف ٿي ويندا ۽ ترقيءَ جي ڪم لاءِ پيسا ملندا

سنڌ اسيمبلي ۾ مون قرض گهٽائڻ جو بل پيش ڪيو هو، سو پاس ٿي نه سگهيو. پر هندن جي وڃڻ کري انهن جا قرض ازخود ختم ٿي ويا، سنڌ براجن جا قرض اڳ ئي لاهي چڏيا هٿا، بلڪ کي پيسا بچيل هٿا، جن مان ڪوٽڙي بيراج نهرايو ويو ۽ جبلن تي بارش جي پاڻيءَ کي بند ڪري، آبادي لاءِ پراجيڪٽ نهرائڻ لاءِ اسڪيمون ناهيون ويون هيون، تن کي ون يونٽ ناهي ۳۳ ڪروڙ روپيا پنجاب جي مرڪزي حڪومت کي ڏنا ويا.

پي تجويز سمنڊ طرف زمين وڌائڻ، ٽر ۾ زمين هموار ڪري آبادي لائق بنائڻ جي هئي ۽ لڙ ۾ ڪلر واري زمين کي سڌارڻ جي هئي، پر جناح صاحب پاڪستان جو آئين اهڙو رکڻ جي ڪوشش ڪئي، جو اهو ڪاتو مرڪزي سرڪار جي هٿ ۾ رهيو، جنهن ڪري ان طرف توجه نه ڏنو ويو. بلڪ وڌيڪ گهربل پيسا پنجاب ۾ بندن ۽ بيراجن ٻڌڻ لاءِ صرف ڪرڻا پين. ڪارخانا ڪولڻ لاءِ اجازت ڏيڻ ۾ مرڪزي سرڪار جي هٿ ۾ هئي، جنهن سموري اجازت ٻاهريان آيل واپارين ۽ ڪارخانيدارن کي ڏيڻ شروع ڪئي. ٻٽنڪن ۽ سرڪاري قرضن کي معاف ڪرڻ بدران زوريءَ آبادگارن کان وصول ڪرايا ويا.

ٻٽنڪون مرڪزي حڪومت جي ماتحت هيون، جاين نهرائڻ، واپار ڪرڻ، ڪارخانا ڪولڻ، مڇي مارڻ لاءِ ٽريلر خريد ڪرڻ وغيره لاءِ پيسا ۽ ٻاهران آيل مائهن کي ڏنا ويا. سنڌين ڇڻ ته ڏوهه ڪيو هو جو پاڪستان نهرائڻ لاءِ نهراءِ پلس ڪرايو هٽائون. انهن کي ٻٽنڪن کان پيسا ڪونه مليا.سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ٿيڻ بعد زوريءَ مفت تعليم، اسپتالون، ڪاليج، يونيورسٽيون وغيره کولڻ لاءِ سنڌ وارن سال بسال ان طرف خرچ ڪرڻ شروع ڪيو. پر ون يونٽ بنائي انهن سڀني اسڪيمن تي پاڻي ڦيرايو ويو. ٻاهرين واپار لاءِ پرمٽون ۽ پيسا ورتا ڇاڪان ته اهو ڪاتو مرڪزي سرڪار جي هٿ ۾ هو ۽ مرڪزي سرڪارمهاجر ۽ پنجابي آفيسرن سان پري پئي هئي، انهن ٻنهي کي ورسائڻ تي خرچ ڪرڻ شروع ڪيو.

رستا نهرائڻ لاءِ تجويزون رد ڪري، صرف انگريزن جي جنگ واري زماني ۾ پنجاب ۽ سنڌ کي گڏجڻ ۽ ڪراچيءَ جي ڪهي طرف کي رستا نهرايا ويا. باقي اسڪيمون ردي ٽوڪري ۾ اڇلايون ويون.شاهه بندر طرف ريلوي جو ڪم بند ڪيو ويو. ڳوٺن ۾ پاڻي پيٽڻ ۽ ڳوٺن کي ٻڌائڻ، خاندبدوشيءَ کي ختم ڪرڻ وغيره واريون تجويزون رد ڪيون ويون.سنڌ جي نالي وٺڻ کي علائقائي ڏهنيت ۽ اسلام جي خلاف سڏي ممنوع بنايو ويو. هندن کي تنگ ڪري لڏائي انهن جي ملڪيت مهاجرن کي ڏياري ويئي.

۴ - تعليم کي عام ڪيو ويندو

سنڌ ۾ خواندگيءَ جي شرح تمام گهٽ هئي، ان جا ڪيئي ڪارڻ هئا، هڪ ته سنڌ بمبئيءَ سان گڏجڻ ڪري تعليم طرف توجه ڪونه ٿي ڏنو ويو. ٻيو ته سنڌ جي آبادي ۵۰ سيڪڙو ڇڙوڇڙ گهرن ۽ خاندبدوش مائهن تي مشتمل هئي، شهري آبادي گهٽ هئي. سنڌ بمبئيءَ کان جدا ٿيڻ بعد جڏهن سنڌين سندن ترقي طرف ڌيان ڏنو. پهرين هنن زوريءَ مفت تعليم طرف توجه ڪيو. ثانوي تعليم لاءِ هر سال هر هڪ ضلع ۾، هر تعلقي ۾ هڪ هاءِ اسڪول، هر هڪ ضلع ۾ ڪاليج ۽ سنڌ ۾ يونيورسٽي برپا ڪرڻ جي تجويز تيار ڪئي. پاڪستان قائم ٿيڻ ڪانپوءِ هندن جا سندن خانگي خرچ تي تيار ڪيل تعليمي ادارا ۽ انهن جون عمارتون مهاجرن کي سندن ايجنٽن جناح ۽ لياقت علي

قبضي ۾ ڏياريا. ڪراچي سنڌ کان ڪٽ بعد اتي جا سڀ تعليمي ادارا مرڪزي حڪومت جي هٿ ۾ هليا ويا. يونيورسٽي ڪراچيءَ جي عيوض حيدرآباد آڻٽي پيٽي، ڪاليج، هائي اسڪول ڪراچي مرڪزي شهر هٿ ڪري جي اتي ڇڏيا هئا، سي نه ڏيا نڪيا. مرڪزي حڪومت جي معرفت مهاجرن جي قبضي هيٺ آيا.سنڌ جي زبان سرڪاري طرح سنڌي هئي ويندي هاءِ ڪورٽ تائين، تنهن کي بدلائي اردوءَ کي ڪراچيءَ ۾ ذريع تعليم بنايو ويو. سنڌيءَ کي خارج ڪيو ويو، يونيورسٽيءَ ۽ ڪاليجن ۾ سنڌيءَ عيوض اردوءَ کي رائج ڪيو ويو. ڪهڙي مرڪزي حڪومت سان سنڌ جي حقن خلاف ڪري هندن جي چڊيل ملڪيت ۽ ڪراچيءَ شهر تان مخالفت ڪئي ته ان کي ڪڍي ان جي جاءِ تي هڪ خسيس مائهو پيرالاهي بخش کي خريد ڪري ان کان ڪيترا برا ڪم ڪرايا ويا. جن مان سنڌ ۾ زوريءَ ابتدائي تعليم اردو کي ڪرڻ، ڪراچي مرڪز کي ڏيڻ، هزارها ايڪڙ زمين مهاجرن کي هنن ڏٽي انهن کي سرڪاري مدد سان ڪالونيون بنائي ڏياريون.

پهرين اهو دلاسو ڏنو ويو هو ته ڪراچيءَ جي عيوض سنڌ کي پنهنجي هيڊڪوارٽر يا صوبائي مرڪزي شهر ۾ عمارتن ٺاهڻ لاءِ مرڪز وٽان معاوضو ڏنو ويندو، پر اڄتي هلي ان کان انڪار ڪيو ويو. چيو ويو ته فتح کيل ملڪن جو معاضو ڪونه ٿيندو آهي.

هي جا بدعت جناح ۽ ان جي دلالن سنڌ ۾ رائج ڪئي سا اها هئي ته اقتدار جي بکين سنڌين کي خريد ڪري نوازڻ جي روش اختيار ڪئي ويئي، جيئن ته اڄا سنڌين ۾ مجموعي مفاد جي لاءِ ڪم ڪرڻ جو شعور ۽ خواهش پيدا ڪاڻ ٿي هئي ان ڪري وقت بوقت وزارتون بدلائي انهن کان برا ڪم ڪرايا ٿي ويا. سنڌي ٻولي، سنڌي ادبي بورڊ، شاهه لطيف ڪلچرل ادارن وغيره کي پنهنجي دلالن جي هٿ هيٺ رکي سنڌي زبان، تعليم ۽ ڪلچرل کي ڪاپاري ڏڪ هنيو ويو.

۵ - روزگار جا ذريعا

سنڌ پٽتي پيل ملڪ هڻڻ جي حالت ۾ مائهن جو گذر پوڪ، مال چارڻ، مڇي مارڻ ۽ نوڪرين تي هوندو هو. قوي اميد هئي ته سنڌ بمبئيءَ کان جدا ٿيڻ بعد وڌيڪ واهه کوٽبا، آبادي وڌندي، ڪارخانا کلندا، مال جي چاري ۽ افزائش لاءِ انتظام ٿيندا، نوڪرين خانگي يا سرڪاري وڌنديون، واپارلاءِ راهه هموار ٿيندي، ڪاٽيون کوٽبيون، مڇي مارڻ لاءِ ٽريلر ۽ ٻيا انتظام ٿيندا، رستا عام جام نهندا، انهن تي بسون هلنديون، ريلوي لائنون وڌيڪ ٿيندينون، اسڪول کلندا، اسپتالون برپا ٿيندينون، ليڪن خدا جي مار پوي پنجابين ۽ مهاجرن تي جن هر شيءَ تي اچي قبضو ڪيو. مرڪزي حڪومت جون نوڪريون ته جناح، لياقت علي ۽ پنجابي ڪامورن جي معرفت پنجابين ۽ مهاجرن جي حوالي ٿيون. ٽيڪس سنڌ ڏنا ٿي فائدو بهن ورتو ٿي، واهه کوٽيا پر زمين ملٽري وارن ۽ پنجابين کي ملي.

هڪ هزار کن ڪارخانا سنڌ ۾ کليا پر اهي گهٽو ڪري غير سنڌين جي حوالي ٿيا. انهن ۾ ٢٠ لک مزدور ۽ غير سنڌي رکيا ويا. ٦٠ لک ايڪڙ زمين غير سنڌين کي ملي جن هاري ۽ ٻاهران گهرائي رکيا. مڇي مارڻ لاءِ ٽريلرن واسطي قرض اڪثري غير سنڌين کي ڏنا ويا. هڏو واپار، مال جي آمدني ۽ روانگيءَ جو ڪم ۽ غير سنڌين جي حوالي ٿيو جن ان ۾ نوڪر ۽ غير سندي رکيا.

ڪاٽين جا ٽيڪا اڪثري غير سنڌين جي حوالي ٿيا پر هن ۾ مزدور ۽ ٻاهران گهرائي رکيا ويا. رستن جي ٽرانسپورٽ جو اڪثر ڪاروبار غير سنڌين جي حوالي ٿيو. انهن ۾ نوڪر ۽ ٻاهران گهرائي رکياويا.

لشڪر ۾ ٽه هزار تي هڪ ماڻهو ۽ سنڌي نه آهي. مرڪزي نوڪريون، ريلوي، هوائي جهازن ۽ واپدا، (P.I.D.C) (P.I.C.I.C) ۾ نوڪريون غير سنڌين جي حوالي ٿيون. خارجہ معاملات جي ڪاتي ۾ ۽ سنڌي انٽي ۾ لوڻ برابر ۽ نه آهن، جيڪڏهن سنڌي انهيءَ روش تي اعتراض ڪن ٿا ته ڪين علائقائي ذهنيت رکندڙ ۽ اسلام دشمن سڏيو وڃي ٿو. اقبال ۽ جناح جهڙن بداخلاق، انگريزن جي دلالن، سامراجين جي ايجنٽن کي اسلام جو علمبردار ڪٽي بنايو اٿن. جناح جي قبر تي ٥ ڪروڙ روپين ڪان ۽ مٽي خرچ ڪيو ويو آهي سو ۽ سنڌ جي پٽسن مان اهڙي ڪافر نما مسلمان کي طرح طرح جا لقب ڏئي معتبر بنايو وڃي ٿو. چاڪاڻ جو ان جي پاليسي مان مهاجر ۽ پنجابين کي فائدو ملي ٿو. سنڌ ۾ بي روزگاري روز افروز وڌندي وڃي ٿي، ويندي پٽيوالن تائين غير سنڌي رکيا وڃن ٿا، لشڪر، بحري، پيدل، هوائي جهازن ۾ غير سنڌي رکيا وڃن ٿا. سنڌي پاڪستان مان اهڙو تنگ آهن جو رات ڏينهن دعائون گهري رهيا آهن ته يا خدا پاڪستان جي پاڙ پٽ، صفح هستيءَ تان مٽائينس، رڳو سن جي ڇوٽ ۾ ٧٠ سنڌي مشرڪ پاس ڪيو مٽيءَ جي مزدوري پيا ڪن! ڪاليج ۽ يونيورسٽيون جي گهٽو وقت بند رهن ٿا، ان ۾ عملدار ۽ سنڌين جا دشمن رکيا وڃن ٿا.

٦ - کاڌي خوراڪ جون شيون سستيون ٿينديون

کاڌي خوراڪ لاءِ گوشت، مڇي، پاڇيون، ميوات، اناج، داليون گهربل شيون ٿين ٿيون، سنڌ جي آبادي ٤٧ لک کن هئي جن ۾ ڪي هندو هٿا. جي ماس مڇي ڪونہ ورتائيندا هٿا. بهراڙيءَ جا ماڻهو مانيءَ، کير ۽ ڏڌ تي گذران ڪندا هٿا اناج ۽ داليون سنڌين لاءِ جام هيون. پر پاڪستان جي پنجوڙ ۾ ڦاسڻ ڪري تعداد ماڻهن جو وڌي وڃي ٻه ڪروڙ ٿيو. شهري ماڻهو مڇي ۽ گوشت تي گذران ڪن ٿا انڪري اهو مهانگو ٿي ويو آهي، غريب ڇوليا ڪائي نٿا سگهن.

گوشت جي ڪپت ڪري مال وڃي ٿو گهٽبو انڪري کير ڇوليٽن لاءِ ٻه پورو ميسر نٿو ٿئي. چانهن جو دستور عام ٿيڻ ڪري ماڻهو کير کپايو نٿا چڏين، ميوات اڃڪي سنڌ ۾ گهٽ هٿي هان ڪجھ ٿي آهي ته شهر ۽ عرب ملڪ چڪيو وڃن.

سنڌين وٽ پيسو پورو نه آهي جو خريد ڪري سگهن، پاڇين جو دستور ٻه

ڳوٺن ۾ گهٽ آهي، شهر انهن کي چڪ ڪن ٿا. اڳ مهانگا ٿي ويا آهن. ڳوٺن جي تعمير نه ٿي سگهي آهي. سمورو پيسو شهرن جي اڏڻ ۽ مهاجرن جي آبادگاريءَ تي خرچ ڪيو وڃي ٿو . ملڪري وڏڻ ڪري ان جي هٿيارن ۽ تعميرات تي به ٿيلو خرچ ٿيو وڃي، ڳوٺاڻن جي ڪاڏي خوراڪ جو مدار پيدائش تي آهي. مٽي ٻڌائي آيو آهيان ته شهرن جي ڪمائي هڪ هزار سالياني في ڪس ٿئي ٿي ڳوٺاڻن جي ۵۰ روپيه سالياني في ڪس ٿئي ٿي. ان مان انداز ولڳائي سگهندا ته ڳوٺاڻا ڪمائي آهر خرچ ڪري سگهندا. ڪپڙا، جتيون، ٻيڙين، چانهن تي گهٽو خرچ ٿئي ٿو تنهن ڪري "آٿين ۽ چاڙهين ڏٽ ڏيهائي سومرا" وارو حال سنڌ جي ڳوٺاڻن جو وڃي ٿيو آهي. اڄي ڪپڙا زالون سبنديون هيون، انهن اهي پهنديون هيون، ڪپڙا به اهي ڏوئيندیون هيون هاڻ ڪهڙن جو سبڻ درزين جو حوالي ٿيو آهي ته انهن مشين تان پهايو وڃي ٿو ڪي گهر ته ڪپڙا به ڏوهين ڪان ڏٺارين ٿا. اهڙي حالت هيٺ ڳوٺاڻن جي حالت پاڪستان بڻجڻ ڪري زياده زبون ٿي رهي آهي. ويتر جو لکن جي تعداد ۾ ٻاهران ماڻهو اچي گذرمعاش جي ذريعن تي قابض ٿيڻ لڳا آهن. نوڪريون گهٽ ٿيون ملن تن سنڌين جي حالت زار ڪري ڇڏي آهي. اڳ شين جا وڏي ويا گوشت اڄي به روپيا سير وڪامندو هو هاڻ ۲۶ روپيه سيروڪامي ٿو، دالیون ۲ آنن ۾ سير ملنديون هيون هاڻ ۱۰ روپيه سير وڪامن ٿيون. ميوات ڳوٺاڻن جي ڪائڻ ڪان مٽي ٿي ويئي، ۲ روپيه ڪلڪ ۽ جوئر جو مڻ هو جو هاڻ ۸۰ روپيه وڃي ٿيو آهي، ڪير اڄي ۸ آنه سير هو هاڻ ۵ روپيه سير وڪامي ٿو. ڪپڙا مفت ۾ گهران سبجي ملندا هٿا هاڻ ۸۰ روپيه-وڳو سبجي ٿو. جتيون ۽ بوٽ ۱۷۰ وڃي لڳا آهن. انهن زالون مفت ۾ پهنديون هيون هاڻ ۲۱- ۲۰ روپيه مڻ مشين تان پهجي ملي ٿو. ٻيڙين، چانهه نشي وغيره جي عادت عام جام ٿي ويئي آهي ان ڪري اهي ڳالهيون به ماڻهن جي معاشي زندگيءَ تي بوجھ بنجي پئيون آهن. بي روزگاري جام آهي جو ٻاهريان ماڻهو مرڪزي ۽ صوبائي حڪومتن تي ڏارين جو اثر هٽڻ ڪري ان تي قابض ٿيندا وڃن. آمدوفت جا رستا کلڻ ڪري بسون ۽ موٽرون جام آهن. ماڻهو به ميل به پنڌ ڪرڻ کان ڪيڻائين ٿا. اهي به خرچ وڏندا وڃن. بسن جا پاڙا تيل مهانگي ٿيڻ ۽ موٽرن ۽ بسن جي قيمت ۾ واڌارو اچڻ ڪري وڃي چوٽ چڙهيا آهن.

۷ - ڳوٺن ۾ صاف ۽ ستري پاڻي ملڻ جو انتظام ٿيندو

ٻهراڙيءَ ۾ پيئڻ جو صاف پاڻي ڪونه هوندو هو. ڪٽي ڏنڊين ، ڏهن، ڪارن کوهن، واهن ۽ سر جو پاڻي هوندو هو. لوڪلبورڊ طرفان کوهن کوٽائڻ جو انتظام ٿيو پر اڏورو ٿيو. اڪثر زالون ميلن پنڌ تان مٽي تي دلن، کليون، پخالن ۾ گڏهن ۽ ڏڳن تي پاڻي آڻيندیون هيون. گهٽي وقت کان ان جي سڌارڻ جي ڪوشش ٿي پر خاطر خواه انتظام ٿي نه سگهيو. اميد هٿي ته بمبئيءَ کان سنڌ جدا ٿيڻ تي سنڌ واري حڪومت انتظام ڪندي پر ۽ جابهن سنڌ کي گهٽي وقت تائين جدا هلڻ نه ڏنو ۽ ون

يونٽ ناهي رٽيل اسڪيمون خاڪ ۾ ملائي ڇڏيائون.

هاڻ ڪجھ انتظام ٽيڻ شروع ٿيو آهي پر سنڌ جي ڳولن جي ڏهين حصي جو مس انتظام ٿي سگهيو آهي. چونڊيل لوڪلبورڊ ختم ڪيا ويا. اسيمبليون به ٽوڙيون ويون. سڀ ڪم ملٽري جي حوالي سان ٽيڻ شروع ٿيو. آخر اهي ڪيترن مشڪلاتن کي منهن ڏئي سگهيا ٿي پاڻي پيڻ ۽ ڪاري ڪوهن کي مٽي ڪرڻ جو مسئلو اڃان رهيو پيو آهي. هاڻ يونين ڪائونسلون، ڊسٽرڪٽ ڪائونسلورن برپا ٿيون آهن. تن جو انتظام ۽ انهن تي نظرداري ٿوري آهي، فنڊ پورا ڪونه اٿن. رشوت ۽ بيون خرابيون عام جام آهن. نظرداري ڪامورن جي هٿ ۾ رهي ٿي انهن کي گهٽا ڪم آهن.

عدالتي معاملا ملڪي انتظام، روينيو، يونين ڪائونسلن ۽ بوردن کي ملٽريءَ جي نظرداريءَ هيٺ رکيو ويو آهي. جي ملڪي معاملن کان پوري طرح واقف نه آهن. انهن ۾ رشوت ڪاهي پئي آهي. ڏهنيت نهايت آمراڻ اٿن انهيءَ ڪري ڪو سڌارو ٿي نٿو سگهي. پيڻ جو پاڻي صاف ڪري آباديءَ لاءِ مٿو پاڻي ڪرڻ جو ڪم رهيو پيوآهي.

سنڌ هن وقت پنجاب جي ڪالوني طور ڪتب اچي رهي آهي. داد فرياد سڀڻ وارو ڪونه آهي، سنڌي ڪامورن ۾ بزدلي ڪاهجي پئي آهي. ڪين نوڪريءَ ۾ سلامتيءَ جو يقين نه آهي ان ڪري جيڪو وقت آهن تہ اڪثر رشوت خوري جام ٿي پئي آهي. مٿان نظرداري ڪجھ وقت لاءِ چونڊيل ميمبرن جي معرفت وزيرن جي هٿ ۾ هوندي هئي پر اهي ميمبر ۽ وزير خود مطلب ۽ اقتدار جا بکيا پر اپڪاري جذبي کان خالي هئا. انهن جي عين کان واقف ٿي سامراجي پنجابين انهن کي ڪيڙي مارشل لا ملڪ سان لڳائي ڪم هلائڻ شروع ڪيو آهي. انڊي گهوڙي ڪل وارو معاملو ٿي پيو آهي پنجابين جي دماغ ۾ اهڙي فرعونيت ويڙهي آهي جو ٻي ڪنهن جي مشوري جي ضرورت محسوس ٿيا ڪن.

٨ - ڪامورن جا ظلم ۽ رشوتون ختم ٿي ويندیون

انگريزي حڪومت جي ڏينهن ۾ وڏا عملدار انگريز هوندا هئا. هنن جو معيار زندگي بلند هوندو هو. هو ڪوشش ڪري هر ڀالھ ۾ ايمانداريءَ سان ڪاروبار هلائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا پر ملڪي حالتن کان ان واقف هڻڻ ڪري زيردستن جي مشوري تي هلندا هئا، سواءِ چند خوشامندي زميندارن جي سمورو ڪاروبار پنهنجي زيردستن جي معرفت هلائيندا هئا. سنڌين جا پگهار گهٽ هوندا هئا ان ڪري پنهنجي صاحبن جي ديکا ديکي معيار زندگي وڌائڻ خاطر رشوتن ۾ ڪاهي پيا. هر هڪ ڪاتي ۾ رشوت ڪاهجي پئي. روينيو، پوليس ڪاتو، انجنيئري، ريلوي ڪاتو، تعميري ڪمن جو ڪاتو، انگريڪلچرل، آهستي ٿي ڪيئي ڪاتا ڪلي پيا. هر هڪ پنهنجي حد ۾ ڪمائڻ جا طريقا ايجاد ڪيا.

جڏهن مهاجرن ۽ اهل پنجاب کي پتو پيو تہ سرڪاري نوڪري سڀ شي مٿان

حاوي آهي ته انهن مرڪزي حڪومت ۾ گهڻن ڪاتن کي تبديل ڪري سنڌ کان گهٽا ڪاتا کسي ڇڏيا. انگريزن جي ڏينهن ۾ هندن ۽ مسلمانن جي وچ ڪمائي ۽ نوڪرين تان ڇڻا پيڻي ٿي جنهن اڳتي هلي مذهبي رنگ ورتو. جيتوڻيڪ اصل سوال مالي ڪمائيءَ جو هو. هاڻ ان سنڌي مهاجر ۽ پنجابيءَ جو رنگ ورتو آهي. ون يونٽ انهيءَ ڪري وجود ۾ آندو ويو. هاڻ مرڪز کي زور ونائڻ جي نالي ۾ مڙيئي اختيار مرڪز جي حوالي ڪيا ويا آهن پر وري بہ جمهوري سرشتو هٽڻ ڪري امڪان هو ته پچا ڳاڇا ٽٽي يا عدليہ جو در کڙڪايو وڃي ته اُن کي بند ڪرڻ لاءِ مارشلا ملڪ سان لاڳو ڪري. اهل پنجاب پٺاڻ عملدارن جي شموليت سان سمورو ڪاروبار پنهنجي حوالي ڪري ڇڏيو. سنڌي ڪامورن کي بزدل بنائي، هيسائي، لالچي ڪري تابع ڪري ڇڏيو اٿن. سنڌي ڪامورن مان دور انديشي ۽ غيرت ختم ٿي ويئي آهي. جمهوريت هوندي هئي ته ان ۾ اهڙا ماڻهو آڻايا ويندا هٿا جي مرڪزي حڪومتن جي، جي حضوري طبقي جا هٿا هاڻ ڪامورن جي بہ اها حالت آهي جو مون سان يا قوم پرست ڪارڪنن سان سنڌي ڪامورا ملڻ پسند نٿا ڪن، متان سندن آقائن کي پتو پُجي وڃي ۽ سندن نوڪري يا ترقيءَ کي نقصان پهچي.

سنڌي ڪامورو طبقو پنجابي ۽ مهاجر جي دٻ کان اهڙو مرعوب ٿي ويو آهي، جو سنڌي مفاد جي گفتگو ڪرڻ کان بہ ڊڄي ٿو. هاڻ جي هٽ نوڪيا وزير رکيا وڃن تا تن کان چوارايو وڃي ٿو ته سنڌ پاڪستان (گريٽر پنجاب) جو انٽوٽ حصو آهي جڏ ته اهل پنجاب سان مائٽي ڪرڻ جي عيوض سنڌ ڏاج ۾ ڏيئي ڇڏي اٿن . سنڌ سندن ذاتي ملڪيت هئي جنهن کي پنهنجي ذاتي مفاد لاءِ وڪرو ڪري سگهن ٿا.

۹ - اعليٰ تعليمي ادارن جو ڪلڻ

اعليٰ تعليمي ادارن ۾ آرٽس ڪاليج، سائنس ڪاليج، ٽيڪنيڪل ڪاليج ، زرعي ڪاليج، ڪمرشل ڪاليج، ملٽري ڪاليج، يونيورسٽيون وغيره اچي وڃن ٿا. پهرين پنجاب ۽ فرنٽيئر طرف انهن جي ڪولڻ تي زور ڏنو ويو پر سنڌ ۾ پيسو هو ان ڪري اتي ڪولڻ مناسب سمجهو ويو پر اُن جو نفعو سنڌين کي نہ رسي اُن ڪري انهن ۾ داخلا غير سنڌين کي ڏيڻ شروع ڪئي وئي. پرنسپال، پروفيسر، چيئرمين وغيره غير سنڌي يا اهي سنڌي جيڪي خريد ڪري پنهنجا غلام ڪري هلائي سگهجن سي رکڻ ۾ آيا. اهل پنجاب ۽ مهاجرن کي جن پاڪستان کي پنهنجو سامراج ڪري هلايو ٿي اهو ڏنگ اچي ويو ته سنڌي تعليم يافته طبقي کي خريد ڪري پنهنجي پاليسيءَ موجب هلايو وڃي. شيخ ايياز، ڊاڪٽر بلوچ، مولوي غلام مصطفيٰ قاسمي اهڙا ماڻهو هٿا جن جو ڪارڊ سڏو هو. سامراجين انهن کي ٿورڙي قيمت عهدي جي ڏيئي خريد ڪيو.

ڪراچي يونيورسٽيءَ کي ته اڳ ۾ ئي مهاجرن جو ڳڙھ ڪري هلائڻ شروع ڪيو ويو. سنڌيونيورسٽيءَ کي بيڪار بنائڻ لاءِ ڊاڪٽر بلوچ ۽ شيخ ايياز جهڙن ماڻهن کي ڪتب آندو ويو. غلام مصطفيٰ شاهہ نہ نهيو ته ان کي مجبور ڪري استعيفا ڏياري ويئي.

زرعي يونيورسٽي ۽ انجنيرنگ يونيورسٽيءَ تي اهڙا ماڻهو مقرر ڪيا ويا آهن جي مهاجر پنجابي سامراج جا ايجنٽ ٿي ڪم ڪن ٿا. جي شاگرد سندن آقائن جي راءِ مطابق ٿا هلڻ قبولين انهن کي رسٽيٽ ڪرايو وڃي ٿو يا گوليون هلايون وڃن ٿيون يا جيلن ۾ موڪليو وڃي ٿو.

بدقسمتي پاڪستان سان اها ٿي آهي ته انگريزن جي دلالن، بداخلاق ماڻهن کي اسلام جو علمبردار، مفڪر اسلام، شاعر مشرق ۽ قائد ملت جي لقبن سان سڏي انهن جا نالا ڪالجن يا هاسٽلن تي رکيا وڃن ٿا. هٽلر ۽ اسلام جي تعليم جي نالي ۾ انهن ماڻهن کي طرح طرح جا لقب ڏنا وڃن ٿا. نتيجو اهو نڪتو آهي ته اهي ڪاليج ۽ ادارا سندين جي تعليم لاءِ خاطر خواهه نمونو ۾ ڪم ٿا اچن. انهن کي گهٽو عرصو بند رکيو وڃي ٿو. هاسٽلن ۾ پوليس ۽ ملٽري کي گهرائي شاگردن جا سامان لٽيا وڃن ٿا.

نفرت کي اسلام ۽ وطن جي محبت کي ڪفر سڏيو وڃي ٿو. اسان جي تعليمي ادارن کي سندين کي غلام بنائڻ جي ادارن طور ڪتب آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. ڪنهن کي دانهن ڏجي ڪنهن کي فرياد ڪجي. هاڻ ته نوجوان طبقي ۾ اهڙين حالتن کي ڏسي اسلام ۽ پاڪستان لاءِ نفرت پيدا ٿي پئي آهي. اهڙي پنجابي تشريح واري اسلام تي لعنت وجهڻ لڳا آهن.پاڪستان جي صفحِ هستيءَ تان مِٽجڻ لاءِ دعائون ڪهي رهيا آهن.

(۱۰) - ملڪ ۾ صوفين جي تعليم مطابق محبت ۽ ميلاپ ٿيندو

سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب ۾ صوفيائي ڪرام سندن تعليم ذريعي نفرت ۽ نفاق کيڏن لاءِ محبت ۽ عشق جي پيغام جو پرچار ڪيو هو. جنهن ڪري ماڻهن ۾ اتحاد ۽ ٻڌيءَ جي هوا وڏندي هئي. انهيءَ ڏس ۾ گرونانڪ، بلا شاهه، شاهه باهو، خواجه غلام فريد، شاهه لطيف، سچل سرمست، شاهه نصير، سامي، دلپت، روحل وغيره جي تعليم گهٽو ڪم ڏنو. ليڪن ان جي خلاف غلام احمد رباني، سر سيد احمد خان، ڊاڪٽر محمد اقبال جي ذريعي جا تعليم ملي، ان نفاق ۽ دوريءَ کي وڌايو. پهريون صاحب اورنگزيب جو رهبر راه ٿي اسلام جي سربلنديءَ جي نالي هيٺ جي ڪم ڪيا ان مختلف مذهبن جي وچ ۾ نفاق پکيڙي مغل سلطنت جي تباهيءَ جو ڪارڻ بنيو.

سر سيد احمد خان انگريزن جو ايجنٽ بنجي عليگڙھ ذريعي جا هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ نفرت پکيڙي ان علامه اقبال کي نهوڙي نيو- يوپي ۽ پنجاب جا مسلمان ان کي پنهنجي مستقل مفاد جو حامي سمجهي مسلمانن جي جدا گانه قوم جي بنياد تي هندوستان کي ورهائڻ جو ڪارڻ بنيا.

اڄين بزرگن جي تعليم جملي مذهبن پويان بنيادي وحدت جو پرچار ڪري اتحاد انساني ۽ امن عالم جو سبب بني. اقبال، زاني، شرابي، بداخلاق، سامراجي ايجنٽ ۽ نفرت جو پنڌار هو تنهن کي رهبر راه ڪري مشهور ڪرڻ جي پروپيگنڊا ڪئي وئي،

چاڪاڻ ته ان ڪري پنجابي سامراج لاءِ جواز پيدا ٿيو.
هاڻ پاڪستان کي مسلم ملڪ سڏي ان ۾ گهر گهر ظلم، استبداد مروج ٿي رهيو آهي.
هندو ويچارن کي ڦري ماري پڇايو ويو انهن جي جاين تي فرقه پرست مهاجر، ظالم ۽ استحصالي پنجابي آڻي وسايا ويا آهن. جيڪو ماڻهو سنڌي سڏائي نوڪريءَ لاءِ گهر ڪري ٿو ته انکي اسلام جي نالي ۾ چيو وڃي ٿو ته سنڌي پنجابيءَ جي ڀاڪ ڪرڻ علاڻائي ڏهنيت جي نشاني آهي. ڪوبه ماڻهو جو سنڌي قوم جو ناڻو ونيي ٿو انکي اسلام جو دشمن سڏيو وڃي ٿو. محبت جي عيوض گهر گهر نفرت ڦهلائي وڃي ٿي.
هاڻ اهو مرض ايتري قدر پکڙجي ويو آهي جو پاڻ ۾ پاڻ سان نفرت ڪرڻ لڳو آهي. هر مخالف راءِ کي ڪفر سان تعبير ڪيو وڃي ٿو. ليڪن مسلمانن ۾ ۳۵۰ فرقا بنجي پيا آهن. جتي جناح جهڙي ڪافر اعظم کي قائداعظم سڏيو وڃي ٿو ۽ مولانا ابوالڪلام آزاد کي هندن جو ايجنٽ سڏجي ٿو.مونکي سنڌ جي نالي ونڻ ۽ ان جي حق جي گهر ڪرڻ، محبت جو آواز ڪيڻ ڪري ۲۱ سال نظر بند رکيو ويو آهي.

(۱۱) آمدورفت جا عمدا رستا ٺهندا اچڻ وڃڻ سهوليت وارو ٿي پوندو

سنڌ ۾ سواءِ چند رستن جي ٻيا رستا اڃا ڪچا ۽ آمدورفت جي لائق نه رهيا آهن. اڃا تائين جيپن يا ان گهوڙن تي سواري ڪئي وڃي ٿي ان ڪري اناج، ڪپهه ۽ ٻين زراعتي پيداوار جي ٻاهرنيڻ يا ٻاهران آڻڻ لاءِ سهوليتون ميسر نه آهن.
رني ڪوٽ، جو دنيا جي مڪي ڪوٽن مان هڪ آهي سير لاءِ هوند دنيا جا ماڻهو ان کي ڏسڻ لاءِ اچن سو رستي جي سهوليت کان محروم آهي. ٽر ۽ بارش پوڻ بعد ملڪ باغ بهار بنجيو وڃي ان ۾ پهچڻ لاءِ ڪي خاص رستا نه آهن. سمنڊ جي ڪناري گهمڻ لاءِ رستو نه آهي. ڪراچي، جو مرڪزي شهر آهي ان ۾ پهچڻ لاءِ سن رني ڪوٽ کان جيڪڏهن رستو ناهيو وڃي ها ته ۱۳۰ ميل مسافري ٽڻي ها هاڻ ۲۰۰ ميل مسافري طئ ڪرڻي پوي ٿي.
ڪچ طرف وڃڻ لاءِ رستو ڪونه آهي. ساري ڏڻي ضلعي ۾ ريلوي لائين ڪانه آهي. سنڊونڊي تي صرف ۴ پليون آهن جنهن ڪري هڪ ضلع کان ٻي ضلعي تائين پهچڻ لاءِ وقت ۽ مسافت لڳي ٿي. نوابشاهه، ٽرپارڪر، سانگهڙ، خيرپور، دادو ۽ سکر ضلعن ۾ سواءِ چند رستن جي عمدو رستو ڪونه آهي. ان ڪري مچي ۽ ٻاهران واپار جي آمدني ۽ روانگيءَ ۾ مشڪلات ٿيو پوي. جيڪي انگريزن جي ڏينهن ۾ ڪچا رستا آمدورفت لاءِ ٺهيا هٿا انهن مان ۵۰ سيڪڙو رستا اڃان ڪچا آهن جن تي مسافري ڪرڻ سان ماڻهو ڏوڙ ۽ مٽيءَ سان پرجيو پوي. موٽر ۽ سواريون ان ڪري خراب ٿيو پون. فرنٽيئر ۽ پنجاب جي مقابلي ۾ سنڌ ۾ باوجود ايراضي ڪم وبيش

هڪ جيتري هٿ ڪري اڏ جيترا رستا نه ٺهيا آهن. رستن تي وڻ ڪونه پوکيل آهن. انهن جي تعمير اهڙي نموني ڪئي وڃي ٿي جو جلد خراب ٿيو پون. ٻيلن ۾ رستا موٽرن جي آمدرفت لاءِ موزون نه آهن ان ڪري ڊاڙيلن ۽ چورن جي لڪڻ لاءِ سهوليت پيدا ٿيو پوي. پنجاب سان رستو نيشنل هائي وي آهي جو انگريزن پنهنجي ملٽريءَ جي سهوليت خاطر بنايو هو ليڪن هندوستان ۾ وڃڻ لاءِ ڪوبه خاطر خواه رستو نه آهي. نندين ڇوٽ ۾ رستا پڪا ڪونه ٺهرايا ويا آهن. گهٽيون پاڻ ۽ ڊوڙ سان پريون پيون آهن.

هڪ وڏو رستو ڪراچيءَ کان حيدرآباد تائين سپر هاءِ وي آهي ان تي آمدرفت گهٽي آهي پر ٻنهي طرفن کان اچڻ وڃڻ جو انتظام نه هٿ ڪري حادثا گهٽا ٿين ٿا. يا ته انهيءَ رستي جي ٻنهي طرف اڇ وڇ جا رستا ٺهرائڻ گهرجن يا جدا رستو ٺهرائي ان خاميءَ کان بچائڻ گهرجي.ڪراچيءَ کان انگريزن جي ڏينهن ۾ هڪ رستو سيوهڻ تائين هوندو هو جنهن کي قريبن هڪ سو سال گذري ويا آهن ته پڪو نه ڪرايو ويو آهي.نوابشاهه کان ڪراچيءَ تائين وايا رني ڪوٽ رستو ٺهرائڻ لاءِ تجويز هٿي پر اها رهي پيئي آهي. ان لاءِ ٽي پل محراب پور کان سن تائين درياهه تي ٺهرائڻي پوندي.

۱۲. زرعي آبادي وڌائڻ لاءِ پاڻيءَ جو انتظام

سنڌ ۾ آبادي وڌائڻ لاءِ جڏهن سنڌ بمبئيءَ سان گڏ هئي ته ۱۹۴۵ع ۾ پنجاب ۽ سنڌ جي وچ ۾ دهليءَ جي مرڪزي سرڪار جي منظوريءَ سان هڪ عهد نامو ڪيل هو جنهن ۾ سنڌ ۾ جملي پاڻيءَ جو اڏ کان مٿي پاڻي سنڌ کي ملڻ جو شرط پيل هو ۽ ان ۾ خاص بندش اها هئي ته پنجاب ڪوبه نئون بند يا بيراج سنڌ جي اجازت ڪانسواءِ ڪوٽي نه سگهندو. جيئن ته اهل پنجاب کي سنڌ کي ڪالوني ڪري هلائڻ جو حرص هو ان ڪري ان لاءِ راهه ٺيڪ ڪرڻ واسطي هنن ون يونٽ بنايو جيئن ٻن صوبن جي وچ ٽيل عهد نامو ختم ٿي وڃي پوءِ هنن پنجاب ۾ نوان بيراج ۽ بڌ (بند) ٻڌائڻ شروع ڪيا. ٽن درياهن رواي، ستلج ۽ بيلس جو پاڻي پارت کي وڪڻي انهيءَ کان ۽ ٻاهرين ملڪن کان پيسا ونڻي سنڌ جي حصي جي پاڻيءَ کي پنهنجي ڪتب آڻڻ شروع ڪيو.

پنجاب جي اريگيشن سيڪريٽري مسٽر ايس ڪي بلوچ جو لکيل انگريزيءَ ۾ احتجاجي نوٽ تازو سنڌيءَ ۾ ڇپايل ڪتاب "پاڻيءَ ۾ پساه" ان جي شاهدي ڏيڻ لاءِ ڪافي آهي پر خدا جي مار پوي پاڪستان جي لفظ تي يا پنجابي تشريح واري اسلام تي جنهن جي نالي ۾ سنڌين خلاف ٽيندڙ هر استعمال جي ڪر لاءِ جواز پيدا ڪيو وڃي ٿو.

اهل پنجاب ۽ مهاجر ٻن وڏين بدمعاشن کي مڪيه رهبر سڏي انهن جي نالي ۾ هر ناجائز ڪم کي جائز بنائڻ لاءِ جواز پيدا ڪيو وڃي ٿو. ٽي ويءَ تي جناح ۽ اقبال لاءِ روزانو پرچار ڪيو وڃي ٿو ته انهن هي فرمايو آهي. جناح جي قبر تي ۵ ڪروڙ روپيا خرچ ڪري عوام کي بيوقوف بنائڻ لاءِ ان کي بابائي قوم ۽ قائداعظم جي نالن

سان سڌيو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ اهي انگريزن جا ايجنٽ، بداخلاق، سنڌين جا دشمن، نه سيرت نه صورت ۾ مسلمان هئا. هاڻ حالت اها آهي ته باوجود ايراضيءَ ۾ ڪم وبيش هڪ جيترو هٽ ڪري:

پنجاب ۾ ڪٽڪ جي آبادي سال ۷۴- ۱۹۷۳ع	۱,۹۵,۴۰۰۰۰	سنڌ ۾	۳۰۷۶۰۰۰
پنجاب ۾ ڪپهه جي ايراضي	۳۳۸,۳۰۰۰	سنڌ ۾	۱۱,۶۷۶۰۰
پنجاب ۾ ڪمند جي ايراضي	۱۰۹۱,۰۰۰	سنڌ ۾	۲۵۱۰۰۰
پنجاب ۾ چانورن جي ايراضي	۰۷,۶۳۰۰۵	سنڌ ۾	۲,۵۱۸۰۰

جملي پنجاب جي آباد ايراضي ۱۹۴۰۰,۱۹, ۲ ۽ سنڌ جي جملي ايراضي ۸۱۰۰, ۱۸, ۱، تفاوت ۳۰۰۰, ۱۱, ۱ سنڌ ۾ گهٽ ايراضي آهي.

منگلا ڊئم، چشمه ڊئم، تربيلا ڊئم سڀ عهد نامي جي خلاف ورزي ڪري ٺهرايا ويا آهن. ازانسواءِ سنڌ ۾ بارش جي پاڻيءَ کي روڪي بند ٻڌائڻ جي اسڪيمن کي روڪي ان لاءِ مقرر ڪيل سنڌ جا پيسا پنجاب ۾ صرف ڪيا ويا آهن.

سنڌ ۾ سمنڊ جي طرف زمين وڌائڻ، ڪلراٺي زمين کي سڌارڻ ۽ باغات پوکڻ، جبل جي زمين کي آباد ڪرائڻ، سنڌودرياهه جي واڌو پاڻيءَ کي روڪي ڊئم ٻڌائڻ جون جملي اسڪيمون اسلام ۽ پاڪستان جي نالي ۾ رد ڪري سنڌ کي ويران ۽ برباد ڪيو وڃي ٿو. وڏيڪ ماڻهو آڻي، ان جي سرزمين تي ماڻهن جو وڏيڪ ٻوجو وڃي غريب بنائڻ لاءِ هرڪا تجويز اختيار ڪئي ٿي وڃي. سنڌ مان نڪرندڙ ٽن براجن، سکر براج، گدو براج، ڪوٽڙي براج ۽ مکي ڊنڊ جي ۶۰ لک ايڪڙ زمينن کي پنجابين جي حوالي ڪيو ويو آهي

۱۳ - سنڌ ۾ گهٽا هنري ڪارخانا کولايا ويندا

سنڌ وارن جي تجويز هئي ته سنڌ ۾ گهٽا هنري ڪارخانا کولائي زمين تان آبادگارن جو ٻوجو هٽائي گذر معاش لاءِ موزون زمين چڏي وڃي. ان لاءِ ڪراچي بندر سنڌ ۾ هٽ ڪري سازگار حالتون هيون آهستي آهستي ڪارخانا کلندا ويا پر سنڌ، مهاجر پنجابي سامراج جي ماتحت ٿيڻ ڪري ڪارخانن کولڻ جون پرمڻون مهاجرن ۽ پنجابين کي مليون جن انهن ۾ اڪثر مزدور ٻه ٻاهران گهرائي رکيا ان ڪري جنهن فائدي لاءِ ڪارخانا کولايا ٿي ويلسو حاصل ٿي نه سگهيو. نه ڪارخانا سنڌين کي کولڻ جي اجازت ملي ۽ نه وري سنڌي مزدور رکيا ويا. ان ڪري غير سنڌي ماڻهن جو آمد وڏندي ويئي. هن وقت ڏاري ٻه هزار کن ڪارخانا سنڌ ۾ کلي ويا آهن جن ۾ ۲۰ لک کن مزدور ڪم ڪن ٿا تن ۾ ۵۵ هزار کن سنڌي مس آهن. انهن

ڪارخانن جي ڪمائي ۽ مزدورن جو روزگار ۽ سنڌين کي نصيب ٿو ٿئي. پاڪستان جو وجود ۾ اچڻ رحمت جي بدران زحمت ثابت ٿيندو پيو وڃي. ڪاٽيون، تيل، سوئي گيس ۽ ڪوئلي جون صنعتون ۽ رڳو غير سنڌين سان ستيون پيون آهن. سوئي ۽ سيري گيس جو فائدو سواءِ چند وڏن شهرن جي پنجاب کي ڏنو وڃي ٿو.

هاڻ تيل سنڌ مان نڪتو آهي ان جي ڪمائي، نفعو ۽ ان ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو اڪثر غير سنڌي آهن. اهي جايون ڪالونين وانگر ڪم اچي رهيون آهن. سيمنٽ، لوهه، ڪنڊ ۽ ڪاٺ جا ڪيئي ڪارخانا ڪلي سگهن ٿا پر اهو ڪاتو مرڪزي حڪومت جي هٿ هيٺ آهي جنهن تي ڪنٽرول پنجابي مهاجر سامراجين جو آهي تنهنڪري ان مان سنڌ کي فائدي پهچڻ جو امڪان نه آهي.

هاڻ رجحان اهو پيو ڏسجي ته ڪارخانا سنڌ جي عيوض پنجاب، فرنٽيئر ۽ بلوچستان ۾ کوليا وڃن ٿا اتي ۽ اڪثر مڪاني ماڻهن کي مزدور ڪري ٿو رکيو وڃي. ڪارخانا ته غير مڪاني ماڻهن جا ٿين ٿا.جيڪڏهن اها حالت رهي ته اهو وقت پري نه آهي ته بلوچستان ۽ سنڌ پنجاب جون ڪالونيون بنجي وڃن ۽ سنڌي ٿوري وقت ڪانپوءِ ريڊانڊين جي حالت اختيار ڪري وڃن. ان جو علاج پاڪستان کي ختم ڪري سنڌوديش ناهي پارت سان الحق (ڪنفيڊريشن) ڪرڻ ۾ مضمر آهي.

ان راهه ۾ اسلام ۽ مسلمانن جي قوم جو ڏوکو رکاوٽ وجهڻ وارو آهي. تنهنڪري اهل سنڌ کي خبردار رهڻ گهرجي ته پاڪستان کي گريٽر پنجاب ڪري سمجهڻ لڳن ۽ اسلام کي ڪنهن به صورت ۾ اڳي وانگر ڪتب آڻڻ جي ڏوکي کان بچڻ جي طرف راغب نه ٿين. هندوستان سان الحاق ڪرڻ ڪري کين مارشل لا جي مصيبتن کان آزادي ملندي ۽ جمهوريت جو صحيح فائدو حاصل ٿي سگهندو.

۱۴ - روزگار جا ذريعا وڌي ويندا

هڪ وقت سنڌ ۾ روزگار جا ذريعا زراعت، مال چارڻ، مڇي مارڻ ۽ مڪاني مزدوري هئي. پر امڪان هو ته ملڪ کي انگريز سلطنت جي غلاميءَ کان آزادي ملڻ بعد ٻيا به ڪيترا ذريعا روزگار جا ڪُلي پوندا. بدقسمتيءَ سان پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ بعد سنڌي، مهاجر پنجابي سامراج جي غلاميءَ هيٺ اچي ويا ۽ پنهنجي ملڪ جي اقتصاديات تي سندن قبضو نه رهيو، ان تي حڪمران مهاجر دانشمند طبقو ۽ پنجابي سامراج بنجي ويو.

سنڌين جڏهن به ان لاءِ گهر ڪئي ٿي ته سندن سياستدانن کي خريد ڪري خوش رکي ماٺ ڪرائي ويئي آهي، هن وقت هزارين تعليم يافته ماڻهو روزگار کان سواءِ گذاري رهيا آهن. هارين جي محنت مان پورو فائدو ورتو ٿو وڃي، جنهنڪري ماڻهن جو ڪيترو حصو نشي، ڪرائيم، خانبدوشيءَ جي حالت ۾ گذاري رهيو آهي، سمورن ڪارخانن، مقاطعن، ٽرانسپورٽ، سرڪاري نوڪرين، بئنڪن، ۽ خانگي نوڪرين تي قبضو غير سنڌين جو رهي ٿو.

ٽريڪٽرن، موٽرن، بسن هلائڻ لاءِ سنڌ ۾ ڪي اسڪول ڪو نه کوليا ويا آهن جنهنڪري سنڌي ڊرائيور تيار ٿي سگهن ان ڪري ٻاهرين ماڻهن کي گهرائي انهن جي جاين تي رکيو وڃي ٿو.وڏن، رازن، درزين، ۽ ٻين ڪيترن هنرن لاءِ اسڪول کولڻ جي ضرورت آهي پر اهي ڪم ڪير ڪري؟ وزير اڪثري خوشامند يا اقتدار جا طالبو رکيا وڃن ٿا. حڪومت تي قبضو پنجابي مهاجرن جي گڏيل سامراجي ڪاموري جو آهي. نوان ٻهاري اچن ٿا ته نوڪريءَ ۾ اول ترجيح انهن کي ڏني وڃي ٿي. انهيءَ سموري ڇاڪ جو مدار مسلمانن جي جداگانه قوم يا پاڪستان جي رهاڪن جي نظريي تي آهي، اها خرابي ڇاڻي واڻي سامراجي طبقي طرفان رڦي وئي آهي. سنڌ جي رهاڪن جي جداگانه قومي نظريي کان انڪار ڪرڻ جو ڪارڻ اهي خرابيون آهن. تنهنڪري سنڌ جي رهاڪن کي هيءَ ڇاڪ صاف ڏهن ۾ وهارڻي آهي ته مسلمانن جي جداگانه قوم يا پاڪستان قوم جو نظريو ڏوڪا آهن، اهي سنڌين جي استحصال لاءِ ايجاد ڪيا ويا آهن تنهنڪري مذهب کي سياست سان گڏڻ ڪري جي نقصان پهچن ٿا تن کان خبردار رهڻو آهي. قرآن، حديث اسلام- پاڪستان وغيره جا نالا غريب سنڌي عوام-کي برغلائڻ لاءِ اُچاريا وڃن ٿا.

اُهي ڇاڪاڻ اڄي ٻه سنڌي درويش اڳيان آيل هيون جنهن ڪري هو چئي ويا ته:

"جيسين منبر- مسجد، مُناري، ويران نه ٿيسن،
تيسين حال حقاني ميان سچو حاصل نه ٿيوي"

شاهه ٻاهو فرمايو هو ته:

" نماز پڙهڻ ڪم زنانا، روزا رکڻا صرفارونِي،
ول ول ڪلما اهي پڙهن، دل جنهاندي کونِي ."

اقبال ۽ جناح جهڙن دجالن جي نالي ۾ هاڻ سنڌين کي بيوقوف نه بنجڻو آهي.

(۱۵) سنڌ جو ڪلچر ۽ تهذيب زور وڻندا

سنڌ جي ڪلچر جو قديم ورثو محبت آهي. نفرت ۽ نفاق سان سنڌين کي واسطو نه رکڻو آهي. هنن مٿي ذڪر ڪيل سامراجين پهرين سنڌ جي هندن ۽ مسلمانن ۾ مُلاجي مذهب جي نالي اختلاف پيدا ڪيا. جي اهي جدا قومون هيون. اهي ٻڌي ڏريون ٻولي ساڳي ڇاڪائيندا هٿا. صوفي خيالات رکندا هٿا. بلاشاهه، شاهه ٻاهو، گرونانڪ، شاهه لطيف، سچل، ساميءَ جا تعليم ڏني هٿي ان ۾ محبت جو پرچار هو. جناح ۽ اقبال نفرت جو پرچار ڪيو جي ٻڌي انگريزي سامراج جا ايجنٽ ۽ اسلامي تعليم کان عاري هٿا. نتيجو

جملي مڪمل ڪاڻ ڪان محروم ڪيو ويو. پوءِ ۱۹۷۳ع جي آئين موجب صفا هڪ ڏويزن جي حيثيت ۾ ڪيو ويو. جنهن سنڌ سان وڏي غداريءَ جو ڪم ڪيو. ان کي ڪم ڪڍڻ بعد سردارن قلسي ڏئي ڪيفر ڪردار تي پهچايو. باقي ان ساري ڊرامي جي مڪمل ماٿو تي ڪيئي ڪروڙن جو مقبروبنائي اٿين ظاهر ڪيو وڃي ٿو ته هو بابائي قوم هو انجو يادگار رکڻ لاءِ اٿين ڪيو وڃي ٿو. انهي حالت کي محسوس ڪري مرحوم محمد امين کوسي صاف ظاهر چئي ڏنو ته اهو سيڙهه جو ڪنڊو سرزمين سنڌ ۾ پوريل آهي جيستائين ان جا هڏا ڪڍي سمنڊ ۾ نه ڦٽا ڪيا ويندا ان وقت تائين سنڌ سان خير نه رهندو. تنهنڪري اهل سنڌ کي ان جي قبضي کي سنڌ جي غلاميءَ جو مينار سمجهي انکي ڊاهي مسمار ڪرڻ جو عزم ڪرڻ گهرجي.

سنڌ آزاد نه ٿيندي، جيسين تائين اهو سلامت آهي. پاڪستان بقول مولانا مودودیءَ جي هڪ پليت نامو آهي. اهو غلط بنيادن تي برپا ڪيل هو. تاريخي حقيقت جي خلاف هو. ان مان اهل سنڌ ۽ هند کي اڪيچار نقصان پهتا آهن.جيستائين اهو سلامت آهي سرمائيدار سامراجين جي سازشن جو اڈو ٿي ڪم ايندو ۽ اسلام جهڙي اعليٰ مذهب کي غلط تشريح ڏيڻ، نفرت ۽ ڏاڍ جو مرڪز بنائڻ سان اسلامي مذهب جي پاڙ پٽجي ويندي.

۲۲ - مرڪز ۽ ٽيڪسن موجب نوڪريون ۽ گرانٽون ملنديون

مرڪزي سرڪار کي سنڌ مان ۸۵ سيڪڙو ٽيڪس ملن ٿا ليڪن ان تي خرچ ۲ سيڪڙو به ٿو ڪيو وڃي. گرانٽون به سنڌ کي پنجاب ۽ ٻين صوبن جي مقابلي ۾ گهٽ ڏنيون وڃن ٿيون. مرڪزي نوڪرين ۾ هڪ هزار تي هڪ سيڪڙو مس سندين کي نوڪريون ڏجن ٿيون. صوبي ۾ چاليه سيڪڙو ماٿو غير سنڌي رکيا ويا آهن.

مڪمل ڪاتا، ملٽري، خارجه کاتو، فنانس، واپدا، (P.I.D.C) ۽ ٻين مرڪزي نوڪرين ۾ سنڌي نه هڻڻ جي برابر آهن. انگن اکرن ڏيڻ جي ضرورت ٿو ڄاڻان، سنڌي ڪامورن طرفان ڏنل انگن اکرن مان اهو احوال پڌرو ٿي پوي ٿو. مون پنهنجي ڪتاب "سنڌوءَ جي ساڃاه" ۾ اهي انگ اکر ڏنا آهن.

.....

باب چوٽون

پاڪستان سامراجي سازشن جو اڏو ٿي ڪم اچي ٿو

مٿي آئون ذڪر ڪري آيو آهيان تہ ڪيئن پهرين انگريزن جمال‌الدين افغانيءَ جي وسيلي هنن اسلام ازم جو نعرو لڳارايو. چاڪاڻ تہ نيپولين جي وڌندڙ طاقت کي روڪڻ لاءِ اسلام جي نالي ۾ هنن کي ترڪي حڪومت کي مضبوط ڪري انهن جي مدد جي ضرورت هئي. ترڪن ٻيو سلطان جي خلاف انگريزن کي مدد ڏني هئي.

پهرين جنگ عظيم ۾ جڏهن ترڪن جرمن حڪومت جو ساٿ ڏنو تہ انگريزن جرمن ۾ قوميپرستيءَ جو جذبو پيدا ڪري ترڪن کي شڪست ڏني. هاڻ جڏهن عربن ۾ اسرائيل جي ڪري مخالفت پيدا ٿي آهي تہ انکي روڪڻ لاءِ وري اسلامي اتحاد جو راڳ اچاري پاڪستان کي اڏو ڪري ڪتب آندو وڃي ٿو.

پارت آزاد ملڪ آهي، آمريڪا جي اشاري تي ڪم ٿو ڪري تہ ان جي طاقت کي ٽوڙڻ لاءِ سکن، مسلمانن، جنتا پارٽيءَ جي معرفت پارت کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ هڪ طرف پاڪستان کي ڪتب آندو وڃي ٿو تہ ٻي طرف افغانستان ۾ گڙٻڙ پيدا ڪري روس کي ڏمڪايو وڃي ٿو.

هرمز جو ڳچي سمنڊ پرشن گلف جي تيل لاءِ ڪنجي طورڪتب آندو وڃي ٿو. سامراجي سرمائيدار هڙني ملڪن کي ڊپ آهي تہ متان افغانستان يا ايران جي مدد سان تيل تي روس وارا روڪ وجهن. انڪري اربها روپين جا هٿيار پاڪستان کي ڏڻي جنگي طرح مضبوط ڪيو پيو وڃي. انڪري هڪ طرف پارت وارا ڊجي رهيا آهن تہ ٻئي

طرف روس ڦاٽو پيو آهي. هٿيارن جي آدار تي ملڪ ۾ مارشل لا لڳائي سنڌ کي غلام رکي، ان جي زمين، کارخانن ۽ نوڪرين تي پنجابي قبضو ڪري رهيا آهن. داد فرياد ٻڌڻ وارو ڪونه آهي. مغربي ملڪن جي غريبن جا همدرد پاڻ کي سڏائي جمهوريت جو آواز ڪڍن ٿا سي پنهنجي سامراجي لالچ ڪري پنجابين کي خريد ڪري سنڌ ۽ بلوچستان کي نقصان پهچائي رهيا آهن.

عرب ملڪ ڪمزور آهن پر پيسن جي ڪوٽ کان اڻن، انهن جو تيل ۽ ڪاٽيون مغربي ملڪن جي معرفت هلن ٿيون. اتي اندروني طرح بدامني ۽ بغاوت جو خطرو رهي ٿو. تن کي وقت سر مدد ڪرڻ لاءِ پاڪستان ۾ ٦٠ لک لشکر پيسا ڏئي تيار رکيو وڃي ٿو جيئن هنن جي حاڪمن کي وقت سر مدد ڏئي بچايو وڃي. ٻئي طرف سنڌ ۽ بلوچستان کي غلام رکڻ لاءِ پنجاب سامراجي ملڪن کان مدد وٺي رهيو آهي.

جڏهن مصر ۾ سرونسٽن چرچل سر سڪندر حيات سان گفتگو ڪئي هئي ته ظاهر ڪيو هٽائين اسان پاڪستان جي مسلمانن تي آئيندہ پروسو رکي سگهون ٿا ان ڪري هندوستان ورهائي هڪ حصو مسلمانن حوالي ڪرڻ ۽ هڪ حصو هندن کي ڏيڻ جو ارادو رکون ٿا. آخر چو نہ رکن جڏهين پهرين جنگ عظيم ۾ اهي پنجابي مسلمان هٽا جن انگريزن جا سپاهي ٿي ڪعبي تي گوليون چوڙيون هيون. هن وقت بہ عربن جي مڪاني بغاوت کي روڪڻ لاءِ سعودي عربيا جي حڪم تي خود ڪعبي کي ڏاهي خون خرابي ڪرڻ جو ڪڏو ڪم انهن پاڪستاني فوجين ادا ڪيو هو.

انگريز سلطنت جي ڏينهن ۾ پنجاب جي سکن ۽ مسلمانن ساري زندگي انگريزي سامراج جي خدمت ۾ صرف ڪئي، ان ڪري سامراجي طاقتن کي پاڪستان جي مسلمانن جي پيسن تي سر جي بازي لڳائڻ جو تجربو آهي.

پاڪستان جي حڪمران طبقي جي اسلامي تعميير بہ اها آهي تہ ٻين ملڪن جي آزادي ڪسڻ، زالون ڪٽي ٻانهيون، بنائڻ، ماڻهو مارڻ ۽ غلام ڪري رکڻ هو ثواب جو ڪم ڪري سمجهن ٿا. انهن جا رهبر زاني، شرابي، پيسن تي وڪرو ٿيڻ وارا رهيا آهن. آخر جنرل ڪهڙو عمدو ڪم ڪيو هو جنهن جي قبي تي ڪروڙها روپيا خرچي قائداعظم سڏيو وڃي ٿو. هن بنسبت مشهور هو تہ سندس اڳين زال ان ڪري کيس چڏي ويئي جو هن کي سندس پيٽ سان ناجائز تعلقاتن بابت شڪ ويهي ويو هو. حاجي محمد هاشم گزدر جو گهڻو وقت بمبئي ۾ نوڪريءَ خاطر رهيو هو، ان جي زباني مون اها ڳالهہ ٻڌي هئي. جو منهنجو ساٿي ۽ دوست هو.

ڊاڪٽر اقبال بابت مون اڳي پنهنجي ڪتاب "جديد سياست جا نورتن" ۾ گهڻو ڪجهہ لکي چڏيو آهي تہ هن ترڪن خلاف انگريزن جي جنگ تي ڪين ڪاميابي تي مبارڪ باد ڏني هئي. هڪ جنرل سائمن ڪميشن جي ٻائيڪاٽ جي فائدي ۾ هو تہ ڪيئن نہ اقبال کي ڪتب آڻي مسلم ليگ کي انگريزن ۾ گروهن ۾ ورهائڻ لاءِ ڪم آندو هو.

پنجابي حڪمران طبقي جو هن وقت رول اهو آهي تہ امريڪن بلاڪ جي اشاري تي هڪ طرف پارت سان دشمني رکيو اڇن ٻي طرف افغانستان جي اندروني معاملن کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ پٺاڻن کان بغاوت ڪرائي رهيا آهن جنهن ڪري هنن کي اربعا

روپيا ملن ٿا.

چين جا پاڪستان سان ڪهڙا تعلقات هٿا جو اڄڪلھ هو يار غار ٿي ڪم ڪري رهيا آهن، ان جو ڪارڻ صاف اهو آهي تہ چين اڄ ڪلھ پنتي پيل ملڪ جي حالت ۾ امريڪا کان مدد ونڊي روس جي خلاف سازش ۾ شريڪ ٿي رهيو آهي. پاڪستان جا حاڪم تہ اڳيئي امريڪي بلاڪ جا زرخريد غلام ٿي ڪم ڪري رهيا آهن.

●

باب پنجون
مذهب کي نقصان پهچڻ جو شديد خطرو

مذهب بنيادي طرح مائهن جي فطرت ۾ سمايل آهي، انهيءَ جو اصل مقصد اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم ٻي رهيا آهن پر ڪيترن مائهن پنهنجي جبلتن جي ڪمزورين ڪري ان جي اعليٰ ترين مقصدن جي عيوض انکي غلط ڪمن لاءِ ڪتب ٻي آندو آهي.

مولانا ابوالڪلام آزاد سرمد شهيد جي زندگيءَ جي ديباچي ۾ لکيو آهي ته اڪثري سهڪ سالار جي تلوار ۽ عالم جي فتوي ڳڙجي ڪم پي ڪيو آهي. نه صرف مسلمانن جي تاريخ اهڙي سياهڪارنامن سان پري پئي آهي پر هندو، عيسائي، ٻڌ ڌرمن جي تاريخ پڙهڻ مان ٻه پتو پئجي سگهي ٿو.

هندن وڪرما جيت جي ڏينهن ۾ مذهب ۽ سياست کي ڳڏي ڪتب آندو، آخر تجربي بعد انکي ڇڏي ڏنو ٻڌ وارن اشوڪا جي ابتدائي دور ۾ ٻڌڌرم کي وڏائڻ لاءِ ٻنهي کي ڳڏي ڪتب آندو پر تجربي بعد ان راه کي ڇڏيو پين.

عيسائين پاپائيزم جي ماتحت ٻنهي کي ڳڏي ڪتب آندو ۽ صليبي جنگين ۾ يا مذهب جي نالي ۾ پادرين جي ڪيل ڪارنامن ڪري نيٽ انهن تنگ اچي مذهب کي سياست کان علحده ڪري پراٽسٽنٽ مذهب جي رهبري قبولي يا رشين وانگر رڳو بس ڪري ڇڏي. پر دنيا ۾ رڳو مسلمان هٿا جي مذهب کي ڳڏي هلائڻ جا طرفدار هٿا چاڪاڻ ته حاڪمن ۽ ملن جو عوام تي قبضو هو. انهيءَ دوڪي هيٺ هو عوام کي تابع رکندا پي آيا. نيٽ گهٽي تجربي بعد ترڪن خلافت کي خيرباد چئي ٻنهي کي جدا ڪري ڇڏيو. چوٽي آهي ته:

"جتي لوڀي هُجن اُتي نوڳي بَک نه مرن."

هاڻ پاڪستان ۾ ملّريءَ وارن ملڪ تي پنهنجو تسلط قائم ڪرڻ لاءِ مذهب جو نالو استعمال شروع ڪيو آهي. ٽي ويءَ تي اقبال جهڙي مائهوٗ کي مفڪر اسلام ڪري ڏيکاريو وڃي ٿو. جنهن جي زندگي شراب پيڻ، زنا ڪرڻ، مذهب جي نالي ۾ پنجاب جي صوفين جي پيدا ڪيل محبت واري پيغام کي ڇڏي نفرت ڪرڻ ۾ گذاري. انگريزن جي خوشامد ڪرڻ، راويءَ تي لاهور جي رنڊين سان وڃي رنگ رليون ڪرڻ هن جو خاص پيشو هو. هنن جناح جهڙي ذليل مائهو کي قائداعظم سڏي ان جي نالي ۾

ڏوکي کي جائز پيا قرار ڏين. نتيجو اهو نڪتو آهي ته ماڻهو روز بروز مذهب جي نالي مان تنگ ٿيندا وڃن. هاڻي نظامِ اسلامي جي نالي نمازون پڙهائڻ ، بينڪن ۾ رکيل پيسن جي وياج مان رقم ڪڍي زڪوات ورهائڻ، مسلمان ملڪن جي اتحاد جي نالي پرچار ڪرائي لکها ماڻهن جي ملڪ ڇڏي دربدر ٿيڻ جو ڪارڻ بنجڻ. هڪ طرف عراق ۽ ايران جي وچ ۾ جنگ ڪرائي خون خرابي جو ڪارڻ بنجڻ، اسرائيل فلسطين جي وچ ۾ جنگيون لڳارائڻ امڙيون ڀالهيون آهن جن ڪري هي سمجهن ٿا ته هو ماڻهو کي سدائين بيوقوف بنائي رکندا. پر ماڻهو مورڳو مذهب کي نفرت جو ڪارڻ سمجهي روز بروز مذهب مان تنگ ٿيندا ويندا. دنيا ۾ اڄم دهريت مغربي تهذيبن جي ڪري زور وٺندي پئي وڃي. چين ملڪ، جو مذهب جو مرڪز هو، هاڻي دهريت جو قائل ٿيندو وڃي ٿو.

روس ۾ زار شهنشاهي جا، جاگيرداري نظام تي ٻڌل هُئي اُن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ مذهب جي نالي پادرين ذريعي مضبوط بنائڻ جو راڳ آلاپيو ويو . آهستي ٿي ماڻهو مذهب جي غلط استعمال ڪري هڪ ٿيڻ لڳا. آخر وقت هڪ راسپوتين نالي هڪ پادري مذهب جي نالي هر سامراجي ڀالهه جي جواز لاءِ دليل پيش ڪري پنهنجو ظلم ۽ تشدد قائم رکيو، نتيجو اهو نڪتو ته ماڻهو مذهب کان تنگ ٿي کليو ڪلايو دهريت جي طرف راغب ٿيڻ لڳا. نيٺ ڪميونزم نظام جي بچاءَ لاءِ دهريت جي نظرئي کي ڪتب آڻڻ لڳا.

هاڻي اتي دهريت جي فلسفي جي ماڻهن جي ماڻهن تي تسلط ٿي ويو آهي. هزارن ورهين کان مذهب جي نالي ۾ ماڻهن کي حيات بعد الممات جي تعليم، محبت ۽ ميلاپ جي سکيا ختم ٿيندي پئي وڃي. نه رڳو ايترو پر ڪروڙها روپيا لٽريچر جي چپائيءَ تي خرچ ڪري دهريت جو پرچار ڪيو ويو. دُنيا جو مشهور معروف مورخ آرنولڊ ٽويسيءَ جو چوڻ آهي ته انڪل. ادائي هزار ورهيه اڳ يونان کان دهريت جي فلسفي جي آدار تي جديد مغربي تهذيب وجود ۾ آئي، يونان کان اٽلي، روم، ۾ آئي. اتان فرانس، جرمني، انگلنڊ ۾ زور ورتائين. هاڻ امريڪا ۾ ختم ٿيڻ واري هئي پر روس انهيءَ دهريت واري تهذيب کي نشاط ثانيه، نئون دور، بخشيو آهي. جيئن اها هڪ طرف ڀالهه تي برپا ٿيل هئي ان ڪري زياده وقت جنڪ ڪري نه سگهندي. مشرق ۽ هندوستان ۾ روحاني بنيادن تي تعمير ٿيل تهذيب هڪ طرفو ڏيان ڏيڻ ڪري، دنياوي ترقيءَ ۾ پٺتي پئي مغربي ملڪن جي غلاميءَ هيٺ اچي وئي هئي. هاڻ ان کان آزاد ٿيڻ بعد پارت مان نئين تهذيب، جا دهريت ۽ روحانيت جي ميلاپ تي مشتمل هوندي سا وجود ۾ اچڻ واري آهي. ان ڪري هر اها ڀالهه جا مذهب يا دنياوي ترقي جي بنياد تي تعمير ڪئي وئي هوندي سا مشرق ۽ مغرب جي نظرين جي ملاوٽ تي مشتمل هوندي. تنهن ڪري اقبال ۽ جناح جي برپا ڪيل سرمائيدار سامراجي طاقتن، ايجنٽ ملڪن جي هر تحريڪ ختم ٿيڻ واري آهي.

جيئن ته پاڪستان انهيءَ سامراجي نظريي تي برپا ڪيل تهذيب جي شاخ آهي، اُها ختم ٿيڻ واري آهي. دنيا جي ڪابه طاقت ان کي بچائي نه سگهندي.

●

جي ايم سيد اڪيڈمي

سائين جي- ايم- سيد اڪيڈمي سن جي طرفان هڪ جامع رٿا تيار ڪئي وئي آهي، جنهن موجب سائين جي ايم سيد جي سمورين لکڻين کي هڪ هنڌ آڻي سگهبو. ان جي ضرورت ان ڪري ٻ آهي جو سائين جي- ايم- سيد پنهنجي لکڻين ۾ موجوده سنڌ جي سڄي سياسي تاريخ رقم ڪئي آهي. ۽ پهريون پيرو سنڌين ۾ سنڌيت جو احساس پيدا ڪيو آهي. هن پهرئين حصي ۾ سائين جي- ايم- سيد جا پنج ڪتاب ڏنا ويا آهن. جن مان چار مختلف وقتن تي شايع ٿيا آهن، باقي هڪڙو اڻ ڇپيل آهي. اڪيڈمي ڪوشش ڪندي ته سائينءَ جي سمورين لکڻين کي يڪجا ڪيو وڃي جيئن اسان جا سياسي ڪارڪن ان مان استفادو حاصل ڪري سگهن. سائينءَ سڀ کان وڌيڪ ڪتاب لکيا آهن. نه رڳو انهن سمورن ڪتابن کي يڪجا ڪرڻو آهي پر سيد سائينءَ جي سمورن خطن، انٽرويوز، تقريرن مضمونن ۽ بيانن کي ٻ گڏ ڪرڻو آهي. اُن سلسلي ۾ اسان سيد سائينءَ جي پيروڪارن کي گذارش ٿا ڪريون ته هو اسان سان ان مواد جي گڏ ڪرڻ جي سلسلي ۾ سهڪار ڪن جيئن ترت سمورن ڪتابن کي آڻي سگهجي. ان سلسلي ۾ ڪين جيڪو ٻ مواد هٿ اچي اسان کي ان جي فوٽو ڪاپي موڪلي ڏين.

منصور ءِ سرمد

جي ايم سيد اڪيڈمي

سن، ضلعو، دادو سنڌ